يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو

پي.ايچ – ڊي ٿيسز

# امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيقي اڀياس

[سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ’ڊاڪٽر آف فلاسافي‘
جي گھُرجن جو پورائو ڪرڻ کان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز]

زڪيه ڏاهري

## سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي
ڄام شورو، سنڌ، پاڪستان

1442/2021

**UNIVERSITY OF SINDH**

**Faculty of Arts, Department of Sindhi**

# C E R T I F I C A T E

Certified **Ms. Zakia Dahri D/o Arbab Khan** has carried out research on topic:

**“A Stylistic Study of Amar Jalil’s Fiction”**

**“امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيقي اڀياس”**

Under my supervision and his work is original, distinct and dissertation is work of presentation to the Universiyt of Sindh, Jamshoro for award of the Degree of Ph.D.

**PROF. DR. TAHEMINA MUFTI**
**Suervisor**

فـــهـــرســـت


● مقدمو 01

باب پهريون: تحقيقي موضوع جو طريقيڪار ۽ دائره ڪار 02
موضوع جو تعارف
02
اسلوب 02
عنوان جي اهميت ۽ افاديت
03
اڳ ٿيل تحقيق 03
تحقيق جي ڪوٺ
03
تحقيق ڇا آهي
04
تاريخي ۽ ادبي تحقيق 04
موضوع ۽ بابن جي ورڇ
05
تحقيق جو مڪمل طريقيڪار 06
تحقيقي وسيلا 06
باب ٻيو: سنڌي ادب ۾ اسلوب **08**
اسلوب جو تعارف
08
اسلوب جي وصف
12
اسلوب جي اهميت 14
اسلوب جي تفصيلي جوڙجڪ ۽ اُن جا جزا
19
خطابي اسلوب
24
بياني اسلوب 25
علامتي اسلوب
26
سنڌي نثر ۾ اسلوب جي ارتقا
30
انگريز دؤر ۾ اسلوب 31
انگريز دؤر ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اسلوب
40
باب ٽيون: امر جليل بحيثيت ڪهاڻيڪار 44
امرجليل جو تعارف ۽ ڪهاڻين جي مجموعن
جو شروعاتي زماني ڪان ترتيب سان جائزو
44
امر جليل جو تعارف 44
امر جليل جي اسلوب تي مختلف تحريڪن ۽ ليکڪن جو اثر
53

امر جليل جي اسلوب تي مختلف ليکڪن جو اثر
54
امر جليل جي اسلوب تي مختلف تحريڪن جو اثر
56
سنڌي ادب ۾ ورهاڱي کان پوءِ مزاحمتي ادب
58
امر جليل جون مزاحمتي فڪر واريون ڪهاڻيون
58
امر جليل جون روشن خيالي واريون ڪهاڻيون
65
امر جليل جون رومانوي ڪهاڻيون
68
امر جليل جون علامتي انداز واريون ڪهاڻيون
71
امرجليل جي ڪهاڻين جي اسلوب جو تفصيلي جائزو
79
باب چوٿون: امر جليل جي منفرد اسلوب جي صورت گريءَ وارا عنصر 118
امر جليل جي ڪهاڻين جو منڍ، وچ ۽ پڇاڙيءَ جي فني مهارت
118
امر جليل جي ڪهاڻين ۾ تشبيهن، استعارن ۽ جملن جو استعمال
135
سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح
150
امر جليل جي ڪهاڻين ۾ طنز
152
امر جليل جي ڪهاڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو ٺُز واهپو ۽ مڪالمن جو استعمال 162
امر جليل جي ڪهاڻين ۾ بياني انداز 167
امر جليل جون ضمير متڪلم واريون ڪهاڻيون
175
باب پنجون امر جليل جو خاص اسلوب ۽ سنڌس مقام 180
امر جليل جي اسلوب تي ذاتي ۽ شخصي اثر
180
امر جليل جا همعصر ۽ سنڌن اسلوب
192
- جمال ابڙو 192
- اياز قادري 202
- نجم عباسي 212
- سراج الحق ميمڻ 222
- غلام رباني آگرو 229
- نسيم احمد کرل 235

• علي بابا 244

باب ڇهون: امر جليل جي ناول ‘نيٺ گونگي ڳالهايو’ جي اسلوب جو اڀياس 254

ناول جي ابتدا 254

ناول ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ ۾ اسلوب جو جائزو 262

ناول ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ جا ڪردار 266

ناول جا مڪالما 271

باب ستون: نتيجا 277

• ڪتابيات (BIBLIOGRAPHY) 279

• **Abstract**


# مقدمو

امر جليل سنڌي ادب ۾ گهڻو لکندڙ اديب آهي. هن جا موضوع سماج ۽ سماجي ناانصافين جي عڪاسيءَ تي آڌاريل آهن. هو پنهنجي انوکي لکڻيءَ وسيلي اُن جي اُپٽار ڪري ٿو. منهنجو تحقيقي موضوع ”امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيقي اڀياس“ آهي.

تحقيق جو ميدان تمام گهڻو وسيع آهي. سچ ته اهو ڏسڻ ۾ جيترو آسان آهي. حقيقت ۾ تمام گهڻي جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. تحقيقي ميدان ۾ اچڻ کان پوءِ تحقيقي ڪم جي گهرائيءَ جي خبر پوي ٿي. تحقيقي مرحلي ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو.

ادب جي دنيا ۾ پير پائڻ کان پوءِ ايم.اي کان اڳتي تعليمي سلسلو جاري رکڻ جو شوق دل ۾ پيدا ٿيو. ان شوق ۾ لائبريرين ۾ ڪتابن جو مطالعو ئي مشغلو رهيو. ادب جو مطالعو ڪندي، سنڌي ادب ۾ اسلوب جي حوالي سان ڪم جي کوٽ محسوس ٿي. افسانوي ادب ۾ امر جليل جيئن ته اسلوب جي ڪري ئي پين ليڪن کان منفرد آهي. امر جليل جي اسلوب تي تحقيق ڪري ان کوٽ کي پورو ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي. تنهن ڪري سنڌي ادب ۾ اسلوب جي موضوع جي حوالي سان امر جليل جهڙي يگاني ليکڪ جي اسلوب تي قلم کڻندي. تحقيقي ميدان ۾ پير پاتو. سنڌي ادب ۾ اسلوب تي ڪو جامع ڪم نظر نه آيو. تنهنڪري اسلوب جي وصف کي سمجهڻ لاءِ اردو ادب جي ڪتابن تان به استفادو حاصل ڪيو ويو. مون کي خوشي آهي ته مون هڪ اهڙي موضوع تي ڪم ڪيو آهي. جنهن تي هن کان اڳ سنڌي ادب ۾ ڪو جامع ڪم ٿيل نه هيو.

ان کان وڌيڪ خوشي امر جليل جهڙي يگاني ليکڪ جي اسلوب تي ڪم ڪرڻ جي آهي. منهنجو ڪم ادب ۾ ڪيترو فائديمند ٿيندو اهو ادب جا پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهندا.

مان شڪر گذار آهيان. سڀ کان پهرين پنهنجي نگران پروفيسر ڊاڪٽر تهمينه مفتي جي، جنهن تحقيقي ڪم دوران رهنمائي ڪندي، وک وک تي همت ۽ حوصلو ڏنو. سچ ته ميڊم جي دڙڪن ۾ به ماءُ واري محبت هئي. جنهن سان حوصلو مليو. آئون ٿورائتي آهيان، ڊاڪٽر حفيظ قريشي جي جنهن وڏي پاءُ جيان هن تحقيقي ڪم ۾ رهنمائي ڪئي. آئون ٿورائتي آهيان، سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجو جي جن وقت به وقت هن تحقيقي ڪم دوران رهنمائي ڪئي. آئون ٿورائتي آهيان، پنهنجي گهر جي ڀاتين جي، جن جي ساٿ سان هن ڪم کي پورو ڪري سگهيس. آئون ٿورائتي آهيان وڏي ڀيڻ عابدا جي جنهن ماءُ، پيءُ جي ڪڏهن ڪمي محسوس نه ٿيڻ ڏني، پنهنجي اولاد وانگر شفقت جو هٿ رکيو، ۽ سندس گهر واري، ادا غلام مصطفيٰ ڏاهري جا ٿورا مڃيان ٿي.

مان شڪر گذار آهيان. انهن لائبريرين جي عملي جي، جن جي سهڪار ۽ سندن سهڻي رويي جي ڪري تحقيقي ڪم کي مڪمل ڪرڻ ۾ آساني ٿي.

## زکيه ڏاهري

باب پهريون

# تحقيقي موضوع جو طريقيڪار ۽ دائره ڪار

### موضوع جو تعارف

هي مقالو "امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيقي اڀياس" هڪ تمام وسيع موضوع آهي. ان ڪري جو ليکڪ گهڻو لکندڙ آهي، ۽ هن جو ڇپيل ادب تمام گهڻو آهي. هن جي افسانوي ادب ۾ سنڌ جون ورهاڱي کان پوءِ واريون سماجي ۽ سياسي حالتون جتان ڪٿان پيون جهلڪا ڏين ۽ ليئا پائين.

هر هڪ ليکڪ ادبي فن جي ڏکين ۽ اڙانگين واٽن جي پنڌ واري تجربن مان ڦٽي ۽ اُسري ٿو. تنهنڪري اسلوب مان ئي ليکڪ جي شخصيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هر ليکڪ جو انفرادي ۽ شخصي مشاهدو ئي سندس اسلوب کي همعصرن کان جدا ڪري بيهاريندو آهي. تنهنڪري هر دور جي هر هڪ ليکڪ جو اسلوب پنهنجي ئي سيهوڳي ۽ ٻئي دور جي ليکڪ کان جدا هوندو آهي. ادب جي وسيع ميدان ۾ تحقيق لاءِ ڪيترائي موضوع آهن. ڪيترائي

اسڪالر انهن موضوعن تي ڪم ڪري چڪا آهن. گهڻا پنهنجي تحقيقي ڪم ۾ اجا رڌل آهن. سائنس يا آرٽس ۾ تحقيقي ڪم جي گهٽي اهميت رهي آهي.

**اسلوب**

اسلوب جي وصف کي نظر ۾ رکندي امر جليل جي افسانوي ادب ۾ سندس همعصرن جي اسلوب جو اڀياس ڪيو ويو آهي. امر جليل جي افسانوي ادب تي ڪيل تنقيد کي نظر ۾ رکندي، هڪ معياري اسلوب لاءِ ٻولي ۾ ان جي بيان تي عبور هئڻ ضروي آهي. ادبي اسلوب ۾ خارجي مڪالما وڏيڪ دلچسپيءَ جو سبب بنجن ٿا. سندس اسلوب جي نون موڙن تي روشني وڌي ويئي آهي. هن تحقيق جي ذريعي تاريخي واقعن جي ڇاڻ ملي آهي. هن تحقيق ذريعي امر جليل جي اسلوب جي مختلف پاسن تي روشني وڌي ويئي آهي. امر جليل جون ڪهاڻيون تاريخ جو هڪ باب آهن. انهن جو تعلق ماضيءَ سان آهي. ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌي سماج، سياست، سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيندڙ ظلم جي عڪاسي ڪن ٿيون.

1. امر جليل وٽ ٻوليءَ جو لهجو ٻين ليکڪن کان منفرد آهي.
2. امر جليل جي شخصيت ۽ گفتگوءَ جو انداز الڳ آهي.
3. امر جليل وٽ مجاز، استعارو، تشبيهه، استعاري ۽ علامتن جو استعمال بي تحاشا ملي ٿو.
4. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ طنز، مزاح جام ملي ٿو.

**عنوان جي اهميت ۽ افاديت**

امر جليل جي افسانوي ادب تي هيءَ تحقيق ”امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيق اڀياس“ آخري نه هوندي. تنهن ڪري ايندڙ وقت ۾ محقق ان موضوع جي رهجي ويل وڌيڪ رخن کي اڳتي وڌائيندا. امر جليل جي افسانوي ادب جي مختلف رخن تي وڌيڪ تحقيقي مقالا لکيا ويندا. سندس افسانوي ادب ۾ اسلوب ئي ڪيس ٻين ليکڪن کان جدا ڪري بيهاري ٿو. جيئن امر جليل جي ڪهاڻين ۾ طنز مزاح وارو پهلو، تشبيهه ۽ استعاري وارو پهلو، سندس ضمير متڪلم وارو انداز ۽ علامتي انداز ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سنڌي ادب ۾ اسلوب تي ڪم تمام گهٽ بلڪ نه ٿيو آهي. تنهنڪري منهنجو هي مقالو منفرد ۽ نهايت اهميت واري ليکي سگهجي ٿو، ۽ سنڌي ادب جا شاگرد توڙي اسڪالر ان مان سئو لاڀ پرائيندا.

ان ريت سنڌ جي ويهين ۽ ايڪويهينءَ صديءَ جي هن ساهتي سرجٹهار تي تحقيق جو ڪم وسيع ٿيندو. هن تحقيق جي ذريعي ماضيءَ ۾ ٿيل واقعن ۽

انهن جي اثرن کان آگاهي ملندي آهي. ان دور جي سماجي قدرن سان واقفيت ٿيندي آهي. ان تحقيق جي ذريعي ئي موجوده دور ۽ تاريخ جي فرق کي واضح ڪري سگهبو آهي.

## اڳ ٿيل تحقيق

امر جليل جون ڪهاڻيون گهڻ رخيون آهن. هن کان اڳ ۾ سندس ڪهاڻين تي اميرخاتون شيخ، "امر جليل جي ڪهاڻين جو فن" جي عنوان تي ايم اي دوران مونوگراف لکيو آهي. اشرف النساءَ چاچڙ "جديد افسانه نگاريءَ ۾ امر جليل جو ڪردار" جي عنوان سان مونوگراف لکيو آهي. ان کانپوءِ بشير احمد نوناري، "امر جليل جي ڪهاڻين جو تحقيقي جائزو" جي عنوان تي ايم فل جي ٿيسز لکي آهي. مختلف ليکڪن ڪافي تعداد ۾ مضمون لکيا آهن. امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب تي ڪو به جامع ڪم نه ٿيو آهي.

## تحقيق جي ڪوٺ

امر جليل جهڙي گهڻو لکندڙ ۽ خاص طرح سان افسانوي ادب تي ڪم ڪندڙ ليکڪ تي هيل تائين ٿيل تحقيق تمام ٿوري ۽ ماڳهين گهٽ آهي. ان ڪري اهڙي ليکڪ تي هي مقالو لکڻ جي رٿابندي ڪري، ان ڪم کي مڪمل ڪيو آهي، ۽ "امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيقي اڀياس" جي موضوع تي تحقيق ڪئي آهي. ڇو ته ليکڪ جو اسلوب ئي ڪيس پنهنجي همعصرن کان ڌار ڪري بيهاري ٿو.

## تحقيق ڇا آهي

تحقيق جو مطلب ڳولا ڪرڻ آهي. ڪنهن به موضوع کي کولي بيان ڪرڻ، عنوان جي لڪل پاسن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچڻ تحقيق آهي. اڳ موجود ڪنهن به تحرير جي نون رخن کي پيش ڪرڻ جو نالو تحقيق آهي. موضوع جي لڪل پهلوئن ۽ مختلف پاسن کي ڪنهن هڪ موضوع نظرئي ۽ منظم طريقي کي واضح ڪري نتيجا حاصل ڪرڻ کي تحقيق چئبو آهي.

ڪنهن ڳالهه کي مختلف موضوع ۽ مختلف پهلوئن جي لحاظ کان پرکڻ جو نالو تحقيق آهي. تحقيق جي ذريعي تحرير جي فني طريقن کي پرکيو ويندو آهي. فقط ڪنهن ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ ۽ ان کي سمجهڻ تحقيق نه آهي. ڪنهن به مسئلي متعلق اهڙي ڄاڻ جيڪا فني طريقي سان حاصل ڪئي وڃي. حاصل ڪيل نتيجا سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان پيش ڪيا وڃن. تحقيق جي ذريعي محقق موجوده حقيقتن ۽ سچاين جي لڪل رخن کي فني طريقي سان

بيان ڪري ٿو. امر جليل تي ڪيل هي تحقيق بنيادي طرح سان تاريخ ۽ ادب واري تحقيق ۾ شامل آهي.

**تاريخي ۽ ادبي تحقيق**

جيئن ته هي سموري تحقيق تاريخي ۽ ادبي تحقيق آهي، ۽ هڪ تاريخي دور کي واضح ڪري ان دور جي سماجي حالتن کي امر جليل پنهنجي منفرد اسلوب جي ذريعي پيش ڪيو آهي. ان سان گڏ امر جليل جي منفرد اسلوب ۽ ان جي جزن تي روشني وڌي ويئي آهي. تاريخي تحقيق سان هڪ دور جي حقيقت اسان جي سامهون آئي آهي. اسلوب کي واضح ڪرڻ لاءِ انگريزن جي دور کان وٺي ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ وارن اديبن جي افسانوي ادب جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. سموري مواد کي چنڊي ڇاٽي ترتيب ڏنو ويو آهي. عنوان جي لحاظ کان اهم ڳالهين تي بحث ڪيو ويو آهي. عنوان کي پنهنجي دائري جي اندر تحقيق ڪري نتيجا حاصل ڪرڻا آهن. مقرر ڪيل مقصدن (Objective) کي نتيجن ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن تحقيق ۾ تاريخي تحقيق وارو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. عنوان کي خاص ترتيب ڏيئي تحقيقي ڪم جو آغاز ڪيو ويو آهي.

تاريخي تحقيق

تاريخي تحقيق (Historical Research) جي وصف ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ هن طرح ڏني آهي.

> ”تاريخي تحقيق ۾ خاص طور هميشه اهو ٻڌايو ويندو آهي ته ڇا ٿيو هو، ۽ انهيءَ ۾ اهم ڳالهه جو تجزيو ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح هر صحيح ڳالهه کي ظاهر ڪري محفوظ ڪيو وڃي ٿو. تاريخي تحقيق انهيءَ لاءِ به ڪئي ويندي آهي، ته ماضيءَ جي ڳالهين کي مقصد جي لحاظ کان ترتيبوار رکيو وڃي ته جيئن ماضي حال کي سمجهڻ ۾ مددگار ٿئي. تاريخي تحقيق ۾ نشانيون، تبديليون، واڌارا، شخصي ترقي، حالتون تحريڪون، جماعتون، حقيقتون وغيره تحقيق جو مواد هونديون آهن، جن جي تجزئي ڪرڻ سان نتيجو ڪڍيو ويندو آهي.“ (پٺاڻ، 2007: 24)

ادبي تحقيق

ادبي تحقيق اهڙي تحقيق آهي، جيڪا ادبي شهپارن جي خوبين ۽ خامين جي چنڊ ڇاڻ سان گڏ مجيل ادبي نظرين ۽ لاڙن تي آڌاريل هوندي آهي. ڊاڪٽر عبدالستار دلوي اهڙي تحقيق بابت لکي ٿو ته:

”ان ۾ حالتن جو سلسلي وار جائزو ورتو وڃي ٿو ۽ ڪنهن شيءِ جي وڪاس (ترقي) جي هر ممڪن صورت وسيلي مڪمل عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.“ (دلوي، 2006: 32)

تاريخي تحقيق جي اهميت گھڻي آهي. هن تحقيق جي ذريعي پڙهندڙ کي سموري تاريخ جا سمورا واقعا هڪ هنڌ ميسر ٿيندا آهن. تاريخي ۽ ادبي تحقيق جي لاءِ ڊاڪٽر حفيظ قريشي لکي ٿو ته:

”هن قسم جي تحقيق ۾ تاريخ ۽ ادب جي لاڳاپي ۽ تعلق کي ظاهر ڪيو ويندو آهي. اهڙي تحقيق دنيا ۾ ويدن ۽ يوناني ادب جي شهپارن اليڊ ۽ اوڊيسي تي اڳي ئي ڪيل آهي. ان کان علاوه ” ڪولن رينفرو“ جو قديم آثارن ۽ ٻولين تي ڪيل تحقيق تي آڌاريل ڪتاب (Archeology and Language) رشيد ملڪ، جو ڪتاب ”انڊالاجي“ ۽ ڊاڪٽر غفور ميمڻ، جو ڪتاب ”سنڌي ادب جو فڪري پسنظر“ به ان قسم جي تحقيق جا مثال آهن.“ (قريشي، 2019: 38)

جيئن ته سڄي سماجي سرشتي ۾ ريتن رسمن، رهڻي ڪرڻي ۽ قدرن جو بنياد ماضيءَ ۾ هوندو آهي. تنهنڪري تحقيق جي هن طريقي ۾ تاريخ جو هڪ باب پاڻمرادو سامهون اچي وڃي ٿو. امر جليل جي افسانوي ادب جي ذريعي تاريخ جو هڪ دور اسان جي سامهون اچي ٿو. تنهنڪري هيءَ تحقيقي گھڻي اهميت واري ٿيندي.

### موضوع ۽ بابن جي ورڇ

هن مقالي ”امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيقي اڀياس“ کي ترتيبوار بابن ۾ ورهاست ڪري لکيو ويو آهي. بابن جي فهرست کي تحقيقي طريقي سان رکيو ويو آهي.

باب پهرئين ۾ تحقيق جو طريقو ۽ دائرو بيان ڪيو ويو آهي.

باب ٻئي ۾ اسلوب جو تعارف، وصف ۽ اهميت کي سمجهڻ لاءِ اردو ادب جي ڪتابن تان مدد وٺندي اسلوب جي وصف کي واضح ڪيو ويو آهي. سنڌي ۽ اردو ادب جي تاريخي ڪتابن جي مدد سان انگريزن جي دور ۾ اسلوب جي شروعاتي شڪل ۽ ليکڪن جي ڪهاڻين ۾ اسلوب جو جائزو ورتو ويو آهي. اسلوب جي مختلف جزن کي واضح ڪرڻ لاءِ بياني ۽ علامتي اسلوب جون به وصفون ڏنيون ويون آهن. اسلوب جي دورن جي حوالي سان اوسر ۽ وقت سان گڏوگڏ تبديليءَ کي واضح ڪيو ويو آهي.

باب ٽئين ۾ امر جليل جي شخصيت تي ٻين ليکڪن جو اثر ۽ ڪهاڻين کي دورن ۾ ورهائي سندس اسلوب کي واضح ڪيو ويو آهي. ان ۾ امر جليل جي ٻولي ۽ موضوع کي دورن جي حوالي سان تبديليءَ کي واضح ڪيو ويو آهي.

باب چوٿين ۾ امر جليل جي ڪهاڻين جي شروعات، وچ ۽ پڇاڙي، تشبيهه، استعاري، علامتي انداز، بياني انداز، ضمير متڪلم وارو انداز ، طنز، مزاح ۽ مڪالمن جي اسلوب کي واضح ڪيو ويو آهي.

باب پنجين ۾ امر جليل جو شخصي اسلوب واضح ڪيو ويو آهي. امر جليل جي همعصرن جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، علي بابا، نجم عباسي، نسيم کرل، اياز قادري، سراج الحق ميمڻ جي ڪهاڻين جو تقابلي جائزو ورتو ويو آهي.

باب ڇهين ۾ امر جليل جي ناول ” نيٺ گونگي ڳالهايو“ جو فن، سنڌي ناول جي شروعات، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول، ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي چند ناول نگارن جي اسلوب جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. ناول جي پلاٽ، ڪردار، منظرنگاري، مڪالما، انداز بيان يا اسلوب جو جائزو ورتو ويو آهي.

باب ستين ۾ سموري ٿيسز جا تحقيقي نتيجا ڏنا ويا آهن. ببليوگرافي به ڏني ويئي آهي.

### تحقيق جو مڪمل طريقيڪار

هن موضوع ”امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيق اڀياس“ (تاريخ جي روشنيءَ ۾) جوڪي طريقيڪار تاريخي ۽ ادبي تحقيق تي آڌاريل آهي، پر ان جو بنيادي لاڳاپو رکندڙ شين ۾ ڪتاب ۽ انهيءَ سان گڏ محقق، عالم ۽ اديب ئي آهن. هن تحقيق ۾ تاريخي ۽ ادبي، وضاحتي ۽ تجزياتي ۽ تصوراتي، مشاهداتي، مقداري، معياري ۽ عملي ۽ بنيادي تحقيق وارا سمورا طريقا اختيار ڪيا ويا آهن، ۽ تنقيد جي مجيل طريقن ۽ رجحانن: تاريخي، منصفاڻي، سائنسي، جمالياتي، سماجي ۽ ما بعدالطبعياتي، نفسياتي، روشن دماغي ۽ ترغيبي کي ڪتب آندو آهي. ان کان علاوه مقالي جي حتمي تياري لاءِ American Psychological Association APA جي حوالي ڏيڻ وارو طريقو اختيار ڪري نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

### تحقيقي وسيلا

- هن تحقيقي وسيلي جا ماخذ تاريخي ڪتاب، اصل تحريرون، اخبارون، رسالا، مضمون مقالا سماج ۽ اصل تحريرون آهن. سنڌي ادب جي تحقيق جي لاءِ ماخذن کان علاوه لائبريريون اهم وسيلو آهن. تحقيقي ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مختلف لائبريرين ۾ مددي مواد جي ذريعي تحقيق ڪم کي پڄاڻيءَ تائين پهچايو ويو. هيٺين لائبريرين مان مدد ورتي ويئي:

- علامه آءِ.آءِ قاضي مرڪزي لائبريري، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.
- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ قائم ريسرچ لائبريري.
- پروفيسر محرم علي خان سيمينار لائبريري، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.
- اُردو شعبي جي سيمينار لائبريري، اُردو شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.
- سنڌي ادبي بورڊ ۾ قائم محمد ابراهيم جويو لائبريري ڄام شورو.
- علامه دائود پوٽه لائبريري، سنڌ گورنمينٽ، حيدرآباد.
- سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ قائم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ريفرنس لائبريري.

مٿي پيش ڪيل لائبريرين مان پڻ موضوع بابت مواد حاصل ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملي. جنهن ڪري تحقيقي ڪم کي مڪمل ڪرڻ ۾ آساني ٿي.

عنوان تي تحقيق ڪرڻ لاءِ اڳواٽ مددي ڪتابن جي فهرست تيار ڪئي ويئي هئي. جيئن مقالي کي ان ببليوگرافيءَ ذريعي پورو ڪيو وڃي. امر جليل جي سمورن ڪتابن کي پڙهي بابن جي رٿا قائم ڪئي ويئي. تحقيق دوران ڪيترن ئي ڪتابن جو اضافو ٿيو. تنهن ڪري آخري باب ۾ سمورن ڪتابن جي ببليوگرافي پيش ڪئي ويئي آهي. سمورن تحقيقي اصولن جي قاعدن مطابق هن تحقيق کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. تحقيقي ڪم کي مڪمل ڪري نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن.

## حوالا


1. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر 2007ع، ”تحقيق جو فن“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ.
2. دلوي، عبدالستار، ڊاڪٽر، 2007ع، تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول، حيدرآباد.
3. قريشي، عبدالحفيظ، ڊاڪٽر، 2019ع، ”سنڌي ادب ۾ تحقيق جا طريقا ۽ تنقيد جا رجحان“، ايڊيٽر: ڪاڪا، نواب ”قليچ“ (تحقيقي جرنل) (جلد پنجون) سنڌي شعبو، سنڌيونيورسٽي، ڄام شورو،
4. مٽلاڻي، ڊاڪٽر، ٻلديو، 2006ع، ”تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد.

# سنڌي ادب ۾ اسلوب

## اسلوب جو تعارف

سنڌي ادب ۾ ڪيترن ئي اديبن انيڪ صنفن تي قلم ڪنيو آهي. جنهن ۾ هر اديب جو انداز بيان يا اسلوب مختلف هوندو آهي. هرهڪ اديب يا شاعر جي باري ۾ ادبي حلقن پاران مختلف رايا پڻ جڙندا آهن، ته سندس انداز بيان سهڻو آهي، سندس اسلوب سهڻو، يا سندس انداز بيان سادو ۽ وڻندڙ آهي. اسلوب تمام گهڻو سفر طئه ڪيو آهي، ۽ ڪندو رهندو.

ادب ۾ هي بحث هميشه هلندو رهيو آهي ته اسلوب ڇا ڪي ٿو چئجي؟ هي بحث تخليقي فن پارن وانگر هڪ ڳوڙهو بحث آهي. هتي اسلوب ڇا آهي، واري ڳالهه ڪي نظر ۾ رکي ان ڳالهه ڪي هن موضوع تي بحث ڪري ڪي نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. سنڌي ادب ۾ اسلوب دور ۽ ماحول مطابق تبديل ٿيندو رهيو آهي. ڇو ته اهو اسلوب ئي آهي جنهن جي ذريعي ئي ليکڪ پنهنجي تحرير ڪي خوبصورت بنائي ٿو. جيڪڏهن ادب جي ڪنهن صنف مان اسلوب ڪي هٽايو ويندو ته ادب ۾ اها دلچسپي نه رهندي جيڪا اسلوب جي ڪري پيدا ٿئي ٿي. ان جي لاءِ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس‘ ۾ لکي ٿو ته:

> ”ادب ۾ انداز بيان جي ڪافي قدر و قيمت آهي. ادب اسان انهيءَ شيءِ کي چئون ٿا، جنهن ۾ ٻنهي ڳالهين جو خيال ڪيل هجي. يعني ان جي مواد ۾ عام انسان جي دلچسپيءَ جو سامان هجي؛ ۽ ان مواد جو انداز بيان ذاتي، داخلي ۽ دلڪش هجي. ان ٻئي پهلوءَ کي ”اسلوب بيان“ به چيو ويندو آهي. انهن ٻن ڳالهين جي هجڻ ڪري ادب ۾ تاثر ٿئي ٿو.“ (ميمڻ: 2006: 19)

ادب زندگيءَ جي مختلف رُخن ۽ پهلوئن جي ترجماني ناول، ڊرامي، ڪهاڻي ۽ ٻين صنفن ذريعي ڪري ٿو. جن ۾ اسان سماجي، سياسي، مذهبي، اخلاقي قدرن جو بخوبي اندازو لڳائي سگهون ٿا. ليکڪ پنهنجا موضوع سماج مان حاصل ڪري ٿو. ان ڪي سهڻن لفظن جو ويس پهرائي سماج جي سامهون پيش ڪري ٿو. عام ماڻهون پنهنجي ارد گرد ٿيندڙ واقعن ڪي ايترو دلچسپيءَ سان ڏسي يا محسوس نٿو ڪري جڏهن اهو واقعو ڪهاڻي، ناول يا ڊرامي جي صورت ۾ سندس سامهون اچي ٿو ته ڪيس دلچسپيءَ سان پڙهي ٿو. ميمڻ عبدالمجيد جي چوڻ مطابق ته اها تحرير سندس دلچسپيءَ جو سامان بنجيو

پوي. چو ته ان واقعي کي جنهن نموني پيش ڪري ٿو. اهو انداز بيان ليکڪ جو ذاتي هوندو آهي. پنهنجي منفرد ”اسلوب بيان“ وسيلي ان موضوع کي خاص بڻايو ڇڏي.

ڪنهن به تخليق جي باري ۾ نقاد کي جڏهن ڪا راءِ ڏيڻي پوندي آهي، ته هو اسلوب ۽ سندس ٻين اصولن جي مدد سان اُها راءِ قائم ڪندو آهي. منظرنامو، پلاٽ، واقعا، مڪالما، ڪردار وغيره جن ۾ لفظ، خيال، ترتيب، پيشڪش، خوبصورتي ۽ ٻولي اچي وڃن ٿا. انهن جي بنياد تي تحرير کي پرکيو ويندو آهي. منهنجي خيال موجب انهن اصولن جي بنياد تي اسلوب کي چڱيءَ ريت پرکي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ پنهنجي ڪتاب ’ادبي تنقيد اور اسلوبيات‘ ۾ لکي ٿو ته:

> ”اسلوب ڪو نئون لفظ نه آهي. مغربي تنقيد ۾ هي لفظ صدين کان رائج آهي. اردوءَ ۾ اسلوب جو تصور نسبتا نئون آهي. ان جي باوجود زبان و بيان، اندازِ بيان، طرزِ تحرير، لهجو، رنگِ سخن، وغيره اصطلاح اسلوب يا ان سان ملندڙ جلندڙ معني ۾ استعمال ٿيندا رهيا آهن. ڪنهن به شاعر يا ليکڪ جي اندازِ بيان خاصيتون ڪهڙيون آهن. يا ڪنهن صنف يا هيئت ۾ ڪهڙي طرح ٻولي استعمال ٿئي ٿي. يا ڪنهن دور ۾ ٻولي ڪيئن هئي، ۽ هن جو خاصيتون ڪهڙيون هيون_ اهي سڀ اسلوب جا بحث آهن.“ (نارنگ: 1989: 14)

انهيءَ مختصر اُپٽار مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته، ڪنهن اديب يا شاعر جي خاص طرز تحرير کي اسلوب چوندا آهن. ليکڪ جي تحرير ان وقت جي ٻين ليکڪن کان ڪيتري قدر مختلف آهي. ان جو اندازو اسلوب جي ذريعي بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. بلڪه اسلوب ئي سندس تحرير کي سڃاڻپ جو ذريعي بڻجي ٿو. ڪنهن دور ۾ ادب جي ڪنهن صنف لاءِ مروج ٻولي يا ڪنهن مخصوص لهجي ۽ طرزِ تحرير اسلوب جي زمري ۾ اچي ٿو. ڪنهن به دور جو لهجو انداز بيان، انداز تحرير ان دور جو اجتماعي اسلوب چورائي ٿو. ان دور ۾ رهندڙ هر فرد جو اسلوب جدا هوندو آهي. اسلوب کي واضح ڪرڻ جي لاءِ ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀرن ٿا. زبان جي ڪنهن خاص انداز کي يا ليکڪ جي ڪنهن هڪ خوبيءَ کي يا ان دور جي ڪنهن خاص انداز يا ليکڪ جي ڪنهن خاص تحرير کي اسلوب چئجي يا ليکڪ جيڪي لفظ، جملا، اصطلاح استعمال ڪري ٿو، ان کي اسلوب چئجي؟ اسلوب ۾ مٿي ذڪر ڪيل سمورا جزا گڏجي ليکڪ جي اسلوب کي جوڙين ٿا. جنهن ڪري سندس تحرير ۾ هڪ مخصوص لهجو اڇي وڃي ٿو. اهو لهجو ئي سندس اسلوب چورائي ٿو. ان جي لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ‘ ۾ لکي ٿو ته:

"اسلوب هڪ "شخصي اظهار" آهي، جو لکندڙ جي تخليق ۾ ترتيب وٺي ٿو. ان جي تشڪيل زبان جي مخصوص استعمال جي طريقي مان ٿئي ٿي! اسلوب نه نقش ونگار کي چئجي ٿو، نه اهو قواعد آهي، ۽ نه ئي مشق؛ نه ئي اهو ڪو مسئلو يا مونجهارو آهي. اهو فقط اديب جو پنهنجو فهم ۽ شعور آهي. هو ڪجهه بڏائڻ گهري ٿو، پر اهو انتهائي موزون لفظن ۾ چوڻ گهري ٿو. اهوئي سبب آهي جو اسلوب ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ مشڪل ٿي پوندي آهي. اسلوب، تحرير جي ان خاصيت کي چئجي ٿو، جنهن جو واسطو اظهار سان آهي. فقط ڪن حقيقتن جي پيش ڪرڻ کي سجهاءُ Communication چئجي ٿو. مگر اظهار جي دامن ۾ گهڻي وسعت آهي، جنهن ۾ حقيقت جي شخصي يا انفرادي تاثر کي نه پيش ڪبو آهي. سو پنهنجي خيالن، لطيف جذبن ۽ نازڪ احساسن کي لفظن ۽ زبان ۾ قيد ڪرڻ جي طريقي کي اسلوب چئجي ٿو." (عرساڻي، 2009: 350)

اسلوب اسٽائل يا ادائيگيءَ جي طرز، ڍنگ، هر ٻوليءَ کي پنهنجو آهي. جيئن هر اديب وٽ پنهنجو لکڻ جو اسلوب آهي، ائين هر ٻوليءَ وٽ پنهنجو اسلوب آهي. جهڙي ٻولي هوندي، ان جي طرز ۽ لهجو به ان جي موافق هوندو. ڪڏهن به هڪ ٻوليءَ جي مٿان ٻي ٻوليءَ جي طرز يا لهجو مڙهي نٿو سگهجي. هر علائقي جي ٻولي جدا ٿئي ٿي. تنهن ڪري ان جي پيش ڪرڻ جو انداز به جدا ٿئي ٿو. ڪنهن جاگرافي علائقي ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جا مختلف لهجائي ٿي سگهن ٿا. ڪنهن جاگرافيائي حدن ۾ رهندڙ هڪ وسيع ۽ گهڻ ڪرت واري سماج ۾ اُن جي مکيه ٻوليءَ جا اُن جي جدا جدا زميني پاڳن ۽ علائقن ۾ لهجا ڳالهايا ويندا آهن. اهي جدا جدا لهجا اڳ علائقي جي خاص سڃاڻپ هوندا آهن. انهن لهجن ۾ لکيل ۽ ڇپيل ادب ۾ اهي گڏ بنهه نروار نظر ايندا آهن. جيئن شاهه لطيف جي ڪلام تي لاڙ جي ٻوليءَ ۽ لهجي جو اثر ڪجهه سجيهه ئي آهي، ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۾ سري واري لهجن جو اثر چٽو آهي. انهن مان هر لهجو فطري آهي ۽ ڪنهن خاص لهجي کي ٻئي مٿان مڙهي نٿو سگهجي، پر انهن جو هڪ ٻئي کان اڻ لکي متاثر ٿيڻ به فطري عمل آهي.

ويهين صديءَ ۾ اسلوب معنوي لحاظ کان پنهنجي هڪ ڌار سڃاڻپ ڌاري، لفظ "اسلوب" ڪو نئون لفظ نه آهي، بلڪه سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ ان جي جاءِ تي هميشه ٻين لفظن کي استعمال ڪيو ويو آهي. هن جو استعمال مختلف اصطلاحن يا انداز، طور طريقو، ڍنگ، طريقو، وغيره جهڙا لفظ استعمال ٿيندا رهيا آهن.

اسلوب ڪنهن ليکڪ جي تخليقي عمل جي ان خوبي ۽ خاصيت کي چيو وڃي ٿو. جيڪا هن کي ٻين ليکڪن کان ڌار ڪندي هجي. اسلوب مان مراد

ليکڪ جي اها انفرادي طرز تحرير آهي. جنهن جي ڪري هو ٻين ليکڪن کان منفرد ۽ اعليٰ ٿئي ٿو. هن انفراديت ۾ گهڻا عنصر شامل هوندا آهن. مثال: مصور جيئن تصوير ۾ رنگ ڀري ان کي خوبصورت بنائي ٿو. بلڪل ائين شاعر خوبصورت استعارن، تشبيهن ۽ سهڻن لفظن ذريعي پنهنجي شاعريءَ ۾ روح ڦوڪي ٿو. اديب پنهنجي تحرير ۾ لفظن ۽ اصطلاحن جو رنگ ڀري ان کي خوبصورت بنائي ٿو. اسلوب پنهنجي مطالعي جو آغاز هن نقطئه نظر جي بنياد تي ڪري ٿو ته، انسان جي باطن ۾ هن جي تصورات جو اثر ٻوليءَ تي رهي ٿو. جيئن ته ادب جي ٻولي ڪڏهن علامتي، ڪڏهن رواني، ڪڏهن بياني، ڪڏهن خطابي، ڪڏهن حوالن واري ٿئي ٿي. اسلوب ان علامتن ۽ اشارن کي به ڏسي ٿو. جيڪي تهذيبي پسمنظر، اخلاقي، معاشرتي قدرن جو نتيجو ٿين ٿا. اسلوب وٽ تخليق جو هڪ اهڙو عمل يا طريقيڪار آهي. جو آوازن، لفظن ۽ ساخت کي نئين معنيٰ ۽ سڃاڻپ ڏيئي ٿو. جيئن ٻوليءَ جي بناوٽ پنهنجي هڪجهڙائي جو نقشو فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ظاهر ۾ لڪل شڪلين وارو بحث سامهون آڻيندي رهندي آهي. اها ليکڪ جي اسلوب جي ذريعي لساني فرق کي سڃاڻڻ ۾ مدد ڪندي آهي، ته ليکڪ جيڪو تحرير ڪيو آهي. ان جي مضمون جي موضوع کي ڪهڙي سهڻي تخليق بنائي پيش ڪيو آهي.

هتي سڀ کان پهرين اسان اسلوب جي معنيٰ مختلف لغتن جي حساب سان جاچي ڏسنداسين. لفظ اسلوب عربي ٻوليءَ جو آهي. جنهن جي معنيٰ مختلف لغتن پنهنجي حساب سان ڏني آهي. هڪ جلدي سنڌي لغت ۾ اسلوب جي معنيٰ بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن طرح درج ڪئي آهي.

> ”اُسلوٗبُ: ذ (ع) نمونو– ڍنگ. طريقو.“ (بلوچ، 2006: 29)

فيروزاللغات ۾ اسلوب جي معنيٰ:

> ”اسلوب (اس_لوب) (ع، ا، ند) طريقو، طرز، روش، جمع : اساليب“ (فيروزالدين، 2005: 97)

اعجازاللغات ۾ اسلوب جي هيءَ معني ملي ٿي:

> ”اسلوب (اس_لوب) (ع، مذ) طريقو، طرز، انداز، روش.“ (تابش، 1982: 70)

نوراللغات ۾ اسلوب جي معني هيءَ ملي ٿي:

> ”اسلوب (ع_ بالضم) مذڪر، راه، صورت، طور، طرز، روش، طريقو، اسلوب ٻڌجڻ ، لازم، صورت پيدا هئڻ، راه نڪرڻ، (شوق).“ (نورالحسن، 1957: 335)

> ”(1) شعر قلم پينسل style;n,

(2) طرز، اسلوب (تحرير، تقرير يا ڪنهن ڪم جو ڪرڻ

(3) اسلوب بيان: طرز ادا (شاعر يا انشاء پرداز جو)؛ طرز (مصور يا ڪنهن اورضاع جو).″ (عبدالحق، ؟: 1251)

″1- انداز، ڍنگ، 2- (الف) اسلوب (ب) عبارت، Style (n) نمونو (ت) فني اظهار ۾ مهارت، 3- (الف) فيشن (ب) ڏيکدار، ٺاهوڪو، (متعدي)
2. خطاب ڏيڻ، نالو وٺي سڏ ڪرڻ
3. نمونو ٺاهڻ، انداز، وضع ڪرڻ.″ (سنڌيڪا، 2003: 900)

سڀني لغتن ڪي نظر ۾ رکندي اسلوب جي معنيٰ اِها نڪري ٿي ته؛ طور طريقو، نمونو، ڍنگ، ڏيکاءُ ٺاهوڪي عبارت، مطلب ته ليکڪ جيڪا تحرير لکي ٿو. ان جي فن کان بخوبي واقف هجي، سهڻي نموني سان اها عبارت تحرير ڪري وٽس فني مهارت هجي. ليکڪ پنهنجي تحرير کي فن جي ذريعي بيمثال بنائي ڇڏي. انهن لغت جي وصفن کي لکڻ جو ڍنگ ۽ لکڻ جي طريقي کي ليکڪ جي شخصيت سان ڳنڍيو وڃي ٿو، پر اسلوب جو استعمال صرف لکڻ جي ڍنگ معنيٰ ۾ نه بلڪ خوبصورت فن جي ٻين ضابطن ۾ ٿئي ٿو.

## اسلوب جي وصف

لفظ اسلوب جي خاص معنيٰ نه آهي. اِهو عام معنيٰ ٿو رکي هن مان مراد آهي، ته لفظن، اصطلاحن، تشبيهن، استعارن، محاورن جو ٺُز واهپو جيڪي پنهنجي اظهار جي لاءِ استعمال ڪجن ٿا. ليکڪ هن کي ڪيئن ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ ڪتب آڻي ٿو. ائين به چئي سگهون ٿا، ته اسلوب جي ذريعي ٻوليءَ جو درست استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن به تحرير ۾ ٻوليءَ جا نج لفظ ڪتب آندل هوندا ته تحرير سهڻي ٿي پوندي. ان دور ۾ جيڪا ٻولي عوام ۾ مقبول، رائج هجي، يا جيڪا عوام ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هجي. اجايو ڏاريان لفظ ٺنبڻ سان تحرير پنهنجي سونهن وڃائي ويهندي آهي.

سنڌيءَ ۾ لفظ اسلوب انگريزي زبان جي style جي مترادف جي طور تي استعمال ٿئي ٿو. ان لاءِ عربي ۾ ″اسلوب″ فارسي ۾ ″سبڪ″ ۽ هندي ۾ ″شيلي″ استعمال ٿئي ٿو. انسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا ۾ هن لفظ جو رشتو لاطيني جي sylus سان ڳنڍيو ويو آهي. پر هي ثابت ڪرڻ مشڪل آهي ته هن لفظ جو هميشه اهو ئي مطلب ورتو ويندو هجي، جيڪو style ۾ آهي.

اسلوب زبان جو اهو انداز آهي. جنهن کي اسان روزمره جي استعمال ۾ آڻيون ٿا. جيئن اسان گهر ۾ ڳالهايون ٿا. اهو ڳالهائڻ جو طريقو، انداز ٻاهر آفيس واري ڳالهائڻ کان مختلف هوندو. ٻولي اسان جي اظهار جو ذريعو آهي. جنهن جي وسيلي اسان پنهنجي خيالن جو اظهار جيڪو اسان پنهنجي ارد گرد ڏسون

ٿا، محسوس ڪيون ٿا، ۽ جيڪو اسان سان زندگيءَ ۾ وهي واپري ٿو. ان ڪي هر ماڻهو پنهنجي سوچ مطابق پيش ڪري ٿو، فرق صرف ايترو آهي، ته شاعر، نثر نويس ان ڪي پنهجي تحرير ۾ قلم بند ڪن ٿا، ۽ عام ماڻهو وري ان ڪي پنهنجي طريقي سان پيش ڪن ٿا. هر شاعر، اديب وٽ پنهنجي ڳالهه ڪي پيش ڪرڻ جو انداز جدا جدا هوندو آهي. ڪنهن به اديب جي تحرير ٻي اديب جي تحرير سان نه ملندي، سماج ۾ ٿيندڙ ڪنهن به ساڳئي واقعي تي جڏهن ليکڪ قلم کڻن ٿا ته هر ليکڪ ان واقعي کي پنهنجي حساب سان پيش ڪري ٿو. ڇو ته تحرير تي گهڻي قدر ليکڪ جي شخصيت حاوي هوندي آهي. ليکڪ جي تحرير مان ڪنهن حد تائين سندس شخصيت جو اندازو لڳائي سگهبو. طاهره اقبال اسلوب جي وصف پنهنجي ڪتاب منٽو ڪا اسلوب ۾ هيئن ڏني آهي:

> ”اسلوب ڪا غير متحرڪ يا ڄميل شيءِ نه آهي. معاشرتي، معاشي، سياسي، اخلاقي، تهذيبي، قدرن، روين، اصولن، قاعدن سان هر دور جو اندازِ تحرير جڙيل ٿئي ٿو، ۽ ان جي تبديلي ان تي اثر انداز ٿئي ٿي. جڏهن ڪو ليکڪ پنهنجي ڪنهن خيال، تصور مضمون يا موضوع کي پنهنجي مخصوص طرزِ تحرير ۾ بيان ڪري ٿو، ته اها ئي طرزِ تحرير ان جو اسلوب چورائي ٿو.“ (طاهره، 2012: 14)

ليکڪ پنهنجي موضوع کي پيش ڪرڻ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪري ٿو. جيڪو سندس تحريرجي لاءِ ڪيس مناسب لڳي ٿو. سندس تحرير ۾ لفظن، جملن ۽ محاورن جو استعمال پنهنجي نج ٻوليءَ جو هجي جيڪا ان هلندڙ دور ۾ رائج هجي. مطلب ته ليکڪ، ٻولي اهڙي تحرير ڪري، جيڪا سماج ۾ آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي. ادب ۾ ليکڪ کي پنهنجي موضوع پيش ڪرڻ جي آزادي هوندي آهي. ليکڪ  پنهنجي دور جي اسلوب جو خيال رکندي پنهنجي تحرير کي ڪاغذي رنگ ڏيندو آهي. جنهن ڪري تحرير جو انفرادي پهلو نمايان نظر ايندو آهي. ٻنهه عام موضوع کي به ليکڪ اسلوب جي ذريعي ئي خوبصورت بنائيندو آهي. ان جي لاءِ ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ لکي ٿو ته:

> ”اسلوب زيور آهي، ادبي اظهار جو جنهن سان ادبي اظهار جي جاذبيت، ڪشش ۽ تاثير ۾ اضافو ٿئي ٿو.“ (نارنگ، 1989: 14)

ان مان واضح ٿيو ته اسلوب اظهار ۽ بيان جو موزون ۽ مناسب سانچو آهي. جيڪو ڪنهن به مضمون جي فصاحت و بلاغت کي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪري ٿو. جنهن جو سرمايو لفظ ۽ زبان جا مختلف طريقا آهن. اهو سرمايو اسلوب جي ذريعي ليکڪ استعمال ۾ آڻي ٿو. اسلوب جو نقش شاعريءَ ۾ نمايان ڏسي سگهجي ٿو، ڇو ته شاعري ۾ تشبيهه، استعارو، علامت، ۽ ٻيا نقش روزمره جي زبان جي انداز ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا. ان لاءِ شاعري ۾ اسلوب کي

ڳولڻ آسان آهي. افساني يا ناول ۾ وري منظرنگاري، پلاٽ، واقعا، مڪالما، ڪردار، نقطه نظر ۽ دليلن تي مشتمل هوندو آهي، ۽ هي طريقا ڦهليل هوندا آهن، ان ڪري اسلوب جي صحيح نموني پرک ڪرڻ مشڪل ٿيو پوي. ڊاڪٽر عبدالله سيد پنهنجي ڪتاب ”طيف نثر“ ۾، اسلوب جي وصف هيئن ڏني آهي؛

”اسلوب مان مراد اهو بهترين انداز ۾ پيش ڪرڻ آهي، ۽ اهي تمام وسيلا استعمال ڪرڻ مان مراد آهي، جن مان ڪا ادبي تحرير مؤثر ثابت ٿي سگهي“. (سيد، 1965: 30)

لفظ اسلوب ڪا مخصوص معنيٰ نٿو رکي اسلوب کي ڪنهن به هڪ معنيٰ ۾ استعمال نٿو ڪيو وڃي. ادب ۾ ان جو استعمال پنهنجي حساب سان ڪيو وڃي ٿو. مثال: اسان ڪنهن جي باري ۾ چئون ٿا ته هن جي ڳالهائڻ جو انداز ڪيترو ته سٺو آهي. يا وري ڪنهن شاعر يا ليکڪ جي ڪنهن تحرير جي باري ۾ ڪا راءِ ڏيندا آهيون. ان راءِ ۾ به سڌي يا اڻ سڌي طرح سندس اسلوب جو ئي ذڪر هوندو آهي. جيئن اسان پهريان ذڪر ڪري آيا آهيون ته لفظ اسلوب انگريزي جي لفظ style جي مترادف آهي. جيڪي مثال ڏنا آهن. انهن جي جڏهن اسان وضاحت ڪنداسين ته اسلوب جي ذريعي ئي اسان اديب جي شخصيت جو پختو اندازو لڳائي سگهون ٿا. فن ڪهڙو به هجي تجربن مان جنم وٺندو آهي. ڊاڪٽر عبدالله سيد، اسلوب جي استعمال لاءِ لکي ٿو ته:

”ڪنهن ليکڪ جي لکڻ جي انداز کي اسلوب چوندا آهن. تنقيدي ادب ۾ اسلوب جو استعمال ٽن طرحن سان ڏٺو ويو آهي.

1. ڪنهن شخص جي عام طرز تحرير کي اسلوب چوندا آهن.
2. اسلوب عام طرز تحرير نه بلڪ ڪنهن اديب يا انشاپرداز جو منفرد طرز و تحرير آهي، جيڪا ان کي ان جي زماني کان پين اديبن يا انشاپردازن سان ممتاز يا منفرد ڪري ٿو.
3. اهڙو اسلوب جيڪو پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي زماني کان مٿانهون ٿي دنيا جي تمام اسلوبن جي پرجهلي اهڙو اسلوب زماني ۽ ماحول جي قيد کان مٿانهون ٿي پوري دنيا جي اسلوبن جي صف ۾ انشاپرداز کي وٺي وڃي ٿو.“ (سيد، 1965: 73)

ليکڪ کي جيتري قدر ٿي سگهي زبان کي نهايت سليس، صحيح ۽ بامحاورا استعمال ڪري ڏکين لفظن کان پاسو ڪري ڪنهن لفظ يا ڳالهه محاوري جو ورجاءُ نه ڪري، جيڪڏهن ڪهاڻي يا ڪو مضمون لکي رهيو آهي، ته ليکڪ کي ان مطابق ٻوليءَ جو استعمال ڪرڻو پوندو اجايو ڊيگهه ڪرڻ سان سندس تحرير بدمزه ٿي ويندي. هلندڙ وقت موافق تحرير ۾ سونهن پيدا ڪري جو اها پڙهندڙن کي پنهنجي طرف متوجه ڪري. سيد عابد علي لکي ٿو ته:

”اسلوب مان مراد ڪنهن لکڻ واري جو اهو انفرادي ڍنگ جي تحرير آهي، جنهن جي آڌارتي اهو ٻين لکڻ وارن کان جدا ٿي وڃي ٿو.“ (سيد، 1996: 41)

مٿي ڏنل وصف جي روشني ۾ منهنجي نظر ۾ ليکڪ جڏهن پنهنجي دور ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي ٿو ته ضرور سندس تحرير ۾ چند اهڙا گڻ هوندا آهن. جيڪي هن کي ٻين ليکڪن کان جدا ڪري بيهاريندا آهن. تنهن ڪري اهي ادبي سياسي، سماجي حالتون ليکڪ جي تخليقي، شعوري ۽ تصوراتي ۽ اسلوب کي منفرد ٺاهين ٿيون. اديب به ان ئي سماج جو هڪ فرد هوندو آهي. جيڪو سماج ۾ ڇا پيو وهي واپري ان کي عوام جي سامهون آڻي ٿو. اديب، شاعر سماج جا اثر قبول ڪندي نت نوان موضوع اختيار ڪن ٿا. پوءِ به هر ڪنهن جو اسلوب جدا ٿئي ٿو.

## اسلوب جي اهميت

اسلوب جي ذريعي ئي ڪنهن به ليکڪ جي دور جي سماجي قدرن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، ان دور ۾ ٻولي ڪهڙي هئي. ان دور جي ثقافت، ريتون رسمون، رهڻي ڪرڻي، سياسي، سماجي، اخلاقي، مذهبي ماحول جو اندازو ڪنهن به ليکڪ جي تحرير مان اسلوب جي ذريعي بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. هڪ ليکڪ جي شخصيت جو ٻيو نالو اسلوب آهي. ڪهاڻيءَ ۾ جيئن ته ڪردار ۽ واقعا حقيقي ۽ فرضي هوندا آهن. انهن فرضي واقعن کي سهڻن لفظن، محاورن، اصطلاحن ۽ پنهنجي شخصي اظهار جنهن نظر سان هو سماج کي ڏسي ٿو قلمبند ڪري ٿو. عطش دراني پنهنجي ڪتاب ”اسلوب دفتري زبان“ ۾ اسلوب جي باري ۾ پنهنجي راءِ هيئن ڏني آهي :

”هن انداز يا اسلوب ۾ دلڪشي تي زور ڏنو ويندو آهي. مضمون جي سونهن کي مختلف طريقن سان وڌايو ويندو آهي. خاصيت ۾ اضافي جي لاءِ لفظ، ترڪيبون ۽ مختلف صنعتن کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. تشبيهون، استعارا، ۽ لفظن جي فرضي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿيون، ۽ هم معنيٰ لفظن جو استعمال عام ٿئي ٿو، ۽ هڪ ئي مفهوم مختلف طريقن سان سامهون آندو ويندو آهي. ادبي زبان عام ڳالهائڻ ۽ عام زبان کان مختلف ٿئي ٿي. روزمره جي محاورن ۽ پهاڪن جو استعمال هن ۾ ضرور ٿئي ٿو. ادبي تحرير ۾ لکڻ واري جو انفرادي اسلوب به شامل هوندو آهي. شعر ادب پاري ۾ ضروري نه آهي، ته جيڪو ڪجهه لکيو وڃي اهو واقعن تي مشتمل هجي، جيئن ته خيالي يا فرضي واقعن جو بيان اڪثر ڪيو

ويندو آهي. جنهن ڪري خيال، جذبو، احساس ۽ تاثر ادب جو بنياد ٿين ٿا". (دراني، 1987: 12)

اسلوب اهو معيار آهي. جيڪو ليکڪ جي خيال، جذبي، احساس ۽ واقعن مان جنم وٺي ٿو. ليکڪ جي شخصيت جو ان ۾ وڏو حصو آهي. جنهن مان اسان ليکڪ جي شخصيت جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. ليکڪ جيڪو سوچي ٿو اهو لکي ٿو. ڪن به ٻن ماڻهن جي سوچ هڪ جهڙي نٿي ٿئي. جيئن هر ماڻهوءَ جي سوچڻ جو انداز مختلف ٿئي ٿو. بلڪل ائين سندس تحرير به مختلف ٿئي ٿي. ڪي به ٻه ليکڪ هڪجهڙو نٿا لکي سگهن. هر ليکڪ پنهنجي شعور جي وسيلي اسلوب کي پنهنجي شخصيت ۾ جذب ڪري ٿو. ڪنهن به اديب جي اسلوب جي ڇاڻ تيسين نه ٿي سگهندي، جيستائين سندس معاشرتي توڙي سندس ذاتي زندگي ۽ سندس ارد گرد ماحول جي پسمنظر جو جائزو نه ٿو وٺجي. ان ڪري هر ليکڪ جو اسلوب سندس اهڃاڻ بنجي سامهون اچي ٿو. اسلوب ڪان سواءِ تخليقي طاقت جي ويچارو اديب يا شاعر اڌورو آهي. جيڪڏهن وٽس تخليقي طاقت نه هوندي ته، سندس تحرير ۾ اسلوب ايترو پڪو پختو نه هوندو. ان جي لاءِ حفيظ صديقي لکي ٿو ته:

"اسلوب مان مراد ڪنهن اديب يا شاعر جو اهو طريقو ۽ طرز آهي، جنهن وسيلي هو پنهنجو مطلب يا خيالن ۽ جذبن جو اظهار ڪري ٿو. جيڪو ڪنهن خاص ليکڪ جي ادبي روايت ۾ پنهنجي انفرادي خاصيتن جي ڪري وجود ۾ اچي ٿو، ۽ جيئن ته ليکڪ جي انفراديت جو اظهار، جوڙجڪ، ڪردار تجربو، مشاهدو، بنيادي مزاج، زندگيءَ جو فلسفو ۽ طرز ڇُٽِي ۽ احساس جهڙا عمل حصو وٺندا آهن. ان لاءِ اسلوب کي مصنف جي شخصيت جو عڪس ۽ ان جي ذاتي ڇاپ سمجهيو ويندو آهي." (صديقي، 1985: 13)

ادب ۾ عام طور تي ڪنهن به ليکڪ کي انشاپرداز هجڻ لاءِ ڪن خاصيتن جو هئڻ لازمي هوندو آهي. ليکڪ پنهنجي زماني جي اديبن ۽ انشاپردازن کان گهٽين ڳالهين ۾ منفرد هجي. سندس تحرير ۾ ان زماني جي پڪي ادبي روايتن جي پرورش ۽ وڌڻ ويجهڻ جي قوت حاصل ڪرڻ جي باوجود انهن کان ڪجهه مٽانهون هجي. ان ۾ تازگي نواڻ ۽ جدت هجي. سندس تحرير ۾ سندس مڪمل اظهار هجي. يعني ڪنهن شخص جي ڪا خاص سڃاڻپ يا ڪو تڪيه ڪلام هجي، جيڪو شخصيت سان وابسته هجي ۽ سندس تحرير ۾ ظاهر هجي، اهڙي تحرير ۾ نواڻ، جدت، ۽ تازگي هوندي آهي. جيئن امر جليل جي تحريرن ۾ "موڳو مٽر، پوڪ، چريٽ، ڇينو، گدڙ، بگهڙ، ڏاند" جهڙن ڪيترن ئي لفظ جو استعمال ڪيل آهي، جڏهن اسان ڪٿي به هي لفظ پڙهنداسين ته اسان جي ذهن ۾ سڌو سنئون امر جليل جو خيال ايندو. ڇو ته اهي لفظ سندس سڃاڻپ بنجي علامت بنجي ويا آهن.

اسلوب جا به وڏا عنصر آهن. داخلي، خارجي ڪنهن به شاعر يا اديب جي تخليق تي ان جي داخلي ۽ ذهني زندگيءَ جي به مهر لڳل هوندي آهي. ڪنهن به ليکڪ کي پنهنجي تحرير مان سڃاڻي سگهجي ٿو. داخلي عنصر مان مراد اديب جيڪو سوچي ٿو. ان کي محسوس ڪري ٿو ۽ قلمبند ڪري ٿو. داخلي عنصر جو اندازو ان وقت لڳائي سگهبو. جڏهن سندس تحرير کي پڙهبو. خارجي عنصر ۾ ان ليکڪ جا احساس، خيال، سندس انفرادي طريقي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندا.

ڪنهن به زبان ۾ اظهار جا موقعا لامحدود آهن. ڪو به ليکڪ انهن مان صرف چوند طريقا ڪتب آڻيندو آهي. اها چوند ليکڪ جو ذاتي فيصلو هوندو آهي. اسلوب جي مدد سان ئي ڪنهن دور جي ليکڪ جي اسلوب جي سلسليوار، تبديلي، نواڻ ۽ بتدريج ترقي ڪيئن ڪئي. ان وقت رائج اسلوب جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. تخليقي اظهار جي ذريعي ئي ليکڪ پنهنجي خيال کي مناسب ترتيب ڏيئي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنائي ٿو. پنهنجي خيال جي تصور کي پنهنجي ضرورت جي مطابق بيهاري ٿو. ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ لکي ٿو ته:

> ”اسلوب جو بنيادي تصور هي آهي، ته خيال، تصور، جذبو، احساس ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي طريقن سان بيان ڪري سگهجي. ٻوليءَ ۾ شاعر يا ليکڪ وک وک تي گفتگو جي ڍنگ جي آزادي جو استعمال ڪري ٿو.“ (نارنگ، 1989: 15)

گوپيچند نه صرف ٻوليءَ ۾ گفتگو، مڪالمن جي استعمال جي آزاديءَ کي تسليم ڪندي ليکڪ جي مرضيءَ تي ڇڏيو آهي. مطلب ليکڪ کي لکڻ جي مڪمل آزادي حاصل آهي. انهن جزن مان ڪنهن هڪ جو انتخاب ڪري، ۽ اظهار جي سمورن طريقن تي ڪيس عبور حاصل هئڻ گهرجي. جيئن ته اسلوب مسلسل تبديلي جو عمل آهي. اسلوب هر هڪ دور کان ٻي دور کي الڳ ڪري بيهاريندو آهي. ڇو ته هر دور جا سياسي، سماجي، تهذيبي، حالتون ثقافتي، مذهبي، علمي، تعليمي، ادبي، فني سطح تي هڪ ٻئي کان جدا هوندا آهن. اهي ڪنهن دور جي اسلوب ۾ اهم عنصر هوندا آهن. اهي هميشه تبديل ٿيندا رهندا آهن. اها تبديلي اسلوب تي ضرور اثر انداز ٿئي ٿي.

ادب جي ذريعي ليکڪ پنهنجي اندر جو اظهار ڪري پنهنجي شخصيت کي منظر عام تي آڻي ٿو. اديب جي اسلوب ۾ ڪي اهڙيون خوبيون موجود هونديون آهن. جيڪي بظاهر لڪل نظر اينديون آهن. جن جي ڇاڻ سان ليکڪ جا احساس، جذبا ۽ ٻين فني جزا واضح ٿيندا آهن. اديب جي داخلي عنصر مان ئي خارجي عنصر نهي ٿو. هر دور جي ضرورت ۽ مزاج، لهجو، انداز، مختلف ٿئي ٿو. اسلوب جي ذريعي ئي ان جو درست اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ليکڪ شيرين زبان هجي، سندس تحرير ۾ غير ضروري ڳالهيون نه هجن تحرير مختصر

هجي، محاورن، اصطلاحن، لهجن، تشبيهن، استعارن جو استعمال سهڻي نموني هجي. اهڙي دلچسپ انداز ۾ هجي جو پڙهندڙ جو ڌيان تحرير تي کپي وڃي.

معياري ۽ وزندار تحرير لاءِ ليکڪ وٽ خيال جي بلندي ۽ پختائي هئڻ گهرجي. ادب جي کهڙي به صنف هجي، ناول، افسانو، ڊرامو، ليکڪ ان کي صحيح نڀائڻ جي ڪوشش ڪري ته جيئن ان ۾ پنهنجي الڳ اسلوب جي ڪري سونهن پيدا ڪري سگهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي، ته ليکڪ پنهنجي موضوع کان هٽي ويندو آهي، ۽ سندس قلم ڪٿان کان ڪٿي پهچي ويندو آهي. پوءِ سندس تحرير ۾ اها رواني نه رهندي آهي. سندس اسلوب اهڙو هجي جو سندس تحرير کي پڙهڻ سان سندس نمايان فن فڪر ۽ شخصيت سامهون اچي وڃي. تحرير مان ليکڪ جو عڪس جهلڪا ڏيندي نظر اچي. ڪا به تحرير تڏهن نمايان نظر ايندي جڏهن ان ۾ خيالن جي گهرائي هوندي، خيال کي ڪو به عام ماڻهو بيان نه ڪري سگهندو. اهو ليکڪ جنهن وٽ پنهنجو جدا اسلوب هجي خيال کي سهڻن لفظن جو لباس پهرائي عام ڳالهه کي به خاص بنائي پيش ڪندو آهي. ابراهيم خليل ادب جي لاءِ لکي ٿو ته:

> "عام طرح ادب کي ٻن قسمن جي شاخن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ نثر: ٻيو نظم. موسيقيت ۽ موزونيت جي لحاظ جي ڪري اهو ورهاڱو به صحيح چئبو، پر حقيقت هيءَ آهي ته ادب کي چئن شاخن ۾ ورهائڻ گهرجي. اهي هي آهن:
>
> 1. تخليقي پيداوار، جنهن ۾ مطلب ۽ معنائون ۽ بيان جو اسلوب، اِستدلالي هجي، پر وزن نه هجي.
> 2. تخليقي پيداوار، جنهن ۾ مطلب ۽ معنائون، ۽ بيان جو اسلوب جمالياتي هجي. پر وزن نه هجي.
> 3. شعري پيداوار، جنهن ۾ مطلب ۽ معنائون ۽ بيان جو اسلوب جمالياتي هجي، پر وزن نه هجي، جهڙو ڊرامو.
> 4. شعري پيداوار، جنهن ۾ مطلب ۽ معنائون ۽ بيان جو اسلوب جمالياتي هجي، ۽ موسيقيت ۾ موزونيت به هجي." (شيخ، 1949: 45)

ليکڪ جي سچائي، مقصد ۽ عزم سندس اسلوب تي ضرور اثر انداز ٿئي ٿو. ڪنهن به تحرير ۽ گهاڙيٽي جو جائزو وٺڻ کان پهريان ان جي ليکڪ ۽ ان سماج جي جوڙجڪ ۽ دور جي جديد رجحانات جو تجزيو ڪرڻ به ضروري آهي.

سڀ کان پهريان اسان کي اهو ڏسڻ گهرجي ته، ليکڪ جيڪو ڪجهه پيش ڪرڻ چاهي ٿو. ان لاءِ هن ڪهڙو اسلوب ڪهڙو اختيار ڪيو آهي. فڪري جائزو ثانوي حيثيت رکي ٿو. آڳاٽي زماني ۾ ادبي فن پارن ۾ اسلوب کي گهٽي اهميت ڏني ويندي هئي. فڪر خيال ۽ ويچار کي ايترو اهم نه سمجهيو ويندو

هو. هي نظريو ڪجهه گهڻو صحتمند نه آهي. ڇاڪاڻ ته اسلوب جي ذريعي ئي ليکڪ فڪر ۽ خيال کي بيان ڪيو آهي. تنهن ڪري هو ٻين ليکڪن کان منفرد بنجي ٿو. جيئن اسان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندا آهيون. اهڙي طرح اسان ٻين ماڻهن جي خيالن کان آگاهه ٿيڻ گهرون ٿا. جن وٽ تجربن جو ميدان وسيع هجي ۽ قصي يا خيال کي بيان ڪرڻ جي طرز طاقتور هجي.

ادب هميشه پنهنجي دور جي نمائندگي ڪري ٿو. اها خاصيت سندس روح آهي. ليکڪ جي اسلوب ۾ اها صلاحيت هئڻ گهرجي ته، پنهنجي دور کي ماضي کان جدا ڪري بيهاري هڪ نئين شڪل ڏي. ليکڪ عوام کي قريب هجي ته، ان دور ۾ ماڻهن جي سوچ ڪهڙي آهي. سندن خواب ڪهڙا آهن. سماج جا مسئلا ڪهڙا آهن. پڙهندڙ طبقي جي مزاج موافق ليکڪ کي لکڻ گهرجي. سماج جو مشاهدو ليکڪ لاءِ لازمي آهي، ڇو ته ليکڪ پنهنجي تحرير لاءِ موضوع عوام مان ئي کڻي ٿو. ليکڪ جو موضوع ڪهڙو به هجي سندس تحرير جو محور سماج ئي هوندو آهي. ادب سماج جي ترجماني ڪري ٿو. ليکڪ جنهن به صنف ۾ لکندو اها ادب جي صنف هوندي.

امر جليل جون تحريرون سندس دور جي ماڻهن جي مزاج جي مطابق آهن. عوام سان پيش ايندڙ مسئلا، نوجوانن، ٻارن، عورتن، پڙهيل ماڻهن، سياستدانن، وڏيرن، مولوين، ڊاڪٽرن، ڪلارڪن ۽ سماج جي هر ڪردار تي قلم کنيو آهي. سندس سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته، هو ماحول ۽ ڪردارن جي مطابق اسلوب اختيار ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين تي غور ڪجي ٿو ته هر ڪهاڻي ٻي ڪهاڻيءَ کان منفرد آهي. ” اروڙ جو مست، سوجهرو، ڪانسٽيٽيوشن جي اوينيو تي موت، سرد لاش جو سفر، هن ڇار ۾، جڏهن مان نه هوندس، دل جي دنيا، اسٽار سرڪس جو جوڪر، پنجين موسم، عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا، هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ. ان کان علاوه سندس سموريون ڪهاڻيون اسلوب جو بهترين مثال آهن. سندس هي ڪهاڻيون ان وقت جي ڪيترن ئي مسئلن تي روشني وجهن ٿيون. امر جليل هلندڙ وقت جي خاص خاص موضوعن تي روشني وڌي آهي. اديب جي لاءِ فاخر حسين لکي ٿو ته:

> ”اديب جو فطري تقاضو هي آهي، ته هو مشاهدو ڪرڻ وقت اهم معاملي ۽ اهم پهلو جو انتخاب ڪري ان جي ترجماني اهڙي اسلوب ۾ ڪري جو پڙهڻ واري لاءِ قابل يقين بنجي وڃي. ٻهرين معاملي جو تقاضو اديب جي اک ۽ ان جي نقطئه نظر سان آهي. ۽ ٻئي جو ادبي تقاضن سان_ مگر اهي ٻئي معاملا هڪ ئي مسئلي جا ٻه رخ آهن.“ (فاخر، 1988: 20)

جيئن ته اسان جو موضوع افسانوي ادب ۾ اسلوب کي پرکڻ آهي. ڪنهن به تحرير ۾ اسلوب ذريعي، ادب ۾ اظهار ڪيئن ٿيل هجي، انهن تحريرن ۾ لفظن، اصطلاحن، محاورن، ٻوليءَ ۾ اسلوب جي معنيٰ کي ڪهڙي نموني ۾

تخليق ڪيو ويو آهي، يا انهن جو استعمال ڪيئن ٿيل آهي، ته جيئن اسلوب جي خوبين ۽ خاصيتن کي معلوم ڪري سگهجي. جيئن نثر جي اسلوب لاءِ هڪ خاص وصف مقرر ڪجي، ته ڪهڙي نموني ۾ صوتياتي، اصطلاحي ۽ خيالي عنصرن کي پنهنجي اندر ۾ سمائي ڇڏين ٿا.

**اسلوب جي تفصيلي جوڙجڪ ۽ اُن جا جزا**

اسلوب جي تفصيلي جوڙجڪ مان مراد سندس ٻولي، لهجو، گفتگو سڀ سهڻي انداز سان هلندا هجن. جن ۾ ڪا بناوٽ نظر نه اچي. سندس اسلوب تحرير ۾ اهڙو هجي جو ليکڪ جي شخصيت جو عڪس منجهس چٽيل هجي. جڏهن اسان اسلوب جي جزن جي ڳالهه ٿا ڪريون ته ان ۾ ليکڪ جي ٻوليءَ جو لهجو، محاورا، اصطلاح، تشبيهه، استعارو ۽ ٻولي سڀ اچي وڃن ٿا. جن جي ذريعي ليکڪ پنهنجي تحرير ۾ جان آڻي ٿو. انسان جيڪو سوچي ٿو. ان کي تحريري روپ ڏيئي قلمبند ڪري ٿو. جنهن ۾ ان کي جن خاص ڳالهين تي ڌيان ڏيڻو ٿو پوي. ان جي باري ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

”حقيقت ۾، اسلوب يا طرز کي چند جزن جي باهمي اشتراڪ سان وجود ملي ٿو:

1. زبان جو مخصوص مزاج يا لهجو،
2. انسان جي شخصي گفتگو جو انداز،
3. شخصيت،
4. مجاز.“ (عرساڻي، 2009: 41)

(1) زبان جو مخصوص مزاج يا لهجو

ليکڪ جي تحرير معياري ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ، جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي، ته پنهنجي تحرير کي سهڻي نموني بيان ڪري سندس پيشڪش جو انداز الڳ هجي. سندس زبان جو لهجو مخصوص هجي جو ان تحرير کي پڙهڻ سان ليکڪ جي سڃاڻپ ٿي سگهي. سندس خيال ڪيترا به ڪٽي بلند هجن سندس جذبن ۾ ڪيترو به جوش هجي، فڪر ۾ تيزي هجي، پر تحرير کي خوبصورت بنائڻ لاءِ ڪيس زبان جو مخصوص لهجو اختيار ڪرڻو پوندو، جيڪو لهجو ان طبقي جي عوام ۾ مقبول هجي، جنهن جي لاءِ اها تحرير لکي پئي وڃي. ان لاءِ ڪن خاصيتن جي ضرورت پوندي آهي. زبان جي لهجي جي لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

”هر ڪنهن زبان جو مزاج، فطرت يا لهجو مخصوص ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي زبان جو ”اسلوب“ ٻين سڀني زبانن کان

علیحدو ۽ انوکو آهي. بلڪل ائين، جيئن انگريزي زبان جو اسلوب چيني زبان جي اسلوب کان بلڪل نئين قسم جو آهي. ساڳيءَ طرح، فرينچ ۽ ترڪي زبانن کي پنهنجو پنهنجو اسلوب آهي، يا فارسي زبان جو اسلوب مجموعي حيثيت سان عربي زبان جي اسلوب کان علحدو آهي. مطلب ته دنيا جون ڪي به ٻه زبانون هڪ جهڙو اسلوب ڪو نه ٿيون رکن. فارسي زبان ۾ لطافت ۽ ميٺاج گهڻو آهي. عربي زبان وري فصاحت ۽ بلاغت کان مشهور آهي. جرمن زبان ۾ ڳنڀيرتا ۽ سنجيدگي لڀي ٿي. پنجابي زبان ڪجهه قدر ترنم ريز ۽ سريلي ڀانئبي. هندي زبان ۾ لچڪ ۽ ڪشش آهي. ۽ سنڌي زبان جي لهجي ۾ وري نرمي ۽ نهٺائي، پيار ۽ ٻاجهه گهڻو محسوس ٿئي ٿو. هر زبان جي مزاج ۽ لهجي جو مخصوص رنگ، تحرير ۾ به اثر ڪري ٿو، ۽ اسلوب کي بنائڻ ۾ ٿورو يا گهڻو حصيدار ضرور آهي. حقيقت ۾ زبان جي اصلوڪي خصوصيت ئي اصلي جوهر آهي.” (عرساڻي، 1967: 41،42)

زبان جو لهجو جيڪو قوم، علائقي ۽ ملڪن جو جدا هوندو آهي. اهو ليکڪ جي تحرير تي به ضرور اثر انداز ٿئي ٿو. هر علائقي جي رهواسين جي ڳالهائڻ جو انداز ٻئي جي انداز کان گهڻي قدر مختلف ٿئي ٿو. انسان جيڪو ڪجهه ڳالهائي ٿو. ان مان سندس علائقي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مثال طور اتر ۽ لاڙ جي ماڻهن کي سندن لهجي سندن ڳالهائڻ جي لهجي مان سڃاڻي وٺندا آهيون. اهو علائقي ۽ ٻوليءَ جو اثر سندس تحريرن ۾ به بخوبي نظر اچي ٿو. ڪا به تحرير لکڻ وقت ليکڪ جي ذهن ۾ جيڪو واقعو هوندو آهي، ان واقعي مطابق هو پنهنجي تحرير جو انداز بدلائيندو آهي. جيئن هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر جو ڪردار به آهي ۽ هاريءَ جو به سندن انداز هڪٻئي کان مختلف هوندو. ان جي مطابق ليکڪ جو انداز بدلجي ٿو. ان جي باوجود به سندس شخصيت جي مطابق به سندن ٻوليءَ جو لهجو بدلبو آهي. ٻئي انداز ۾ ليکڪ جي شخصيت جو اسلوب گهڻي اهميت جو حامل آهي.

(2) انسان جي شخصي گفتگو جو انداز

هر انسان جي گفتگو جو انداز ٻي انسان جي انداز کان مختلف هوندو آهي. ڳالهائڻ جو انداز تحرير تي اثر انداز ٿئي ٿو. ڇو ته انسان جيئن ڳالهائي ٿو سندس تحرير تي به سندس ڳالهائڻ جي انداز جو اثر ضرور پوندو. انسان جيڪو سوچي ٿو اهو ڳالهائي ٿو. ائين بلڪل ڪو ليکڪ به جيڪو سوچي ٿو اهو ئي پنهنجي تحرير ۾ قلم بند ڪري ٿو. سماج ۾ ڪيترا ماڻهون آهن، جيڪي مختلف طبقن شعبن سان تعلق رکن ٿا. جن سان اسان جو واسطو پوي ٿو. جڏهن اسان انهن سان ملون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو. هر طبقي جي ماڻهن جي ڳالهائڻ ۾ هڪ نمايان فرق آهي. پڑهيل ۽ اڻپڑهيل جي گفتگو ۾ فرق ٿئي ٿو. هڪ گهر جي

پاتين جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ فرق ٿئي ٿو. ڪنهن جي طبعيت ۾ تيزي هوندي، ته ڪنهن جي گفتگو ۾ نوڙت نهٺائي هوندي. ڪي وري نهايت آهستگيءَ سان ڳالهائيندا. ڪن جي وري طبعيت ۾ تيزي هوندي آهي. اهي بنا سوچڻ سمجهڻ جي تيزيءَ سان گفتگو ڪندا آهن. ڪڏهن ائين به ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته، جاهل ماڻهن جي گفتگو جو انداز تعليمي يافته ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سهڻو هوندو آهي. شخصي گفتگو جو انداز به اسلوب کي بنائي ٿو. هر اديب جو مزاج ۽ سندس گفتگو جو انداز سندس تحرير ۾ صاف نظرايندو آهي. شخصي گفتگوءَ جو انداز ئي اسلوب کي بنائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

(3) شخصيت

هر انسان جي شخصيت جدا ٿئي ٿي. ان ڪري ڪنهن ماڻهوءَ ۾ خوداعتمادي جو جذبو هوندو. ڪنهن ليکڪ جي گفتگو جو انداز صاف ۽ رواني وارو هوندو آهي، ته ڪنهن ۾ فڪري پختگي نه هئڻ سبب سندس خيال به منتشر هوندا. ان تحرير ۾ اسلوب بگڙيل هوندو ترتيب به بگڙيل هوندي، ۽ ان ۾ اها رواني نه رهندي، جيڪا ڪنهن تحرير کي سگهارو ۽ ڪارفرما بنائڻ ۾ مدد ڪري ٿي. سنڌي ادب جي نالي وارن اديبن جي فن کي جاچي ڏسبو ته سندن تحرير مان هر هڪ جي شخصيت سندس اسلوب جي آئيني مان جهلڪا ڏيندي نظر ايندي. مطلب ته اديب جي تنها طبع ۽ شخصي لاڙو، اسلوب کي جوڙڻ ۾ گهڻو ڪم ڪري ٿو. هر انسان جي شخصيت الڳ آهي. ان ڪري هر شخص جي گفتگو جو انداز الڳ آهي. ائين ئي هر ماڻهون جي لکڻين جو اسلوب به منفرد هوندو آهي. ان جي لاءِ شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

> "اسلوب جي انفراديت ۽ انحصار سمورو اديب جي پنهنجي شخصيت تي آهي. گفتگو جو دارو مدار به شخصت تي ئي آهي. هڪڙي عالم کان ڪهڙي گفتگو جي توقع رکي سگهجي ٿي، يا فاضل شخص جي ڳالهائڻ جو نوع ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ شاگرد عموماً ڪهڙي انداز سان گفتگو ڪندا آهن. اها شخصيت ئي آهي، جيڪا هر ڪنهن طبقي جي گفتگو جو انداز پيدا ڪري ٿي. نه صرف ايترو، بلڪ ادبي ڪاوش جون سموريون منزلون ۽ مقام به شخصيت ۾ ئي سمايل آهن. مطلب ته اديب جي شخصيت اسلوب تي گهڻي کان گهڻو اثر انداز ٿئي ٿي، جنهنڪري اسلوب کي ڏسي، شخصيت جي مختلف ۽ متضاد پهلوئن کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي آهي." (عرساڻي، 1967: 42)

ڪنهن ليکڪ جي تحرير بنا نالي جي ڇپرائجي ته ان کي پڙهڻ سان ليکڪ جو نالو ذهن ۾ اچي وڃي، ڇو ته شخصيت جو سڌوسنئون اثر تحرير تي پوي ٿو. اديب جي شخصيت تحرير تي گهڻي کان گهڻي اثر انداز ٿئي ٿي. هر تحرير

تي ليکڪ جي ڇاپ هوندي آهي. هر ليکڪ جو پنهنجو تڪيه ڪلام هوندو آهي. ليکڪ ان ڪي تحرير ۾ جاءِ لازمي ڏيندو آهي. اهڙا ڪي خاص اصطلاح، جيڪي سندس سڃاڻپ ڪرائيندا آهن، يا ڪي اهڙا جملا هوندا جن مان اسان ڪي ليکڪ جي خبر پوندي آهي. ليکڪ جي اها تحرير گهڻي ڪان گهڻي جاندار هوندي آهي، جنهن ۾ هو خود نظر ايندو هجي، يا سندس عڪس نظر اچي. هر اديب جي شخصيت سندس تحرير تي حاوي هوندي آهي.

(4) مجاز

لفظ مجاز کي واضح ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ’هڪ جلدي سنڌي لغت‘ ۾ سندس راءِ کي مد نظر رکندي اڳتي وڌنداسين. ڊاڪٽر بلوچ ڪجهه هن ريت معنيٰ ڏني آهي:

”مَجازُ؛ ذ (ع) جنهن جي اصليت نه هجي. حقيقت جي اُبتڙ، حقيقي کان سواءِ استعمال ڪيل ٻي معنيٰ (جنھن اک اصل ۾ چشم آهي، پر مجازي معنيٰ نظر، دور انديشي وغيره).“ (بلوچ، 2006: 609)

مجاز لفظ مان مراد ليکڪ جو منفرد انداز جيڪو سندس شخصيت جي داخلي خوبين کي هڪ روپ ڏيئي نروار ڪري سڀني جي سامهون آڻي. يعني مجاز جي ذريعي ليکڪ استعاري کي پنهنجي فن جي ذريعي استعمال ۾ آڻي ٿو. مجاز جي لاءِ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي لکي ٿو ته:

”ڪنهن لفظ يا جملي کي اهڙيءَ معنيٰ ۾ ڪم آڻجي، جا سندس لُغوي ۽ حقيقي نه هجي، مگر انهيءَ لاءِ ڪو قرينو يعني خاص تعلق موجود هوندو هجي. مثلا ”فلاڻي جون ٻانهون ڊگهيون آهن“_ هن جملي ۾ ٻانهون ڊگهيون“ پنهنجي حقيقي ۽ لغت واريءَ معنيٰ ۾ ڪم آندل نه آهن، بلڪ ”ٻانهون ڊگهيون“ معنيٰ ”وڏي پهچ.“ (سيوهاڻي، 1973: 149)

مٿي ڏنل راين جي روشنيءَ ۾ مجاز جي ذريعي ئي ليکڪ ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪري، پنهنجي خيال جي گهرائيءَ کي بيان ڪري ٿو. يعني لکيک جو داخلي پهلو جيڪو پوءِ خارجي پهلو جي شڪل وٺي سهڻن لفظن جي صورت وٺي سامهون اچي ٿو. ليکڪ جي سوچ جيڪو هو معاشري ۾ ڏسي ٿو ان کي سهڻن لفظن جو ويس پهرائي سماج کي واپس ڪري ٿو. اهو سندس فن تي منحصر هوندو آهي ته ليکڪ ڪيئن پنهنجي تحرير کي ڪامياب بنائي ٿو. مجاز جي لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

”اسلوب سراسر مجاز مان ٺهندو آهي. زبان ۽ لفظن جي ذريعي هڪ قطعي شڪل وٺي ظاهر ٿئي ٿو. مجاز اهو طريقو آهي،

جنهن ۾ اديب مضمون جي رعايت سان لفظن ۽ زبان جو موزون استعمال ڪندو آهي. هن ڪي پنهنجي قدر ڪيفيتن، امنگن ۽ تاثرات کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ تشبيهن، استعارن، ڪناين ۽ رمزن جو به سهارو ورتو پوي ٿو. اهڙي طرح شخصيت ۽ مجاز جي ربط و ضبط مان اسلوب جي تشڪيل ٿئي ٿي، ۽ اهو لفظن ۽ ٻوليءَ جي ويس ۾ هڪ صورت اختيار ڪري بيهي ٿو.” (عرساڻي، 1967: 43)

ليکڪ جڏهن به ڪنهن موضوع تي پنهنجو قلم کڻي ٿو ته، ان جي لاءِ به ڪي قائدا قانون مقرر آهن. مقرر ڪيل قائدن کي نظر ۾ رکي ليکڪ لکندو ته سندس تحرير جو اسلوب تمام گهڻو سهڻو ٿيندو. بي معنيٰ ۽ غير ضروري لفظن کان ليکڪ کي پاسو ڪرڻ گهرجي. زبان، گفتگوءَ جو انداز، شخصيت، مجاز ملي ڪري هڪ بهترين اسلوب کي جنم ڏين ٿا. ليکڪ انهن مان ڪنهن به هڪ کي نظر انداز نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته اهي سڀ سڌي يا اڻ سڌي طرح تي حاوي هوندا آهن. يا ائين چئجي تي اهي ملي ڪري تحرير کي زندگي بخشين ٿا. ليکڪ پنهنجي خيالن کي ايمانداريءَ سان پڙهندڙن تائين پهچائي. ليکڪ کي ٻولي آسان استعمال ڪرڻ گهرجي جو پڙهندڙن کي ڪٿي به مونجهارو نه ٿئي. ان لاءِ غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو ته:

“اديب جا ڪيترا به ڪٿي بلند ۽ اعلي خيال هجن ۽ ڪيترو به ڪٿي سندس جذبات ۾ جوش، فڪر ۾ تيزي ۽ صور يا تخيل ۾ تازگيت هجي ته به هن کي داد حاصل ڪرڻ لاءِ هن خصوصيت جي ضرورت آهي. حسن بياني يا ادائگي هڪ وڏي وٿ آهي، جنهن تي اديب جي شهرت منحصر آهي. تنهن ڪري هن خصوصيت جي اديب کي نهايت گهڻي ضرورت آهي.” (شاهواڻي، 1962: 16)

ليکڪ جي شهرت جو دارو مدار سندس لکڻ جي انداز تحرير تي منحصر هوندو آهي. سندس لکڻ جو اسلوب ٻين ليکڪن جي ڀيٽ ۾ الڳ هئڻ گهرجي. جيڪي جذبا لکڻ وقت ليکڪ جي دل ۾ هجن، پڙهندڙ جي دل ۾ به اهو ساڳيو احساس جاڳائي جيڪي لکڻ وقت ليکڪ جي دل ۾ هيو. هر ليکڪ کي لکڻ جي پنهجي طرز آهي. جيڪا سندس شخصيت جي سڃاڻپ بنجي وڃي ٿي. تشبيهون، استعارا، لفظ، محاورا ۽ اصطلاح اهڙا هوندا آهن. جو سندس تحرير کي نمايان ڪري بيهاريندا آهن. ڪڏهن لکڻ جي انداز مان صحيح ڪري وڃبو آهي، ته هيءَ ڦلاڻي ليکڪ جي تحرير آهي، ڇو ته سندس لکڻ جو انداز ٻين اديبن جي انداز کان الڳ هوندو، جو ان طرز ۾ ٻيو ڪوبه لکي نٿو سگهي. ليکڪ ڪوشش ڪري ته سندس تحرير ۾ ورجاءُ نه اچي. باربار ساڳيا لفظ استعمال ڪرڻ سان سندس تحرير ۾ بوريت ٿي ويندي.

تحرير ۾ ٻوليءَ جي تازگيءَ خاطر نوان نوان لفظ، اصطلاح، استعارن، محاورن جو استعمال ڪرڻ گهرجي.

ڪا ڳالهه ڪرڻ ۽ ان جي بيان ڪرڻ جي طريقي کي اسلوب چوندا آهن. پر هي طريقا آسمان جي تارن وانگر بيشمار آهن. هر ماڻهوءَ جو پنهنجو انداز، پنهنجو طريقو، پنهنجو اسلوب هوندو آهي. البته ڪجهه ڳالهيون گڏيل هونديون آهن. مثال طور: ڪو به دور ۽ سماج اسلوب بيان کي ڪيتري قدر مشترڪ ڪري ٿو، ۽ ان جي وجهه سان اسان ٻن الڳ دورن اسلوب ۾ فرق ڪري سگهندا آهيون. چو ته شخصيت ۾ صرف خاصيت جو ئي دخل نه هوندو آهي. اسلوب جي شناخت ۾ ليکڪ جي شخصيت جو جائزو وٺڻ به ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته اسلوب ئي ليکڪ جي شناخت آهي. اسلوب ڪهاڻي، ناول، ڊرامي انهن صنفن جنهن حقيقت نثر نگار پنهنجي اسلوب سان گڏ نثر جي مختلف ڪردارن جي مزاج ۽ مختلف واقعن ۽ صورتحال جي مطابق نثري اسلوب به بدلجي ويندو، هتي اسلوب جو معيار ائين به مقرر ڪيو ويندو ته مڪالما، بيان، ۽ لفظ ڪنهن حد تائين گڏيل ڪردار ۽ واقعن سان مطابقت رکندا آهن. ان سان گڏ ڪهاڻيڪار يا ناول نگار ڪردارن ۽ واقعن جي پيشڪش جي لاءِ ڪجهه حصن ۾ سڌو سنئون پنهنجي شخصيت کي ظاهر ڪري سگهي ٿو. انهن حصن ۾ ليکڪ جي شخصيت جي ڇاپ واضح ٿيندي. ٻولي ڪٿي کهڙي به سادي هجي، پر اها خاص انداز ۾ نه لکي ويندي ته ان ۾ توازن نه رهندو. هر دور جي لکڻ جو انداز الڳ ٿيندو آهي. ان دور جي مروج انداز ۾ ئي لکڻ گهرجي. ٻولي هڪ جيئري وٿ آهي، جيڪا هميشه ڦرندي گهرندي رهي ٿي. اڳئين دور جي ليکڪن وانگر لکڻ جي ڪوشش ڪبي ته ان تحرير ۾ مزو نه رهندو. هر دور جي ٻولي جي لهجي ۾ ڪجهه فرق هوندو آهي. سياسي، سماجي، تهذيبي، ثقافتي، اخلاقي قدر، تفريحي، علمي، تعليمي، ادبي هر دور ۾ تبديل ٿيندا رهن ٿا. انهن جو اثر ٻوليءَ تي نه به ٿئي ٿو. وقت گذرڻ سان گڏ ٻوليءَ ۾ تبديلي ايندي آهي. اها تبديلي عوام ۽ ادب تي ضرور اثر انداز ٿيندي آهي. مڪيه طور تي ليکڪ جي مجموعي اسلوب بياني هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ضمير متڪلم وارو به هوندو آهي. تمام گهڻ ليکڪ ان اسلوب کي اپنائيندا آهن. علامتي اسلوب تمام گهڻ ليکڪن جي تحريرن ۾ نظر اچي ٿو. جيڪو اسلوب تمام گهڻ نظر اچي ٿو اهو خطابي آهي.

**خطابي اسلوب**

خطابي اسلوب جي ذريعي ليکڪ ڪنهن به ماڻهوءَ جي عقلمندي ۽ بهادريءَ کي خوبصورت بنائي پيش ڪندو آهي. خطابي اسلوب جي ڪري تحرير هڪ منفرد مقام حاصل ڪري ٿي. ليکڪ ڪهاڻيءَ جي ذريعي سماج ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ حالتن کي مشاهدي جي آڌار تي ذڪر ڪندي، ڪردارن جي ڳالهائڻ وارو خطابي اسلوب اختيار ڪندو آهي. خالد محمود لکي ٿو ته:

”شاهي فرمان، بادشاهن جو ڪلام به خطابيه جي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. بهادري، هيرو ازم، جنگ، انقلاب، موت شهادت، يا ٻين ڪيفيتن جو اظهار خطابيه ۾ آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. ان ڪان علاوه مذهبي فرمان ۽ تبليغ پهچائڻ لاءِ به خطابيه ڪي ڪارگر سمجهيو ويندو آهي.“ (خالد، 2014: 132)

ليڪڪ لفظن جي خزاني ڪي پيغام واري اسلوب ۾ ترڪيب سان پيش ڪندو آهي. ان خطابي چيو وڃي ٿو. ليڪڪ خطابي جي ذريعي جيڪو اسلوب اختيار ڪري ٿو . اهو رسمي، عام رواجي، سادو هوندو آهي. افسانوي ادب ۾ خطابي اسلوب پوري طرح تحرير ڪي ڪٽي هلي ٿو. جنهن ۾ طنزيه، رسمي ۽ فني جوهر، فنڪارانه نمونو سادو هجي ٿو. ٻولي ۾ اظهار ڪرڻ جي لاءِ ريتن رسمن، ماحول موجب اسلوب وٺ مختلف طريقا آهن. جن ۾ خطابي اسلوب هڪ اهم طريقو آهي. خطابي اسلوب جي ذريعي ليڪڪ ۽ پڙهندڙن جي وچ ۾ هڪ خاص قسم جي ذهني هم آهنگي هوندي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ليڪڪ خطابي جي ذريعي  واعظ واري اسلوب ۾ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ڪي پيش ڪندو آهي. افسانوي ادب جي ٻين ڪيترين ئي حصن وانگر خطابي اسلوب به اهميت جو حامل آهي. ڪهاڻي يا ناول ۾ خطابي اسلوب جو انداز ليڪڪ تمام گهٺ استعمال ڪندا آهن. امر جليل جهڙي يگاني ليڪڪ وٺ اسان ڪي خطابي اسلوب نظر نٿو اچي. سندس افسانوي ادب بياني ۽ ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ آهي.

**بياني اسلوب**

ناول يا ڪهاڻي يا ادب جي ڪنهن به صنف ۾ بياني اسلوب گهڻو مقبول آهي. ليڪڪ جي ذهن ۾ موضوع ۽ ان جي بياني اسلوب جو تصور تمام واضح هوندو آهي. ڪنهن به وڏي موضوع ڪي مختلف لفظن ۾ بيان ڪرڻ بياني اسلوب جي ذريعي ئي ممڪن آهي. بياني اسلوب جي ذريعي ليڪڪ تفصيلي واقعا شخصيتن جي نفسيات ۽ فلسفي تي هڪ نظر وجهندو آهي. سندس نظر هر واقعي تي هوندي آهي. ليڪڪ افساني يا ناول ۾ موضوع  ۽ ڪردار جي حوالي سان پنهنجي تحرير جو بياني اسلوب تبديل ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار ڳالهائي ٿو ۽ سندس ڳالهه ڏک يا خوشي واري هجي ته ان جو بياني اسلوب ان مطابق هوندو. موضوع ۽ ڪردار جي حوالي سان ليڪڪ ڪي پنهنجو بياني اسلوب جو مواد ۽ موضوع تبديل ڪرڻو پوندو آهي. ڪردار ۽ انهن جو بياني اسلوب  قديم دور ڪان ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ هلندو اچي. ڪهاڻيڪار يا ناول نگار خاص پابندين جو شڪار هوندا آهن. بياني اسلوب جي ذريعي اهڙي تحرير پيش ڪندا آهن. جنهن ۾ ٻوليءَ ڪي سڀ ڪان وڏ اهميت حاصل هوندي آهي. ان جي لاءِ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته:

”بيان“ (Narrative) اهو طريقو آهي، جنهن جي مدد سان ٻولي پنهنجو سچو ڪردار ادا ڪري ٿي. بيان ٻوليءَ جو بنيادي ۽ پهريون وسيلو آهي، بيان جي ٻي خصوصيت اها آهي ته ان ۾ طرز يا ادائگيءَ جو ڪردار شامل رهي ٿو. هر ڪو بيان طرز جو هڪ منفرد نمونو ٿئي ٿو. البت فن ۽ ٽيڪنيڪ جي خيال کان بيان جو تعلق نظم کان وڌيڪ نثر سان آهي.“ (ٻوهيو، 2011: 203،204)

بياني نثر ذريعي سادا لفظ استعمال ڪري ليکڪ تحرير کي خوبصورت بنائي ٿو. ليکڪ جي شخصيت جي ڇاپ ئي اسلوب آهي. نثر نويس پنهنجي شخصيت ۽ ان دور جي ماڻهن جي مزاج مطابق لکندو آهي. جڏهن ته اديب جيڪو ادب تخليق ڪري ٿو. اهو سندس خيال، سوچ، کي سهڻي نموني پيش ڪرڻ، ڪهاڻي يا ناول کي ليکڪ بيان ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ بياني اسلوب گهڻي قدر مقبول آهي. گهڻا ليکڪ ان انداز ۾ لکن ٿا. ڪو قصو يا داستان اهڙي نموني بيان ڪندو آهي، جو پڙهندڙ ان کي پڙهڻ کان بنا رهي نه سگهندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن تحرير مان بياني اسلوب کي ڪڍي ڇڏبو ته اها تحريران گونگي شخص وانگر ٿي ويندي جيڪو نه ٻڌي سگهي نه ڳالهائي سگهي صرف هڪ پتلي جيان هن جهان ۾ زندگي گذاري. ان بيجان جسم جيان ٿي پوندي جنهن تي ماس ته هجي پر منجهس روح نه هجي. بيان جي ذريعي ئي ليکڪ پنهنجي تحرير کي جاندار بنائي ٿو. بيان جي ذريعي ئي اسان جي ٻولي مضبوط ٿئي ٿي. امر جليل جون ڪجهه ڪهاڻيون بياني انداز ۾ لکيل آهن. امر جليل ڪهاڻيءَ اندرا ۾ ڪردار جي واتان هيئن ٿو چورائي ٿو ته:

”ڪڪڙ ٻانگ ڇو ڏيئي رهيا آهن؟ ڇا سونهاري سج جي سواري اچي رهي آهي؟ يقينن هو اچي رهيو آهي ۽ پوءِ، هي بيواهه جي ڏيئي جيان ٽيڪندڙ تارا موڪلائي ويندا. هي جهان ٻه ته هڪ مسافر خانو آهي. جنهن ۾ هڪڙا اچن پيا ۽ ٻيا وڃن پيا. سج جا ڪرڻا ڪهڙا نه موهيندڙ آهن. ڪاش! بيوس جو بخت ٻه هڪوار سونهاري سج جيان روشن ٿئي.“ (جليل، 2012: 150)

هيءَ ڪهاڻي ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ آهي. هي هڪ نئون اسلوب امر جليل اختيار ڪيو آهي. سندس هن ڪهاڻيءَ ۾ شروع کان پڇاڙيءَ تائين ليکڪ جو اسلوب ضمير متڪلم وارو آهي. ليکڪ پاڻ ڳالهائي ٿو سمورو قصو پاڻ بيان ڪري ٿو. ليکڪ پنهنجو قصو پاڻ بيان ڪري ٿو، پر وٽس ان قصي کي بيان لاءِ لفظن جو اڻ کٽ خزانو آهي، جنهن جي ڪري سندس تحرير ۾ جان اچي ٿي. اهي لفظ ڪڏهن ڪڏهن ليکڪ ضرورت موجب ڪتب آڻي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ جو اسلوب ٻين جي ڀيٽ ۾ نرالو آهي. ليکڪ پاڻ ڪردار آهي، ۽ ٻين ڪردارن جا مڪالما به ليکڪ پاڻ ئي ڳالهائي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ مڪالما مصنوعي آهن.

اهڙو اسلوب ليکڪ تڏهن اختيار ڪندو آهي. جڏهن قصو پاڻ بيان ڪري نه ته اهو ڪم ڪردار ڪندا آهن. ليکڪ بياني اسلوب ڪي خاص مقصد، ڪارڻ ۽ معنيٰ ڏيندو آهي. سوالن جي ذريعي ئي ليکڪ ڪردارن کي دعوت ڏيندو آهي. يا ان سوال ڪي، سوال پڇڻ واري انداز ۾ پيش ڪري جواب پيش ڪيو ويندو آهي. مثي امر جليل جي ڪهاڻيءَ مان ڏنل مثال ڪي به سوال پڇڻ ۽ جواب ڏيڻ واري انداز ۾ پيش ڪيو آهي. بياني انداز ۾ ليکڪ ڪڏهن پاڻ ڪردار جو رول ادا ڪندو آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ يا ناول جي ذريعي ڪنهن خاص ڪردار کي پنهنجي مطابق پيش ڪرڻ چاهيندو آهي. ڪهاڻي يا ناول ۾ جتي علامتي اسلوب، خطابي اسلوب اچن ٿا اتي بياني اسلوب جي اهميت کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي. علامتي اسلوب جو سنڌي ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن گهڻ استعمال ڪيو آهي. تمام گهڻ ليکڪن هن انداز ۾ لکيو آهي.

**علامتي اسلوب**

ٻوليءَ جو آڳاٽو طريقو نشان ۽ اشارن واري ٻولي آهي. ان جي سڌريل شڪل علامت ۽ پوءِ اهڃاڻ آهن. جن جي تحرير ٻوليءَ ۾ وڏي اهميت آهي. تحريري ٻوليءَ ۾ ان جي شروعات بي جان شين کان ٿي جن جو آوازن سان ڪو تعلق نه هيو. نشان ۽ اهڃاڻ سوچڻ ۽ ان جو نتيجو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا. علامت نگاري جي ذريعي ادب ۾ ليکڪ اڻ سڌا لفظ استعمال ڪري ٿو. اهي علامتون سندس تحرير جي جان بنجي پونديون آهن. علامت جي ذريعي ئي ليکڪ يا شاعر شين جي تهه تائين پهچندو آهي. علامت جي ذريعي ئي شين جي لڪل حقيقت کي ظاهر ڪري سگهجي ٿو. علامت لفظن جي اندروني معنيٰ کي اجاگر ڪندي آهي. ڏٺو وڃي ته علامت جو دائرو وسيع آهي. تنهن جي باوجود به انهن جا ڪجهه طريقا ئي استعمال ۾ آندا وڃن ٿا. علامت جي ذريعي ئي شاعر ۽ ليکڪ پنهنجي اظهار کي خوبصورت بڻائين ٿا. علامت نگاري ڪا نئين شيءِ نه آهي. ادب ۾ ارتقا کان وٺي هلندي ٿي اچي. جڏهن کان ٻولي ٺهي آهي. ان ۾ علامت نگاري به تڏهن کان وجود ۾ آئي آهي، جيئن مٿي بيان ڪري آيا آهيون، ته لفظ علامت جي ابتدائي صورت آهن. ان مان صاف ظاهر آهي ته ٻوليءَ جي وجود ۾ اچڻ سان ئي علامت نگاري وجود ۾ آئي. ادب ۾ علامت نگاري جي اهميت وري اسلوب بيان سان گهٽي قدر وڌي وڃي ٿي. ڪنهن به تحرير ۾ جي اسلوب نه هوندو ته چڻ ڦڪي پئي محسوس ٿيندي. سنڌي ادب ۾ گهٽو ڪري غريب، ڏتڙيل ۽ پيڙهيل طبقي جي ماٺهن جي دردن کي آندو ويو آهي. ليکڪ پنهنجي خيالن کي علامت جي ذريعي لفظن جو ويس پهرائي پيش ڪري ٿو. سماج ۾ ٿيندڙ وٺندڙ ۽ اٿوٽندڙ واقعن کي به گهٽو ڪري علامت جو ويس پهرائي ٿو، جيئن سندس تحرير مزيدار بڻجي. علامت لاءِ غلام نبي سڌايو لکي ٿو ته:

”علامت اظهار جو اسلوب آهي جنهن ۾ لکل خيالن ۽ تصورن جو هڪ نه ڪٽندڙ سلسلو هوندو آهي، ۽ ان جي حيثيت هڪ مستقل ۽ آزاد ورتاءُ واري هوندي آهي. ڪنهن به مخفي خيال کي سواءِ علامت کي پيش ڪري ڪو نه سگهبو. تنهن ڪري ادب ۾ علامت جي حيثيت مجيل ۽ هڪ ٺوس حقيقت بڻجي چڪي آهي“. (سڌايو، 1992: 60)

مقصد جي لحاظ علامت جو دائرو وسيع آهي. ماڻهن جا عمل علامتن جي ذريعي ئي ظاهر ٿين ٿا. جيڪو انسان سوچي ٿو. ان تائين حقيقي رسائيءَ جو ذريعو علامتون آهن. ليکڪ يا شاعر هميشه علامتن کان ئي ڪم وٺندا آهن. سماج ۾ جيڪي تبديليون اچن ٿيون. ليکڪ انهن کان واقف هوندو آهي. اهي عام ماڻهن کان وڌيڪ ليکڪ تي اثر انداز ٿين ٿيون. پنهنجي احساس، خيال، سوچ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ليکڪ کي علامتي ٻولي جو استعمال ڪرڻو پوندو آهي. ليکڪ پنهنجي خيالن جي ذريعي ڪردار تخليق ڪري ٿو. پوءِ اهي ڪردار سوچين ٿا، ڪائين پين ٿا، هلن گهمن ٿا، اهي ڪردار حقيقي نه بلڪ علامتي هوندا آهن. ليکڪ پنهنجي تحرير ۾ جيڪي لفظن جو استعمال ڪري ٿو، اُهي علامتون هوندا آهن. ان جي لاءِ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو ته:

”انساني زندگي علامتن جو پنڊار آهي ۽ علامتون ٻولي جي ابتدائي صورت جو نالو آهن. جيڪي ڪنهن شيءِ يا واقعي جي ظاهر ٿيڻ سبب انساني شعور تي اڪري ويون هونديون ۽ شين واقعن کي ڪو نالو ڏيئي علامتي طور تي ظاهر ڪيو هوندو. شروعاتي دور جو انسان جهنگلي زندگي گذارڻ جو عادي هو. هن کي پنهنجي ارد گرد هر قسم جا حيوانات، نباتات، حشرات ۽ جمادات پکڙيل نظر آيا. هو پاڻ کي پڻ انهن کان ڌار ڪو نه سمجهندو هو. پر جڏهن کيس شعور جي روشني سان آراسته ڪيو ويو تڏهن بتدريج ترقي جون منزلون طئه ڪندو زندگيءَ جي هر ميدان تي پنهنجي فن ۽ فڪر کي ظاهر ڪندو رهيو.“ (سڌايو، 1992: 29،30)

علامتن جي ڪري ئي ٻولي وسيع ٿئي ٿي. ليکڪ جيڪي ڪجهه لکي ٿو. اها شاعري هجي يا افسانو، ناول، يا ڊرامو هجي. ان ۾ جيڪي ڪردار تخليق ڪري ٿو اهي، علامتي به هجن ٿا. اهو سندس خيال هوندو آهي. جنهن کي هو پيش ڪري ٿو. ليکڪ پنهنجي خيالن کي لفظن، اصطلاحن، پهاڪن، محاورن، مڪالمن جو روپ ڏيئي ڪردار جي واتان چورائي ٿو، اصل ۾ اهي علامتون ئي هوندا آهن. سنڌي ادب ۾ علامتي انداز ۾ ڪنهن به ليکڪ جون ايتريون ڪهاڻيون نه آهن، جيتريون امر جليل جون آهن. امر جليل وٽ علامتي ڪردار گهڻا آهن. سندس ڪهاڻي ”عظمت جو ثبوت“ ون يونٽ واري دور جي عڪاسي

ڪري ٿي. ”جلا وطن“ علامتي انداز جو بهترين مثال آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻه ون يونٽ جو منظر پيش ڪيل آهي. سندس ڪهاڻي ”مٽيءَ جا ماڻهون، ڪپيل ٻانهن جو وارث“ ڪيترين ئي علامتي شين ڪي گڏ ڪنيو آهي. ڪهاڻي ”صدين جو سوداءُ“ هيءَ ڪهاڻي محبت تي پئسي کي ترجيح تي لکيل آهي. ”اسٽار سرڪس جو جوڪر“ امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي علامتي ڪهاڻي آهي. هن جا ڪردار علامتي آهن. هن ۾ امر جليل غريب ۽ بيوس ماڻهن جي لاچاريءَ جي عڪاسي ڪري ٿو. ”ٽين دنيا“ امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي عنوان مان ئي ڏکن ۽ تڪليفن جي عڪاسي ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل غلام قومن جي عڪاسي ڪئي آهي. ”تاريخ جو ڪفن“ هن ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل اهڙي واقعي کي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جيڪو هن وقت اسان جي سماج ۾ ناسور بڻيل آهي. ”عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا“ هيءَ ڪهاڻي جنگ جي پسمنظر ۾ علامتي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ محرم عليءَ جو ٻنا سسيءَ جي لاش کي دفن ڪيو وڃي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻي ”پنجين موسم“ ٻه علامتي ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ سماج جي انهن ڪردارن تي طنز ڪيو آهي، جيڪي طاقتور هوندي ٻه ملڪي حالتن جي سامهون جهڪي ويندا آهن. اهي شينهن هوندي ٻه گدڙ واري زندگي گذاريندا آهن. ”پڪي“ ٻه علامتي ڪهاڻي آهي. جيڪا قوم کي شعور ڏيڻ جي لاءِ لکي اٿس.

علامتي ڪهاڻين ۾ ڪردار جيڪا ٻولي استعمال ڪندا آهن. ان جو اسلوب گهڻو اهميت جو حامل هوندو آهي. گهڻي قدر ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار ٻه علامتي ٿين ٿا. ليکڪ انهن کي نالو ڏئي ٿو جيئن انهن جي اردگرد وارو ماحول ۽ سماج ٻه علامتي هوندو آهي. ليکڪ جيڪو سوچي ٿو، ان کي علامتن جي وسيلي حقيقي روپ ڏيئي ٿو. اصل ۾ انسان جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿو اها ٻه علامتي آهي. ڇو ته جڏهن اسان چئون ٿا ته چنڊ يا گل ته اسان جي ذهن ۾ ڪنهن ٻه هڪ خوبصورت شيءِ جو تصور جُڙي ٿو. ائين ئي سڀني شين جا نالا علامتن وسيلي ئي ونون ٿا.

ٻولي اظهار جو ذريعو آهي. انسان جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿو. ان جو استعمال گهڻي قدر علامتن جي ذريعي ٿئي ٿو. انسان کي جيئن شعور آيو سمجهه آئي ان ڳالهائڻ شروع ڪيو ٻولي ٺاهي، ٻولي جي اظهار لاءِ علامت جو استعمال ڪيو. انسان جيڪي شيون ڏٺيون انهن جا نالا ورتا اها ٻه هڪ علامت هئي. مثال طور: دنيا ۾ ڪيترا انسان آهن جن جا نالا هڪجهڙا آهن، انهن جي سڃاڻپ علامت جي ذريعي ئي ٿئي ٿي. ڇو ته انهن انسانن مان هر هڪ جي عادت، شڪل مختلف ٿئي ٿي. ائين ئي ٻوليءَ جي شروعات علامتن ڪان ئي ٿي آهي.

ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ٻوليءَ جي شروعات علامتن ذريعي ئي ٿي آهي. انسان علامتن ذريعي ئي شين کي سڃاڻڻ شروع ڪيو.

ائين به چئي سگهجي ٿو ته ٻولي علامتن جو پندار آهي. منهنجي خيال موجب جيڪڏهن ٻوليءَ مان علامت کي ڪڍي ڇڏبو ته هڪ گونگي شخص وانگر ٿي ويندي. جيڪو شين کي ڏسي ته سگهي ٿو، پر انهن جا نالا جيڪي اسان علامتن جي ذريعي سمجهون ٿا ڪيئن سمجهائي سگهندو. ٻوليءَ ۾ لفظن جو استعمال به علامت آهي. ٻوليءَ ۾ جيترا به لفظ آهن انهن کي اسان علامت ڪوٺي سگهون ٿا. غلام نبي سڏايو لکي ٿو ته:

”علامت نگاري ادب جو اهو اظهاري وسيلو آهي جنهن ذريعي شاعر ۽ پڙهندڙ جي وچ ۾ معاهدي مطابق هڪ خاص مقصد لاءِ اڻ سڌا لفظ علامتي ۽ اصطلاحي اظهار لاءِ جائز سمجهيا ويندا آهن.“ (سڏايو، 1992: 48)

علامت اها آهي، جيڪا ڪن ٻين شين طرف اشارو ڪري، علامت جي دائري ۾ معنيٰ تبديل ٿي سگهي ٿي. جهڙي علامت جي حالت هوندي اهڙي علامت جي معنيٰ نڪرندي. علامت جي ذريعي اسان کي شين جي وجود جي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. اهڃاڻن جو بنياد به اشارن تي آهي. اشارا ڳالهائڻ واري ٻوليءَ ۾ اهميت رکن ٿا ۽ اهڃاڻ لکيل ٻوليءَ ۾ وڏي اهميت وارا آهن. اهڃاڻ جو بنياد نشان آهن. علامت ۾ معنيٰ تبديل ٿي سگهي ٿي، پرنشان ڪنهن به شيءِ جو هڪ ٿي سگهي ٿو. علامت جي ذريعي اسان کي ٻين شين جو علم ملي ٿو. اهڃاڻ ڪنهن به هڪ شيءِ جي نمائندگي ڪندا آهن، يا ان شيءِ جي جاءِ تي ڪم آڻي سگهبا آهن. نشان وري ائين آهن. جيئن ماضيءَ ۾ ڪا شيءِ يا ڪو وٽندڙ يا اڻ وٽندڙ واقعو اسان تي سٺو يا خراب اثر ڇڏي ٿي، اهو اسان جو نشان بڻجي وڃي ٿو. ان جي لاءِ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته:

”هر ڪو لفظ هڪ علامت آهي، پر اهو لفظ ڪن حالتن ۾ نشان آهي، ڪن حالتن ۾ علامت ۽ ڪن حالتن ۾ اهڃاڻ. هن طرح وري لفظ جا ٽي دائرا ٿين ٿا. نشان واري دائري ۾ اهو فقط هڪ ئي هڪ معنيٰ ڏئي ٿو_(ڪنڌ معنيٰ ڪنڌ). علامت واري دائري ۾ اهو اها معنيٰ ڏئي ٿو، جيڪا سندس حالت ڪانئس طلب ڪري ٿي. جيئن اسان پاڻ ۾ ائين آهيون، جيئن کير ڪنڊ“. ”اسان پاڻ ۾ کير ڪنڊ آهيون“ هي به جملا ظاهر ۾ توڙي جو هڪ ئي معني ڏين ٿا، پر اصل ۾ انهن ۾ ”ڪنڊ“ لفظ جون حالتون جدا جدا آهن، ۽ ان ڪري ”ڪنڊ“ هڪ علامت جي حيثيت ۾ به مطلب جدا جدا ڏئي ٿي. پهرئين جملي جو مطلب آهي ته ”اسان هڪٻئي کان جدا نه آهيون“ ۽ ٻئي جملي جو مطلب آهي ته ”اسان جا هڪٻئي سان تعلقات تمام سٺا آهن“. (ٻوهيو، 2011: 339،340)

علامت جي ڪري ئي ٻوليءَ ۾ وسعت اچي ٿي ڇو ته ان جي ڪري هڪ ئي شيءِ کي ڪيترا نالا ڏئي سگهون ٿا ڪنهن به هڪ شيءِ کي هميشه هڪ نالي مان اسان بور ٿي ويندا آهيون. علامت نگاري جي ڪري اسان ان ۾ وڌيڪ سونهن پيدا ڪندا آهيون. علامت جي ذريعي شين ٻين نالن سان سڏيو وڃي ٿو. ادب ۾ ليکڪ لفظن کي علامتي صورت ڏيئي انهن ۾ اسلوب جي ذريعي سونهن پيدا ڪري ٿو. علامت جي ڪري ئي اسان شين ۾ فرق ڪيون ٿا. ادب ۾ علامت جو استعمال نثر کان وڌ نظم ۾ ٿيو آهي.

**سنڌي نثر ۾ اسلوب جي ارتقا**

اسان جو موضوع جيئن ته اسلوب آهي. تنهنڪري اسان شروعاتي دور جي افسانوي ادب جي اسلوب تي نظر وجهنداسين هتي اسان کي سنڌي نثر ۾ جيڪا اسلوب جي ارتقا ٿي، ان جو جائزو وٺڻو آهي.

انگريزن جي دور 1853ع ۾ سنڌي الف ب ٺهي راس ٿي. سنڌي ادب ۾ ڪافي ڪتاب به ڇپرايا ۽ ترجمو ڪيا ويا. انگريزن جو دور سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ سٺو ثابت ٿيو ڇو ته ان کا پهريان سنڌي ادب ايتري ترقي نه ڪئي هئي. انگريزن جي دور کان پهرين فارسي زبان کي دفتري ٻوليءَ جو درجو حاصل هيو. انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ جو درجو مليو ته سنڌي نثر جا ڪافي ڪتاب تحرير ٿيا. ڪيترائي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا ويا. انگريزن جي دور ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا ويا، اُهي صرف تعليم جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ لکيا ويا. تنهن کان پوءِ جيڪي ڪتاب لکيا ويا انهن ۾ گهڻا قصن ڪهاڻين جا هئا. جيڪي ٻين ٻولين عربي، فارسي، انگريزي، هنديءَ تان ترجمو ٿيل هئا. سنڌيءَ ۾ پهرين ڪهاڻي سورٺ راءِ ڏياچ جي جيڪا جارج اسٽئڪ جي گرامر واري ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل هن ڪهاڻيءَ مان سندس قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ آيل ڪهاڻي جيڪا "شهزادي املهه ماڻڪ ۽ شهزادي حسن پريءَ جي آکاڻي" مان هتي هڪ مثال ڏجي ٿو:

> "انئين پڇي اتانهون هليا، سي پنهنجي اوتاڪ (اوطاق) تي آيا. ته امُل ماڻڪ پاتشاهه ڦڪير (فقير) کي ارج (عرض) ڪئو، ته سائئين، جي تون ڪامل ڦڪير (فقير) جربت وارو آنهين، ته مون کي دعا ڪر، آنئون اها پرڻيان. "پوءِ ڦڪير (فقير) چئس، اها تو کي خدا تعاليٰ ڏئاري." (اسٽئڪ، 2011: 136)

مٿئين مثال مان صاف ظاهر آهي. منشي اڌارام جي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جي اسلوب کي سمجهڻ ۾ مشڪل ٿئي ٿي. ڪهاڻيءَ جي لفظن کي سمجهڻ ۾ گهڻي مشڪل ٿئي ٿي. پڙهندڙ ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ دوران مونجهاري جو شڪار ٿئي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ گهڻا مشڪل لفظ استعمال ڪيا آهن. جيئن

ليڪڪ تي پنهنجي ماحول جو اثر هوندو آهي. سندس تحرير به ان موافق هوندي آهي. سنڌي الف ب جي ٺهڻ کان اڳ لکيل هن ڪهاڻيءَ مان اسلوب جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ديوان نديرام جي ترجمو ڪيل ”ايسپ جو آکاڻيون“ جيڪو سال 1854ع ۾ شايع ٿيو. تنهن کان پوءِ غلام حسين قريشي1854ع ۾ ”پنهنجي زميندار جي ڳالهه“ ترجمو ڪئي، جا پنڊت بنسي ڌر جي هندي قصي تان ورتل هئي. تنهن کان پوءِ سيد ميران محمد شاهه ”سڌاتوري ڪڌاتوري“ جي ڳالهه هندي قصي ”سبودي ڪبودي“ تان ترجمو ڪئي. جيڪا 1855ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ظاهر ٿي، تنهن کان پوءِ ساڳئي ليڪڪ جو ”مفيدالصبيان“ 1861ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ وقت انگريزن جي دور ۾ نثر جا چند ليڪڪ جن جا نالا آهن. قاضي غلام حسين قريشي، سيد ميران محمد شاهه، ديوان نديرام ميراڻي، منشي اڌارام ٿانورداس، پريداس، آخوند عبدالرحيم وفا عباسي، صادق علي بيگ، ديوان ڪيولرام سلامتراءِ، قاضي غلام علي، مرزا علي رضا، مرزا قليچ بيگ، لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي، امر لعل هنگوراڻي، جيٺمل پرسرام گلراجاڻي، نادر بيگ مرزا، عثمان علي انصاري، سوڀو گيانچنداڻي جا نالا قابل ذڪر آهن. جن انگريز دور ۾ سنڌي ادب کي عروج تي پهچايو.

### انگريز دور ۾ اسلوب

هتي اسان انگريزن جي دور ۾ اسلوب جي ترقيءَ تي سرسري نظر وجهنداسين. اسلوب جي ذريعي ئي اسان ان دور جي ٻوليءَ جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. هن دور ۾ ادب جي باقاعده شروعات ڪرڻ جو سهرو قاضي غلام حسين جي سر تي آهي. اچو ته ان دور جي اسلوب تي سرسري نظر وجهون.

غلام حسين قريشي 1854ع ۾ ”پنهنجي زميندار جي ڳالهه“ ترجموڪئي، جا پنڊت بنسي ڌر جي هندي قصي تان ورتل هئي. جنهن کي بنيادي ڪهاڻي ڪري ڄاتو وڃي ٿو. ان ۾ سندس اسلوب جو جائزو وٺڻ لاءِ ان جو ننڍڙو مثال هت ڏجي ٿو:

> ”هڪڙي مند پنهنجي زميندار پنجن جريبن ڌرتي جو پٽو اوپائي کي لکي ڏنو. اوپائي اُڪاڙ جي مهني ۾ هيڪڙي ڏينهن هر ۽ ڍڳا ڳنهي وڃي ٻني کيڙي. تا ماٺيلي جي ماڻهن جي ويري ۽ جهڳڙائي هئا، ڏنو ته اوٻاوڙي جو زميندار اسان جي دنگ جي پاسي ۾ڦٽل زمين ٿو کيڙي. اُهي کاڻا ۽ ڊنا ته متان اوٻاڙي جو زميندار کيڙيندي کيڙيندي اسان جي ڌرتي پڻ کيڙي وڃي. نيٺ سپني مِڙي سِڙي ٻنيءَ وڃي اوپائي کي ماري ڪٽي پڃايو ۽ ان کي هيڪلو ڏسي ڊيڄاريائون ته جي وري تون ڪڏهن هيءَ ٻني کيڙيندين، ته تو کي لٺيون هٽي هٿ پير پڇي ڇڏينداسون. هاڻ اُتان اوپايو گهوڙا گهوڙا ڪندو پڳو ويو“ (ملڪاڻي، 1993: 39)

غلام حسين قريشي جي قصي جو اسلوب سادو آهي، سندس اسلوب ۾ اها رواني آهي، جيڪا نثر ۾ هئڻ گهرجي، پين ليڪڪن وانگر پراڻا لفظ هن به استعمال ڪيا آهن. قاضي غلام حسين جي ترجمي ۾ رواني ۽ شيريني آهي. پاڻ ٻولي نهايت آسان تحرير ڪئي آهي. توڙي قصي ۾ رواني اسلوب فصيح آهي. آڳاٽي لکڻين جي لحاظ سان سندس اسلوب گهڻي پاڱي بهتر آهي.

تنهن کان پوءِ سيد ميران محمد شاهه "سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري جي ڳالهه" جي ڳالهه هندي قصي "سبودي ڪبودي" تان ترجمو ڪئي. جيڪا 1855ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ظاهر ٿي. ميران محمد شاهه جيڪو نثر لکيو، ان جي ٻولي سادي هئي. پنهنجي دور جي سنڌي ادب ۾سندس نثر جو چڱو حصو آهي.

"انگلستان ولايت ۾ آڳاٽو ڪي ماڻون جي ڳالن ۾ ڏاها هوندا هئا، سي پڻ علم نجوم جي ڪي مجيندا هوا يعني سيارن جي ڦرڻ کان ماڻن جي پاڳ جو حال پروڙيندا هوا، پوءِ جيئن ته سهائيءَ جي اچڻ کان اونداهي کي وڃائيندو آهي، تيئن علم هيئت جو علم نجوم کي کوڙو ڪيو، هاڻي ڪوئي ڏاهون ان تي ويساهه ڪو نه ڪندو آهي" (عرساڻي، 1968: 123)

ميران محمد شاهه جي هن تحرير کي پڙهڻ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، سندس اسلوب کي سمجهڻ ۾ مشڪل ٿئي ٿي. ان ڪري سندس تحرير کي پڙهڻ ۾ اها رواني نٿي رهي جيڪا هئڻ گهرجي، جملن جو مطلب صاف ظاهر آهي. سندس انداز بيان ۾ جيتوڻيڪ سلاست ۽ سادگي موجود آهي، پوءِ به سندس ڳالهه جو اسلوب ور وڪڙ وارو ٿو لڳي. رواني ۾ ڪجهه اٽڪ پيدا ٿئي ٿي. سندس اسلوب بيان گهڻو ڏکيو منجهيل آهي. ميران محمد شاهه پراڻا لفظ ڪتب آندا آهن. جنهن ڪري اسلوب جي رواني ختم ٿي ويئي آهي. اسلوب جي ڪچاڻ ڦڪاڻ هوندي به مٿي ذڪر ڪيل ٻه قصا افسانوي ادب جي پيڙهه جو پٿر آهن.

ديوان ننديرام ايسپ جون آکاڻيون ۾ ڪهاڻي لکي جيڪا اسلوب ڪچي ڦڪي ۽ منجهيل جملن واي آهي. منشي اُڌارام ٿانورداس جو درجو ڪيتري قدر بلند آهي. "ونهين ۽ ولهي جي آکاڻي" "طوطي نامون"، وغيره، سندس تصنيفون آهن. منشي اڌارام جي ٻولي سنڌي عام ڳالهائڻ واري محاوري ۾ هئي. سندس تحريرن جو اسلوب پهرين وارن ليکڪن کان گهڻي قدر بهتر آهي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ليکڪن جي ڪهاڻين ۾ اسلوب به تبديل ٿيندو رهيو آهي. آخوند عبدالرحيم، گربخشاڻي جهڙن ليکڪن جي تحريرن جو اسلوب بهترين آهي. تنهن کان پوءِ ڪافي عرصو سنڌي ادب طبعزاد يا ترجمي جي صورت ۾ ايترو اڳتي نه وڌيو. ڪن مخصوص خاصيتن جي ڪري هر دور جي ادب جو اسلوب ان کي ٻئي دور کان الڳ ڪري بيهاريندو آهي. ان جي ڪري ئي اسان

کي هر ادبي دور کي الڳ ڪرڻ ۾ مشڪل نه ٿيندي آهي. هر دور جي ماڻهن جي ٻولي ڳالهائڻ لکڻ ۾ فرق هوندو آهي. تنهن ڪري ان جي دور جي ليکڪ تي به ان جو اثر نمايان نظر ايندو آهي. هتي اسان چند ليکڪن جي اسلوب جو جائزو وٺندي پنهنجي موضوع کي اڳتي وڌائينداسين. شروعاتي ڪهاڻين جي اسلوب ۾ ڪيترين ئي اوڻايون نظر اچن ٿا.

1914ع ۾ جڏهن ماهوار رسالا نڪتا تڏهن انهن ۾ ڪجهه اصلوڪيون ۽ ڪجهه ترجمي واريون ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون. انهن ۾ پهرين لعلچند امرڏنومل جي طبعزاد ۽ شاهڪار ڪهاڻي " حرمکيءَ جا " 1914ع ۾ ڇپي. "ننڍڙي نئنا" ۽ "مون به سنگتيءَ ۾ ڪي ته ڏٺو" مهراڻ ۾ ڇپيون.

مطلب ته سنڌي ڪهاڻيءَ جي باقاعده شروعات 1914ع کان ٿي آهي. ان جي لاءِ لعلچند امر ڏنومل جڳتياڻيءَ جي تحرير جو اسلوب جي حوالي سان جائزو پيش ڪنداسين. لعلچند امر ڏنومل جڳتياڻي جي "حر مکيءَ جا" جيڪا 1898ع ۾ لکي پر 1914ع ۾ ڇپي. هيءَ تاريخي ڪهاڻي آهي. جيڪا مسلمانن جي سماجي حالتن تي منحصر آهي. هن ڪهاڻيءَ جي باري ۾ منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:

> "هيءَ تاريخي کوجنا واري آکاڻي هئي جنهن ۾ جهونن سنڌي مسلمانن جي پنگتي حالتن جون ڪافي جهلڪيون هيون." (ملڪاڻي، 1993: 46)

لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي جي هيءَ ڪهاڻين انگريزن جي دور ۾ پهرين طبعزاد ڪهاڻي آهي. پاڻ ڪهاڻيءَ جو اسلوب سهڻو رکيو اٿس. هن ڪهاڻيءَ جي ذريعي ئي هڪ نئين دور ۽ اسلوب جو آغاز ٿيو. سندس ڪهاڻيءَ "حر مکيءَ جا" مان هت مثال ڏجي ٿو:

> "پيرو بدن جو ڳورو، ٿلهو متارو پربت جهڙو مڙس هو، تنهن کي ٿاڦيائون سندس وزير. خميسو ٿيو ڪوٽوال، باقي ٿيا دربار جا امير اُمراءَ.
>
> پوءِ ته سهي سنبهي، گهوڙا پلاڻي، اچي چٽل پرڳڙيءَ جا رهواريءَ ۾ مهمان ٿيا؛ ۽ سندس در تي "دم الحق" جو نعرو جو نعرو هنيائون. رواجي چورن وانگر روپوش ٿي، بوڪانيون ٻڌي، رات جو ڪاريءَ ٻاٽ ۾ ڪين آيا." (شورو، 2017: 43)

لعلچند امر ڏنومل جڳتياڻي وٽ هڪ خاص اسلوب آهي. سندس تحرير کي پڙهڻ سان ان جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، لعلچند امرڏنومل جو اسلوب نهايت سليس ۽ سمجهه ۾ اچڻ وارو آهي. تشبيهه جي استعمال به

سندس اسلوب کي سگهارو بنايو آهي. وٽس ٻولي نج آهي ۽ اصطلاحن جو استعمال به موقعي جي حساب سان سندس تحرير ۾ تمام گهڻو ٺهڪي ٿو. سندس زبان آسان آهي جو سندس تحرير کي پڙهڻ ۾ ڪا به مشڪل نٿي ٿئي. پاڻ حرن جي وطن جي لاءِ قربانيءَ جي سهڻي نموني عڪاسي ڪئي آهي. سنڌي ادب جيئن ترقي ڪئي. وقت جي تبديليءَ ڪري اسلوب به ٿيندو رهيو. سندس اسلوب ۾ ترقي ايندي وئي. سندس هن ڪهاڻيءَ جو شمار مزاحمتي ادب ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. اسلوب جي حوالي سان سندس ڪهاڻين کي بهترين ڪهاڻين ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

ان کان پوءِ 1923ع ۾ جيٺمل پرسرام جو ”چمڙا پوش جون آکاڻيون“ ڇپيو. تنهن کان پوءِ پيرومل مهر چند آڏواڻي، آسانند مامتوراءِ، جيٺمل پرسرام، نادر بيگ مرزا، ۽ عثمان علي انصاري، هنن اديبن ڪهاڻيون لکي سنڌي ادب کي چار چنڊ لڳايا. ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ليکڪ هئا. جن ڪهاڻيون لکيون. جن جا موضوع گهڻو ڪري ٻي جوڙ شادي، ڏاج جي ڏيتي ليتي، زميندارِي ظلم خلاف، ۽ ڳوناڻي زندگيءَ ۽ گهريلو ماحول جي باري ۾ هوندا هئا.

1923ع ۾ جيٺمل پرسرام جو ڪتاب ”چمڙا پوش جون آکاڻيون“ ڇپيو. جنهن ۾ اهي آکاڻيون جيٺمل پرسرام پنهنجي تجربي جي بنياد تي لکيون آهن. جن ۾ هن صاحب سماجي مسئلن کي سامهون آندو آهي. سماج ۾ جيڪو وهيو واپريو پئي، ان تي گهري نظر وڌي اٿس. مُلن ۽ پنڊتن جي حقيقت کولي بيان ڪئي آهي. سنڌي سماج ۾ جيڪي ٻي جوڙ شاديون ٿين ٿيون. انهن سماجي پهلوئن کي به پنهنجي ڪهاڻين ۾ آندو آهي. ڌوتيون جيڪي عورتن کي ورغلائين ٿيون. جن جي ڪري ڪيترا ئي گهر تباهه ٿين ٿا. انهن تي پڻ پنهنجي قلم جي ذريعي روشني وڌي آهي. هر طرح جي مسئلن تي نظر وڌي اٿس. سماج جي ڪيترن ئي پس پرده رازن تان پردو کنيو آهي. جيٺمل پرسرام جي ڪهاڻين ۾ اسلوب پهرين وارن ليکڪن جي ڀيٽ ۾ ڪافي بهتر آهي. سندس ڪهاڻي ”ننگن چمن“ ۾ سماج تي ڪڙي تنقيد ڪئي آهي. جيڪي مرد ۽ عورتون سماج ۾ جيڪي ڪڌا ڪم ڪن ٿا. انهن کي ڪهاڻين ذريعي منظر عام تي آندو آهي.

> ”جيئن سرڻ کي مٿان ئي معلوم ٿيندو آهي ته گوشت جي سڌي فلاڻي هنڌ آهي، تئين منهنجي نڪ کي به سونجهه ڪرڻ ڪري اهڙي طاقت حاصل ٿي آهي، جو مونکي هڪدم اخلاقي خوشبو ۽ بداخلاقي ۽ بداخلاقي بوءِ پهچيو وڃي.“ (گلراجاڻي، 1923: 3)

هن ڪهاڻيءَ ۾ جيٺمل صاحب جو اسلوب تمام گهڻو سڌو آهي. مٿي ڏنل مثال مان ثابت آهي ته جيٺمل صاحب جو ڪنهن به ڳالهه کي پيش ڪرڻ جو اسلوب پنهنجو آهي. سندس لفظن جي چونڊ اهڙي آهي جو ڪهاڻي پڙهڻ

۾ ڪٿي به مشڪل پيش نٿي اچي. ليکڪ پنهنجا خيال سهڻي نموني پيش ڪيا آهن. سندس طرز ادا تمام گهڻي سهڻي آهي. هن تصوراتي ادب کان نڪري ڪري سماجي حقيقت کي پيش ڪيو آهي. سندس مشاهدو آهي، جو هو سماج جي هر هڪ شيءِ تي نظر وجهي ٿو.

”فلاڻا، ڪنن هوندي ٻوڙو ٿي گذار، اکين هوندي انڌو ٿي گذار، مطلب ته ” سمن ٻڪمن ” ٿي دنيا جا چار ڏينهن ڪاٽ.“ (جيٺمل، 1923: 5)

جيٺمل پرسرام جو اسلوب نهايت سهڻو آهي. سندس زبان سادي آهي. سندس شخصيت نرالي آهي. جيٺمل صاحب جو سنڌي نثر جي واڌاري ۾ چڱو حصو آهي. پاڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ڪم آندا اٿس نڪي پراڻا لفظ جيڪي اسلوب کي وچايو ڇڏين. سندس انداز بيان ۾ فصاحت، سلاست، سادگي، رواني ۽ جدت آهي. سندس اسلوب ان کان پهرين واري ليکڪن جي ڀيٽ ۾ نهايت سليس آهي. ليکڪ جو انداز بيان ٻين کان مختلف آهي، ڇو ته ليکڪ سماج ۾ ٿيندڙ هر خراب واقعي کي پنهنجي انداز سان پيش ڪيو آهي. ”آفت جي آڪاٽي“ ڪهاڻيءَ ۾ جيٺمل پرسرام سماج جي ڪڌي ڪم ڪرڻ وارين عورتن تي تنقيد ڪئي آهي. جيڪي نيڪ ۽ عزت واري گهرن جي عورتن کي ڦاسائين ٿيون. ان ڪهاڻيءَ ۾ سندس اسلوب نهايت صاف آهي. جو ليکڪ وٽ لفظن جي کاڻ آهي. جنهن کي هو استعمال ڪري ٿو، ۽ نهايت سهڻي نموني خاص اسلوب ذريعي پڙهندڙن تي اثر وجهي ٿو.

”مون چمڙا پوشي انهن ڳالهين جي کوجنا لاءِ اختيار ڪئي آهي. مونکي معلوم ٿيو آهي ته هت ڪو وڏو مانڊاڻو بدمعاشن جو منڊيل آهي. مڇين کي تيل لايو، لچ پنهنجي لچائيءَ ۽ پيسن تي پاڙيو ڪيترائي آر ڪم پيا ڪن. آهي ڪو جاچڻ جوچڻ وارو“. (جيٺمل، 1923: 10،11)

جيٺمل صاحب جون ڪهاڻيون پنهنجي دور ۾ اسلوب جو بهترين مثال آهن. منجهن نصيحت آهي. ٻاون ۽ ملن تي ڪڙي تنقيد ڪئي اٿس ڪهاڻيءَ جي نالي مان ئي اندازو لڳايو ” ٻائوشيطاني داس ” ان ڪهاڻيءَ ۾ سندس اسلوب اهڙو سهڻو آهي. سماج جي هر رخ کي ايمانداريءَ سان بيان ڪيو آهي. جو سندس ڪهاڻين ۾ محاورن جواستعمال نهايت سهڻو نظر اچي ٿو. جيٺمل پرسرام صاحب جي ڪهاڻين جو پهريون طبعزاد مجموعو آهي. جنهن جو اسلوب نهايت سهڻو آهي. ڪهاڻين ۾ رواني آهي.

امرلعل هنڱوراڻيءَ جو نالو ورهاڱي کان اڳ وارن چند اهم ليکڪن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻي ”ادو عبدالرحمان“ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي. جيڪا ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ڪئي وئي آهي. ان مان صاف ظاهر آهي، ته

هن ڪهاڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ داد ماڻيو تڏهن ٻين زبانن ۾ ترجمو ٿي. سندس ڪهاڻي مان هتي اسلوب جو هڪ مثال ڏجي ٿو:

> ”جي چوان ٿو ته مسلمان، ته هندو ڪندا دل ۾، سچ ڪري چئه. اڙي ادا عبدالرحمان ٿوري دير ۾ منجهي پيو آهين. ٻڌائينس ”سچل“ جو گفتو ”هندو مومن نه آهيان جو ئي آهيان سوئي آهيان.“ (هنگوراڻي، 1985: 23 )

هنگوراڻي صاحب وٽ جيڪو اسلوب آهي. اهو پهرين وارن ليکڪن کان وڌيڪ آسان آهي. جو منجهس رواني آهي. ڪٿي به پڙهندڙن کي ڪهاڻي مونجهائي نٿي. سندس ٻولي سادي ۽ سليس آهي. هنگوراڻي جي تحرير ۾ هندي ٻوليءَ جي لفظن جو استعمال گهڻو آهي. عربي ۽ فارسي لفظن جو استعمال به ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ عام جام ٿئي ٿو. جي سنڌيءَ مان اهي لفظ ڪڍي ڇڏبا ته اصلي سنڌي جا لفظ اهڙا آهن. جيڪي هن وقت متروڪ ٿي ويا آهن. امرلعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ادو عبدالرحمان جي لاءِ اي. جي اُتم لکيو آهي ته:

> ”ادو عبدالرحمان، ادبيت، عالمگيريت، جدت ۽ حقيقت جي مڌم ميلاپ سان وقت جي ڪسوٽيءَ تي ڪسجي شاهڪار بڻجي چڪي آهي. اڌ صدي کن اڳ لکيل هي ڪهاڻي اڄ به نت نئين پئي لڳي، جا سنڌي سماج ۾ ڦهليل بي انصافي، ٻهروپ، پاکنڊ، ڏاڍائي جي اوگهڙ جو نئين ٽيڪنيڪ ۾ ڪلاڪاري وارو چٽر پيش ٿي ڪري.“ (اُتم، 1981: 50،51)

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مست جي ڪردار جي ذريعي ليکڪ سماج جي حقيقت کي بيان ڪيو. سندس ڪهاڻيون وقت ۽ حالتن جي موافق آهن. پاڻ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ منفرد اسلوب متعارف ڪرايو آهي. سندس ڪردار معصوم ۽ سماج جي ڏاڍ اڳيان لاچار آهن. سندس اسلوب جي لاءِ ڊاڪٽر جيٺومل لکيو آهي ته:

> ”امرلعل جي عبارت اصلاحي ۽ شاهه جي محاورن سان ڀرپور آهي. امرلعل جون ڪهاڻيون انساني منورتين، ڀاونائن جو عمدو مثال ۽ ٽيڪنيڪ جي نواڻ سان ڀرپور آهن.“ (جيٺو، 2003: 68)

امرلعل هنگوراڻيءَ جو اسلوب سليس ۽ روان آهي. پڙهندڙن کي ڪٿي به مشڪل نٿي ٿئي. هن جي نثر ۾ پيچيدگي گهٽ ۽ رواني وڌ آهي. هن تحرير کي روانگيءَ سان پڙهي سگهجي ٿو. هو پڙهندڙ کي ڪهاڻيءَ جي انجام تائين قابو ڪرڻ جو فن رکي ٿو. سندس جملا ماحول ۽ ڪردار جي مطابق آهن. سندس ڪهاڻي ”رام ۽ رحيم“ به مذهبي موضوعن جي پرچار ڪندي نظر اچي ٿي. ڪيس جديد ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جو باني سڏيو وڃي ٿو.

نادر بيگ مرزا جو شمار 1925ع کان پوءِ وارن نثر نويسن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين جو موضوع سماج جي پڙهيل طبقي ۾ غلط رسمن تي آهي. گهڻو ڪري شهري زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي اٿس. اهي ماڻهون جيڪي نياڻين کي پڙهائي پوءِ انهن جي شادي ڪنهن اڻپڙهيل شخص سان ڪرائين ٿا. سندس هڪ ڪهاڻيءَ مان هت هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

”پياري ماءُ! تو مون کي پڙهايو ڇو؟ مون کي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ گوونڊ لعل سان پرڻائي ڇو نه ڇڏيئي؟ ۽ جي انهي سان ئي مون کي پرڻائڻ جو پڪو ارادو ڪيو هوءِ ته اجايو مون کي ڪنهن موهني صورت واري جو جلوو ڇو ڏيکاريئي.“ (مرزا، 1992: 90)

نادر بيگ مرزا جي ڪهاڻين ۾ فن جي پختگي نه هئڻ باوجود به وٽس اسلوب ايترو ته مضبوط آهي، جو ٻي ڪنهن ڪميءَ کي ان جي سامهون نظر انداز ڪري سگهجي ٿو. سندس ڪهاڻين جا ڪردار گهڻو پڙهيل آهن. سندس سمورين ڪهاڻين ۾ موهني جو هڪ علامتي ڪردار آهي. جنهن کي نادر بيگ مرزا پنهنجي ڪهاڻيءَ مطابق ڪردار لاءِ ڪم آڻي ٿو. جيڪا هڪ پڙهيل ۽ سلجهيل عورت جي روپ ۾ سندس ڪهاڻيءَ ۾ رول ادا ڪري ٿي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار اڪثر شهر جا آهن ۽ ماحول به شهري پيش ڪيو اٿس. مٿي ڏنل مثال مان ثابت آهي. سندس ڪهاڻين جي موضوع مان ئي ظاهر آهي ته هن وٽ اسلوب سادو آهي. زبان سليس ۽ سهڻي استعمال ڪئي اٿس. ڪجهه پراڻا لفظ به استعمال ڪيا اٿس پوءِ به سندس نثر وڻندڙ آهي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته ان وقت اهي لفظ ڳالهايا ويندا هجن. هن وٽ لفظن کي استعمال ڪرڻ جو فن هيو. هن جي اسلوب ۾ رواني آهي جنهن ۾ تسلسل آهي. سندس ڪهاڻيون جديد آهن. سندس اسلوب صاف آهي. منجهس رواني آهي ڪٿي به مونجهاري جو شڪار پيدا نٿو ٿئي. نادر بيگ مزرا جون ڪهاڻيون تعداد جي حساب کي گهٽيون نه آهن. ليڪڪ پنهنجو پيغام پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. نادر بيگ جو اسلوب کيس ٻين ليکڪن کان جدا ڪري ٿو. سندس ڪهاڻي بنا ليڪڪ جي نالي به سڃاڻي سگهجي ٿي.

عثمان علي انصاري پاڻ شاهه ۽ سچل تي ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ ڊراما نويس، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، ترجما نگار هو. عثمان علي انصاري هن دور جو مشهور ليکڪ ليکجي ٿو. هن جيڪي ڪهاڻيون لکيون تن ۾ سندس موضوع بي جوڙ شادي، زميندار ي ظلم، غريب عوام سندس ڪهاڻين ۾ ڳوناٽي زندگي آهي. عثمان علي انصاريءَ جي اسلوب بابت احسان احمد بدوي لکي ٿو ته:

”انصاري صاحب جا افسانا اسلوب تحرير کانسواءِ موضوعن جي خيال کان به نهايت ئي دلچسپ ۽ بلند پايه آهن. هن جي افسانن جو مرڪز خيال زياده تر رومانويت ڏانهن آهي، مگر هن جي ڪن

افسانن ۾ انساني فطرت ۽ نفسيات جو تجزيو ڪيل آهي. جنهن ۾ هو ڪامياب رهيو آهي ۽ ان خيال ڪان هو سنڌي افسانا نگاريءَ ۾ هڪ منفرد حيثيت رکي ٿو.“ (بدوي، 1970: 62)

سندس ڪهاڻين جا ڪردار همت وارا آهن. سندس اسلوب بيان سندس همعصرن کان الڳ آهي. وٽس پنهنجو جدا اسلوب آهي. سندس جڳ مشهور ڪهاڻي ”ململ جو چولو“ مان هڪ ٽڪرو مثال جي طور تي ڏجي ٿو. انصاري جا موضوع سماجي حقيقت نگاريءَ تي مبني آهن.

”صبوح جو جڏه ڊاڪٽر صاحب کي وري گهرايو ويو ته چيائين ته ”مونکي مرض جي خبر نٿي پوي اوهان ڪنهن ٻي ڊاڪٽر کي گهرايو“. ڊاڪٽر جي اهڙي نااميدي جي جواب ملڻ کان پوءِ انور جي زال پنهنجن ڏيرن سان صلاح ڪئي جن چيس ته انور کي ڪوئيٽه وٺي وڃو ڇاڪاڻ ته اتي وڏا وڏا فوجي ڊاڪٽر آهن شايد انهنکي مرض سمجهه ۾ اچي وڃي.“ (انصاري، 1974: 15)

عثمان علي انصاري جو اسلوب پنهنجي دور جي خاصيتن سان پرپور آهي. سندس اسلوب سادو آهي. ڪٿي ڪٿي هن به ڏکيا لفظ ڪتب آندا آهن، جيڪي هن کان اڳين ليڪڪن وٽ به هئا. هن کان اڳين ليڪڪن جيڪي لفظ گڏي لکيا هئا، هن تي به اهو اثر آهي جو هن به اهي اکر گڏي لکيا آهن، جو پڙهڻ ۾ ڪيتري قدر مشڪل ٿئي ٿي، ان جي باوجود به سندس اسلوب ۾ پيچيدگي نه آهي. ڪٿي به اٽڪ پيدا نٿي ٿئي. ڪهاڻي بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اڳتي وڌي ٿي. موضوع مطابق سندس اسلوب به ڦرندو رهي ٿو. موضوع ۽ ڪردار ڳوٺاڻا اٿس ته طرز بيان به ٺيٺ سنڌي اٿس. ڪردارن جي روين سان اسلوب به تبديل ٿئي ٿو. ڳوٺ جا ڪردار ماحول، ٻولي به سندن ڳوٺاڻي، جيڪا پڙهڻ ۾ ڪٿي به اڙانگي نٿي ٿئي. وٽس هڪ منفرد اسلوب آهي.

سوڀي گيانچنداڻي ترقي پسند ڪهاڻيڪارن ۾ پاڻ مڃرايو. سندس شمار ورهاڱي کان اڳ وارن نثر نويسن ۾ به ٿئي ٿو ته پوءِ وارن ۾ به هن ورهاڱي کان اڳ جيڪي به ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن مان هڪ ڪهاڻيءَ جو هتي مثال ڏينداسون. جيڪا هندو مسلمانن جي هڪ ٻئي سا رويي تي لکي ويئي آهي. هن تي به هندو ليڪڪن جو اثر نظر اچي ٿو ته ڇو ته سندس لکڻي به انهن جهڙي آهي نه ڪو انهن کان جدا آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سوڀي گڏجي زندگي گذارڻ دوران ماڻهن جي زندگيءَ کان آگاهه ڪيو آهي، جيڪي گهڻو خوش گذارين ٿا. سندس ڪهاڻي ”آکيري جو ٽنڻ“ ۾ ڌرتيءَ سان محبت جي عڪاسي بهترين انداز ۾ ڪئي آهي.

”اسان کي پنهنجو ڳوٺ ڇڏڻ نه گهرجي. هتي پنهنجا گهر آهن محل ماڙيون لڳا پيا آهن. ڪاٺي ڪلي، ڀاڄي ڀتي، کير ڏڌ، ان پاڻي سڀ

پنهنجو بنا خرچ لڳو پيو آهي. شهر ۾ گرانٽ جيڏيون پونگيون ملنديون جن ۾ هوا نه سڄ. هٽ پڌرا لڳا پيا آهن، جهنگ لڳا پيا آهن. هٽ ماڻهوءَ جو سک، ڍور ڍڳي جو سک، مرد زال جو سک، ٻار ٻچي جو سک.“ (گوبند، 1944: 62)

ڳوٺاڻي زندگيءَ کي بهترين نمونې پيش ڪيو آهي. مٿئين مثال مان ڳوٺ جي قرب ۽ محبت واري زندگيءَ جو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سوڀو گيانچنداڻي پنهنجي دور جي اديبن ۾ بلند مرتبو رکي ٿو. پاڻ ورهاڱي کان پوءِ به ڪهاڻيون ڪنهن به مسئلي يا واقعي کان متاثر ٿي انهن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو اٿس. سندس اسلوب ڳوٺاڻن جي روين مطابق آهي.

سندس شمار ورهاڱي کان اڳ وارن نثر نويسن ۾ ٿئي ٿو ته پوءِ وارن ۾ به ٿئي ٿو. هن جي ڪهاڻي جو موضوع ڳوٺن ۾ ٿيندڙ ظلمن تي آهي. ڌاڙيلن جي ظلمن ڪري ماڻهون پنهنجا اباڻا، گهر، مال متاع، ڪاروبار زمينون ۽ ڳوٺ ڇڏين ٿا. ليڪڪ مسلمانن ۽ هندن جي رشتي تي روشني پڻ وڌي آهي، جو سندن هندو پائر ڇڏين ٿا ته مسلمان کين روڪين ٿا پر هو نٿا مڃين. هن جي اسلوب ۾ سونهن آهي. طرز بيان هن جو به ان دور جي ٻين ليکڪن جهڙو آهي. ڪي جملا اڻ پورا لکيا اٿس پوءِ به انهن کي پڙهڻ ۾ مشڪل نٿي ٿئي. ٻولي هن جي صاف آهي، ڪٿي به مونجهاري جو شڪار نٿو ٿئي. لعلچند امر ڏنومل کان ورهاڱي تائين جيڪي به ڪهاڻيڪار آهن. انهن جي ٻولي گهڻي قدر ساڳئي آهي جو هڪٻئي جو مٿن اثر آهي. هن جي اسلوب ۾ گهڻي پيچدگي نه آهي. سندس اسلوب آسان ۽ رواني‌ءَ وارو آهي. هن دور جي سمورين ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاري صاف نظر اچي ٿي. هر ليکڪ جو اسلوب ٻئي کان مختلف آهي. سندن موضوع، ڪردار ۽ هڪٻئي کان منفرد آهن. وقت گذرڻ سان سندن اسلوب ۾ تبديلي واضح نظر اچي ٿي.

ورهاڱي وقت 1947ع ۾ شيخ اياز جو مجموعو ” سفيد وحشي ” ڇپجي چڪو هو. هن وقت جي ڪهاڻين ۾ جتي سماج جي گهريلو مسئلن ۽ شادي محبت وارا موضوع عام هئا، اُتي شيخ اياز جي ڪهاڻي ماڻهن ۾ انقلاب آڻڻ ۽ کين سندن حقن کان آگاهه ڪرڻ جي لاءِ ڪافي هئي. هيءَ مزاحمتي ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ مان ان وقت جي خيالن ۽ حالتن جي پروڙ ٿئي ٿي.

” ليڊر وچ ۾ بيهي تقرير ڪري رهيو هو، ” اسين هندستاني پنهنجا جائز حق گهرون ته اسان کي گوليءَ سان اُڏايو وڃي، اسين جي ظلم ۽ بي انصافيءَ خلاف آواز اٿاريو ته اسان کي ٽيڱر گنَس هلائي چڙوچڙ ڪيو وڃي! آخر هي انگريز هي سفيد وحشي ڪيسين هندوستاني جنتا جو خون وهائيندا، ڪيسين......“

”سفيد وحشي!“ اهو لفظ صديق جي منجهيل دماغ ۾ گونجڻ لڳو. ”هي انگريز! هي گورا صاحب! هي وڏا آفيسر! سڀ سفيد وحشي!“ شام تائين هو ان ڪشمڪش ۾ ٻيٺو رهيو. هن اهڙو بغاوتي نظارو ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هندو مسلمان سڀ جوش ۾ هئا، سڀ پنهنجي پائرن جو خون ٿيندو ڏسي انقلاب لاءِ ڪڙا ٿي ويا هئا. گهڙو پرجي نيٺ وهي.“ (شيخ، 1972: 42:43)

شيخ اياز جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو جنهن ۾ سندس اسلوب نهايت سهڻو آهي. ان وقت جون حالتون ۽ ظلم سندس ڪهاڻيءَ مان جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿو. شيخ اياز وٽ پنهنجو اسلوب آهي. مسلمانن سان پيش ايندڙ واقعن جي عڪاسي سندس ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿي. هن ڪان پهرين وارين ڪهاڻين ڪان منفرد ڪهاڻي آهي. سنڌي ادبين ۾ آزاديءَ جي سوچ ۽ فڪر پيدا ڪرڻ جي لاءِ سندس ڪهاڻي وڏو ڪم ڪيو ان ڪان پوءِ ڪيترن ئي ادبين ان موضوع تي قلم کنيو جنهن جي ذريعي هو پنهنجي حقن جي آزاديءَ جي لاءِ جاڪوڙڻ لڳا. شيخ اياز جو اسلوب پڙهندڙن جي سوچ کي وسيع ڪرڻ لاءِ بهترين آهي. نج ٻولي ۾ قصي کي تفصيلي بيان ڪيو آهي، جيئن پڙهندڙ کي ڪٿي بوريت جو احساس نه ٿئي. سندس مڪالما ڪهاڻيءَ جي جان آهن. هيءَ ڪهاڻي مزاحمتي ڪهاڻين جي پيڙهه چئجي ته وڌاءُ نٿ ٿيندو.

### انگريز دور ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اسلوب

مٿئين بحث مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته درجي به درجي سنڌي ڪهاڻيءَ ڪيئن ترقي ڪئي آهي. وقت گذرڻ سان گڏ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اسلوب ۾ به فرق ايندو ويو آهي. مٿئين بحث کان پوءِ اسان بخوبي اندازو لڳائي سگهون ٿا، ته وقت گذرڻ سان گڏ اسلوب ۾ ڪيئن فرق آيو آهي. جيئن ليڪڪ تي سڌي اڻ سڌي طرح دور جي ٻوليءَ جو لهجو، محاورا، اصطلاح اثر انداز ٿين ٿا. ليڪڪ موضوع سماج مان کڻي ٿو ته سندس اسلوب تي ان دور جو اثر هوندو آهي. اڳ اسان چئي چڪا آهيون. جيئن هر دور جي ماڻهن جون ريتون رسم و رواج الڳ هوندا آهن. ليکڪن جا موضوع سماجي حقيت نگاريءَ تي مبني هئا. جيئن ته ليڪڪ پنهنجا موضوع ڪردار سماج مان کڻندو آهي. تنهنڪري سندس اسلوب به هر تحرير ۾ جدا هوندو آهي. هڪ ڪهاڻيڪار پنهنجي فن سان گڏ لفظن جي ذريعي پنهنجي تحرير کي خوبصورت بنائيندو آهي. افساني جي اسلوب ۾ منظرنگاري، پلاٽ، واقعا، مڪالما، ڪردارن جي دليلن تي هوندا آهن، ۽ اهي گهڻو ڦهليل هوندا آهن. اسلوب جي ذريعي ئي هڪ دور کي ٻئي دور کان جدا ڪري سگهجي ٿو. جيئن ته هر دور جو سياسي، سماجي، تهذيبي، ثقافتي، مذهبي، اخلاقي قدر، علمي، تعليمي، ادبي، فني سطح تي جدا هوندو آهي. اهي هن دور جي اسلوب کي به جدا ڪري بيهاريندي‍ون آهن. اسلوب جو مثال ادب جي لاءِ ائين آهي جيئن ڪنهن مردي ۾

ساهه هجي. ادب جي نثر توڙي نظم ۾ اسلوب جي گهڻي اهميت آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد اسلوب جي لاءِ لکي ٿو ته:

”خيالات بيان ڪرڻ ۽ جذبات ظاهر ڪرڻ جي ڍنگ جو نالو اسلوب آهي“ (ميمڻ، 1980: 54)

خيالن ۽ جذبن کي خوبصورت نموني بيان ڪرڻ جو نالو اسلوب آهي. اسلوب موضوع موافق تبديل به ٿي وڃي ٿو. ڪڏهن علامتي ڪڏهن بياني ته وري ڪڏهن ضمير متڪلم جي ذريعي اسلوب کي خوبصورت بنايو ويندو آهي. نثر نويس جڏهن ڪا به تحرير لکي ٿو ته هو پنهنجا خيال ئي ظاهر ڪري ٿو. خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ هر ليکڪ وٽ پنهنجو اسلوب هوندو آهي. ليکڪ ڪيئن پنهنجي خيالن سهڻن لفظن جو روپ ڏيئي سامهون آڻي ٿو. ليکڪ جيڪو ڪجهه لکي ٿو اهو پڙهندڙ تائين ڪيئن ٿو پهچائي. هر ليکڪ پنهنجو موضوع ماحول مان حاصل ڪندو آهي. اسلوب نه صرف تحرير کي پيش ڪري ٿو. بلڪه ليکڪ جي شخصيت، ٻوليءَ جو لهجو، ڪردار گفتگوءَ جو انداز ۽ تخليقي قوت کي اجاگر ڪرڻ جو ٻيو نالو اسلوب آهي. اسلوب جو مقصد آهي. ليکڪ ۽ ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ انهن جي لفظن جي وضاحت ڪرڻ، ان جي جي بنياد تي ئي هر هڪ ليکڪ جي تحرير کي واضح طور پرکي سگهبو. بلڪه موضوع اندر ماحول ۽ ڪردار جي حساب سان به ليکڪ جو اسلوب بيان بدلجندو آهي. ڪنهن به ليکڪ لاءِ ائين چوڻ بلڪل به غلط آهي ته وٽس اسلوب نه آهي. ڪا به تحرير لکڻ لاءِ ليکڪ وٽ پنهنجا لفظ، جملا، اصطلاح هوندا آهن. بلڪه ليکڪ وٽ انهن جو وڏو ذخيرو هوندو آهي. جن کي وقت ۽ ضرورت مطابق استعمال ڪندو آهي. جڏهن ليکڪ جي تحرير مڪمل ٿيندي آهي ته سندس اسلوب نمايان نظر ايندو آهي. هڪه سڻي ليکڪ جي سڃاڻپ سندس تحرير هوندي آهي. سندس اسلوب ئي سندس سڃاڻپ بنجي ويندو آهي. تنهن ڪري شخصيت جي خاصيت کي اسلوب چئي سگهجي ٿو.

ٻولي اها آهي جيڪا ڳالهائي ۽ لکي وڃي ٿي. ٻوليءَ جي ذريعي ئي اسان هڪٻئي سان رابطي ۾ رهون ٿا يا هڪٻئي جي ڳالهه سمجهون ٿا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته لکيل ٻولي کي ليکڪ ڪيئن ٿو لکي ان جي لفظن کي کهڙو ويس ٿو ڍڪائي پيش ڪري. جيڪو مختلف روپ وٺي سندس تخليق ۾ نمايان ٿئي ٿو. جنهن کي ليکڪ تشبيهه، استعاري، پهاڪن ۽ محاورن جي ذريعي خوبصورت موضوع ۽ حالت مطابق ۽ ليکڪ جو اسلوب ۽ سندس ترڪيب بدلبي رهي ٿي. اسلوب هر ليکڪ کي پنهنجي دور جي ٻئي ليکڪ کان جدا ڪري بيهاريندو آهي. ٻولي ۽ لفظن جي خاص استعمال جي انداز کي اسلوب چئجي ٿو. ڪنهن به خاص خوبيءَ تي مشتمل تحرير کي اسلوب چئجي ٿو. مختصر طور هيءَ وصف ٿي سگهي ٿي: اسلوب هڪ شخصي اظهار آهي، جو لکندڙ جي تخليق ۾ جنم وٺي ٿو. ليکڪ پنهنجي تحرير ۾ لفظن ۽ محاورن جو

استعمال سهڻي طريقي سان ڪري ۽ ٻوليءَ کي سٺي نموني استعمال ڪري ۽ ان جي جوڙجڪ تي خاص ڌيان ڏئي. اسلوب، تحرير جي ان خاصيت کي چئجي ٿو. جنهن جو واسطو اظهار سان آهي. ليکڪ پنهنجا خيال جذبا، احساس ۽ اظهار سهڻي لفظن ۽ ٻوليءَ ۾ قيد ڪري ان طريقي کي اسلوب چئجي ٿو. هر اديب جو اسلوب ئي کيس ٻئي اديب کان جدا ڪري بيهاريندو آهي.

## حوالا


1. اُتم، اي.جي.، 1981ع: "ناٽڪ ۽ تنقيد"، ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر.
2. انصاري، ڊاڪٽر، عثمان علي، 1974ع، "پنج"، ماڊرن سنڌ پبليڪيشنگ هائوس، ڪراچي.
3. اياز، شيخ، 1972، "سفيد وحشي"، (ڪهاڻين جو مجموعو)، ماهوار اڳتي قدم، ايڊيٽر: مدد علي سنڌي، سنڌ سورهيه پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ.
4. بدوي، احسان احمد، 1970ع، "تنقيد ۽ تنقيد نگاري"، آر.ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد.
5. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 2006ع، "هڪ جلدي سنڌي لغت"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.
6. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، 2011ع، "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
7. تابش، ذوالفقار احمد، 1982ء، "اعجازالغات"، باره اول، سنگ میل پبلی کیشنز، لاہور۔
8. جليل امر، 2012ع، "اندرا"، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
9. خالد، محمود خان، 2014ء، "فکشن کا اسلوب"، بیکن بکس، غزنی اسٹریٹ، اردو بازار، لاہور۔
10. درانی، عطش،1987ء، "اسلوب دفتری زبان"، (اشاعت اول)، مقتدرہ قومی زبان، اسلام آباد۔
11. سڌايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، 1992ع، "شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد.
12. سنڌيڪا اڪيڊمي، 2003ع، Sindhica, dictionary English, sindhi, آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي،
13. سید، عابد علی عابد، 1996ء، "اسلوب"، سعادت آرٹ پریس A_19، ایبٹ روڈ، لاہور، مجلسِ ترقئ ادب، لاہور۔
14. سید، عبداللّٰہ، ڈاکٹر، 1965ء، "طیف نثر"، (اشاعت اول)، مرتب: ممتاز بنگلوری، لاہور اکیڈمی۔
15. سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم، 1973ع، "آفتاب ادب"، (ڇاپو ڇوٿون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ.
16. شاهواڻي، غلام محمد، 1962ع، "ادبي اصول" (ڀاڱو 1)، آر. ايچ. برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد.
17. شورو، شوڪت حسين، 2017ع، "سو سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون"، (جلد پهريون)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

18. شيخ، محمد ابراهيم خليل، ڊاڪٽر، 1949ع، ”ادب ۽ تنقيد“، جمعيت الشعراءِ سنڌ.

19. صدیقی، حفیظ، ابوالاعجاز، 1985ء، “کشاف تنقیدی اصطلاحات”، (طبع دوم)، مقتدرہ قومی زبان، اسلام آباد۔

20. طاہرہ اقبال، 2012ء، “منٹو کا اسلوب”، (اشاعت اول)، فکشن ہاؤس، حیدرآباد۔

21. عبدالحق، مولوی، ڈاکٹر،(؟)، The student, standard English-urdu dictionary، صدر انجمن ترقئ اردو، پاکستان۔

22. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 1967ع، ”اسلوب“، ماهوار، نئين زندگي.

23. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 1968ع، ”سنڌي نثر جي اسلوب جو ارتقائي خاڪو، ڇهه ماهي مهراڻ، امين منزل، گاڏي کاتو، حيدرآباد.

24. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 2009ع، ”سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ“، (ڇاپو پهريون)، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد.

25. فاخر حسین، 1988ء، “ادب اور ادیب”، میاں چیمبرز 3، ٹیمپل روڈ، لاہور۔

26. فیروزالدین، مولوی، 2005ء، “فیروزاللغات” (اردو جامع)، نیا ایڈیشن، فیروز سنز لمیٹڈ، لاہور۔

27. گلراجاڻي، جيٺمل پرسرام، 1923ع، ”چمڙاپوش جون آکاڻيون“، پارتواسي پريس.

28. گوپی چند نارنگ، ڈاکٹر، 1989ء، “ادبی تنقید اور اسلوبیات”، (اشاعت اول)، ایجوکیشنل پبلشنگ ہاؤس، دہلی۔

29. لالواڻي، ڄيٺو، ڊاڪٽر، 2003ع، ”برطانوي دؤر ۾ سنڌي ڪهاڻي (برطانوي دؤر ۾ سنڌي نثر)“، مرتب: ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، ممبئي يونيورسٽي.

30. مالهي، گوبند، 1944ع، ”ريگستاني ڦول“، ؟.

31. مرزا، نصير، 1992ع، ”نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو.

32. ملڪاڻي، منگهارام، 1993ع، ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.

33. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 1980ع، ”اسلوب بيان“، سنڌي ادب، جلد 4، نمبر 1، 2، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

34. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 2006ع، ”سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.

35. نورالحسن، مولوی، 1957ء، “نوراللغات”، جدید ایڈیشن، (جلد اول)، جنرل پبلشنگ ہاؤس، کراچی۔

36. هنگوراڻي، امرلعل، 1985ع، ”ادو عبدالرحمان“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

37. George Stack, Captain, (2011): “A Grammar of the Sindhi Language”, Sindhi Language Authority, Hyderabad.

باب ٽيون

# امر جليل بحيثيت ڪهاڻيڪار

## امرجليل جو تعارف ۽ ڪهاڻين جي مجموعن جو شروعاتي زماني کان ترتيب سان جائزو

امرجليل جو تعارف

هر ڪنهن اعلي نثر نويس جي تحرير ڪجهه خاصيتن جي حامل هوندي آهي. جنهن سبب ان کي پڙهيل طبقي توڙي ادبي حلقن ۾ گهڻي مقبوليت ملندي آهي.

امر جليل 1955ع کان لکڻ جي شروعات ڪان ڪئي. اڄ تائين هو تيز برسات وانگي سنڌي ادب تي وسندو رهي ٿو. تيز طوفان آهي، جيڪو رڪجڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. امر جليل جي شخصيت ۽ سندس تحريرن جو ادب ۾ اعليٰ مقام آهي. سندس تحريرن ۾ تمام گهرائپ آهي. هو سماج جي هر پهلو کي تمام ڳوڙهي نظر سان ڏسي ٿو. پاڻ سماج جي تلخ حقيقتن کي عوام آڏو آندو اٿس. سندس تحريرن ۾ جيئن ته موضوع مطابق اسلوب تبديل ٿيندو رهي ٿو، ۽ سيپني کان وڌيڪ نروار نظر اچي ٿو. اسلوب ئي سندس تحريرن جي جان آهي. اسلوب جي ذريعي ئي بي جان لفظن ۾ جان آڻي کين سگهارو بنايو آهي.

اسلوب ئي ڪيس سيپني ليکڪن کان منفرد ڪري بيهاري ٿو. سندس شمار سنڌي ادب جي چوٽيءَ وارن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. عام ماڻهن لاءِ به سندس نالو نئون نه آهي. امر جليل سان سڀ کان وڌيڪ ويل ته اِهو ٿيو جو سندس لکڻين تي پابنديون لڳايون ويون، پر سندس قلم نه رڪيو، ۽ ڪنهن سرڪش گهوڙي وانگر بنا ڪنهن دٻ جي طوفان ۽ تيز برسات ۾ به ڪنهن خطرناڪ رستي تي هلندو رهي ٿو. 64 سال مسلسل لکڻ عام ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه نه آهي. ان ۾ به جي لکڻ تي پابنديون لڳن، انڪوائريون ٿين، پوءِ به قلم بنا ڪنهن خوف جي دليريءَ سان اڳتي هلندو رهي ته اهو قلم تيز تلوار ٿي چڱن ڀلن جا پاندا ڦوڙيندو آهي. جنهن سان پاڻ جهرجهنگ کي واسي چڙيو اٿائين. وطن ۽ ان ۾ رهندڙ انسانن سان ڪيس محبت آهي. امر جليل وٽ فن ۽ فڪر اعليٰ آهي. سندس تحريرن ۾ انسان ۽ انسانيت اعليٰ موضوع آهن.

پيدائش

امر جليل 8 نومبر 1936ع ۾ روهڙيءَ جي قاضي محلا ۾ جنم ورتو. سندس پورو نالو عبدالجليل قاضي آهي. سندس والد جو نالو عبدالغني قاضي هو، ۽ سندس والده جو نالو فاطمه هو. سندس والده نالو رکيس عبدالحسين ۽ والد عبدالجليل رکيس، سندس پرورش ڪراچيءَ ۾ ٿي. پاڻ روهڙيءَ جي هڪ معزز خاندان سان تعلق رکي ٿو. سندس خاندان وڏن قاضين جي نالي سان مشهور ۽ عزت وارو سمجهيو وڃي ٿو.

امر جليل جي والده تمام گهڻي نيڪ عورت هئي. صوفياڻي طبعيت جي مالڪ هئي. سچل سرمست جي مريدياڻي هئي. امر جليل جي شخصيت تي سندس والده جي مزاج جو اثر صاف نظر اچي ٿو. صوفي ازم ڪيس سندس والده کان ورثي ۾ مليو آهي. تنهنڪري صوفي ازم کي امر جليل پنهنجو مذهب

ڪري سڏيو آهي. ڪيس  هڪ ڀاءُ قاضي فيض محمد ۽ هڪ ڀيڻ اشرف خاتون آهن.

تعليم

امر جليل شروعاتي تعيلم رتن تلاءُ پرائمري اسڪول ۽ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ کان پوءِ ڪيس ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو ويو. سندس خواهش هئي ته ايئر فورس ۾ پائليٽ ٿيان، پر سندس والد ۽ والده اجازت نه ڏني، ضد ۾ اچي پڙهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انٽر سائنس جو امتحان ڏيڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو. ڪراچي رهڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح سندس ڇهه مهينا ضايع ٿي ويا. سندس والد ۽ دوستن جي سمجهائڻ تي پڙهڻ لاءِ راضي ٿيو، شرط رکيائين ته سائنس بدران آرٽس ۾  پڙهندس. ان وقت نواب شاهه ۾ گورنمنٽ ڪاليج نئون کليو هو. ڪيس سندس والد ان ۾ داخل ڪرايو. 1955ع ۾ سندس داخلا گورنمنٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ ٿي. اتان بي اي ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم اي اڪنامڪس ۾ ڪئي. ايم اي هسٽري ۾ سنڌيونيورٽيءَ مان ڪئي آهي. ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجيءَ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ پروگرام فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان ڪئي آهي. ميڊيا ۾ ٽريننگ، مشيگان اسٽيٽ يونيورسٽي، پاڪستان براڊڪاسٽنگ اڪيڊمي، اين ايچ ڪي جاپان، ۽ ٿماٽيرٽ اوپن يونيورسٽي، بئنڪاڪ ٿائيليند مان ڪئي.

ملازمت

ايم اي ڪرڻ کان پوءِ 1961ع ۾ اڪنامڪ اينيومريٽر جي نوڪري ملي. يونائيٽيڊ نيشنز جي هڪ عالمي پروجيڪٽ ۾ لاڙڪاڻي ۾ نوڪري ملي دنيا ۾ آباديءَ جي ردوبدل تي کوجنا ڪرٽي هئي. ان کان پوءِ ڪجهه عرصو اين.جي.وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ پڙهايو، ان کان علاوه فيلڊ ڪوآرڊينيٽر، اڪنامڪس افيئرس ڊويزن، مارڪيٽنگ آفيسر، ڪراچي ملڪ بورڊ سپلاءِ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪئي. 1966ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ريسرچ آفيسر، جي حيثيت سان ڪم به ڪندو رهيو ۽ لکندو به رهيو. پوءِ حيدرآباد مان ڪراچي ويو، جتي آڊينسس ريسرچ آفيسر رهيو. اتي معمول جي ڪم کان علاوه ڪيس تربيت ڏياري اسٽڊوڊيوز ۽ ڪنٽرول روم جو سيڪيورٽي آفيسر لڳايو ويو. وري حيدرآباد واپس آيو جتي پروگرام مئنيجر جو ڪم 1974ع تائين ڪم ڪيو، اتان ڪيس ترقي ڏيئي ريڊيو اسلام آباد موڪليو ويو. جتي اسسٽنٽ ڪنٽرول عالمي سروس جو فرض سرانجام ڏنو. ان کان پوءِ 1975ع ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ۾ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ٽيڪنالاجي رهيو، ته ريڊيو ٽي وي ذريعي ڪيئن تعليم عام ڪري سگهجي ٿي. ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس ۽ آخر ۾ وائيس چانسلر علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ٿيو جتان رٽائرڊ ٿي ڪراچي ۾

رهائش اختيار ڪئي. رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ ايشين ڊيولپمينٽ بينڪ جي ٽيچر ٽريننگ پروجيڪٽ ۾ محدود مدت لاءِ ڪم ڪيو آهي. سندس رهائش ڪراچيءَ ۾ آهي.

ادبي سفر جي شروعات

امر جليل جي ادبي سفر جي شروعات ون يونٽ جي خلاف سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهرين کان ٿي. نوابشاهه ڪاليج ۾ پڙهڻ جي دوران امر جليل جي دوستي قمر شهباز سان ٿي. قاضي عبدالجليل پنهنجي نالي سان امر، پنهنجي دوست قمر شهباز جي نالي سان هم قافيه لڳايو. قمر شهباز سان گڏ ادبي سنگت ۾ وڃڻ شروع ڪيو، جتي شمشيرالحيدري، نظرسنڌي، حميد بلوچ، عبدالمالڪ، دوست محمد چنا، عبدالجبار، گل محمد چنا، نور عباسي ۽ بردو سنڌي  سان قمر شهباز سندس ملاقات ڪرائي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي ڀين ليڪڪن سان، ادبي سنگت ۾ شاعري ۽ ڪهاڻيون پڙهيون وينديون هيون. ادبي سنگت ۾ ويهڻ ڪري سندس لڳاءُ ادب سان ٿي ويو. سندس دوست عبدالمالڪ جنهن ڪي ادا به ڪري سڏيندا هئا. 1956ع ۾ گڏاري ويو. جنهن جي ياد ۾ قمر شهباز، گل محمد چنا، ۽ شمشيرالحيدريءَ رسالو ڪڍيو. رسالي جو نالو رکيائون ”ادا“ رسالي جي پهرئين شماري ۾ لکڻ لاءِ سڀني دوستن کي زور ڀريو ويو. قمرشهباز امرجليل تي زور ڀريو ته ”ادا“ رسالي لاءِ ڪجهه لِک، امر جليل ڪهاڻي ”اندرا“ جليل پريمي جي نالي سان لکي، اندرا سندس ننڍپڻ جي ڪلاس فيلو هئي رتن تلاءُ اسڪول ۾ گڏ پڙهندي هئي. 1955ع کان 1960ع جي دوران به امر جليل لکندو رهيو. سندس ڪجهه افسانا هفتيوار ”آزاد “ ۾ ڇپيا، پر سندس دلي خواهش اجا به پوري ڪانه ٿي هئي. اها هئي ”نئين زندگي“ ۽ ”ٽماهي مهراڻ“ ۾ پنهنجا افسانا ڇپرائڻ. پاڻ ان وقت ۾ تمام گهٽو لکيائين پر ڇاپڻ لاءِ ڪير به تيار نه هيو. امر جليل لکڻ جي شروعات قمر شهباز جي چوڻ تي ڪئي، ادبي دنيا ۾ اچڻ جي باري ۾ امر جليل لکي ٿو ته:

> ”قمر شهباز سان صلاح ڪيم. هن همٿايو. ڪجهه هن ريت چيائين: قلم ڪاغذ لٽي ويهي رهه_ ڪا اهڙي ياد لک جيڪا تون ڪڏهن به وساري نه سگهيو هجين. اُن رات منهنجي ادبي زندگيءَ جو آغاز ٿيو. مان لطيف هال جي اڪيلي گرين روم ۾ قلم ڪاغذ کڻي ويهي رهيس. ذهن تي هڪ نه، انيڪ يادگيريون تري آيون. انهن يادن ۾ سڀني يادگيرين تي حاوي ٿيندڙ ياد هئي رتن تلاءَ پرائمري اسڪول ڪراچي ۾ منهنجي ڪلاس ميٽ اندرا جي ياد. سموري رات لکندو رهيس. ٻي رات به لکندو رهيس. پنا پڙهي، ڦاڙي پئي لکيم ائين ٽين رات گذري ويئي. چوٿين رات به گذري ويئي. پنجين ڏينهن ”ادا“ رسالي جي ايڊيٽر گل محمد چنا کي جيڪا ڪهاڻي ڇاپڻ لاءِ ڏنم تنهن ڪهاڻيءَ جو عنوان هو، اندرا.“ (جليل، 2012: 18)

امر جليل لکڻ جي شروعات ننڍپڻ جي يادن کان ڪئي. ننڍي عمر جون يادون، جن جوانيءَ ۾ به سندس پيڇو نه ڇڏيو. هن ننڍپڻ ۾ مذهبن جي نالي نفرتون ڏٺيون جنهن جو اثر اڄا تائين سندس تحريرن ۾ اسان کي بخوبي نظر اچي ٿو. ننڍپڻ جون يادون جيڪي سندس ڪچڙي ذهن ۾ هيون هاڻ اهي عوام آڏو پيش ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. مٿس ورهاڱي جو اثر صاف نظر اچي ٿو. تنهنڪري سندس تحريرن کي ڇاپڻ لاءِ ڪو پبلشر تيار نه هو. ان جي لاءِ سندس دوست قمر شهباز لکي ٿو ته:

”هو لکندو هو تمام گهڻو لکندو هو، پر ڇاپڻ لاءِ ڪو به تيار ڪو نه هو. هڪ دفعي ”مهراڻ“ جي آفيس ۾ پنهنجا لکيل افسانا ميڙي چوندي کڻي ويو. اتي هڪ مشهور شخصيت سندس لکڻيون بي دليءَ مان کانئس ورتي، بنا پڙهڻ جي، پنهنجي هٿن تي وزن ڪري چيو: ”هون، ٺيڪ آهي، هن ۾ به ٿي افسانا ته ضرور چڱا هوندا!“ (طارق، 1973: 129)

امر جليل جي ڪهاڻين کي مڃتا ملڻ کان پوءِ جڏهن سندس ڪهاڻيون فني نقطئه نظر کان بلند مقام تي پهتيون ته سندس ڪهاڻين جي موضوع ۽ ٻوليءَ ۾ وسعت آئي، هڪ کان وڌيڪ ڪهاڻين جي موضوعن تي قلم کڻڻ لڳو، هاڻ سندس نالو ڪنهن به تعارف جو محتاج نه رهيو ٿوري وقت ۾ گهڻي ڪاميابي حاصل ڪندڙ امر جليل جي لاءِ اهي ماڻهون به دعويٰ ڪرڻ لڳا، جن سندس تحريرون ڇاپڻ کان انڪار ڪيو هو. مسلسل ناڪاميءَ کي منهن ڏيڻ باوجود هن همت نه هاري ڪهاڻيون لکندو رهيو ۽ هڪ ڏينهن ادب جي دنيا ۾ پاڻ کي امر ڪري ڏيکاريائين. ڪيس دوست چوندا هئا ته جليل وٽ ڪهاڻين جا مٽ پرِيل آهن. سندس دوستن جي چيل ڳالهه سچ نڪتي وٽس واقعي ڪهاڻين جا مٽ پريل آهن. سندس ڪهاڻين ۾ پهرين پختگي نه هئي، پلاٽ جڙتو ۽ ٻولي به جڙتو هوندي هئس. اجائي ڊيگهه مڪالما ڊگها ۽ مصنوعي ڳالهه کڻڻ جو نالو ئي نه وٺي. ان جي لاءِ طارق اشرف لکي ٿو ته:

”جليل جي ڪهاڻين ۾ پختگي نه هئي، پلاٽ جڙتو ۽ ٻولي نهايت ڪچي هوندي هئس. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته سندس ٻور ڪهاڻيون پڙهي مون کيس لکيو هو: جليل، تون دوست ته ڏاڍو سٺو آهين، پر تون ڪهاڻيڪار ٿي نه سگهندين، بهتر آهي ته ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏي. پر مونکي ڪهڙي خبر ته مستقبل ۾ منهنجي انهيءَ ڳالهه تي کليو هوندو. جنهن کي مان اها صلاح پيو ڏيان ته ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏي. انهيءَ کان هڪ ڪهاڻي وٺڻ لاءِ مون کي ڪئين ڪئين چڪر ڪاٽڻا پوندا، ۽ هو سنڌيءَ جو سڀ کان وڏو ڪهاڻيڪار ٿي ويندو.“ (طارق، 1973: 96)

امر جليل پابنديءَ سان 1960ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ ڇپجڻ لڳو. سندس ڪهاڻي " انسان يا شيطان " بمبئي ۾ نئين دنيا رسالي جي ايڊيٽر اتم ڪهاڻي ڇاپڻ کان انڪار ڪيو ته ڪهاڻي سڻي نه آهي، ۽ ڪهاڻي واپس موڪلي. شروع ۾ سندس ڪهاڻيون ڪٿي به نه ڇپبيون هيون. جڏهن سندس ڪهاڻيون سنڌ ۾ نه ڇپيون ته اتان مايوس ٿي امر جليل پنهنجيون ڪهاڻيون هندستان موڪليون جهڙي نموني سندس افسانن کي سنڌ ۾ نظر انداز ڪيو ويو. اهڙي طرح ئي هندستاني رسالن جوش ۽ جذبي سان سندس ڪهاڻين جي آجيان ڪئي. ان کان پوءِ امر جليل هندستاني رسالن ۾ تيزيءَ سان لکڻ شروع ڪيو.

**<u>امرجليل جو قمر شهباز ڏي لکيل خط:</u>**

"پيارا قمر،

> 1955ع مون ادا رسالي لاءِ "اندرا" لکي هئي. ان کانپوءِ نوابشاهه جي ادبي گڏجاڻين ۾ پابنديءَ سان ڪجهه لکي اچڻ، ڪراچيءَ جي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ڦڪيون، ڪهاڻيون پڙهڻ، ۽ 1958ع ۾ لا ڪاليج ۾ ڪهاڻيءَ جو شايع ٿيڻ. اها ٻي ڳالهه آهي ته 1955ع کان 1958ع تائين مان وڏيڪ ڇپجي نه سگهيو هوس. اٺ ڏهه ڪهاڻيون "آزاد" ۾ شايع ٿيون. ان عرصي ۾ مون عذاب سٺا، ناڪامين جو منهن ڏٺم، هڪبئي ڪڍ ڪهاڻيون رجيڪٽ ٿي موٽنديون رهيون. ان آزمائش مان مون حاصل ڪيو آهي، وڃايو نه اٿم. مان ته معمولي ڪک آهيان، پاپا هيمنگوي ۾ هو چنز لکيو آهي ته: هيمنگوي کي روزانو رجيڪٽ ٿيل ڪهاڻين جا لفافا منهن ۾ اچي لڳندا هئا، ۽ اهو عرصو اٺ_ڏهه سال هلندو رهيو." (طارق، 1973: 125)

1979ع ۾ بمبئي مان نڪرندڙ رسالي "ڪونج" طرفان هند سنڌ ڪهاڻي چٽا ڀيٽي ڪرائي وئي، جنهن ۾ سندس ڪهاڻي "سوجهرو" کي پهريون انعام مليو. "روح رهاڻ" رسالي طرفان 1964ع ۾ کيس ادبي انعام ڏنو ويو. "بادل رسالي" جي عوامي ايوارڊ، 1967ع جو بهترين افسانه نگار، لاءِ کيس سڀني کان وڏيڪ ووٽ مليا. پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان کيس سندس ڪتاب " دل جي دنيا " 1969ع جو ادبي انعام مليو. سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان کيس ساڳي ڪتاب تي 1970ع جو ادبي انعام ڏنو ويو. کيس سندس ڪتاب "جڏهن مان نه هوندس" تي پاڪستان رائيٽرس گلڊ 1971ع جو ادبي انعام ڏنو. مهراڻ اڪيڊميءَ طرفان کيس 1972ع جو بهترين مڪالما نويس، ايوارڊ، فلم " گهونگهٽ لاهه ڪنوار" لاءِ مليو. پاڪستان ٽيليويزن طرفان 1973ع کيس ڊرامي "ماءُ " لاءِ "رول آف آنر" مليو. 1965ع ۾ "اروڙ جو مست" ڪهاڻي روح رهاڻ رسالي ۾ شايع ٿي، جيڪا گهڻي مشهور ٿي. سندسن ٻيون به ڪيتريون

ئي ڪهاڻيون آهن. جيڪي موضوع ۽ فن جي حيثيت سان تمام گهڻي اهميت جون حامل آهن. سندس هڪ ئي ناول آهي "نيٺ گونگي ڳالهايو" جيڪو تمام گهڻو مشهور ٿيو آهي.

امر جليل نيشنل ٿيٽرس ۽ پاڪستان ٿيٽرس لاءِ ڊراما لکيا آهن. ايڊاپٽ پڻ ڪيا آهن. پاڻ ڊراما لکيا به اٿس. پاڻ اسٽيج ڊراما ڪيا، ۽ انهن ۾ ڪاميابيءَ سان حصو به ورتو اٿس ڪالم به لکيا اٿس ڪالم لکڻ جي شروعات هلال پاڪستان اخبار کان ڪيائين. سندس پهريون ڪالم حلال پاڪستان جي 5 مئي1972ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو. سنڌيءَ ۾حلال پاڪستان لاءِ ڪالم لکيا ۽ اردوءَ ۾ "الفتح" لاءِ ڪالم لکيا آهن. هن وقت اردو اخبار" جنگ" ۾ سندس ڪالم ڇپجي رهيا آهن. سنڌي ٽي وي چينل "سنڌ ٽي وي" تي سندس پروگرام "ڪلاس روم" به هلي رهيو آهي. امر جليل تي ٻين ليکڪن به ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. جيڪي مختلف اخبارن، رسالن ۽ مئگزين ۾ ڇپيل آهن. جن کي ڪتابي صورت ۾ پڻ آندو ويو آهي. سندس باري ۾ لکيل ڪتاب "امر جليل سهڻي نمبر" 1973ع، "امر جليل نمبر ڪولاچي، ڪراچي يونيورسٽي 2008"، "امر جليل_فن اور شخصيت_اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد، 2010ع"، "هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 1974_1955 (ڀاڱو پهريون)2010، هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 2000_1975 (ڀاڱو ٻيو) 2013، هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 2000_2010 (ڀاڱو ٽيون) هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر (ڀاڱو چوٿون) 2010_ 2015. مٿي ذڪر ڪيل هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر مختيار احمد ملاح امر جليل تي لکيل مختلف مضمونن، مقالن ۽ مونوگراف کي سهيڙي هڪ جاءِ تي ڇپرايو آهي.

1973ع ۾ طارق اشرف، سهڻي رسالي طرفان امر جليل نمبر ڪڍيو. ان کان پهرين ڪنهن به ليکڪ جو جيئري نمبر نه نڪتو هو. جنهن ۾ سندس همعصر ڪهاڻيڪارن مضمون ۽ مقالا لکيا. سندس ڪهاڻين جا موضوع سياسي، سماجي، معاشي حالتن جي اثر هيٺ آيل ڏتڙيل طبقا، سرمايادارانه نظام، وڏيرا شاهي، رياستي ادارا، پير، ڪامورا، بيروزگاري ۽ عام ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم تي سخت تنقيد آهي. سندس ڪهاڻين ۾ رومان به ملي ٿو، طنز ۽ مزاح پڻ هن جي ڪهاڻين ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو، جنهن جي وسيلي هو سماج تي ڪڙي تنقيد ڪندي نظر اچي ٿو. سندس لکڻين ۾ عام سماجي مشڪلاتن جو عڪس نظر اچي ٿو. سندس تحريرن تي تنقيد به ٿيندي رهي آهي. امر جليل تي 1955ع ۾ ون يونٽ خلاف شاگرد تحريڪ ۾ بهرو وٺڻ ڪري گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا. 1968ع ۾ روح رهاڻ جي سالنامي ۾ ڪهاڻي "هڪ لاش راتين جا رولاڪ" شايع ٿي ته رسالي تي بندش وڌي وئي. 1971ع ۾ سندس ڪتاب "جڏهن مان نه هوندس" تي انڪوائري هلي، پر انڪوائريءَ جي نتيجي کان اڳ يحى خان جي فوجي حڪومت جو تختو اونڌو ٿي ويو. 1973ع ۾ سهڻيءَ ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي "سرد لاش جو سفر" سبب مٿس DPR هيٺ گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا.

سندس خلاف ڊپارٽمينٽل انڪوائريون ڪرايون ويون. اُهي انڪوائريون ارڙهن سال هلنديون رهيون. مختلف ايجنسين کا به سندس خلاف جاچ ڪرائي ويئي. امر جليل تي اهو به الزام لڳايو ويو ته سنڌ جي نوجوانن کي خراب ڪيو ڪين باغي بد دماغ ۽ ملحد ڪيو آهي. کيس کوڙ سارين ادبي ڪاوشن تي ڪافي اعزاز، ايوارڊ ۽ انعام پڻ ملي چڪا آهن. سندس تحريرن ۾ آيل موضوع اڪثر عام ماڻهن جا آهن. سندس تحريرن ۾ عام ماڻهن کي تمام گهڻي اهميت مليل آهي. جيڪي سماجي حالتن جي اثر هيٺ آيل ڏتڙيل طبقا، بک بيروزگاري ۽ عام ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم خلاف آهن. سندس افسانن جا موضوع به ساڳيا رهيا آهن. امر جليل هميشه پنهنجي تحريرن ۾ سرمايه دارانه نظام، وڏيرا شاهي، رياستي ادارا، پير، ملن ۽ ڪامورن خلاف لکيو آهي. قمرشهباز جي چوڻ موجب:

”جليل اسان جي ادب ۾ هڪ نئين روايت جي علامت ۽ ابتدا آهي. هو بيباڪ ۽ سرڪش آهي. هن جي قلم ۾ ترار جي تيزي آهي.“ (طارق، 1973: 149)

سندس پهرين ڪهاڻي ”اندرا“ ۽ ”ڪاغذ جا گل“، ”ادا “ رسالي جي 1956ع آگسٽ واري شماري ۾ ڇپيون. ان کان پوءِ نئين زندگي، روح رهاڻ، بادل، ڪونج، ساهت ڌارا، نئين دنيا، هير، سرهاڻ، برسات، هفتيوار آزاد، رهبر ڊائيجسٽ، چوڏس، سهڻي، سماهي مهراڻ، انهن سڀني رسالن ۾ وقت بوقت شايع ٿينديون رهيون. سندس پهرين ڪهاڻي ”اروڙ جو مست“ مقبول ٿي. سٺي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ امرجليل 1966ع ۾ اڀريو. سندس پهريون مجموعو ”دل جي دنيا“ 1969ع ۾ ڇپيو ان کان پوءِ لاڳيتو سندس مجموعا ڇپبا رهيا آهن.

**امر جليل متعلق**

امر جليل جي سموري زندگيءَ تي نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو ته هن سموري زندگي ڪهاڻيون، ڊراما، ڪالم، ناول، لکڻ کي ڏني آهي. سندس چوڻ موجب ته:

”مان فقط پڙهندڙن لاءِ لکندو آهيان_هنن تائين پنهنجي اندر جا اڌما، ۽ اندر جا آواز پهچائيندو آهيان. هنن جي موٽ کي هيئن سان هنڊائيندو آهيان. پڙهندڙ ئي منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه آهن. هو منهنجا پارکو آهن، منهنجا نقاد آهن، منهنجا محقق آهن.“ (جليل، 2014: 12 )

سندس لکڻي ڪهڙي ٻوليءَ به ٻوليءَ ۾ هجي پر سندس موضوع سنڌ، سنڌي ٻولي، سماج ۽ ان ۾ رهندڙ انسان ئي آهن. جن کيس سوچڻ ۽ لکڻ تي مجبور ڪيو آهي. سماجي ويساهه گهاتين سندس اندر ۾ اهڙو جوش آندو جو ، هو هن ڪٺ ڪاڌل سماج جي مدي خارج رسمن کي قبول نٿو ڪري، انهن

ماڻهن کان سخت نفرت ڪري ٿو جيڪي هيٺن تي ظلم ڪن ٿا ۽ ڏاڍ جي ڪري هن ڪوڙي دنيا ۾ راڄ ڪن ٿا. اهڙن ظالم ۽ جابر اڳواڻن کي هو نٿو قبول ڪري، هو معاشري ۾ حق سچ ۽ انصاف ڏسڻ ٿو گهري. سندس مشاهدو گهرو آهي، جو هن سماج جي هر ننڍي کان ننڍي مسئلي تي به قلم کنيو آهي. هو پنهنجي عوام جي مسئلن جي لاءِ ڪوريءَ ۾ پچندو رهي ٿو. اهڙن چند ماڻهن مان امر جليل هڪ آهي.

**مڃتا**

- شاهه لطيف ايوارڊ،
- شاهه لطيف ايڪسيلينس ايوارڊ،
- نشانِ فضيلت، ڪراچي يونيورسٽي
- پاڪستان رائيٽر گلڊ ايوارڊ (ٽي دفعا)
- اڪل پارٽ سنڌي ساهت سڀا نيشنل ايوارڊ
- پرائيڊ آف پرفارمنس
- نشانِ سپاس، پاڪستان آرٽ ڪائونسل ڪراچي
- بيسٽ پلي رائيٽ آف دي ڊيڪيڊ 1991_2000، پاڪستان ٽيليويزن، اسلام آباد
- لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ ، ڪلچر ڊپارٽمينٽ، سنڌ گورنمنٽ
- لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ، سنڌي ادبي سنگت
- لائيف فيلو، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد
- لائيف ميمبر، ڪراچي پريس ڪلب
- لائيف ميمبر، حيدرآباد پريس ڪلب
- بڪ ايمبيسيڊر، نيشنل بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد
- اپريسيئشن ميمينٽو، ممبئي يونيورسٽي
- شيلڊ آف آنر، ڪراچي يونيورسٽي
- شيلڊ آف آنر ، سنڌ يونيورسٽي
- شيلڊ آف آنر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي
- شيلڊ آف آنر، پاڪستان اڪيڊيمي آف ليٽرس، اسلام آباد

**شيلڊون**

- سنڌي ادبي بورڊ
- سنڌي لينگئيج اٿارٽي
- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

- انجمن ترقي پسند مصنفين پاڪستان
- پاڪستان رائيٽرس گلڊ
- سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئيشن
- سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا،
- آرٽ ڪائونسل آف پاڪستان
- سنڌيڪا اڪيڊمي

**امر جليل جون تصنيفون**

- دل جي دنيا،
- جڏهن مان نه هوندس،
- تاريخ جو ڪفن،
- منهنجو ڏس آسمان کان پڇو،
- سنڌو منهنجي ساهه ۾،
- ٽيون وجود،
- رني ڪوٽ جو خزانو،
- نيٺ گونگي ڳالهايو،
- جيجل منهنجي ماءُ،
- اندرا،
- چنڊ وسامي ويو،
- ادب ۽ سياست،
- سرد لاش جو سفر،
- لهندڙ سج جي لام،
- سنڌ نامو،
- چيني ۽ چرېٽ جو ڪهاڻيون،
- آتم ڪٿا،
- امرجليل جي سنڌو،
- فدا حسين ڦودني، ڏٽي بخش ڏني، ۽ ڦندڙ جا ڪالم،
- هيءَ منهنجي سنڌ ته نه ناهي،
- سنڌو بقا مان فنا آهيان،
- آتم ڪٿا آڏي پڇائن ۾،
- جمود،
- منهنجي نصيب ۾ تون نه آهين،

- ڪراڙو گدڙ،
- Love longing and death

پاڪيٽ بڪ: رڃ، هن چار ۾، آدم جي ماءُ ۽ تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون.

درسي ڪتاب: A Hand Book Of Educational Techonology

**امر جليل جي اسلوب تي مختلف تحريڪن ۽ ليکڪن جو اثر**

هر دور جون تحريرون جيئن ته ان جي عڪاسي ڪنديون آهن. ان دور جي ماحول مطابق ئي مختلف لاڙا ايندا رهيا آهن. اهي لاڙا ليکڪ جي تحرير تي سڌي يا اڻ سڌي طرح اثر انداز ٿين ٿا. حقيقت نگاري واري لاڙي جي ذريعي ليکڪن سماجي اڻ برابري، غربت، بک، بيروزگاري، طبقاتي ڇڪتاڻ جهڙن موضوعن جي وڏيڪ پنپرائي ڪئي. ڪنهن به سماج تي سندس مٿان مڙهيل حڪمرانن جو جڏهن ظلم انتها تي پهچندو آهي ته عوام پنهنجي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آواز اٿاريندي آهي. هو ان ظلم خلاف آواز اٿاريندا آهن. ترقي پسند نظريي جا حامي  ان ظلم مان عوام کي ڪڍڻ چاهيندا آهن. ليکڪ ادب جي مختلف صنفن جي ذريعي عوام ۾ شعور آڻيندا آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسنديءَ بابت ممتاز مهر پنهنجي مضمون "ترقي پسند ڪهاڻي" ۾ لکي ٿو ته:

> "ترقي پسند سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ان ڪان به گهڻو پراڻي آهي، جڏهن لعل چند امرڏنومل ۽ جيٺمل پرسرام 1920_1922 ڌاري سماجي مسئلن تي ڪهاڻيون لکي سماجي براين کي نروار ڪيو هو. خاص طرح جيٺمل پرسرام پين سماجي مسئلن سان گڏ سنڌ جي وڏيرن ۽ سيٺين جي ظلمن کي  پنهنجي ڪهاڻين ۾ ظاهر ڪيو. هي اهو دور هو جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ يورپي ۽ روسي ڪهاڻين، ناولن ۽ ڊرامن جا ترجما ٿيڻ لڳا هئا. سماجي مسئلن کي ظاهر ڪندڙ ۽ صحيح انسان دوستيءَ جي آڌار رکندڙ اهڙي ادب ڪان سنڌي ليکڪن جومتاثر ٿيڻ قدرتي ڳالهه هئي، ڇو ته اهي پڻ معاشي ۽ سياسي هلچل ۽ ملڪ جي آزادي لاءِ جدوجهد واري دور مان گذري رهيا هئا." (مهر، 1980: 85،86)

ورهاڱي ڪان پوءِ ترقي پسند فڪر کي اڳتي وڌائڻ ۾ ليکڪن جو اهم ڪردار رهيو آهي. جنهن سماج ۾ پلجندڙ جانور نما انسان جي زندگين جي گهرائي سان عڪاسي ڪئي ۽ انهن انسان کي ڇنيو، جيڪو انسان ته هو پر انسانيت نه هئي. ان کي ظالم ۽ انهن انسان کي جيڪي انسانيت جي ڪري ئي سهپ ۽ صبر جا علمبردار هئا انهن کي مظلوم ڪري ڏيکاريو ويو، ۽ انهن جي لکڻين ۾ غريب ۽ محنت ڪش ماڻهن جي سڱنڌ سمائجي وئي. جنهن سان سچو

سماج واسجي ويو هو. اهڙن ڪيترن ئي شاعر، اديبن جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن ليکڪن تي قوم پرستي، حقيقت نگاريءَ جو گهرو اثر هيو. ان دور ۾ گهڻو ادب تخليق ٿيو ان کي مزاحمتي ادب چئي سگهجي ٿو.

**امر جليل جي اسلوب تي مختلف ليکڪن جو اثر**

امر جليل سنڌي ادب جو چمڪندڙ تارو تحريرن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پاڻ ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. هو سادي طبعيت ۽ وسيع سوچ جو مالڪ آهي. ڪيترن ئي اديبن جي عبارت ۾ ٻولي اسلوب ۽ طرز ادا، اهڙي ته دلڪش ۽ وڻندڙ هوندي آهي. جو سندس تحرير ۾ انفراديت پيدا ٿي پوندي آهي، ۽ هو خاص قسم جي بڻجي پوندي آهي. اهو قدرت جي طرفان مليل فن آهي. اها ذات آهي. جنهن ڪري ليکڪ جي تحرير اعليٰ ٿئي ٿي. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي اعليٰ پائي جي نثر نويسن مان امر جليل به هڪ آهي. امرجليل 19 سالن جي ڄمار کان سنڌي ادب ۾ پير پاتو. پاڻ پنهنجي تحريرن ذريعي سماج جي پيڙهيل عوام جو ترجمان رهيو آهي. سماج جي عڪاسي ڪندي امر جليل جو اسلوب بدلجندو رهي ٿو.

جڏهن امر جليل جي افسانوي ادب تي نظر وجهبي ته هر هنڌ اسلوب بيان ساڳيو نظر نه ايندو ڪو به ليکڪ جڏهن هڪ کان وڌيڪ موضوعن تي قلم کڻي ٿو. تڏهن سندس اسلوب تبديل ٿيندو رهي ٿو. سندس لهجو، موضوع، ماحول ۽ ڪردار تحرير ۾ موجود مسئلن مطابق اسلوب تبديل ٿئي ٿو. تڏهن سندس اسلوب دلڪش ۽ دل کي ڇهڻ وارو ٿئي ٿو. ان ڪري هڪ ئي ليکڪ جي جدا جدا مسئلن ۽ صنفن تي لکيل تحريرن جون عبارتون هڪٻئي کان مختلف ٿين ٿيون. ايترو ضرور آهي جو ليکڪ جي طبعيت جو اهم جز انهن سڀني ۾ قدر مشترڪ طور شامل رهي ٿو. جنهن جي ذريعي ليکڪ جي اسلوب ۽ فن جي شناخت ڪري سگهون ٿا. ليکڪ تخليقي صلاحيت جي ڪري ئي اسلوب کي سگهارو بنائيندو آهي. تنهنڪري اها تحرير ادب ۾ اهم مقام والاريندي آهي. سندس تحريرن ۾ اسلوب ڇٽو نظر ايندو آهي.

امر جليل جي ڪهاڻيءَ ۾ رومان، طنز ۽ سماجي حقيقت نگاري ملي ٿي. جنهن جي وسيلي هو سماج تي ڪڙي تنقيد ڪندي نظر اچي ٿو. امر جليل جو مزاج سندس تحريرن مان ظاهر ٿئي ٿو. سندس تحريرن ۾ ٻولي، لفظن ۽ اصطلاحن جو استعمال نهايت سهڻي نموني ڪيل آهي. جو هر پڙهندڙ کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو. ڇو ته سندس ڪهاڻين جا موضوع ۽ ڪردار الگ آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار زندهه آهن. هلن گهمن ٿا، ساهه کڻن ٿا، ڳالهائين ٿا. سندس ڪردار هٺرادو نه آهن. اهي انسان آهن. انسانن وانگر زندگي گذارين ٿا. سندن واسطو زندگيءَ جي هر روز ٿيڻ وارن مسئلن سان پوي ٿو. ڪي انهن مان جذباتي آهن، ڪي صابر آهن. ڪي وڏي همت وارا آهن. ڪي

وري زندگيءَ مان مايوس ٿي ويل آهن. ڪي زماني لاءِ مثال بنجي وڃن ٿا. سندس ڪهاڻين لکڻ جو انداز مختلف آهي. ڇو ته هو سڀ ڪجهه ڪردارن کان ئي چورائي ٿو. امر جليل پنهنجي موضوع ۽ ڪردارن کي پنهنجي فن ۽ اسلوب جي ذريعي خوبصورت بنايو آهي.

پاڻ هڪ روشن خيال، حقيقت نگار، ترقي پسند، مزاحمتي ۽ رومانوي ليکڪ آهي. جنهن جو اندازو سندس ڪهاڻين، ناول، ڪالمن مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. هنن مان ڪو به لاڙو خاص طرح نه آيو آهي وقت ۽ حالتن جي حساب سان ادب ۾ لاڙا ايندا رهيا آهن ۽ انهن جي اثر هيٺ جيڪو ادب تخليق ٿيو آهي. ان کي اسان سنڌي ادب جو بنياد چئي سگهون ٿا. ملڪ جي حالتن ۾ جيئن جيئن ڦيرو آيو آهي، تئين تئين ادب ۾ به تبديلي آئي آهي. امر جليل ڏک تڪليف ۽ درد واري ماحول ۾ بوريت کان بچائڻ لاءِ رومانوي انداز اختيار ڪري ٿو. جڏهن اسان امر جليل تي ڪنهن جي اثر جي ڳالهه ڪيون ٿا. مٿس انگريز ليکڪن جو گهرو اثر رهيو آهي. ڪنهن به سنڌي اديب کان هو ايترو متاثر نه ٿيو آهي، جو ان جي پيروي ڪري يا ان جي انداز جي پر ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪري. سندس اسلوب ئي سندس تحريرن جي سڀ کان وڏي خوبي آهي. جنهن ڪري هو آسمان جي بلندين کي ڇهي ٿو. قمر شهباز امر جليل لاءِ لکي ٿو ته:

> ”هالڪين جي سولي، جذباتي، ۽ ڏکياري اسٽائيل اسان کي بيحد متاثر ڪيو، خاص ڪري جليل ته سندس رنگ ۾ رڇي ويو. ان کان پوءِ هيمنگوي، وليم سيرويان، ارون شا ۽ ٻين جو مٿس تمام گهڻو اثر ٿيو. پر بنيادي طور هو اڄ به هال ڪين جي فن جو تمام گهڻو قائل آهي. ائين ڪٿي چئجي ته سندس دل ۾ لکڻ ۽ سٺي لکڻ جو شوق پيدا ڪرڻ جو اصل سبب هال ڪين ئي هو، ته بيجا نه ٿيندو.“ (طارق، 1973: 124)

امر جليل تي ڪرشن گوپال عابد ۽ دت پارٽيءَ جو اثر هيو. سٺي ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان جليل 1966ع ۾ ڪهاڻي اروڙ جو مست جي ڪاميابيءَ کان پوءِ اڀريو. 1963ع کان پوءِ پارٽي ليکڪن جي اثر کان نڪتو ته، وليم سرويان، ارون شا ۽ هالڪين جو مٿس گهرو اثر رهيو. ٻين جي اثر کان ته نڪري ويو پر هالڪين جو مٿس اثر تمام گهڻو رهيو. سندس شروعاتي ڪهاڻين تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته وقت ۽ حالتن سان سندس تحرير ۽ موضوع ۾ به فرق آيو آهي. امر جليل انقلابي ذهن رکندڙ ليکڪ آهي. سندس اسلوب ۾ حقيقت نگاري ۽ ترقي پسندي سڀ کان وڌيڪ نظر اچي ٿي. جدت انفراديت سندس شخصيت جا اهم عنصر آهن. هو پنهنجي سوچ کي عوام جي سامهون آڻي ٿو سماج جي پوئتي پيل سوچ کي هو جاڳائڻ گهري ٿو. هن سنڌي ٻوليءَ جو استعمال نهايت خوبصورت انداز سان ڪيو آهي. سندس اسلوب جو سڀ کان وڏو ڪمال ته اهو آهي ته هو حق ۽ سچ چوي ٿو. سچ چاهي ڪيترو به تلخ

هجي ان جي لاءِ پين جي موٽ ڪهڙي ملندي ان جي پرواهه ڪرڻ کان بغير لکي ٿو. ان جي لاءِ هو پاڻ سختيون سهي ٿو. پنهنجي فن کي خوبصورت اسلوب جي ذريعي پيش ڪرڻ چاهي ٿو. پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن 1955ع ۾ ون يونٽ ٺهيو ته ون يونٽ جو نقصان سڀ کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ کي ٿيو. سنڌي شاگردن کي لک پڙهه اردوءَ ۾ ڪرڻي پئي. سنڌي زبان سان ايتري نا انصافي ڏسي سنڌي اديب، شاعر، دانشور، محقق، پنهنجي حقن جي لاءِ آواز اٿارڻ لڳا. ان دوران جيڪو ادب تخليق ٿيو اهو مزاحمتي ادب آهي. ان واقعي جڻ سنڌي اديبن کي جاڳائي ڇڏيو. هو پنهنجو حق وٺڻ لاءِ مزاحمت ڪرڻ لڳا. سنڌي اديبن ۽ شاعرن ناول، ڪهاڻي ۽ شاعريءَ کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو.

### امر جليل تي مختلف تحريڪن جو اثر

امر جليل ورهاڱي جي پيدائش آهي. مٿس سڀ کان وڌيڪ ون يونٽ جو اثر رهيو آهي. ورهاڱي جي چڙنگ کي وڌائي مڇ ڪرڻ جو سبب ون يونٽ بنيو. ون يونٽ سندس سُتل جذبن کي جاڳائڻ ۾ اعليٰ ڪردار ادا ڪيو. مختلف تحريڪن جو اثر سندس تحريرن ۾ صاف نظر اچي ٿو. امر جليل تي ترقي پسندي، روشن خيالي، حقيقت نگاري، قوم پرستي جو اثر رهيو آهي. هو پڙهندڙن جي جذبن کان بخوبي واقف آهي. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ سان جيڪو ظلم ٿيو. قمرشهباز کي لکيل خط ۾ امر جليل لکي ٿو ته:

> ”مان هڪ اٽل فيصلي تي پهتو آهيان قمر، ته منهنجو وجود سنڌ سان آهي. سنڌي ٻوليءَ سان آهي. سنڌ کان سواءِ مان پنهنجي وجود تصور به ڪري نٿو سگهان. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪا رٿابندي ڪئي وئي آهي، جيڪي به منصوبا سٽيا ويا آهن، تن جي ترتيب ۽ چنگيزي استعمال ڏسي منهنجي دل ڀڄي پئي آهي. مان مرڻ چاهيان ٿو، مان خودڪشي ڪندس، پر پنهنجي اکين سان سنڌ کي ختم ٿيندي ڏسي نه سگهندس جيڪڏهن پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ ڏوهه آهي ته پوءِ مان ڏوهاري آهيان. ان ڏوهه لاءِ جيڪڏهن مون کي گوليءَ سان اڏايو وڃي، ته مان تيار آهيان.“ (طارق، 1973: 147)

سماج ۾ ٿيندڙ واقعن کان بيزار ٿي امر جليل انهن اٿوٽندڙ واقعن کي پنهنجي قلم ذريعي سماج آڏو پيش ڪيو. هن زندگيءَ جي حقيقتن کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو. هو ڳالهه کي گهمائي نٿو هو حقيقت پسند آهي. لکڻ تي پابندي هئڻ ڪري سندس ڪجهه ڪهاڻيون علامتي اسلوب ۾ نظر اچن ٿيون. رياستي ادارن جي هٿ ٺوڪي قانون کان ڪيس نفرت آهي. هن ڪهاڻين

ذريعي ننڍي کان ننڍي ڳالهه ڏانهن عام ماڻهن جي توجه ڇڪرائي آهي. سندس لکڻين لاءِ ماهتاب محبوب لکي ٿي ته:

> ”هن زندگيءَ جي سنگنين ۽ تلخ حقيقتن کي بي نقاب بنائي ڇڏيو آهي. هو جيڪو ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏسي ٿو. انهيءَ کي پنهنجي فن جو موضوع بنائي ٿو. هو شروع کان هيل تائين زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جو ترجمان ۽ عڪاس رهيو آهي، ۽ انهيءَ کان انڪار ناهي ته سندس حقيقت نگاري صحيح شعور جو نتيجو آهي.“ (طارق، 1973: 45)

1960ع وارو عرصو سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌين لاءِ ڏاڍو خطرناڪ هو. سماج ۾ ٿيندڙ غلط رسمن، براين، ڏاڍاين، ويساهه گهاتين خلاف لکي امر جليل هڪ نئون اتساهه پيدا ڪيو. هو سماج جي براين کي عوام آڏو پيش ڪرڻ ۾ ڪو به رک رکاءُ نٿو ڪري عوام کي پنهنجي ئي حقيقت ڏيکاري ٿو. جيڪي سماج جو آئينو بنجي سامهون اچن ٿيون. امر جليل جي لکڻين جي لاءِ هدايت بلوچ لکي ٿو ته:

> ”امر جليل جيترو ڳالهائڻ ۾ مٺو، مائيٽو ۽ حليم آهي. ڪهاڻين ۽ لکڻين ۾ اوترو ئي ڪَڙو، تيز ۽ غير مصلحت پسند آهي. هو نانگ کي نانگ لکندو آهي. زهر کي زهر لکندو آهي. رات کي رات چوندو آهي، ۽ اهڙن ڪوڙن لفظن کي ڪڏهن به (Sugar coat) ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو آهي. نتيجي ۾ اهي ڪيپسول پرماريت ڪندڙ طبقي کي اڳرڻ ۾ ڏاڍي اذيت ۽ تڪليف ڏيندا آهن.“ (طارق، 1973: 64)

وقت سان گڏ قدر، ريتون رسمون، سماجي حالتون بدلبيون رهنديون آهن. امر جليل ڪنهن مخصوص دؤر جو ليکڪ نه آهي. پاڻ هر دؤر ۾ حقيقت نگار ليکڪ ئي رهيو آهي. سندس ڪهاڻيون روشن خيالي ۽ حقيقت نگاريءَ کي ڪٿي ڪٿي علامتي اسلوب ۾ پيش ڪن ٿيون. ڪٿي ڪٿي حقيقت کي بيان ڪرڻ جي لاءِ طنزيه انداز اپنائي ٿو. انهن ۾ ڪٿي ڪٿي هو پڙهندڙن کي بوريت کان بچائڻ جي لاءِ رومانويت جو انداز به اپنائي ٿو. سندس پهريون ڪهاڻيون رومانوي آهن. ان جي لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

> ”امر جليل جي حقيقت نگاري موضوع سان تعلق رکندڙ آهي. ورنه اسلوب جي لحاظ کان هو رومانوي رهيو آهي. هو نهايت سادي ۽ سليس زبان استعمال ڪري ٿو. جيڪا ڪهاڻيءَ جي موضوع مطابق ماحول ۽ ڪردار تبديل ٿئي ٿو. ڪٿي ڪٿي هو پنهنجي اظهار ۽ مطلب ۾ تشبيهن ۽ جديد لفظي اصطلاحن کان به ڪم وٺي ٿو.“ (ملاح، 2013: 72)

سندس ڪهاڻيون سماج جي ڏکندڙ رڳ جي عڪاسي ڪن ٿيون. سندس ڪهاڻين جا موضوع سماج جي هر طبقي جي نمائندگي ڪن ٿا. هو ڪنهن هڪ موضوع ڪي وٺي چهٽي نه پيو آهي. بلڪه هو سچو ۽ کرو ليکڪ آهي. هو عوام سان گڏ آهي. کيس عوام سان بي پناهه محبت آهي.

امر جليل وٽ ٻولي نج سنڌي آهي. ڪٿي ڪٿي ڪردار جي ماحول مطابق ٻوليءَ ۾ تبديلي آئي ٿو. ڳوٺن جي اڀوجهه ماڻهن کي پيرن، وڏيرن، ڪامورن، مولوين، ڏاڙيلن جي نڳين کان آگاهه ڪري ٿو. پنهنجي لکڻين ذريعي عوام سان ٿيندڙ ظلم جي چٽي تصوير سامهون آڻي ٿو. پراڻي رسمن جي نقش قدم تي هلڻ کان کين روڪي ٿو. عوام کي پنهنجي حقن جي آگاهي ڏئي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ اسان کي حقيقت نگاري، رومانويت، ترقي پسندي، قوم پرستي، روشن خيالي جي لاڙن جو اثر واضح نظر اچي ٿي.

## سنڌي ادب ۾ ورهاڱي کان پوءِ مزاحمتي ادب

سنڌي ٻوليءَ وانگر سنڌي ادب ۾ به مزاحمت جو لفظ ڪو نئون نه آهي. مزاحمت جي معنيٰ آهي. ظلم، تڪليف، تشدد، ڏاڍ خلاف مهاڏو اٽڪائڻ پاڻ کي بچائڻ. سنڌي ادب ۾ مزاحمت ان وقت جاءِ والاري جڏهن سنڌي ٻوليءَ، سنڌي قوم تي ظلم ٿيڻ لڳو. سنڌي ادب ۾ ورهاڱي کان پوءِ جڏهن سنڌ جو وچون واپاري طبقو لڏي هندستان ويو. سنڌ سان سياست جي آڙ ۾ ڏاڍا ظلم ٿيا. ان وقت صوبي ۾ حڪومت جو واڳون وڏيرن ۽ اميرن جي هٿن ۾ ڏنيون ويون. وزارت جي ڪري وڏيرن ۾ ويڙهه پيدا ٿي ويئي. شاعر، اديب، دانشور، عالم، ڏاها، استاد پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ لڳا. پنهنجي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندي ۽ حق جي ڳالهه ڪندي، کين پنهنجي قوم سان محبت ٿي ويئي. اديب جذبات ۾ اچي نعري بازي  واري اسلوب ۾ لکندا هئا. سڀ کان وڏيڪ مزاحمتي ادب ضياءُ الحق جي دور ۾ تحرير ٿيو. 1977ع ۾ جڏهن مارشل لا لڳي ته عوام پنهنجي حقن جي لاءِ آواز اٿاريو ۽ مزاحمتي ادب تحرير ٿيو. ان دور ۾ سياسي حالتن تي ڳالهائڻ تي پابندي مڙهي ويئي هئي. 1983ع ۾ ايم آرڊي تحريڪ ۾ سڀ کان وڏيڪ اديبن، دانشورن، هارين مزدورن حصو ورتو. ان وقت شاهه عبداللطيف ۽ سچل سرمست خلاف به گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا سنڌي اديبن انهيءَ واقعي کان متاثر ٿي ڪهاڻيون لکيون. جنهن ۾ منير احمد جي ڪهاڻي ”شاهه لطيف، هٿ ڪڙيون ۽ روسو“ ۽ امر جليل جي ڪهاڻي ”سچل سرمست ٽربل ۾، جلاوطن“ انهيءَ موضوع تي لکيل آهي. ان وقت جي حڪومت ڪجهه ڏسڻ ۽ کان سواءِ سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ قوم پرستن خلاف تمام گهڻيون گرفتاريون ڪرايون، شاعرن ۽ نثر نويسن تي مختلف الزام لڳائي کين جيل موڪليو ويو. ان ظلم جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي ۾ اهڙو ادب تخليق ٿيو. جيڪو گذريل هڪ صديءَ کان نه ٿيو هو. سنڌي اديبن ان ظلم جو جواب  نه ڪهاڙيءَ، بندوق، پستول سان پر هنن ان جو جواب قلم سان ڏنو.

اديبن جو گرفتاريون ٿيون. انهن جي لکڻين تي پابنديون لڳايون ويون. سندن ڪتاب ضبط ڪيا ويا، ان ظلم سان سندن جوش ۽ جذبي ۾ ڪمي نه آئي ڏينهون ڏينهن سندن خيالن ۾ وسعت ايندي وئي ۽ هو تمام گهڻو اڳتي اچي مزاحمتي ادب تحرير ڪرڻ لڳا. ان مزاحمتي  دور ۾ جتي ٻين اديبن حصو ورتو انهن اديبن ۾ امر جليل جو به شمار ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ روشن خياليءَ، حقيقت نگاري، ترقي پسندي جو ذڪر تمام گهڻو نظر اچي ٿو. امر جليل گهڻيون ڪهاڻيون ملڪ جي حالتن مطابق لکيون آهن. جڏهن به ڪو واقعو ٿيو آهي ته امر ان واقعي کان متاثر ٿي ڪهاڻي لکي.

## امر جليل جون مزاحمتي فڪر واريون ڪهاڻيون

ورهاڱي کان پوءِ جن اديبن عوامي آواز کي بلند ڪيو. انهن ۾ امر جليل سڀني کان اڳرو رهيو. سندس ڪهاڻين ۾ اسان کي مزاحمتي فڪر نظر اچي ٿو. عوام مٿان مارشل لا مڙهي انهن سان ظلم ڪيو ويو سنڌي اديبن پنهنجي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو نتيجي ۾ جڏهن مان نه هوندس جهڙين تحريرن جنم ورتو. امر جليل جي ڪهاڻي ”جڏهن مان نه هوندس“ ايوب شاهيءَ واري دور ۾ لکي هن ڪهاڻيءَ جو هيرو دلير بهادر آهي، جيڪو سنڌ کي بچائڻ لاءِ ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽ سوچي ٿو جيستائين اسان دنيا کان ڪٽيل رهنداسين ته ڪڏهن به ترقي نه ڪري سگهنداسين. هن ڪهاڻيءَ ۾ مزاحمت سان رومانس به آهي. ”جڏهن مان نه هوندس“ ڪهاڻيءَ تي پابندي لڳي ۽ امر جليل خلاف گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا. ان جي لاءِ امر جليل لکي ٿو ته:

> ”جڏهن مان نه هوندس“ جو خاڪو ايوب خان جي مارشل لا خلاف هلايل هلچل دوران 1968ع، ۾ مون لاهور ۾ لکيو هو. جڏهن مان نه هوندس کي ٻن الزامن سبب Ban ڪيو ويو هو. هڪ ملڪ سان غداري، ۽ ٻيو، نوجوانن کي بغاوت لاءِ ڀڙڪائڻ. سالن جا سال حڪومت جي حڪم تي ريڊيو پاڪستان پاران منهنجي خلاف محڪمانه ڪاروائي، ۽ انڪوائري هلندي رهي. پر، وريو ڪجهه به نه، نه ڪا بغاوت ٿي ۽ نه ئي ڪو انقلاب آيو. انڪوائريءَ دوران مون هڪ هنڌ لکيو هو: ايندڙ پنج سو سالن تائين ڪا به تحرير، يا ڪو به ڪتاب پاڪستان ۾ انقلاب جو سبب ٿي نه سگهندو.“ (جليل، 2010: 9)

بقول امر جليل جي ”جڏهن مان نه هوندس“ ڪهاڻي نه پر ناول لکڻ پئي چاهيو پر هو ناول نه لکي سگهيو ۽ اها هڪ طويل ڪهاڻي بنجي ويئي. سندس هيءَ ڪهاڻي مزاحمتي ادب جو بهترين مثال آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ مرڪزي ڪردار سنڌ کي آزادي ڏيارڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جيئن انساني

حقن واري اجلاس ۾ وچي سنڌ ۾ ٿيندڙ سنڌين سان ظلم جي ڪهاڻي کان آگاهه ڪري سگهي. ڪهاڻيءَ ۾ قومپرستن جي قربانيءَ جي لاءِ لکي ٿو ته:

”سڀني يارن سِرَ سان ڪفن ٻڌو آهي، ۽ پنهنجو صليب پنهنجن ڪلهن تي کڻي ظلم سان جنگ جوٽڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري پيا آهن. سڀ کان وڏي ڳالهه ته يارن سنڌ جي نئين نسل کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائي وڌو آهي.“ (جليل، 2010: 179)

”يوسف مون کي ڪلهن کان وٺندي چيو، ”آمريت جو قلعو ڪرائڻ ڪو سولو ڪم نه آهي. ڪجهه دوستن کي سنڌ جي مفاد لاءِ جلاوطن ٿي ڪم ڪرڻو پوندو. اسين انساني حقن جي اداري آڏو ايوب آمريت جي حڪومت جو ڊينگو ڊير ڪنداسين. ڪشميرين ۽ فلسطينين جي حقن لاءِ هاءِ گهوڙا ڪندڙ نوڪر شاهي حڪومت جو ٻهروپ جڳ کي ڏيکاريندا سين. اسين دنيا کي ٻڌائينداسين ته هي اٿوَ ڪوڙ جا ڪوپ کڻي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ وارا سنگدل، جيڪي پاڻ کي سچي زمين جي مظلومن جا همدرد سڏائين ٿا، پر جن ظالمن ۽ قتلن جي قيد خانن ۾ سنڌي قوم سڪرات ۾ سڏڪي رهي آهي. موجوده حالتن ۾ سنڌي قوم جو نئون نسل پنهنجن وڏن جي فيصلي جو پابند نه رهندو.“ (جليل، 2010: 180)

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ قوم پرست سنڌي جيڪو پنهنجي سنڌي قوم جي حقن لاءِ آواز اٿاري ٿو. هو سرجو سانگو ڪرڻ کان بنا ٻاهر وڃي اقوام متحده تائين سنڌين سان ٿيندڙ ظلم جي ڳالهه پهچائڻ گهري ٿو جيئن سنڌي قوم مٿان ظلم گهٽ ٿئي. ايوب جي دور ۾ جيڪو ظلم سنڌي عوام سان ٿيو ان خلاف مزاحمت آهي. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار جيڪو سنڌ مان نڪري پنجاب وڃي ٿو اتان ڪيس انساني حقن واري اداري جي اجلاس لاءِ نڪرڻو آهي. بظاهر هن ڪو به ڏوهه نه ڪيو آهي، پر هو پنهنجي حق لاءِ وڙهي ٿو. ان کان علاوه ان وقت جي اخبارن تي به تنقيد ڪئي اٿس. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار بهادر آهي، جيڪو پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ تان قرباني ڏيڻ کا ڪيٻائي نٿو. امر جليل نئين نظام آڻڻ لاءِ ان وقت جي ظلم خلاف آواز اٿاري ٿو. سموري ڪهاڻيءَ ۾ وطن سان محبت جو درس شامل آهي. اهڙي ڪردار جي ذريعي ليکڪ عوام کي پاڻ سان ٿيندڙ ظلم کان آگاهه ڪيو آهي. ملڪي حالتن جي عڪاسي بهترين نموني ٿيل آهي.

امر جليل ڪهاڻي ”سچل سرمست ٽربل ۾“ تڏهن لکي جڏهن قومپرستن جي خلاف حڪومت وٺ پڪڙ ڪئي ۽ ڪين گرفتار ڪيو. حقيقت ۾ هي واقعا ان ڪري پيش آيا جو پاڪستان جي قيام کان پوءِ ٿيل ويل ۽ مٿان وري ون يونٽ جي آزار ته ان هيڪاري اديبن کي سجاڳ ڪري ڇڏيو. سچي قوم کي تمام گهڻو

نقصان ٿيو سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ کي تمام گهڻو نقصان رسايو ويو. ان جبر سنڌي قوم پرستن اديبن کي جاڳائي ڇڏيو. هيءَ ڪهاڻي ان وقت جي آهي. جڏهن قوم پرستن خلاف حڪومت گرفتاريءَ جا وارنٽ ڪڍيا سندس ڪتابن تي پابنديون لڳايون، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جا به گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا. ان واقعي جي پسمنظر ۾ امر جليل هيءَ ڪهاڻي لکي.

”اسان کان ڪو به جديد شاعر بچي نه سگهندو. مانگر مڇ چيو. صفا چٽ چيو، ”اڄ تون گرفتار ٿيو آهين، سپاٽي ڪان هڪ ٻئي انقلابي شاعر جي ڳولا ڪنداسين. پڇيم ”اهو ڪير خوشنصيب آهي، جيڪو توهان کان بچي ويو آهي؟“ اوهه! ته تون پنهنجي ساٿي انقلابي شاعر کي سڃاڻڻ کان به انڪار ٿو ڪرين! ساٿي! منهنجو ساٿي؟ ها، تنهنجو ساٿي، مانگر مڇ چيو، ڇا تو شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي سڃاڻڻ کان به انڪار ٿو ڪرين. ”ڀٽائي!“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.“ (جليل، 2010: 46)

ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل رياستي ادارن تي تنقيد ڪئي آهي. جيڪا سچل سرمست ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي گرفتاريءَ جا وارنٽ ڪڍي ٿا نڪرن ۽ هڪ عام ماڻهون جنهن جو نالو سچل آهي ان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ چون ٿا ته تون ئي انقلابي شاعر سچل سرمست آهين. تون ملڪ ۾ فساد ٿو ڦهلائين ۽ تنهنجي ساٿي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي به گرفتار ڪنداسين. هيءَ ڪهاڻي روشن خيالي سان گڏ مزاحمتي ڪهاڻيءَ جو بهترين مثال آهي. تحريڪن ۽ ملڪي ماحول ۾ جيڪي واقعا ٿيا انهن امرجليل تي گهرو اثر وڌو. نتيجي ۾ سنڌي ادب ۾ شاهڪار ڪهاڻين جو اضافو ٿيو.

ڪهاڻي ”سرد لاش جو سفر“ ڪنڊ ڪوٽ ۾ پيش آيل واقعي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. 1972ع ۾ هي واقعو پيش آيو هن واقعي جو ذڪر امر جليل سان سندس دوست قمرشهباز ڪيو. هن وحشي واقعي ۾ مذهب جي رکوالن هندن جي نانڪ پاڙي ۾ زبردستي هندن جي گهرن تي ڪاهه ڪري، ڪين لٽيو، ڪين قتل ڪيو، سندن عورتن جي بيحرمتي ڪئي. انسانيت کان ڪريل هن واقعي جي پسمنظر ۾ امر جليل ”سرد لاش جو سفر“ ڪهاڻي لکي. ان جي لاءِ امر جليل لکي ٿو ته:

”منهنجو باطن ۽ ظاهر نانڪ پاڙي کي لڳل باهه ۾ پچرڻ لڳو. مان پنهنجي وجود ۾ پسم ٿيڻ لڳس، خاڪ ٿيڻ لڳس، مان سڙي رک ٿي ويس. ڪنهن به منهنجيون ارٿيون مٽڪيءَ ۾ وجهي نه گنگا ۾ لوڙهيون نه جمنا ۾ لوڙهيون، ۽ نه سنڌو دريا ۾ لوڙهيون . ٻيو جنم وٺي، وحشي واقعي جو ڀيهرجائزو وٺڻ لاءِ ماون سوين ڏينهن، سوين راتيون شمشان گهاٽ جي ڀوائتي ماحول ۾ گذاري ڇڏيون.

مون سمورو واقعو هڪ اهڙي نوجوان جي نگاهه سان ڏٺو جنهن جو دين ڌرم ۽ ڪعبو ڪاشي سنڌ هئي.” (ملاح، 2010: 20)

هن ڪهاڻيءَ تي پابندي به لڳائي ويئي. گرفتاريءَ جا وارنٽ به نڪتا. امر جليل تي ڪافر هئڻ جا الزام لڳايا ويا. سندس لکڻين تي پابندي لڳائي ويئي سندس ڪهاڻين مان خاص جملا ڪڍي ڪيس مرڪزي حڪومت ڪي فائل موڪليو ويو. الزام لڳايو ويو ته هي نوجوانن کي ڀڙڪائي ٿو. اسلام جي خلاف ٿو ڪري رياستي ادارن ڪيس گرفتار ڪرائڻ لاءِ وسان ڪو نه گهٽايائون.

”اڱڻ جي وچ ۾ مجاهدن ساوتريءَ کي ڪنپي صندل تي ليٽائي ڇڏيو هو . هو هڪ وڏو هجوم صندل کي وڪوڙي ويو هو. جوش وچان الله عظيم آهي جا نعرا هڻي رهيو هو. مرٽينگ ساوتري به الله کي پڪاري رهي هئي. جوڏا جوان هنبوڇيون هڻي رهيا هئا، ۽ ساوتريءَ کي ڇَڪَن ۽ ڇهنڊڙين سان ڇچري رهيا هئا. حوا جي ڌيءَ جي بيحرمتي ڪري رهيا هئا. چتن ڪتن وانگر هڪٻئي کي هٽائي ساوتريءَ کي سوگهو پئي ڪيائون. سڄي سموري ساوتريءَ کي ننهندن، ڇهندين ۽ چڪن سان رتو ڇاڻ ڪري ڇڏيو هئائون.” (جليل، 2011: 182)

امر جليل جي مزاحمتي ڪهاڻين ۾ هيءَ سندس ڪهاڻي بهترين ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ڪردارن سان ٿيندڙ ظلم ۽ سندس بيوسيءَ جي حد ڏيکاري ويئي آهي. امر جليل جي ڪهاڻي ” منهنجو پٽ مهدي” سماج جي تلخ حقيقتن تي لکيل آهي. سخت تنقيد ڪيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي ڪيترين ئي ناسور رسمن تا پردو کنيو آهي. جيئن مولوي، پوليس وارا، سياستدان، ڪامورا جيڪي هن سماج کي پنهنجي ملڪيت سمجهن ٿا. ون يونٽ دوران ٿيل ظلم خلاف هيءَ ڪهاڻي جدوجهد آهي.

”ته ٽنگي ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيم، ويهو. هو ڪرسيءَ تي ويهڻ لڳو. هڪدم چيم.” خيال سان ويهجو سيٺ صاحب. ان ڪرسيءَ جي هڪ ٽنگ ون يونٽ ٽي ويئي آهي.” (جليل، 1998: 96)

ڪهاڻي ون يونٽ تي سخت تنقيد آهي. ليکڪ پنهنجي اسلوب ۾ سماجي ڪردارن جي ڏک کي پيش ڪيو آهي. ان وقت ۾ ون يونٽ جي نالي تي جيڪا حق تلفي ٿي ان کي نروار ڪيو آهي. پاڻ هڪئي وقت ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي روشني وڌي اٿس. عوام مٿان زبردستي مارشل لا مڙهي ويئي ان ته هيڪاري سنڌي زبان جي نڙيءَ تي لت ڏيئي ڇڏي. ان کان اڳتي هلي ملڪ ۾ اليڪشن ٿي ان ۾ ملڪ جا وڏا وڏا سيٺ وڏيرا حصو وٺڻ لڳا. گهُٽ ٻوسٽ واري ماحول تي سخت تنقيد آهي. ون يونٽ دوران جڏهن سنڌي ٻولي پڙهائڻ تي

پابندي لڳائي ويئي ۽ سنڌي شاگردن کي يونيورسٽين ۾ داخلا نه ڏني ويندي هئي. سنڌ کان صوبي جي حيثيت کسي ويئي. سنڌي ٻوليءَ سان ٿيندڙ ويڌن کي ڏسي سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ جيڪو ادب تخليق ٿيو. ٻوليءَ سان ٿيندڙ ظلم جو ذڪر امر جليل جي  ڪهاڻين ۾ ملي ٿو.

> "پاڪستان ۾ جيڪڏهن امام مهدي پيدا ٿيو ته پڪ اڙدوءَ ۾ ڳالهائيندو. چريو ٿيو آهي جو سنڌيءَ ۾ ڳالهائي پنهنجي امامت خطري  ۾ وجهي ڇڏيندو!" (جليل، 1998: 100،101)

هن مڪالمي مان سنڌي ٻوليءَ تي پابنديءَ جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ سماج ۾ ٿيندڙ ظلم خلاف مزاحمت آهي. ڪهاڻيءَ ۾ سماج ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلا ۽ انهن جي وجه صاف نظر اچي ٿي.  امر جليل جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن به هڪ موضوع  ۾ ڪيترين ئي مسئلن تي بحث نظر اچي ٿو. هو گهڻي قدر پرنرڙ مسئلي سان گڏ ٻين ننڍن ننڍن مسئلن کي به گڏ ڪٺي هلي ٿو. ڪهاڻي " عشق ۽ انٽرويو" ۾ ٻوليءَ سان ٿيندڙ ويڌن صاف نظر اچي ٿي.

> "منهنجا ڇهه ڇڄي پيا. دل آهه ڪئي. چپ ٽڙڪي اٿيا، ۽ وراڻيو هئم، " سائين، منهنجي پيءُ کي انگريز مائي باپ ان ڪري نوڪريءَ ۾ نه ڪنيو هو، جو منهنجو پيءُ انگريزي نه ڄاڻندو هو. توهان مون کي نوڪريءَ ۾ ان لاءِ نٿا ڪڻو، جو مان اردو نٿو ڄاڻان. ڪٿي ائين ته ناهي، انگريز سوٽ لاهي، شيرواني پائي موٽي آيا آهن." (جليل، 2012: 42)

امر جليل ٻوليءَ سان ٿيندڙ  ظلم کي ڪهاڻين ذريعي بيان ڪيو. سنڌي ٻوليءَ کي پوئتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري نظر انداز ڪري ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. معاشي بدحاليءَ جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي. ڪهاڻي مزاحمت جو بهترين مثال آهي. ان دور ۾ بيباڪ ليکڪن ئي سچ لکيو.

ڪهاڻي "ڪپيل ٻانهن جو وارث" ۾ ون يونٽ واري دور ۾ ٿيندڙ ظلم کان پوءِ ٿيل گوڙ جي چٽي تصوير پيش ڪئي آهي. سموريءَ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ٻانهن جو ذڪر ڪيل آهي. جيڪا پنهنجي باقي جسم کان جدا ٿي وئي آهي. ظاهري طور تي هڪ عام ٻانهن جو ذڪر ڪيل آهي،  ون يونٽ ٺاهي جڏهن سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪئي ويئي ان جو ڀرپور ذڪر ملي ٿو. اڻ سڌي طرح انگريز جي ملڪ مان وڃڻ کان پوءِ به عوام غلاميءَ واري زندگي گذاري ٿي. هڪ دفعو ٻيهر عوام غلاميءَ طرف ڌڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ويئي. اندروني سازشن کان گهڻي قدر معلومات ملي ٿي. پنهنجو حق وٺڻ جي لاءِ جيڪي سنڌي اديب لکندا هئا کين سخت کان سخت سزا ڏني ويندي هئي. کين نه لکڻ لاءِ مختلف طريقن سان روڪيو ويندو هو. ان ڪهاڻيءَ مان هتي هڪ مثال ڏجي ٿو.

”هڪ ننڍڙيءَ ڇوڪريءَ چيو، “سائين اها ٻانهن منهنجي پيءُ جي آهي.” مئجسٽريٽ ڪنڌ ورائي ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ” ڪيئن ٿي چوين ته اها ٻانهن تنهنجي پيءُ جي آهي؟” ڇوڪريءَ وراڻيو، “منهنجو پيءُ جيئرو آهي. هن کي هڪ ٻانهن ڪانهي.” مئجسٽريٽ کان ڇرڪ نڪري ويو. پڇيائين، “ڪڏهن کان تنهنجي پيءُ کي ٻانهن ڪانهي. مون کي ياد ناهي.” ڇوڪريءَ وراڻيو، منهنجي ماءُ مون کي ٻڌائيندي آهي ته منهنجي پيءُ کي ٻئي ٻانهون هونديون هيون. هو سچ لکندو هو. هڪڙي ڏينهن انصاف جا علمبردار آيا ۽ بابا جي اُها ٻانهن ڪپي ويا، جنهن ۾ سچ لکندڙ هو.” (جليل، 1998: 105)

ون يونٽ جي شڪل ۾ سنڌ کي ئي سوريءَ تي چاڙهيو ويو هو. رياستي ادارن جي چالاڪين کان واضح ڪرڻ لاءِ بهترين مثال آهي. ان دور ۾ اديبن سان جيڪو ظلم ٿيو ان عڪاسي نظر اچي ٿي. ليڪ ڪهاڻيءَ ۾ هوشوءَ جي ڪردار جو ذڪر ڪري ظلم خلاف مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ اتساهيو آهي. هوشو هٿيارن سان سندن مقابلو ڪيو ته اسان جي ترقي پسند اديبن سندن مقابلو قلم سان ڪيو، ۽ وطن تان قربان ٿيڻ جي لاءِ هو هميشه تيار رهندا هئا، پر ڪڏهن به غلاميءَ جي زنجير پائڻ پسند نه ڪيائون. هر شاعر اديب کين پنهنجو دشمن ٿي نظر آيو ان کي اپاهج بنائي سندن زبان کي هميشه بند رکڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويئي. مٿن تڪليفن جا پهاڙ ڪيرايا ويا. جنهن جو مثال ڪهاڻيءَ ۾صاف نظر اچي ٿو.

ڪهاڻي ”هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا“ هيءَ ڪهاڻي ون يونٽ دوران لکيل آهي. جنهن ۾ حڪومت طرفان هر ماڻهون خاص ڪري سنڌين تي گوڙ گهمسان ڪرائڻ جو شڪ هوندو هو. هڪ سرڪاري عملدار جي ڪهاڻي آهي جيڪو حڪومت جو سرڪاري نوڪر آهي. فوج جي ڪاتي ۾ آهي ان تي شڪ ڪيو ٿو وڃي ۽ ڪيس ون يونٽ خلاف ديوارن تي لکندڙ کي گرفتار ڪرڻ جو ٽارگيٽ ڏنو وڃي ٿو. جيڪي سنڌ ۾ هلندڙ تحريڪن جي لاءِ پاڪستان جي مختلف صوبن مان عملدار گهرائين ٿا.

”پڇيو هومانس يار فرشتا! اهو ڪهڙو راز آهي، جو پاڪستان جي سالميت کي سنڌ مان خطرو آهي، ۽ تو جلال پور جٽان مان هجرت ڪري، پاڪستان جي بقا لاءِ سنڌ ۾ اچي واسو ڪيو آهي؟ فرشتي ڏاڍي رازداريءَ مان ٻڌايو هو، “سنڌ ۾ زير زمين تحريڪون هلي رهيون آهن.” مون کي ڏندين آڱريون اچي ويون هيون. پڇيو هو مانس، سنڌ جي تپاس جو ٿرماميٽر سنڌ کان ٻاهر آهي ڇا؟ تون زير زمين تحريڪ جي ڳالهه ٿو ڪرين، هتي زير زمين تحريڪ جو نالو نشان ئي ڪونهي.” فرشتي تمام خوفناڪ، راڪاس جهڙو

> ٿهڪ ڏيندي چيو هو، ”تون به ڪنهن زير زمين تحريڪ جو ڪارڪن آهين،“ فرشتي جي ڳالهه ٻڌي منهنجا وائيسر ڍرا ٿي ويا، مون پنهنجي پاڻ کي پنهنجي ڪٽنب سميت صليب تي چڙهندي محسوس ڪيو هو.“ (جليل، 2014: 41)

سرڪاري نوڪرين ۾ سنڌين کي شڪ جي نگاهه سان ڏسڻ لڳا شاعرن ۽ اديبن تي هونءَ به گهري نظر هين. ون يونٽ خلاف ٿيل هڙتالن، جلسن، جلوسن تي پابنديون لڳايون ويون. ون يونٽ خلاف پتين تي لکيل نالن کي ڍاهڻ تي زور ڏنو ويو. سياسي پارٽين ۽ رياستي ادارن جو ٽارگيٽ پڙهيل سنڌي هئا چاڪاڻ ته جاڻ هئي ته نوجوانن کي پنهنجي حقن جي آگاهي آهي. تنهن ڪري سرڪاري نوڪريءَ وارن کي گهڻو بيزار ڪيو ويندو هو. کين ڪوڙن الزامن تحت گرفتار ڪرايو ويندو هو. ون يونٽ خلاف ڪا به ڳالهه ڪٿي به کين لکيل نظر ايندي هئي ته سندن شڪ اديبن ۽ شاعرن ڏانهن ويندو هو. ان وقت ۾ ٻين ماڻهن کان وڌ شاعرن ۽ اديبن جي زندگي عذاب بنائي وئي هئي.

> ”مان سنڌ پرست جي ڳولا ۾ نڪري پيس. مون سڀ کان اڳ ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٺ جو جائزو. برابر. ”برباد جواني“ ۽ ”سوشلزم مرده باد“ جي وچ ۾ لکيل هو ”ون يونٽ“ ختم ڪريو. مون اسٽيشن روڊ تي نظر ڊوڙائي، سامهون وارين سوڙهين گهٽين ڏانهن شڪي نگاهن سان ڏٺم. انهن گهٽين مان هڪ گهٽيءَ ۾ ٻه سنڌي افسانه نگار رهندا آهن. جن مان هڪ رسالو به ڪڍندو آهي. ٻيءَ گهٽيءَ ۾ به هڪ افسانه نگار رهندو آهي، منهنجو خيال انهن ٽنهي ڏانهن ڇڪجي ويو. انهن ٻن گهٽين ۾ ڪجهه سنڌي شاگرد به رهندا آهن. انهن تي به شڪ پيم. “ (جليل، 2014: 49)

مزاحمتي ادب ۾ هيءَ ڪهاڻي وڏي اهميت واري آهي. امر جليل جي وڏي هڪ خوبي اها به آهي ته هو هڪ ئي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترن ئي موضوعن کي گڏ ڪٽي هلي ٿو. ڪهاڻيءَ سان جڙيل ٻيا به ڪيترائي واقعا جيڪي سماج جي ڪيترن ئي مسئلن کان آگاهي ڏين ٿا. ڪهاڻي ” ساجن منهنجو دوست “ ۾ عام ماڻهن سان ٿيندڙ ظلم جي عڪاسي ڪئي وئي آهي.

” مان تو کي چڱيان ها ساجن. پر نه. تو سوچڻ ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي. اهڙا ماڻهو اسان کي پسند ناهن.“

پوءِ صوبيدار ڏانهن منهن ڪري چيائين، ” هي ئي اٿوَ ساجن، جنهن مراد ڪاسائيءَ جي اوطاق تي جوئا ڪئي ۽ جنهن جي تلاش ۾ توهاڻ هتي آيا آهيو ۽ موقعي تي آيا آهيو.“ (جليل، 2010: 159،160)

ڪهاڻي اڄ به نئين ۽ هلندڙ وقت جي نظر اچي ٿي. ان سان ماضيءَ ۽ حال جي ماحول ۾ فرق صاف نظر اچي ٿو. هر دور ۾ سچ ڳالهائڻ تي پابندي هوندي آهي. امر جليل جا موضوع سماج جا ٻرندڙ مسئلا آهن، تنهن ڪري سندس هر ڪهاڻي ۾ ٿوري گهڻي مزاحمت نظر اچي ٿي. ” ٿيون وجود، گهاءُ، ساڻوساڻو ساهه، مٽيءَ جا ماڻهون، سياڻن ۾ پوڪ“ ۽ ٻين به ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ مزاحمت نظر اچي ٿي. امر جليل ون يونٽ جي نتيجن تي به بلڪه انهن جي اچڻ جي وجه تي ڳالهائي ٿو.

امر جليل سماجي بدحاليءَ جا سبب به ٻڌائي ٿو هو ڪا به ڳالهه ائين نٿو ڪري وٺس اهڙا ڪيترا مثال آهن. جيڪي موقعي تي ٻڌائي ۽ پڙهندڙن کي حقيقتن کان آگاهه ڪندو هلي ٿو. سندس مڪالما پڙهندڙن جي ذهن کي جهنجهوڙين ٿا. رياستي ادارن سنڌي اديبن ۽ سنڌي شاگردن کي گهڻو بيزار ڪيو ۽ انهن کان اظهار جي آزادي به کسي ويئي، جو هو پنهنجا حق وٺڻ لاءِ آواز اٿاريندا هئا، ته ڪين ڪوڙن ڪيسن کي منهن ڏيڻو پوندو هو ۽ جيلن جا منهن ڏسڻا پوندا هئا. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ واري هر انسان تي ۽ سندن پاڇي تي به نظر رکي ويئي. ون يونٽ، مارشلا جي صورت ۾ سنڌ ۾ سان جيڪي ويل وهايا ويا جيڪو سنڌي جي عوام سفر ڪيو ان جي چٽي تصوير امر جليل جي ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿي. امر جليل جون تقريبا گهڻيون ڪهاڻيون مزاحمتي فڪر واريون آهن. سندس مزاحمتي ڪهاڻين جو اسلوب تمام دلڪش آهي. مزاحمت ۾ گهري ڳالهه به نهنائي ۽ نماڻائيءَ صبر سان ڪري ٿو. جبر واري ڳالهه به صبر ۽ تحمل سان ڪري ٿو. عام انسانن جي جذبات ۽ احساسن جو خون ڪندڙ ٺيڪيدار سرڪاري حڪمرانن کي سمجهي ٿو. خيال جي آزادي نه هئڻ جي باوجود به سنڌي اديبن ظلم جي خلاف آواز اٿاريو.

**امر جليل جون روشن خيالي واريون ڪهاڻيون**

آزاديءَ کان پوءِ روشن خيالي واري لاڙي کي ڪامياب بنائڻ ۾ جن ليکڪن حصو ورتو. انهن اديبن انسان جي زندگيءَ جي صحيح ترجماني ڪئي آهي. انساني زندگيءَ جي گهرائيءَ سان عڪاسي ڪندي ساڻن ٿيندڙ ظلم خلاف آواز اٿاريو. انهن ظلم ڪرڻ وارن کي ننديو ۽ ظلم سهڻ وارن کي پنهنجو حق ڏيارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، سماجي مسئلن ۽ غريبن مسڪينن تي لکيو ويو ۽ انهن جي لکڻين ۾ غريب ۽ محنت ڪش ماڻهن جي چٽي تصوير نظر اچڻ لڳي. اهڙن ليکڪن مان شيخ اياز، اياز قادري، جمال ابڙو، غلام رباني، حفيظ شيخ، نسيم کرل، نجم عباسي، امر جليل، علي بابا، جا نالا قابل ذڪر آهن. ترقي پسند تحريڪ خاص ڪري سچ به اهڙو لکيو جيڪو زماني جي چير ڦاڙ ڪري ان کي ننگو ڪري سماج آڏو پيش ڪيائون. جنهن ۾ وڏيرن، ڪامورن، پيرن ۽ ملن پنهنجي اصليت ڏيکاري وئي. ترقي پسند تحريڪ هڪ وڏي ۽ اهم تحريڪ ثابت

ٿي، روشن خيال سمورن اديبن قلم جي ذريعي قوم کي انصاف ڏيارڻ جي لاءِ پاڻ پتوڙيو انهن ترقي پسندن ۾ امر جليل جو نالو به سرفهرست آهي.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ روشن خيالي تمام گهڻي نظر اچي ٿي. سندس سمورين تحريرن ۾ اسان کي پيرن، ميرن مٺن، ڪامورن، وڏيرن جي اصليت نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ”سياڻن ۾ هڪ پوڪ“ ۾ سماج جي اهڙن ماڻهن جي حقيقت تان پردو کنيو آهي. جيڪي پنهنجي قوم سان غداري ڪري انگريزن جا غلام بنجي ويا. صرف دولت جي خاطر پنهنجي وطن سان غداري ڪري نالو ڪمائين ٿا.

> ”بابا انگريزن جي ڏاڍي خدمت ڪئي آهي. جڏهن هر طرف کان انگريز کي ملڪ مان لوڏي ڪڍڻ جون تحريڪون جاري هيون، ۽ جڏهن ملڪ ۾ آزاديءَ جي هلچل متل هئي، تڏهن بابا لڪ چوريءَ تحريڪ جي بانين جا نالا انگريزن کي پهچائيندو هو. آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ رضاڪارن سان شامل ٿي، سندن راز معلوم ڪري انگريزن کي ٻڌائيندو هو. انگريز سندس وفاداري ۽ اڻٿڪ ڪوشش مان خوش ٿيا کيس خانبهادر جو لقب عطا ڪيائون ۽ سنڌ جي هڪ زرخيز علائقي ۾ ٿي سو ايڪڙ زمين به بخشش ڪيائون. سندس خانبهادريءَ جي سنڌ اسان جي ڊرائينگ روم ۾ لڳل آهي.“ (جليل، 2012: 74)

ڪهاڻي ڌرتيءَ سان غداري ڪندڙن جو چهرو ڏيکاري ٿي. وطن کي پٺ تي ڏڪڻ وارو پيو ڪو نه اسان جا پنهنجا سنڌي پائر ئي هئا، جن پنهنجي مفاد خاطر پنهنجي جنت جهڙي وطن سان غداري ڪئي. ليڪ اهڙن چالاڪ ماڻهن جي چالاڪين کان واقف ڪري ٿو جيئن سندن ڊونگ کان آئندا سماج کي نقصان نه رسي. گڏوگڏ رشوت ۽ سفارش خلاف سندس اندر ۾ ويئل نفرت جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. امر جليل هڪ نادان ڪردار جي شڪل ۾ ڪهاڻيءَ ۾ شامل ٿي ملڪي حالت جي بگڙڻ تي گهڙي نظر وڌي آهي.

ڪهاڻي ” ڌرتيءَ جي ڌوڙ آسمان جا تارا “ ۾ سيدن جي مڪاريءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. جيڪي پنهنجي غرور ۾ اچي ماڻهن کي پيرن هيٺان لتاڙين ٿا. غريب عورت کي پنهنجي حوس جو نشانو بنائي سندس زندگي تباهه ڪئي.

> ”مان سيد آهيان جنت جو حقدار آهيان، “ شاهوءَ کيس پاڻ ڏانهن چڪيندي چيو، ”اسلام ۾ سڀ کان وڏو ثواب ڪنهن غير مسلم کي مسلمان ڪرڻ آهي. مان تو کي مسلمان ڪندس.“ (جليل، 2012: 60)

سماجي طبقاتي چڪتاڻ جيڪا سيدن جي حقيقي سڃاڻپ آهي. هو پاڻ کي اعليٰ درجي جو سمجهن ٿا. غريبن کي، انسان نه بلڪ حيوان سمجهن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ سيدن جي حقيقت ڏيکاري وئي آهي، هو پڙهيل لکيل ٿي  به پنهنجي خاندان جي غرور کي نٿا وسارين. سيد جي مغروري ۽ ان جو انداز سيد جو انداز هو پنهنجي دماغ ۾ ويٺل سيد کي کهڙيءَ ريت ظاهر ڪري ٿو. سيد جي سوچ جي آخري حد پيش ڪيل آهي.

> ”هوءَ هئي به بيحد سلوڻي، پهرين ڏينهن باليءَ کي ڏسڻ شرط سراج، شاهوءَ ڪيس ڪن ۾ چيو، ”چوري نمڪين آهي.“ قهر ڪندي بابل،“ شاهوءَ چپن تي زبان ڦيريندي چيو، ”روهڙيءَ کي اروڙ ڪري ڇڏيندي. رڳن ۾ ڪنهن نيڪ خاندان جو خون اٿس. شاهوءَ ٽيڏيءَ اک سان سراج ڏانهن ڏنو ٽوڪ سهي ويو. چيائين، ” پيلن، مينگهواڙن ۽ اڇوتن جي جسم ۾ وڏن وڏن شريف خاندانن جو خون هوندو آهي.“ (جليل، 2012: 51)

ليڪڪ ڪهاڻيءَ ۾ سيدن جا پول پڌرا ڪيا آهن. ڳالهين ڳالهين ۾ سندن چهري تان شرافت جو نقاب لاهيندي سندن اصلي چهرو ڏيکاري ٿو. سندن گندي ذهنيت ڪان غريب محنت ڪش انسانن جو ظرف اعليٰ ڪري پيش ڪيو آهي. شاهوءَ جي ڳالهائڻ جي چالاڪي ۽ ڊونگ لفظن ۾ معصوميت انسان جي نفسيات کي واضح ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي. سندن عام ماڻهن جا ڪيترائي طريقا آهن. صدين ڪان غريب ان ئي پيڙا ۾ پوڄين ۽ سفر ڪن پيا. امر جليل ان کي ڪهاڻيءَ جي ويس ۾ پيش ڪيو آهي.

ڪهاڻي ”عشق ۽ انٽرويو“ اعليٰ عهدي تي پهچڻ جا خواب ڏسڻ وارن بيروزگار نوجوانن جي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ بيروزگاريءَ جا سبب صاف نظر اچن ٿا. نوڪريون نه ملڻ جي ڪارڻ تان پردو کنيو ويو آهي. وڏيون نوڪريون جيڪي اميرن جي حصي ۾ اچن ٿيون. غريبن کي کي نصيبن ۾ رڳو ڌڪا آهن. ڪهاڻي پنهنجي وقت جي بهترين عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي.

> ”يار ڄڪي جو هڪ پاسو خالي به هجي ها، بلڪل خالي، اسان جي زندگيءَ جهڙو خالي. ۽ نوڪريون جيڪڏهن jack بدران ڄڪي تي ملن ها، ته پوءِ هميشه ڄڪي جو خالي پاسو اسان جي حصي ۾ اچي ها.“ (جليل، 2012: 37)

ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ سان ٿيل ظلم ۽ سنڌي قوم جي بيروزگاريءَ جي عڪاسي نظر اچي ٿي. انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ به ظلم جي انتها رهي، سفارش تي نوڪري ڏني ويندي هئي. ٻاهران آيلن کي نوڪرين ۾ وڏن عهدن تي فائز ڪيو ويندو هو. ملڪيتون به کين ڏنيو ويون مقامي ماڻهن سان ٿيندڙ ناانصافيءَ جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي.

ڪهاڻي ”هن چار ۾“ امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي پراڻين رسمن تحت وڏيرن جي ظلمن خلاف آهي. امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي ظلم جي عڪاسي ڪري ٿي اهڙا هاجا اسان جي سماج مان ختم ڪرڻ جي لاءِ هو چڻ سڏيندو هجي آهي ڪير جيڪو هنن واقعن کي نه هئڻ کان روڪي.

ڪهاڻي ”جڏهن مان نه هوندس“ پنهنجي وطن ۾ ٿيندڙ ظلم صاف نظر اچي ٿو. ان ظلم جي پاڙ پٽڻ خلاف نوجوانن جيڪو سفر اهو صاف نظر اچي ٿو. مارشلا واري وقت ۾ سنڌي اديبن، دانشورن عام ماڻهن پنهنجي حقن جي لاءِ آواز اٿاريو ڪين سزا ڏني وئي. ان وقت ۾ عوام سان ٿيل ويساهه گهاتين جي تصوير چٽيل آهي. ليکڪ پنهنجا حق وٺڻ ۽ عوام ۾ شعور آڻڻ جي لاءِ نوجوانن کي همٿايو آهي. ظلم خلاف مزاحمتي ۽ روشن خيال واري ڪهاڻي آهي. سندن حقن کي دٻائڻ جي لاءِ نوجوانن جي پويان سيڪريٽ ادارا لڳايا ويا. هو انهن ڏکن مان عوام کي ڪڍڻ چاهي ٿو. ڪهاڻي ”منهنجو پٽ مهدي ”سموري نظام جي خلاف هڪ بلند آواز آهي. ڪهاڻيءَ ۾ سماجي نا انصافيءَ تي سخت تنقيد آهي. ڪهاڻي ظلم ڪندڙ ۽ غريبن جا حق ڪائيندڙ سرڪاري آفيسرا، ڪامورا، وڏيرن، مولوين جا پول پڌرا ڪندي، سندن ڪند ذهنيت جي عڪاسي صاف نظر اچي ٿي. ليکڪ معاشي بدحاليءَ جي چٽي تصوير پيش ڪئي آهي. ڪهاڻي شروع کان آخر تائين سهڻي اسلوب ۾ سماج جي بگاڙي جي سبب کي بيان ڪندي نظر اچي ٿي.

> ”مون پيار وچان چيو، ”مهدي منهنجا پٽ، سچي خلق خدا جي هن پٽ جي چڪر ۾ سرگردان آهي. ماڙهين جي ٿڃ سڪي ويئي آهي. تون هيءَ پٽ ڪاٽ، “ مهديءَ ٻڏندڙ آواز ۾ چيو، ”مون کي پگهر جو پورهيو ڪاراءِ بابا، خيرات جو پٽ ڪائيندس ته اُڦٽ مري ويندس،“ (جليل، 1998: 95)

ڪهاڻيءَ ذريعي ليکڪ عوام کي پنهنجي حقن وٺڻ ۽ قيمتي سرمائي جو درست استعمال سمجهايو آهي. امر جليل هڪ ئي وقت روشن خيالي، مزاحمت، قوم پرستي ۽ سماجي حقيقت کي بيان ڪيو آهي. جنهن ڪري سماج ۾ کيس تمام گهڻي مقبوليت ملي آهي. سندس ڪهاڻين تي روشن خيالي گهڻي حاوي آهي. سندس ڪجهه ڪهاڻيون مزاحمتي به آهن. سندس روشن خيال ۽ ترقي پسند ڪهاڻين جي وچ ۾ هو ڪٿي پنهنجو انداز بدلائي ٿو ڪٿي علامتي ٿو ٿي وڃي ته ڪٿي وري سندس انداز رومانوي ٿي وڃي ٿو. امر جليل جو اسلوب هر ڪهاڻيءَ ۽ ڪردار مطابق تبديل ٿئي ٿو.

**امر جليل جون رومانوي ڪهاڻيون**

امرجليل بنيادي طرح رومانوي ليکڪ آهي. سندس شروعاتي ڪجهه ڪهاڻيون رومانوي آهي. هو ڪهاڻين ۾ پڙهندڙ کي بوريت کان بچائڻ جي لاءِ

ڪٿي ڪٿي رومانوي انداز اپنائي ٿو. سندس اهو انداز ڪافي ڪهاڻين ۾ ملي ٿو. ڪهاڻيءَ کي دلچسپ بنائڻ جي لاءِ هو ڪردارن کي خيالن جي دنيا مان ڪڍي حقيقت ڏانهن وٺي وڃي ٿو. سندس اسلوب ڪٿي ڪٿي رومانوي ٿي وڃي ٿو. ان جي ڪري ئي سندس ڪهاڻي خوبصورت بنجي وڃي ٿي. سندس ڪهاڻي ”هڪ دل جي اڪيلائي“ رومانوي آهي. يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ نوجوان جي جيڪو ڪنهن عورت سان محبت ڪري ٿو انتها جي حد تائين، هو جڏهن ڇهن سالن جي عرصي کان پوءِ به ملن ٿا ته کين ائين محسوس ٿئي ٿو ڇڻ هو جدا ئي نه ٿيا هئا. پراڻي کي وقت ۾ جڏهن هو هر روز ملندا هئا، ته کين ڪوڙ سارا وهم ورائي ويندا هئا. نرگس کي پنهنجي عاشق جي پيار تي يقين نٿو اچي ۽ هوءَ ان خيالن ۾ گم ٿي وڃي ٿي. هن ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار جي ڪهاڻي عام ڪهاڻين کان جدا آهي. هو جنهن عورت سان محبت ڪري ٿو اها ڪيس نظر انداز ڪري ٿي. نرگس جيڪا هڪ عام ۽ آزاد خيال عورت آهي. ڪا به عورت جڏهن آزاد هلي گهمي ٿي ته اها ڪنهن به هڪ مرد وٽ شادي ڪري نٿي ويهي. اهڙين عورتن جي حقيقت کي سامهون آندو ويو آهي. جيڪي عام عورتن وانگر ڪنهن هڪ مرد جون تابع نٿيون رهن هو مرد جي محبت کي عام سمجهن ٿيون. ڇهن سالن کان پوءَ جڏهن هو پاڻ ۾ ملن ٿا ته نرگس مرڪزي ڪردار کي ڏوراپو ڏئي ٿي ته تو مون کي وساري ڇڏيو جنهن تي ڪيس ان تي ليکڪ ڪيس چوي ٿو ته:

”وراڻيم، “مان جيڪڏهن مري پوان نرگس ۽ موهن جو دڙو ٿي پوان، ته اڄ کان پنج هزار سال پوءِ منهنجي لاش مان ماڻهون تنهنجي ياد جا ڪنڊر ڪوٺي ڪڍندا.“ (جليل، 1998: 56)

لفظن مان ليکڪ جي اندر جا اُڌما نظر اچن ٿا. اهڙا شاهڪار مڪالما ڪنهن ورلي ليکڪ وٽ ملندا. هيءَ ڪهاڻي رومانوي آهي جنهن ۾ به ڪردار جيڪي هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا پر عورت مرد کي نظر انداز ڪري ٿي نتيجي ۾ هو جدا ٿي وڃن ٿا. سموري ڪهاڻيءَ ۾ محبت جو اعتبار ڏيارڻ جا ڊائيلاگ آهن. محبت واريون ڳالهيون آهن. سندس رومانوي ڪهاڻين مان هڪ بهترين ڪهاڻي آهي. سندس ڪهاڻي ”مان ديوداس نه آهيان“ هڪ سنڌي قوم پرست نوجوان جي آهي. جيڪو سنڌ مان اسلام آباد ۾ وڃي نوڪري ڪري ٿو ۽ پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙ هڪ ڇوڪريءَ سان محبت ڪري ٿو. ڇوڪري ڪيس نظر انداز ڪري ٿي. هو سنڌي آهي ۽ سهڻو به نه آهي غريب به آهي. ان ڪري ڪيس نظر انداز ڪري ٿي. ڇوڪريءَ کي جميل نالي ماڻهون سنڌيءَ جي باري ۾ عجيب ڳالهيون ٻڌائي ٿو ته سنڌي عورتن جي معاملي ۾ هر عورت تي پنهنجي دل نڇاور ڪندا آهن.

”مون ڪان بد دل ۽ بد گمان ڪرڻ لاءِ جميل پاروءَ کي ٻڌايو هو ته عورتن جي باري ۾ سنڌي ڏاڍا جذباتي هوندا آهن، ۽ سهڻي عورت

> کي ڏسي جلد ڙرڪي پوندا آهن. هي رڇ پڻ سنڌي آهي_ بلڪ ڪٽر قسم جو سنڌي آهي تنهن ڪري  توکي ڏسي ترڪي پيو آهي. هيءُ سنڌ ۾ به ترڪي پوندو هو.” (جليل، 2014: 85)

ڪهاڻي سماجي تلخ حقيقت تان پردو ڪڻندي، سنڌين جي ڪند ذهنيت جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي. ليڪڪ ڪهاڻيءَ جي ذريعي ڳوناڻن کي پنهنج حقن کان آگاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ظلم کي نروار ڪيو ويو آهي. سنڌين کي آوارا سمجهيو ويندو هو. ون يونٽ ٺهڻ واري عرصي دوران سنڌين کي سنڌ کان ٻاهر به شڪ جي نظر سان ڏٺو ويندو هو. غلط الزام هڻي کين مجبور ڪيو ويندو هو ۽ سنڌين سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين کي سهڻي نموني نروار ڪيو ويو آهي.

> ”چيم هڪ ته آهيان سنڌي، ۽ مٿان وري اتفاق سان ڪري ويٺو آهيان ايم اي بئنڪ ٻاهران لنگهندي ڏسي ورتائون ته ڏاڙيل ڪري ٻڌڻ ۾ دير نه ڪندا _ ٻئي ڏينهن اخبارن وارا لکندا_ اسلام آباد مين سنڌ ڪا مفرور ڊاڪو گرفتار_ وه بئنڪ لوٽني ڪي تياري ڪر رها ٿا._ وه اقتصاديات مين ايم اي هي.” (جليل، 2014: 86)

امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي بظاهر ته رومانوي آهي. پر رومانويت ۾ به ڏک درد  جي پيڙا آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار کي قدم قدم تي ڌوڪو ملي ٿو. جنهن ڪري هو پاڻ کي هميشه ڏکويل محسوس ڪري ٿو. هن ڪهاڻيءَ ذريعي ليکڪ روشن خال اديبن سان پيش ايندڙ مسئلن کي ظاهر ڪيو آهي. پنهنجي وطن کان ٻاهر پيش ايندڙ مسئلن جي عڪاسي سندس هن ڪهاڻيءَ ۾ ملي ٿي. ون يونٽ ۽ مارشل لا دوران هر سنڌيءَ کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. خاص ڪري اسلام آباد سنڌين لاءِ جهڙو هڪ عذاب ڏيندڙ شهر بنجي ويو هو. سندس ڪهاڻي ”هڪ دور جو ماتم“ هڪ اهڙي ڪردار جي ڪهاڻي آهي. جيڪو يونيورسٽيءَ جو شاگرد آهي. جنهن ڇوڪريءَ سان محبت ڪري ٿو ۽ اظهار نٿو ڪري، هوءَ ٻي ڪنهن سان محبت ڪري ٿي ۽ ان يونيورسٽيءَ جي سياسي ليڊر سان شادي ڪري ٿي. هڪ شاعر جو ڪردار جيڪو پنهنجي سموري زندگي ان محبت نه حاصل ٿيندڙ محبت جي انتظار ۾ گذاري ٿو ۽ سندس محبت شميم سان ڪيل ڪچهريءَ جي جذهن ياد اچيس ٿي ته چوي ٿو ته؛

> ”شميم گهڻو اڳ پنهنجي آدرشي (Ideal) ساٿيءَ جي باري ۾ ٻڌائيندي چيو هو، ” مان اهڙي شخص جي منتظر آهيان، جيڪو انقلاب ۽ طبقاتي ڪشمڪش کان آجي سوسائٽيءَ جو حامي هجي.” (جليل، 2008: 122)

شاگردن جو ليڊر جيڪو جذباتي تقريرون ڪري ٿو، انقلاب جو حامي ۽ طبقاتي ڪشمڪش ڪان آجو آهي هو لفظن جي جادو سان شاگردن ڪي پاڻ ڏانهن متوجه ڪري ٿو. سچي محبت ڪرڻ وارن جي حقيقت پيش ڪئي آهي جيڪي سموري زندگي پنهنجي پيار جي لاءِ گذاري ڇڏين ٿا. سندس ڪهاڻي ”منهنجي دل موهن جو دڙو“ هيءَ ڪهاڻي به يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ وارن جي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ طبقاتي فرق ڪي ڏيکاريو ويو آهي. سنڌي سماج ۾ امير غريب جو فرق جيڪو اسان سماج جو سڀ ڪان وڏو ناسور بنجي چڪو آهي. هڪ غريب پٽيوالي جو پٽ چيف انجينئر جي ڌيءَ سان محبت ٿو ڪري ۽ ان فرق جي ڪري هو ڇوڪريءَ کي ڇوي ٿو ته:

> ”مان پٽيوالي جو پٽ آهيان ، ۽ تون چيف انجنيئر جي ڌيءَ آهين. پر پاڻ ٻنهي ته ائين ڪڏهن به نه سوچيو آهي. تنهنجي منهنجي سوچڻ سان ڪجهه نه ورندو، نجمه.“ وراڻيم، ”اسان جي شادي منهنجي پيءُ تنهنجي ڊيڊيءَ جي سماجي رتبن جي فٽبال ميچ تي منحصر آهي، جنهن ۾ منهنجو پيءُ زخمي گول ڪيپر آهي.“ (جليل، 2010: 27)

ڪهاڻي سماج جي فرسوده رسمن تان پرود ڪٽي ٿي. هيءَ قوم ڪيترو به پڙهي وڃي پر ذهني طور تي تمام گهٽي پئتي آهي. عام سماجي موضوع سماج جو ناسور بنيل جنهن ڪري قومن جا نسل دشمن ٿي هڪ ٻئي کي تباهه ڪندا آهن.

> ”تڏهن امان جي آواز تي منهن ورائي ڏانهس ڏٺم. چيائين، ” پٽهين کي دل جو دورو پيو آهي. ڪيس جواب نه ڏنم. گُهٽيل گُهٽيل آواز ۾ چيائين، ”جڳ کي کهڙو منهن ڏيکاريندا سين. ڇو؟ اسان جڳ کي پوندو ڏنو آهي ڇا! وراڻيم. دل جو دورو ته وڏن ماڻهن کي پوندو آهي، غريبن کي پيو ته ڇڻ عيب ٿي پيو! ڇا اسان کي دل دوري جو به حق نه آهي؟“ (جليل، 2010: 27)

سموري ڪهاڻي عام سماجي واقعي کي بيان ڪري ٿي. ليڪڪ طبقاتي ڇڪتاڻ کي خوبصورت اسلوب سان پيش ڪيو آهي. امر جليل شديد ڏک واري ماحول ۾ پڙهندڙن کي رومانويت واري پاسي وٺي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون رخ ڏنو آهي. ائين ئي سمورو افسانوي ادب سندس خوبصورت اسلوب سان سلهاڙيل نظر اچي ٿو. ان ذريعي سماج جي اصلاح به ٿئي ٿي. امر جليل جي لڳ ڀڳ سمورين ڪهاڻين ۾ رومانويت نظر اچي ٿي. پاڻ رومانويت جي ذريعي ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائي ٿو ۽ سماج جي حقيقتن تان نهايت آسانيءَ سان پردو ڪٽي ٿو.

**امر جليل جون علامتي انداز واريون ڪهاڻيون**

جيئن اسان هن کان اڳ واري باب ۾ علامت نگاريءَ جي وصف واضح ڪري چڪا آهيون. هتي امر جليل جي علامتي انداز وارين ڪهاڻين تي روشني وڌي ويندي. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ جتي مختلف تحريڪن جو اثر نظر اچي ٿو. اتي سندس هڪ وڏي خوبي اها به آهي ته ڪجهه ڪهاڻيون علامتي انداز ۾ به آهن. علامتن جو استعمال ٻين ليکڪن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه سجيهه نظر اچي ٿو. هو گهري کان گهري ڳالهه به علامت جي ذريعي چئي وڃي ٿو. سندس ڪيترائي ڪردار علامتي آهن. جيڪي سندس سڃاڻپ بنجي چڪا آهن.

ادب ۾ علامت نگاري واري تحريڪ اڻويهين صديءَ جي آخر ڌاري فرانس ۾ شروع ٿي. علامت جي ڪري ئي ٻولي وسيع ٿئي ٿي. علامت ئي ٻولي کي خوبصورت بنائي ٿي. علامتون آفاقي آهي، پر اهي انساني تجربن جي بنياد تي ڪنهن منزل تي پهچن ٿيون. علامت جو استعمال نه صرف ادب ۾ پر عام ڳالهائڻ ۾ به ٿئي ٿو. علامت کي ادب گهڻي اهميت وارو بنايو آهي. جيئن ٻولي علائقي جي حساب سان تبديل ٿئي ٿي. تنهنڪري علامت جي شڪل به علائقي ۽ شخص جي مطابق تبديل ٿي وڃي ٿي. علامت جي سڀني قسمن کان وڌ شخصي علامت اهميت واري آهي. هر شخص جو انداز ٻئي شخص جي انداز کان جدا ٿئي ٿو. تنهنڪري سندس علامتون به جدا ٿين ٿيون. ليکڪ علامتن جو استعمال ضرورت جي مطابق ڪري ٿو. پنهنجي تجربي جي بنياد تي علامتن جو استعمال ڪندو آهي.

ممتاز مهر علامتن کي ٽن درجن ۾ ورهائي ٿو:

"1. آفاقي علامتون
2. روايتي علامتون
3. انفرادي علامتون

1. آفاقي علامتون اهي آهن، جن جو تعلق ڪنهن نه ڪنهن طرح سان سڄي انسان ذات سان آهي. اهي عالمگير حقيقتن جي بنياد تي وجود ۾ آيون آهن. جيڪي ماڻهن جي گڏيل تجربن، احساسن، مشاهدن ۽ سوچن جون پابند آهن.
2. روايتي علامتن مان مراد ڪنهن خاص ٻوليءَ ۾ جيڪي علامتون عرصي کان وٺي رائج آهن، ۽ جن جو تعلق اتان جي روايتن، داستانن، تهذيب، ثقافت، مذهب ۽ رسم رواج مان هوندو آهي.
3. علامتن جو ٽيون قسم محض ذاتي هوندو آهي، اهي انفرادي علامتون هونديون آهن. تخليقڪار جي تخليق يا مشاهدي جي ذريعي سندس ذهن تي جيڪي نقش اڪرجي ويندا آهن، اظهار جي وقت اهي جيئن جو تيئن ظاهر ٿيندا آهن. اڪثر نقادن ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي، ته ذاتي علامتن ۾ تخليقڪار ۽ پڙهندڙ

جي وچ ۾ باهمي سمجهوتي جي تصور کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي.” (مهر، 2006: 110، 111)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ علامت نگاريءَ جو پورو هڪ نظام موجود آهي. عوام سان نا انصافي پيرن، ڪامورن، وڏيرن، سرمائيدارن، مُلن جا ڪيترائي علامتي ڪردار ملن ٿا، ڪٿي هو سڌوسنئون به انهن جو بيان ڪري ٿو. ظلم خلاف ۽ مظلومن جي حمايت گهڻي علامتي انداز ۾ ملي ٿي. امر جليل تي گهڻو اثر ورهاڱي جي حالتن جو آهي. لکين ماڻهن کي لڏپلاڻ ڪندي ۽ خوف ۾ مبتلا ڏسي، لکين قتل ڏسي ان لاءِ سندس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون انهن منظرن جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿيون. علامت ڪنهن به ڳالهه جو بيان نه هوندي آهي. علامت صرف اشارو ڏيندي آهي. ليکڪ جڏهن ڪو قصو يا ڳالهه ڍڪيل لفظن ۾ ڪرڻ چاهيندو آهي ته ان وقت هو علامتن جو سهارو وٺندو آهي. ڪڏهن ليکڪ پنهنجي تحرير ۾ سونهن پيدا ڪرڻ خاطر به علامتي انداز جو سهارو وٺندو آهي.

هر ليکڪ پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو اظهار ادب جي مختلف صنفن ذريعي ڪيو آهي. انهن ۾ اظهار ڪرڻ جي لاءِ موقعي، ماحول ۽ ڪردارن جي مزاج مطابق سندس اسلوب تبديل ٿيندو رهندو آهي. هر تحرير ۾ اسلوب ساڳيو نه هوندو آهي. امر جليل پنهنجي فڪر کي علامتن جي ذريعي واضح روپ ڏنو آهي. ڪجهه ڳالهيون يا ڪردار اهڙا هوندا آهن. جن کي ليکڪ سڌوسنئون پنهنجي اظهار ۾ آڻي نه سگهندو آهي. ان جي لاءِ ڪيس علامتن جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. امر جليل علامت جي لاءِ لکي ٿو ته:

”عام طرح ڀن ڀن حالتن ۾ علامتون آنديون وينديون آهن. هڪ ته، جڏهن ماحول ۾ اظهار جا وسيلا محدو هجن ۽ هر طرف کان گهُٽ ۽ ٻوسٽ، نا انصافي ۽ دٻ جو راڪاس ورائي وجي. يا جڏهن دل جي ڳالهه ڪرڻ لاءِ سڌو سنئون مخاطب ٿيڻ فني لحاظ کان مناسب محسوس نه ٿيندو هجي، تڏهن علامتن جي مدد سان اظهار کي ڪا نه ڪا صورت ڏيئي وٺبي آهي.” (جليل، 2013: 186)

هر دور جون حالتون ۽ ماحول جدا هوندو آهي. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ علامتون گهڻين جاين تي نظر اچن ٿيون. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن به ڪهاڻيڪار وٽ علامتن جو استعمال نه ملندو جيترو امر جليل وٽ آهي. علامتون استعارا ۽ تشبيهون ليکڪ جي اسلوب کي خوبصورت بنائينديون آهن. اها سونهن ئي سندس سڃاڻپ بنجي ويندي آهي. امر جليل پنهنجي علامتي انداز جي لاءِ چوي ٿو ته:

”هر ليکڪ مختلف علامتون پنهنجي پيرائيءَ ۾ استعمال ڪندو آهي. منهنجي لاءِ ٻار آئيندي جي علامت آهي. مان جڏهن ٻار جڏهن ٻار کي منجهيل يا ملول يا وائڙو ڏسندو آهيان، ته اِن مان منهنجي مراد هوندي آهي ته آئيندو منجهيل ۽ اٽڪيو آهي. سِج کي مان سچ جي علامت طور استعمال ڪندو آهيان. سِج جو لهي وڃڻ، ڪکرن پٺيان لڪي پوڻ، سَچَ جي عدم موجودگيءَ جو اظهار آهي. اهڙي طرح نوجوانن کي مان انقلاب جي علامت سمجهندو آهيان.“ (جليل، 2013: 186)

ليکڪ لاءِ علامتي انداز اپنائڻ آسان ڳالهه نه آهي. ڪو به عام ماڻهو علامتي انداز نٿو اپنائي سگهي ان جي لاءِ تجربي جي ضرورت آهي. امر جليل جا علامتي ڪردار ڏک تڪليفون، مشڪلاتون برداشت ڪرڻ وارا آهن. اڪثر ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجندي نظر اچن ٿا. امر جليل جنهن دور ۾ ڪهاڻيون لکيون اهو دور پابنديءَ وارو هو. ڪا به ڳالهه سڌي چوڻ مطلب پاڻ کي مشڪل ۾ وجهڻ هو، تنهنڪري امر جليل علامتي اسلوب کي اپنايو. علامت ذريعي پاڻ رياستي ادارن، پيرن، وڏيرن، ڪامورن تي طنز ڪندي نظر اچي ٿو. سندن چهرن تان ڪلندي نقاب لاهيندي نظر اچي ٿو.

**1.** عظمت جو ثبوت

امر جليل جي ڪهاڻي ”عظمت جو ثبوت“ ون يونٽ واري دور جي عڪاسي ڪري ٿي. بنگالين جي اڪثريت کي دٻائڻ جي لاءِ ون يونٽ مڙهيو ويو. ان اذيت مان پاڻ کي ڇڏائڻ جي لاءِ عام ماڻهن سان گڏ اديبن به وڏو ڪردار ادا ڪيو. امر جليل هن ڪهاڻيءَ جي ذريعي عام ماڻهن کي پيغام ڏنو ته، پنهنجي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪين ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو.

”هن وراڻيو، ”دنيا کي ڏيکاري رهيو آهيان ته مان بيحد خوش آهيان ۽ خوشيءَ وچان منهنجون واڇون وجي پاپڙين سان لڳيون آهن.“
”شاباش“ ٿلهي ڪيس ٿڦڪي ڏني ۽ چيو، ” هميشه پنهنجين واڇن کي چڪي ڪنن جي پاپڙين تائين پهچائيندو ڪر. دنيا سمجهندي تون ڪلي رهيو آهين ۽ مون منجهان خوش آهين.“ (جليل، 2010: 83)

جتي ڪين ساهه کڻڻ جي به اجازت به هئي اتي ڪين حق وٺڻ جي لاءِ اڪساهيو. اسان جي قوم جا ماڻهون شروع کا وٺي ظلم کي خوشيءَ سان برداشت ڪندا اچن ٿا. هن ڪهاڻيءَ جا ٻه ڪردار مک آهن. ڊبو ظلم جي علامت آهي. سنهڙو سيپڪڙو وري ظلم جي اڳيان جهڪڻ جي علامت آهي. ڊبو ون يونٽ ۽ سنهڙو ان جي خوشامند ڪندڙ آهي. جيڪو ظلم کي مزي سان برداشت

ڪري ٿو. حڪومت ڪيئن جبر سان ون يونٽ عوام مٿان مڙهيو ۽ وري ان وقت کي امن جو دور کي ڏيکاريو هو. هيءَ ڪهاڻي ان دور تي طنز آهي.

**2.** جلا وطن

امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي علامتي انداز جو بهترين مثال آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ به ون يونٽ جو منظر پيش ڪيل آهي. ون يونٽ دوران سچل سرمست ۽ شاهه لطيف جي گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا. ڪين چڻ ملڪ بدر ڪيو ويو. ڪهاڻيءَ مان مثال پيش ڪجي ٿو.

> ”مان پٽ شاهه کان جلاوطن ٿيل آهيان،“ هن نرڙ تان پگهر اُگهندي وراڻيو، ”مون کي پٽ شاهه تي پير پائڻ جي به اجازت ناهي.“ (جليل، 2010: 83)

شاهه لطيف نه فقط سنڌ، پاڪستان پر دنيا ۾ به سنڌ ۽ سنڌين کي سڃاڻڻ جو سبب آهي. سنڌين کي سنڌ ۾ جڏهن پنهنجا حق نه مليا ان پسمنظر ۾ لکيل آهي. شاهه لطيف جي جلاوطني ڪڏهن نه ختم نه ٿيڻ جي علامت آهي. شاهه لطيف جي جلاوطني ڪڏهن نه ختم نه ٿيڻ جي علامت آهي.

**3.** مٿيءَ جا ماڻهو

هن ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل هڪ نه پر ڪيترين ئي شين کي علامتي انداز ۾ ڪنيو آهي. طبقاتي نظام ۾ جيڪي اوڻايون آهن. انهن کي بخوبي واضح ڪيو آهي. ٻار سچ جي علامت آهي. پاڻ ٻار جي ذريعي سماج جي اوڻاين تي نظر وڌي آهي. چينوءَ جي ڪردار جي ذريعي اهڙا اهڙا سوال اٿاري ٿو، جيڪي ڪنهن کي وڏا فلاسافر ڪندا آهن. هو زماني جي چالاڪين کي نادانيءَ سان سامهون آڻي ٿو.

> ”تون مان ۽ ادا چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائي نه سگهنداسين. اسان لاءِ سچ ڳالهائڻ جو دور گذري ويو.“ چيني مٿيءَ جي ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو؛ ” هن ماڻهوءَ جي منهن تي جڏهن نڪ لڳي ويندو، تڏهن هيءُ ماڻهو چونڪ تي بيهي اسان سڀني ٻاران سچ ڳالهائي سگهندو.“ (جليل، 1999: 20)

ولوءَ جو ڪردار جيڪو صدين کان سچ ڳالهائڻ جي علامت آهي. امر جليل سماج متعلق ڪيترائي سوال اُٿاري ٿو جنهن ڪري هو پڙهندڙن اڳيان هڪ ٻار جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو. اهو ئي سندس فن آهي. جنهي جي آڌار تي سندس موضوع ۽ ڪردار اهميت وارا بنجن ٿا. امر جليل مڪالمن ذريعي سخت تنقيد ڪندي نظر اچي ٿو. ولو ۽ چينو سچ ڳالهائڻ ۽ ظلم برداشت ڪرڻ جي

علامت آهن. امر جليل جون ڪهاڻيون پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪن ٿيون. نادان ڪردارن جي واتان تلخ ڳالهه به چورائي وڃي ٿو.

**4.** صدين جو سوداءُ

هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج ۾ هميشه محبت تي پئسي  کي ترجيح ڏني وئي آهي. انهن بيوس ماڻهن تي طنز آهي. هر دور ۾ هڪ غريب جو ڪردار ووٽ ڏيڻ ۽ وڏيرن ۽ ڪامورن جي لاءِ نعرا هڻڻ آهي. هو ڪامورن تي طنز ڪري ٿو.

”ٿلهه کي ٽيڪ  ڏيئي، صدين کان توکي ڏسندو رهندو آهيان.“
”پيو ڇا ڪندو آهين؟“
”وڏيرن کي ووٽ ويندو آهيان.“
”پيو ڇا ڪندو آهين؟“
”معزز شڪارين لاءِ ٻوڙ مان تتر اُڏاريندو آهيان.“
”پيو ڇا ڪندو آهين؟“
”شرمائيندي وراڻيم؛ پيو خيالي پُلاءُ پچائيندو آهيان.“ (جليل، 1999: 23)

ايم اين اي، ايم پي اي کي ووٽ ڏيڻ وارن پڙهيل نوجوانن کي جاڳائڻ لاءِ ڪهاڻيءَ ۾ طنز به ڪيل آهي. ووٽ ڏيئي پوءِ انهن لالچي وڏيرن جي هٿان ئي ذليل ٿيندا آهن. وڏيرا لاچ ڏيئي ووٽ ته وٺندا آهن. پر ڪو به ڪيل واعدو پورو نه ڪندا آهن. اسان پنهنجا قيمتي ووٽ ڪين ڏئي پوءِ انهن جي پويان ڪمن جي لاءِ هلندا وتندا آهيون. علامتي انداز ۾ لکيل ڪهاڻيون گهٽي پاڳي طنز سان گڏ هڪ وڏو پڙهندڙن لاءِ هڪ پيغام به آهن.

**5.** اسٽار سرڪس جو جوڪر

هن علامتي ڪهاڻيءَ جا ڪردار به علامتي آهن. هن ۾ امر جليل غريب ۽ بيوس ماڻهن جي لاچاريءَ جي عڪاسي ڪئي آهي. اسٽار سرڪس جو جوڪر ڪنهن سياستدان جو علامتي ڪردارآهي. جيڪي پنهنجي جلسي کي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ غريبن کي زبردستي گاڏين ۾ ڪٽي اچن ٿا ۽ تاڙيون وڄرائين ۽ نعرا هڻائين ٿا. جلسي  ۾  ڳوناڻن کي هڪ پوڙهو پنهنجو تجربو ٻُڌائي ٿو.

”تاريخي پوڙهي وراڻيو؛ مون صدين کان وٺي انسان کي زندگيءَ جي ڪڄريءَ آڏو ليلائيندي ڏٺو آهي. انسان کي مانيءَ جي گول ڦيٿي پٺيان ڊوڙندي ڏٺو آهي. جيڪي انسان پيٽ بکيا ۽ انگ اُگهاڙا هوندا آهن، انهن کي متارن لاءِ بيلٽ باڪس ۾ ووٽ وجهي خوش ٿيندي ڏٺو اٿم.“  (جليل، 1999: 52)

جلسو ختم ٿيڻ کان پوءِ ڳوٺن کان آندل ماڻهن جي حالت نهايت خراب ٿئي ٿي. کين پيٽ پرڻ چا چا نٿو کرڻو پئي. شهر ۾ ڳوٺاڻن کي چريو سمجهي، چرين جي اسپتال موڪليو وڃي ٿو. انهن علامتي ڪردارن جي ذريعي امر جليل سماج تي طنز ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ جي پڄاڻيءَ تي ڳوٺاڻن جو جيڪو انجام ٿئي ٿو. عام طور تي سماج ۾ غريب طبقي کي ائين ئي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو.

**6.** ٽئين دنيا

هيءَ ڪهاڻي عنوان مان ئي ڏکن ۽ تڪليفن جي عڪاسي ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ امر جليل غلام قومن جي عڪاسي ڪئي آهي. سنڌ جو شمار ليڪڪ ٽئين دنيا ۾ ڪيو آهي. انهن مسڪينن جي ڪهاڻي آهي. جيڪي هميشه خوابن جي دنيا ۾ رهندا آهن. اخبارن مان معما حل ڪري امير ٿيڻ جي چڪر ۾ هو سماج جي هڪ ناڪارا فرد وانگر زندگي گذاريندا آهن. ضمير متڪلم ۾ لکيل ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار جي واتان سنڌين کي خاموشيءَ جي علامت بنائي پيش ڪيو آهي.

**7.** تاريخ جو ڪفن

هن ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل اهڙي واقعي کي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جيڪو هن وقت اسان جي سماج ۾ ناسور بنيل آهي. هڪ شيديءَ کي حق نه آهي، ته هو ڪنهن به انسان کي نماز جي پهرين صف ۾ اڳيان بيهڻ کان روڪين. هن سماج جي ٺيڪيدار جيڪي چوندا آهن، ته انسانن ۾ ڪو به فرق نه آهي، مسجد ۾ نماز جي هڪ ئي صف ۾ بيهڻ وارا سڀ مسلمان برابر هوندا آهن. پوءِ اهي امير، غريب، بادشاهه هجن يا فقير هجن. هڪ ڪهاڻيءَ جو علامتي ڪردارهن شيديءَ جو آهي. مذهب جي ڪنهن به ڪتاب ائين نه آهي، ته هڪ شيدي اڳيان صف ۾ اچي نماز پڙهي. سندس هيءَ ڪهاڻي سماج تي طنز آهي.

**8.** عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا

امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي جنگ جي منظر کي پيش ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار محرم علي جنهن جو بنا سسيءَ جي لاش جنهن کي دفن ڪيو ويو محرم عليءَ جڏهن ظلم خلاف آوازا اٿاريو ته ڪيس موت جي سزا ملي. محرم علي پنهنجي حق وٺڻ جي لاءِ سوچيو ۽ بدلي ۾ ڪيس موت جهڙو تحفو مليو. امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي اسلوب جو هڪ بهترين مثال آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ محرم عليءَ جو موٽڻ آئيندي جي علامت آهي. اهڙا ڪردار ڪڏهن به مرندا ناهن اهي وري وري جنم وٺي موٽندا آهن. هر دور ۾ محرم عليءَ جهڙا ڪردار پيدا ٿيندا رهيا آهن.

**9.** پنجين موسم

ڪهاڻي "پنجين موسم" به علامتي ڪهاڻي آهي. اسلام آباد جي مارگلا ٽڪرين جو منظر پيش ڪيو آهي. هن ۾ گدڙ، ٻڪر ۽ شينهن علامت جي طور تي استعمال ۾ آندا آهن. سندس هيءَ ڪهاڻي طنزيه آهي. انهن سنڌين تي جيڪي اسلام آباد جي ايوان ۾ وڃي پنهنجي وطن کي وساري ويٺا ۽ پنهنجي سيٽ وڃائڻ جي خوف ۾ حڪومت جو ڏاڍ ۽ ظلم برداشت ڪندا رهيا. شينهن جهڙو جانور طاقت جي علامت آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ روئي ٿو. طاقتور هوندي به بيوس آهي. ڪهڙي خوبصورت انداز ۾ سنڌين جي حقيقت کي پيش ڪيو اٿس. ٻڪر قربانيءَ جي علامت آهي. اهڙن انسانن کي حڪومت قربانيءَ جو ٻڪر سمجهي قربان ڪري ٿي. جنهن سماج ۾ حڪمران شينهن بدران گدڙ ۽ ٻڪر هجن. هتي ڊاڪٽرن کي ڪاساين سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. ڊاڪٽر انسانن سان جانورن وارو ورتاءُ ڪن. اهو سماج هڪ جهنگ جي مثل هوندو. علامتي ڪردارن کي بهترين اسلوب جي ذريعي امر جليل پيش ڪيو آهي.

**10.** پکي

هيءَ علامتي ڪهاڻي جنهن ۾ ماءُ جيڪا سچ جي علامت آهي. قومن کي شعور ڏيڻ جي ڪانئن سڌي رستي تي هلائڻ جي. پٽ ڊڄندڙ ۽ پنهجي سوچ رکندڙ ماڻهو جي علامت آهي. ڳيرو پکي امي جي نشاني آهي. هتي اِن پکيءَ کي ليکڪ اهڙو پوائنٽو ڪري پيش ڪيو آهي. ماءُ ان پکيءَ کي خوفناڪ سڏي ٿي ۽ پٽ ان کي اڏارڻ کان انڪار ڪري ٿو مٿان سفارش تي مليل منهنجي نوڪري ختم ٿي وڃي. امن جي پکيءَ کي خوفناڪ سمجهيو ويندو هو. امر جليل جي هر علامت هڪ‍ ٻئي کان گوءِ کڻي وڃي ٿي.

**11.** دي موسٽ ڊينجرس مين اِن پاڪستان

ڪهاڻي علامتي انداز ۾ ٻي ڏوهي انسانن تي الزام لڳائڻ بابت آهي. حڪومت طرفان غريب انسانن کي ٻي ڏوهي گرفتار ڪرڻ سندن گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪرڻ جهڙي ڳالهين تان پرود ڪنيو آهي. امر جليل ان باب علامتي اسلوب ۾ ٻارن جي زباني وڏا وڏا سوال اٿاري ٿو. ليکڪ ان موضوع کي وائکو ڪرڻ لاءِ گهر جو ماحول به اهڙو ئي پيدا ڪيو آهي. ٻارن جي زباني ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي.

> "روشنيءَ ۾ عمر ۽ بيني اوپري شخص ڏانهن ڏٺو. اهو ڏسي کين سخت حيرت ٿي ته پاڪستان جو سڀ کان خطرناڪ شخص پوڙهو هو، ڪمزور ۽ سنهڙو سيپڪ هو. سندس هڙٻاٽون نڪتل ۽ ڏند پڳل هئا! اکيون هڏن جي پيالن ۾ پوريل، نڪ سنهڙو ۽ ڊگهو، ۽ ڪن وڏا ۽ ويڪرا هئس. ڪنن جي هيٺان ڪونئريون پاپڙيون ڏڏي رهيون هيون." (جليل، 1999: 101)

هڪ استاد جو بنا ڏوهه لڪڻ حيرت ۾ وجهڻ آهي. امر جليل جو علامتي اسلوب پين ليڪڪن جي پيٽ ۾ سگهارو آهي. هو ڪهاڻيءَ ڪي خوبصورت اسلوب جي ذريعي پنهنجي انجام تي پهچائي ٿو. ڪردارن جا مڪالما ڪهاڻيءَ جي جان آهن. اڪثر ڪهاڻيءَ ۾ ٻار ڏاڍا ذهين نظر اچن ٿا. ٻار ئي مستقبل جا معمار آهن. تنهنڪري ڪين ذهين ٿيڻ گهرجي. لکڻ جي آزادي نه هئڻ ڪري به امر جليل رياستي ادارن تي سخت تنقيد ڪئي آهي. عام ماڻهون کي ته سچ لکڻ جو به حق حاصل نه هو. ان جي لاءِ امر جليل لکي ٿو ته:

> ”اظهار جي آزادي مڪر آهي، ڍونگ آهي، فريب آهي، ڪوڙي دعويٰ آهي. مان چاليهن سالن کان گُهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ لکي رهيو آهيان. مون جيڪي چوڻ چاهيو، چئي نه سگهيو آهيان. جيڪي لکڻ چاهيو، سو لکي نه سگهيو آهيان. سوچ جي برقي دائرن ۾ ڀٽڪندو رهيو آهيان. تجريدي طور، اڻ سڌي طرح، علامتن وسيلي اندر جو حال اوريندو رهيو آهيان. ڪنهن کي سمجهه آيو، ڪنهن کي سمجهه ۾ نه آيو. ڪن قبول ڪيو، ڪن قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. بي معنيٰ زندگي معنيٰ جي تلاش ۾ سرگردان گذري ويئي. حوصلو هڪ آهي، پر مون وطن ۾ انيڪ جلا وطن ڏٺا ۽ ٻُڌا جن جوڳ ورتو، ۽ ذهني طرح هنگلاج ۾ وڃي هنڌ ڪيو.“ (جليل، 2010: 12)

علامتي اسلوب جي ذريعي سماج جي تلخين کي نهايت آسانيءَ سان سمجهائي وڃي ٿو. امر جليل جون ڪهاڻيون زندگيءَ کي مقصد ڏين ٿيون. امر جليل علامتي انداز ۾ لکڻ جو ڏانءُ رکي ٿو. سندس ڪهاڻي ڪهڙي به انداز ۾ هجي هو ان سان نڀائڻ ڄاڻي ٿو. علامتي ڪهاڻين جي ذريعي ڇڻ ڪهاڻين کي چار چندڊ لڳايا اٿس. پاڻ علامتن جي سهاري سان پنهنجي ڳالهه آسانيءَ سان چئي وڃي ٿو. سندس ڪردار علامت واري اسلوب ۾ ڳالهائين ٿا. چينو ۽ چرٻٽ علامتي ڪردار آهن، جيڪي معصوم ۽ ننڍا آهن. سندن سماج متعلق سوال ڪافي گهرا آهن. امر جليل جي هر علامت هڪٻئي کان گوءِ کڻي وڃي ٿي.

**امرجليل جي ڪهاڻين جي اسلوب جو تفصيلي جائزو**

هتي امر جليل جي ڪهاڻين جي مجموعن کي دورن ۾ ورهائي افسانن جو جائزو وٺون ٿا ته اسلوب جي شروعات کي ٽن بنيادي دورن ۾ ورهايون ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ موضوع، ٻوليءَ جي تبديليءَ تي نظر وڌي ويندي.

پهريون دور 1955ع کان 1965ع

امر جليل جي ڪهاڻين ڪي جڏهن دورن ۾ ورهايون ٿا ته پهرين دور ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”اندرا“ اچي ٿو. سندس هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون 1955ع کان 1965ع واري دور جون ڪهاڻيون آهن. جيڪي روح رهاڻ، بادل، هفتيوار آزاد، نئين زندگي ۽ مهراڻ ۾ ڇپيون هيون. امر جليل هي ڪهاڻيون ون يونٽ واري دور ۾ لکيون. ”اندرا“ مجموعي ۾ شامل سندس ڪهاڻيون اوائلي آهن، پر مجموعي جي صورت ۾ ٻين مجموعن جي پيٺ ۾ ڪافي سال پوءِ 2009ع ۾ ڇپيون. ارڙهن ڪهاڻين تي مشتمل هن مجموعي ۾ موجود ڪهاڻين تي ورهاڱي ۽ ننڍپڻ جو اثر صاف نظر اچي ٿو. هندستان جي ورهاڱي جو هندن سان ٿيندڙ نا انصافين جو مٿس گهرو اثر هيو ۽ ان ظلم جو جيڪو سنڌ ۾ رهندڙ هندن سان ڪيو ويو. ڪچڙي ذهن جڏهن ننڍي هوندي اِهو ڏٺو ته سندس دل تي هي يادگيريون رهجي ويون. ان وقت جي واقعن ۽ هاڻ ڪي ڏاريندڙ اکين ڏٺي ظلم ڪي هو جواني ۽ پيريءَ ۾ به نه وساري سگهيو آهي. 1947ع کان پاڪستان ۾ ٿيندڙ ويساهه گهاتين سندس جيءَ ڪي جهنجهوڙي وڌو. ادبي دنيا ۾ پير پائڻ کان پوءِ واري 1955ع کان 1965ع واري عرصي جي لاءِ امر جليل لکي ٿو ته:

> ”سن 1955ع کان 1965ع تائين گذاريل ڏهه سال منهنجي زندگيءَ جا مضطرب، منتشر ۽ ايڊوينچرس (مهمجوئي ) سان ڀريل سال هئا. انهن ڏهن سالن مون کي مروڙي، ڊاهي، ٺاهي اهڙي ڪالب مان ڪڍيو جيڪو هر گذرندڙ گهڙيءَ سان گڏ سختگير ٿيندو ويو. انهن ڏهن سالن دوران مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ايڏو گوڙ گهمسان پيدا ڪيو. جنهن جا پڙلاءَ اڄ تائين مون کي ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. مون پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ ايڏا زلزلا آندا جو اڄ تائين پيرن هيٺان زمين مون کي ڌڏندي محسوس ٿيندي آهي.“ (جليل، 2012: 11)

ٻار جي شعوري تربيت اسڪول ۾ ٿيندي آهي. جتي ٻار کي لکڻ، پڙهڻ، ڳالهائڻ ۽ زندگي گذارڻ جا طور طريقا سيڪاريا ويندا آهن. ننڍو ٻار گهر ۽ اسڪول ۾ جيڪو ڏسي ۽ ٻڌي ٿو اهو ئي ڳالهائي ٿو. وڏي عمر ۾ به ان جو مٿس اثر تمام گهرو هوندو آهي. امرجليل تي ننڍي ڄمار ۾ رتن تلاءُ اسڪول ۾ ڇئن سالن جو اثر تمام گهرو آهي. ان جي لاءِ لکي ٿو ته:

> ”ڪلاس هلندي مهل موقعي مهل سان ٽيچر اسان کي شعوري تربيت ڏيندا هئا. ڌرتي اسان جي ماءُ آهي. پنهنجي ماءُ کي انگريزن جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائڻو آهي. انگريزن کي پنهنجي ملڪ مان ڌڪي ڪڍڻو آهي. اسان جو مرڻ جيئڻ ماءُ سان آهي.“ (جليل، 2012: 9)

ابتدائي دور ۾ سندس ڪهاڻيون فني توڙي فڪري لحاظ کان ڪچيون ڦڪيون آهن. شروعاتي ڪهاڻيون هٿرادو جڙتو آهن. مڪالما مصنوعي، ڪردار اوپرا, ٻولي ۾ ڏکيا لفظ جنهن مان صاف نظر اچي ٿو ته سندس فن اڃا پختگيءَ تي نه پهتو آهي. اڃا ڪيس ترقيءَ جون منزلون طئه ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ جي ضرورت هئي. هي اهو دور هو جنهن ۾ امر جليل کي لکڻ لاءِ اتساهيو ويو. پوءِ اهو لکڻ سندس ضرورت بنجي ويو. لکڻ ڪيس سوچڻ تي مجبور ڪيو. ڪهاڻي ”اندرا“ هڪ خيالي ڪهاڻي آهي. ليکڪ جي شخصيت جي داخلي پهلو کي خارجي ۾ ظاهر ڪرڻ جو نالو اسلوب آهي. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاري سان گڏ رومانويت جو عنصر به آهي. اندرا کي محبت جي علامت ڪري پيش ڪيو ويو آهي امر جليل لکي ٿو ته:

> ”اندرا جو موضوع آهي. دنيا جو ڪو به مذهب سچ ۽ محبت کان مٿانهون ناهي. ملڪ ورهائي سگهجن ٿا، پر محبت نه _ وڇوڙي ۾ عشق جي ابديت آهي. بقا آهي _ وصل عشق جي نفي آهي ڌرتي اسان جي ماءُ آهي. اهي ئي موضوع آهن جن تي اڄ تائين مان لکي رهيو آهيان.“ (جليل، 2012: 19)

امر جليل پهريان جليل پريميءَ جي نالي سان ڪهاڻيون لکيون. ڪجهه وقت کان پوءِ پاڻ نالي سان گڏ امر لڳايائين. ڪهاڻيءَ ۾ مذهب جي بنياد تي محبت سان رهڻ جو درس ڏئي ٿو مذهب جي بنياد تي مارا ماري ڪرڻ وارن کي ننديٰ ٿو. محبت سموري ڪائنات جي مذهبن کان مٿانهين آهي. سندس نظر ۾ انسانيت ۽ محبت جي نظرئي تي زندگي گذارڻ گهرجي.

> ”مون تو کي حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو؛ پر اسان جي وچ ۾ سماج جي پٽ ۽ مذهب جو پهاڙ هو، پر مون تو کي ٻڌايو هيو، ”اندرا“ مان هي سماجي ٻنڌڻ ٽوڙيندس. منهنجو ڪو به مذهب ڪو نه آهي ۽ نه ڪو تنهنجو ئي ڪو آهي. پاڻ صرف پيدا ڪرڻ ۽ مارڻ واري جا ٻندا آهيون. سماج جا نه!.“ (جليل، 2012: 151)

ڪهاڻيءَ جي ذريعي ليکڪ مذهب جو مقصد سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪو به مذهب انسانن کان نفرت جو درس نٿو ڏئي. مذهب جو پيار محبت بنا ڪنهن ويڇي جي گڏجي زندگي گذارڻ جو درس ڏئي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جو ڳالهائڻ ئي سندس تحريرن کي نروار ڪري ٿو. ليکڪ به تحرير ۾ نوان لفظ، اصطلاح، محاورا استعمال ڪيا آهن. ڪهاڻي ۾ ڪردار هندو آهن ته انهن جي ٻولي به هندن واري آهي. سندس لکڻين ۾ اجائي نعريبازي نه آهي. امر جليل زندگيءَ کي جيئن محسوس ڪيو ڏٺو، ائين ئي سماج جي سامهون پيش ڪيو آهي. سندس موضوع شروع کان ڪري سنڌ ۽

سنڌي ماڻهون ئي رهيا آهن. هو پيڙهيندڙ طبقي نه بلڪه پيڙهنجدڙ طبقي لاءِ لکي ٿو. ان لاءِ امرجليل لکي ٿو ته:

”مان اينٿم بم ناهڻ وارن جون ڪهاڻيون لکي نه سگهندو آهيان. جن مٿان بم اڇلايو ويندو آهي، مان انهن جون ڪهاڻيون لکندو آهيان“ (جليل، 2012: 12)

امر جليل 1955ع کان لکڻ شروع ڪيو پر، سٺي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ امر جليل 1966ع ۾ اڀريو. هن دور ۾ سندس ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. هن دور جي ڪهاڻين تي اڃا سندس ڇاپ نظر نٿي اچي. ڪو تڪيه ڪلام يا ڪردار سندس سڃاڻپ نه بڻيو آهي. سندس شروعاتي ڪهاڻين لاءِ طارق اشرف لکي ٿو ته:

”جليل جي انهن ڏينهن جون ڪهاڻيون گهٽيا درجي جون فلمي ڪهاڻيون هونديون هيون، عشق ۽ محبت، ميلاپ ۽ وڇوڙو. اوپرو ماحول ڌاريان لفظ، مڪالمن ۾ بناوٽ آهه آهه جو زور هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ جليل تي ٻن ليکڪن ڪرشن گوپال عابد ۽ دت پارتيءَ جو ڏاڍو اثر هو.“ (طارق، 1973: 94،95)

سندس هن دور جي اسلوب ۾ ڪهاڻين ۾ جدت موجود آهي، پر اسلوب جو انداز ڊرامائي ٿو لڳي. اڃا پيار محبت ۾ گرفتار آهي. سندس ڪهاڻيون موضوع توڙي پيشڪش جي لحاظ کان گهٽيون ڪچيون آهن. اڃا ڪيس لفظن جو استعمال گهٽو نٿو اچي. پهرين ڏهن سالن جي ڪهاڻين جي لاءِ امر جليل لکي ٿو ته:

”ادبي عمل جي پهرين ڏهن سالن 1966ع کان 1965ع تائين مان گهڻو ڪري هندستان ۾ شايع ٿيندو هوس. اتان جا ذهين ايڊيٽر، پريم ابيچنداڻي، اُتم، هري موٽواڻي ۽ راڌا ڪرشن گرناڻي، ”پريان سندي پار جي مڙيوئي مٺائي“ طور قبول ڪندي منهنجي هر لکڻيءَ کي پنهنجي رسالن ۾ جاءِ ڏيندا هئا. انهن مان ڪجهه تحريرون شايع ڪرڻ لائق نه هيون. هندستاني رسالن لاءِ لکندي مان دانسته، يعني ڄاڻي ٻجهي پنهنجين تحريرن ۾ هندي ۽ سنسڪرت جا لفظ ٽنبيندو هوس.“ (جليل، 2012: 26)

هتي سندس ڪهاڻيون خيالي آهن. ٻوليءَ جي لحاظ کان اوپريون اجائي ڊيگهه ڏکيا لفظ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار اوپرا آهن. مڪالما ڊگها ڳالهه کي اجايو وڌائي پيش ڪيو اٿس. سندس موضوع ڪردار، مڪالما جاندار آهن. سندس فڪر به ايترو گهڻو گهرو نٿو نظر اچي. ڳالهه ۾ گهٽي ڊيگهه مقصد کان خالي نظر اچي ٿي. هتي جنسيت جي موضوع تي گهٽيون ڪهاڻيون نظر اچن ٿيون.

”ڪجهه انسان پنهنجي هٿن سان پنهنجي زندگي اجاڙيندا آهن. مان انهن مان هڪ آهيان. ڪن لاءِ سوچيائين پوءِ ڇيائين، ڪجهه انسان جيون جي ڪٺن راهن ۾ منجهي پوندا آهن. اسان ڪين گمراهه نه ٿيندا آهيون. اهي تنهنجا پنهنجا خيال آهن. پر، اخلاق جو اُپاٽجڻ آتما جي هتيا آهي. ان لاءِ پرائشچت؟ پرائشچت نه، جرم لاءِ سزا“ ڪهڙي؟“ پيار جو ٻليدان.“ (جليل، 2012: 29)

ڪهاڻين ۾ ٻولي ۽ فن جي حوالي سان ڪوڙ اوڻايون هئڻ باوجود به سندس موضوع سماج جي سڌاري لائق آهن. هو نوجوان نسل کي راهه حقيقي ڏيکاري ٿو. سماج مان برائي کي ختم ڪرڻ ٿو چاهي. ” هوشو شيديءَ جي آخري شام“ ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ تاريخ جي ورقن کي اٿلائي ڇڻ تاريخ کي جيئرو ڪيو آهي. هوشو جي بهادري وطن لاءِ قربان ٿيڻ جو جذبو ڇڻ هو سڌي چوندو هجي آهي ڪو جيڪو منهنجي وطن کي تباهه ٿيڻ کان بچائي. ڪهاڻي وطن سان محبت جو اتساهه پيدا ڪري ٿي.

”سچو جسم رت جي ڪونپي ۾ رڱيل هئس. وارن کان پيرن تائين عضوو عضوو چچرجي چور ٿي چڪو هئس. پر تڏهن به، دل ۾ پنهنجي ديس جي حب جي مشعل ڪٺي، چاهت جا چراغ ڪٺي، اڪيلي سر اٿي بيٺو جنگ جي ميدان ۾“ (جليل، 2012: 36)

سنڌ جي لاءِ وڙهندي. هو سنڌين کي هوشوءَ جهڙو بهادر ٿيڻ جو درس ڏئي ٿو. ڪهاڻي قوم پرستيءَ واري نظرئي ۾ لکيل آهي. ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ تاريخ جو هڪ باب سامهون اچي ٿو.”وري ياد آيا “ ڪهاڻي هندن جي ياد ۾ لکيل آهي. اهي هندو جيڪي سنڌ جا اصل رهواسي هئا. پنهنجي وطن کي ڇڏي ويا. سندن رهڻ وارين جاين ۽ گهٽين کي ڏسي ڪيس انهن جي ياد ستائي ٿي ۽ هو انهن کي ياد ڪري ٿو. بقول امر جليل جي ته سندس زندگيءَ ۾ وڏا واقعا ٿيڻ وارا جن جو مٿس تمام گهرو اثر ٿيو. پهريون واقعو، اڻ سڌي طرح احتجاجي ۽ بغاوتي سياست ۾ پير پائڻ هو. ٻيو واقعو 1960ع ۾ سندس والده جي وفات هئي. ٽيون واقعو يونائيٽيڊ نيشن جي هڪ عالمي پروجيڪٽ ۾ آباديءَ جي ردوبدل تي ڪوجنا ڪرڻي هئي. لاڙڪاڻي جي يونين ڪائونسل لغاريءَ جي وڏيري جي رويي سبب نوڪري ڇڏي آيو. ون يونٽ واري عرصي جي لاءِ امر جليل لکي ٿو ته:

”ون يونٽ جي پهرين ڏينهن کان منهنجي ويڙهاڪ سياسي زندگي جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ ان سان گڏ ادب جي بارگاهه ۾ سجدن جي. ڪراچي يونيورسٽيءِ ۾ ٽي سال جنرل ۽ بعد ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان جي رياستي جبر ۽ ڏاڍ خلاف وڙهندي گذري ويا هئا. عوام خلاف رياستي رياڪارين، چالاڪين ۽ نفسياتي جنگ کي

> سمجهڻ ۽ ان جو ٽوڙ ڳولڻ لاءِ ذهن کي لاڳيتو تربيت ملي هئي. سمجهندو هوس، بلڪ بانور ڪندو هوس ته ڪا به رياستي چالاڪي مون کي چڪر ڏيئي نه سگهندي. پر، سڀ ڪجهه سمجهڻ جي باوجود مان دوکو کائي ويٺس.“ (جليل، 2012: 24،25)

سندس اسلوب اجا شروعاتي مرحلن ۾ آهي. سندس موضوع پيار محبت ۽ هندن سان ٿيندڙ ظلم آهي. فن جي گهراين تي اجا پاڻ نه پهتو آهي. پوءِ به سندس شروعاتي ڪهاڻين جي اسلوب کي غيرمعمولي نٿو چئي سگهجي. ڇو ته اسلوب ۾ بيشڪ انداز ڊرامائي آهي، پر حقيقت پسندي، جدت، انفراديت اسان کي سندس ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿي. شروع واري افسانن ۾ امر جليل تي رومانويت جو گهڻو اثر آهي. ائين نه آهي ته امر جليل وٽ هتي حقيقت نگاري نه آهي، پاڻ ان وقت جي حالت کي بخوبي پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو اٿائين. هن مجموعي جي سپني ڪهاڻين ۾ امر جليل جو خيال، لهجو، سوچ، سماج جي باري ۾ اجا ايتري پختي نه آهي، جيڪا بعد جي ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿي. ان جي لاءِ پاڻ لکي ٿو ته:

> ”مان انسان جي تهذيب، تمدن، سوچ ۽ ايجادن ۾ تسلسل ۽ سلسليوار آيل تبديلين جي باري ۾ لکڻ چاهين ٿو. مان واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته ڪنهن به قسم جي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ معاشرتي حالتن کي هميشه لاءِ هڪ مخصوص عهد وارين حالتن مطابق هر دور تي صدين تائين بنا ڦيرگهير جي، لاڳو ڪرڻ امڪان کان ٻاهر آهي. ان قسم جي عملن سان معاشرن ۾ ڦيٽاڙو ٿي پوندو آهي. پاڪستان ۾ تحمل، رواداري ۽ برداشت جو نالو نشان ڪونهي. هِتي عام رواجي، روايتي موضوعن کان علاوه ٻئي ڪنهن موضوع تي لکي نٿو سگهجي.“ (ملاح، 2010: 26)

شروع واري ڪهاڻين ۾ امر جليل وٽ اسلوب جيڪڏهن سگهارو ناهي، سندس ڪهاڻين جا موضوع تعريف لائق آهن. ڪا ننديڻ جي ياد جيڪا سندس وجود سان جڙيل نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ” هولي“ بهترين آهي. سندس هن ڪهاڻيءَ مان هندو ۽ مسلمانن جي گڏجي رهڻ ۽ سهڻي نموني زندگي گذارڻ جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. اندرا جي ياد جنهن کي مختلف طريقن سان لکيڪ ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. هن دور ۾ سندس لفظن ۾ معنيٰ آهي. سماج جي عڪاسي حقيقت نگاري آهي، پر ڪيترائي پاسا اجا سندس ڪهاڻين ۾ رهيل آهن، جيڪي اڳتي هلي واضح نموني نظر اچن ٿا. قصي ۾ مقصد گهٽ ڊيگهه گهڻي اٿس. پوءِ به سندس ڪردار مضبوط آهن. جيڪي زماني جي اڳيان هار نٿا مڃين. پير، وڏيرا، يونيورسٽيءَ جا شاگرد سماجي اڻ برابري بخوبي نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ”ويران دل جي دنيا“ زميندارن جي ظلم جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي.

”اسان سنڌ جا زميندار نوڪرياڻين ڪي جيپن وانگر استعمال ڪندا آهيون. پنهنجين چوڪرين ڪي ته ڪوٺن ۾ سانڍي رکندا آهيون، پر مسڪين نوڪرياڻين سان اهڙو ورتاءُ ڪندا آهيون جهڙو بندوق کڻي شڪار سان ڪبو آهي. نه اوهي نه واهي ! نه داد نه فريادا!“ (جليل، 2012: 107)

سندس دل ۾ وڏيرن لاءِ ويڻل نفرت ڪهاڻين جي روپ ۾ سامهون اچڻ لڳي. وڏيرن جي چالاڪيءَ ۽ مڪاريءَ جو هڪ روپ نظر اچي ٿو. هڪ عام رواجي وڏيرن جي فطرت نظر اچي ٿي. اڳتي وڏيري جي ڪردار جا ڪيترائي روپ اڳتي سندس ڪهاڻيءَ ۾ بخوبي نظر اچن ٿا. ڪهاڻي ” سرحد“ ۾ وڏيرن جي باري ۾ ڪجهه هئين آهن.

” توهان سنڌي دلير آهيو؟“
” دلير آهيون، پر اسان جي دليري پيرن مرشدن جي مريديءَ ۾ دفن ٿي ويئي آهي.“
” اڄ جي سنڌي ذهنيت ڪان مان باغي آهيان. آزاديءَ ڪان اڳ سياڻو سيٺ ابوجهه عوام جي ڪل لاهيندو هو ۽ آزاديءَ ڪان پوءِ ساڳيو ڪم پوتار، رئيس ۽ وڏيرو انجام ڏيندو آيو آهي..... پر .....“ (جليل، 2012: 76)

سنڌي سماج ۾ بگاڙو آڻڻ جو سبب وڏيرا ئي آهن. جن جي ظلم جو شڪار عام ڳوڻاٽا آهن. سندن وڏائي غريبن کي ستائڻ ۾ آهي. امر جليل هتي وڏيري کي رک رکاءُ ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ جيڪڏهن ڪردار هندو آهي ته اها ٻولي، انداز، ماحول اوپرو نٿو لڳي. هن دور ۾ امر جليل جي ذاتي زندگيءَ جو عڪس نظر اچي ٿو. يونيورسٽيءَ جو ن يادون سماج جون اوٽايون بخوبي نظر اچن ٿيون. سماج ۾ عورت ۽ مرد جو ڪردار سماج ۾ عام نظر اچي ٿو. اجا سندس ڪردار ايذاءُ تڪليفن ۽ مصيبتن ڪان آزاد آهن. زماني جي مٿاڇري تصوير نظر اچي ٿي. هتي سندس ڪردار زماني جي گردش ۾ گهٽا ڦاٿل نظر نٿا اچن، عشق محبت جو موضوع گهٽو نظر اچي ٿو. هتي تشبيهه ۽ استعاري جو استعمال وٽس نظر اچي ٿو.طنز مزاح، علامت وٽس اجا نه آهي. رياستي ادارن جي مڪارين کي اجا هو نظر ڪندو ٿو اچي. ڪردارن جا مڪالما عام رواجي آهن. هن دور ۾ امر جليل جون ڪهاڻيون عام رواجي آهن لکڻين تي سندس ڇاپ نظر نٿي اچي. ادب جي دنيا ۾ سندس تحريرن کي اجا اهو مقام نه مليو آهي. جيڪو اڳتي هلي سندس ڪهاڻين کي مليو آهي. وقت گذرڻ سان سندس تحريرن ۾پختگي واضح نظراچي ٿي.

ٻيو دور 1969ع کان 1971ع

امر جليل جي ڪهاڻين جو پيو مجموعو ” دل جي دنيا “ آهي. هن مجموعي جي ڪهاڻين جي موضوعن ۾ اسلوب جي تبديلي واضح نظر اچي ٿي. فني لحاظ کان امر جليل ڏيکاءُ ۽ هٺرادو موضوع ۽ خيالي دنيا کان اڳتي نڪري پختو ٿي چڪو آهي. سندس موضوعن سان گڏ قصي کي بيان ڪرڻ جو اسلوب به تبديل ٿي ويو آهي. هن مجموعي جي هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هڪ لفظ تي امر جليل جي ڇاپ نظر اچي ٿي. سندس تحريرن ۾ انقلاب آهي. هو هڪ ڪامياب اديب جيان سماج جو پرم رکندي پنهنجي تحريرن سان گڏ اڳتي وڌندو هلي ٿو. سندس اسلوب نظم و ضبط جي دائري ۾ هلي ٿو. منجهس توازن آهي. هن مشاهدي جي آڌار تي زماني جي حقيقت کي عوام تائين نهايت ايمانداريءَ سان پهچايو آهي. امر جليل جي يارهن ڪهاڻين جو مجموعو اڻ ڪٿ موتين جو خزانو آهي. هن سنڌ ڌرتيءَ جي ڏکن، دردن، نا انصافين پيڙائن ۽ صدين جي ظلمن کي محسوس ڪندي ان جو اظهار ڪيو آهي. هن زميندارن جا ظلم ڏٺا آهن. پيرن، وڏيرن ڪامورن جون نا انصافيون اکين سان ڏٺيون آهن. مجبوري، لاچاري، بک، بدحالي بيروزگاريءَ، مفلسيءَ، بيوسيءَ ۽ عزتن کي ٽڪي ۾ وڪامندي ڏٺو اٿس. ريتن رسمن جي ور چڙهيل ڪئي جوانيون برباد ٿيندي ڏٺيون اٿس. مزدورن هارين سان صدين کان ٿيندڙ ڏاڍ کي هن هيئن سان هنڍايو آهي. هن پنهنجو اکين ڏٺو مشاهدو هميشه ايمانداري ۽ خلوص سان ڪهاڻين جو روپ ڏيئي پيش ڪيو آهي. هو هميشه ظالم جي خلاف ۽ مظلوم جو حامي رهيو آهي. هو ظالمن تي هميشه ائٽم بم جيان ڦاٽو آهي. سماج جي بري پلي کي پنهنجي نظرئي سان پرکيو آهي. ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾ سندس مڪالما تمام بهترين آهن. جملن ۾ تمام گهٽي ڊيگهه به نه آهي. پر دل تي اثر ڪندڙ ۽ موقعي ۽ مهل سان ٺهڪندڙ آهن. دل تي اثر ڪندڙ مڪالما جيڪي سڌوسنئون دماغ تي لڳن. ڪهاڻين جي هن مجموعي جي لاءِ امر جليل لکي ٿو ته:

> ”دل جي دنيا منهنجي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب آهي، ۽ پهرين پيار ۽ پهرين ٻار وانگر مون کي وڻندو آهي.“ (جليل، 2012: 11)

هن دور ۾ امر جليل جي ڪهاڻين ۾ بک پيٽ تائين محدود نه آهي. پيٽ جي بک عزت تائين پهچي چڪي آهي. سندس ڪهاڻيون فني لحاظ کان بلند مقام تائين پهچي چڪيون آهن. سندس ڪهاڻين جا موضوع ۽ انهن کي بيان ڪرڻ جو ڍنگ به بدلجي ويو آهي. هو پهرين موضوعن کي وٺي ڇهٽي نه پيو آهي. پهرين مجموعي جي پيٽ ۾ سندس افسانا گهڻا گهرا ۽ مقصد وارا ۽ ٻولي به آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچڻ واري آهي. هن دور ۾ سندس ڪهاڻين ۾ مونجهارو نه آهي. پيار، محبت، رومانس کان هاڻي گهڻو اڳتي نڪري آيو آهي. هتي اڪثر ڪو حقيقي واقعو يا حادثو ڪهاڻين جي روپ ۾ نظر اچن ٿو. اهي ڪي عام موضوع نه آهن، اهي سماج جا ٻرندڙ مسئلا آهن. هاڻي اجاين مڪالمن مان نڪري چڪو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ اجائي ڊيگهه نٿو ڪري ڳالهه کي

جاري آهي ڪهاڻي ختم هو عام پڙهندڙن کي به ان موضوع تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. پڙهندڙن جي دل ۾ ڪيئي سوال اٿاري ٿو.

سوجهرو ڪهاڻي معاشي بدحاليءَ جي اچڻ جو سبب بيان ڪندي عوام جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکي ٿي.ليڪ پيٽ جي بک کي ختم ڪرڻ لاءِ عزت کي نيلام ڪرڻ بدران محنت ڪرڻ لاءِ چاهه پيدا ڪري ٿو. هڪ پاسي ماڻهو بدحاليءَ ۾ پاهه ٿين ٿا. ٻئي پاسي پير پرستي عروج تي آهي. سنڌي سماج جي پوئتي ڌڪڻ جا ذميدار خود آهيون. سنڌ جي سماجي بدحاليءَ جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي.

> ”جڏهن کان اسان جي پاڙي ۾ بيروزگاريءَ پير ڄمايا هئا، تڏهن کان درويش جي چڻ عيد شروع ٿي هئي. سندس سگهارو بدن، ڏينهون ڏينهن سگهارو ٿيندو ويو. پيٽ جي گولائيءَ تان گهنج گم ٿي ويس، ۽ دن جو تنگ گهٽ ٿي ويس. گهرن ۾ لنگهڻ ڪڍيا ويندا هئا، پر درويش کي سيرا، مالپڙا ۽ قورما ڪارايا ويندا هئا.“ (جليل، 2012: 17)

ڪهاڻيءَ ۾ جتي بنڊل دادا، ربوءَ جهڙا ڪردار جيڪي سماج ۾ برائي ڦهلائڻ جو سبب بنجن ٿا. اتي عزت سان وقت گذارڻ ۽ صبر ڪرڻ وارا چاچا واحد جهڙا ڪردار به آهن. امر جليل مڪالمن ذريعي ڪردار جي سوچ اُڀاري ٿو ۽ ڪيس چارچنڊ لڳي وڃن ٿا. سندس مڪالما اهڙا آهن، جو جسم مان سيسڙاٽ نڪريو وڃن. وٽس ڳالهه کي پيش ڪرڻ ۽ ان کي سولي نموني سمجهائڻ جو ڏانءُ آهي. سماج جي بربادي‌ءَ جي وجه هتي صاف نظر اچي ٿي.

> ”مان مجبور آهيان، ربوءَ چيو، صبح کان اڳ مان تو کي پائي به ڏيئي نه سگهندس.ربو مون ربوءَ کي ڏوري کان وٺندي چيو، ” هينئر ته تو وٽ ڪجهه به ڪونهي نه، ربو؟ نه هن حيرت وچان مون ڏانهن ڏسندي وراٽيو. ته چا، صبح تائين تنهنجي ڪکڙ سونا آنا لاهيندي.“ مون تلخ لهجي ۾ ڳالهايو.“ (جليل، 2012: 18،19)

ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال اهو آهي ته انسان ازل کان دولت جو غلام آهي. ليڪ ربوءَ جهڙي ڪردار جي زندگيءَ کان موت کي ترجيح ڏي ٿو. اهڙا ڪردار ئي سماج جي بگاڙي جو سبب بنجن ٿا. امر جليل هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي تلخ حقيقت ۽ سماج جي سچي تصوير سامهون آندي آهي. خوبصورت چوٽين سان اسلوب کي خوبصورت ويس ڍڪايو آهي.

ڪهاڻي ”اروڙ جو مست “ سنڌين جي نفسيات جي عڪاسي ڪندي، ڳوٺن جي سڀاجهڙن ماڻهن جي دردن، پيڙائن، وهمن ۽ وسوسن جي عڪاسي نظر اچي ٿي. سنڌي قوم جي تباهيءَ جو سبب پير پرستي آهي جنهن ڪري

ڪين مختلف طريقن سان ڦريو وڃي ٿو. هاڻي امر جليل وڏيرن ميرن پيرن جي چال بازين کان آگاهه ڪرڻ گهري ٿو. عوام ۾ شعور آڻڻ ۽ ٽوڻن ڦيڻن تعويزن کان سنڌين کان پري رکڻ لاءِ ان موضوع تي پهريان به ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، پر امر جي هيءَ ڪهاڻي ان ڏس ۾ بهترين آهي.

”مان سنڌي آهيان، سنڌين جو ٻچو ٻچو ڪاني ڪرامتن جي صاحبن، پيرن ۽ مرشدن آڏو ڪنڌ جهڪائيندو آهي.“ (جليل، 2012: 27)

ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل جي ٻولي دلڪش آهي. هتي امر جليل عشق ۽ محبت واري ڳالهين کان ٻاهر نڪري عوام جي مسئلن تائين اچي پهتو آهي. زماني جون چالاڪيون وٽس صاف نظر اچن ٿيون. ڳالهين ڳالهين ۾ عوام کي آئينو ڏيکاري ٿو. پيرن وٽ عزتون لٽائڻ وارن کي ڌونڌاڙيندي چوي ٿو ته جاڳو انهن نڳين کان ڌوڪي کان ٻاهر نڪرو هتي ڳالهه کي بيان ڪرڻ جو اسلوب پختو نظر اچي ٿو. هن دور ۾ سندس ڪهاڻيءَ ۾ مڪالما تمام گهڻا ٺهڪندڙ آهن. ڳالهه ۾ رک رکاءُ نٿو ڪري سندس ڪردار ماحول مطابق ڳالهائين ٿا.

”چو ٿو پنهنجي ڪَلَ لهرائين،“ ٻئي ڄڻا ٺهڪ ڏيئي کلي پياسين. چيم، ”اڳ جو چوندو هئين، ڌاڙن کان سواءِ مري ويندين، سو اڄ ڪيئن جيئرو آهين؟ ڇپن تي معنيٰ خيز مرڪ ڦهلجي ويس. چيائين، بيوقوف سنڌين کي ڪهاڙين ۽ بندوقن کان سواءِ به ڦري سگهجي ٿو. وراڻيائين، سنڌ ۾ ڪاني ڪرامتن جو پير ٿجي يا رهزن ڌاڙيل. ٻئي ڌنڌا هڪجهڙا آهن. ٻنهي ۾ هڪ جيتري ڪمائي آهي.“ (جليل، 2012: 32)

امر جليل هن ڪهاڻي جي ذريعي ابوجهه ڳوناڻن کي سجاڳ ڪرڻ گهري ٿو. ڌاڙيل ڦُرڪندا آهن. زبردستي پئسا، زيور وٺندا آهن. پيرن فقيرن کي ماڻهون پنهنجي خوشيءَ سان ڏيندا آهن. هن ڪهاڻيءَ ذريعي سنڌين ۾ سوچڻ جي ۽ حقيقت کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ لفظن جو انتخاب، منظرنگاري، ڪامورن، وڏيرن، پوليس وارن جا پول به پڌرا ڪيا آهن.

ڪهاڻي ”عشق ۽ انٽرويو“ سنڌين سان ٿيل نا انصافيءَ جي عڪاسي ڪري ٿي. جنهن وقت ۾ نوڪريون ملڪيتون ٻاهران آيل ماڻهن کي ڏنيون ويون ٻوليءَ سان ماٽيجي ماءُ وارو رويو رکيو ويو ان وقت جون سماجي حالتون اسان کي هن ڪهاڻيءَ ۾نظر اچن ٿيون. گڏوگڏ رشوت وٺڻ ۽ پوليس جو ماڻهن سان رويو به بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي ڪردارن کي بيروزگاري پنهنجي وڏن کا ورثي ۾ ملي آهي. هاڻي امر جيل جي ڪهاڻين ۾ رياستي ادارن جا ستايل ڪردار نظر اچن ٿا. اهي ڏکن درد ۽ پيڙا ۾ زندگي گذارين ٿا. جڏهن سنڌي

ٻوليءَ تي پابندي لڳائي وئي ۽ يونيورسٽين ۽ ڪاليجن مان ٻوليءَ کي ختم ڪيو ويو. انٽرويو وٺڻ وارا انٽرويو جي دوران چون ٿا ته:

”هن نوڪريءَ ۾ تو کي سچو ڪم اردوءَ ۾ ڪرڻو پوندو. جيئن ته تو کي اردو چڱي طرح نٿي اچي، تنهن ڪري اسان تو کي نوڪريءَ ۾ نه کڻنداسين. منهنجا ڇهه ڇڄي پيا. دل آهه ڪئي. چپ ٿڙڪيا اٿيا، ۽ وراڻيو هئم، سائين، منهنجي پيءُ کي انگريزن مائي باپ ان ڪري نوڪريءَ ۾ نه کنيو هو، جو منهنجو پيءُ انگريزي نه ڄاڻندو هو. توهان مون نوڪريءَ ۾ ان لاءِ نٿا کڻو، جو مان اردو نٿو ڄاڻان. ڪٿي ائين ته ناهي، انگريز سوٽ لاهي، شيرواني پائي موٽي آيا آهن.“ (جليل، 2012: 42)

ڪهاڻي ٻين سماجي پهلوئن سان گڏ وڏيرن جي ڪردار کي بيان ڪري ٿي. هتي امر جليل وڏيرن جي ذاتي زندگيءَ کي بيان ڪندي نظر اچي ٿو. هڪه ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي ڪيترن ئي پاسن تي تنقيد ڪري ٿو. هڪ پاسي بيروزگارن جو ذڪر آهي، ٻئي پاسي رشوت خورن، پوليس وارن، وڏيرن جي ڪارنامن کي بيان ڪيو اٿس. انٽرويو وٺڻ وارا آفيسر جيڪو ڳالهائين ٿا سندن اسلوب بهترين آهي.

ڪهاڻي ”ڌرتيءَ جي ڌوڙ آسمان جا تارا“ سيدن جي نفسيات کي وائکو ڪيو آهي. سندن شرافت جي پويان لڪل مڪاريءَ کي سماج جي سامهون آندو آهي. خوبصورت اسلوب جي ذريعي سيد جي سوچ کي وائکو ڪيو آهي.

”شاهو لوهه جي پٽ وانگر سامهون وچي بيٺس. ”مان هن گناهه کي زنده جنم وٺڻ نه ڏيندس. هي گناهه ناهي، تنهنجو ٻار آهي. ڪميٽي، ڪم ذات، تون ٽڪي جي پيلياٽي آهين. شاهوءَ ڪيس چوٽيءَ کان ونئي سٽ ڏيندي چيو،“ ۽ خبر اٿئي، مان سيد آهيان، سيد، چپ چپاڙيندي چيائين، اسان جي امتين ۾ ئي اک نه ٿي ٻڌي ۽ هيءَ ڪافر پيلياٽي آئي آ سيد سان پرڻجڻ.“ (جليل، 2012: 66)

هيءَ ڪهاڻي جبر وارو تاثر ڇڏڻ ۾ فن جو بهترين نمونو آهي. صدين کان سفر ڪندڙ عوام جو ڏک هتي واضح نظر اچي ٿو. خاص ڪري سنڌين ۽ ابوجهه ماڻهن سان ٿيندڙ ظلم کي نروار ڪيو آهي. پيل جن کي هونءَ ته اسان غير مسلم سمجهي نفرت ڪريون ٿا، پر برائي ڪرڻ ۽ نيچ بد ڪم ڪرڻ وقت مسلم ۽ غير مسلم جو فرق ڪيڏانهن ٿو وڃي.

ڪهاڻي ”سياڻن ۾ هڪ پوڪ“ هيءَ ڪهاڻي انگريزن جي دور جي عڪاسي ڪري ٿي. هاڻي امر جليل جا موضوع ۽ پيشڪش جو اسلوب بهترين نظر اچي ٿو. عام سماجي موضوعن کان اڳتي ملڪ سان غداري ڪندڙن جي

چالاڪي واضح نظر اچي ٿي. ڌرتي ماءُ جو سودو ڪرڻ وارا اسان منجهان ئي آهن، جيڪي انعام خاطر وطن سان غداري ڪن ٿا. هتي ليکڪ فريب ڏيڻ وارن جي چهري تان ڇڪي نقاب لاهي ٿو. پڙهندڙن کي جڻ راز جي ڳالهه ٻڌائيندو هجي. پوڪ جي شڪل ۾ ليکڪ فرسوده رسمن مان نڪرڻ لاءِ اتساهي ٿو. ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ جن سچي ماجرا ليکڪ سان ٿي گذري هجي. نادان انسان ٿي امر جليل زماني ٺڳين کان عوام کي آگاهه ڪري ٿو

ڪهاڻي "هن چار ۾" حقيقي واقعي تي مبني زميندارن جا پول پڌرا ڪندي نظر اچي ٿي. ڪندن ذهنيت جي آخري حد بيان ڪندي امر جليل جي دل جڻ تڙپندي هجي. سنڌي زميندارن جي مهمان نوازيءَ جو روپ پيش ڪيو آهي.

"چيائين توهان سنڌي ڏاڍا رحمدل ۽ مهمان نواز آهيو."
" مون ايندڙ ٿهڪ کي نڙيءَ ۾ ئي روڪي ڇڏيو." (جليل، 2012: 86)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ سماج جا پرندڙ مسئلا اچي ويا آهن، هاڻي هو انهن کي ڪهاڻين جي زينت بنائي پيش ڪري ٿو جيئن اٿوٽندڙ واقعن کي روڪي سگهجي. اهڙين ڳالهين کي پيش ڪري ٿو جيڪي ڪنهن به انسان جي لاءِ شرمندگيءَ جو سبب بنجن ٿا. ڪافي جاين تي ليکڪن جو اهو بحث رهيو آهي، ته اهي حقيقي واقعا اخبارن جي ۾ به ايندا آهن. پوءِ ان کي ڪهاڻين يا ناول ۾ آڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اخبار جي اهميت فقط هڪ ڏينهن جي هوندي آهي، ان ۾ ڪيترائي واقعا هوندا آهن جن کي اسان پڙهندا آهيون، پر انهن تي ايترو غور ويچار نه ڪندا آهيون. امر جليل سنڌ جي زميندارن جا پول پڌرا ڪندي لکي ٿو ته:

"مان انگريز عورت جون ٽنگون گهوريندو رهيس ۽ مڇ مروڙيندو رهيس. مان سنڌ جو وڏو زميندار آهيان. وڏي رهائيءَ وارو آهيان، ان ڪري مڇ به وڏي رکندو آهيان." (جليل، 2012: 81)

سنڌي زميندارن جي لڪل چهري کي نهايت خوش اسلوبيءَ سان بيان ڪيو آهي. سندن ظاهري ڏيک، رعب، دٻدٻو ۽ ان جي پويان لڪل حقيقت صاف نظر اچي ٿي. ڪهاڻيڪار لفظن جي ذريعي جڻ ڪردارن جي اصليت پيش ڪندي ڪانئن نفرت جو اظهار ڪندو هجي سندن ضمير کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. صدين کان سنڌين مشهور مهمان نوازي جڻ ڪيس مٽيءَ ۾ دفن ٿيندي نظراچي ٿي. وڏيري جا ٽهڪ مارگريٽ جي چهري جو خوف جڻ پڙهندڙ جي سوچڻ لاءِ ڪيترائي نڪتا بيان ڪندا هجن. سماج جا خاص موضوع هاڻي ڪهاڻين ۾ نظر اچن ٿا. امرجليل هاڻي پهرين وارن عام موضوعن کان اڳتي نڪري چڪو آهي. سندس ڪهاڻي فن جي پختگين تائين پهچي چڪي آهي. جنهن جي لاءِ غلام محمد گرامي لکي ٿو ته:

"امر جليل جو فن، هن دور جي معاصر فنڪارن ۾ انفرادي اسلوب ۽ تاثر جو هڪ عجيب انداز پيدا ڪري چڪو آهي، جنهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو، پر بيان نٿو ڪري سگهجي." (طارق، 1973: 10)

پهرئين مجموعي جي پيٽ ۾ ڪهاڻيون جاندار آهن. امر جليل هاڻي مقبول ليکڪن جي صف ۾ اچي بيٺو آهي. ٻولي ڪهاڻيءَ ۾ قصي کي بيان ڪرڻ جو انداز نهايت اعليٰ آهي. سماج ۾ براين جي سبب کي چٽو بيان ڪيو آهي. وڏيري جي اصلي روپ کي عوام آڏو نروار ڪيو آهي. هتي اسلوب سادو آهي، جيڪو ڳوڙهي معنيٰ رکي ٿو ۽ پڙهندڙ کي پنهنجي وجود ۾ وکوڙي ڇڏي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻي "دل جي دنيا" بظاهر ته مزاحيه آهي. ٽي دوست جيڪي هڪ گيهه ناهڻ واري ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪن ٿا. راجا، ڏاند، مجنو پاڻ ۾ دوست آهن. هڪ ڪلارڪ ۽ آفيس ۾ ڪندڙ تمنا جا ڪردار تمام گهڻي اهميت جا حامل آهن. پرائيويٽ ادارن جي ملازمن جي زندگيءَ کي پيش ڪري سندن ڏکن کي پيش ڪيو آهي. ڪڏهن نه پورا ٿيڻ وارا خواب ڏسن ٿا، ۽ ڪنهن ڏينهن اچانڪ انعام نڪرڻ ۽ امير ٿيڻ جا خواب ڏسن ٿا. هتي ڪردار مشڪل وقت ۾ به همت نٿا هارين. ڪهاڻيڪار نوجوانن ۾ اڳتي نڪرڻ جو چاهه پيدا ڪري ٿو.

"پوئين ڏاڪي وٽ تمنا پن تمنا پنهنجيون آڱريون منهنجي آڱرين مان ڇڏائي، ڊوڙندي موٽر جي پوئين سيٽ تي ويٺي. رئي جي ڪنڊ وات ۾ وجهي، چپ پڪوڙي اکيون بند ڪري ڇڏيائين. ڪار هڪ سٽ سان، اک ڇنڀ ۾ دز اڏائيندي، آفيس جي حدن مان نڪري ويئي." (جليل، 2012: 105)

امر جليل آفيسن جو ماحول پيش ڪندي طنز و مزاح جو سهارو وٺندي نازڪ پهلو بيان ڪرڻ کان به نٿو لنوائي. هاڻي سيٺين جون چالاڪيون بنا ڊپ جي پيش ڪري ٿو. وقت سان گڏ موضوع توڙي اسلوب ۾ تبديلي واضح نظر اچي ٿي.

ڪهاڻي "چرٻٽ ۽ هڪ نرس" طنز ۽ مزاح سان پرپور آهي. ڪهاڻيڪار ٻار جي زباني سماج جي حقيقتن سهڻن لفظن ۽ سادگيءَ سان پيش ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ چرٻٽ جي ڪردار ۾ ليکڪ سماج ۾ ٿيندڙ واقعن جي سهڻي نموني کل لاٿي آهي. سماج جي لاءِ امر جليل پنهنجي راءِ ڪجهه هن ريت پيش ڪري ٿو.

"هر هڪ آڪاٽيءَ ۾ سماجي نالي ڪنهن شيءِ جو هزارين دفعا زڪر ڪيل هو. هر هڪ آڪاٽيءَ ۾ سماج کا نه کا ڳڙٻڙ ڪئي هئي. مون کي سماج تي ڏاڍا خار آيا. پوءِ مئگزين بند ڪري، سماج جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو. وڏو ڪو بدمعاش آهي سماج! اها

پڪ هيم ته سماج ڪنهن جانور جو نالو ڪونهي، ڇو جو ٽارزن اڄ تائين چيتي، رڇ، بگهڙ، واڳون ۽ درياهي گهوڙي وغيره سان وڙهيو آهي، پر اجا تائين سماج سان مقابلو نه ڪيو اٿائين. گهڻو سوچ ڪانپوءِ سماج سمجهه ۾ نه آيو ۽ مون سماج جي باري ۾ سوچڻ ڇڏي ڏنو.” (جليل، 2012: 117)

امر جليل سماج جي چالاڪين کان واقف آهي. هوسماج ۾ ٿيندڙ حادثن ۽ واقعن کي سمجهي ٿو. هو سماج جي باري ۾ چرپٽ جي روپ ۾ ڪيترائي سوال اٿاري ٿو. پار ٿي هو سماج جي هر پهلوءَ کي سمجهي ٿو. ڪردار مطابق سندس اسلوب تبديل ٿئي ٿو. شروع کان سندس ڪهاڻين جو اسلوب ڪردار، موضوع ۽ ماحول مطابق تبديل ٿيندو نظر اچي ٿو. ڪهاڻي ”رُڃ“ امر جليل پنهنجي روايت برقرار رکندي سماج جي حقيقت کي سامهون آندو آهي. هتي سندس ڪردار استاد آهن، جيڪي پنهنجي پيشي کي ئي نندين ٿا.

”ڪريم دل کولي ماستري ڏنڌي کي خوب گاريون ڏنيون. ڪباب وات ۾ وجهندي چيائين، ”ماستري ڪرڻ کان بهتر آهي ته ماڻهو ڪباب وڪڻي. پڳوان داس سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، ”اسڪول ماستر کان ٽيلر ماستر کي وڌيڪ عزت ملندي آهي.“ (جليل، 2012: 123)

پيغمبري پيشي کي عام سمجهي هميشه تذليل ڪئي وڃي ٿي. ڪهاڻي ان دور جي آهي، جڏهن ماسترن جو پگهار هڪ مزدور جي پگهار جيترو هو ان وقت جي چٽي تصوير ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿي. امر جليل جي ٻوليءَ ۾ هاڻي پختگي اچي وئي آهي. سندس ڪردار زماني جوخيال ڪرڻ کان بغير ڳالهائين ٿا.

شروع واري ڪهاڻين سان امر جليل جي ڀيٽ ڪنداسين ته هتي سندس ڪهاڻي فن جي پختگيءَ کي رسي چڪي آهي. سندس سوچ، خيال، ويچار فن جي بلنديءَ کي ڇهي ٿو. سندس مڪالما به مضبوط آهن. ڳالهه جو تسلسل ڪٿي به نٿو ٽٽي شروع کان قصي ۾ توازن برقرار رکڻ جو فن به ڄاڻي ٿو. شاگردن جي نالائقيءَ ۽ سنڌين جي نفسيات کي سامهون آڻيندي لکي ٿو ته:

”ان ڳالهه تان ٽنهي کي ڪِلَ آئي. کِلي کِلي ڪرسين تان ڪري پيا. اُٿيا. ڪرسين تي ويٺا مس، ته ڪريم وري ڪري پيو. پڳوانداس ۽ مظفر پيٽ کي زور ڏيئي کِلي کِلي ساٿا ٿي پيا. ڪريم چيو، ”اڙي چپ ڪريو، کِلي کِلي چريا نه ٿي پئون. پل چريا ٿي پئون. سنڌي پير ڪري پوڄيندا.“ (جليل 2012: 125)

هتي به سنڌين تي طنز ڪندي نظر اچي ٿو. ماحول ڳالهه کي پيش ڪرڻ جو انداز ئي ڪيس جدا ڪري بيهاري ٿو. موضوع، مڪالما توڙي ڪردارن

جي حوالي سان امر جي هيءَ ڪهاڻي سماج جي هوبهو چٽي حقيقت پيش ڪري ٿي. ڪهاڻي ”سج اڀرڻ کان اڳ“ ون يونٽ واري پسمنظر کي پيش ڪري ٿي. جڏهن سنڌين کي پنهنجي حقن کان محروم ڪيو ۽ کين نڌڻڪو سمجهي ڪانئن ظلم ڪيو ويو. هو بيروزگاريءَ سبب ايندڙ مسئلن جي عڪاسي خوبصورت لفظن ۾ ڪري ٿو. ٻن ڏينهن جي مسلسل بک جڏهن کين پاهه ڪري ڇڏيو ته پنهنجي ماءُ کي چوي ٿو ته:

”تڏهن امان هيٺي آواز ۾ پڇيو هو، ”ابا، هاڻي ڇا ٿيندو؟“ تڏهن انتهائي مايوسيءَ ۽ بيزاريءَ وچان ڪيس چڙ ڏيندي چيو هوم، ڇا وري ڇا ـ تون زرينه کي هار سينگار ڪري ويهار، مان گراهڪ وٺي اچان. بيغيرت، بيحيا، اما مئل آواز ۾ رڙ ڪئي هئي. ها اما، وراٽيو هوم، ” جوان عورت ڏنڌو ڪرائي پيٽ پالي سگهي ٿي، مرد ڪيڏانهن وڃي؟“ (جليل، 2012: 138)

ڪهاڻي روشن خيالي واري آهي. هو نوجوانن کي سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙي ٿو. سندس اسلوب هٿ تي هٿ رکي ويهڻ کي عيب ٿو سمجهي هڪ پڙهيل نوجوان سان ٿيل هاڃن کي بخوبي ظاهر ڪيو آهي. ليکڪ ڪردار جي صورت ۾ ڪهاڻيءَ ۾ خود شامل ٿي پڙهندڙن جي تعليمي يافته نوجوانن کي ننڌي ٿو. ڪهاڻي سوچڻ لاءِ ڪيترائي نڪتا بيان ڪري ٿي.

”پڇيو هئائين، ”نوجوان آهين، محنت، مزدوري ڇو نٿو ڪرين؟ وراٽيو هوم، ”مان گريجوئيٽ آهيان“. تعليم کي پيٽ پالڻ جو ذريعو ٿو سمجهين؟ پيٽ ته ڪتا به پاليندا آهن.“ هن باوقار لهجي ۾ چيو هو، ” علم اٿئي روشني، ۽ هٿ جو پورهيو دنيا جو عظيم ڌنڌو.“ (جليل، 2012: 139)

عشق، محبت جي ڳالهين کان هاڻي نڪري اڳتي نڪرڻ لاءِ ڪيترائي دڳ ڏئي ٿو. هاڻي هو پڙهيل نوجوانن ۾ شعور آڻڻ گهري ٿو ڪين محنت جي ڪمائيءَ جي صلاح ٿو ڏي. هتي سندس پيٽ جي بک عزت جي نيلاميءَ تائين پهچي ٿي پر هو ٻيا رستا به ان حالت ۾ ڏيکاري ٿو. امر جليل جي ڪهاڻي ”بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو“ هن ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل وڏيرن جي نفسيات تان پردو کنيو آهي. وڏيرا مفلس، بيوس ماڻهن کي ڪيڙا ماڪوڙا سمجهن ٿا. عزت واري عورت فقط انهن جي گهر ۾ آهي. وڏيرن جي پراڻي فرسوده رويي مان هاڻي هو بيزار ٿي چڪو آهي. سماج ۾ اهڙن واقعن مان هو جان ڇڏائڻ گهري ٿو ان ظلم کي هو نٿو پسند ڪري. هتي هڪ وڏيري جو وحشياڻو سلوڪ جيڪو هو پنهنجي پيڻ سان ڪري ٿو پنهنجي پڦيءَ کي چوي ٿو ته:

”چڏيانس! هر سال ڪپڙا، زيور وٺڻ جو بهانو ڪري بابا کي پنيلائي ڪراچيءَ ايندي آهي. ڇا جي لاءِ ڇا جي لاءِ. روهڙيءَ ۾ ته جهرڪ

كان به پڙدو كندي آهين، وڏي شهر ۾ اگهاڙيون عورتون ڏسي تنهنجي مت به مارجي ويئي آهي. لخ لعنت تئي چوري، ”غلام حسين زينب كي، منهن ۾ گهروڙي بجو ڏنو.“ (جليل، 2012: 161)

هاڻي امر جليل اهڙي جاهليت كي برداشت نٿو كري كيس هو وڏيري جو عورت تي هٿ كڻڻ كي سندن ذهن كي نهايت خوبصورت اسلوب ۾ پيش كيو آهي. وڏيري جو انداز جيكو صدين كان سندن ميراث آهي. ان كي خوب نڀايو آهي. غنڊي جو كردار جيكو مار كائي ٿو امر جليل اهڙن غنڊن كي ناكام سمجهي ڏكاري ٿو. كتاب دل جي دنيا ۾ شايع ٿيل كهاڻين جي لاءِ امر جليل لكي ٿو ته:

”هن كتاب ۾ منهنجي اوائلي دور جون كهاڻيون آهن، ۽ منهنجين عام كهاڻين وانگر عام رواجي قسم جون كهاڻيون آهن، ۽ عام رواجي ماڻهن جون كهاڻيون آهن. رستن، گهيڙن، ۽ گهٽين ۾ ڌكا كائڻ وارن جون كهاڻيون آهن، ۽ عام رواجي ماڻهن جون كهاڻيون آهن. رستن، گهيڙن ۽ گهٽين ۾ ڌكا كائڻ وارن جون كهاڻيون آهن. هي كهاڻيون تعبير لاءِ خواب ڏسڻ وارن جون كهاڻيون آهن. گدلي تلاءَ ۾ چنڊ جي پاڇولي سان پيار كرڻ وارن جون كهاڻيون آهن. گهاوَ خاطر جلاد جي تلاش ۾ گهمڻ وارن كردارن جون كهاڻيون آهن. كنهن به كهاڻيءَ جي نه ابتدا آهي، نه ئي كا انتها آهي. نه كا شروعات آهي، ۽ نه ئي كا پڇاڙي آهي. منهنجين سمورين كهاڻين وانگر هن كتاب ۾ پڻ سچن جي دنيا ۾ چرين ۽ مجذوبن جون كهاڻيون آهن. تصديق تحقيق، ۽ تحقيق لاءِ تصديق كرڻ وارن جون كهاڻيون آهن. آئيني ۾ پنهنجو عكس ڏسي آئينو ٽوڙي ڇڏڻ وارن جون كهاڻيون آهن.“ (جليل، 2012: 12)

شروعاتي كهاڻين جي پيٽ ۾ امر جليل جو فن، موضوع، كردار، مكالما، پلاٽ، ماحول ۽ اسلوب پختو نظر اچي ٿو. هتي امرجليل جي موضوعن ۾ بيروزگاري، زميندارِي ظلم، پيٽ جي بُک كي ختم كرڻ لاءِ گهر جي عزت تائين به نيلام ٿيندي نظر اچي ٿي. اڻڄاڻ عورت زميندارن جي حوس جو نشانو بنجي ٿي. پوک ٿي هو سماج تي كڙي نظر وجهي ٿو. وڏيري ۽ سيد جا مختلف روپ نظر اچن ٿا. غنڊا، شريف، بدمعاش نوجوان، ماستر، كلارک هر كردار كي پنهنجي اسلوب ۾ پيش كيو آهي. هن دور ۾ سندس كهاڻين ۾ سماج جا اهي مسئلا آيا آهن. جيكي ان وقت ۾ هئا، پر اڄ تائين به سماج جي لاءِ ناسور بنيل آهن. هتي عام لفظ هک مالها وانگر نظر اچن ٿا. مجموعي لحاظ كان امر جليل جي فن جي حوالي سان ٻيو دور تمام گهڻو اهم آهي. هن دور ۾ هو خارجي رجحانات جي اثر كان نكري هک اهڙي اسلوب جي شروعات كري ٿو. جنهن ۾ حقيقت نگاري، علامت نگاري سندس افسانن ۾ اسان كي نظر اچي ٿي.

ٽيون مجموعو ” جڏهن مان نه هوندس“ پهريون ڀيرو 1971ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ مزاحمتي، علامتي، حقيقت نگاريءَ، رومانويت واريون ڪهاڻيون آهن. چوڏهن ڪهاڻين تي مشتمل ڪهاڻين جو مجموعو فن، فڪر توڙي اسلوب جي حوالي سان اڳين کان اهم آهي. هتي سماج جا ٻرندڙ مسئلا ڪهاڻين جي صورت ۾ نظر اچن ٿا. سندس مڪالما گهرا ۽ دل تي اثر ڪندڙ آهن. جو ڪڏهن ڪڏهن انسان جي دماغ تي وڃي لڳندا آهن. سندس ڪهاڻيون تيل تي باهه وانگر آهن. سندس ايترو گهڻو ۽ معياري لکڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ نه آهي. ڪو به انسان ان وقت تائين نه لکندو آهي جيستائين هو پنهنجي دل ۾ ٻين جي لاءِ درد نٿو محسوس ڪري، سياسي، سماجي بنياد تي هو تمام گهڻا ظلم برداشت ڪري ٿو ۽ نتيجي ۾ سندس اندر جو آواز ڏک، درد ۽ پيڙا جي ڪري آلاپ جي صورت ۾ نڪري ٿو. ان جي لاءِ امر جليل لکي ٿو ته:

”اصل ۾ احساس جي شدت اسان کي جلاوطن ڪري ڇڏيندي آهي، سياسي، سماجي، ۽ معاشرتي ويساهه گهاتيءَ سبب پنهنجو وطن پنهنجو نه لڳندو آهي، پرايو لڳندو آهي. اسين وطن ۾ هوندي بيوطن ٿي پوندا آهيون. اوپرا، اڻ سونها، ۽ اجنبي ٿي پوندا آهيون. پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهندا آهيون. ڌاري وانگر شهر جي ڪندرن ۾ ڀٽڪندا آهيون، ۽ پنهنجي وجود جا گم ٿيل آثار تلاش ڪندا آهيون. گوڙ ۾ ڪو پڙلاءُ، ڪو پڙاڏو ٻڌي نه سگهندا آهيون.“ (جليل، 2010: 11)

هن دور جون ڪهاڻيون مارشلا واري دور جي عڪاسي ڪن ٿيون. مارشلا جو سمورو ماحول ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو. ان وقت بنگالين جي پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ جنگ جاري هئي. هن دور ۾ امر جليل جي ڪهاڻين ۾ سندس اسلوب اڳ جي ڀيٽ ۾ تبديل نظر اچي ٿو. بلڪه فني لحاظ کان سندس ڪهاڻيون ڪنهن ڪنڀر جي پڪل ٿانو وانگر پڇي راس ٿي چڪيون آهن. هاڻي هو هڪ مضبوط ليکڪ ٿي چڪو آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع نه بدليا آهن، بلڪ انهن کي بيان ڪرڻ جوڙنگ بدلجي ويو آهي. هاڻي سندس اسلوب تي سندس شخصيت جي ڇاپ نظر اچي ٿي. ڪهاڻيءَ جي لفظ لفظ تي سندس ڇاپ آهي، هاڻي هو ڪرو ۽ سچ چوڻ تي اڙجي ويو آهي. امر جليل جي انقلابي لکڻي هڪ اهڙي فنڪارانه اسلوب جو روپ اختيار ڪري چڪي آهي. جنهن ۾ ترتيب آهي ڪٿي به مونجهاري جو شڪار نٿو ٿيڻ ڏئي. سندس پهرين مجموعي واري مونجهه هاڻي ختم ٿي وئي هڪ گهرائپ نظر اچي ٿي. سندس موضوع کهڙو به هجي پر ان کي امر جليل هاڻي پنهنجي لفظن جي گرفت ۾ آڻي ڇڏيو آهي. هي اهو وقت آهي جو کيس ڪهاڻين لکڻ ۾ منجهس جان پيدا ڪرڻ جو ڏانءَ اچي چڪو آهي. جنهن جي لاءِ غلام محمد شهواڻي لکي ٿو ته:

”الفاظ موضوع مطابق هئڻ گهرجن. نثر نويس لاءِ ضروري آهي ته هو موقعي آهر پنهنجا اکر پڻ بدلائي ۽ اهڙا موضون لفظ استعمال ڪري جو پڙهندڙ جي دل موهي ڇڏي ۽ هو سمجهي ته اُهي ئي اکر آهن. جي هن موقعي تي ٺهي اچن ٿا. جڏهن غم جي حالت دل تي طاري هوندي آهي ته الفاظ گهرا ۽ ڳنڀير هوندا آهن. ڪل خوشيءَ مهل ٽرڙا لفظ روا آهن، پر جيڪڏهن ماتم ويل ويهي هلڪا ۽ رواجي اکر استعمال ڪيا ته حظ ڪو نه ايندو ۽ موقع جي غير موافق هئڻ سبب دل تي خراب اثر پيدا ڪندا. جملن جي ننڍ وڏائي پڻ موقع مطابق هئڻ گهرجي.“ (شهواڻي، 1962: 94)

ڪهاڻيءَ کي اثرائتو بنائڻ جي لاءِ جن اصولن جي ضرورت پوي ٿي ان تي امر جليل جو ڪهاڻيون ٺهڪي اچن ٿيون. هتي ٻوليءَ ۾ ڊيگهه نه آهي. لفظ پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا. ڳالهه سڌي ڪري ۽ تجسس سان ڀرپور ڪٿي به مونجهارو نٿو ٿئي. ون يونٽ دوران عوام سان ٿيل ظلم ڪهاڻين جي صورت ۾ نظر اچي ٿو.

مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ” سرمارٽيمر ويلر ۽ قلندر“ موهن جي دڙي جي اهميت کان واقف ڪندي، حڪومت جو ڌيان موهن جي دڙي ڏانهن ڇڪائي ٿي. ليکڪ سنڌ جي قيمتي سرمائي کي ٻاهر کڻائي وڃڻ جو ذڪر ڪري ڇڻ تاريخي ماڳن جي حفاظت ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. هن قوم جي ذهنيت کي هو جنهن نظر سان ڏسي ٿو:

”هر سال سيئي فلم اسٽار ۽ هيرامنڊيءَ جا هيرا ڪشالا ڪڍي قلندر شهباز جي ميلي تي سيوهڻ ايندا آهن، اسان جو وقت برباد ڪندا آهن.“ ٺوڙهي ۽ بندري پروڊيوسر چيو، ” اسان فيصلو ڪيو آهي، ته اسين قلندر لعل شهباز جي سموري درگاهه بنيادن سميت پٽائي لاهور کڻي وڃون.“ (جليل، 2010: 24)

امر جليل سنڌ جي ملڪيتن کي ڌارين جي هٿن ۾ ڏيڻ واري ڳالهه کي بيان ڪيو آهي. سندس موضوع ڇڻ ان دور جي ناسور رسمن جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا. هتي رياستي ادارن جي ڳجهن کي بيان ڪندي نظر اچي ٿو. امر جليل جيئن جيئن اڳتي وڌي ٿو سندس ڪهاڻين جي اسلوب ۾ پختگي واضح نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ” منهنجي دل موهن جو دڙو“ بظاهر رومانوي نظر اچڻ واري طنز جي ذريعي سماج کي پنهنجو عڪس ڏيکاري ٿي. هتي يونيورسٽيءَ جو رومانوي ماحول پيش ڪندي ليکڪ جي لفظن ۾ گهرائي نظر اچي ٿي. سندس ڪردار ن جا مڪالما، ماحول ۽ سماجي حالتن کي چٽو پيش ڪن ٿا. ٻوليءَ ۾ سهڻن لفظن استعمال ڪرڻ جو فن امر جليل خوب ڄاڻي ٿو. سماجي

طبقاتي فرق کان نفرت ڪندي پاڻ خوبصورت اسلوب اپنائيندي حقيقت نگاري اپنائي ٿو.

"مان طبقاتي ڪشمڪش جي ڏيڻ مان اُپري تنهنجي خاندان کي کُلهو هٽي به سگهندس، چيم، مون کي سچ پچ چاهين ٿي ته مون سان نڪري هل. هن ڪوڙي شان شوڪت ۽ ناهه نڳيءَ کي ڏاهي مون سان نڪري هل. مان جدائيءَ جو عذاب سهنديس، پر ڪنهن به قيمت تي توسان پڇي نه هلنديس." (جليل، 2010: 27،28)

ڪهاڻي پراڻي ريتن رسمن کي جي نشاندهي ڪندي کين ختم ڪرڻ لاءُ بهترين وٿ آهي. ڪهاڻي سماجي سڌاري لاءِ بهترين وک آهي. گڏ ڪاليجن يونيورسٽين تي به تبقيد نظر اچي ٿي.

ڪهاڻي "سچل سرمست ٽربل ۾" حڪومتي ڪامورن جي منهن تي هڪ چماٽ آهي. جڏهن ٻوليءَ جو مسئلو ٿيو ۽ ون يونٽ خلاف جلسا جلوس نڪتا شاگردن، اديبن جون گرفتاريون ٿيون. تڏهن سچل سرمست جي گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا هيءَ ڪهاڻي ان واقعي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هتي سندس ٻولي ۽ معنيٰ لفظن کي ساراهڻ کان بنا رهي نه سگهبو:

"مانگرمڇ چيو، " تو جهڙا انقلابي شاعر سماج دشمن آهن."
چيم، " جيڪا شيءِ وجود ۾ئي ڪونهي تنهن جو مان دشمن ڪيئن ٿيندس."
" تون سماج جي وجود کان انڪار ٿو ڪرين؟"
وراڻيم، "گهاٽي جو ٻيو نالو جيڪڏهن سماج آهي، ته پوءِ مان سماج جي وجود کان انڪار نٿو ڪريان." (جليل، 2010: 42)

هاڻي امر جليل جي ڪهاڻيءَ کي سندس لفظن مان ئي سڃاڻي سگهجي ٿو. هتي سندس جملن ۾ تلخي آهي. منظر سهڻا، ڪردار بيباڪ بي خوف جيڪي زماني ۾ پنهنجو پاڻ کي مجرائڻ وارا صاف ۽ سڌي ڳالهه چوڻ وارا پنهنجي ارادن ۾ اٽل جيئن پنهنجي مقصد کي آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهن. پنهنجي رستي تي هلندو رهي ٿو. سڌو لکڻ ۽ پراڻي روايتن تي هلڻ مشڪل نه آهي، پر ان لاءِ نئون رستو، نوان لفظ، تحرير ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ ۽ پراڻن لفظن ذريعي تحرير ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ، تبديليون آڻڻ ئي مشڪل هوندو آهي. امر جليل اهڙن موضوعن تي لکيو جو پراڻي رستي تي هلڻ بدران هو سماجي تلخ رستي تي هلڻ پسند ڪيو. امر جليل جن لفظن کان ڪم ورتو ٿو حقيقت ۾ اهي ڪي ادب يا ٻوليءَ ۾ نوان نه آهن. امر جليل انهن کي موقعي ۽ مهل جي حساب سان استعمال ڪري ڪهاڻين کي زندگي بخشي آهي.

”خوني رات“ طنزيه ڪهاڻي آهي. سنڌي سماج تي جيڪي پاڻ ۾ خانداني مسئلن جي ڪري صدين کان هڪٻئي سان وڙهندا ۽ هڪٻئي جون سسيون ڌڙ کان ڌار ڪندا آيا آهن. سنڌي جيڪي هميشه کان پيرن ڦڪيرن تي ويساهه ڪري پاڻ کي ڦرائيندا آيا آهن. طنز سان گڏ هن ڪهاڻيءَ ۾ منظرنگاري به تمام بهترين ڪئي ويئي آهي. بدلي جي باهه ۾ سڙندي پهه دشمن جڏهن گهرن کان نڪرن ٿا ته سوين ماڻهن جون دعائون وٺي ائين لڳي ٿو ڄڻ هو ڪنهن خير جي ڪم جي لاءِ وڃي رهيا آهن.

” اسين سنڌي صدين جا وير وٺنداآهيون. هڪ ٻئي کان پلئُه ڪندا رهندا آهيون.“
” ها، پلئُه “
” ها، پلئُه “ (جليل، 2010: 59)

سماجي حقيقت کي بيان ڪندي هو سنڌين تان طنز ڪندي ڪين صدين پراڻي رسمن تي هلڻ کان روڪي ٿو. ڪهاڻي ” سياح، گائيڊ ۽ ٽرانزسٽر“ سماج تي طنز آهي. سماجي حالتن کي ڏسي ڪهاڻيڪار ون يونٽ واري دور جو عڪس پيش ڪري ٿي.

” سياح، پڇيو، “ توهان جي ملڪ جو هيءُ ڪهڙو علائقو آهي؟ هن علائقي جو نالو ڇا آهي؟“

وراڻيم، ” هن علائقي جو نالو مان پنهنجي زبان تي آڻي نٿو سگهان.“ (جليل، 2010: 64)

ون يونٽ دوران جڏهن سنڌ جي بدران سابق لفظ کي باشعور عوام پسند نه ڪيو ان وقت جي عوام جي سوچ کي واضح ڪري ٿي. مهمان نواز هئڻ ڪري سنڌين جنهن عذاب کي ڀوڳيو ان جو درد ڪهاڻيءَ ۾ صاف نظر اچي ٿو. سڀاجها هئڻ ڪري سندن ٻنين ۽ تي قبضي جي ڳالهه ڪندي ليڪڪ جي مڪالمن ۾ درد ۽ پيڙا محسوس ٿئي ٿي. امر جليل هاڻي عام موضوعن کان اڳتي نڪري تتل واريءَ تي هلڻ جو عادي ٿي چڪو آهي.

”راهون جدا جدا“ ڪهاڻي ڪامورن، اميرن، زميندارن ۽ سياستدانن تي طنز آهي. سندن نجي زندگيءَ کي بيان ڪندي ليڪڪ ڄڻ ڪين وائکو ڪندو هجي. هتي سندس هڪ هڪ لفظ تير جو ڪم ڪري ٿو. عوام کان ووٽ وٺي اسيمبلين تائين پهچي وڏيرا ۽ ڪامورا سنڌ جي لاءِ سوچڻ جي بجاءِ هو پنهنجي قسمت کي چمڪائڻ ۽ عياشين جي چڪر ۾ لڳي وڃن ٿا.

”ووٽ وٺن عوام کان، ۽ پوءِ چونڊجڻ کان پوءِ رعب به رکن عوام تي، ۽ هي سنڌي نمائندا ! ون يونٽ جا پرجهليا، ايوبي آمريت جا

> گماشتا! سڄي سڄي رات ڪن عيش، صبح جو اجلاس ۾ ڪائين جهُوٽا! سنڌ جو نصيب ئي ستل آهي.” (جليل، 2010: 68)

هاڻي امر جليل سنڌي ڳالهه ڪري ٿو. هو رک رکاءُ ۾ پرم رکڻ وارو رويو پوئتي ڇڏي آيو آهي. هو سنڌي سماج ۾ خاص ڪري ڳوناٽن ڪي جاڳائڻ گهري ٿو ڪين سندن حقن کان آگاهه ڪري ٿو. هن دور ۾ امر جليل لفظن ۾ گهرائپ آڻڻ جو گڻ سکي چڪو آهي. ڳالهه بيان ڪرڻ جو اسلوب ان ۾ تشبين، استعارن ، بامعنيٰ محاورن ۾ لفظن ۾ جان آندي آهي. هو پرنڌڙ باهه تي هٿ سيڪڻ جو عادي آهي.

ڪهاڻي ” عظمت جو ثبوت ” علامتي انداز ۾ ون يونٽ عوام مٿان زبردستي مڙهڻ جي عڪاسي ڪري ٿي.

> ” ٿلهي ڪيس ڪن ڪان وٺي اُٿاريندي چيو، ” يار تون پيار جي ٺڦڪيءَ سان به وجيو پَٽ پوين. ائين نه ڪندو ڪر. اجايو دنيا سمجهندي ته مان توتي ظلم ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ مان تنهنجو هڏ ڏوکي ۾ همدرد آهيان.” (جليل، 2010: 83)

لڪڻ تي پابنديءَ واري دور ۾ لکيل ڪهاڻي ڊڪيل لفظن ۾ سڌي ون يونٽ جو ذڪر ڪندي نظر اچي ٿي. ٿلهي شڪل ۾ ون يونٽ ڳالهائي ٿو. سيپڪ عوام آهي جنهن جي قسمت ۾ سواءِ ووٽ ڏيڻ ۾ ڌڪا کائڻ جي ڪجهه حصي ۾ نٿو اچي. ان هال ۾ هو خوش رهڻ جو ڊرامو ڪندي نظر اچن ٿا. اسلوب موضوع مطابق تبديل ٿيندو نظر اچي ٿو.

ڪهاڻي ”لهندڙ سج وڌندڙ پاڇا” ۾ وڏيرن جي نفسيات کي بيان ڪندي سندس رويي کي بيان ڪندي سندس ڪردار جا ڇوڏا لاهيندي نظر اچي ٿي.

> ” حڪيم وراڻيو، ” تنهنجي دل ڪمزور ٿي ويئي آهي. طاقت جي هڪ گوري ، شراب جي هڪ بوتل ۾ هڪ نوجوان عورت، چند گهڙين ۾ تنهنجي اجل جو سبب ٿي پون ته شڪ ناهي.” (جليل، 2010: 86،87)

پاڻ کي شاهينگ ڦولاد کان وڌيڪ مضبوط سمجهڻ وارا رئيس به امر جليل وٽ پنهنجي همت هاري ويهن ٿا. سندس ڪردار اهڙا ته مضبوط ٿي چڪا آهن ڪهاڻيڪار ڪردارن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڳالهرائي ٿو. هتي وڏيرو امر جليل جو محتاج نظر اچي ٿو. سندس بيوسيءَ تي ڄڻ هو ٺٺول ڪندو نظر اچي ٿو. ڌن دولت سان جواني خريد نٿي ڪري سگهجي. وڏيري جون عادتون ۾ رعب ڏسي ڄڻ وڏيري جي شخصيت سامهون نظر اچي ٿي. وڏيرن، ڪامورن

جي عادتن ۽ بيپرواهيءَ کي بيان ڪندي رک رکاءُ نٿو ڪري سماج ۾ بگاڙو آڻڻ جو سبب به اهي وڏا ماڻهون آهن.

”رئيس وڏن ماڻهن سان گڏ چڪلي ۾ ويندو هو، پر جڏهن کان چونڊن ۾ بيهڻ جو ارادو ڪيو هئائين، تڏهن کان چڪلي ۾ وڃڻ گهٽائي ڇڏيو هئائين.“ (جليل، 2010: 88)

امر جليل وڏيرن کي آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏيکارڻ کان لنوائي نٿو. هڪ وڏيري جو ووٽن لاءِ جذباتي ٿيڻ ۽ مرڻ کان پوءِ جي لاءِ سوچڻ جو اسلوب نهايت بهترين آهي. هر ڪهاڻيءَ جي اهميت موضوع مطابق تمام گهڻي اهم آهي. سندس سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته هو ڪردار سان گڏ ننڍو، وڏو يا پوڙهو ٿي وڃي ٿو. جڏهن هو ٻار جي ڪردار کي پيش ڪري ٿو ته ننڍن کان به ننڍو ٿي وڃي ٿو. سندس ڪهاڻي ” چريٽ ۽ ڪلفي“ ۾ چريٽ جو ڪردار جيڪو سندس ڪهاڻين ۾ وڏو نٿو ٿئي. ڏاڍي معصوميت مان جڏهن قلفيءَ جو ديوانو استاد کان سوال ڪري ٿو ته؛ هٿ مٿي ڪندي وراڻيم، سائين ڀلابهشت ۾ قلفي ملندي. ٻار جي ڪردار ذريعي سماجي نازڪ موضوعن تي آسانيءَ سان ڳالهائي وڃي ٿو.

”تون نٿو سمجهين تون چريٽ آهين. اها سڀ ليڊر ٿيڻ جي سياست آهي. ڏسجاءِ هڪ نه هڪ ڏينهن مان ضرور وزير ٿيندس.“ (جليل، 2010: 106)

امر جليل وٽ ملڪ جي نازڪ مسئلن تي بحث ڪرڻ جي لاءِ ڪيترائي طريقا جن جي ذريعي هو. عوام کي انهن ڏانهن متوجه ڪري ٿو. سياستدانن تي سخت تنقيد ڪئي آهي. هتي سندس ڪهاڻين ۾ ڪنهن به ڳالهه کي کُلي ڪري بيان ڪرڻ جو فن اچي ويو آهي. هاڻي بيابان بنجي ويو آهي. ٻار جي زباني آسانيءَ پنهنجي ڳالهه کي بيان ڪري ٿو. گڏوگڏ سماجي موضوعن تي به روشني وڌي آهي. امر جليل ڪهاڻين ذريعي عام ماڻهن جا ڏک، درد ۽ مسئلا بيان ڪري ٿو. سندس لفظن ۾ ڌرتيءَ سان پيار صاف نظر اچي ٿو. ڪهاڻي ” شڪست “ ۾ انسانيت لاءِ ڪجهه ڪرڻ گهري ٿو ۽ فرمائي ٿو ته:

”ٻئي ٻانهون بلند ڪندي، جذباتي لجهي ۾ چيائين، ”انسانيت جا محافظو! اچو ته هٿ هٿ ۾ ملائي، عالمي امن ۽ پيار کي پنهنجي دائري ۾ پناهه ڏيون. اچو ته اسين مظلوم ۽ ڏتڙيل حال انسان عهد ڪريون، ته اسين هن ڌرتيءَ لاءِ نئون آدرش آڻينداسين _ اسين مذهبي جنون، نسلي برتري جي احساس ۽ نظرياتي ڪشمڪش جي آدم خور آڏو هماليه وانگر اٽل ٿي بيهنداسين ۽ ڏتڙيل انسانيت جي حفاظت ڪنداسين.“ (جليل، 2010: 112)

امر جليل انسانن کي غمن، ڏکن، تڪليفن، کان آجو ڏسڻ گهري ٿو، آزاديءَ سان زندگي گذارڻ ۽ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جي اندر ۾ اتساهه پيدا ڪري ٿو. هو هن دور جي، ماڻهن کي ظلم کان آزاد ڪرائڻ لاءِ آواز اٿاري ٿو. ڪهاڻي ” جلاوطن “ شاهه عبداللطيف جي ڪردار تي لکيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ اڻ سڌي طرح شاهه ۽ سچل جي گرفتاريءَ واقعي تي لکي آهي. امر جليل جا ڪردار ڳوٺ ۽ شهر مطابق پنهنجو اسلوب بدلائين ٿا. ڳوٺ کان شهر ڏانهن وڃڻ وارو سفر تمام بهترين اسلوب ۾ بيان ٿيل آهي. شهر ۾ اچي ڪري هو ڪيئن پاڻ کي تبديل ڪن ٿا. ڳوٺ کان شهر تائين ڪردارن جي رويي ۾ تبديلي واضح نظر اچي ٿي. سماج جي ٺيڪيدارن جي اصلي چهرن کي هاڻي بي نقاب ڪري ٿو. سندس ضمير کي جاڳائڻ جي لاءِ هيءَ ڪهاڻي ڪافي آهي. ڪهاڻي ”پل صراط “ ۾ معاشي بدحاليءَ کي بيان ڪندي لکي ٿو ته:

> ”مون سوچيو هي دور به پل صراط جي سفر کان گهٽ خطرناڪ ناهي. قيامت ۾ هڪ خدا کي منهن ڏيڻو پوندو، پر اڄ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ خدا آهي، جيئن هن دور ۾ اسين سڀ پاتي هر گهڙي گڏ آهيون، هر گهڙي موت جي منهن ۾آهيون، تيئن قيامت جي به گڏ رهنداسين. پل صراط جر سفر ۾ به ساڻ هونداسين. (جليل، 2010: 142،143)

هن دور ۾ امر جليل جي سماج تي تمام گهڻي گهري نظر رهي آهي. ”پل صراط “ ۾ هن معاشري ۾ غريبن جي زندگي تي گهري نظر وڌي آهي. هن دنيا ۾ غريب پنهجي پيٽ گذر لاءِ پريشان آهي، هو اڳتي جي لاءِ ڪيئن قرباني ڪري غريب ته هن دنيا ۾ به مشڪلن ۾ آهي ۽ اڳئين جهان ۾ به مشڪل ۾ هوندو. سماج جي تلخ موضوعن تي ڳالهائيندي امر جليل جا لفظ چڻ دل تي اثر ڪرڻ وارا آهن. ان دور جي مشڪلاتن بک بيروزگاريءَ کي پل صراط سان تشبيهه ڏني آهي. ڪهاڻي ”ساجن منهنجو دوست“ جي ذريعي سماج جي بگاڙڻ جي سبب کي بيان ڪندي ڪردارن کي سامهون آندو آهي.

ون يونٽ دوران سنڌ سان ٿيل نا انصافي، بيرحمي ۽ تشدد هر ڪهاڻيءَ ۾ جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي، ان دور ۾ عوام ۾ نئين سوچ ۽ امنگ پيدا ڪرڻ لاءِ هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون خاص اهميت جون حامل آهن. امر جليل جي گهري سوچ سماج جي مجبور، لاچار، بيوس ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ ماڻهن جو آواز ٿي اُڀريو. ظلم ڪرڻ وارن جي نهايت ئي پيار سان کل لاهي ٿو جو کين محسوس به نٿو ٿئي ۽ هو سموري ماجرا کين ٻُڌائي وڃي ٿو. دل جي دنيا ۽ جڏهن مان نه هوندس ۾ ون يونٽ جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي. عوام جو ڏک صاف نظر اچي ٿو. سندس پهرين مجموعن ۾ اسلوب ۾ درجه به درجه تبديلي واضح نظر اچي ٿي.

امر جليل جي ڪھاڻين ڪي دورن ۾ ورھائيندي سندس مجموعي ” ٽيون وجود“ کي شامل ڪجي ٿو. ھن مجموعي شامل ڪھاڻيون سماج جو ھوبھو عڪس نظر اچي ٿو. ڏھن ڪھاڻين تي مشتمل مجموعي ۾ سندس بھترين ۽ سماج جي خاص موضوعن واريون ڪھاڻيون آھن. ھو ڪنھن خاص طبقي لاءِ نٿو لکي ھو سماج ۾ رھندڙ ھر طبقي جو ليکڪ آھي. امر جليل ٽئين وجود کي ھڪ بھترين احساس سمجھي ٿو. امر جليل ٽئين وجود لاءِ لکي ٿو ته:

”ٽيون وجود پھرين ۽ ٻئي وجود جي توسيع آھي. اسان جو پھريون ۽ ٻيون وجود پاڻ ۾ وڙھندي، لڙندي، ڪرندي، اُٿندي ۽ ڪٽندي ۽ ھارائيندي جڏھن بيوسيءَ وچان ٿڪجي پوندا آھن، تڏھن ٽئين وجود لاءِ دل ۾ ساڃاھه ۽ آگاھيءَ جي جوت جلي پوندي آھي. اسان جو پھريون ۽ ٻيون وجود ٽئين وجود جي موجودگيءَ ۾ عدم موجودگيءَ جو سبب ٿي پوندا آھن.“ (جليل، 1998: 14)

امر جليل جي ٻين افسانن جي مجموعن جي ڀيٽ ۾ سندس اسلوب ۾ ھاڻي فن جي بلنديءَ تي پھچي چڪو آھي. ھاڻي سندس ڪھاڻيون سندس سڃاڻپ بنجي چڪيون آھن. سندس موضوع ۽ ڪردار جيئرا جاڳندا آھن. جيڪي اسان منجھان آھن. سندن ڪم ساڳيا آھن. ھو انھن تي گھري نظر وجھي ٿو، جو پڙھندڙن جي، جيءَ کي جنجھوڙي ڇڏي ٿو. سندس وڏي خوبي اھا آھي ته ھو پڙھندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو. گھري ڳالھه علامتي اسلوب ۾ نظر اچي ٿي. سندس اسلوب پڙھندڙن جي دل کي سڪون بخشڻ لاءِ ڪافي آھي. سماجي حالتن جي عڪاسي علامت جي ذريعي ڪئي آھي. ڪھاڻي ”پنجين موسم“ علامتي اسلوب ۾ آھي.

”وراڻيائين، ”توھان ماڻھن جي معاشري ۾ گدڙن ۽ ٻڪرن جو قدر ڪيو ويندو آھي، شينھن جو نه. مون کي خدا جي واسطي ٻڪر يا گدڙ جي کل آڻي ڏي. مان گدڙ يا ٻڪر ٿي جيئرو رھندس، ۽ قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندس.“ (جليل، 1998: 20)

امرجليل سماج جي نازڪ کان نازڪ موضوع تي به لکي ٿو ته ان کي چار چنڊ لڳائي ڇڏي ٿو، ھو سماج ۽ رياستي ادارن تي ڪڙي تنقيد ڪندي زندگيءَ جي تلخين بيان ڪندي نظر اچي ٿو. سماجي حالتن جي عڪاسي ھن ڪھاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿي. ھتي شينھن ھڪ بھادر انسان جي علامت آھي. ڪھاڻي سنڌي ڪامورن ۽ سرمائيدارن تي طنز آھي. گڏ ڊاڪٽرن تي به طنز آھي. ڪھاڻي ” ٻڪي“ جنھن ۾ ھو سفارش واري نوڪريءَ تي طنز ڪندي لکي ٿو ته:

"مون کيس سمجهائيندي چيو ته هي ڏاڍو حساس علائقو آهي. بندوق جو آواز ٻڌي ڄڳُ جاڳي پوي ها، ۽ پوءِ منهنجي نوڪري خطري ۾ پئجي وڃي ها وڏين سفارشن کان پوءِ ته مان آفيسر ٿيو آهيان."

امان بندوق مان ڪارتوس ڪڍي اُڇلائي ڇڏيا. خالي بندوق مون کي ڏيندي چيائين، مان تو کي پاراتو نٿي ڏيان پٽ، پر مان محسوس ٿي ڪريان ته ڪجهه عرصي کان پوءِ تون لولو لنگڙو ٿي پوندين؛ تڏهن هيءَ بندوق لٺ بدران استعمال ڪجانءِ." (جليل، 1998: 27)

ڪهاڻي خوف و حراس ۽ عوام تي ظلم جي عڪاسي ڪري ٿي. ان هراس جي ماحول مان نڪرڻ لاءِ امر جليل علامتي اسلوب کي اپنايو آهي. سنڌين کي خوف گي خوف وحراس جي ماحول مان ڪڍڻ چاهي ٿو. پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪري ٿو. علامتي پکيءَ جو استعمال نهايت خوبصورتيءَ سان ڪيو آهي. سفارش تي نوڪريون ملڻ ۽ حڪومت تي به طنز ڪيو آهي. "قربان علي ڪنگلي جو روح" ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل سماج جي حقيقت پيش ڪئي آهي. اميرن ۽ غريبن ۾ جيئن هن دنيا ۾ فرق آهي، امير پنهنجي دولت جي آڌار تي جنت حاصل ڪرڻ جو مسجدون ٺهرائڻ ۽ حج ڪري پنهنجا گناهه بخشرائين ٿا. اهري سوچ اهڙو عمل کي امر جليل پنهنجي تحريرن ۾ پيش ڪيو آهي.

" اڙي اڙي!" وڙهو نه. پاڪستان ۾ درحقيقت نه سوشلزم لاءِ گنجائش آهي، ۽ نه اسلام لاءِ. هتي اسلامي سوشلزم ايندو، ۽ پوءِ ماڻهن جي حالت هڪدم سڌري ويندي." (جليل، 1998: 32)

ڪِل ڪِل واري ماحول ۾ امر جليل گهري ۽ تلخ حقيقت کي بيان ڪري وڃي ٿو. سياستدانن جي باري ۾ پنهنجا خيال پيش ڪرڻ ۾ سندس اسلوب ڪل پوڳ ۾ کين آئينو ڏيکاري ٿو. امير ۽ غريب جي وچ ۾ سماجي فرق کي نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي. غريب مرڻ کان پوءِ به عام جي خواهش ۾ رهي ٿو. ڪهاڻين جي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي سندس ڪهاڻي " هڪ دل جي اڪيلائي " جهڙيون رومانوي ڪهاڻيون به ملن ٿيون. مذهب ، سياست ۽ سماجي حقيقت نگاري تي ڪهاڻيون لکندي امر جليل وٽ وچ وچ ۾ رومان به ملي ٿو، جنهن ڪري پاڻ خشڪ ليکڪ نه آهي پڙهندڙن کي وندرائڻ لاءِ وٽس ڪوڙ سارا موضوع ۽ ڪردار آهن جن جي ذريعي هُن ٻرندڙ مسئلن کي به رومانوي اسلوب سان گڏي پيش ڪيو آهي.

" مان ڏاند آهيان،" وراڻيم، " ملڪ جو اقتصادي ۽ معاشي گاڏو گهليندو آهيان."

”ڇا“ هوءَ حيرت وچان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. ”گذريل ڏهن سالن ۾ ملڪ جيڪا وهشت انگيز ۽ دهشت انگيز ترقي ڪئي آهي، مان ان ترقيءَ جو سبب آهيان.“ (جليل، 1998: 57)

ون يونٽ واري دور ۾ لکيل ڪهاڻي ان درو کي هو بيان ڪندي موضوع جي لحاظ کان بهترين آهي. هتي مڪالمن جي ذريعي هو هڪ ڳالهه مان ڳالهه کي بهترين اسلوب ۾ پيش ڪري ٿو. مستقبل جي رٿابنديءَ جو ذڪر ڪندي چڻ اچڻ واري تباهيءَ کان آگاهه ڪندو هجي. امر جليل جو اسلوب هاڻي پڇي راس ٿي چڪو آهي.

ڪهاڻي ”غلام“ ۾ امر جليل جا ڪردار اٽل ارادن وارا آهن. ڌن جي لالچ ۾ انسان پنهنجي ضمير کي به ڪپائي ڇڏيو آهي. سيٺ ۽ آفيسر غريبن جي غربت جو فائدو وٺندي کين خريد ڪن ٿا. امر جليل جي تحرير ۾ سادگي، رواني، همواري آهي وٽس فني ڏانءُ آهي، بظاهر آسان اچڻ واري تحرير تي به غور وفڪر ڪرڻ سان ڪيتريون ئي باريڪيون، نزاڪتون ۽ ادبي مهارتون نظر اينديون آهن. فني ٽيڪنيڪ جون باريڪيون تحرير ۾ ليڪ اهڙي طرح لڪائي ويندو آهي، جو ظاهري طور تي سندن مثال آسان نظر ايندو آهي.

هتي اسان کي سندس ڪهاڻيءَ ۾ فن باقاعده نظر اچي ٿو. هو عام موضوع کي به خاص ڪرڻ جو فن ڄاڻي ٿو. اميرن کي پئسي جي زور تي جڏهن نوجوانن کي خريد ڪندي ڏسي ٿو. سماج جي هن تلخ حقيقت کي بيان ڪندي انهن نوجوانن جي زندگيءَ تان ڪجهه پردوکڻي ٿو. ڪهاڻي غلام مان مثال پيش ڪجي ٿو.

”مشتاق گهڙي کن خاموش رهيو. پنهنجي حواسن کي جائتو ڪندو رهيو. پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، چت ڏانهن ڏسندي چيائين، ” منهنجي سُهري سيٺ ولي محمد کي پنهنجو بيڪار مال رکڻ لاءِ هڪ گدام جي ضرورت آهي. توهين هيءُ گهر ڪيس مال رکڻ لاءِ ڏيندا. هي، گهر!، پوڙهي حيرت مان پڇيو. ها هيءُ گهر! مشتاق بدستور ڇت ڏانهن ڏسندي چيو، مسواڙ به ججهي ڏيندو. پوڙهي حيرت مان پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن ڏٺو، جيڪا پنهنجي رُڌ مغز سان ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.“ (جليل، 1998: 81)

سماج جي حقيقي موضوعن تي ۽ سچ ڳالهائڻ هن دور ۾ سندس عادت ٿي ويئي آهي. جنهن جي ڪري هن تي تنقيد به ٿي ۽ پابنديون به لڳيون. ڪهاڻي ”حياتي وهه وٽو آهي“ ورهاڱي جي اثر هيٺ ڪهاڻي هندن سان نا انصافي ۽ بيروزگارن جي زندگيءَ کي بيان ڪندي نظر اچي ٿي. ورهاڱي کان پوءِ هندن ۽ سنڌين سان ٿيل نا انصافي ڪهاڻيءَ ۾ صاف نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ڪردارن جي نفسيات جي عڪاسي ڪري ٿي.

”ڪجهه به ٿجو. پر پڙهي پنهنجي مڙسي نه وڃائجو. جاهل رهي مڙس ٿجو.“ مون کي رڳن ۾ گندرف ڊوڙندو محسوس ٿيو. چيم، ” پر مڙس ٿيڻ کان پوءِ به توهان تي ڪو پڙهيل کوپلو حڪومت ڪندو، جنهن کي مٿي تي ٽوپلو هوندو.“ (جليل، 1998: 90،91)

واقعن جي ترتيب ۽ مڪالما ڪهاڻيءَ کي چار چنڊ لڳائين ٿا. سماجي حقيقت کي ليکڪ تمام گھڻي سهڻي اسلوب نوجوانن ۾ مستقبل لاءِ شعور پيدا ڪري ٿو. هتي منظرنگاري اهڙي آهي جو سمورا منظر اکين اڳيان ڦرندي محسوس ٿين ٿا. ريل جو ليٽ ٿيڻ ۽ اتي مسافرن جو انتظار ڪرڻ ان جو نقشو نهايت خوبصورت چٽيو آهي. منظر بيان ڪرڻ جي لاءِ ليکڪ کي ڪافي ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو آهي. سندس ڪهاڻي ۾ ڊيگهه نه آهي. خيالن کي لفظن جو روپ ڏيڻ جو فن امر جليل وٽ آهي. اديب ڪڏهن ڳالهه، قصي، تاريخ ۽ شين کي بيان ڪري ٿو، يعني هُو پنهنجي فن کي تخيل ۽ تجربن جي بنياد تي ئي احساسن جو اظهار ڪندو آهي. ” منهنجو پٽ مهدي، ڏند ڪٿا ۽ منهنجي نصيب ۾ تون نه آهين“ جهڙيون ڪهاڻيون سندس اسلوب جو بهترين مثال آهن. امر جليل جا اهڙا ڪردار به آهن. جيڪي پنهنجي سوچ ۽ طبعيت جي ڪري هن سماج جي عام ماڻهن کان مختلف آهن. جيئن ” ٽيون وجود “ جو مرڪزي ڪردار جيڪي سچ جي جنگ وڙهندي ان ۾ زخمي ٿي جنگ هارائي ويهندا آهن.

”موهن جي دڙي جي ميوزيم ۾ رکيل ناياب شين سان هٿ چراند جو ڪيس شڪ پيو. ايوب خان جو دور هو. ديڙ، ڌونس، گهُٽ، پوسٽ، چاچا جانچ ڪئي ته خبر پيس ته ڪجهه وڏن عملدارن جن جي اشارن تي ملڪ هلي رهيو هو. شو ڪيس مان ڪجهه ٽڪر جا رانديڪا ۽ زيور ڪڍائي ويا هئا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هوبهو اصلوڪا رانديڪا ۽ زيور پيهر شوڪيس ۾ رکي ويا هئا. چاچا ڪيميائي تجزيو ڪرايو. ڪافي تعداد ۾ ٽڪر جا رانديڪا ۽ زيور نقلي هئا. اتان کان چاچا جي ڏاڍ ڏمر خلاف جنگ شروع ٿي.“ (جليل، 1998: 143)

هتي چاچي جو ڪردار جيڪو سماج جي عام ماڻهن کان مختلف آهي. پنهنجي خودي ۽ عزت جي ڪري ليڪچراريءَ تان استعيفا ڏئي ٿو ۽ قديم آثارن واري کاتي ۾ نوڪري ٿو ۽ اتي به پنهنجي ايمانداريءَ سان پنهنجي زندگي گذاري ڇڏي ٿو. هتي امر جليل سچ لاءِ مهاڏو اٽڪائڻ وارن ڪردارن جي همت افزائي ڪري ٿو. پنهنجي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ جوٽڻ جو چاهه پيدا ڪري ٿو.

امرجليل جي ٽئي دور جي افسانن ۾ فن ۽ فڪر ٻئين دور جي افسان کان گهڻي قدر سگهارو آهي. سندس ڪردارن جو مضبوط هئڻ، انهن جي ٻولي، ماحول، سماج ۾ انهن جو مقام هو هڪ ڪهاڻيءَ ۾ سماج جا هڪ کان وڌيڪ

پهلو بيان ڪري ٿو. پاڻ زبان جي خوبين جي ڪري ئي ڪهاڻين ۾ جان آڻي ٿو. ان ۾ سندس تشبيهون، استعارا، علامتن ڪي وڏي اهميت حاصل آهي. ڪهاڻين جو موضوع ۽ ڪردارن جون خاصيتون صاف نظر اچن ٿيون. ڪهاڻيءَ جي پسمنظر، فضا، ماحول ۽ مڪالمن سان بخوبي نڀايو اٿس.

**تاريخ جو ڪفن**

امر جليل جي ڏهن ڪهاڻين تي مشتمل مجموعو زندگيءَ عام زندگيءَ جي واقعن کي پيش ڪري ٿو. سندس ڪهاڻيون فني توڙي فڪري حوالي سان تمام گهٽيون پختيون آهن. ٻين مجموعن وانگر هتي سندس ڪردار تمام گهٽا پختا ٿي چڪا آهن. هاڻي هو علامتي انداز ۾ پختو ٿي چڪو آهي. زندگيءَ جي حقيقت کي پيش ڪرڻ جي لاءِ پاڻ گهٽي پاڳي علامتي اسلوب اختيار ڪيو اٿس. گهٽي پاڳي علامت جي ذريعي ڳالهه ڪري جڻ ڪهاڻين کي چا چنڊ لڳايا اٿس. صدين کان انسانن جو رت چوسڻ وارن ڪردارن کي ملامت ڪندي نظر اچي ٿو. ڪهاڻي ” مٽيءَ جا ماڻهو ” سماج بابت ڪيترائي سوال اٿاري ٿي ۽ عام انسانن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ بهترين قدم آهي.

> ” مائٽ ڏاڍو سمجهائيندااٿس ته بابلا، سچ ڳالهائڻ جو رواج ختم ٿي ويو آهي؛ ۽ هوءَ به اسان مسڪينن جو پلا سچ سان ڪهڙو واسطو ـــ چو ٿو سچ جو نالو ڪٽي اسا سپني کي مصيبت ۾ وجهين.” (جليل، 1999: 16)

امر جليل ڪهاڻين ۾ عام گهريلو موضوع نه پر سماج مسئلن تي نظر وڌي آهي. هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون صدين ڪا پوڪيندڙ انسانن جون آهن. وڏيرن ۽ سياستدانن مختلف روپن جي ذريعي سماج کي لٽيو ۽ ڦريو آهي ان ظلم جو شڪار ٿيندڙ عوام کي ڪهاڻيءَ ذريعي احساس ڏياري ٿو. ڪهاڻي ” صدين جو سوداءُ” ۾ اڻ سڌي طرح سنڌ جا وارث سڏائڻ وارن جي ظلم جو هڪ نظارو نظر اچي ٿو.

> ” وڏيرن کي ووٽ ڏيندو آهيان.”
> ” ٻيو چا ڪندو آهين؟”
> ” معزز شڪارين لاءِ ٻوڙن مان تتر اُڏاريندو آهيان.”
> ” ٻيو چا ڪندو آهين؟”
> ” جڏهن ڪو عزتماب ايندو آهي، تڏهن چار آنا وٺي نعرا هڻندو آهيان.”
> (جليل، 1999: 23)

پڙهيل نوجوان صدين کان هلندڙ روايتن تي ظلم سهن امر جليل کي اِها ڳالهه وڻي نٿي هو ڪين هو ڪين نندي ٿو غفلت نند ۾ پيل انسانن کي جاڳائڻ گهري ٿو جيئن ووٽ ڏيئي پنهنجي حڪمران مڙهن وارن کي آگاهي ٿو ڏي. ڪهاڻي پڙهندڙن جي سوچڻ لاءِ ڪيترائي نڪتا نروار ڪري ٿي. امر جليل جي

هڪ خوبي جيڪا ڪيس ۾ين ليکڪن کا الڳ ڪري ٿي اها سندس ڪردار جي طور تي خود ڪهاڻيءَ ۾ موجود هئڻ آهي.

ڪهاڻي ”هڪ ديسي عشق جو داستان“ آفيس جي ماحول آڌاريل آهي، جنهن ۾ ڪلارڪ جي زندگيءَ جون مشڪلاتون صاف نظر اچن ٿيون. هتي آفيسن ۾ ٿيندڙ واردات صاف نظر اچي ٿي.

> ”مان وڏي صاحب جو بئڪ – ڊور هوس، يعني چور دروازو هوس، هو اينٽيڪرپشن جي ڇاپي کان بچڻ لاءِ رشوت ۽ رشوت جو مال منهنجي معرفت پئندو هو.“ (جليل، 1999، 28)

امر جليل جي هر ڪهاڻي موضوع، ڪردار توڙي اسلوب جي حوالي سان هڪ جدا حيثيت رکي ٿي. هتي زندگيءَ جي تلخين سان پل پل پنهنجي خواهشن کي دفن ٿيندي ڏسندڙ انسانن هتي بيوس ۽ لاچار نظر اچن ٿا. هميشه وانگر ۾ين جي ترقيءَ جو سبب ٿين ٿا. ڪهاڻي ” اسٽار سرڪس جو  جوڪر“ اهڙي ئي موضوع تي درد ۾ مبتلا انسانن جي آهي. هتي امر جليل سياستدانن تي سڌو طنز ڪيو آهي.

> ”وڏي مشڪري پنهنجي ڇتي اسان ڏانهن سڌي ڪندي، ڇتيءَ جي هئنڊل کي زور  ڏنو. ڇتيءَ مان اسٽين گن نڪري آئي. ۾ين مشڪرن به ائين ڪيو. ڏهه - ٻارنهن مشڪرا اسان تي اسٽين گن ( خود ڪار بندوقون ) تاڻي بيهي رهيا.“ (جليل، 1999: 46)

امر جليل جي سماج جي تلخ حقيقت کي بيان ڪندي علامتي اسلوب ۾ بيان ڪندي ڪٿي به گهرائي نٿو. سندس ڪردار سماج جي مسئلن منهن ڏيندي بيوس ۽ لاچار نظر اچن ٿا. ڪانئن سياستدان هٿيارن جي زور تي تاڙيون وڄرائين ٿا، مفلس لاچار ماڻهن جو درد ڪير به نٿو سمجهي. هاڻي امر جليل جا ڪردار مقصد ڀرپور مڪالما ڳالهائين ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ انسانن کي جانورن سان تشبيهه ڏيئي ليکڪ اسان کي پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کان آگاهه ڪيو آهي. مقصد پورو ڪرڻ کان پوءِ ڪئين نه نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. سماج کي پوئتي ڌڪڻ وارا سبب هن ڪهاڻيءَ ۾ واضح نظر اچن ٿا.

هن مجموعي ۾ شامل سموريون ڪهاڻيون ٻولي توڙي پيشڪش جي اسلوب ۾ اعليٰ حيثيت رکن ٿيون. ڪهاڻي ”ٽئين دنيا“ دردن ڀري عام انسانن جي آهي. ٻار جي ڪردار ذريعي امر جليل ڪيترائي سوال اڀاري ٿو. مستقبل جي رٿابنديءَ تي ڌيان ڏيڻ لاءِ هو ٻار جي ذريعي ڪيترائي سوال اڀاري ٿو امر جليل جا مڪالما هتي معنيٰ سان ڀرپور نظر اچن ٿا.

> ”معاملي جي نزاڪت اوچتو گنڀير ٿي ويئي. مون دودي کي چيو؛ ” يار دودا تون ڳالهائين چو نه ٿو! فقط ڪلين چو ٿو! ۽ ڪلين به

اهڙي نموني ٿو، ڇڻ اسان تان ٿئولي ڪري رهيو آهين.” (جليل، 1999: 65)

هتي ڪردار هڪٻئي تان ٿئول ڪندي نظر اچن ٿا. امر جليل جا موضوع هاڻي سندس همعصرن جي ڀيٽ ۾ بيحد خوبصورت ۽ سماجي مسئلن تي نظر ثاني ڪندي نظر اچن ٿا. سندس ڪردارن جو هڪ هڪ لفظ هاڻي سوچڻ لاءِ ڪيترائي نڪتا نروار ڪري ٿو. ڪهاڻي ” پڙلاءُ ” ۾ امر جليل زندگيءَ ڪي هڪ پل جو ڊرامو سڏيو آهي. ان ۾ انسان جيئڻ لاءِ ڪيترائي جتن ڪري ٿو. بکئي پيٽ کي پالڻ لاءِ اداڪاري ۽ ان جهڙا ٻيا ڏنڌا ڪري ٿو ۽ نيٺ هر انسان جي قسمت ۾ وصل لکيل آهي. ڪيترين ئي تلخ موضوعن تي لکڻ سان گڏ رومانوي ڪهاڻيون به نظر اچن ٿيون. رومانويت ۾ به هو ڪيترائي سماجي سوال اٿاري ٿو. وقت سان گڏ سندس موضوع ۽ انهن کي بيان ڪرڻ جو اسلوب تبديل ٿي ويو آهي. ڪهاڻي ” دي موسٽ ڊينجرس مين اِن پاڪستان ” هن ڪهاڻيءَ ۾ به ليکڪ ٻارن جي ڪردار جي ذريعي سماج بابت ڪيترائي سوال اٿاري ٿو. امر جليل جو اسلوب موضوع ۽ ماحول مطابق تبديل ٿيندو نظر اچي ٿو. ڪهاڻي ”ٻڙ جو غم” خانگي ادارن ۾ نوڪري ڪندڙ انسانن ي ڏک ۽ تڪليف جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ”تاريخ جو ڪفن” سماجي حقيقت نگاريءَ کي بيان ڪندي نظر اچي ٿي. امر جليل عيد گاهه جي منظر کي پيش ڪندي پاڻ کي اعليٰ سمجهڻ وارن انسانن تي طنز ڪندي ڪين آئينو ڏيکاريو آهي. ڪيئن انسانن کي رنگ ۽ نسل جي فرق جي ڪري ڌڪاريو وڃي ٿو. ڪهاڻين جا ڪردار ڪلارڪ، اداڪار، وڏيرا، ڪامورا ۽ عام انسان آهن. هنن مجموعن ۾ ٻولي، مڪالما بهترين آهن. امرجليل جو اسلوب هاڻي سندس سڃاڻپ بنجي ويو آهي. وقت گذرڻ سان گڏ امر جليل جي ڪهاڻين ۾ پختگي واضح نظر اچي ٿي.

منهنجو ڏس آسمان کان پڇو

امر جليل جي ڏهن ڪهاڻين تي مشتمل هن مجموعي ۾ سندس ڪهاڻيون هڪ ئي جاءِ تي بيهي ظلم برداشت ڪرڻ وارن انسانن جون آهن. هڪ ئي نظرئي تي زندگي گذاري هميشه ڏاڍ برداشت ڪرڻ وارن کي هو هاڻي نندي ٿو. امر جليل شڪل مٽائي ڪوڙ ڳالهائي عام انسانن جي تذليل ڪرڻ ڪرڻ وارن انسانن کي ڪهاڻين جي ذريعي سامهون آندو آهي. ووٽ وٺڻ کان پوءِ حڪمرانن جا بدلجندڙ رويا ۽ چالاڪيون ڪهاڻين ۾ صاف نظر اچن ٿيون. ڪهاڻين ۾ ظلم صاف نظر اچي ٿو. ڪهاڻين جا موضوع سماجي حالتن جي چٽي تصوير پيش ڪندي نظر اچن ٿا.

ڪهاڻي ” عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا آهن” قوم سان ٿيندڙ ڏاڍ جي چٽي تصوير پيش ڪري ٿي. امر جليل سماج جي عڪاسي ڪندي موضوع کي ضرورت آهر پيشڪش جو اسلوب به تبديل ڪرڻ ڄاڻي ٿو. هاڻي سندس اڪثر

موضوع رياستي ادارن ۾ حڪمرانن جي هٿان ظلم جو نشان بڻجندڙ عام انسانن جي آهي. هتي ڪهاڻين ۾ خاص مسئلا سامهون نظر اچن ٿا. هڪ ڪهاڻي ڪيترائي سوال اٿاري ٿي.

"محرم علي اوندهه ۾ جيئرو رهي نه سگهيو. هو مري ويو، پر پنهنجي مرضيءَ سان نه، سندس موت جو وقت ۾ ڏينهن آسمانن، زمينن ۾ ڪائنات جي خدا مقرر نه ڪيو. سندس موت جي گهڙيءَ جو تعين ڌرتيءَ جي زور آور خدائن ڪيو ويو." (جليل، 2014: 21)

هن دور ۾ امر جليل جون گهڻيون ڪهاڻيون سياست جي موضوعن تي آهن. جن ۾ هو سياسي حوالي سان عوام سان ٿيندڙ ويڌن ۾ سندن حق تلفي صاف نظر اچي ٿي. هتي سندس ڪردار ظلم کي برداشت ڪن ٿا، ليکڪ مڪالمن جي ذريعي عوام کي پنهنجي حقن کان آگاهه ڪري ٿو. هتي ليکڪ جو مقصد آهي ته ڪا به شيءِ سچ کي مات نٿي ڪري سگهي. تاريخ ۾ سچ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هاڻي امر جليل جون ڪهاڻيون سماج ۾ هڪ جدا مقام حاصل ڪري چڪيون آهن. هاڻي ڪهاڻيءَ جي لفظ لفظ تي سندس ڇاپ نظر اچي ٿو. ڪهاڻي " زندگي ۾ زهر" سماج جي اهڙي موضوع جي عڪاسي ڪري ٿي. ڪلارڪن ۾ پرائيويٽ ادارن جي ملازمن جو ڏک، درد پيڙا بيان ڪندي دل کي ڇهي ٿو. امر جليل وٽ ڏانوءُ آهي، جو هو سچ کي سان نڀائيندو نظر اچي ٿو. ڪنهن به موقعي تي سندس ڪهاڻيءَ ۾ ڪا به ڳالهه مصنوعي نظر نٿي اچي. امر جليل جو اسلوب هر دور ۾ ماحول مطابق نظر اچي ٿو.

"راجا چپن ۾ چيو، " اسين نڪما آهيون! هي جو اسان پيٽ خالي هوندي ڪِلئون ٿا، رستن تي بيهي شاهي سوارين لاءِ تاڙيون وڄايون ٿا، تقريرون ٻڌڻ لاءِ پنڊال ڀريون ٿا، اهو سڀ اجايو آهي! تڏهن به اسين نڪما آهيون!" (جليل، 2014: 33)

امر جليل جي ڪهاڻي هڪئي وقت ڪيتريون ڳالهيون بيان ڪندي نظراچي ٿي. هاڻي امر جليل ڪهاڻيءَ جي مڪالمن جي ذريعي وڏيون وڏيون ڳالهيون چئي وجي ٿو. سندس ڪهاڻيون سوچڻ لاءِ ڪيترائي نڪتا نروار ڪن ٿيون. غريب انسان هميشه خوابن ۾ ئي رهندا آهن. ڪهاڻي " مرڻ کان اڳ، مرڻ کان پوءِ" سماجي حقيقت کي بيان ڪري ٿي. هر انسان کي شڪ جي نگاهه سان وارو دور ڪهاڻيءَ ۾ واضح نظر اچي ٿو.

"ٻنهي ڪراڙن، مزدور ڏانهن گهور ڪري نهاريو. هڪڙي ڪراڙي، پنهنجي عينڪ جا شيشا اُگهندي چيو، " تون غير ملڪي جاسوس ٿو ڏسجين." (جليل، 2014: 59)

امر جليل جون ڪهاڻيون هن دور ۾ ڳالهائيندي نظر اچن ٿيون. گهٽ پوسٽ واري ماحول ۾ رهندي نازڪ مسئلن کي نهايت خوش اسلوبيءَ سان پيش ڪيو اٿس. قبر کوٽڻ واري کي پنهنجي محنت جو اجورو نه ملڻ، ائين سماجي اڻ برابري ڪهاڻيءَ جي ذريعي واضح نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ” عشق“ بظاهر رومانوي نظر اچڻ واري ڪهاڻيءَ جا مڪالما ذهن ۾ وڏا سوال اٿاريندي نظراچن ٿا.

”تنهنجو ڏوهه ڪونهي.“ چيو هو، ”اسان جي ملڪ ۾ ماڻهو نه، پر ڪرسيون ڳالهائينديون آهن.“ (جليل، 2014: 67)

آفيس واري ماحول کي پيش ڪندي ليکڪ پڙهندڙن جي سامهون خاص مسئلن کي پيش ڪري وجي ٿو. ليکڪ جو اهو انداز ئي ڪيس اعليٰ مقام تي پهچائي ٿو. عام ڳالهين ذريعي اهم نڪتو بيان ڪندي نظر اچي ٿو. هتي سندس ڪهاڻيءَ ۾ طنز به نظر اچي ٿو. ڪهاڻي ” محرم علي جانوريءَ جو فرار ٿيل ساٿي“ ڪاليج جي ماحول کي پيش ڪري ٿي. ڪاليج ۾ ٿيل هڙتالن ۽ ان جي ڪري تعليمي ادارن جي ماحول جو بگاڙو صاف نظر اچي ٿو.

”آزاد لفظ جو ڪو به مفهوم ڪونهي.“ هن جلي خامي چيو، ” هر ڪو انسان ڪنهن نه ڪنهن نموني قيد آهي. ڪو معاشي بدحاليءَ، ڪو بربادي‌ءَ ۾، ڪو سياست جي چنبي ۾، ڪو محبت ۾، ڪو......“ (جليل، 2014: 75)

امر جليل جي ڪهاڻي ان وقت جي تعليمي ادارن جي چٽي تصوير پيش ڪندي نظر اچي ٿي. هتي امر جليل پنهنجي اسلوب سان نڀائيندي ڪهاڻيءَ کي پار پهچائي ٿو. ڪاليج جو ماحول ڪلاس روم، لائبريري، شاگرد ۽ سندن ڳالهائڻ وارو ماحول نيچرل لڳي ٿو.

”ان ڳالهه تان هجوم سخت مشتعل ٿيو. ماڻهو نعرا هڻڻ لڳا، ”صوبه پرستي مرده باد، صوبه پرستي مرده باد ون يونٽ زنده باد.“ (جليل، 2014: 91)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ عام رواجي ڳالهين ڳالهين کان وڌ رياست ۽ ادارن جا ڪارناما واضح نظر اچن ٿا. عوام تي ون يونٽ زبردستي مڙهي انهن کان ابردستي نعرا هڻايا ويا. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ هتي اسان کي پرندڙ مسئلا نظر اچن ٿا. لکڻ تي پابندي هئڻ باوجود هو سچ لکڻ کان هڪ وک به پوئتي نٽو هٽي. ڪهاڻي ”نه تون آهين نه مان آهيان“ مرد جي نفسيات جي عڪاسي ڪري ٿي. ڪهاڻي ” سفر کان سفر تائين“ سياسي ادار جي ظلم جو شڪار انسانن جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي.

”واندڪائيءَ جي وقت ۾ رڇ ۽ گدڙ جي ڪل پائي سرڪاري باغيچي جي پڃرن ۾ ويهي رهندا آهيون. ٻين پڃرن ۾ به اسان جهڙي مخلوق مختلف جانورن جو ڪلون پائي ويهي رهي آهي. اسان تي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي بندش پيل آهي. حڪم موجب اسين تماشائين کي ڪرتب ڏيکاريندا آهيون، ۽ ڪين خوشي ڪندا آهيون ڪين پنهنجي خاموشيءَ جا زخم به ڏيکاريندا آهيون.“ (جليل، 2014: 125)

ليکڪ علامتي اسلوب جي ذريعي سماج جي تلخ حقيقتن کي بيان ڪري وڃي ٿو. عوام کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ بيدار ڪرڻ گهري ٿو. عام زندگيءَ جي وهنوار جي تلخين ۽ عوام جي ڏکن کي ڪل واري اسلوب ۾ بيان ڪرڻ جو فن وٽس نطر اچي ٿو. ڪهاڻيءَ جو ماحول ۽ واقعا ارد گرد جي واقعن وانگر حقيقي لڳن ٿا. ڪهاڻي ” منهنجو ڏس آسمان کان پڇو“ ڪهاڻي نوجوانن جي و ن يونٽ خلاف دل ۾ ويٺل نفرت کي صاف بيان ڪندي نظر اچي ٿي.

”گوتم ايڊمنسٽريٽر کي چيو هو، هيءَ سموري قوم سلهه جي آخري مرحلي ۾ آهي. هڪڙي ڏينهن مري ويندي. مون کي خبر ناهي ته هن مرندڙ قوم جو لاش ڪير کڻڻ ايندو.“ (جليل، 2014: 129)

سنڌين سان هر دور ۾ ٿيل ظلم ۽ سنڌن حقن تي لڳندڙ ڌاڙي کي ڏسي ليکڪ جي دل ۾ قوم لاءِ هڪ احساس جاڳي ٿو. هاسٽل جو ماحول رومانٽڪ ڪهاڻي پنهنجي اندر وڏيون حقيقتون سمائي رکي ٿي. هتي ڪردار پراڻي رسمن کي نندين ٿا.

” گوتم سموري سماجي ۽ سياسي ڍانچي کان باغي آهي.“ وراڻيائين، ” هو وڪالت ۾ ان ڪري دلچسپي نه وٺندو آهي، جو هن قانون کي ڪپڙي جي وال ۽ ٻاٽا جي چمپل وانگر وڪامندي ڏٺو آهي.“ (جليل، 2014: 132)

امر جليل سماجي ۽ سياسي حالتن کي سهڻن مڪالمن جي ذريعي سامهون آندو آهي. هو سماج ۾ هلندڙ رواجن کان انڪار ڪري ٿو.سنڌس ڪردار گهٽ واري ماحول ۾ رهڻ کي سلهه سان تشبيهه ٿا ڏين. اهڙي نموني هو سماج جي سورن جي عڪاسي ڪندي خوب نڀائيندي نظر اچي ٿو. سنڌس ڪردار تڪليفن ۾ به نٿا گهٻرائين. ڪهاڻي ” پوئين پهر جي ڳالهه ۽ مان برف ۾ توسان ملندس“ ڪهاڻيون رومانوي آهن. امر جليل انهن ۾ به سماج جي خاص مسئلن تي سندس نظر آهي. سماجي حالتن جو شڪار ٿيندڙ عوام جا ڏک سندس تحرير ۾ واضح نظر اچن ٿا. هڪ قوم جي مختلف طريقن سان فنا ٿيڻ تي امر جليل جي اندر جو آواز ڪهاڻين جي ذريعي اظهار ٿي سندس درد جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. امر جليل جي هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ دور جي تاريخ

پنهنجي عروج تي نظر اچي ٿي. ائين ڪردار ۽ موضوع پنهنجو هڪ جدا اسلوب رکن ٿا.

رني ڪوٽ جو خزانو

يارنهن ڪهاڻين تي مشتمل هن مجموعي ۾ امر جليل جي شخصيت جي ڇاپ نظر اچي ٿي. سنڌي ادب ۾ هاڻي سندس ڪهاڻين کي اعليٰ مقام حاصل آهي. هاڻي سندس اسلوب پختو نظر اچي ٿو. هن دور ۾ امر جليل جو ن ڪهاڻيون ڪوريءَ ۾ پچي راس ٿي چڪيون آهن. هاڻي امر جليل وٽ بيباڪي نظر اچي ٿي. هتي سندس ڪردارن جا ارادا پختا ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻ وارا آهن. ڪلارڪ، مولوي، وڏيرا، سرڪاري آفيسر، دڪاندار زندگيءَ جي ڪاروهنوار کي جيئن جو تئين پيش ڪيو آهي.

ڪلارڪن مٿان ظلم سندس ڪهاڻين ۾ نظراچي ٿو. سندس ڪردار ظلم برداشت ڪن ٿا ۽ پاڻ عام ماڻهوءَ جي بيوسيءَ جي تصوير چٽي اٿس. جڏهن عام آفيسن ۾ ڪم ڪرڻ وارن تي ظلم ٿيندي ڏسي ٿو ۽ انهن سان جيڪو رويو هتي رکيو وڃي تڏهن هو تڙپي اُٿي ٿو ۽ پنهنجي اندر جو اظهار ڪهاڻي آدم جي ماءُ ۾ هيئن ڪري ٿو.

> ”آدم جي سلهه جي خبر آفيس ۾ باهه وانگر پکڙجي ويئي. مون ٽائيپ رائيٽر ڏانهن ڏسندي چيو، ”مشين آدم کي کائي ويئي آهي. مشين آدم کي نه کائيندي آهي. بشير ڪافر چيو، آدم، آدم کي کائي ويندو آهي.“ (جليل، 2014: 54)

سندس سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته هو زماني تي طنز ڪري ٿو، وڏي فنڪاريءَ سان سماج کي پنهنجو چهرو ڏيکاري ٿو. اهڙي خوبصورت انداز ۾ جو سماج وارن کي ان درد پيڙا جو احساس به ٿي ۽ نه ئي انهن کي بُرو لڳي جو هو اُن مان بيزار ٿي وڃن. سندس طنز وارو انداز هتي وڏو ڪارگر ثابت ٿئي ٿو. سماج جي ٺيڪيدارن جي حقيقي روپ کي نروار ڪرڻ جي لاءِ جيڪو امر جليل انداز اختيار ڪيو آهي، اهو سندس ڪهاڻي ”چٽي ڪتي جو موت“ ۾ واضح آهي. سندس سماج تي ڪڙي نظر ۽ ان کي ڪرڙي اک سان ڏسڻ هتي سندس اسلوب ۾ گهرائي پختگي اچي چڪي آهي.

> ”جڏهن جوان ٿي تاريخ جو مطالعو ڪيم، تڏهن محسوس ڪيم ته چٽي ڪتي کي مارڻ لازمي هوندو آهي. چٽي ڪتي کي نه مارڻ قومن لاءِ تاريخي سانحو ٿي پوندو آهي. “ (جليل، 2014: 92)

امر جليل جي شروع کان عادت رهي آهي اڄ سڌي طرح وڏي مسئلي کي ڪهاڻيءَ جي ذريعي نروار ڪري ٿو. اهو اسلوب سندس تحرير کي اعليٰ مقام تي پهچائي ٿو. سنڌي قوم تي جڏهن قانون جا ڪوٽ ڪڙا ڪري ڪين آواز

کان محروم  ڪيو ويو. حق جي ڳالهه ڪرڻ وارن کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. ان وقت ۾ امر جليل جون ڪهاڻيون هڪ نئين اسلوب سان ماڻهن ۾ اتساهه پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ لڳيون. ڪهاڻي " گهاءُ" ڪهاڻي ڪامورن تي طنز آهي، جيڪي اسلام اباد ۾ وڃي پنهنجي صوبي جي اهميت کي وساري ويهن ٿا.

"مرڪز وانگر، اسلام آباد جو فٽ پاٿون به سخت ۽ مضبوط آهن. بس، ڪِرڻ جي دير آهي. مٿو چٽ!" (جليل، 2014: 18)

امر جليل جي ڪهاڻين جو جيئن ته اڪثر موضوع سياست تي ۽ ان جي رکوالن جا پول پڌرا ڪندي نظر اچن ٿا. هتي ڏٽي بخش جو ڪردار مستقبل لاءِ ڳڻتي رکي ٿو ۽ پنهنجي اولاد کي اهڙي ڏوڪي کان بچائڻ الاءِ پريشان آهي. ليکڪ جا اهڙا موضوع عوام شعور آڻڻ لاءِ ڪافي آهن. جيئن مستقبل سنڌ صوبي يا ان جي رهندڙن سان ڪنهن به قسم جي نا انصافي نه ٿئي.

"سرڪار سڳوريءَ اُٿندي ئي اها زمين اتان جي غير قانوني رهاڪن ۾ ورهائي ڇڏي. تڏهن وڃي محرم عليءَ کي به هوش آيو. دستگير جي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيو. چيائين، "پنهنجي موروثي زمين اٿم. ضرور هٿ ڪندس. عوامي دور آيو آهي _ ضرور عرض اگهبو." (جليل، 2014: 30)

امر جليل جي هر ڪهاڻي پنهنجي جاءِ تي جدا حيثيت رکي ٿي. ورهاڱي وقت هندستان مان آيل ماڻهن کي سرڪار زبردستي زمينون ۽ گهر هتي جي رهاڪن جا ڏنا جنهن جو ذڪر هتي ملي ٿو. اهڙي ريت سنڌ جي مقامي رهاڪن جي تمام گهٽي حق تلفي ٿي اهڙي ريت ون به سنڌ مان ظلم جي پهاڙ کان گهٽ نه هو. هاٽي امر جليل جي ڪهاڻين ۾ اهڙا واقعا تمام گهٽا نظر اچن ٿا. جنهن ڪري تاريخ ۾ ٿيل اهڙن ظلمن جي خبر پئي ٿي. سندس خيال ۾ سماج کي پوئتي ڌڪڻ ۾ سياستانن جو گهٽو هٿ آهي. " هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا" ڪهاڻيءَ جي عنوان مان ئي موضوع جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

"شام جو پڪي قلعي، ڪچي قلعي ۽ لطيف آباد ۾ عام جلسا ٿيٺا هئا. اهو دور ون يونٽ خلاف پرندڙ جبل وانگر پچرندڙ ۽ ڪامندڙ دور هو. اسان کي گهڙيال جي ڪانٽن وانگر چوويهه ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو." (جليل، 2014: 42)

سموري ڪهاڻي سنڌ جي ڏکن ۽ سندس خلاف ٿيندڙ  سازشن جي عڪاسي ڪري ٿي. امر جليل جا ڪردار هاٽي زماني جي ڏکن کي خوشيءَ سان منهن ڏين ٿا. هاٽي امر جليل جي ڪهاڻي پڙهندڙ جي سامهون جڻ حقيقي واقعن کي پيش ڪندي نظر اچي ٿي. ڪهاڻي " ساٿو ساٿو ساهه "

يونيورسٽيءَ جي ماحول جو بهترين منظر پيش ڪندي شاگردن جي مشڪلاتن جي عڪاسي ڪري ٿي.

”اسين، عوامي اسٽوڊينٽ فيڊريشن جا شاگرد نئين پاڪستان جي نئين سنڌ جا مالڪ آهيون. قاسم ڪريلي چيو، “ اڄ کانپوءِ ڪو به شخص شاگرد يا استاد، يونيورسٽي ڪئمپس ۾ سنڌ جو نالو نه ڪڍندو. جيڪو “ جيئي سنڌ” چوندو، تنهن جي زبان تارونءَ مان ڇڪي وٺبي.” (جليل، 2014: 66)

ڪهاڻي شاگرد جي جذبات کي بيان ڪندي ان وقت جي سنڌ سان ٿيندڙ ظلم کي ظاهر ڪري ٿي. امر جليل جون ڪهاڻيون عام سماجي موضوعن تي به بلڪه ان وقت جي ناسور بڻيل موضوعن تي آهن. جنهن جي ذريعي عام ماڻهن تائين ون يونٽ جي نقصان جي به حقيقت پهتي. هن وقت تائين امر جليل جون ڪهاڻيون پنهنجو مثال پاڻ بنجي چڪيون آهن. ڪهاڻي ۾ مجيد جو ڪردار بهادر آهي جيڪو پنهنجي وطن کي بچائڻ لاءِ جان جو سانگو نٿو ڪري. ڪهاڻي “ مان ديوداس نه آهيان ” اڳ وارين ڪهاڻين جهڙو موضوع رکي ٿي.

”هن سنڌ نه ڏٺي هئي، پر هو سنڌ متعلق ڏاڍي يقين ۽ اعتماد سان ڳالهائي سگهندو هو. اصل ۾ هن وٽ سنڌ جا به رورل ڊوميسائل هئا _ هڪ سانگهڙ جو ۽ ٻيو نوابشاهه جو.” (جليل، 2014: 81)

امر جليل جي وطن سان محبت جو سڀ کان وڏو مثال هي آهي، جو هو ناگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ کان نه ڊنو سچ جو ساٿ ڏيندي هر دور ۾ سندس قلم سڀ کان اڳرو رهيو. سندس ڪردار ۽ لفظ هاڻي امر جليل جي پهچان بنجي چڪا آهن. سندس اها خوبي آهي جو هو سندس موضوع عام آهن پر انهن ۾ ڪردارن جا ڏک ڪجهه سجيهه ۽ عام ليڪڪن جي ڪهاڻين کان منفرد آهن. ڪهاڻي “ ڪپيل ٻانهن جو وارث” آزاديءَ حاصل واري سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. تاريخ جي هر دور ۾ پنهنجي حق جو آواز اٿارڻ وارن جو انجام صاف نظر اچي ٿو.

”اها ٻانهن ملڪ ۾ وڳوڙ وجهندي آهي. نوجوانن کي هٿياربند جدوجهد جي ترغيب ڏيندي آهي. حاڪمن لاءِ مصيبت پيدا ڪندي آهي. پر هن دفعي مان ان ٻانهن کي پچي رهندس.” (جليل، 2014: 108)

امر جليل جي هن مجموعي جو ڪهاڻيون ون يونٽ واري دور کي جيئرو ڪن ٿيون. امر جليل وٽ هاڻي ٻوليءَ جو استعمال بهتر آهي. ڪهاڻي سماج جي تلخ ماحول جي پيش ڪندي ڪيترين ئي ڳالهين تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪري

ٿي. ون يونٽ واري دور کان شروع ٿيل حالتن مارشلا وارو ماحول ۽ بنگال جي ورهاڱي کي نروار ڪري ٿي. شايد ليڪڪ ڪپيل پانهن جو ذڪر ڪري بنگال ڏانهن اشارو ڪيو آهي. سندس مڪالما جاندار ٿي چڪا آهن.

هاڻي امر جليل اهو اسلوب اختيار ڪري چڪو آهي جيڪو سندس سڃاڻپ بنجي چڪو آهي. سندس اسلوب جداگانه آهي. هڪ نئين انداز جو ٻوٽو لڳايو آهي جيڪو وڌندو وڻ ٿيندو وڃي ٿو. سندس جملن جي ترتيب خوبصورتي هو لفظن ۾ هڪ اهڙي تبديلي پيدا ڪري ٿو جيڪا سندس مڪالمن ۾ جان آڻي ٿي. اهي مڪالما هڪ نئين معنيٰ سان ڪردارن، مڪالمن جي عڪاسي ڪن ٿا. پراڻي روايتن تي هلڻ انهن جي پيروي ڪرڻ ڪو ڏکيو نه آهي، بلڪ پنهنجي لاءِ نوان رستا ٺاهڻ لفظن جي دنيا ۾ انقلابي تبديليون آڻڻ ڏکيو ڪم آهي. امرجليل جي لاءِ پراڻن رستن تي هلڻ مشڪل ٿي پيو تنهن ڪري هن پنهنجي لاءِ هڪ نئين رستي جي چونڊ ڪئي ۽ ان جي ذريعي پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي. جڏهن امرجليل ذلت جي زندگيءَ کان عزت جي موت کي ترجيح ڏي ٿو ته سندس ”سنڌي گدڙ اِن (IN) اسلام آباد ” ۾ لکي ٿو ته:

> ”مون آسمان ڏانهن ڏسندي وڏي واڪ چيو، آخر ڪهڙي ڏوهه ۾ مون کي ماٺهوءَ مان ڦيرائي گدڙ ڪيو ويو آهي! گدڙ بدران مون شينهن ڇو نه ڪيو ويو آهي! مون کي گدڙ جي سو سالن واري زندگيءَ کان شينهن جي هڪ ڏينهن واري مختصر زندگي قبول آهي.“ (جليل، 2014: 92)

اسلام آباد ۾ رهندڙ سنڌي ڪامورن تي طنز آهي، جيڪي عهدي تي پهچڻ کان پوءِ  فقط پاڻ کي چمڪائڻ ۾ لڳي ويندا آهن. ڪهاڻي ”رني ڪوٽ جو خزانو“ مارشلا واري دور ۾ ٿيل وگوڙن جي عڪاسي ڪري ٿي. هن دور ۾ امر جليل وٽ ڪهاڻيون گهڙيل ۽ پختيون آهن. هو ڪا به ڳالهه سڌي نٿو چوي وٽس رڪائي نه آهي. هو صبر و تحمل کان ڪم وٺي ٿو. ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ جو فن اُن ۾ تشبيهون، استعارا، علامتن کي وڏي اهميت حاصل آهن. هو انهن سيني کان هڪ وقت ۾ ڪيترائي ڪم وٺي ٿو. واقعن کي وڌائي ٿو ۽ ڪهاڻيءَ جي ڪيترن ئي پاسن کي واضح ڪري ٿو. ان ڪري ڪردار جون خاصيتون سامهون اچن ٿيون.

امر جليل وٽ ڪردار جهڙو آهي اهو اهڙي ئي ٻولي ڳالهائي ٿو. ڪردار پنهنجي محسوسات جو پنهنجي ڪيفيت ۽ شخصيت مطابق اظهار ڪندو آهي. ڪهاڻيڪار لاءِ اهو مرحلو تمام گهڻو مشڪل هوندو آهي ته ڪردار جهڙو هجي ان ئي طرح ڳالهائي  سندس ڪردار ايترا ته مضبوط آهن جو پنهنجي ئي رنگ ۾ رڱجي وڃن ٿا. هو پهاڙ جيان مضبوط آهن، جو زندگيءَ ۾ ڪو به تڪليف

ڏيندڙ واقعو ڪين جهڪائي نٿو سگهي. امر جليل جون ڪهاڻيون هاڻي سندس تصوير پيش ڪن ٿيون.

سرد لاش جو سفر

امر جليل جون ڪهاڻيون هاڻي ڪنهن به تعارف جون محتاج نه آهن. ڪهاڻين جو اٺون مجموعو " سرد لاش جو سفر " جي ڪردارن جو مثال اسان جي سامهون آهي. هتي ليکڪ ساڳين موضوعن سان نڀايو آهي. ورهاڱو ۽ سماج ۾ ان ۾ ٿيندڙ هاڃا صاف نظر اچن ٿا. سياست، وڏيرا، بدمعاش، طنز، رشوت ۽ فسادن تي ڪهاڻيون آهن. هر ڪهاڻي پنهنجي اندر هڪ وڏي دنيا رکي ٿي. ائين امر جليل جي ڪهاڻين جو سفر جاري رهي ٿو. مجموعي جي پهرين ڪهاڻي " غفا" سماجي موضوع تي آهي.

> "بکي واري پوپي جي تعبير مون کي درست محسوس ٿي آهي." چيو هيم، " پاڪستان تي اڪثر وائڙن ۽ مجهولن حڪومت ڪئي آهي. عين ممڪن آهي ته مان پاڪستان جو حڪمران ٿي پوان!" (جليل، 2011: 16)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ هاڻي طنز نظر اچي ٿو. عام رواجي ڳالهه کي پنهنجي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. ٻولي توڙي موضوع عورج حاصل ڪري چڪا آهن. لکيڪ جو هڪ هڪ لفظ معنيٰ ۽ مفهوم سان ڀريل آهي. ڪهاڻي " هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ" مڪالما، تشبيهه ۽ استعاري جي زبردست استعمال سان هلي ٿي. سنڌي جي زميندارن ۽ سياستدانن تي طنز ملڪ جي حالتن تي انهن عادتن جو اثر صاف نظر اچي ٿو.

> "اڙي چريا، " هن مون کي ڪلهن کان ڌونڌاڙيندي چيو، " جڏهن به پنجاب اسيمبليءَ ۾ اجلاس ٿيندو، تڏهن اهڙيون اهڙيون راتيون ملهائينداسين، سڪندر اعظم به خواب ۾ نه ملهائيون هونديون. تو کي هينئر کان اڳواٽ دعوت آهي." (جليل، 2011: 36)

سنڌ جي زميندارن ۽ سياستدانن جا ڪارناما مختلف طريقن سان عوام آڏو پيش ڪيا آهن. شروع واري مجموعي کان سندس ڪهاڻين جي ڪردارن توڙي ٻوليءَ جو اسلوب تبديل ٿيندو رهيو آهي. ڪهاڻيءَ جو سفر جاري رکندي امر جليل پنهنجي مقصد کي ڪهاڻين جو روپ ڏيئي پيش ڪندو رهيو آهي. ڪهاڻي " شيطان جو سنگسار" ۾ وزيرن ۽ ڪامورن جا پول پڌران نظر اچن ٿا.

> "بدرو پنداري وزيرن جا ڪم ڪندو هو. اسيمبلين ۽ سينيٽ جي ميمبرن جا ڪم ڪندو هو. جن پڙن ڪمن ۾ پوليس سندن ساٿ ڏيڻ کان ڪيبائيندي هئي، اهي ڪم ڪين بدرو پنداري ڪري ڏيندو هو." (جليل، 2011: 51)

شريف انسان کان بدمعاش بنائڻ وارا به اهي رياستي ادارا ۽ انهن جا رکوالا آهن. ڪهاڻيڪار سماج جي بگاڙي جو سبب به اهي ئي انسان پيش ڪيا آهن، جن کي ووٽ ڏيئي عوام پنهنجي مٿان حڪمران پيدا ڪري ٿو. مرڪز ۽ اتي ويٺل وزير اتان ويهي سنڌ جي قسمت ۽ عوام جي زندگين سان کيڏن ٿا. امرجليل جو فن پڇي راس ٿي چڪو آهي. ڪهاڻين جي موضوع توڙي ڪردارن جا رويا ۽ ڳالهيون موضوع مطابق تبديل ٿيندا رهن ٿا. جڏهن سماج جي تلخ حقيقت بيان ڪري ٿو ته ان لاءِ پاڻ علامتي اسلوب ۾ قصي کي پيش ڪري ٿو. ڪهاڻي ” ڳيري جو موت “ انسانن جي مستقبل بابت ڪيترائي سوال اٿاري ٿي. ٻارن جي گفتگو وڏي مقصد ۽ ڪيترائي سوال اٿارڻ واري آهي. ڪهاڻي ” گامو سچار جي پٽ جو انٽرويو“ ۾ امر جليل جو اسلوب سهڻو آهي، جو هو سنڌ جي سياست جي ڳالهه کي هڪ نئين انداز سان پيش ڪري ان جي رکوالن کي ننديندي نظر اچي ٿو.

> ”سنڌي جي سياسي طوائف جي پڳ هميشه کان سرمائيدارن جي هٿ ۾ رهي آهي. سياسي رس اسان جهڙن ڪنگالن جي ور نه چڙهي آهي جو دال _ مانيءَ تي ۽ ڪڏهن بکن ۾ پاهه ٿيڻ تي هريل هجي. سنڌ جي سياست چلهه ۽ چورو، مزو ئي مزو. تنهن ڪري سياسي گڏجاڻين کان پوءِ جيڪا ڪچهري ٿيندي آهي، تنهن ۾ اهو سڀ ڪجهه ٿيندو آهي، جيڪو ٻئي هنڌ نه ٿيندو.“ (جليل، 2011: 61)

امر جليل جون سمورويون ڪهاڻيون سياستدانن جو اصل چهرو آڏڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. هڪ اڻ پڙهيل انسان جو انٽرويو سموري ڪهاڻيءَ جو موضوع آهي. اهو انسان اڳتي هلي پاڪستان جي تقديرجا فيصلا ڪندو. شروع کان سموري ملڪ تي اڻپڙهيل ماڻهن جو راڄ رهيو آهي. ڪهاڻي ” رليف ڪيمپ“ سماجي حالتن جي چٽي تصوير پيش ڪري ٿي.

> ٻار چيو، ” هينئر توهان جي معاشري ۾ سچل ۽ سامي پيدا نه ٿيندا. فقط سياستدان پيدا ٿيندا ۽ پاڻ کي پير سڏائيندا.“ (جليل، 2011: 92)

سنڌي جا وارث پير، سياستدان ۽ وڏيرا ئي رهيا آهن. جن سنڌ جي وسيلن تي ڏاڙو هنيو آهي. امر جليل جون شروعاتي ڪهاڻيون عشق ۽ محبت سان ڀرپور جتي ٻولي چڪي ڦڪي هئي. فني حوالي سان ڦڪيون ايترو ئي ٻين مجموعن ۾ وٽس پختگي نظر اچي ٿي. وقت گذرڻ سان سندس ڪهاڻيون فن جي بلنديءَ کي ڇهن ٿيون. هن مجموعي ٻيون ڪهاڻيون ” ڪانسٽيوشن اويونيو تي موت، اڄ اسهان ٿو ديس پرائي، زندگي هڪ ڪن، جنم، نه ويڄ نه طبيب، ڪاري ڪٽي آهي، ڪينسر ۽ مٽيءَ جا ماڻهو“ موضوع ڪردار، ٻولي توڙي فني حوالي سان اعليٰ مقام رکن ٿيون.

امر جليل جتي سماجي حقيقت نگاريءَ کي پيش ڪيو آهي، اتي وٽس سماج ۾ آيل دل ڏاريندڙ واقعا به ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ نظر اچن ٿا. مجموعي جي آخري ڪهاڻي " سرد لاش جو سفر" هندن سان پيش آيل واقعي تي مبني آهي. وٽس مذهبن کي پاسي تي رکي انسانيت جي اهميت آهي. وحشي انسانن جا هتي صاف نظر اچن ٿا.

> "منهن امان جي پيرن تي رکي ڇڏيم. ڏک وچان چيم، اهڙيون هزارين قيامتون مون مٿان نازل ٿين، پر مان سنڌ ديس جي ڌرتي نه ڇڏيندس. ماڻهون مرون تي پيا آهن، گوپو. امان منهنجا زنجير لاهڻ چاهيا، پر لاهي نه سگهي. هٿ ڦٽجي پيس. چيائين گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ اسان جو لچون لاٿيون اٿائون." (جليل، 2011: 186)

ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جو استعمال بهترين نظر اچي ٿو. گوپال جا مڪالما ٻُڌي جسم مان سيسراٽ نڪرويو وڃن ٿا. زندگيءَ جي بيوسي، ماڻهن جي بي حسي چٽي نظر اچي ٿي. اها سندس بيان جي خوبي آهي، جو هو پين ڪردارن جا نقش اسان جي دلين تي جيئن چاهي قائم ڪري ٿو ۽ ان ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو. يا وري ڪردار جهڙو هوندو آهي. اهو پنهنجي تمام خوبين، خامين سان نروار ٿي ويندو آهي. مڪالمن، تعارف ۽ ردعمل جي ذريعي ئي هو پڑهندڙن کي پوري ڄاڻ فراهم ڪري ٿو. تنهن ڪري ڪردار جي باري ۾ ڪا به ڳالهه ڳجهي نٿي رهي، ڪجهه ڪردار اهڙا به هوندا آهن. جيڪي پڙهندڙ جي دل ۾ رهجي ويندا آهن. اهي سموريون ڳالهيون ملي منظرنگاريءَ کي فطرت جي ويجهو ڪري ڇڏينديون آهن. امر جليل وٽ ٻولي پراڻي نه آهي. هو ان دور ۾هلندڙ ٻوليءَ جا ئي لفظ استعمال ڪري جيئن اڳتي هلي هو انهن جي معنيٰ ۾ تبديلي آڻي استمال نٿو ڪري بلڪه هو پنهنجي ضرورت مطابق محاورن، پهاڪن ۽ اصطلاحن جو استعمال ڪري ٿو. امر جليل وٽ اڪثر واقعا يا وري ڪردار حقيقي آهن. هو واقعن ۽ حادثن کي حتمي شڪل ڏئي ٿو. سندس لفظ لفظ ۾ اسلوب جا نوان ۽ بيمثال نمونا ملن ٿا. پوءِ اها منظرنگاري هجي يا ڪردارنگاري هجي يا جذبات نگاري هجي سندس قلم ڪجهه نين شين جي تلاش ۾سفر ڪندو رهي ٿو. هن دور ۾ گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا پر پوءِ به سندس قلم کي تر برابر به نه نقصان ٿيو ۽ نه ئي هو وقت جي حاڪم آڏو جهڪيو. امر جليل هن دور ۾ جيڪي افسانا لکيا انهن ۾ اسان کي رومانويت، حقيقت نگاري، قوم پرستي گڏ نظر اچن ٿا. پهرين جي نسبت هاڻي وٽس موضوع جي پختگي تمام گهڻي نظر اچي ٿي. تشبيهن، استعارن، علامتن جي استعمال بيان ڪرڻ جي ڍنگ ۾ انقلابي تبديليون نظر اچن ٿيون. وٽس پهاڪن ۽ محاورن جو استعمال خوبصورت نظر اچي ٿو. عام انسان جو درد ڏسي سندس دل ان تي ڏک جو اظهار ڪري ٿي، ۽ اهو سندس اسلوب مان جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻين جي مجموعن ۾ سندس هر ڪهاڻي ٻي ڪهاڻيءَ کان اسلوب جي حوالي کان مختلف آهي. سندس اسلوب ڪردارن جي مڪالمن ذريعي

واضح ٿئي ٿو. پنهنجي انداز جي ڪري هو پڙهندڙن جي دلين ۾ ڪيترائي سوال اڀاري ٿو. امر جليل جي هر ڪهاڻي جي شروع ڪرڻ جو اسلوب ٻين ليکڪن کان ڪي منفرد ڪري ٿو ، ۽ جنهن اسلوب سان ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي ٿئي ٿي اهو پڙهندڙن جي دل تي اثر ڪري ٿو.

## حوالا


1. جليل، امر، 2012ع، ”اندرا“، (ڇاپو ٽيون)، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
2. جليل، امر، 2012ع، ”اندرا“، (ڇاپو يارهون) ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي.
3. جليل، امر، 2012ع، ”دل جي دنيا“ (ڇاپو ٻارهون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
4. جليل، امر، 2011ع، ”سرد لاش جو سفر“، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
5. جليل، امر، 1998ع، ”ٽيون وجود“، (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
6. جليل، امر، 2010ع، ”جڏهن مان نه هوندس“، (ڇاپو يارهون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
7. جليل، امر، 2013ع، ”آتم ڪٿا آڏي پڇائن ۾“، ڪاڇو پبلڪيشن ڪراچي، سنڌ.
8. جليل، امر، 2014ع، ”آتم ڪٿا“، (ٻاڳو ڀهريون)، ڪاڇو پبليڪشن، ڪراچي، سنڌ.

9. جليل، امر، 2014ع، ”رني ڪوٽ جو خزانو“، (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
10. شهواڻي، غلام محمد، 1962ع، ”ادبي اصول“، آر، ايڇ، احمد ائنڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد.
11. طارق، اشرف، 1973ع، ”امرجليل جو افسانوي فن“، (مضمون)، ليڪڪ غلام محمد گرامي، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
12. طارق، اشرف، 1973ع، ”جليل بابت“، (مضمون)، ماهتاب محبوب، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
13. طارق، اشرف، 1973ع، ”جليل جيئن ڏٺو اٿم“، (مضمون)، طارق اشرف، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
14. طارق اشرف، 1973ع، ”درد جو سفر“، (مضمون)، قمر شهباز، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
15. طارق، اشرف، 1973ع، ”سنڌ مٿيءَ جو پوڄاري“، (مضمون)، هدايت بلوچ، ماهوار سهڻي، آڪٽوبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ.
16. ملاح، مختيار احمد، 2010ع، ”1955ع کان 1974: هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
17. ملاح، مختيار احمد، 2013ع، ”1975ع کان 2000: هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
18. مهر، ممتاز؛ 1980ع، ”ويچار“ آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد.
19. مهر ممتاز، 2006ع، ”ادب زندگي ۽ سماج“، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، مهراڻ اڪيڊمي، واڳڻو در، شڪارپور.

باب چوٿون

# امر جليل جي منفرد اسلوب جي صورت گريءَ وارا عنصر

**امرجليل جي ڪهاڻين جو منڍ، وچ ۽ پڄاڻيءَ جي فني مهارت**

امر جليل افسانن ۾ فني مهارت جو بادشاهه آهي. وٽس ڪهاڻيءَ کي پار پهچائڻ جو ڏانوءُ آهي. هو ڪنهن به ڳالهه کي تجسس واري انداز ۾ شروع ڪري ٿو ۽ ڪهاڻي ڪهڙي به هجي، وٽس بيان ڪرڻ جو انداز نرالو آهي. سندس ڪهاڻي شروع ڪرڻ جو انداز ٻين ليکڪن کان منفرد آهي. سندس فني اصولن جي پنهنجي اهميت آهي. وٽس موجود لفظن جي ذخيري جي مدد سان ڪهاڻي شروع ڪري ٿو ۽ ٻوليءَ جو درست استعمال ڪندي زبان ۾ لفظن کي اعليٰ مقام تي پهچائي ٿو. سندس ڪهاڻيون سماج جو حقيقي عڪس آهن. سماجي حقيقت نگاريءَ کي ادب جي ذريعي وائڪو ڪيو ويو آهي. امر جليل

اسلوب ۽ فن ۾ مهارت رکي ٿو. پاڻ افساني کي هڪ نئون روپ ڏنو اٿس ۽ پنهنجي افسانن ۾ حيران ڪندڙ آغاز ۽ انجام بخشيو آهي.

منڍ، وچ ۽ پڇاڙي ڪنهن به تحرير جا اهم حصا آهن. اهي ٽيئي ڪڙيون ڪهاڻيءَ جو بنيادي ڍانچو هونديون آهن. انهن ٽنهي رڪنن تي ڪهاڻيءَ جي پوري بناوٽ جو دارومدار هوندو آهي. ڪهاڻيءَ کي ڪهڙي انداز سان شروع ڪيو وڃي ۽ پوءِ ڪيئن طويل ڪري ڪهڙي طرف ڪهاڻيءَ جو رخ موڙيو وڃي. ڪهڙا واقعا ڪهڙي وقت ۽ ڪيئن پيش ڪجن. ڪهڙن حصن کي ڪيئن بيان ڪجي، ڪهڙي ڳالهه ڪٿي ۽ ڪهڙي اسلوب ۾ ڪرڻ گهرجي. اها چونڊ اصل ۾ ليکڪ جي گهري فڪر ۽ جادوئي سوچ جو اثر آهي. ليکڪ بار بار پنهنجي ڪهاڻيءَ تي تنقيدي نظر وجهندو آهي، ۽ چنڊ ڇاڻ ڪري ڪهاڻي کي سهڻي اسلوب وارو بنائيندو آهي. امر جليل کي خدائي ڏات مليل آهي. جنهن صلاحيت جي ڪري هو لکندو ئي رهي ٿو. سندس سڀ کان وڏي خوبي اها آهي، ته سندس ڪهاڻيءَ جا شروعاتي جملا اثر ڪرڻ وارا ۽ ڪهاڻيءَ ۾ آئيندا جي لاءِ دلچسپي وڌائڻ وارا هوندا آهن. سندس ڪافي ڪهاڻين جي شروعات شاندار انداز ۾ آهي. ڪهاڻي آخر تائين پڙهندڙ کي پنهنجي گرفت ۾ رکي ٿي.

سندس ڪهاڻين جي شروعات جو انداز مختلف آهي. ڪٿي هو ڳالهه کي آخر کان شروع ڪري ٿو ۽ پوءِ وچي انجام تي پهچائي ٿو. ڪڏهن سوال ڪرڻ واري انداز سان شروع ڪري ٿو. ڪڏهن ڪنهن مختصر جملي سان ۽ ڪڏهن منظرنگاريءَ سان ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪري ٿو. اهو جملو، يا منظر ايترو دلچسپ، اثر انگيز ۽ مختلف هوندو آهي، جو پڙهندڙن کي پنهنجي طرف ڇڪيندو آهي. امر جليل ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ ئي پڙهندڙن کي ڪهاڻيءَ سان ڳنڍي رکڻ جو فن ڄاڻي ٿو. هو پڙهندڙن کي پهرين لائينن يا جملن مان ئي اچڻ واري واقعن جي حالت جو نقش پڙهندڙ جي دل ۾ چٽي وٺي ٿو. هو ان ڳالهه کان بخوبي واقف آهي ته ڪهاڻيڪار جي ڪاميابي ان ۾ آهي، ته شروع ۾ ئي پڙهندڙ تي ڪهاڻيءَ جو رعب ويهاري ٿو. ٿورو به موقعو نٿو ڏئي جي ڏنائين ته پڙهندڙ ڪهاڻي پوري ڪرڻ کان پهرين ان کي ڇڏي ڏيندو.

امر جليل وٽ اهو اسلوب آهي، جو ڪهاڻي شروع ۾ ئي پڙهندڙن جي حواسن تي طاري ٿي وڃي ٿي، ۽ هو ڪهاڻي پوري ڪرڻ کان بغير رهي نٿو سگهي. ڪهاڻيءَ جا شروعاتي جملا ئي پڙهندڙ جي حواسن تي طاري ٿي وڃن ٿا، جو سندس اکيون کلي وڃن ٿيون ۽ دل جي ڌڙڪن وڌي وڃي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي ڇا ٿيڻ وارو آهي. ان جي لاءِ هو بيچين رهي ٿو. ڪهاڻيءَ جي سمورن رازن کي منڍ ۾ ئي هڪ نقطي جي ذريعي بيان ڪري تجسس وڌائي ٿو. مثال طور سندس ڪهاڻي " لهندڙ سج وڏندڙ پاڇا" ۾ پهريون جملو آهي.

"رئيس جي نبض تان آڱريون هٽائيندي حڪيم مايوسيءَ مان ڪنڌ لوڏيو.

رئيس جي منهن جو پنو لهي ويو.
ٻڌل آواز ۾ پڇيائين، " حڪيم تر جيتري به اميد ناهي.؟" (جليل، 2010: 84)

هن شروعاتي جملي ۾ ڪهاڻيءَ جا ڪيترائي جزا اچي ويا آهن. حڪيم رئيس کي آخر ڇو جواب ڏنو. رئيس کي ڪهڙي بيماري آهي، جو سندس علاج ئي ممڪن نه آهي. ڪيترائي سوال ذهن ۾ اڀرن ٿا. رئيس کي جيڪا به بيماري هئي ان جو ڪارڻ، ڇا سندس علاج ٿيو ڪٿي ٿيندو يا نه ڇا سندس زندگي ختم ٿي ويندي. انهن سوالن جي جواب لاءِ پڙهندڙ اڳتي نهايت دلچسپيءَ سان وڌندو رهي ٿو. اڳين ٻن سٽن ۾ رئيس جي بيچيني اڃا وڌندي وئي.

"رئيس بيچينيءَ مان هٿن جو تريون مهٽيندي وراڻيو مان سڄي دولت، ٻنيون ٻارا لٽائڻ لاءِ تيار آهيان." (جليل، 2010: 84)

رئيس جي زندگي بچائڻ لاءِ سوچ ۽ ويچار کي ڏسي، پڙهندڙن جي دلچسپي به وڌندي وڃي ٿي. رئيس دولت سان زندگي ۽ صحت خريد ڪرڻ گهري ٿو. اهي هڪ به مثال سندس ڪهاڻيءَ جي سادگيءَ جا آهن. اهي ساديون به چار لائينون سندس ڪهاڻيءَ جي منڍ کي چار چنڊ لڳائين ٿيون. جنهن ۾ وڏي هوشياريءَ سان ڪهاڻيءَ جو راز لڪل هوندو آهي. اهڙي رازداريءَ سان ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي ۽ پڇاڙيءَ تائين تجسس برقرار رهي ٿو.

امر جليل جي گهڻي قدر ڪهاڻين جي شروعات ڇرڪائيندڙ انداز سان ٿئي ٿي. مثال طور سندس ڪهاڻي "ساجن منهنجو دوست" جي شروعات جن جملن سان ٿئي ٿي اُهي حيرت ۾ وجهڻ وارا آهن.

"پڙهيل ڪڙهيل ڪونهي. سياسي قيدي به ناهي. تنهنڪري ڪيس سخت پورهئي سان سزا مليل آهي." (جليل، 2010: 149)

شروعاتي جملا ئي پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. ساجن جي سزا جو سبب ۽ ڪهاڻيءَ جي منڍ ۾ ئي ساجن سان همدرديءَ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. ساجن جي ڪردار جي باري ۾ ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي هلي ڄاڻ ملي ٿي ته هو مزاج جو ڪيئن هو. ڪهاڻيءَ جي منڍ ۾ ئي ساجن بابت معلومات آهي.

"لاپرواهي ساجن جي زندگيءَ ۾ شامل هئي. ايتريقدر جي ڪڏهن ڪڏهن جڏهن گيراج ۾ مستري رمضان جي ڪوٺيءَ مان سازن جو آواز ۽ ڇير جو ڇمڪو ايندو هو، تڏهن به هو ڪا دلچسپي محسوس نه ڪندو هو." (جليل، 2010: 151)

ساجن جي ڪهاڻي پڄاڙيءَ کان شروع ٿي منڍ تائين پهچي ٿي ۽ سندس جيل تائين پهچڻ جي سفر جي باري ۾ ڄاڻڻ لاءِ پڙهندڙ جي دل ڌڙڪندي رهي

ٿي. ساڄن جي انجام جي لاءِ پڑهندڙ تجسس ۾ رهي ٿو. ڪهاڻي پنهنجي دلچسپيءَ سان اڳتي وڌي ٿي ۽ ساڄن جي زندگيءَ جي حقيقت وائکي ٿي سامهون اچي ٿي. هميشه وانگر ليکڪ هتي به پڙهندڙن کي ڪهاڻيءَ جي انجام تائين پاڻ سان ڳنڍي رکي ٿو. ڪهاڻي "جڏهن مان نه هوندس" جي شروعات ڪجهه هن انداز سان ڪئي آهي.

"ڦاسي گهاٽ جي ڪال ڪوٺڙيءَ جو لوهي در کليو. جيلر اندر آيو. مون گوڏن مان منهن ڪڍي ڏانهس نهاريو. جلير کان پڇيم، "اڄوڪو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن آهي نه."
وراڻيائين، "اڄ اڌ رات کان پوءِ ڪنهن به وقت تو کي ڦاهي ڏئي ڇڏيندا." (جليل، 2010: 161)

ڪهاڻي جي شروعات پڇاڙيءَ کان ٿئي ٿي ۽ ڪهاڻيءَ جا شروعاتي جملا ئي اندر ۾ آنڌ مانڌ پيدا ڪن ٿا. شروعات تجسس سان ڀرپور آهي. ڪهاڻي پڙهڻ سان ڪيترائي سوال ذهن ۾ اڀرن ٿا. امر جليل جي ڪهاڻين جي شروعات پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڪهاڻيءَ جي شروعات پڇاڙيءَ کان آهي.

ڪهاڻي " آدم جي ماءُ " جا شروعاتي جملا به حيران ڪندڙ ۽ ڇرڪائيندڙ آهن.

"جنهن ڏينهن مون آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ تي پنندي ۽ خيرات گهرندي ڏٺو، تنهن ڏينهن مون کي پڪ ٿي ويئي ته آدم نه بچندو. آدم مري ويندو." (جليل، 2014: 53)

آدم جي بيماري ۽ سندس ماءُ جو بيوسيءَ ۾ پنڻ سندس سماج ۾ مقام آدم جو موت ڪهڙي سبب ٿيو، آخر سندس ماءُ ايتري بيوس ڇو ٿي، جو هوءَ پنڻ تي مجبور ٿي وئي. آدم جي زندگيءَ بابت ڄاڻڻ کان سواءِ ڪهاڻيءَ کي ڇڏڻ لاءِ دل مڃي نٿي. سندس ڪهاڻي "ڪانسٽيٽيوشن ايونيو تي موت" ڪهاڻي به منفرد انداز رکندڙ آهي. ڪهاڻيءَ جا شروعاتي جملا عام ڪهاڻين کان جدا انداز جا آهن.

"ڪانسٽيٽيوشن ايونيو تي، قومي اسيمبليءَ جي عين سامهون، جتي خوفناڪ ڪرينون، بلڊوزر، ۽ روڊ رولر رستو ويڪرو ڪري رهيا آهن، مان مري ويو آهيان." (جليل، 2011: 93)

ڪهاڻي پهرين جملن ۾ ئي پڙهندڙن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ٿي. ڇا مري ويل شخص ڳالهائي سگهي ٿو، سندس موت حقيقي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ايندڙ واقعن کي ڄاڻڻ لاءِ پڙهي ختم ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. مري ويل انسان ڪيئن ڳالهائي سگهي ٿو. پروفيسر ڊاڪٽر تهمينه مفتي پنهنجي

مقالي ”امرجليل جي ڪهاڻين جا ڪردار، فن جي روشنيءَ ۾ سگهارن احساسن جو اپياس“ ۾ لکي ٿي ته:

”ڪانسٽيٽيوشن ايونيو تي موت “ جنهن ۾ هلڪو مزاح هوندي به، سنجيدگيءَ سان انهن حالتن کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ شخصي آزادي، سوچ رکندڙ ماڻهو جو زنده رهڻ ئي مشڪل ٿيو پوي . هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ جو ورتاءُ موضوع ۽ ڪردارن سان نهايت ئي جارحانه آهي. هلڪي مزاح کي ڪردارن جي مزاحيه نالن سان، پيدا ڪيو آهي.“ (مفتي، 2010: 134)

امر جليل ڪهاڻين جي ذريعي سماج جي تلخ حقيقتن کي پيش ڪيو آهي. هو سنجيده ليکڪ آهي. هو پڙهندڙن کي پنهنجو تابع ڪري ڇاڏي ٿو. موضوع، ڪردار، ماحول ۽ واقعن جي مطابق سندس اسلوب تبديل ٿئي ٿو. هيءَ ڪهاڻي تجسس واري اسلوب سان شروع ٿئي ٿي ۽ اڳتي وڌي ٿي.

امر جليل ڪيترين ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس هر ڪهاڻيءَ جي شروع ڪرڻ جو انداز ٻي ڪهاڻيءَ کان جدا آهي. سندس ڪهاڻي “ هڪ ديسي عشق جو داستان “ جي شروعاتي جملن ۾ ڳالهه کي بيان ڪرڻ جو انداز ڪجهه هن ريت آهي.

”مون اڌ رات جو پنهنجي ڪچي گهر جي ڪچيءَ ڇت تي چڙهي، ڪچي مغز سان پڪو فيصلو ڪيو.“ (جليل، 1999: 25)

آخر ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار ڪهڙو فيصلو ڪيو سندس لفظن جي چونڊ جو انداز حيرت ۾ وجهندڙ آهي. پڙهندڙ ان فيصلي بابت معلوم ڪرڻ لاءِ واجهائي ٿو. سندس ڪهاڻي “ پڙلاءُ “ جي شروعات بهترين منظرنگاريءَ سان ڪري ٿو.

”هال خالي ٿي ويو. هال جو بتيون وسامي ويون، ۽ در بند ٿي ويا.“ (جليل، 1999: 74)

هال جو منظر پڙهندڙ کي ڪهاڻي اڳتي پڙهڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. جيئن ڪين هال جي پروڙ پوي هال ڇا جو آهي. هال شاديءَ جو آهي يا ڊرامي جو اسٽيج يا پارٽيءَ جو آهي. ڪهاڻيءَ جي شروعات بهترين منظرنگاريءَ سان ٿيل آهي. منظرنگاريءَ سان شروع ٿيندڙ ڪهاڻين ۾ “ ٻڙ جو غم، ڳيري جو موت، اڄ اُسهان ٿو پرائي ديس، نه ويڄ نه طبيب، پنجين موسم، منهنجو پٽ مهدي، جلا وطن، شڪست، ساٽو ساٽو ساهه، سنڌي گدڙ اِن اسلام آباد، مان برف ۾ توسان ملندس شامل آهن. ڪهاڻي “ تاريخ جو ڪفن “ جي شروعات ڪجهه اهڙي انداز جي جملن سان ڪري ٿو.

”عيد نماز شروع ٿيڻ کان ڪجهه دير اڳ هڪ ڪارو ڪوجهو شيدي، جنهن جا وار اٽيا، اکيون ڏرا ڏنل، ڏيل ڏبرو ۽ لٺا ليڙون هئا، سو نمازين جي پوئين قطار مان اُٿي ڪڙو ٿيو.“ (جليل، 1999: 112)

ڪهاڻيءَ جا شروعاتي جملا ئي شيديءَ بابت ڪجهه آگاهه ڪن ٿا. پوءِ به ڪهاڻي پوري ڪرڻ کان بنا اندازو لڳائي نٿو سگهجي ته شيدي ڪهڙي ڪارڻ پوئين قطار مان اٿيو. ڇا هو ڪجهه چوڻ چاهي ٿو يا قطار ۾ اڳتي اچڻ لاءِ بيقرار آهي. سندس انجام مخفي رکيل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترائي راز آهن، جيڪي مخفي رکيل آهن.

امر جليل بخوبي ڄاڻي ٿو ته ڪهاڻيءَ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ حالتن ۽ واقعن جو ڪهڙي انداز سان جائزو پيش ڪرڻ گهرجي. ڪڏهن ڪردار جي ذريعي، ڪڏهن سڌو سنئون، ڪڏهن اچڻ وارن واقعن، ڪڏهن گذري ويل واقعن ۽ ڪڏهن خوبصورت منظرنگاريءَ سان ڪهاڻي شروع ٿو. هو هڪ ئي اسلوب کي وٺي ڇهتي نٿو پوي. سندس ڪهاڻي ” عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا آهن “ جي شروعات حيران ڪندڙ انداز سان ڪئي آهي.

”اسان محرم عليءَ جو بنا سسيءَ دڙ دفن ڪري ڇڏيو.“ (جليل، 2014: 17)

پهرين جملن ۾ موت جو منظر محرم عليءَ جي ڪردار بابت ڄاڻڻ لاءِ پهرين ئي جملي ۾ پڙهندڙن کي بيچين ڪري ڇڏي ٿو. ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ پڙهندڙن کي متوجه ڪرڻ جو فن امر جليل کان وڌيڪ ڪير ڄاڻي سگهي ٿو. ڪهاڻيءَ دلچسپ انداز سان اڳتي هلي ٿي. ڪهاڻي ” زندگي ۽ زهر “ جي شروعات خوبصورت مڪالمن سان ٿئي ٿي.

”آفيس ۾ گهڙڻ کان اڳ، ڪاريدار جي ڪنڊ ۾ تمنا چيو، ” تنهنجي قميص جي ڪالر ته هينئر صفا ڪُسي ويئي آهي، شامون. ماڻهو ڇا چوندا.“ (جليل، 2014: 27)

امر جليل جي اسلوب ۾ سڌو غربت نظر اچي ٿي. ڪهاڻيءَ جو مفهوم پهرين جملي ۾ ئي واضح ٿي وڃي ٿو. پوءِ به ڪيترائي پهلو لڪل نظر اچن ٿا. تمنا جي شامون لاءِ ڳڻتي سندن رشتي کي ظاهر ڪري ٿي. ڪهاڻي اڳتي هلي ڪهڙي طرف مڙندي شامون نوڪري ڪري ٿو پوءِ سندس حالت اهڙي  ڇو پڙهندڙ کي حيران ڪري ٿي.

امر جليل هڪ يا ٻه جملن جي لائينن ۾ ڪجهه اهڙو تجسس، راز ۽ دلچسپيءَ جا جزا پري ڇڏي ٿو. ڪهاڻي ڪيترن ئي رازن سان پريل نظر ايندي آهي. اهڙي فڪر انگيزي ۽ خيال آرائي سندس ڪهاڻين ۾ اچي ٿي. سندس اهڙن

خيالن کي ڏسي پڙهندڙ خودبخود ڪهاڻيءَ ۾ محو ٿي وڃي ٿو. امر جليل جي هنن مختصر پهرين جملن ۾ بلاغت آهي، جيڪا بيان ڪيل ڪهاڻيءَ جي دلچسپيءَ کي وڌائي ٿي. وڏي ڪا وڏي ڳالهه به هو پيراگراف جي صورت ۾ چئي وڃي ٿو. سندس ڪهاڻيون وقت ۽ حالت جي مطابق آهن. مثال طور " چتي ڪتي جو موت " جو شروعاتي پيراگراف هن ريت آهي.

"شهمير کي چتو مارڻو آهي. چتي ڪتي کي ملان حجري ۾ پناهه ڏني آهي. شهمير جي هٿ ۾ بندوق آهي. چتي ڪتي ۽ بندوق جي وچ ۾ ملان اچي بيٺو آهي. شمير کي فيصلو ڪرڻو آهي ته چتي ڪتي کي مارڻ کان اڳ ملان کي ماري، يا ملان کي جيئرو رکڻ لاءِ چتي ڪتي کي جيئندان ڏئي! شهمير جيستائين ڪنهن فيصلي تي پهچي، مان توهان کي ان شان جي واقعن جا تفصيل ٻڌائي ڇڏيان." (جليل، 2014: 90)

شروعات ۾ ئي ڪهاڻي سامهون اچي ويئي. ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ ئي منظرنگاري بهترين نظر اچي ٿي. هيءَ ڪهاڻي هڪ واقعي سان مشابهت رکندڙ آهي. ليکڪ سادن لفظن ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ ئي پڙهندڙ تي پوري ڪهاڻيءَ جو رعب ويهاري ڇڏي ٿو. ليکڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي به پڙهندڙن کي مونجهاري جو شڪاري نٿو ٿيڻ ڏئي. پهرين جملن ۾ ئي پڙهندڙ تي سنگين مسئلو طاري ڪري ڇڏي ٿو. پڙهندڙ ڪهاڻي پوري ڪرڻ کان بنا رهي نٿو سگهي.

شايد امر جليل کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي موضوع ۽ واقعن جي ترتيب تي ايترو اعتماد آهي، جو هو ٻين جزن جو ڌيان نٿو رکي براهه راست مخاطب ٿي وڃي ٿو. سندس اسلوب شروع ۾ ئي ڪهاڻيءَ ۾ زبردست واقعا پيري ڇڏي ٿو. ڪاليج جي ماحول کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪجهه هن ريت ڪري ٿو. ڪهاڻي " محرم علي جانوريءَ جو فرار ٿيل ساٿي " جو پهريون پيراگراف ڪجهه هن ريت آهي.

"پوليس وارن جي مٿن تي لوهي ٽوپلا ڏسي مون کي پنهنجو اڳهاڙو مٿو ياد آيو. شاگردن جي هٿن ۾ پٿر، ٺڪر ۽ ڪاليج ڪينٽين جي ڪراڪري ڏسي مون کي پنهنجا خالي هٿ ياد آيا.
گذريل هڪ رات ۾، شاگردن پولو گرائونڊ جا سمورا پٿر، پتر، ٺڪر، بناسپتي گيهه جا خالي دٻا وغيره ڪٺي آڻي ڪاليج جي اسٽور روم ۾ گڏ ڪيا." (جليل، 2014: 74)

ڪهاڻيءَ جي پهرين پيراگراف ۾ ڪاليج جي منظر بابت آگاهه ڪري ٿو ۽ ٿيڻ واري واقعي کان پڙهندڙ واقف ٿي وڃي ٿو. پڙهندڙ جو ذهن ايندڙ واقعن لاءِ

ڪجهه تيار رهي ٿو. ڪنهن جهيڙي ٿيڻ کان اڳ جي آگاهي ۽ ماحول صاف نظر اچي ٿو.

ڪهاڻي "دي موسٽ ڊينجرس مين اِن پاڪستان" جي شروعات ۾ ئي ڪهاڻيءَ جي راز تان ڪجهه هن ريت پردو کڻي ٿو:

> "ٿوري دير ۾ اِها ڳالهه سموري گهر جي ٻارن تائين پهچي ويئي ته، اڄ رات ڏاري دي موسٽ ڊينجرس مين اِن پاڪستان سندن گهر ۾ اچي لڪندو، ۽ صبح جو سوير، جهونجهڪڙي ۾ ڪيڏانهن هليو ويندو." (جليل، 1999: 90)

هن ڪهاڻيءَ ۾ هو ٻن لائينن ۾ ئي سموري ڪهاڻيءَ ۾ پيش ايندڙ واقعن جي نشاندهي ڪري ٿو. هتي ٻارن جي نفسيات کي پيش ڪيو اٿس ننڍن ٻارن کي ڪجهه به خبر پوي ته سندن لاءِ اها ڳالهه حيران ڪندڙ هوندي آهي. ڪهڙو خطرناڪ ماڻهو ايندو جيڪو اڄ رات ڏاري هليو ويندو ان کي ڄاڻڻ لاءِ پڙهندڙ ۽ ڪهاڻيءَ جا ڪردرا ٻار به حيران ۽ پريشان آهن. ڪهاڻي "شيطان جو سنگسار" جي شروعات به ڪجهه هن طرح آهي:

> "ايڏا ڪم ڪندي ڪندي مان ٿڪجي پيو آهيان. سر، مان بيزار ٿي پيو آهيان پنهنجي زندگي کان. بدرو پنڊاري ٻنهي هٿن ۾ مٿو جهلي ويهي رهيو. هن جا ڪسرتي ڪلها اڳتي جهڪي آيا. ڪافي دير تائين چپ رهيو. پو ڪنڌ کڻي مون ڏانهن ڏٺائين، چيائين، " مان ڇا ڪريان سر؟" (جليل، 2011: 44)

ڪهاڻيءَ جي  شروعات ۾ هڪ انسان جو پڇتاءُ آهي. جيڪو هو پنهنجي استاد سان ملي ٿو پوءِ  به ڪيس سمجهه نٿي اچي ته هو ڪيس ڪهڙي ريت توبهه ڪري، بدرو ڇا ٿو ڪري ڪهڙي ڪم کان هو بيزار ٿي پيو هو اڳتي ڪهاڻيءَ جي وڌڻ سان سندس زندگيءَ جا راز کلندا رهن ٿا. ڪهاڻي " اُجالو" جي شروعات به ڪجهه پڙهندڙن جي ذهن ۾ ڪجهه سوال پيدا ڪري ٿي.

> "اڄ وري پنهنجو منحوس منهن کڻي اسان جي وچ ۾ اچي ويٺو. وڏو ٺڳ آهي. گهٽائي نالا رکايا اٿائين پنهنجا! ڪڏهن چوائي پاڻ کي ملان، ڪڏهن سڏائي ساڌو ۽ ڪڏهين روپ ڌاري پادريءَ جو. سندس اصل نالي جي سڌ اسان کي به نه هئي. تنهن ڪري اسان ڪيس سڏيندائي ٺڳ هئاسين." (جليل، 2014: 25)

ڪهاڻيءَ جي شروعات جن جملن سان ٿي آهي. اهي هڪ انسان جي حقيقت ظاهر ڪن ٿا. ليکڪ سندن اصلي روپ پڙهندڙن جي سامهون آڻي ٿو. هو سماج جي سچائيءَ کي پنهنجي انداز ۾ بيان ڪري ٿو. هڪ انسان ڪيترائي

روپ ڪري انسانن ڪي ڀُلائي ٿو وجهي. پڙهندڙ اڳتي وارن واقعن کان بخوبي واقف ٿي وڃي ٿو. ڪهاڻي " مڙدي ڳالهايو" جي شروعات سندس ٻين ڪهاڻين کان منفرد آهي.

"منهنجي پاسي واري قبر سال کان خالي هئي. مون کان اڳ شايد ڪنهن لاوارث کي دفن ڪيو ويو هو. ٻين مڙدن کان معلوم ٿيو ته ان لاش جو ڪفن، ڪفن چور لاهي ويا ۽ پوءِ جڏهن ماس هڏن کان ڌار ٿي ويو ته هڏا ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد تجربن ۽ تحقيق لاءِ کڻي ويا. ان وقت کان قبر خالي هئي. پر ڪالهه رات هڪ عجيب واقعو رونما ٿيو." (جليل، 2014: 90)

ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ مڙدن جي حالت مان پڙهندڙ اندازو لڳائي ويندو ته هي ملڪ ڪهڙو جتي ماڻهون مڙدن کي به نٿا بخشين ڪهاڻي شروع ۾ ئي پڙهندڙ کي اڳتي وڃڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. ڪهاڻي تجسس، پر اسراريت ۽ ڪن پل لاءِ خوف واري ڪيفيت ٿي وڃي ٿي. ۽ لڳي ٿو ته ڪهاڻيءَ ۾ جن آهن، يا اهڙي اڻ ٿيڻي ڳالهه ٿيڻي ڪهاڻيءَ جو موضوع ٻين ڪهاڻين کان منفرد آهي.

امر جليل سماج جي هر حقيقت تي نظر رکي ٿو، ۽ ان کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيئي پيش ڪري ٿو. جيئن پڙهندڙن کي به سماج جي اهڙن معاملن جي باري ۾ خبر هجي. سندس گهڻيون ڪهاڻيون ضمير متڪلم ۾ آهن. تنهنڪري هر ڪهاڻي سندس آپ بيتي لڳي ٿي. جيئن ڪهاڻي شروع ڪرڻ لاءِ سندس انداز منفرد آهي. تئين هو ڪجهه ڪهاڻين جي وچ ۾ پڙهندڙن جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀاري ٿو. امرجليل ڪڏهن به ڪهاڻيءَ کي ڊيگهه نه ڪئي آهي. هو شروع کان ئي ڳالهه کي آسانيءَ سان بيان ڪندو هلي ٿو. امر جليل جون ڪيتريون ڪهاڻيون اسلوب جو شاهڪار مثال آهن.

پاڻ ڪهاڻيءَ جي شروعات جي اهميت کان بخوبي واقف آهي. ان لاءِ هو هڪ موثر ماحول ٺاهڻ ۽ پڙهندڙ جي دل ۾ هڪ خاص تاثر ٺاهڻ جو ڪم شروع ۾ ئي ڪري ٿو. پوري ڪهاڻيءَ ۾ ان تاثر کي برقرار رکي ٿو. پر ڪهاڻين جي شروعات تجسس ۽ رازن سان ڀرپور هوندي آهي. فني لحاظ کان افسانن جي شروعات افسانوي فن ۾ وڏي مشڪل ۽ ڪهاڻيڪار جي لاءِ اهم منزل آهي. ڇو ته هتان کان ڪهاڻيڪار پڙهندڙن جي آڱر پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي ٿو. اها گرفت جيتري مضبوط هوندي، پڙهندڙ ايترو آسانيءَ سان اڳتي وڌندو هلندو. ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ جي شروعات ئي پوري طرح پير ڄمائي هڪ طرفو ۽ مضبوطيءَ سان ڪئي ته اڳتي سفر سندس لاءِ خودبخود آسان ٿي ويندو. سڀ کان وڏي ڳالهه اها ته شروع ۾ ئي سندس ساٿ ڏيڻ وارا ڪيس ملي ويندا. جيڪو پير، پير سان ملائي ساڻس گڏ هلندا، ۽ سندس خيالن ۽ انداز، فڪر جي تائيد ڪرڻ لڳندا آهن، ۽ شروعات کان متاثر ٿي ڪهاڻيءَ جي اڇڻ وارن حصن

ڪي دلچسپيءَ سان پڑهندو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سٺو ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ ڪڏهن به غفلت نه ڪندو آهي.

امر جليل پنهنجي ڪهاڻيءَ کي هڪ منفرد تجسس سان پرپور، دلچسپ، پر تاثير ۽ انتهائي ڪامياب شروعات ڪرڻ کان پوءِ ڪهاڻيءَ کي وٺي اڳتي وڌي ٿو، ۽ هي خاصيتون ڪنهن به مرحلي ۾ ڪمزور ٿيڻ نٿو ڏي. نتيجي ۾ پڙهندڙ پوري توجه سان ڪهاڻيءَ جي دلچسپ سفر ۾ اڳتي وڌندو وڃي ٿو. ڇو ته امر جليل ڪٿي به سندس دلچسپي گهٽ ٿيڻ جو موقعو ئي نٿو ڏئي. وڪ وڪ تي ڪهاڻي ائين مڙندي آهي، ۽ اهڙيون تبديليون ايندڀون اٿس جو پڙهندڙ تجسس مان اڳتي وڌندو ويندو آهي. ڇو ته امر جليل ڪهاڻيءَ کي خوبصورت ڍنگ ۾ سجائي پيش ڪندو آهي. جيڪڏهن چند جملن تان نظر هٽي وڃي ڪا ڪڙي نظر انداز ٿي وڃڻ ۽ تسلسل ٽٽي وڃڻ جو انديشو رهندو آهي. امر جليل هڪ به غير ضروري لفظ نٿو لکي. سندس لفظ پڙهندڙ جي دل ۾ اثر ڪن ۽ مٿس طاري ٿي وڃن ٿا. مختصر لفظن جي ذريعي هو وڏي وڏي حقيقتن کان آگاهه ڪندو وڃي ٿو. امر جليل ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي به پنهنجي پڙهندڙن کي سستيءَ جو شڪار ٿيڻ نٿو ڏي. هو ڪهاڻين جي ذريعي سماج جي تلخ حقيقتن تان پردو ڪڻندو هلي ٿو. هو نظرين، فلسفن جي گهراين کي نوان رخ ڏيندو ڪهاڻيءَ جي موضوع ۽ واقعن کي طويل نٿو ڪري، ۽ نه وري منظر ۽ ڪردارن جي تفصيل ۾ وقت ضايع ڪري ٿو. ڪيس خبر آهي ته سندس ڪهاڻيءَ ۾ سونهن پيدا ڪرڻ وارا ڪهڙا واقعا آهن. سندس اڪثر ڪهاڻيون حقيقي واقعن تي مبني آهن. هو حقيقي واقعن کي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ پيش ڪرڻ جو فن رکي ٿو. ڪهاڻيءَ کي ماحول ۽ منظرنگاريءَ جي ڪهڙي حصي جي ذريعي خوبصورت بنائجي، هو انتخاب ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هو خوبصورت خاصيتن ۽ ضروري شين جو انتخاب ڪري ٿو. جيڪي پوري طرح ان ڪهاڻيءَ جي مرڪزي موضوع جي مناسب ۽ ضروري هوندو آهي. مطلب هو ڪهاڻيءَ جي تاثر کي هميشه برقرار رکي ٿو.

امر جليل ڪهاڻيءَ جي مختلف حصن جي وحدت ۽ تاثر کي هميشه برقرار رکي ٿو. پاڻ ڪهاڻيءَ جون مختلف ڪڙيون فني اهميت کي هميشه برقرار رکي ٿو. پاڻ ڪهاڻيءَ جي شروعات، ۽ ترتيب کي فنڪارانه انداز ۾ شروع ڪري پوري فني توانائيءَ سان اڳتي وڌندو هلي ٿو. جيئن جيئن ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي. پڙهڻ واري جي دل ۽ دماغ تي قبضو پختو ڪندي وڃي ٿي. ان انداز سان ڪهاڻي پنهنجي انجام کي پهچندي آهي. ڪهاڻيءَ جي هر مرحلي ۾ ڪهاڻي پڙهندڙ ڪڏهن ڇرڪ پرڻ لڳي ٿو. ڪڏهن گهبرائجي وڃي ٿو. ڪڏهن حيرت ۾ اچي ٿو. آخر ۾ ليڪ هڪ سڪون محسوس ڪري ٿو. جنهن فن ۽ فڪر سان گڏ هليو پئي، اهو پنهنجي جادوئي انجام ۾ درست پهتو، پوءِ ڪڏهن ان انجام تي ڪيس حيرت ٿئي ٿي. مثال طور؛ سوجهرو، اروڙ جو مست، لهندڙ سج وڌندڙ پاڇا، سرد لاش جو سفر، جڏهن مان نه هوندس وغيره. پنهنجي مقصد

ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهاڻيڪار جي تمام جزن کي ترتيب سان رکڻ لازمي آهي. ان جي لاءِ ڊاڪٽر وقار عظيم لکي ٿو ته:

"آغاز ۽ انجام جي وچ واري هر ننڍي وڏي ڪڙيءَ کي احتياط سان ان جاءِ تي ملائڻو پوي ٿو. ڪا به ڪڙي اگر ذرو به پنهنجي جاءِ کان ٻي جاءِ تي ٿي وڃي ته سڄي زنجير درهم برهم ٿي ويندي." (عظيم، 2003: 364)

امرجليل ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن به مرحلي ۾ غفلت جو شڪار نٿو ٿئي. هر واقعو ٻئي واقعي سان، هر عمل ٻئي عمل سان ۽ هر مرحلو ٻئي مرحلي سان ملندو ويندو آهي. ان لاءِ امر جليل جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ به لائين کي اڳتي پوئتي ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

"مون پنهنجي وجود ۾ ڪنبڻي محسوس ڪئي. ڊٺي بخش سچ پچ مري رهيو آهي! يا منهنجو گمان آهي!
ٽيڪسيءَ واري پولي ڪلينڪ جي ايمرجنسيءَ وارڊ وٽ ٽيڪسي بيهاري ڇڏي. ڊٺي بخش ٽيڪسيءَ مان لهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چيائين، " منهنجي ڳالهه ڇو نه پيو سمجهين."
ڪيس ايلاز ڪندي چيم، "ڏهن منٽن جي ڳالهه آهي ڏنا." (جليل، 2014: 21،22)

هي ڪهاڻيءَ جو وچ آهي. جنهن ۾ تجسس، دلچسپي ۽ حيرانگي پنهنجي عروج تي آهي. ڪهاڻي پڙهندڙ جي بيچيني هيرو جي بيچينيءَ وانگر وڌي وڃي ٿي. ڊٺي بخش جي موت بابت سوچي پڙهندڙ جو جسم ليڪ وانگر ڪنبڻ لڳي ٿو. ڪهاڻي وچ ۾ به پنهنجي عروج کي برقرار رکندي اڇي ٿي. امرجليل جي ڪهاڻين جي شروعات جنهن ڊماڪي دار انداز سان ٿئي ان ئي تسلسل کي برقرار رکندي اڳتي وڌي ٿي. سندس ڪهاڻي وچ ۾ اچي ڪهڙو موڙ اختيار ڪري ٿي، هتي سندس ڪهاڻي "شڪست" مان مثال پيش ڪجي ٿو.

"ڊيءَ" پروفيسر ڪريم چيو، " مون وٽ فقط ڏهه منٽ آهن."
هوءَ پنهنجيءَ جاءِ تان اُٿي بيٺي، پر منهن نه ورايائين.
پروفيسر ڪريم پنهنجو جملو ورجايو، "مون وٽ فقط ڏهه منٽ آهن، ڊيءَ."
"سر." هن ڪنبڌڙ آواز ۾ هڪ لفظ چيو. ڦيرو ڪائي، گهوڙُ ڪري نماڻين نگاهن سان پروفيسر ڪريم ڏانهن ڏسڻ لڳي.
پروفيسر ڪريم جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي. ماڻڪيون پٿر ٿي ويس. پرون پاڻ ۾ ڳنجي ويس، ٽنگن مان سَتُ نڪري ويس. ڪِرڻ تي هو، جو پاڻ سنڀالي صوفا تي ويهي رهيو. ٻنهي هٿن سان منهن لڪائي ڇڏيائين." (جليل، 2010: 122)

ڪهاڻي عروج تي پهچي به تجسس قائم رکندي اچي ٿي. پڪراج جي آواز جو ڪنبڻ ۽ پروفيسر ڪريم جي منهن تي هيڊ هارجڻ پڙهندڙ جي دل ۾ اجا به اڳ ڪان وڌ حيرانگي پيدا ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ کي پڙهي پورو ڪرڻ کان سواءِ نتيجي پهچي نٿو سگهجي. ڪهاڻي " ڪپيل ٻانهن جو وارث " ڪهاڻي پنهنجي عروج تي پهچڻ کان پوءِ به تجسس کي برقرار رکندي اچي ٿي.

"نوجوان مئجسٽريٽ ڏڪندي ڏڪندي کانئس پڇيو، " سر، توهان کي خبر آهي ته هيءَ ٻانهن ڪنهن جي آهي؟"
"ها، مون کي خبر آهي ته هيءَ ٻانهن ڪنهن جي آهي."
ڪيئن سائين؟"
"مان 1843ع کان اها ٻانهن کڻيندو آيو آهيان." (جليل، 2014: 107،108)

ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار شروع کان ڪري هڪ ٻانهن جوذڪر ڪري هڪ اهم ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي. بظاهر اها سڪل ٻانهن ڪنهن انسان جي آهي، امر جليل هتي سنڌ سان ٿيل ظلم جي ڳالهه ڪري ٿو. ٻانهن جي حقيقت تائين پهچڻ لاءِ ڪهاڻي ڏاڍي دلچسپ اسلوب ۾ اڳتي وڌي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ ٻانهن جي وارثن جي باري ۾ نهايت گهٽو تجسس رکيل آهي. ڪهاڻيءَ جي وچ تي پهچي به پڙهندڙ کي خبر نٿي پوي ٻانهن جي حقيقت کي ڄاڻڻ لاءِ پريشان رهي ٿو. سندس ڪهاڻين جي وڏي خوبي اها به آهي ته هو ان خيال کان تجسس نٿو رکي ته ڪهاڻي وچ تي اچي هي روپ اختيار ڪري بلڪه پاڻ قصي کي بيان ڪرڻ جو فن رکي ٿو. ڪاليج جي ماحول کي پيش ڪندي ڪهاڻي "ساڻو ساڻو ساهه " ۾ ڪجهه هن انداز ۾ بيان ڪري ٿو.

"مجيد ساڻو ٿي، پاڻ کي ثريا جي پيرن وٽ ڏاڪي تي چڙهي ڏنو.
ثريا جي دل سيني ۾ ڦٽڪي اُٿي. هن رئو ڦاڙي، مجيد جي نِرڙ تي رکيو.
جنهن ٽُلهي ۽ بي ڍولي شاگرد مجيد کي پاسراٽين ۾ لت هنئين هئي، تنهن وڏي اچي ڪريلي جي ڪن ۾ ڪجهه چيو.
ڪريلي هڪدم مُنهن ورائي پوئتي نهاريو.
پريان ڪاري رنگ جي هڪ سرڪاري ڪار اچي رهي هئي." (جليل، 2014: 72)

مٿئين مثال مان صاف ظاهر آهي ته امر جليل ڪهاڻيون سوچي سمجهي نٿو لکي هو ڪهاڻيءَ جي شروعات کان آخر تائين هڪ تجسس رکي هو ڄاڻي ٿو ته ڪيس واقعي ڪهڙي ريت بيان ڪرڻو آهي ۽ ڪردار ڪيترا ۽ ڪيئن پيش ڪرڻا آهن. سرڪاري ڪار جو اچڻ ڪهاڻيءَ کي هڪ ٻيو رخ ڏئي ٿو. وچ ۾ پهچي به ڪهاڻيءَ جي تهه تائين پهچڻ جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي.

سندس گهٽي انداز ۾ ڪهاڻيون پڙهندڙ جي دل ڪي ثريا جي دل وانگر ڌڙڪائين ٿيون. ڪهاڻي "عاشق ۽ شهيد موتي ايندا آهن" وچ تي پهچي به پنهنجي عروج کي برقرار رکندي ٿي اچي.

> "محرم عليءَ جو ڪنڌ ڪرنگهي وٽان ڪپيل هو، يا مٽڪي وٽان!
> ماما چيو، "مان سمجهان ٿو محرم عليءَ جو ڪنڌ ڪرنگهي وٽان ڪپجي ويو هوندو، ڇو جو محرم عليءَ جو ڪنڌ اڪثر سوچ ۾ جهڪيل رهندو هو."
> چيم، "مان سندس ڪپيل ڪنڌ ڏانهن ڏسي نه سگهيو هوس."
> ماما چيو، سوچيندڙ ۽ سرڪش جي سسي ڌڙ کان ڌار ٿيڻ برحق آهي. سوچيندڙ جو ڪنڌ ڪرنگهي وٽان ۽ سرڪش جو ڪنڌ مٽڪي وٽان ڪپجي ويندو آهي." (جليل، 2014: 22)

ڪهاڻي ڪهڙي به موڙ تي هجي پڙهندڙ ان کي پورو ڪرڻ کان بنا ڇڏي نٿو سگهي. سندس ڪهاڻي پڙهندڙن جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀاري ٿي. سندس هڪ هڪ لفظ معنيٰ ۽ مقصد سان ڀريل آهي. ڪهاڻي " هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ " به ڪجهه اهڙو انداز رکندڙ ڪهاڻي آهي.

> "جمنا بارنيس اسٽريٽ تي ٻوهارو ڏيئي رهي هئي. هيٺ فٽ پاٿ تي لاش پيو هو. لاش جي پرسان ماڻهن جو ميڙ گڏ نه ٿيو هو، جيڪي جيئرا هئا ۽ فٽ پاٿ تي سمهيا پيا هئا، تن ۾ ۽ مئل ماڻهوءَ ۾ فرق محسوس ڪرڻ ناممڪن هو." (جليل، 2011: 35)

حقيقت ۾ ڪجهه انسان به لاشن جي برابر هوندا آهن. امر جليل سندن ڪردار اهڙي ريت بيان ڪري ٿو، جو ڪجهه وقت لاءِ مري وڃن ٿا ۽ پوءِ جيئرا ٿي پون ٿا. سندس اڪثر ڪهاڻيون فلسفاڻي انداز ۾ لکيل آهن. هو سماج جي جي حقيقت کي نهايت باريڪ بينيءَ سان بيان ڪري ٿو. سندس ڪهاڻيون هڪ نئي انداز ۾ هلنديون رهن ٿيون. هو پڙهندڙن کي مجهائي نٿو. ڪهاڻي آسان لفظن ۾ بيان ڪري ٿو، پر ڳالهه ڪرڻ جو انداز ٻين ليکڪن جا جدا آهي.

امر جليل جون ڪهاڻيون بظاهر عام نظر اچڻ واريون آهن. سندس ڪهاڻين جي شروعات ۽ انجام جون وچ واريون تمام منزلون پوري فني ٽيڪنيڪ سان طئه ٿين ٿيون. معنوي لحاظ کان سندس ڪهاڻيون شروع کان آخر تائين هڪ خاص معنيٰ رکن ٿيون. سندس ڪهاڻيون فقط وندر خاطر نه آهن، پر انسانن جي نفسيات جو مطالعو آهن. ڪهاڻي فني معيارن تي پوري لهي ٿي. امر جليل ڪهاڻيءَ جي ردم، ۽ فن تي وڌو ڌيان ڏي ٿو. ان مقصد لاءِ هو واقعن جي مناسب ترتيب ۽ ڪردارن جو فطري رويو، ماحول ۽ منظرنگاريءَ جي موزون ڪيفيت ۽ مڪالمن ۽ جذبات نگاريءَ جي ذريعي ڪهاڻيءَ جي جزن جو گهڻو خيال رکي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ ڪهڙو واقعو ڪٿي ۽ ڪهڙيءَ ريت بيان ٿيڻ

گهرجي. ان جو گهڻو خيال رکيو ويو آهي. اهو علم  ڪنهن تحرير کي فن پاري ۾ تبديل ڪري ٿو.

امر جليل جي موضوعن تي اعتراض ٿي سگهي ٿو. سندس نظرئي سان اختلاف ٿي سگهي ٿو. پر سندس ڪهاڻيءَ جي تاثير کان انڪار ممڪن نه آهي، چو ته شروعات، وچ ۽ پڇاڙيءَ تائين ڪنهن به مرحلي ۾ پنهنجي گرفت کي ڪمزور ٿيڻ نٿو ڏي ۽ جڏهن ڪهاڻي پڙهندڙ ختم ڪري ٿو ته ان کي احساس ٿئي ٿو ته اُن ڪا خاص تحرير پڙهي ختم ڪئي آهي.

امر جليل جي ڪهاڻين جي شروعات جنهن اسلوب سان ٿئي ٿي ان ئي انداز سان ڪهاڻي مختلف منزلون طئي ڪندي پڇاڙيءَ تائين پهچي ٿي. ڪهاڻيءَ جو موضوع، مقصد ۽ فڪر جادوءَ وانگر مٿي اچن ٿا، ڪهاڻي کي ڪهڙي موڙ تي ختم ٿيڻ گهرجي، اهو انتهائي اهم فني مرحلو هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تمام گهڻا خاص موضوع ۽ واقعا به ڪهاڻين ۾ پنهنجي بي جان انداز جي ڪري پڇاڙيءَ ۾ اچي بي اثر ٿي ويندا آهن، ۽ ڪڏهن وري معمولي موضوع واري ڪهاڻيءَ جو به حيران ڪندڙ انجام جي پڙهندڙن جي دل ۾ گهڻي عرصي تائين ياد تازي رهي ٿي. ڪهاڻي جيتري اثر انگيز هوندي ڪهاڻي ايتري ئي ياد رهندي ۽ اثر ڪندڙ هوندي. امر جليل جون ڪهاڻيون جهڙي چرڪائيندڙ انداز سان شروع ٿين ٿيون. سندس ڪهاڻين جي پڇاڙي عام طور تي ختم ٿيڻ تي سوچ ۽ فڪر جا نوان رستا کولي ٿي. سندس ڪهاڻيون اهڙي پڇاڙيءَ تي ختم ٿين ٿيون. پڙهندڙن کي سماج جي ڪيترن ئي موضوعن تي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون. سندس ڪهاڻيون سڌيون ۽ ساديون روايتي آهن، ۽ نه ئي ان کي سوچي سمجهي لکي ٿو. سندس ڪهاڻي " اروڙ جو مست " جي پڇاڙي سوچ جو ڪيترين ئي راهون هموار ڪري ٿي.

> "عارب ماڇي ڪوٺيءَ جو در کولي ٻاهر اي بيٺو. ماڻهن جي زبان تارونءَ سان لڳي ويئي. ٻاهر آيس. عارب جي قدمن ۾ ويهي، سندس پيرن تي ٻئي هٿ رکيم. خلق جو اعتقاد پختو ٿي ويو. آواز آيو، واهه واهه، الله بخش مست، تو عبدالرحمان جهڙي ڌاڙيل کي جهڪائي ڇڏيو." (جليل، 2012: 33)

ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي اهڙي هنڌ ٿئي ٿي، جنهن جو پڙهندڙ کي وهن گمان به نه هو ته هڪ ڌاڙيل پير ٿي ويهندو ته وٽس ماڻهو مرادون ماڻڻ ايندا ۽ بنا ڪجهه گهرڻ جي ڪيس اڻ مئي دولت ڏيندا. سندس ڪهاڻي " هن چار ۾" جي پڇاڙي به حيران ڪندڙ آهي.

> "عليءَ  وراڻيو، " پنهنجن پروفيسرن ۽ ڪتابن کي گاريون ٿي ڏئي."
> رن ڏانهن وڌندي چيم، " ٻڌائينس چو نه ٿو علي، ته هيءَ سنڌ، موهن جو دڙو ناهي."

هوءَ هيسيل هرڻيءَ وانگر ڪنبڻ لڳي. ڊنل ڊنل نگاهن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. اوچتو، ڇلانگ ماري وجي سوگهو ڪيومانس.″
(جليل، 2012: 90)

ڪهاڻي پنهنجي پڇاڙيءَ تي سماج جي تلخ حقيقت کي ظاهر ڪري ٿي. سماج ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو، ان جو آئينو ڏيکاري ٿي. هيءَ ڪهاڻي هڪ حقيقي واقعي تي لکيل آهي. جاندار مڪالما ئي ڪهاڻيءَ کي سهڻي اسلوب سان پڇاڻيءَ تي پهچائين ٿا. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ڪو به واقعو يا ڳالهه خيالي نه آهي، يا اهو حقيقي واقعو آهي، يا سماج جي اها حقيقت جنهن جي مڃڻ جي لاءِ اسان تيار نه آهيون. ڪهاڻيون اسان جي خيالن کي جاڳائين ٿيون.

امر جليل جي ڪهاڻين جي هڪ خاص ڳالهه اها آهي، ته سندس ڪهاڻي پڇاڻي تي پهچي ختم ٿي وڃي ٿي اهو قصو يا واقعو اڃا هلندڙ هوندو آهي. ان جو اختتام نٿو ٿئي. ڪهاڻي پڙهندڙ جي لاءِ هڪ پيغام ڇڏي ٿي ۽ سوچڻ جون راهون هموار ڪري ٿي. ڪهاڻي ″ مرڻ کان اڳ، مرڻ کان پوءِ ″ جي پڇاڙي هنن جملن تي ٿئي ٿي.

″مرحوم جو پٽ باهه ٿي ويو. ڪاوڙ منجهان وراڻيائين، ″ پئسو منهنجي هٿ جي مَرُ آهي. مان هن قبر تي مقبرو اڏائيندس.″
قبر کوٽيندڙ کي ٻه روپيا نه مليا ۽ هو ڪلهي تي ٽيڪم رکي هڪ طرف هليو ويو. ٻيا انسان، هڪ انسان کي دفن ڪري، مٿس فاتح پڙهي موٽي ويا.″ (جليل، 2014: 62)

ڪهاڻي وڏيرن جي منهن تي هڪ زوردار چماٽ آهي. جيڪي قبر تي مقبرو ته اڏائڻ گهرن ٿا، پر هڪ مزدور کي پنهنجو حق نٿا ڏين. ڪهاڻي پڙهندڙ کي سماج جي اهڙن واقعن تي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي. ڪهاڻي ″ پلصراط ″ جي پڇاڙيءَ غربت ۽ مفلسيءَ کي بيان ڪري ٿي.

″يار گڏهه گاڏيءَ وارا.″ مون آهستي چيو، ″منهنجي پگهار ذري گهٽ اڍائي روپيا روز آهي. ڇيلا ٻن اڍائي روپين جو لوسڻ کائيندا ته پوءِ منهنجا ٻار ڇا کائيندا.″
″تنهنجا ٻار لوسڻ کائيندا.″ گڏهه گاڏيءَ واري وراڻيو، ۽ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.
مون محسوس ڪيو، ڄڻ مان پلصراط تان پنڌ ڪري رهيو هوس، جنهن جي هيٺان ٿهڪندڙ سمنڊ هو ۽ مٿان باهه ڇڏيندڙ سج.″
(جليل، 2010: 148)

هر ڪهاڻيءَ جي شروعات جنهن سهڻي اسلوب سان ٿئي ٿي، ان ئي اسلوب سان پڇاڻيءَ تي پهچي ٿي. آخر ۾ هر ڪهاڻي سوچڻ لاءِ ڪيترائي نڪتا

نروار ڪري ٿي.غربت جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي. ليڪڪ سموري ڪهاڻيءَ ۾ غربت کي پلطراط سان تشبيهه ڏني آهي. غريبن جي نفسيات جي عڪاسي بهترين نموني ڪئي آهي. ليڪڪ معاشي بدحاليءَ جي چٽي تصوير کي پلصراط سان پيٽ ڏني آهي. پڙهندڙ به ٿهڪندڙ سمنڊ ۽ باهه جهڙي سج جي وچ ۾ پاڻ کي محسوس ڪري ٿو. ڪهاڻي "دل جي دنيا" جيڪا پڙهيل طبقي جي باري ۾ آهي، ڪهاڻيءَ ۾ مجبوري ۽ غربت ۽ بيوسي کي منهن ڏيڻ لاءِ نيٺ عورت پنهنجي عزت قربان ڪري ٿي. ڪهاڻي سماج ۾ مجبور، بيوس، لاچارن جي زندگيءَ تان پردو کڻي ٿي. ڪهاڻي "اسٽار سرڪس جو جوڪر" جي پڇاڙي ڳوناٽن جي بيوسيءَ تان پردو کڻي ٿي. ڳوناٽن کي هميشه وانگر جهنڊا لهرائي وري شهر ۾ دربدر ڪيو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻيون گهڻو ڪري علامتي انداز ۾ لکيل آهي.

> "وڏي مشڪري پاڙي وارن کي مخاطب ٿيندي چيو؛ "اڄ سڄو شهر چرين سا پرجي ويو آهي. چڻ چرين جو مينهن وسيو آهي. پر توهان هينئر آرام ڪريو. اسان شهر جي هڪ هڪ چرئي کي گدو بندر موڪليندا سين. ۽ پوءِ لاري چرين جي اسپتال ڏانهن رواني ٿي ويئي." (جليل، 1999: 62)

ڪهاڻي علامتي انداز ۾ سياستدانن تي تنقيد آهي. ڳوناٽن کان ووٽ وٺي پوءِ جيڪو انهن سان ٿئي ٿو ان جي عڪاسي ڪري ٿي. پڇاڙي ۾ ڳوناٽن کي چريو ڄاڻائي گدوءَ موڪليو وڃي ٿو. ڪهاڻي ذريعي عوام ۾ شعور آڻڻ گهري ٿو. ڪهاڻي "ٽئين دنيا" جي پڇاڙي ۾ پار صبر جي علامت بنجي ٿو.

> " دودي کي منهنجيءَ هنج ۾ ڏيندي، درويش چيو؛ " تنهنجي پٽ پيار جي پيالي مان خاموشيءَ ۽ صبر جي زهر جو ڏُڪ پري ورتو آهي. هو سڄي عمر جي علامت ٿي جيئندو، ۽ خاموش رهندو." (جليل، 1999: 73)

هتي صبر جي ڏُڪ مان ڪهاڻيڪار جي مراد ظلم سهڻ آهي. ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي سوچڻ لاءِ ڪيترائي اهم نڪتا بيان ڪري ٿي. نوجوانن کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ سجاڳ ڪرڻ گهري ٿو. ليڪڪ جو اشارو ان طرف آهي جيڪي پار پيدا ٿين ٿا اهي پنهنجي ابن ڏاڏن جي نقشي قدم تي هلي ڪري ظلم سهڻ جا عادي ٿي وڃن ٿا. ڪهاڻي "محرم علي" جي پڇاڙي به حيران ڪندڙ آهي.

> "محرم علي ڪشمڪش ۾ پئجي ويو، ڪجهه دير کان پوءِ چيائين، "مان اڌ اکري چونڊجي ويس ته اسيمبليءَ ۾ وڃي ملڪ لاءِ ڇا ڪندس؟"

”ملڪ جو گاڏو پيو گهلجي.“ چيم، تو رڳو پنهنجو فڪر ڪر محرم علي.“
مان اڳتي توهان کي نه ٻڌائيندس، ته اڄڪلهه محرم علي ڪٿي آهي، ڪيئن آهي، ۽ ڇا ڪندو آهي! مان توهان کي فقط ايترو ٻڌائيندس، ته هو اڄڪلهه نهايت اهم شخص آهي. اک جي اشاري سان ڪنهن جا به لاهه ڪڍائي سگهندو آهي.“ (جليل، 2014: 39)

ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي به پڙهندڙ جي سوچڻ لاءِ ڪيترا ئي دروازا کولي ٿي. امر جليل جي هر ڪهاڻي سماج جي اهم نڪتي تي آهي. سياستدان ان منزل تي ڪهڙي ريت پهچن ٿا. سندس حقيقت کي ڊڪيل لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. سندس وڏي خوبي اها به آهي ته هو ڪا به ڳالهه سڌي طرح نٿو ڪري ڪنهن جي به دل آزاري نٿو ڪري بلڪ علامتي ۽ اڻ سڌي طرح وڏيون وڏيون ڳالهيون چئي وڃي ٿو. ڪهاڻي ” ڪپيل ٻانهن جو وارث “ جي پڄاڻي پڙهندڙ جي ذهن تي حاوي ٿي وڃي ٿي.

”ڪپيل ٻانهن هوا ۾ اُڀي ٿي بيٺي. ائين ڇڻ ڪنهن غيبي انسان جي ڪلهي سان لڳل هئي. ٻار جي مٺ ڪپيل ٻانهن جي آڱر ۾ لوهه ٿي وئي. ٻار وک وڌائي، ٻانهن هوا ۾ لڏڻ لڳي، ۽ ٻار جي وک وک سان وڌڻ لڳي. ٻانهن تي سڪل رت ۽ مٽيءَ جا چاپڙ آلا ٿيڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي، ٻانهن مان ٽمندڙ رت ۾ ٻار جو آڱر جهليل هٿ آلو ٿي ويو. ٻار ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهلي اڳتي وڌندو ويو.“ (جليل، 2014: 114)

ڪهاڻي علامتي انداز ۾ آهي. ڪپيل ٻانهن وانگر هميشه کان غلامي ۽ جبر هيٺ رهندڙ انسان اڄ به اڻ سڌي طرح ان ظلم کي منهن ڏيئي رهيا آهن. ٻار مستقبل جي علامت آهي اهو به غلاميءَ جي زنجير کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي اڳتي وڌي ٿو. امر جليل علامتي انداز وارين ڪهاڻين جي ذريعي انسانن کي پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪري ٿو. سندس ڪهاڻيون پڙهندڙن ۾ شعور پيدا ڪن ٿيون. ڪهاڻي ”رليف ڪيمپ“ مستقبل جي باري ۾ ٻار کي علامت بڻائي پيش ڪري ٿو.

” ٻار چيو، “ مان تنهنجو مستقبل، تنهنجو آئيندو آهيان.“
ڏسنديئي ڏسندي، عشق جي پيغمبر کي منهنجو مستقبل آڱر کان وٺي لهندڙ سج جي واٽ تي اڳتي وڌي ويو، ۽ اک ڇنڀ ۾ الوپ ٿي ويو.“ (جليل، 2011: 92)

مستقبل جو سج لهندي نه بلڪه اڀرندي نظر اچي، ڪهاڻيءَ ۾ سج جو لهڻ مستقبل بابت ذهن ۾ ڪيترائي انديشه پيدا ٿين ٿا. ڪهاڻي سماجي حالتن جي سختيءَ جي نشاندهي ڪري ٿي. پڙهندڙ ڪهاڻيءَ جي پڄاڻيءَ تي سوچڻ

تي مجبور ٿي وڃي ٿو. ڪهاڻي ”رني ڪوٽ جو خزانو“ پڄاڻي دل ڇرڪائيندڙ آهي.

”مان تلاءَ جي پڪ تي پهتس. عجب وچان ڀنڊ ڀهڻ ٿي ويس. تلاءَ جو پاڻي رجيل سون وانگر نظر نه پئي آيو. سمورو تلاءَ رَتَ جو تلاءُ هو.“ (جليل، 2014: 144)

سمورو تلاءُ رت جو هئڻ مان لکيڪ جو اشارو ملڪ جي حالتن ڏانهن آهي. جيئن شيون سامهون نظر اچن ٿيون. حقيقت ۾ اهي ماڻهن جي اکين جو ڏوکو آهن. ڪهاڻي جنهن خوش اسلوبيءَ سان شوع ٿئي ائين ئي پنهنجي سونهن برقرار رکندي اختتام پذير ٿئي ٿي. ڪهاڻي ”هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ“ وڏيرن ۽ سياست تي طنز ڪندي لکيڪ پڄاڻي ڪجهه هن ريت ڪئي آهي.

”لاش چادر لاهي، فردوس جي ڪڍ هلڻ لڳو.
ان وقت مون کي آزاد جو جملو ياد آيو ته ڪنهن ڪنهن وقت، ڪجهه انسان ٿوري دير لاءِ مري ويندا آهن ۽ پوءِ جيئرا ٿي پوندا آهن.“ (جليل، 2011: 43)

انسان جو ڪجهه دير لاءِ مري وڃڻ ۽ وري زنده ٿيڻ سندس جذبات جي دفن ٿيڻ جي ڳالهه هلي ٿي. عام انسان جڏهن سماج ۾ عارضي طور اعليٰ عهدي تي پهچي ٿو، تڏهن ڪجهه وقت جي لاءِ هو مري ويندو آهي. امر جليل جا موضوع ڳوڙها ۽ سوچ سان ڀرپور نظر اچن ٿا. ڪهاڻي ” به چور“ جڏهن لکيڪ سماج جي وهمن وسموسن کي ڏسي بيزار ٿئي ٿو، تڏهن سندس قلم مان ازخود سماج جي سڌاري جهڙا موضوع تخليق ٿين ٿا.

”ڪارخاني جي در وٽ، پنهنجون آڱريون ۽ ٻانهون جاچيم. نگاهون ريڪائن تي رڪجي ويون، ۽ پيرل جو آواز منهنجي روح ۾ گونجندو رهيو: ” هنر ۽ محنت، انسان جي عظمت جا مضبوط سهارا آهن!“ (جليل، 2012: 73)

هڪ چور جو انجام محنت ۽ عظمت تي ٿئي ٿو. دنيا جي هر ڏندي ۾ ايمانداري هئڻ گهرجي، هنر ۽ محنت انسان کي اعليٰ مقام تي پهچائين ٿا. ڪهاڻي ” تاريخ جو ڪفن“ طبقاتي فرق بيان ڪندي جنهن انداز سان ختم ٿئي ٿي. دل ۾ ڪيترائي سوال اٿن ٿا.

”هن پڳل ٽتل لهجي ۾ چيو؛ ” مان اياز آهيان. مان هڪ ئي صف ۾ بيهي محمود سان گڏ نماز پڙهندس.“ (جليل، 1999: 119)

مذهب ۾ ڪنهن به قسم جو فرق نه آهي. سماج جا ٺيڪيدارنماز ۾ اڳيان بيهڻ جو حق به پاڻ وٽ رکن ٿا. ڪهاڻيڪار سماج ۾ هر انسان کي پنهنجو حق

ڏيارڻ جي لاءِ اهڙي ڪردار کي سامهون آندو آهي. جنهن کي فقط رنگ جي بنياد تي ڌڪاريو وڃي ٿو. اڳين صف ۾ نماز پڙهڻ جي حسرت رکڻ واري مفلس انسان جي خواهش پوري ٿي يا نه ان جو فيصلو ڪهاڻيءَ جي پڙهندڙن تي آهي. ڪهاڻي " گهاءُ" سياسي حوالي سان اڻ سڌي طرح ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ آهي.

> " ڪيس پڪ آهي ته مشين گن جي هڪ گولي سندس دل مان پار ٿي ويئي آهي ۽ ان گوليءَ جنهن جنهن کي گهايو ۽ ماريو آهي، سو سندس پٽ آهي." (جليل، 2014: 28)

جيڪا ڏٽي بخش جي دل مان جيڪا گولي پار ٿي اها اصل گولي نه بلڪه صدين کان سنڌين جي دل جي پار ٿيندڙ گولي آهي. جنهن ڪانئن جيئڻ جو حق به کسي ورتو آهي. اهڙي ئي موضوع تي سندس ڪهاڻي "هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا" سنڌ جي سورن کي بيان ڪري ٿي.

> "مون پَرَ ڪري ڪيس ڪنڌ تي مُڪ وهائي ڪڍي. هو ڦيري کائي فٽ تي ڪري پيو. ٽيوب لائيٽ جي روشني ۾ ڏانهس ڏٺم.
> "هو منهنجو ٽيون نمبر پٽ حاجن هو." (جليل، 2014: 52)

امر جليل جي هر ڪهاڻي هڪ سهڻي انداز سان شروع ٿئي ٿي ۽ خوبصورتيءَ سان اڳتي هلي پڄاڻيءَ تي پهچي هر ڪهاڻي سوچڻ لاءِ ڪيترائي پهلو پيدا ڪري ٿي. حقيقت ۾ ڪنهن به ڪهاڻيءَ جو اختتام نه آهي، اتان ئي ڪيترائي پهلو نڪرن ٿا.

امر جليل جي هر ڪهاڻي پڄاڙيءَ ۾ سوچڻ لاءِ ڪيترا ئي نڪتا پيدا ڪري ٿي. سندس ڪهاڻين ۾ "لهندڙ سج وڌندڙ پاڇا، منهنجو پٽ مهدي، ڪانسٽيٽيوشن جي اوينيو تي موت، نه ويڇ نه طبيب، ڪاري ڪتي آهي، ڪينسر، سرد لاش جو سفر، بڙ جو غم، ، اُجالو، داغ" شامل آهن. ڪهاڻين جي پڇاڻي اهڙن نڪتن تي آهي جيڪي پڙهندڙ جي دل کي ڌڙڪائي ڇڏين ٿيون.

امر جليل جي هر ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندڙن جي لاءِ هڪ پيغام آهي. سندس ڪهاڻيون فقط عشق ۽ محبت جا داستان بيان نٿيون ڪن بلڪه منجهن هڪه نصيحت ۽ سماجي حقيقت بيان ڪيل آهي. سندس هڪ وڏي خوبي اها به آهي ته ڳالهه جاري آهي ڪهاڻي ختم ٿي وڃي ٿي، هو ڪهاڻيءَ جو انجام پڙهندڙ تي ڇڏي ٿو. پڙهندڙ ان انجام تي سوچيندو رهي ٿو. مطلب تي ڪهاڻي جو اثر مٿس رهي ٿو. سندس هر ڪهاڻيءَ جا ڪردار ، موضوع توڙي ٻولي هڪ جدا مقام رکي ٿي. هر ڪهاڻي جنهن دلچسپ اسلوب سان شروع ٿئي ٿي، ان ئي خوبصورتيءَ سان پنهنجي عروج تي پهچي پڄاڻيءَ تي تي پهچي ٿي. اهي اسلوب ئي امر جليل کي پنهنجي ليکڪن کان جدا ڪري ٿو.

**امر جليل جي ڪهاڻين ۾ تشبيهن، استعارن ۽ جملن جو استعمال**

استعارو

استعاري ۽ تشبيهه جي ذريعي ليڪ پنهنجي تحرير کي وڌيڪ پُر اثر بنائيندو آهي. ڪهاڻين ۽ ناول ۾ به ليڪ ضرورت آهر انهن جو استعمال ڪري پنهنجي ڳالهه کي سمجهائي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن تحرير کي خوبصورت بنائڻ خاطر ليڪ استعاري ۽ تشبيهه جو استعمال ڪندو آهي. استعاري جي معنيٰ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ جلدي سنڌي لغت ۾ هيءَ ڏني آهي.

"استعارو: ذ (ع) اها تشبيهه جنهن ۾ لفظ جهڙو، جئن، جيان وغيره ڪم نه آڻجن (اهو شينهن آهي = شينهن جهڙو بهادر آهي)." (بلوچ، 2006: 28)

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي لکي ٿو ته:

" استعارو _ "استعاره " جي معنيٰ آهي "اُڌارو وٺڻ".
اصطلاحن ۾ جيڪو قرينو يا خاص تعلق حقيقت ۽ مجاز جي وچ ۾ هوندو آهي، سو جيڪڏهن تشبيهه جهڙو هوندو، مگر تشبيهه جو ڪو به حرف مثلاً جهڙو، وانگر، گهاءِ، مثل وغيره منجهس نه هوندو " استعارو " چئبو." (سيوهاڻي، 1973: 150)

استعاري جو استعمال ليڪ پنهنجي تحرير مطابق ڪري ٿو. ليڪ جڏهن ڪنهن شيءِ جي نالي کي استعاري طور استعمال ڪري ٿو ته ان جي حقيقي معنيٰ کان وڌيڪ مجازي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. مثال طور ڏاند، عام طور تي طاقتور جانور آهي، پر ان کي جڏهن استعاري طور ستعمال ڪيو وڃي ٿو ته مطلب ابوجهه، سادو بنائي جيڪو سادگيءَ جي علامت بنجيو وڃي ٿو.

اردو نقاد ممتاز حسين لکي ٿو ته:

"استعاره مجاز جو هڪ قسم آهي. ۽ مجاز جي معنيٰ آهي وڏي وجڻ. يعني جڏهن ڪا ذهني تصوير، لغوي معنيٰ لاءِ اڳتي وڌي وڃي ته ان کي استعارو چوندا آهن. انگريزي زبان ۾ استعاري لاءِ جيڪو لفظ استعمال ٿئي ٿو، سو اصل ۾ يوناني زبان جو لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ تقريبا اها ئي آهي يعني اڳتي وڌائڻ." (ممتاز، 1961: 90)

استعارو لفظ جي معنيٰ اڌارو وٺڻ آهي. ان ڪري ليڪ ڪنهن به شيءِ يا نالي کي ٻي شيءِ جو سڌو نالو ڏئي ٿو. استعاري کي نثر توڙي نظم ٻنهي ۾

استعمال ڪيو وڃي ٿو. نثر جي پيٽ ۾ استعاري جو استعمال نظم ۾ گھڻو نظر اچي ٿو.

استعارو عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. جنهن کي سنڌيءَ ۾ ”اوڌار وٺڻ“ يا ”اوڌارو ورتل“ چيو ويندو آهي. اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ بدران اُڌاري معنيٰ ڪم آڻڻ کي استعارو چيو ويندو آهي.

مثال: يوسف چنڊ آهي.

هتي يوسف لاءِ چنڊ جو نالو اُڌارو ورتو ويو آهي. مطلب يوسف ۾ چنڊ جهڙيون خوبيون آهن. استعارو علم بيان جو هڪ نهايت اهم قسم آهي. جملي ۾ بيهڪ جي لحاظ کان استعاري ۽ تشبيهه ۾ تمام گهٽ فرق آهي. پر اظهار جي لحاظ کان استعارو وڌيڪ طاقتور ۽ وسيع آهي. استعاري ۽ تشبيهه جي فرق کي مرزا قليچ بيگ هيئن بيان ڪيو آهي.

> ”استعاري جي لفظي معنيٰ اُڌارو گهرڻ، اصطلاحي معنيٰ هي آهي ته، ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ ڪڍي اُڌاري ڪم آڻجي. تشبيهه ۽ استعاره ۾ فرق هي آهي ته تشبيهه ۾ هڪڙي شيءِ ٻي شيءِ جهڙي يا مشابه چوڻ ۾ اچي ٿي، جيئن شينهن جهڙو مڙس ۽ استعاري ۾ خود مڙس کي شينهن چوڻ ۾ ٿو اچي ۽ حرف تشبيهه جو ڪم ۾ ڪو نه ٿو اچي.“
>
> مثال؛ احمد شينهن جهڙو آهي (تشبيهه)
>
> احمد شينهن آهي (استعارو)“ (قليچ، 1953: 87)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ اسان کي استعاري جو استعمال به ڀين ليکڪن کان سجيهه ملي ٿو.ڪهاڻيءَ ۾ استعاري جو استعمال ڪري هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي. استعاري جي استعمال سان ئي ليکڪ ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪئي آهي. ڪهاڻي ”سوجهرو“ ۾ سندس جملو ڪجهه هن ريت آهي.

> ”رڳن ۾ ٿهڪندڙ رت جڻ اوچتو ڄمي برف ٿي ويو. سَنڌ سَنڌ ۾ ڪنبڻي جو احساس ٿيڻ لڳم.“ (جليل، 2012: 21)

رت جيئن ته ڪوسو هوندو آهي. ان کي ٿڌي برف چئي پڙهندڙ کي هڪ ڪردار جي ڪيفيت کان آگاهه ڪري ٿو جيڪا سندس مٿان گذري رهي آهي. ڪهاڻي ” عشق ۽ انٽرويو “ ۾ پاڻ کي ڏاند سان تشبيهه ڏئي ٿو. عام طور تي ڏاند هڪ ابوجهه سمجهيو ويندڙ جانور آهي. ڪهاڻي ” رڄ “ ۾ مرد جي نفسيات

تان پردو ڪنيو اٿس. عورت سان نفرت جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪهڙا نالا ڏئي ٿو.

”مظفر چيو، ”عورت تون ٽيڪسي آهين. دانگيءَ جو ترو، ڪاريهر ۽ ٻير جي ٽاري.“ (جليل، 2012: 134)

هنن جملن مان عورت سان مظفر جي نفرت جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ” دل جي دنيا“ جي شروعات ئي ڪردار جي علامتي نالي سان ٿئي ٿي.

”ڏاند اول پٽ تي ٽنگيل پراڻي گهڙيال ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ٺونٺ هٽندي راجا کان پڇيو، ” مجنون به ڪنهن آفيس ۾ ڪلارڪ هو ڇا؟“ (جليل، 2012: 91)

امر جليل جي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جا نالا اُڏارا ورتل آهن. ان مان ڪردار جي عادتن کان پڙهندڙ بخوبي واقف ٿي وڃن ٿا. اهڙي طرح ليکڪ استعاري جي ذريعي شين توڙي انسان کي پيش ڪري تحرير کي اعليٰ مقام تي پهچائڻ جو فن رکي ٿو. ڪهاڻي ” بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو “ ۾ استعاري جو استعمال نظر اچي ٿو.

”قاسم هلڪو ٺهڪ ڏنو.
”اڙي ! تون ڪلين ٿو، گڏهه.“ (جليل، 2012: 155)

استعاري جو استعمال ڪهاڻيڪار جي جملن کي چڻ چار چنڊ لڳائي ٿو. هڪ ڪردار جو ٻئي سان مخاطب ٿيڻ جو اسلوب چڻ ڪهاڻيءَ ۾ جان آڻي ٿو. ڪهاڻي ”لهندڙ سج وڌندڙ پاڇا“ ۾ حڪيم وڏيري کي پنهنجي حقيقت هن انداز ۾ ٻڌائي ٿو.

”تون انب جو ڪاڏل ٽُڙ آهين. ٻاهران پريل اندران خالي.“ (جليل، 2010: 85)

گهڻي ڀاڱي ڪهاڻيڪار ڪردارن جي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ اهڙا جملا استعمال ڪيا آهن. مٿئين جملي جي ڪري ڪردار جي حالت جو آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. امر جليل استعاري جي استعمال سان ڪهاڻيءَ ۾ وسعت پيدا ڪئي آهي. ڪهاڻي ”چرٻٺ ۽ قلفي“ ۾ چرٻٺ پنهنجي پاڻ کي ڇا ٿو سڏي.

”احمد ڪان سواءِ، هيڊ ماستر جهڙو رعب رکندو آهي. قد جو ڪمند ۽ جسم جو ڪانو آهي. منهن انب جي چوسيل ککڙيءَ جهڙو اٿس.“ (جليل، 2010: 106)

ڪردار جي سڃاڻپ لاءِ اوذار ورتل لفظن مان شفيق جي شخصيت ۽ منهن مهانڊي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪهاڻي ” هڪ دل جي اڪيلائي “

رومانو ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل استعاري جي ذريعي مڪالمن کي هڪ نئون روپ ڏنو آهي.

”هوءَ وياڪل ٿي ويئي هئي. منهنجن آڱرين ۾ جڪڙيل سندس آڱريون ٺري برف ٿي ويون.“ (جليل، 1998: 45)

آڱرين جو برف ٿي وڃڻ ڪردار جي ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿو. امر جليل ائين ئي ڪردارن جي نالن توڙي ڪيفيت کي استعاري جي ذريعي پيش ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ محبت ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو جو ٻڪر ٿي وڃڻ. ٻڪر هڪ نماڻو جانور آهي. جنهن کي قربان ڪيو ويندو آهي. ڪهاڻي ”غلام“ ۾ پڻ ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار پاڻ کي جنهن لفظ سان پڪاري ٿو:

”بابا،“ مشتاق گهٽيل آواز ۾ چيو، ”ٿوهر کي پيوند نه لڳندو آهي، بابا، اسين ٿوهر آهيون.“ (جليل، 1998: 77)

امر جليل پنهنجين ڪهاڻين ۾ سونهن پيدا ڪرڻ خاطر استعاري جو سهارو ورتو آهي. ٻوليءَ ۾ وسعت آندي اٿس. سندس گهڻي ڀاڱي ڪهاڻين ۾ استعاري جواستعمال نهايت خوبصورتيءَ سان ڪيو ويو آهي. ڪهاڻي ”شڪست“ ۾ پروفيسر جون ماڻڪيون پٿر ٿي ويون. پڪراج جو جملو پالو بنجي روح مان پار ٿي ويس. اکيون حيرت مان هڪ جاءِ تي بيهي رهيون. پڪراج جي جملي کي پالو چئي ڳالهه کي واضح نموني سمجهايو آهي. ڪهاڻي ”نه تون آهين نه مان آهيان“ ليکڪ پاڻ کي هنن لفظن سان پڪاري ٿو:

”منهنجو پيار چيٺ جي ڪڪري آهي. منهنجي محبت حماليه جي برف آهي. مان ڪچيءَ مٽيءَ جو ڏيئو آهيان. آهستي آهستي پڃي پري، وسامي رهيو آهيان. مان ٻاڙي پاٽيءَ جو کوهه آهيان.“ (جليل، 2014: 114)

ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي پاڻ کي وچون، ناز جي اکين کي عميق ۽ ناز جي اکين مان ڪرندڙ ڳوڙهن کي ڪڪر ڪارونڀار چئي ٿو. امر جليل چاٽي ٿو ته ٻوليءَ کي ڪهڙي نموني ڪٿي ۽ ڪيئن ڪم آڻڻ گهرجي. استعاري جي ڪري ڪهاڻيءَ کي چار چنڊ لڳي وڃن ٿا. ڪهاڻي ”زندگي ۽ زهر“ زندگيءَ جي حقيقت استعاري جي ذريعي نظر اچي ٿي.

” زندگي گيس جو ڦوڪڻو ناهي. اسان جي زندگي ڏامر جو رستو، گس ۽ پيچرو آهي.“ (جليل، 2014: 34)

”تمنا جي اکين مان ڪينجهر اُٿلي پئي هئي.“ (جليل، 2014: 41)

استعاري جي ذريعي ڪردارن جي ڪيفيت جو صحيح اندازو لڳائي سگھجي ٿو. امر جليل استعاري جو استعمال ضرورت آهر ڪيو آهي. ڪردارن جي زندگيءَ جا اولڙا ۽ عڪس ڏک ۾ گذرندي نظر اچن ٿا. انسان زندگيءَ ۾ ڏک تڪليفون برداشت ڪري ٿو پوءِ به جيئي ٿو. ڪهاڻي "محرم علي جانوريءَ جو فرار ٿيل ساٿي" نڪ ڪي شرناءِ چوي ٿو. هڪ انسان جي نقشن جي سچائپ هو آسانيءَ سان استعاري جي ذريعي ڪرائي وٺي ٿو.ڪهاڻي " سفر ڪان سفر تائين " جانو ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار سان ڪجهه هن انداز ۾ مخاطب ٿئي ٿو.

> "اڙي ڪجهه ته شرم ڪر، گدڙ،" جانوءَ مون ڪي پٺيءَ تي مُڪ هڻندي چيو، " تنهنجي بڪواس ٻڌي پبلڪ ڇا سوچيندي هوندي!."
> (جليل، 2014: 124 )

استعاري جي ذريعي ئي امر جليل مڪالمن ۾ جان آندي آهي، جو سندس هڪ هڪ لفظ جڻ اهڃاڻ بنجي پڙهندڙن جي سامهون اچي ٿو. وٽس ٻوليءَ ۾ جان آڻڻ جو فن آهي. "پوئين پهر جي ڳالهه ۾" ۾ يعقوب مترڪو منگهي پير جو مانگر مڇ آهي. منهنجي ماءُ مون ڪي چوڏهين جو چنڊ چوي ٿي. ڪهاڻين ۾ شين ڪي ٻين نالن سان سڏي مخاطب ٿئي ٿو. ان سان ڪردار يا اها شيءِ جنهن جي لاءِ استعارو ڪم آڻي ٿو. وڏيڪ چٽا ٿي پڙهندڙ جي سامهون اچي بيهن ٿا. ڪهاڻي "آدم جي ماءُ" ۾ وهاب ڪي ٽارزن ۽ وهاب هيرو ڪي گدڙ چئي مخاطب ٿين ٿا. انهن نالن مان سندن طاقت جو اندازو ٿئي ٿو. ڪهاڻي " ساڻو ساڻوساهه " ۾ قاسم ڪي ڪريلو چئي سندس ڪردارجي حقيقت ڪي سيني جي سامهون آڻي ٿو. ڪهاڻي " مان ديوداس نه آهيان " ۾ پوئين پهر جي ڳالهه ڪهاڻيءَ وانگر ڪيس پنهنجي ماءُ چوڏهينءَ جو چنڊ چئي مخاطب ٿئي ٿي. ان سان اهي ڪردار جڻ حقيقي نظر اچن ٿا. جميل ڪيس رڇ چئي ٿو. ڪهاڻي "سنڌي گدڙ IN اسلام آباد" ۾ ليکڪ پاڻ ڪي سڏو گدڙ چئي جڻ سنڌين تي ٺٺول ڪئي آهي.

> "مان گدڙ آهيان _ گدڙ آف روهڙي سنڌ."
> " ته تون سنڌي آهين؟" سردار، مشڪوڪ نظرن سان مون ڏانهن ڏسندي چيو.
> " ها سائين." وراڻيم، " مان سنڌي آهيان." (جليل، 2014: 134)

امر جليل جي ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ لکيل ڪهاڻيءَ ۾ پاڻ ڪي گدڙ چئي سنڌين جي سستيءَ تي ٺٺول ڪيل آهي. ائين اهڃاڻن جي ذريعي ڪهاڻي گهڻ ڳالهين ڪي بيان ڪري ٿي. ڪهاڻي "هڪ ديسي عشق جو داستان" ۾ مشڪرو پاڻ ڪي، پوڪ سڏي ٿو. ڪهاڻي "تاريخ جو ڪفن" حفاظتي عملي وارن ڪارڪنن ڪي عقاب سڏي ٿو. ڪنهن تي گهري نظر رکندڙ انسانن ڪي سڏو

عقاب سڏي ٿو. ڪهاڻي ”اسٽار سرڪس جو جوڪر“ ۾ مشڪرن جي نگاهن ڪي عقاب، يعني باز جي تيز نظر سڏي ٿو. مطلب مشڪرن جي ڳوناٽن تي باز واري نظر هئي جيئي باز شڪار ڪي تڪيندو آهي، ائين ڳوناٽن تي نظر رکي ويٺا هئا. اسٽار سرڪس جو جوڪر، ۾ سندس جملو هن انداز ۾ آهي.

”مون خانڻ ڪي چيو، ”جاڙو ۽ ڦتو اُبتا بيٺا آهن. ٻنهي پيرن تي پڳ رکي آهي ۽ اکيون ٽانڊا ٿي ويون اٿن.“ (جليل، 1999: 56)

امر جليل جون گهڻيون ڪهاڻيون ضمير متڪلم واري انداز ۾ لکيل آهن. تنهنڪري هن پاڻ کي مختلف ڪهاڻين ۾ مختلف نالا ڏنا آهن. ”غفا“ ۾ پاڻ ڪي سيهڙ سڏي. استعاري جي ذريعي هو ڪهاڻيءَ ۾ وسعت پيدا ڪري پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائڻ ۾ وڏيڪ ڪامياب ٿئي ٿو. ضرورت آهر استعاري جو استعمال نظر اچي ٿو. ڪهاڻي ”هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ“ پوليس جي سپاهين ڪي عزرائيل سڏيو آهي. ان مان پوليس وارن جي رويي جو آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هڪ لفظ جي ذريعي ڪردار جي تصوير چٽي نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ”شيطان جو سنگسار، زندگي هڪ ڪن، ڪاري ڪٿي آهي، گامون سچار جو انٽرويو، رليف ڪيمپ، آزاد “ ڪهاڻين ۾ استعاري جو بهترين استعمال ڪيو آهي.

امر جليل مختلف جاين تي اصل جي بدران اهڙا لفظ ڪتب آنداآهن. جيڪي پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. انهن ننڍن لفظن جي پويان هڪ طويل معنيٰ هوندي آهي. ان جي ذريعي پاڻ هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ کان جدا ڪري بيهاري ٿو. اڪثر پنهنجي لاءِ اصلي نالي کان هٽي ڪري جيڪي نالا ڪتب آڻي ٿو. ڪڏهن پاڻ ڪي گدڙ، پولو، ٻڪر، گڏھ، طوطو، بن مانس جهڙا نالا ڏئي ٿو. ڪهاڻي ”سپنن جي سچ ۾“ پاڻ کي چنڊ جو داغ چئي ٿو. ان مان ليڪڪ جي مراد پنهنجي بيوسي ظاهر ڪرڻ آهي. هو جڏهن پاڻ کي تمام گهڻو لاچار محسوس ڪري ٿو، تڏهن انسان کان جانور ٿيڻ تي ترجيح ڏئي ٿو ، ڇاڪاڻ پنهنجي لاءِ جانورن جا نالا اوڌار وٺي لکيڪ پنهنجي زندگيءَ کي پابندين کان آجو ڪرڻ چاهي ٿو. استعاري جي ذريعي امر جليل ٻوليءَ ۾ وسعت آندي آهي ۽ ڪردارن کي جاندار بڻائي پيش ڪيو آهي. وٽس ٻوليءَ جو ذخيرو آهي، ان جي ذريعي ئي پنهنجي تحريرن ۾ جان آندي آهي. ٻين ليکڪن جي ڀيٽ ۾ امرجليل وٽ ڪهاڻين ۾ استعاري جو استعمال گهڻو نظر اچي ٿو. جنهن ڪري پاڻ ڪردارن جي سڃاڻپ، مهانڊا، نالا، منظرنگاري وغيره کي بهترين اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي.

تشبيهه

عام طور تي تشبيهه جي معنيٰ اها ورتي ويندي آهي ته هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ سان ڀيٽ ڏيڻ. تشبيهه کي نثر کان وڌيڪ شاعريءَ ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. تشبيهه جو استعمال شاعر گهڻو ڪندا آهن. تشبيهه به

استعاري سان ويجهڙائي رکندڙ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”جامع سنڌي لغات ” ۾ان جي وصف هيئن ڏني آهي:

”تشبيهه. ج تشبيهون (ع. شنبه _ ڀيٽ ڪرڻ) علم بديع ۾ معاني جو لفظ، ڪنهن شيءِ جي ٻي شيءِ سان ڀيٽ، مشابهت، مناسبت، هڪجهڙائي، برابري.“ (بلوچ، 1401ھ: 610)

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي ڪتاب ”آفتاب ادب“ ۾ تشبيهه جي وصف هن ريت ڏني آهي:

”ڪنهن هڪ شيءِ کي ڪنهن ٻي شيءِ جهڙو بيان ڪرڻ، به خود اها مقرر ڪرڻ: مثلا ”هي گهوڙو هوا جهڙو آهي“. گهوڙو پنهنجي حد ۾ رکيو ويو آهي، ۽ هوا پنهنجي حد ۾، مگر گهوڙي کي سندس تيز رفتاريءَ سبب هوا جهڙو چيو ويو آهي، نه خود هوا.“ (سيوهاڻي، 1973: 144)

تشبيهه ڪنهن عام شيءِ کي خاص بنائڻ لاءِ ڏبي آهي، تشبيهه جي ڪري ان شيءِ جي اهميت وڌي ويندي آهي. مثال طور؛ هي سهڻو گل جهڙو آهي اتي گل لفظ ايتري معنيٰ نٿو رکي ان جي جاءِ تي چئجي ته هي سهڻو گلاب جي گل جهڙو آهي ته اتي سهڻي لفظ جي به تشبيهه جي ڪري اهميت وڌي ويئي.

تشبيهه جي لاءِ احمد شميم ”صنائع بدائع“ ۾ لکي ٿو ته:

”ڪنهن شيءِ جي خوبي يا خامي واضح ڪرڻ لاءِ، ان کي ٻي شيءِ جي خوبيءَ يا خاميءَ سان ڀيٽ ڏني ويندي آهي، ان کي تشبيهه چئبو آهي.“ (شميم، 1978: 26)

مٿي پيش ڪيل وصفن کي نظر ۾ رکي اسان چئي سگهون ٿا ته تشبيهه عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. جنهن جي لفظي معنيٰ مشابهت، ڀيٽ ڪرڻ، ڀيٽڻ آهي. اصطلاحي معنيٰ ۾ شعر يا نثر ۾ ڪنهن شيءِ کي ٻي شيءِ جي برابر ڪري بيهارڻ يا ٻن مختلف شين جي ٻين شين سان ڀيٽ ڪري، منجهن ڪنهن خاص ڳالهه يا گڻ جي هڪجهڙائي ڏيکارڻ کي تشبيهه چئبو آهي. انهن شين جي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ ” وانگر، وانگيان، وانگي، مثل جهڙو، جان، طرح، جڻ وغيره مان ڪو به هڪ لفظ استعمال ٿيل هوندو آهي. مطلب ڪنهن به هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ جهڙو ڪري پيش ڪرڻ کي تشبيهه چئبو آهي.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ جتي هو پاڻ ضمير متڪلم واري انداز ۾ موجود آهي. اتي به سندس ڪردار ڳالهائين ٿا. ڪهاڻي سوجهرو جو مثال هتي ڏجي ٿو. هتي ڪهاڻيڪار هلندڙ وقت کي واضح ڪرڻ لاءِ تشبيهه آڻي ٿو.

”گهر جو سمورو سامان منهنجي بيروزگاريءَ جي نظر ٿي چڪو هو، ۽ فقط هڪ پراڻو گهڙيال وڃي بچيو هو، جيڪو پيٽ سان چنبڙي، انسان جي دل وانگر ڌڙڪي رهيو هو، مون سوچيو، انسان جي دل وانگر اِن گهڙيال جو آواز _ ٽڪ ٽڪ، ٽڪ ٽڪ بند ٿي ويندو، موت وانگر خاموش ٿي ويندو.“ (جليل، 2012: 15)

هتي ڪهاڻيڪار جي وسيع سوچ جوا ندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. ڪيئن گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ کي انسان جي دل جي ڌڙڪڻ سان تشبيهه ڏئي ٿو. سوجهرو ڪهاڻي ۾ فقير جي ڪردار جي سڃاڻپ خاطر تشبيهه جو استعمال ڪيو آهي.

”اُتي انهن ڏينهن ۾ هڪ ڊگهيل درويش اچي ديرو ڄمايو هو. سندس اکيون ٽانڊن وانگرٻرنديون رهنديون هيون.“ (جليل، 2012: 16)

ڪهاڻي عشق ۽ انٽرويو ۾ آفيسرن جي لهجي کي پيش ڪرڻ جي لاءِ تشبيهه ڪم آندي آهي:

”O.K،“ رمل آفيسرن جي انداز ۾ ڳالهائيندي، پڳل ريڊيو جهڙو آواز ڪڍيو،“ (جليل، 2012: 38)

فقير جي اکين کي ٽانڊن سان تشبيهه ڏئي ان ڪردار جي قد ڪاٺ کي ظاهر ڪيو آهي. فقير جي ڪردار جي سڃاڻپ ان انداز سان ڪرائي آهي. ڪهاڻي ڌرتيءَ جي ڌوڙ آسمان جا تارا ۾ موسم کي واضح ڪرڻ لاءِ تشبيهه جي ذريعي پيش ڪيو آهي. منظرنگاريءَ کي به تشبيهه ذريعي پيش ڪري هڪ منفرد انداز سان ڪهاڻيءَ کي جاري رکي ٿو.

”شاهو ايندڙ منجهند جي تات ۾ لڳي ويو. سندس ڪمري کان پوءِ اوطاق هئي، ۽ اوطاق کان پوءِ هئي حويلي. شاهوءَ کي اها به ڄاڻ هئي ته سنڌ جي اونهاري جي منجهند، سياري جي اڌ رات جهڙي ويران هوندي آهي.“ (جليل، 2012: 57)

ڪردار جي حالت ۽ بيوسيءَ کي بيان ڪرڻ لاءِ تشبيهه جو استعمال ڪيو آهي. پڙهندڙ جي اڳيان اونهاري جي منجهند جو سمورو نظارو چٽو اچيو وڃي ٿو. تشبيهه جي ڪري ڪهاڻيڪار پنهنجي ڳالهه پڙهندڙن کي نهايت آسانيءَ سان سمجهائي ٿو. جو پڙهندڙ انهن نظارن ۾ گم ٿيو وڃي. انسان جو نالو هجي، ڪيفيت، منظر هجي، امر جليل ڪيس تشبيهه ڏيئي سهڻي اسلوب ۾ پيش ڪرڻ جو فن رکي ٿو.

”گناهه!“ باليءَ تي جڻ ٺهڪندڙ تيل پئجي ويو. اُباٽڪي ٿي ويئي.

”ها، گناهه“ شاهوءَ پرس مان
نوٽ ڪڍي، باليءَ جي منهن تي هنيا.
هوءَ هيسيل هرڻيءَ وانگر شاهوءَ ڏانهن ڏسڻ لڳي.“ (جليل، 2012: 66)

امر جليل جي هر ڪهاڻي هڪ اهڙي معنيٰ دار تشبيهه سان پريل آهي. امر جليل انهن تشبيهن کان ڪيترا ڪم وٺي ٿو. ڪڏهن ڪنهن شخص جي سڌي انداز ڪيفيت يا جذباتي حالت يا ڪنهن شيءِ جي ظاهري معنيٰ سمجهائڻ لاءِ تشبيهه جو استعمال ڪري ٿو. ڪڏهن منظر جي واضح ڪرڻ خاطر موزون تشبيهه جو استعمال ڪري ٿو. امر جليل تشبيهه جي ذريعي گهڻي ڀاڱي ڪردارن جي نقشن، آواز ۽ سندن احساس، قدرتي شين، مثال موسم، قدرتي نظارن، جانورن، ميوي ۽ مختلف شين سان تشبيهه لاءِ ڪم آندا آهن. سندس تشبيهون خيال ۾، منظر ۾ ۽ ڪردار ۾ اهڙو رنگ ڀرين ٿيون جو سمورو پسمنظر پڙهندڙن جي اڳيان چٽو ٿي وڃي ٿو. ڪهاڻي ” سچل سرمست ٽربل ۾ “ ۾ لکي ٿو.

”سندس نڪ سرڻ جي ڇهنب جهڙو هو.“ (جليل، 2010: 37)

”سندس منهن ساندِي وانگر رنگ مٽائيندا رهيا.“ (جليل، 2010: 39)

ڪهاڻي ” راهون جدا جدا “ ۾ امر جليل ڪامورن جي لاءِ پنهنجو فڪر بيان ڪندي تشبيهه جو سهارو ورتو آهي. اهڙي انداز سان سندن حقيقت ڪي پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو، جيئن پڙهندڙن ڪي اها ڳالهه ٻُري به نه ٿي لڳي. اميرن جي عام ماڻهن جي لاءِ سوچ جو اندازو به ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو.

”ڪهڙو نه ڪنو آهي هي ڇوڪرو. ميرو ڏامر جهڙو ڪارو.“ (جليل، 2010: 67)

”ڪجهه نج سنڌي قسم جا مرد ڪيس ڪائي ڇڏڻ وارين نگاهن سان ڄَٽي رهيا هئا. سندن شهپر ذري گهٽ ڪنن جي پاپڙين، يا وڇونءَ جي پُڇ وانگر وٽ ڪائي پنبڻين سان ٿي لڳا.“
” سنڌي مرد عورتن ڪي ائين گهوريندا آهن، جيئن بکايل ڏاند وڏين وڏين اکين سان ڏاري ڏانهن ڏسندو آهي.“ (جليل، 2010: 68)

امر جليل ڪا به ڳالهه سڌي چوڻ جي بجاءِ اُن ۾ گهرائي آڻڻ ۽ ان کي دل ڇڪائيندڙ انداز ۾ پيش ڪرڻ جو عادي آهي. وٽس ڪهاڻيءَ ۾ سونهن پيدا ڪرڻ جو فن آهي، تشبيهه جي ذريعي پاڻ ڪردار جي هڪ هڪ وصف کي

پڙهندڙن جي نظرن جي سامهون آڻيو بيهاري ٿو. تشبيهه جي ڪري ئي سندس مڪالما دل کي ڇهندڙ ٿين ٿا.

ڪهاڻي لهندڙ سج وڏندڙ پاڇا ۾ وڏيري جي هليي کي هئين تشبيهه ڏني آهي. وڏيري جو ڪردار جڻ اکين اڳيان گهمندي محسوس ٿئي ٿو. وڏيري جي نفسيات کي به سهڻي اسلوب ۾ پيش ڪيو اٿس. گهڻي پاڳي انساني نقشن کي به تشبيهه ذريعي بيان ڪيو اٿس.

> "رئيس کي جڻ نانگ سنگهي ويو. وڇونءَ جي ڏنگ جهڙيون مڇون ڦوسيءَ جي پُڇ وانگر لٽڪي پيس." (جليل، 2010: 85)

ڪهاڻيءَ جا مڪالما اهڙا آهن. جو وڏيرو جڻ وڏين مُڇن سان اسان جي سامهون اچي بيهي ٿو. امر جليل ڪردار جي نقشن کي ڏامر، طوطي ۽ وڇونءَ سان تشبيهه ڏني آهي. ان جي پويان هڪ چٽي تصوير سامهون اچي ٿي. امر جليل وٽ تشبيهه فقط وندر لاءِ نه آهي، سندس ڪردارن جي فڪر ۽ نفسيات سُڌ به تشبيهه مان پوي ٿي. تشبيهه مان ئي پڙهندڙ ڪردار جي سڀاءُ بابت ڄاڻي وڃي ٿو. ڪهاڻي " چرپٽ ۽ قلفي " ۾ تشبيهه جي ذريعي ڪردار جي سڃاڻپ هن ريت ڪرائي ٿو.

> "عذرا ڏانهن ڏٺم، جنهن جو نڪ ڦٽل انگور جهڙو، اکيون متيري جهڙيون، ڪن ٽڪاٽي جا ڏيئا ۽ ڏند مترڪي جهڙا آهن." (جليل، 2010: 85)

امر جليل جو وسيع مطالعو آهي، جنهن جي ڪري هو ڪردار جي نقشن کي مختلف شين سان تشبيهه ڏئي جڻ عذرا جي نيڻن نقشن کي پڙهندڙ جي ذهن تي طاري ڪري ٿو ڇڏي. امر جليل جي هر تشبيهه چٽي ۽ پنهنجو مثال پاڻ آهي. هو مختلف لفظن جي ذخيري کي استعمال ڪرڻ جو فن بخوبي ڄاڻي ٿو. ڪهڙي شيءِ کي ڪنهن سان پيٽ ڏيڻي آهي. عام ماڻهوءَ جي حالت کي ڪهڙي شيءِ سان تشبيهه ڏيڻي آهي. ڪهاڻي "شڪست" ۾:

> "عذاب ۽ پشيمانيءَ جو احساس پروفيسر ڪريم جي وجود مان ڪوڙهن وانگر ڦاٽي نڪتو." (جليل، 2010: 124)

> "مون ان وقت به پڇتائيندي چرين وانگر توکي ڳوليو هو، پر تون ٽٽل تاري وانگر الاءِ ڪهڙين اونداهين ۾ گم ٿي ويئي هئينءَ." (جليل، 2010: 125)

> "ممتا جا موتي ڪارن ڪڪرن وانگر چپرن ۾ چلي آيس." (جليل، 2010: 125)

ڪهاڻيءَ جي تاثر کي وڌائڻ ۾ تشبيهه جو گهڻو حصو آهي. تشبيهه سندس ڪهاڻين ۾ تصوير وانگر هلي ٿي تنهن ڪري سندس ڪهاڻين جا جملا جاندار ٿي وڃن ٿا. تشبيهه جو استعمال ئي ڪيس ٻين ليکڪن کان جدا ڪري بيهاري ٿو. ماءُ جي ڳوڙهن کي موتين سان، جدا ٿيڻ کي ٽٽل تاري سان تشبيهه حقيقت ۾ ڪهاڻيءَ کي عروج بخشي ٿو. تشبيهه ڪهاڻيءَ کي پنهنجي جوش سان وڌائيندا هلن ٿا. "پل صراط"۾ تشبيهه ڏئي ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي وڌائي آهي.

> "ڏاند جهڙي شخص اول مون کي ذهني ۽ پوءِ جسماني ڌڪو ڏنو."
> "تو کي اهڙو پهلوان ڀڪر ٿو وٺي ڏيان، جيڪو ريس جي گهوڙي وانگر ڊوڙندو پل صراط پار ڪري ويندو."
> "مون ڀڪر ڏانهن ڏٺو، جيڪو ڪنهن ناڪام عاشق وانگر اداس بيٺو هو." (جليل، 2010: 145)

ڪهاڻيءَ ۾ جانورن سان تشبيهه ڏيندي ڪردار کي ڪمزور ۽ طاقتور هئڻ کي ظاهر ڪيو آهي. معاشي حالت کي تشبيهه جي ذريعي پيش ڪيو آهي. گهٽ آمدنيءَ وارا ڪيئن معاشي حالتن سان منهن ڏين ٿا. ڪهاڻي "ساجن منهنجو دوست" ۾ موسم سان تشبيهه کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

> "ٿڪ بادلن جي گجگوڙ وانگر گجي خاموش ٿي ويا." (جليل، 2010: 156)

امر جليل وٽ ٻوليءَ جو ذخيرو ايترو آهي، جو لفظ سندس تابع نظر اچن ٿا. هو جيئن وٽيس انهن کي هلائي ٿو. انسان جي ٿڪن کي بادلن جي گجگوڙ سان ڀيٽ ڏيئي انهن جي اهميت سمجهائي آهي. ڪهاڻي "جڏهن مان نه هوندس " منظرن کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

> "اُماوس جي رات جهڙا ڪارا وار ڪلهن تي پيا هئس." (جليل، 2010: 162)

> "هُن پنهنجو نرم، نازڪ ۽ برف جهڙو سرد هٿ منهنجي سڙندڙ نرڙ تي رکيو." (جليل، 2010: 163)

> "منهنجن چپن تي سياري جي شام جهڙي اداس مُرڪ ليئو پائي ورتو." (جليل، 2010: 167)

> "اُس جي تڙڪي جهڙي مُرڪ چپن تائين اچي موٽي ويس. هرڻيءَ جي اکين جهڙيون اکيون چلڪندڙ ڪٽورا ٿي پيس." (جليل، 2010: 170)

"تنهن وقت سنڌ جي ڌرتي پرندڙ جبل وانگر ٻري رهي هئي. ٻوسٽ جي ڪارن ڪڪرن ۾ بغاوت جي ڪِنوڻ ڪِنوندي رهي هئي." (جليل، 2010: 184)

"رت وهي وڃڻ سبب زهره جو منهن هيڊ جهڙو ٿي ويو هو." (جليل، 2010: 199)

هڪ ٻي ڪهاڻيءَ ۾ مختلف جملن جي ذريعي موسم ۽ قدرتي نظارن سان تشبيهه ڏني اٿس. ڪهاڻيءَ جي سموري فضا ننڍن ننڍن جملن سان گڏجي سموري ماحول کي ڀرپور نموني تبديل ڪري ڇڏين ٿي. تشبيهه سموري ڪهاڻيءَ کي چڻ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. ان ڪري ئي سندس اسلوب ٻين ليکڪن کان جدا آهي. ڪهاڻي "غلام" ۾ ڪردارن جي نقشن کي تشبيهه ذريعي واضح ڪيو آهي.

"پوڙهي جي منهن تي منجهيل سُٽ وانگر ريکائون هيون." (جليل، 1998: 63)

"بدتميز! جاهل!" عورت نفرت وچان چيو، ۽ سندس سرخيءَ هاڻا چپ نارنگيءَ جي ڦار وانگر ڏار ٿي ويا." (جليل، 1998: 63)

جيئن ليکڪ سڌي اڻ سڌي طرح تحرير ۾ موجود هوندو آهي. امر جليل پنهنجي ڪهاڻين ۾ تشبيهه جي ذريعي ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪئي آهي. سندس تشبيهه ڏيڻ جو اسلوب جدا آهي. "حياتي وهه وٺو آهي، منهنجو پٽ مهندي، منهنجي نصيب ۾ تون نه آهين" ۾ مڇن کي برش جهڙو، ڪونگهرن کي انجڻ جهڙو آواز، پيٽ فوٽ بال وانگر، سمنڊ جهڙيون اکيون تشبيهه جا بهترين مثال آهن. امر جليل وٽ تشبيهه جو استعمال سندس اسلوب کي خوبصورت بنائي ٿو. ڪهاڻي "ٽيون وجود" ۾ تشبيهه جو مثال هيئن آهي:

"ڏک ڀڳل شيشي وانگر روح ۾ چڀي ويو." (جليل، 1998: 148)

"درياهه شاهه ڪيهر وانگر ڪجگوڙ ڪندو رهيو." (جليل، 1998: 152)

لفظ ڪهڙو به هجي تشبيهه ڏيڻ کير، امر جليل کان سکي. هو هر لمحي، هر لفظ، هر شيءِ کي تشبيهه سان سينگاري پيش ڪرڻ جو فن رکي ٿو. "عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا آهن" ڪهاڻيءَ ۾ خندق کي قبر سان، "زندگي ۽ زهر" ۾ تمنا جي اکين کي سمنڊ سان، سندس لڙڪن کي سمنڊ جي ڇولين سان، ٻارن کي دال جهڙي هيڊي رنگ سان، مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي فرشتي سان، ۽ هڪ اچانڪ ايندڙ ڪردار کي ڪشميري صوفن سان تشبيهه ڏني آهي. ڪهاڻي "عشق" ۾ سندس انداز ڪجهه مختلف آهي.

”تڏهن صنم مون کي ڪڪرن وانگر آسمان تي اڏامندي محسوس ٿي. مون کي ساهه وانگر ويجهو هوندي به، هوءَ مون کان پري پري ٿيندي وئي.“ (جليل، 2014: 73)

هتي سندس تشبيهه هڪ احساس آهي. جنهن ڳالهه کي محسوس ڪري سگهجي ٿو پر ڏسي نٿو سگهجي. ان جي ذريعي لکيڪ پنهنجي احساسن کي سهڻي نموني واضح ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي ڪردارن جي سڃاڻپ خاطر تشبيهه کي ڪم آڻي ٿو. ” محرم علي جانوريءَ جو فرار ٿيل ساٿي“ ۾:

”مان ان ٻگهه پکيءَ جهڙي اسٽوڊينٽ ليڊر جي تلاش ۾ نڪتس، جنهن مون کي بزدل چيو هو.“ (جليل، 2014: 77)

”ڏاند جهڙو جوان ڏاند وانگر هيسجي ويو.
رضاڪارن جو چوهاري جهڙو سالار پنهنجي تقرير قائم رکي ها.“ (جليل، 2014: 85)

”هڪ سنهڙو، زرد ۽ نم جي ٿاريءَ وانگر نميل شخص پيهه مان نڪري وچ ۾ اچي بيٺو. سندس مٿي جا وار جهرڪيءَ جي آکيري جهڙا هئا.“ (جليل، 2014: 91)

سچ ته امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ٻولي، علامت، استعاري ۽ تشبيهه جو به ڪو مٽ نه آهي. هتي ڪردارن جي سڃاڻپ خاطر ڪيس ٻگهه پکيءَ جي نالي سان پڪاري ٿو. سندس ڪهاڻيون ”نه تون آهين نه مان آهيان، سفر کان سفر تائين منهنجو ڏس آسمان کان پڇو، پوئين پهر جي ڳالهه ۾ سندس تشبيهه جا بهترين مثال ٿا. ”مان برف ۾ تو سان ملندس“ ۾ موسم ۽ قدرتي نظارن جو بهترين مثال ملي ٿو.

”اوچتو برف جي ڦٽين سان گڏ موت جهڙي سرد هوا هلڻ لڳي.“ (جليل، 2014: 150)

”ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن آسمان مان ڪپهه جهڙي ڪونئري برف ڪِرڻ لڳي، ۽ زندگيءَ جا مصنوعي ۽ عارضي رنگ ڪوري ڪفن جهڙي وجود ۾ گم ٿيڻ لڳا.“ (جليل، 2014: 151)

”هڪ ياد جي ليڪ رت جي اندلٺ وانگر اندر جي آسمان تي موجود رهندي آهي.“
”يخ جهڙي هوا تير وانگر مون کي جسم ۾ چڀڻ لڳي.“ (جليل، 2014: 153)

”دل سيني جي قفس ۾ گهايل ابابيل وانگر ڦٿڪڻ لڳي.“

”دل گهايل پکيءَ وانگر ڦٿڪندي رهي، ۽ ڏڙڪندي رهي. چيم، ” برابر. تنهنجي ماءُ جهڙي آهي.“ (جليل، 2014: 173)

ڪهاڻي ڪوهه مريءَ جي پسمنظر ۾ لکي ويئي آهي. تشبيهه به ان موسم جي مطابق آهي. امرجليل منظرن، ڪردارن ۽ واقعن کي تشبيهه ڏيئي خوبصورت بنايو آهي. هو ڪنهن ٻئي جي اسلوب جو محتاج نه آهي. وٽس فن آهي. لفظن ۽ تشبيهن جو ذخيرو آهي، جيئن وٽيس ان کي استعمال ڪري ٿو. هر ڳالهه کي سهڻي نموني سمجهائڻ جو وٽس ڏانءُ آهي، هو ڪٿي به پڙهندڙ کي بوريت جو احساس نٿو ٿيڻ ڏيئي. ڪهاڻي ”گهاءُ “ ۾ هڪ انسان جي چُرپر کي تشبيهه ڏيڻ جو انداز هن ريت آهي:

”ڏٽي بخش چري جهڙي چپ.“ (جليل، 2014: 18)

ڪهاڻي محرم علي ۾ ان جي سچاٽپ سادي نموني ڪرائي ٿو:

”ماڻهو سادو هو، جهڙي موري هرڪو هضم ڪري ڇڏيندوهوس.“ (جليل، 2014: 29)

”مئل ڏنيري جي اکين جهڙين اکين ۾ زندگي موٽي آيس.“ (جليل، 2014: 32)

”هو ويچارو خالي دٻي جهڙو منهن ڪٽي هليو ويو.“ (جليل، 2014: 33)

امر جليل ڪردار کي موريءَ سان تشبيهه ڏيئي سندس طبعيت کان سهڻي نموني واقفيت ڪرائي ٿو. اکين ۽ منهن کي به تشبيهه ڏيڻ جو اسلوب وٽس بهترين آهي. ڪهاڻي هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا ۾ تشبيهه هن ريت آهي.

”اکروٽ جهڙو سخت ۽ ڏاڙهوءَ جهڙو ڳاڙهو آهي.“ (جليل، 2014: 42)

ڪهاڻي ساڻو ساڻو ساهه ۾ سندس تشبيهه جوانداز اڳ آيل تشبيهه کان ڪجهه قدر مختلف آهي:

”جڏهن سرڪاري ڪامورن وڏن فنڊن سان عوامي اسٽوڊينٽس فيڊريشن کي وجود ۾ آندو ۽ شاگردن کي واڱڻ، پيندين، ۽ پٽاٽن وانگر خريد ڪرڻ شروع ڪيو.“ (جليل، 2014: 69)

هتي ليکڪ شاگردن جي وڪامڻ کي پاڄين ۽ ميون سان تشبيهه ڏني ايتري ۾ شاگردن کي خريد ڪيو ويو. مطلب ته شاگردن کي سستي اگهه تي

خريد ڪري انهن کان پنهنجي حمايت ۾ نعرا هٽايا ويا. ڪهاڻي ”رني ڪوٽ جو خزانو“ ۾ تشبيهه جو استعمال ڪجهه هن ريت آهي.

”ميهڙ مان آيل مامي جا ڪن مون کي سيهڙ جي ڪنن جهڙا محسوس ٿيا.“ (جليل، 2014: 138)

مامي جي ڪنن کي سيهڙ سان تشبيهه ڏيئي مزاح پيدا ڪيو آهي. تشبيهه کان امر جليل موقعي آڳر ڪم وٺي ٿو. ڪهاڻي ”آدم جي ماءُ، مان ديوداس نه آهيان، سنڌي گدڙ اِن اسلام آباد“ ۾ تشبيهه جا بهترين مثال ملن ٿا. ڪهاڻين ۾ جئين واقعا، ڪردار، موضوع تبديل ٿين ٿا. انهن جي مطابق سندن لهجو، ٻولي تشبيهه وغيره به تبديل ٿين ٿا. ڪهاڻي ”هڪ ديسي عشق جو داستان“ ۾ تشبيهه جو مثال هي آهي:

”آسمان هميشه وانگر خاموش رهيو.“ (جليل، 1999: 26)

”ٻاهر، ڪوجهو شهر، ڪنوار وانگر سينگاريل نظر آيو. موٽمار بسون ڦنيورين ۽ ڦوپٽن وانگر رنگين ۽ هلڪيون ڏسڻ ۾ آيون.“ (جليل، 1999: 26)

هتي آسمان جي خاموشي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته آسمان ڪيترائي ڪيس ٿيندي ڏٺا آهن. پوءِ به خاموش رهيو آهي. ڪهاڻي ”ٻڙ جو غم“ ۾ هميشه وانگر ڪردار جي نشانين کي ڪجهه هن ريت بيان ڪيو آهي.

”ان عورت جون اکيون مئل ٻڪر جي اکين جهڙيون، پير هوبهو بدڪ جي پيرن جهڙا ۽ هٿ خاڪي رنگ جي آلي ٽوال جهڙا آهن.“ (جليل، 1999: 108)

هتي عورت جا نقش چٽي نموني سامهون اچي وڃن ٿا. هوءَ تشبيهه جي ڪري سامهون چٽي تصوير ۾ محسوس ٿئي ٿي. سندس قد ڪاٺ جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. ڪهاڻي ” تاريخ جو ڪفن، غفا، هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ“۾ تشبيهه جا مختلف انداز ملن ٿا. ” شيطان جو سنگسار“ ۾ تشبيهه هن ريت آهي.

”بدرو ڀنياريءَ جي هيبتناڪ وجود ۾ چڳّائي جي ڪا چٽنگ هئي، جنهن وچ ۾ واءُ جهڙي سندس زندگيءَ ۾ احساس جي دونهي دکائي رکي هئي.“ (جليل، 2011: 52)

ڪهاڻي ”رليف ڪيمپ“ ۾ سندس تشبيهه هن انداز ۾ آهي:

”جوڳين جهڙو شخص پٿر جي بت وانگر ويٺو هو، ۽ آسمان ڏانهن نهاري رهيو هو.“ (جليل، 2011: 85)

امر جليل وٽ پنهنجو اسلوب آهي. جنهن جي ذريعي هو. ڪڏهن علامتي انداز، ڪڏهن تشبيهه ۽ استعاري جي ذريعي پنهنجو اظهار ڪري ٿو. ڪهاڻي " ڪانسٽيٽيوشن اوينيو تي موت " ۾ تشبيهه جو مثال هڪ جدا انداز ۾ آهي.

"اسلام آباد ۾ طرحين طرحين جا جانور آهن. بگهڙ گدڙ، سوئر، پولا، وغيره. پر، جڏهن ڪپڙا لٽا پائي ۽ تيل ڦليل ڪري سامهون ايندا آهن، تڏهن جهڙا ماڻهون." (جليل، 2011: 94)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ تشبيهه جو سفر ڊگهو آهي. " اڄ اُسها ٿو پرائي ديس، نه ويچ نه طبيب، ڪاري ڪتي آهي، زندگي هڪ ڪُن، ٽندو بدمعاش، سرد لاش جو سفر، وري ياد آيا، چرٻٺ ۽ راشن ڪارڊ، چرٻٺ ۽ ملان، هولي، به چور، سرحد، سنڌي سجاڳ ٿيندو، گدڙن جي شهر ۾، اڄ ته پيار پڇايون، ويران دل جي دنيا، چرٻٺ ۽ هڪ مداري، منهنجي محبت ۽ مان، آزاد، وٿيون ۽ وڇوڙا، زندگيءَ جي نه ڪٽندڙ ڪهاڻي، داغ، مڙدي ڳالهايو. چينو، ڳالهائيندڙ گيندو، دل ۽ گلدان، وغيره ڪهاڻين ۾ تشبيهه جا بهترين مثال ملن ٿا. سندس وڏي خوبي اها آهي، ته سندس تقريبا ڪهاڻين ۾ تشبيهه جو استعمال آهي. هڪ اڌ ڪي ڇڏي گهڻو ڪري تشبيهه ۽ استعارو ملن ٿا. هو ماحول، ڪردار، پکي، جبل، پهاڙ، جانور ڪيترين ئي مختلف شين ڪي تشبيهه جي طور تي ڪهاڻين ۾ استعمال ڪيو آهي. تشبيهه ۽ استعاري جي ذريعي ڪهاڻين ۾ هڪ لطف پيدا ڪرڻ جو فن وٽس آهي. امر جليل تشبيهه ۽ استعاري جي ذريعي ڪهاڻين جي ڪردارن کي سونهن بخشي آهي. هو انهيءَ انداز سان ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائيندو هلي ٿو ۽ سندس اهو انداز ئي ڪيس ٻين اعليٰ مقام عطا ڪري ٿو. امر جليل جي افسانوي ادب ۾ تشبيهه ۽ استعاري جو استعمال ڪثرت سان ملي ٿو. انهن جي ڪري ئي ليکڪ موضوع ۽ ان کي بيان ڪرڻ جي اسلوب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڪنهن به هنڌ تشبيهه يا استعاري جو استعمال يا اٽوندڙ نٿو لڳي. پڙهندڙ کي ان ڪري ڪٿي به بوريت جو احساس نٿو ٿئي.

## سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح

### طنز جي وصف

لفظ طنز لاطيني ٻوليءَ جي لفظ (Satura Lanks) مان ورتو ويو آهي. مزاح انگريزي (Humour) جي مترادف آهي.

جنهن جي ادبي معنيٰ ڪنهن ليکڪ جي تحرير جي خوبين خامين کي نروار ڪرڻ يا ڪنهن ماڻهوءَ اداري جي غلطيءَ جي اصلاح طنز واري اسلوب ۾

پيش ڪرڻ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ جلدي سنڌي لغت ۾ طنز جي معنيٰ هيءَ ڏني آهي.

”طنز : (ع) چٿر - ٺٺول.“ (بلوچ، 2006: 430)

حقيقت ۾ مزاح، ڏکن ۽ تڪليفن کي لڪائڻ جو هڪ طريقو آهي. دراصل انهن ٽهڪن جي پويان ڳوڙها لڪل هوندا آهن. دنيا ۾ ڪامياب مزاح نگار اهو آهي، جيڪو ڏک جي شدت کي به هلڪي مسڪراهٽ ۽ ٽهڪن ۾ بدلائي پيش ڪري، مزاح جي ڪري وقتي طور تي انسان ڏکن کان پري نڪري ويندو آهي. زندگي حقيقت ۾ بور ۽ ٿڪائيندڙ آهي. انسان سموري زندگي ان کي دلچسپ بنائڻ جا جتن ڪندو رهي ٿو. اها به حقيقت آهي ته زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ جي لاءِ جيترا به انداز آهن. انهن ۾ مزاح جي پنهنجي اهميت آهي. ڪنهن به سماج ۾ مزاح نگار نه فقط ماڻهن کي وندر مهيا ڪري ٿو. بلڪ ان سان گڏ هو سماج لاءِ هڪ مسيحو به هوندو آهي. جنهن جي طنز جو محور هميشه ڏکندڙ رڳ ئي هوندي آهي.

طنز ۽ مزاح ادب جي ڪا خاص صنف يا قسم نه بلڪ هي هڪ رجحان، تاثر يا تجويزن جو نالو آهي. جنهن کي ليکڪ ٻولي ۾ هر صنف جي ضرورت آهر ان کي قوت بخشي ٿو. اُن ۾ مزاح جي دائري کي ته ڪنهن حد تائين محدود سمجهي سگهجي ٿو. پر طنز جو دائرو ، اثر ۽ حدون وسيع آهن. ان کي ادب جي تقريبا هر صنف ۾ ڳولي سگهجي ٿو. ليکڪ جيئن ته اردگرد جي روزمره واري زندگيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو. ان جي عڪاسي جي نتيجي ۾ اسان روزمره جي اڻ سڌي ۽ انوکي معاملن تي جڏهن ڪنهن ليکڪ جي نظر همدردي ۽ شرارت واري انداز  تي پوي ٿي ته سندس قلم مان مزاح جي چاشني نڪري ٿي. جيڪڏهن ڪا نا انصافي ڪيس نظر اچي ٿي ته سندس قلم مان نڪرندڙ لفظ ۽ جملا تلخ محسوس ٿين ٿا. ان شوخيءَ ۽تلخيءَ کي طنز جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ان تلخيءَ ۽ شوخيءَ جو دائرو ليکڪ جي ذاتي دلچسپي، فائدي يا ڪنهن محدود مقصد لاءِ هوندو ته اهو طنز جو معمولي ۽ ادنيٰ قسم چورائيندو. پر جيڪڏهن ان جامقصد ۽ نشانو آفاقي ۽ لا محدود آهن، ته طنز کي اعليٰ قسمن ۾ شمار ڪيو ويندو.

## طنز ۽ مزاح جي وصف

عام ماڻهو سماجي ناانصافين جو يا ته عادي ٿي ويندو آهي، يا جذبات ۾ اچي ڳاڙيون ڏيڻ تي لهي پوندو آهي. مگر هڪ ليکڪ جو طريقو بنهه مختلف هوندو آهي. هو سماج ۾ موجود ننڍين ننڍين خامين کي خوردبينيءَ واري اک سان ڏسندو آهي. ان کي پڑهندڙن سامهون خوبصورت بنائي پيش ڪندو آهي.

جنهن جي نمايان ۽ بگڙيل صورت ڏسي ان تي ٺٺول، چٽر پيدا ٿئي ٿي، سوچ لاءِ نوان رستا کلن ٿا. ان ۾ پهرين صورت مزاح نگاريءَ مان پيدا ٿئي ٿي، ۽ جڏهن ته ٻي صورت طنز جي نتيجن مان وجود ۾ اچي ٿي.

طنز ۽ مزاح جو تعلق انسان جي فطرت، شعورلاشعور، خواهشن، تضادن ۽ انسان جي ردعمل سان آهي. طنز سماج ۾ موجود تضادن کي بهترين انداز ۾ احساس ڏيارڻ تي به پيدا ٿئي ٿو، ۽ کو خاص واقعو، تصوير، ڪردار، شڪل يا صورت حال ڪڏهن اسان کي ڪا نئين يا انوکي ڳالهه چوڻ لاءِ آماده ڪن ٿا. اها انوکي ڳالهه ڪڏهن مزاح جي چاشني سان پريل ۽ ڪڏهن طنز جي مختلف شڪلين ۾ اسان جي سامهون اچي ٿي.

## طنز ۽ مزاح ۾ فرق

طنز ۽ مزاح جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. هڪ جو مقصد کل ڀوڳ آهي، ته ٻئي جو گهٽ وڌ ۾ برابري ۽ هڪجهڙائي ڪرڻ آهي. مزاح ۾ زنده دلي ۽ رحم جو جذبو هوندو آهي. جڏهن ته طنز ۾ جوش، رنج، ڪاوڙ، بيچينيءَ جو عمل دخل هوندو آهي. جيڪڏهن طنزنگار پنهنجي لهجي ۽ اسلوب ۾ تهذيب ۽ شائستگيءَ جي بجاءِ ڪاوڙ ۽ بدنظميءَ جو اظهار ڪري ته ان ۾ ناگواريت ۽ مايوسيءَ جو امڪان هوندو آهي.ان کي خوشگوار ۽ قابل برداشت ڪرڻ لاءِ مزاح جي مٺاس جي ضرورت هوندي آهي. ادبي اسلوب ان ۾ وڌيڪ خوبصورتيءَ جو سبب بنجي ٿو.

طنز هڪ تيز تلوار وانگي آهي. جنهن سان وار ڪندي ڪڏهن منهن تي مسڪراهٽ جو نقاب آٽي ٿو. ڪڏهن واري نادانيءَ جو لباس پائي وٺندو آهي. طنز ۽ مزاح هڪئي وقت ٻئي مختلف شيون آهن. طنز فن جي ضرورت آهي ۽ مزاح طنز جو لازم حصو آهي. مزاح جو مقصد فقط کلڻ ۽ کلائڻ هوندوآهي. جڏهن ته طنز جو مقصد سوچڻ جي دعوت ڏيڻ ۽ اصلاحي طرف مائل ڪرڻ هوندو آهي. مزاحيه ليکڪ ڪنهن اڻ برابريءَ کي مسڪرائيندو آهي. جڏهن هڪ طنزنگار ڪنهن به عادت يا مڪاريءَ کي ڏسي طيش ۾ اچي ويندو آهي. اتان ئي ٻنهي ليکڪن جو اصلاح آهي، پر سماجي بيمارين جو علاج مٺين گورين جي ذريعي ڪرڻ چاهيندو آهي. جڏهن ته ٻيو ليکڪ آپريشن تي يقين رکي ٿو.

ادب ۾ طنز ۽ مزاح جي هڪ جيتري اهميت آهي. ڪجهه ليکڪ طنز کي ته ڪجهه مزاح کي وڌيڪ موثر سمجهن ٿا. مزاح قدرتي تحفو آهي، طنز انسان جو تخليق ڪيل طريقو آهي. عام طور تي طنز جو نتيجو اصلاح سان گڏ دل آزاري ۽ مايوسي به هوندو آهي. طنز جو وجود مزاح کان بغير ممڪن نه آهي. ها البته مزاح طنز کان پاڪ ٿي سگهي ٿو. طنز جي ذريعي ڪنهن شخص جي سماجي برائين ۽ بد اخلاقين جي اصلاح جي خيال سان نشانو بنايو ويندو آهي. ليکڪ

پنهنجي تحرير ۾ سونهن پيدا ڪرڻ خاطر طنز ۽ مزاح جو گڏ استعمال ڪندو آهي. جنهن ڪري سندس تحرير ۾ هڪ نئون روپ پيدا ٿيندو آهي.

### امر جليل جي ڪهاڻين ۾ طنز

سنڌي ادب ۾ طنز جي ذريعي ڪيترن ئي ليکڪن سماج جي اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي ادب جي چمڪندڙ تاري، امر جليل جي ڪهاڻين ۾ طنز ۽ مزاح ڪهاڻيءَ جي خوبصورتيءَ کي چار چنڊ لڳائي ٿو. طنز جي ذريعي  سماج جي تلخ حقيقتن تان ڪلندي ڪلندي پردو لاهي ٿو. امر جليل سماجي اصلاح خاطر طنز وارو رويو اختيار ڪيو آهي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ٺوڪ ۽ چٿر نظر اچي ٿي. وٽس طنز مقصد ۽ فڪر وارو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ طنز سماج لاءِ اصلاح وارو آهي. سندس ڪهاڻين جي عام مڪالمن ۾ به طنز نظر اچي ٿو. ڏٺو وڃي ته زندگيءَ جي عام حالتن ۾ روزمره ۾ طنز جو استعمال ملي ٿو. ڪنهن انسان جي سستي، ڪاهلي، غرور، لاپرواهي، کي طنز ذريعي پيش ڪيو ويندو آهي. اسان طنز جي ذريعي گهٽ لفظن ۾ وڏي ڳالهه چئي ويندا آهيون. امر جليل ڪهاڻين ۾ طنز ۽ مزاح کي آڻي هڪ نئين راهه روشن ڪئي آهي.

**1.** عشق ۽ انٽرويو

امر جليل جي ڪهاڻي معاشي بدحاليءَ جي چٽي تصوير پيش ڪري ٿي. بيروزگار ڪردارن جي واتان ڪهاڻيڪار جيڪي مڪالما ڳالهرائي ٿو. اهي طنز سان ڀرپور آهن.

> ”رمل مون کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيو، مون ٻن سالن کان بوٽ نه پاتو آهي. مون کي پلا بوٽ وٺي ڏيندي.“
> ”اڄڪلهه رشوت وانگر بوٽن جو به ملهه وڌي ويو آهي.“ ايندڙ ڏهن سالن تائين تون ۽ مان بوٽ نه پائي سگهنداسين.“ (جليل، 2012: 36)

ڪردارن جي بيوسي ۽ مقلسي سندن گفتگوءَ مان نظر اچي ٿي. مهانگائيءَ ۽ رشوت تي طنز ڪندي ڪهاڻيڪار ٻنهي کي غريبن لاءِ عذاب سمجهي ٿو. نوجوانن جي بيروزگار هئڻ جو سبب ٺٺول ڪندي بيان ڪري ٿو. انٽرويو وٺڻ وارن جي اصل حقيقت سماج جي سامهون آڻڻ کان گهٻرائي نٿو. انٽرويو وٺڻ وارن ميمبرن جي حقيقي روپ کي چٿر جي ڪندي پيش ڪري ٿو.

> ”ٿلهي ميمبر ڪرسيءَ تان اُٿي مون کي ٻانهن کان اچي ورتو هو. سٺ ڏيئي در تائين وٺي ويو هو ۽ ٻاهر ڌڪو ڏيندي چيو هئائين،

> ” تون بليدي فول آهين، ۽ ايندڙ هڪ هزار سال تائين نوڪري ڳولي نه سگهندين.” (جليل، 2012: 42)

سماج ۾ نوجوانن سان ٿيندڙ ويڌن کي ڪهاڻيڪار سهڻي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. سموري ڪهاڻي اهڙن مڪالمن سان ڀرپور آهي، جيڪي سماج جي ناسورن کي واضح ڪن ٿا.

> ”ڪجهه ڏوڙها ۽ سياڻا ماڻهو، بيروزگار، بيوقوف ۽ پوڪن کي نوڪريءَ ۾ رکڻ کان اڳ ڪانئن حساب ڪتاب وٺندا آهن. ان سموري جٺ کي انگريزيءَ ۾ انٽرويو چئبو آهي.” (جليل، 2012: 47)

ڪهاڻي شروع کان ڪري آخر تائين ٺوڪ ۽ ٺٺول سان ڀرپور آهي. غريب جي عزت جي قيمت هڪ بوٽ جي برابر آهي. بيروزگار ڪهڙي اذيت مان گذرن ٿا. حمڪرانن، ڪامورن ۽ وڏيرن تي دل کولي ٺٺول آهي. زندگيءَ کان مايوس انسان ڪيئن نه زندگي گذارڻ جا جتن ڪن ٿا. ڪهاڻيڪار سماج جي ڪيترين ئي پهلوئن تي هڪ ئي وقت طنز ڪيو آهي.

## **2.** اروڙ جو مست

امر جليل جي ڪهاڻي هڪ ڌاڙيل جي ڪردار جي چوگرد ڦري ٿي. عبدالرحمان ڌاڙيل جيڪو پنهنجي دوست عارب ماڇيءَ جي تلاش ۾ نڪري ٿو. هڪ ڪرامت واري مَستَ کان پنهنجي دوست جي باري معلومات وٺڻ نڪري ٿو. اتي پهچي کيس خبر پوي ٿي ته حقيقت ۾ اهو مست ئي عارب ماڇي آهي. امر جليل پير پرستيءَ جي خلاف آهي، سنڌين تي طنز ڪندي، ڪين پيرن جي چالاڪين ۽ ڍوڪي کان واقف ڪرڻ چاهي ٿو.

> ”وراڻيائين، سنڌ ۾ ڪاني ڪرامتن جو پير ٿجي، يا رهزن ڌاڙيل ٻئي ڌنڌا هڪجهڙا آهن. ٻنهي ۾ هڪجيتري ڪمائي آهي.” (جليل، 2012: 32)

سنڌين تي ٺٺول ڪري ڪين صدين کان ٿيندڙ غلطين کي سڌارڻ جو ڏس ڏئي ٿو. پيرن فقيرن جي ڌوڪي کي دل سان لائي ويٺا آهن. سندس لفظ هتي ڪهاڻيءَ جي سونهن کي وڌائين ٿا. سنڌين تي طنز ڪري سندن سوچ کي وسيع ڪرڻ ۽ عفلت جي ننڊ مان جاڳائڻ گهري ٿو. هڪ ئي جملي ۾ ڪهاڻيءَ جو مفهوم سمايل آهي.

## 3. سياڻن ۾ هڪ ڀوڪ

بظاهر عام نظر ايندڙ موضوع ۾ وڏو مقصد نظر اچي ٿو. امر جليل ڪردارن جي چالاڪين ڪي طنز جي ذريعي نروار ڪيو آهي. ڪيئن نه پنهنجي مقصد ڪي حاصل ڪرڻ ڪرڻ لاءِ ڪردار انگريزن ڪي خبرون پهچائي انهن وٽا پنهنجا ذاتي مقصد پورا ڪندا هئا. هن سماج ۾ عقل واري داناءَ ڪي دنيا وارا ڀوڪ سمجهندا آهن. ڪهاڻيءَ ۾ جنهن ڪردار ڪي ڀوڪ سمجهيو وڃي ٿو اصل ۾ اهو محنت ڪري زندگي گذارڻ چاهي ٿو. امر جليل انگريزن جي چاڪري ڪرڻ وارن جا پول پڌرا ڪندي مثان ٿئول ڪري ٿو.

> ”بابا انگريز جي ڏادي خدمت ڪئي آهي. جڏهن هر طرف ڪان انگريزن ڪي ملڪ مان لوڏي ڪيڻ جو تحريڪون جاري هيون، ۽ جڏهن ملڪ ۾ آزاديءَ جي هلچل متل هئي، تڏهن بابا لڪ چوريءَ تحريڪ جي بانين جا نالا انگريزن ڪي پهچائيندو هو. آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ رضاڪارن سان شامل ٿي، سندن راز معلوم ڪري انگريزن ڪي ٻڌائيندو هو. انگريز سندس وفاداري ۽ اٽڪ ڪوشش مان خوش ٿيا. ڪيس خانبهادر جو لقب عطا ڪيائون ۽ سنڌ جي هڪ زرخيز علائقي ۾ ٽي سو ايڪڙ زمين به بخشش ڪيائون. سندس خانبهادريءَ جي سنڌ اسان جي ڊرائينگ روم ۾ لڳل آهي.“ (جليل، 2012: 74)

هڪ ڀوڪ جي واتان سموري ماجره بيان ڪري وڃي ٿو. پٽ ڀيءُ جي ڪارنامن ڪي بيان ڪري ٿو. اهڙي طرح تاريخ ۾ ٿيل چالاڪين نهايت ئي ٿڌي مزاج سان ۽ تهمل سان بيان ڪري وڃي ٿو. اهڙي ريت ملڪ سان غداري ڪرڻ وارن جا پول ڪندي سندن مثان ٿئول به آهي. هڪ گهر جي ماحول ڪي پيش ڪندي ليکڪ هر ڪردار ڪي پنهنجي انا ۾ مبتلا پيش ڪيو آهي. ڪهاڻيڪار اهڙن ڪردارن ڪي آئينو ڏيکاري ٿو جيئن هو آئندا سماج ۾ اهڙا ڪم ڪرڻ وارن جو ضمير زندهه ٿئي.

## 4. هن چار ۾

امر جليل هڪ وڏي خوبي اها به آهي ته هو سماج جي ڪنهن به ڪردار ڪي عام نٿو سمجهي . ڪهاڻي وڏيرن جا پول پڌرا ڪندي نظر اچي ٿي. ليکڪ سنڌي سماج تان به ٿئول ڪئي آهي.

> ”سنڌ آهي، انبن ڪارڪن ۽ ڦٽين جو ملڪ، هتي ست مهينا هلن جهولا. لڪَ لهسائي ۽ بدو باهه لڳائي. اسان عورتن مان اچي پگهر جي بوءِ ۽ ڇيٽن جي ڌپ. پوءِ پلا ڪيئن اسان جي پنهنجين سنڌي عورتن ۾ اک ٻڌي!“ (جليل، 2012: 81)

امرجليل ڪهاڻيءَ ۾ ڪا به ڳالهه اڌوري نٿو ڇڏي. هو ان کي دليلن سان پيش ڪري ٿو. سنڌي عورتون هميشه پنهنجي گھرن جي سجاوٽ ۾ پاڻ کي وساري ويهنديون آهن. ڪهاڻيءَ ۾ وڏيرن سان سنڌي عورتن تي به چٽر ٿيل آهي. ان طنز جو شل سنڌي عورت تي اثر پئي. ان ذريعي ليکڪ منجهن شعور آڻڻ چاهي ٿو.

**5.** چريٺ ۽ قلفي

امر جليل جي ڪهاڻين جي جان ٻار جو ڪردار پاڻ ان ڪردار جي معصوميت جو ڀرپور فائدو ڪڍي ٿو. ليکڪ ٻار جي ذريعي سماج جي باري ۾ سوال اٿاري ۽ سماجي اوڻاين کي پيش ڪري ٿو. ان ڪردار جي ذريعي سماج جي تلخ حقيقتن تان پردو ڪڻي ٿو. ٻار سماج تي طنز ڪندي ان جي باري ۾ اهڙا اهڙا سوال اٿاري ٿو. ان کي ڏسي ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون. ٻار جي مڪالمن سان ۽ هلڪي مزاح سان ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي.

”ڦندڻ چيو: يار چريٺ، منهنجي بوٽ جو ترو چيڳل آهي، مون کي ته وري ٻيو بوٽ به ڪونهي ني، منهنجي ماءُ گريب آهي. مارچ ٽائيم ڪندي. وراٽيم پرواهه نه ڪر ڦندڻ ، اسان کي جنگ لاءَ تيار رهڻو آهي، اول جنگ پوءِ بوٽ جو چيڳل ترو.“ (جليل، 2012: 106)

امر جليل هلڪي مزاح، طنز جي ذريعي پنهنجي سموري ڳالهه جي ذريعي پنهنجي بيوسيءَ کي پيش ڪيو آهي. سماج جي حقيقت کي بيان ڪندي ڪهاڻيڪار ٻارن سان پيش ايندڙ گھر ڀاتين جو رويو ۽ ان سبب ٻار جي بدلجندڙ سوچ کي بيان ڪري ٿو.

”انور مون کي ٻه آنا ڏنا. پوءِ هڏانهن هوڏانهن ڏسندي، پتلون جي کيسي ما گلابي لفافو ڪڍي مون کي ڏنائين. چيائين ، “ ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ جيڪا ڪرستان نرس آهي نه.“
“ ها ها، ڪاري بيني”
“ اڙي اها نه “
“ ته پوءِ ڪهڙي؟”
“ جنهن تنهنجي ڪن ۾ دوا وڌي هئي، سوزي، سوزي.”
“ بس بس، سمجهي ويس”
“ شاباش هي خط سوزيءَ کي ڏيئي اچ”. (جليل، 2012: 108)

ڪهاڻيڪار طنز جي ذريعي ٻار کي مستقبل جو معمار ڪري پيش ڪيو آهي، تنهن ڪري سموري ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪ ٻار آهي. تنهنڪري اسان کي گھرجي ته ٻارن کي اهڙين عادتن کان پري رکون. ان جو نتيجو ان ڪهاڻيءَ ۾ ئي واضح آهي جو چريٺ اسڪول ۾ پڙهڻ کان لنوائي ٿو ۽ ٻيا

سمورا ڪم تمام گھڻي دلچسپيءَ سان ڪندو نظر اچي ٿوسموريون ڳالهيون ليڪڪ چرپٽ جي زباني چورائي ٿو.

**6.** رڇ

ڪهاڻي بظاهر ٽن ماسترن جي ڪردارن تي مشتمل آهي. اهي ماستر جيڪا گفتو ڪن ٿا هلڪي مزاح طنز سان هلي ٿي، حقيقت ۾ سماج تي سخت طنز آهي. اهو طنز ۽ مزاح سندن محرومين ۽ ڏکن جي شدت کي ظاهر ڪري ٿو. ڪهاڻيڪار طنز جي ذريعي ماسترن جي پگهار گهٽ هئڻ کي به بيان ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ لکين ماسترن تي به طنز ڪري ٿو. جنهن سماج ۾ ماستر جو شاگرد سان رويو ماٺيلي ماءُ وارو هوندو اتي شاگردن جي ذهنيت ڪهڙي هوندي. پڳوان داس حسابن جو ماستر آهي. مظفر ڊرائينگ جو ماستر آهي. ڪريم حديث ۽ تاريخ جو ماستر آهي.

> ”ڪريم دل ڪولي ماستري ڏنڏي کي خوب گاريون ڏنيون. ڪباب وات ۾ وجهندي چيائين، ماستري ڪرڻ کان بهتر آهي ته ماٽهو ڪباب وڪڻي.“
> پڳوان داس سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪپيندي چيو،“ اسڪول ماستر کان ٽيلر ماستر کي وڌيڪ عزت ملندي آهي.“ (جليل، 2012: 123)

ڪهاڻيءَ جي عنوان مان ئي واقعي جو اندزو لڳائي سگهجي ٿو. ڪهاڻيڪار ماسترن جي محرومين کي طنز جي ذريعي ظاهر ڪيو آهي. جيستائي سندن زندگيءَ جو ن بنياي ضرورتو پوريون نه ٿينديون. اهي اسڪول ۾ ٻارن کي ڪيئن پڙهائي سگهندا.سموري ڪهاڻي طنز ۽ مزاح سان سلهاڙيل ۽ ان جي پويان ڪردارن جا ڏک ليئا پائيندي نظر اچن ٿا.

**7.** سچل سرمت Trouble ۾

امر جليل ڪهاڻي ان دور ۾ لکي جڏهن شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ٿيا. تاريخ کان اڻ ڄاڻ ايجسين بي خبريءَ ۾ سچل جي گرفتاريءَ جي وارنٽ ڪڍيا. اصلي سچل ڪين ڪٿان لڀي، تنهنڪري هو پڪوڙا ٺاهڻ واري سچل کي گرفتارڪرڻ اچن ٿا. ڪهاڻي رياست ۽ جاسوسي ادارن مٿان طنز آهي. سخت طنز تي آڌاريل ڪهاڻيءَ ۾ جاسوسي اداري جا اهلڪار ڪيئن عام ماڻهوءَ کي بيزار ڪن ٿا. فقط سندس نالو سچل هئڻ ڪري ڪيس سفر ڪرڻو پوي ٿو.

> ”ها وراٿيم، “ منهنجو نالو سچل سرمست آهي. مون اڄڪلهه خودڪشيءَ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو آهي، ۽ خدا جي فضل

سان ميونسپالٽيءَ جي ڪرم سان راحت سئنيما جي پرسان پڪوڙا وڪڻڻ شروع ڪيا اٿم.” (جليل، 2010: 38)

ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار سچل سرمست جيڪو هڪ ماستر آهي. بنا ڏوهه ڪانئس ڪيئن نه سوال ڪيا وڃن ٿا.

”آچر ڇيو، ” سچل جڏهن کان ماستري ڇڏي پڪوڙا وڪڻڻ شروع ڪيا آهن، تڏهن کان آسودو آهي. خودڪشيءَ جو خيال به دل مان ڪڍي ڇڏيو اٿائين.” (جليل، 2010: 39)

ڪهاڻيڪار معاشي ۽ سماجي مسئلن سان گڏ عوام تي ظلم جا پهاڙ ڪرائيندڙ جاسوسي ادارن جا پول پڌرا ڪيا آهن.

” صفا ڇٽ پڇيو، ” تون ڪڏهن کان شاعري ڪري رهيو آهين؟”
شاعري! مون کان ڇرڪ نڪري ويو. ڇڻ پٽر هٽي ڪڍيائون.
” ها شاعري ”
وراڻيم، ” مان ۽ منهنجي گهر جا ڀاتي جڏهن بک مرندا هئا ۽ دوا بنا درد ۾ ڦٿڪندا هئا، تڏهن به مون کي مرڻ جو خيال آيو هو، پر شاعريءَ جو خيال نه آيو .” (جليل، 2010: 40)

قومن جي تاريخ اديبن ۽ شاعرن سان ئي زنده آهي. انهن تي ٿيل ظلم کي ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ جي سونهن بنائي پيش ڪيو آهي. رياستي ادارن تي سخت طنز آهي. جيڪي شاعرن کان ايترو لنوائين ٿا، جو انهن تي غلط الزام لڳائي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. سنڌي شاعرن سان ٿيل نا انصافين جي ڇٽي تصوير آهي. ڪهاڻي شروع کان آخر تائين طنزيه مڪالمن ۾ هلي ٿي.

## 8. چريٽ ۽ قلفي

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ مستقبل جي علامت ٻار کي هميشه تمام گهڻي اهميت مليل آهي. ليڪ ان ٻار جي زباني سماج تي طنز ڪندي نظر اچي ٿو. سماج بابت ٻار جي ذريعي ڪيترائي سوال اٿاري ٿو. چريٽ جي زباني طنز ۾ ڳوڙهيون ڳالهيون بيان ڪندي نظر اچي ٿو. ڪهاڻي اسڪول جي ماحول ۾ لکيل آهي. اسڪول ۾ ماسترن جو ٻارن سا رويو پيش ڪري ليڪ اسڪولن جي ماحول تي طنز ڪيو آهي. اسڪولن ۾ ٻارن جي تربيت ٿئي ٿي اتي ماستر انهن سان ائين ڳالهائين ڪيتري نه عجيب ڳالهه آهي. اتي ٻار ڇا سکندا.

”پر شائين، منهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان ته ٻاٿا جو ڇمپل هوندو آهي.” ان ڏينهن اسان جي ماستر منهنجي دوست قلندر کي ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيائينس. جڏهن خوب مار ڏيئي دل ٺريس،

> تڏهن قلندر کان پڇيائين، ”ڪيئن ماڻهين جي پيرن هيٺان ٻاڻا جو چمپل آهي يا بهشت؟“ (جليل، 2010: 97)

ليڪڪ اسڪولن جو ذڪر ڪندي تعليمي نظام ڪي سڌارڻ جي تجويز ڏئي ٿو. ماستر ٻارن جي مستقبل جا ٺاهيندڙ آهي، اهي ئي سندن ذهن کي ڏکن ۾ مبتلا ڪن ٿا. اسڪولن جي ماحول تي ٻارن جي زباني طنز ڪري ٿو. اهو ليڪڪ جو ڏانءُ آهي. جنهن جي ذريعي هو سماج جي ننڍي کان ننڍي ڪردار تي به گهري نظر رکي ٿو.

> ”هڪ ڏينهن قلفيءَ واري کان ٻڌو هئم ته علاوالدين کي ڪيئن نه جادوءَ جو چراغ لڀي ويو هو ۽ پوءِ وٽس دولت جا انبار لڳي ويا هئا. صوبيداريءَ ۾ ادا کي به اهڙو ئي چراغ هٿ لڳي ويو آهي. هر مهيني ڪجهه نه ڪجهه آڻيندو آهي. ڪڏهن ريفريجريٽر، ڪڏهن ريڊيو گرام، ڪڏهن پيانو، ڪڏهن فرنيچر، ۽ ڪڏهن چينيءَ جو سامان ۽ ڪپڙا. ادا ۾ هڪ ٻيو ڦيرو به آيو آهي. سندس رويو ۽ ڳالهائڻ جو لهجو به هوبهو اسڪول جي ماسترن جهڙو سخت ٿي ويو آهي.“ (جليل، 2010: 140)

ڪهاڻيڪار ٻين ڳالهين سان گڏ پوليس کاتي جي ملازم تي طنز ڪيو آهي. ڪيئن نه پوليس وارا ماڻهن کي ڦرلٽ ڪن ٿا. غريب ماڻهن کان رشوت وٺي پنهنجي گهرن جو سک خريد ڪن ٿا. ڪهاڻيڪار ٻار جي زباني سماجي تلخ حقيقتن کي بيان ڪيو آهي. سندس اهو انداز ٻين همعصرن کان منفرد آهي. ننڍڙي ٻار کي جيڪو گهر جو ماحول ملندو اهو ان مان ئي سکندو. تنهنڪري استادن توڙي مائٽن کي گهرجي ٻارن سان هميشه سهڻو سلوڪ رکڻ گهرجي.

**9.** شڪست

امر جليل جي ڪهاڻي شڪست هڪ پروفيسر جي زندگيءَ گرد ڦري ٿي. پروفيسر جيڪو وڏو عالم، وڏو عالم آهي. ماڻهن ۾ امن لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ گهري ٿو. سموري دنيا جي مظلومن جو ذڪر سندس ڪهاڻين ۾ ملي ٿو

> ”سيڪريٽريءَ جي اک تڏهن کُلي، جڏهن هن يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي پروفيسرن، ليڪچرارن، عالمن، اديبن ۽ صحافين کي هال ۾ داخل ٿيندي ڏٺو. خلق ۾ وڏو تعداد شاگردن جو هو. سيڪريٽريءَ ڦڪائي لاهڻ لاءِ ٿنڪرس فورم جي ميمبرن کي چيو هو، يار، مون کي خبر هئي ته اڄوڪو نسل امن لاءِ ايترو آتو آهي.“ (جليل، 2010: 114)

سيڪريٽري ۽ سرڪاري ملازمن تي طنز آهي. جيڪي ملڪ حالتن کان واقف نه آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار عالمي تاريخ کي بيان ڪندي سماج ۾ سڌارو آڻڻ گهري ٿو. پروفيسر جي هڪ غلطي سڄي عمر جي عزت کي پاڻيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. جڏهن وقت جي مشهور طوائف پروفيسر سان ملڻ آئي سندس عزت جو ڇڻ جنازو نڪري ويو.

**10.** ڪينسر

ڪهاڻي علامتي انداز ۾ بهترين آهي. امر جليل سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته جڏهن ڳالهه سڌي چئي نٿو سگهي تڏهن هو علامتي انداز اختيار ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ جي سونهن ويتر تڏهن وڌي ٿي جڏهن هو ان ۾ طنز ڪري ٿو.

”دڪاندار چيو، سخت ڪان سختگير سياستدان جڏهن واڳوءَ جي کل پائي ڏيکاءَ خاطر ماڻهن جي ڏکن سورن ۾ شامل ٿيندو، تڏهن مانگر مڇ يعني واڳوءَ وانگر ڳوڙها ڳاڙي سگهندو، هنجون هاري سگهندو ۽ ماڻهن کان ووٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.“
هڪ ٿلهو متارو غندڻ جهڙو سياستدان مانگر مڇ جي کل وٺي هليو ويو.“ (جليل، 2011: 173)

امر جليل کي سياستدانن کان سخت نفرت آهي. هو پنهنجي دل ۾ ويٺل نفرت ۽ سندن اصلي چهرو ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪين واڳو چئي ٿو. جيڪي ملڪ جي خوشحاليءَ کي ڳڙڪائي ويا آهن. سياستدان جڏهن ووٽ وٺڻ لاءِ غريبن جي اڳيان ڳوڙها ڳاڙين ٿا ۽ پنهنجيون سموريون همدرديو ڏيکارين ٿا. ان تي طنز آهي. سياستدان ڪيترائي روپ ڌاري سماج کي برباد ڪيو آهي.

**11.** پل صراط

امر جليل جي ڪهاڻي سندس بهترين ڪهاڻين ۾ شمار ٿئي ٿي. ڪهاڻي معاشي بدحاليءَ کي بيان ڪرڻ سان گڏ قيامت ۾ پل صراط پار ڪرڻ جي تصور ۾ ڦٽيءَ ۾ مبتلا ڪردارن جي آهي. غريبن جي لاءِ هن دنيا ۾ هر ڏينهن قيامت جي پل صراط پار ڪرڻ جي برابر آهي.

” سوچيم، جيڪڏهن حالتون اهي آهن، ته پوءِ موٽرن واراپل صراط تي اسان کان اڳ نڪري ويندا. مرضي پوندن ته پل صراط تان لنگهڻ بدران، پل صراط جي مٿان هوائي جهاز ۾ اُڏامي ويندا. ٺهڪندڙ سمنڊ ۾ بيدا اوٻاريندا ۽ ترار جهڙي پل صراط سان ڊبل روٽين جا سلائيس ڪپيندا.“ (جليل، 2010: 145)

مذهب ۾ جنت ۽ دوزخ جو تصور آهي. ان تصور ۾ غريب ماڻهو هن زندگيءَ ۾ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪري ٿو. جيئن ته غريبن جي لاءِ هيءَ دنيا ڪا پل صراط کان گهٽ نه آهي. اميرن تي طنز آهي جيڪي قيامت پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڏيڪاءُ ڪن ٿا.

"دوزخ ۾ ويندس جو آسمان تي به چڙ انتير آهي." وراڻيم، " هڪ دفعو رڳو مغز قاڙ، معمي جو صحيح حل نڪرڻ ڏي، پوءِ ويئي تماشا ڏسجانءِ. هڪ مسيت ٺهرائيندس، به حج ڪندس، پنجن فقيرن کي هڪ ويلو ماني کارائيندس، پوءِ ڪيئن ۽ چو دوزخ ۾ ويندس." (جليل، 2010: 136)

پل صراط پار ڪرڻ جي لاءِ انسان ڪيترا جتن ڪري ٿو. ان کي دنيا جي ٺيڪيدارن بئي تصور ۾ ورتو آهي. هڪ ٽپاليءَ جي ڪردار جو سمورو گهر پل صراط پار ڪرڻ جي ڳڻتيءَ ۾ مبتلا آهي. چڙ هو پل صراط جي ڪناري تي ويٺل آهن. سندن سموري زندگي چڙ پل صراط آهي. هتي ڪردار زندگيءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجندي زندگيءَ جي سکن کان محروم، نماڻا آهن. امر جليل پنهنجي ڏانءُ جي ذريعي مذهب جي نازڪ موضوع کي کل پوڳ واري انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ڪردار جا مڪالما جاندار آهن. ڪهاڻيڪار جو مقصد آهي ته غريب جي سموري زندگي پل صراط پار ڪرڻ وانگر گذري ٿي. ان ۾ جيڪڏهن هو قيامت ۾ پل صراط جي ڳڻتي ڪندو ته سواءِ اذيت جي ڪيس ڪجهه پلئه نه پوندو.

**12**. زندگي ۽ زهر

گهٽ آمدنيءَ تي گذارو ڪرڻ وارا جيڪي هميشه سکي زنگي گذارڻ جا خواب ڏسن ٿا. ڪهاڻيڪار غربت ۾ مبتلا ڪردارن جي تصوير پيش ڪرڻ لاءَ ڪلارڪن جا ڪردار پيش ڪيا آهن. آمدني ڪيتري به هجي خواب ته هر انسان ڏسي سگهي ٿو. انهن خوابن کي حقيقت ڪرڻ لاءِ سندن سموري زندگي گذري وڃي ٿي. امر جليل انهن پڙهيل نوجوانن تي طنز ڪري ٿو. جيڪي تعليم يافته هئڻ باوجود به پهنجي حقن جي ڄاڻ نٿا رکن.

"ويهندي چيم، " اسان جو مستقبل بيلٽ باڪس ۾ ووٽ وجهڻ، مانيءَ جي ڳولا ڪرڻ ۽ هڪڙي ڏينهن ڪنهن اسپتال ٻاهران مرڻ آهي." (جليل، 2014: 48)

ڪهاڻيڪار ان طنز جي ذريعي نوجوانن ۾ شعور آڻڻ گهري ٿو. پنهنجي بنيادي حقن کان ڪين واقف ڪرڻ چاهي ٿو. پنهنجو قيمتي سرمايو ڪوڙن آسرن تي ڏيئي هميشه مانيءَ ڳپي لاءِ پريشان رهن ٿا. ڪردارن جي اذيت جي ذريعي هو سماج جي تلخ حقيقت بيان ڪري ٿو.

## 13. منهنجو پٽ مهدي

جڳ مشهور ڪهاڻي پنهنجي اهميت جي حامل پاڻ آهي. ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين تي طنز ڪيو آهي. سيٺين، پوليس وارن، مولوين تي سخت طنز آهي. معاشي بدحاليءَ جا ٺيڪيدار به اهي ئي آهن. سندن ظلم جو نشانو وڏا توڙي ايندڙ نسل به ٿئي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ڪيترن سماجي عنصرن تي چٿر نظر اچي ٿي. پوليس وارا ڪيئن هڪ اخبارون وڪڻڻ واري کي پريشان ڪن ٿا.ڪيئن رشوت لاءِ ماڻهن کي پريشان ڪن ٿا. ڪهاڻيڪار جي سوچ جي انتها جي خبر تڏهن پئي ٿي جڏهن هو سخت پريشانيءَ واري ماحول ۾ به ڪردارن کي صابرين پيش ڪري ٿو. ڪردارن جي بيوسي ڏسي انهن سان همدرديءَ وارو جذبو پيدا ٿئي ٿو.

”آخرچا پيو ڪرين؟“ حميدان جي آوازن تي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو، ”انتظار پيو ڪيان.“
”ڪنهن جو ؟“
”داڻي جو “
”داڻي جو ! “ حميدان ڪان چرڪ نڪري ويو. پڇيائين، ڇا جو داڻو، ڪهڙو داڻو !“
وراڻيم، ”مان ان جي داڻي جو انتظار ڪري رهيو آهيان، جنهن تي تنهنجي ۽ منهنجي ۽ مهديءَ جو ٻُپو لڳل هوندو.“ (جليل، 1998: 94)

ڪهاڻيڪار هٿ تي هٿ رکي ويهڻ وارن تي طنز ڪري ٿو. دنيا ۾ ڪيترا ڏنڌا آهن. جيڪي محنت ڪش آهن. نصيب جو داڻو حاصل ڪرڻ لاءِ ئي انسان ايتري جدو جهد  ڪري ٿو. پوليس وارن کي رشوت جي ڳڻتي آهي. سيٺ کي پنهنجي ووٽن جي ڳڻتي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ سيٺين تي تنقيد به آهي. جيڪي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ غريبن وٽ وڃن ٿا.

طنز جي ذريعي امر جليل سماج جي خوبين خامين کي سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. هاڻي پڙهندڙن تي منحصر آهي ته هو طنز کي پنهنجي ترقيءَ لاءِ سمجهن ٿا يا ان کي طنزليءَ طرف ڌڪڻ جو سبب سمجهن ٿا.جنهن سماج ۾ طنز قبول نه ڪيو ويندو ان کي اسان بيمار سماج چونداسين. ڪو به شخص يا سماج جيستائين پنهنجي لاءِ طنز کي قبول نه ڪندو ايستائين اهو ڪڏهن به اڳتي نه وڌي سگهندو.

عام ڳالهايل طنزيا جملو فقط هڪ شخص تائين محدود هوندو آهي. ڪهاڻيڪار جڏهن ان کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي زينت بنائي ٿو، ان طنز جي ذريعي ڪيترائي انسان سماجي نا انصافين کان واقف ٿين ٿا. امر جليل ڪنهن هڪ شخص تي طنز نٿو ڪري بلڪه سماج ۾ جتي ڪيس ڪا اوڻائي نظر اچي ٿي ان جي اصلاح ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌي سماج ۾ هن وقت به طنز کي پنهنجي

لاءِ بيعزتيءَ جو سبب سمجهيو وڃي ٿو. هاڻي ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته اسان طنز کي کهڙي نموني پيش ڪيون ٿا. ائين نه ٿئي طنز جي ذريعي ڪنهن انسان جي دل آزاري ٿئي. طنز فقط اصلاح خاطر هجي. جڏهن اسان طنز کي دل سان قبول ڪيو، ان وقت سمورو سنڌي سماج صحيح معنيٰ ۾ اشرف المخلوقات ٿي پوندو. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ موقعي آهر طنز نظر اچي ٿو.

## امر جليل جي ڪهاڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو ٺُز واهپو ۽ محاورن جو استعمال

امر جليل جون ڪهاڻيون ٻوليءَ جي حوالي سان اعليٰ مقام رکن ٿيون. پاڻ جيئن ئي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين سندس قلم ڪيترائي رنگين موضوع ۽ لفظ تحرير ڪري انهن کي اعليٰ مقام تي پهچايو. هن لفظن کي اهڙي نموني استعمال ڪيو عام لفظ به ڪنهن موتيءَ وانگر نظر اچي ٿو. ائين لڳي ٿو ته لفظ سندس سامهون هٿ ٻڌي بيٺا هجن. هو ضرورت ۽ خواهش جي مطابق انهن جو استعمال ڪري ٿو. جنهن لفظ کي وٽيس جتي ۽ جيئن استعمال ڪري يا جنهن کي چاهي مرضيءَ مطابق تبديل ڪري ٿو. هو فقط لفظ شناس نه پر لفظ گر آهي. سندس فڪر خيال جي ان سطح کي ڇهي وڃي ٿو. جتي خيال پنهنجي شڪل خود اختيار ڪري ٿو، ۽ ضرورت جي مطابق رائج شڪل، ترڪيبون ۽ معنيٰ تبديل ڪري ٿو ته سندس ڳُوڙها خيال ۽ سوچ ڪنهن به ٺهيل ٺڪيل قاعدي قانون جا محتاج نٿا رهن. بلڪه زبان ۽ لفظ ان جا تابع ٿي وڃن ٿا.

امر جليل تخليقي ذهن رکندڙ ليکڪ آهي. سندس تخليقي تجربو مروج لفظن جو محتاج نه آهي. هو لفظن ۽ محاورن جو بادشاهه آهي. هو لفظن جي ڏور کي هميشه پنهنجي هٿ ۾ رکندو آهي. انهن کي پنهنجي مرضيءَ سان ڍُڪائي، روڪي يا ڪنهن ٻي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. امر جليل وٽ هر لفظ چڻ تسبيح جي داڻن وانگر پوئل نظر اچي ٿو. ائين هرگز نه آهي ته امر جليل نج سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي. نج سنڌي ٻوليءَ سان ڪٿي ڪٿي ضرورت آهر موقعي ۽ مناسبت جي لحاظ کان ماحول ۽ ڪردارن جي مطابق ٻوليءَ جو استعمال تبديل به ڪري ٿو. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ اسان کي گهٽو ڪري نج سنڌي لفظ ملن ٿا. ڪهاڻي " منهنجي موهن جو دڙو" ۾ لفظن جو استعمال هيئن ڪيو آهي.

> "چوڻ چاهيم، تاج محل دل هجي ها، پڇي پوي ها، جٺاءُ نه ڪري ها، جيڪي چوڻ چاهيم، چئي نه سگهيم. لفظ ڪروڏ جي پنيٺ ۾ پسم ٿي ويا." (جليل، 2010: 25)

هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪوڙ سارا اهڙا لفظ ملندا جيڪي سنڌي آهن. ڳالهايا وڃن ٿا. سنڌس ٻوليءَ سان محبت جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ٻين ليکڪ وانگر سندس اسلوب سان گڏ لفظن جو استعمال به جدا آهي. هو وک وک سوچي سمجهي کڻڻ جو عادي آهي. ڪٿي به تر جيترو وٿي نٿو ڇڏي جتي ڪيس شرمندگي ٿئي. ڪهاڻي " سچل سرمست TROUBLE ۾" لفظن جو استعمال

"ٻه اچن اُجرن ڪپڙن سان قداور، ٿلها، ۽ ٽڪڻ وٿان گنجا شخص ٽنڊي جي مشهور هوٽل ڪيفي ڪنگال ۾ لنگهي آيا. ٻئي پنجاهه جي لڳ ڀڳ هئا ۽ وٽيل سٽيل هئا. ٻاڪڙي ۾ ويٺل گراهڪ سندس شخصيت کان بيحد متاثر ٿيا." (جليل، 2010: 33)

ڪهاڻي "ڇتي ڪتي جو موت" ٻين ڪهاڻين وانگر هن ڪهاڻيءَ ۾ به امر جليل جي لفظن جو استعمال بهترين انداز ۾ ٿيل آهي.

"ڪوهيڙي جي پڙدن مان ڏوڪي ايندڙ رڙيون، واڪا ۽ پڇڻ ڊڪڻ جا آواز ڊِرا ٽيڻ لڳا. ٿوري دير ڪانپوءِ سموري پاڙي ۾ ماٺ ڇائنجي ويئي." (جليل، 2014: 96)

امر جليل لفظن جو انتخاب نٿو ڪري بلڪ ماحول، جذبات، احساس ۽ صورتحال جي مطابق لفظ خودبخود وجود ۾ ايندا وڃن ٿا. تنهن ڪري وٽس ڪڏهن به لفظن جي ڪمي نٿي ٿئي. سندس قلم مان لفظ اڻ ڳٽيل موتين وانگر تجلي ڏيندا نڪرندا اچن ٿا. هو جنهن لفظ کي جنهن معنيٰ لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ڪري ٿو. وٽس ڄڻ لفظن جي کاڻ آهي. جنهن مان پڇي راس ٿي وٽس پهچن ٿا ۽ هو انهن کي جيئن وڻي ٿو استعمال ڪري ٿو. مثال طور، " دوکو، ڦٽڪي، ڏٻڻ، ملول، اوجهل، ڪڙڪ دئوس، جڳ، گنجا، ٽڪڻ، چيڪاٺ، ڦهر، ڪنبيل، ڦوٽاري، آڪڙ، مَرُ، ٽيپ، آڏي پچا، آڙيڪاپ، چرٻٺ، چينو، گڏهه، ڏاند، ٻڪر، ڳنپير، پوڪ، پسم، لپاٺ، اُلر، رَن، گڙنگ، اکن چڪن، مسيت، ۽ ٻيا به ڪيترائي لفظ سندس ڪهاڻين ۾ اسان کي ملن ٿا. عام لفظ به سندس ڪهاڻيءَ ۾اچي معنيٰ جي لحاظ کان هڪ خاص معنيٰ ۾ اچي وڃن ٿا. امر جليل سنڌي لفظن کي ڪردارن ۽ سندس لهجي مطابق استعمال ڪيو آهي. ڪهاڻين ۾ به جي ڪردار پڙهيل آهي ته هو انگريزيءَ جا لفظ سهڻي نموني استعمال موقعي آهر استعمال ڪري ٿو. ڪهاڻي " گامون سچار جو انٽرويو" ۾ سيٺ جو ڪردار جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿو.

" سنڌي ماڻو،" سيٺ ٻئي ٻانهون ٽيبل تي رکي اڳتي جهڪي آيو،
" ڪم ڪرڻ جي نيت آئي؟"
" ها سائين، چو نه آهي."

” هي جمانو آئي اشڪول جي پڇا لوگ جو، ” هن مون کي سمجهائڻ شروع ڪيو، ” ني تون هين ڪر. فشٽ نمبر پڇي جو انٽرويو ڳني اچ. سمجهين، ڪرو؟” (جليل، 2011: 64)

اخبار جو ايڊيٽر جيڪو ڪاٺياواڙ جو رهاڪو آهي. سندس ٻولي به اها آهي، جيڪا عام طور تي ڪاٺياواڙي ماڻهو ڳالهائين ٿا. مڪالما مان ڪردار جو رويو به صاف نظر اچي ٿو.ڪهاڻي ” بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو” ۾ ڪردار جي مڪالما سندس شخصيت کي واضح ڪري بيهارين ٿا.

”اڙي تون پڙيلو آئين، گهانچي، ڪانا ڪراب؟” جانو حيرت مان گهانچيءَ ڏانهن ڏٺو.
هانا. مسٽر ڪانا ڪراب اشڪول کان راشٽيڪيٽ نا ڪري ته ولا آئون ماٽرڪ ڪران ها.” (جليل، 2012: 158)

ڪهاڻي جتي فني خوبين سان ٿمٽار آهي، اُتي ڪردارن جي مطابق ٻولي پڻ تبديل ٿئي ٿي. ائين هر ڪردار جڻ پڙهندڙ جي اکين آڳو اچيو بيهي ٿو. جانو جو ڪردار مڪراني آهي ته ٻولي به اها ئي ڳالهائي ٿو.

امر جليل ڪهاڻيءَ جي فضا، ماحول، ڪردار ۽ موضوع جي مطابق ڏانءُ اختيار ڪري ٿو. سندس هر ڪردار ماحول، طبقي ۽ مزاج مطابق ڳالهائي ۽ عمل ڪري ٿو. هو ڪٿي به ڪيس پنهنجو تابع نٿو ڪري. هو پنهنجي ماحول مطابق ڳالهائين ٿا. مثال طور هڪ بدمعاش جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿو.

امر جليل مڪالمن ذريعي پڙهندڙن کي سوچ ۽ فڪر ڏئي ٿو. ڪردارن جي واتان هو هڪ پيغام پهچائي ٿو. پڙهندڙن کي ملڪ جي سياسي، سماجي مسئلن کان آگاهه ڪرائي ٿو. جڻ اچڻ واري خطري کان باخبر ڪري ٿو. بظاهر رومانوي نظر اچڻ واري ڪهاڻيءَ ۾ به سندس فڪر صاف نظر اچي ٿو. ” هڪ دل جي اڪيلائي” ۾ به پيار ڪرڻ وارا جڏهن گهٽي عرصي کان پوءِ پاڻ ۾ اچانڪ ملاقات ڪن ٿا. سندن گفتگو ۾ ڪجهه هي انداز آهي.

”نرگس پڇيو، ڇا ڪندو آهين،”
”مان ڏاند آهيان” وراڻيم، ” ملڪ جو اقتصادي ۽ معاشي گاڏو گهليندو آهيان”
”ڇا” هوءَ حيرت وچان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. ” گذريل ڏهن سالن” ۾ ملڪ جيڪا وهشت انگيز ۽ دهشت انگيز ترقي ڪئي آهي، مان ان ترقيءَ جو سبب آهيان.” (جليل، 1998: 57)

جڏهن سماجي نا برابري ڏسي ٿو ان کي به ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ اسان تائين پهچائي ٿو. سنڌ جي معاشي حالت جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

” حياتي وهه وٺو آهي“ ۾ مسلمانن جو جيڪو هندن سان رويو آهي ان جي چٽي تصوير پيش ڪئي اٿس.

”فضلوءَ مون کي ڌڪو ڏيئي پري ڪري ڇڏيو، ۽ جوهه وجهي دولترام ڏانهن ڏسڻ لڳو.
”تون پاڪستان مان هليو ڇو نٿو وڃين، بزدل واڻيا،“ فضلوءَ دولترام کي چيو، ”هيءَ ملڪ اسان مسلمانن لاءِ آهي. تون ڪافر آهين. هندو آهين. تون هندستان ڇو نٿو وڃين؟“
دولترام جي اکين ۾ لڙڪن جو سمنڊ ڇوليون هڻڻ لڳو. چيائين، ”سنڌ ديس جي ڌرتي منهنجي ماءُ آهي. مان ماءُ کي ڇڏي ڪيڏانهن ويندس.“
”مان تنهنجي ماءُ کي منهن ۾ ٿڪ ٿو هڻان.“ فضلوءَ ڌرتيءَ تي ٿڪ اڇلائيندي چيو.“ (جليل، 1998: 89)

هر ڪهاڻي لفظن مڪالمن سان گڏ هڪ جيئري جاڳندي تاريخ آهي. ڪنهن هڪ موضوع کي وٺي ڇهڻي پوڻ وارن مان نه آهي. جڏهن به ڪنهن واقعي يا ڳالهه تي سوچي ٿو ۽ سماج ۾ ظلم جڏهن پنهنجي انتها تي پهچي ٿو تڏهن امر جليل جو قلم بنا ڪنهن خوف جي حقيقت کي بيان ڪري ٿو. سندس هڪ خوبي اها به آهي ته هو سماج جي وڏي کان وڏي ۽ ننڍي کان ننڍي ڳالهه تي غور ڪري ٿو. سندس نظر ۾ ڪا به ڳالهه غير ضروري نه آهي. ڪهاڻي ” محرم علي“ ۾ سياستدانن تي طنز کي ڪجهه هن انداز ۾ بيان ڪري ٿو.

”يار تون ابتيون صلاحون پيو ڏئين،“ محرم عليءَ چيو، ڪا سنئين سڌي صلاح ڏي،“
”ته غور سان ٻڌ.“ چيم، ”سياست ۾ ڪاهي پئه.“
”سياست ۾ ڪاهي پوان! مان؟“
”ها، تون.“
”پر مان ته ٻه درجا به پڙهيل نه آهيان.“
”ان لاءِ علم جي ضرورت نه هوندي آهي.“ چيم، سچ پڇين ته محرم علي. تو جهڙا ماڻهو سياست ۾ ڏاڍا ڪامياب ٿيندا آهن.“
”يوڳ نه ڪر، يار “
”يوڳ نه ٿو ڪريان.“ چيم، ”تون ڇوٽ ۾ ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏ.“
محرم علي سوچ ۾ پئجي ويو.
مون چيو، ”پر پارٽي مضبوط ۽ طاقتور هئڻ گهرجي. ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ پير رکڻ نه گهرجي .“
محرم عليءَ مون ڏانهن ڏٺو.

”مون چيو، “۽ پوءِ تو کي قومي يا صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ لاءِ چوندبڻ لڙڻ جي تياري ڪرڻ گهرجي.“
محرم عليءَ هٻڪندي هٻڪندي پڇيو، ”مون ٻڌو آهي، چوندبن جي چڪر ۾ قارون جا خزانا به ختم ٿي ويندا آهن؟“
”ها، ائين برابر آهي.“ چيم، ”تون سياست ۾ اچڻ ڪانپوءِ جڏهن ماڻهو نه رهندين ۽ ليڊر ٿي پوندين، تڏهن به _ چار بنگلا تي تڙي ڪڙي نهرائي سگهندين ۽ ٻه _ چار موٽرون به در تي بيهاري سگهندين.“ (جليل، 2014: 37)

سندس اها ئي خوبي آهي، جو هو نهايت باريڪ بينيءَ سان سياستدانن جي چهري تان نقاب لاهي ٿو. کين آئينو ڏيکاري ٿو. طنز جو انداز به وٽس ٻين ليکڪن کان منفرد آهي. سندس مڪالما ڪردار ۽ ماحول جي مطابق آهن. پنهنجي سوچ جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ جيڪي ڪردار پيش ڪري ٿو. اُهي معاشري جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن. ” ساڻو ساڻو ساهه“ ۾ يونيورسٽيءَ جي ماحول جو هوبهو نقشو چٽيو آهي.

”تون فقط منهنجا آنڊا ڪڍي سگهندين، قاسم.“ مجيد پڳل ٹُٽل لهجي ۾ چيو، ”پر، تون تاريخ جا آنڊا ڪڍي نه سگهندين. تاريخ تنهنجا آنڊا ڪڍي ڇڏيندي.“ (جليل، 2014: 67)

سندس ڪردار همت هارڻ وارا نه آهن. هو مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ وارا گهٽ ٻوسٽ واري ماحول کان بيزار ۽ غلاميءَ جي زنجير کي ٽوڙڻ وارا آهن. سندس ڪراچي يونيوسٽيءَ جي دور دوران رياستي ادارن جي ٿيل نا انصافين جي تصوير چٽي آهي. سندس ڪهاڻين ۾ عورت کي اعليٰ مقام ڏنل آهي. عورت هميشه قربانيءَ جي علامت آهي، سندس حصي ۾ ڏک، تڪليفون، قرباني، بيوسي، مجبوري ۽ لاچاري آهي. امر جليل پنهنجي ڪهاڻين جي لاءِ لکي ٿو ته:

”مان بنيادي طرح رومانٽڪ ليکڪ آهيان. پر، منهنجيون ڪهاڻيون ۽ ناول، ”نيٺ گونگي ڳالهايو“ سياسي پسمنظر ۾ لکيل آهن.“ (جليل، 2012: 22)

امرجليل ڪهاڻين ۾ رومانويت کان وڌيڪ سياست جي ذريعي ٿيندڙ ظلم کي نروار ڪيو آهي. ”هڪ دور جو ماتم“ ۾ عورت جي ڪردار جي عظمت هن ريت پيش ڪئي آهي.

”پڇيومانس، ”نالو ڇا اٿس؟“
ٻار کي مٿي ڏيندي وراڻيائين، ”نالو اٿس _ هيمو ڪالاڻي.“
هڪ مسلمان ڇوڪري پنهنجي ٻار جو هيمو ڪالاڻي رکي!

ايڏي همت ٻئي ڪنهن مرد يا عورت ۾ نه سنڀران.
چيم، "عظيم آهين، شميم!"
وراڻيائين، "مان سنڌو درياهه جو وهڪرو آهيان، وهان پيئي. هڪ ڏينهن غمن جي سمنڊ ۾ گم ٿي ويندس." (جليل، 2014: 118)

سندس نظر ۾ عورت پختي ارادن جي مالڪ آهي. هوءَ جبلن کي به جهڪائڻ ڄاڻي ٿي. تنهن ڪري سندس ڪردارکي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي. "هن ڄار ۾" هڪ وڏيري جي سوچ کي ڪجهه هيئن بيان ڪيو آهي.

"مان انگريز عورت جون ٽنگون گهوريندو رهيس ۽ مڇ مروڙيندو رهيس. مان سنڌ جو وڏو زميندار آهيان، ان ڪري مڇ به وڏي رکندو آهيان." (جليل، 2012: 81)

امر جليل پنهنجي ڪردارن جي لاءِ شوخ ۽ سينگاريل لفظن جي چونڊ ڪري ٿو. جيڪي سندن ماحول ۽ مزاج مطابق هوندا آهن. هو منجهيل صورتحال کي نهايت سهنجي انداز سان بيان ڪرڻ ڄاڻي ٿو. ڇو ته ڪيس خبر آهي ڪهاڻيءَ کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪهڙو اسلوب اختيار ڪرڻو آهي. ان مقصد جي لاءِ ڪڏهن تشبيهه، استعاري، ڪڏهن علامتي، ڪڏهن راز، ڪڏهن فلسفياڻي، ڪڏهن حڪمت، ڪڏهن نصيحت ۽ ڪڏهن بلڪل سادن جملا جن ۾ انتهائي گهريون حقيقتون واضح هونديون آهن. پاڻ سان پيش ايندڙ ۽ سماجي واقعن کي ان انداز ۾  پيش ڪري ٿو. سندس ننڍا ننڍا جملا جن ۾ غضب جي گهرائي آهي. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ مڪالما بظاهر سادا معمولي ۽ عام هوندا آهن. اُن جي معنيٰ گهري هوندي آهي. سندس انداز بيان عام نه آهي. ڪهاڻين جي مڪالمن جي ذريعي پڙهندڙن تائين شعور جي لاٽ پهچائي ٿو. ڪهاڻيءَ جا مڪالما پڙهندڙ تي طاري ٿي وينداآهن. هو ان جذبي جو قدر ڪندي ڪهاڻيءَ کي انجام تائين رسائيندو آهي. امر جليل جو نالو ڪنهن به شخص جي لاءِ اوپرو نه آهي. سندس ڪهاڻيون  اڄ به ايتري چاهه سان پڙهيون وڃن ٿيون.

امر جليل کي مڪالما ٺاهڻ ۾ وڏي مهارت آهي. هو فقط مڪالمن ۾ فصاحت کي نٿو ڏسي. بلڪه لفظن کان به ڪيترا ڪم وٺي ٿو. جملو ڪهڙي صورتحال لاءِ آندو ويو آهي. اهو پوري ڪيفيت سان مشابهت رکندو هجي. لفظن جو انداز نهايت چست هوندو آهي. اُهي لفظ ئي ماحول، فڪر، ڪردار يا واقعي کي روح جو پابند ڪري، لفظ منتخب ڪري ٿو. پوءِ ان مجموعي کي مڪالمن لاءِ ڪم آڻي ٿو. سندس مڪالما عام آهن. امر جليل جي معنيٰ، ترتيب ۽ لفظن جي ترڪيب منفرد آهي. نج سنڌي لفظن جي ترتيب سندس ڪهاڻين ۾ گهڻي انداز ۾ نظر اچي ٿي. سندس هڪ جملو ٻئي جملي سان ڳانڍاپو رکي ٿو. مڪالمن جي ترتيب جي ڪري ڇڻ ڪهاڻيءَ کي چار چنڊ لڳيو وڃن. پاڻ جملن

ڪي اهڙي انداز ۾ ختم ڪري ٿو، جو انهن جو تاثر پڙهندڙ تي گهڻي عرصي تائين رهي ٿو. ساڳئي مهارت سندس پيراگراف ۾ به آهي. ڳالهه هڪ پيراگراف کان ٻئي تائين پنهنجو تاثر قائم رکندي اڳتي وڌي ٿي. امر جليل وٽ نج سنڌي لفظن جو استعمال ملي ٿو. انهن لفظن لفظن جي ذريعي ئي سندس مڪالما سهڻا ٿين ٿا.

**امر جليل جي ڪهاڻين ۾ بياني انداز**

امر جليل جون گهڻي انداز ۾ ڪهاڻيون ضمير متڪلم واري انداز ۾ لکيل آهن. جنهن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ پاڻ هڪ ڪردار جي حيثيت ۾ موجود هوندو آهي. سندس ڪجهه ڪهاڻيون بياني انداز ۾ آهن. پنهنجي ضمير متڪلم واري ڪهاڻين جي لاءِ پان لکي ٿو ته:

> "هر ليکڪ کي لکڻ لاءِ پنهنجو ڏانءُ ۽ اظهار جو طريقو هوندو آهي. مان ضمير متڪلم (First Person singular) وڌيڪ ڇٽائيءَ سان لکي سگهندو آهيان. ضمير متڪلم ۾ لکندي ڪهاڻين جا ڪردار مون کي واضح نموني نظر ايندا آهن. مان سندس آواز ٻڌي سگهندو آهيان. سندس باطن ۽ ظاهر جو جائزو وٺي سگهندو آهيان. اهو ئي سبب آهي جو مون اڄ تائين ذري گهٽ سموريون ڪهاڻيون ضمير متڪلم ۾ لکيون آهن." (جليل، 2013: 20)

بياني انداز جي صورت ۾ هيءَ خوبي هوندي آهي ته ليکڪ واقعن، تفصيلن، شخصيتن، نفسيات ۽ فلسفي تي هڪ سرسري نظر وجهندو آهي. ان لاءِ هو نهايت گهري نظر سان هڪ ئي دفعي ۾ باريڪ باريڪ ڳالهين کي ڏسي سگهي ٿو. ان کي بيان ڪرڻ لاءِ ان کي موقعو يا ماحول ٺاهڻو نه پوندو آهي. بياني ۾ ليکڪ قصو بيان ڪندڙ هوندو آهي ۽ پرکيندڙ به هوندو آهي. بياني انداز ۾ ليکڪ اڇڻ واري خطري، خوشي، غم کان آگاهه هوندو آهي. تنهنڪري "ڌرتيءَ جي ڌوڙ، آسمان جا تارا" جي عنوان، موضوع ۽ ٽيڪنيڪه ۾ هڪجهڙائي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هم آهنگي آهي جيڪا آخر تائين رهي ٿي شروعات ۾ ئي موضوع ڪهاڻيءَ ۾ داخل ٿي ويو. امر جليل جيئن ته گهٽ لفظن ۾ وڏي ڳالهه چئي وڃڻ جو عادي آهي. تنهنڪري هو بياني انداز ۾ باليءَ جي ڪردار جي سچاٽپ هن انداز ۾ ڪرائي ٿو.

> "هوءَ جهنگلي گل هئي. جنهن به هٿ وڌايو، زخمي ٿي موٽ ڪاڏي. هوءَ آدم کان هوا جو انتقام هئي. سندس ڪم هو صبح کان شام تائين ڪارا ٺاهڻ. شام جو جڏهن به ڪارا ڪٽي وڪڻڻ لاءِ نڪرندي هئي، تڏهن سڄي ڏينهن جوتڪ لاهڻ لاءِ هوءَ پنهنجي جسم کي ڪاريهر جهڙا ڪَر ڏيندي هئي." (جليل، 2012: 50)

ڪهاڻي سڌو پيرن تي طنز آهي. سندس چهري تان نقاب لاهي ڪين سهڻي لفظن سان آئينو ڏيکاريو آهي. هو پلي پڙهي اڳتي نڪرن مگر سندن اندر جو شيطان ڪڏهن به ڪين سک جو ساهه کڻڻ نٿو ڏئي. ڪهاڻيءَ ۾ پيرن جي چالاڪين تان پردو کينو آهي. نج ٻولي ۽ مڪالمن ڪهاڻيءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. پيرن جي منهن تان عزت ۽ عظمت جو چڙهيل پردو مڪالمن جي ذريعي لاهي ٿو. سندس نفسيات کي کلي بيان ڪيو آهي.

امر جليل افسانوي ادب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس بياني انداز ۾ ليکڪ ڪهاڻين ۾ به سندس ڪردار ڳالهائين ٿا. پاڻ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي پڙهندڙ سان واقفيت ڪرائي ٿو ۽ اڳتي سموري ڳالهه ڪردارن جي واتان ۽ پنهنجا تاثرات بيان ڪرائي ٿو. سندس ڪهاڻيون بياني انداز ۾ هجن يا ضمير متڪلم ۾ سندس ڪهاڻين ۾ ڪردار ڳالهائين ٿا. ڪهاڻي "رڃ" ۾ ماستر پنهنجي دل جو اظهار هن طرح ڪن ٿا. هو ڪيئن پاڻ ۾ بحث ڪن ٿا. ماستريءَ جي ڏندي ۽ سندن گهٽ آمدني ۽ سندن خيالات ڪهڙي نه خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي. خوني رات، ۾ صدين کان هلندڙ جهيڙن کي بيان ڪيو آهي. سنڌي قوم جي هڪٻئي کان نفرت ۽ پلهءُ ونڻ واري عادت جي گهرائيءَ کي سادي اسلوب ۽ وڻندڙ لفظن، تشبيهه ذريعي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي. سنڌين جي پاڻ ۾ دشمنيءَ کي بيان ڪندي، جڏهن هو ڪين متحد ڪرڻ گهري ٿو. تڏهن ڪين پنهنجا ڏاريا دشمن ماري مات ڪرڻ طرف اشارو ڪري ٿو.

"اوندهه اسان کي انڌو ڪري ڇڏيو آهي." جمال چيو." (جليل، 2010: 61 )

هتي اوندهه مان ليکڪ جي مراد اجاين فسادن ۽ جهيڙن ڏانهن آهي. ابوجهه ڳوناٽن ۾ شعور آڻڻ ۽ ڪين طرقيءَ جي راهه تي وٺي هلڻ چاهي ٿو. هڪٻئي سان دشمني نپائڻ جي بدران هو ڪين سندن خلاف ٿيندڙ سازشن ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. اڳتي سندس گفتو آهي.

"اسان ٻئي دنيا جي هر آفت کان ڏاڍا آهيون." (جليل، 2010: 61 )

ڪهڙا مسئلا ۽ ڪيئن شروع ٿين ٿا. انهن جي ڪري نفرت ۽ ڪروڌ کي مختلف ڪردارن جي واتان ڳالهرايو آهي. سنڌين جي جهيڙن جا سبب فصل ساڙڻ، سکن جو تڪرار، هڪٻئي کان خانداني ۽ زمينن تان مسئلا، خون ڪرڻ جهڙن مسئلن تان پردو کنيو آهي. سنڌين جي نفسيات کي خوبصورت نموني ۾ چٽيو آهي. انهن مان نڪري ڪين اتحاد سان دشمن ماري مات ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي صلاح ڏئي ٿو. ساڃن منهنجو دوست، ۾ سماج مان برائي ختم ڪرڻ ۽ سچ ڳالهائڻ جي سزا کي ۽ ساڃن جي شخصيت جو تعارف ڪرائيندي لکي ٿو ته؛

”(ليڪ ۾ اهو لکيل نه هو ته سياستدان به ملڪ جي نوجوانن سان خطرناڪ راند کيڏندا آهن.) مراد ڪاسائيءَ ساجن کي اها تصوير ڏيکاريندي پڇيو هو، ” هن کي سڃاڻين!“
”ڪو مردود آهي. يار هٽيس گولي.“ ساجن لاپرواهيءَ سان وراڻيو هو.
”اڙي پاڙيا تون آهين.“ مراد ڪاسائيءَ کيس ٻڌايو هو. ساجن کي پنهنجي شڪل به ياد نه هئي. ڪڏهن ڪڏهن لاپرواهيءَ سان پاڻ کي لال خان پان واري جي آئيني ۾ ڏسي وٺندو هو.“ (جليل، 2010: 151)

معاشري کي بگاڙڻ وارو ڪردار مراد ڪاسائي ۽ ٻئي طرف ساجن جو ڪردار ظلم برداشت ڪرڻ وارو ڪهاڻي بياني انداز ۾ ظلم جي خلاف آواز اٿارڻ لاءِ سهڻن مڪالمن جي ذريعي اڪساهي ٿي. ساجن جو چپن تي هٿ رکي مترڪي کي خاموشي ڪرائڻ، نوريءَ کي پيڻ چوڻ، مستري رمضان جي جملن جو ساجن کي غيبي مترڪن سان ڪٽڻ، اهڙن خوبصورت جملن سان ڳالهه کي بيان ڪري پڙهندڙ جي ذهن ۾ ساجن سان همدردي پيدا ٿئي ٿي. شعور ۽ سوچ رکڻ واري ڪردارن جو انجام صدين کان اڄ تائين ساڳيو هلندو اچي. قربان علي ڪنگلي جو روح، علامتي انداز واري آهي. ٻن روحن جي ڪهاڻي هڪ امير قربان علي ۽ ٻيو غريب قربان عليءَ جو روح آهي. غريب انسان جو روح مرڻ کان پوءِ به هر شيءِ لاءِ سڏين ڪندو رهي ٿو.

”قربان علي ڪنگلي جي روح وراڻيو، ” مان پاڻ سان زمين جو هڪ ٻيو تحفو به کڻي پيو هلان. اهو تحفو اسان جهڙن جي حصي ۾ ايندو آهي. اسين، جيڪي ڏتڙيل جسمن جي پوشاڪ ۾ رهندا آهيون.“
”جلدي ٻڌاءِ.“ عزرائيل جي وڏي ايجنٽ قربان علي ڪنگلي جي روح کان پڇيو، ” جلدي ٻڌاءِ ته زمين جو اهو ڪهڙو تحفو آهي، جيڪو تون پاڻ سان آسمان ڏانهن کنيو پيو هلين.“
”ان تحفي جو نالو آهي. غم.“ قربان علي ڪنگلي جي روح چيو، ”مان پاڻ سان غمن جا انبار کڻي ستين آسمان جي سفر تي هلي رهيو آهيان.“ (جليل، 1998: 37)

سيٺ قربان عليءَ جو روح جيڪو موت کان پوءِ به پنهنجي مان مرتبي جي باري ۾ سوچي ۽ ويچار ڪري ٿو. ڪهاڻي شروع کان ڪري تجسس رکي ٿي. غربت، بيوسي، لاچاري ۽ مجبوريءَ کي روحن جي شڪل ۾ پيش ڪري هڪ نئين انداز ۾ ملائڪن ۽ روحن جي گفتگوءَ کي بيان ڪيو آهي. ڪهاڻي امير، غرين طبقي جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار هن دنيا ۾ ته مفلسيءَ جي زندگي گذارين ٿا. مرڻ کان پوءِ به سندن قسمت جاڳي نٿي.

هڪ نالي وارا به انسان جن جي سوچ ۽ عملن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. موضوع، ٽيڪنيڪ، خوبصورت ٻولي منفرد ۽ معياري آهن. ڪهاڻي منفرد بياني انداز جي ڪري ڪامياب گهڻي ڪامياب آهي. شروعات، وچ ۽ موت جي منظر روحن ۽ عزرائيل جي ايجنٽن سان ڳالهه ٻولهه غريب روح ۽ امير روح جي ڪيفيت کي سليس انداز ۾ بيان ڪرڻ ڪري ڪهاڻيءَ کي دل لڀائيندڙ انداز ۾ پهچايو آهي.

بياني انداز ۾ امر جليل جي ڪهاڻي " غلام " طبقاتي فرق تي آهي. امير ۽ غريب جي وچوٽين تي بيٺل سماجي ڍار جي عڪاسي ڪئي آهي.

"بابا." مشتاق پهريون دفعو پيءُ جي اکين ۾ نهاريندي ۾ چيو، "بيڪار مال کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سيٺ صاحب ڪنهن گمنام جاءِ جي ڳولا ڪندا آهن، جتان پوءِ وقت آهر پنهنجو بيڪار مال چمڪائي، سنيگاري، مارڪيٽ ۾ آڻيندا آهن." (جليل، 1998: 82)

موضوع نئون نه آهي. سماجي تبديلين ۽ ضرورتن سان گڏ انساني قدر ۽ سوچ به وقت سان گڏ تبديل ٿئي ٿي. امرجليل جون ڪهاڻيون پنهنجي وقت جي حقيقت بيان ڪندي چڻ اڄ به اسان کي هن دور جو آئينو ڏيکاريندي نظر اچن ٿيون. انسان جي لالچ کي تشبيهه، لفظن ۽ جملن کي ڪردار ۽ ماحول جي مطابق استعمال ڪري ٿو. هر ڪردار کي پنهنجي مزاج مطابق پيش ڪري ٿو. هڪ دولتمند جو عام انسانن سان رويو، مثال طور مشتاق جي زال جو پوڙهي کي جاهل چوڻ، مشتاق جو زخمي ڪيهر وانگر عورت ڏانهن نهارڻ اڳتي مشتاق جي پيءُ جو ڪانئس  سيٺ ولي محمد سندس سهري بابت پڇڻ سندس اسلوب کي نروار ڪري ٿو.

"مشتاق پيءُ جي گهنجيل منهن ۾ ڏسندي وراڻيو، "سيٺ صاحب هر ڪارآمد شيءِ جو قدر ڪندو آهي. هو پنهنجن ٻلٽري ڪتن سان به ڏاڍو سٺو ورتاءُ ڪندو آهي." (جليل، 1998: 76)

امر جليل قصو بيان ڪندي انداز ڏاڍو دلڪش اپنايو آهي. خاص ڪري مشتاق جيڪو ڳالهائي ٿو. سندس ڳالهائڻ سندس تڪليف ليئو پائيندي نظر اچي ٿي. مشتاق پاڻ کي ٿوهر چئي ٿو. سندس ماءُ کي رڌ مغز پيش ڪرڻ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جي وچ ۾ مڪالما خوبصورت انداز ۾ زندگيءَ جي حقيقت جا زنده منظر پيش ڪيا آهن. ڏن جي لالچ تي ڪيئن نه ماڻهون پنهنجو اولاد قربان ڪندا آهن. ازل کان انسان غلاميءَ جي زنجير پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي هلندو آيو آهي. "پڙلاءُ" ڪهاڻي عنوان جي لحاظ کان موضوع جي لحاظ کان ٻين ڪهاڻين کان منفرد هڪ اداڪار جي زندگيءَ تي مبني آهي.

"ڏرتيءَ جي اسٽيج تي اڄڪلهه هڪ هيبتناڪ ڊرامو هلي رهيو آهي، لالا." ساڄن ونگ ڏانهن ڏسندي چيو؛ موت، ظلم ۽ عذاب جو ڊرامو! فن ڪٿي آهي؟ فنڪار ڪٿي آهن؟ اڄ جو فن لاڪپ ۾ آهي، جيل ۾ آهي، جنگ جي ميدان ۾ آهي." (جليل، 1999: 76)

فنڪار جيڪي بظاهر خوش نظر اچڻ وارا سندن زندگيءَ جي حقيقت کي بيان ڪيو آهي. ساڄن جيڪو اسٽيج تي تماشاين جو دل وندرائي ٿو. سندس زندگي ڪيتري مشڪلاتن جو شڪار آهي. ساڄن جو اسٽيج تان لهڻ کان پوءِ روئڻ، اڪيلائپ جو احساس سندس لالا چوڪيدار سان ڪيل گفتگو الماس جي اميري ۽ سندس والد جو شرط بهترين انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ جو موضوع ڪهڙو به هجي. ڪهاڻي ڪهڙي به انداز ۾ بيان ڪئي وئي هجي. ڪڏهن ڪردارن جو انداز ڪڏهن تشبيهه ڪڏهن استعاري پهنجي اسلوب جي ذريعي ڪهاڻيءَ ۾ خوبصورتي پيدا ڪري ٿو. ساڻو ساڻو ساهه ۾ يونيورسٽيءَ جي ماحول جي عڪاسي ڪندي ان وقت ۾ تعليمي ادارن ۾ ٿيل ظلمن جي عڪاسي ڪري ٿي.

"قاسم ڪريلو ۽ سندس نوجوان ڪاموري سان ڳالهائي گڏگد ٿي رهيا هئا. ڪامورو سندس ڪارڪردگيءَ تي خوش هو، ۽ ڪين چئي رهيو هو، "توهين نئين پاڪستان جي نئين سنڌ جو نئون نسل آهيو. اوهين انقلابي شاگرد اسان جي سڀ کان وڏي طاقت آهيو. قوت آهيو. توهان سنڌي اسٽوڊينٽس آرگنائيزيشن کي مڪمل طرح ختم ڪري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي ۽ خاص ڪري اڄ ته توهان ڪمال بهادريءَ جو ثبوت ڏنو آهي. اهڙا جوڌا جوان ورلي پيدا ٿيندا آهن."
ڪريلي خوش ٿيندي چيو، "سائين، اسين اوهان جا ٻانها آهيون."
ڪاموري هڪدم چيو "قاسم تنهنجو هيءُ ٽولو، تنهنجي سربراهيءَ ۾ اسين يورپ جي دوري تي موڪليندا‌سين." (جليل، 2014: 73،74)

تعليمي ادارا جيڪي نوجوانن جي مستقبل جا معمار آهن. جتي انهن جي تربيت ٿئي ٿي. انهن ادارن ۾ شاگردن جي ذهنن کي مفلوج بنائي ڪيئن انهن کي رياستي ادارا پنهنجي مطلب جي لاءِ استعمال ڪن ٿا. اهڙي ماحول ۾ قاسم ڪريلي جهڙن شاگردن جي سامهون هو مجيد جهيڙا دلير ۽ بي باڪ ڪردار پيش ڪري ٿو. ڪاموري جي ٺهڪه ڏيڻ جو انداز، قاسم جو ظالمانه انداز مجيد کي ڪڏهن ڏندا، ڪڏهن منهن ۾ٺڪ هڻڻ پوءِ به مجيد پنهنجي مقصد کان پوئتي هٽي نٿو. سندس ڪردار پڙهيل ۽ باشعور جيڪي گفتگو ڪندي ڪندي شاعراڻو انداز اپنائين ٿا.

”ڇمَر ڇپر پانيان، ڪانيو ۽
ڪارو،
پَٻُ وڄهنديس پُٺِ تي، صبح
سوارو،
وڃڻ مون وارو، ڪين
وهنديس وچ ۾.“
(جليل، 2014: 77)

امر جليل جو بياني انداز هتي ٻين ڪهاڻين کان منفرد آهي. ثريا ۽ مجيد جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿئي ٿي سا شاعراڻي انداز ۾ مجيد شاهه لطيف جي شاعريءَ کي جهونگاري ۽ تڪليف ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ کي جهونگاري ٿو. شاهه لطيف جي شاعري مشڪل وقت ۾ سندن همت ٻنجي ٿي. مٿئين بيت جي معنيٰ آهي، هن جبل جيڏي اٽانگهي پنڌ مان نڪري پار پوندس، مون کي هي رستو ڏکيو نٿو لڳي ڇو ته هاڻي مون کي اڳتي هلڻ جو فڪر آهي. ڪهاڻيءَ جا مڪالما ڪيس عروج بخشين ٿا. مجيد جي ڪردار جي ذريعي هو غلاميءَ جي زنجير پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ تيار نه آهي.

امر جليل جي ڪهاڻي بياني انداز ۾ هجي يا ضمير متڪلم، سندس ڪردار ماحول مطابق چرپر ڪن ٿا. سندن گفتگوءَ جو انداز، صبر، طبعيت سڀاءُ هر ڪهاڻي کي پنهنجو پنهنجو آهي. ڪا به ڪهاڻي جڙتو نه آهي. منهنجو ڏس آسمان کان پڇو، بظاهر رومانوي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار گوتم جو ذهن غلاميءَ کي نٿو قبولي سندس ذهن آزاديءَ جي لاءِ واجهائيندو رهي ٿو. رومانوي انداز ۾ سندس سياسي ۽ سماجي حقيقت کي پيش ڪرڻ جو نرالو انداز آهي. ڪهاڻي ” منهنجو ڏس آسمان کان پڇو“ ۾ سندس انداز هن ريت آهي.

”هو مون کي ڪامريڊ سڏيندو آهي. مان به کيس ڪامريڊ سڏيندي آهيان.“
”حق تي هو توسان مشين گنن، ڦاسي گهاٽن، سياست ۽ موت جي باري ۾ ڳالهائيندو آهي!
”هو باغي آهي.“
”ڪنهن کان باغي آهي؟“
”گوتم سموري سماجي ۽ سياسي ڍانچي کان باغي آهي.“ وراڻيائين. ” هو وڪالت ۾ ان ڪري دلچسپي نه وٺندو آهي، جو هن قانون کي ڪپڙي جي وال ۽ ٻاٽا جي چپل وانگروڪامندي ڏٺو آهي.“ (جليل، 2014: 132)

امر جليل پنهنجي سوچ کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيئي پيش ڪيو آهي. جنهن وقت ۾ ڪهاڻي تحرير ٿيل آهي. ان وقت کان اڄ تائين هو ملڪ جي قانون حڪمرانن ۽ حڪومت کان بيزار آهي. جتي پاڪستان ٺهڻ کان اڄ ڏينهن تائين ملڪ رياستي ادارن جي چپٽيءَ تي هلي جتي ڪنهن به شخص کي شخصي آزاي حاصل نه هجي اتي هو حقيقت کي سڌو نه پر ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ بيان ڪري ٿو. پاڻ لکي ٿو ته:

> ”مان اعتراف ٿو ڪريان ته هن ملڪ تان، هن ملڪ جي قانون تان، حڪومت تان ۽ حڪمرانن تان منهنجو اعتبار ڪڇي ويو آهي. هڪ ڊنل ۽ خوفزده زندگي گهاريندي گهاريندي مان بيزار ٿي پيو آهيان. ڊپ ۽ وسوسن آزاديءَ جي مفهوم کي بي معنيٰ ڪري ڇڏيو آهي.“ (جليل، 2014: 10،11)

ڪهاڻيءَ ۾ گوتم کي وطن جي هارين ۽ پورهيتن لاءِ دل ۾ درد محسوس ٿئي ٿو. ڪين سندن حق ڏيارڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. گوتم جون ڳالهيون عام رواجي نه آهن. ڪهاڻيءَ جا مڪالما خاص آهن. امر جليل ڪهاڻيءَ کي رومانوي روپ ڏيئي نوجوانن جي نفسيات کي بيان ڪيو آهي. امر جليل جون ڪهاڻيون جيئري جاڳندي تاريخ جو هڪ باب آهن.

اهڙيءَ ريت بياني انداز ۾ به جيڪي واقعا بيان ڪيا اٿس. اهي سماج جا حقيقي واقعا آهن. ڪجهه ليکڪ جا اکين ڏٺا، ڪجهه پڙهندڙن جا اکين ڏٺا، ۽ ڪجهه وارداتون پاڻ تان گذريل نظر لڳن ٿيون. سندس ڪردار جيئرا جاڳندا نظر اچن ٿا. هر ليکڪ جي تحرير جو شروعاتي دور ڪنهن ٻار جي پنڌ سکڻ جي برابر هوندو آهي. امر جليل جي شروعاتي مجموعي ”اندرا“ ۾ سندس ڪهاڻيون جيئن ته گهڻي ڀاڱي رومانويت، پيار، محبت، وڇڙن، چورن وغيره جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿيون. ٻولي ڪچي ڦڪي هئڻ جي باوجود به بياني انداز واريون ڪهاڻيون پنهنجي خوبصورت انداز ۾ هلن ٿيون. ” سنڌو سجاڳ ٿيندو“ ۾ 1965ع واري جنگ جي دوران واري ماحول ۽ سماجي حقيقت کي بيان ڪيو آهي. سنڌوءَ جي خاندان جو تعارف ڪرائيندي، سموري گهر جي ماحول ۽ سوچ کي متعارف ڪرايو آهي. اهڙي ماحول کان سنڌ جي بيزاري وڌيراڻي هڪ سوچ رکندڙ ذهن جي پيدائش جيڪو ان ماحول گهٽ واري ماحول کان بيزار آهي.

> ”تون پير آهين. پيرن جو اولاد آهين. تون گادي نشين ٿيندين. لکين مريدن جو مرشد ٿيندين.“وراڻيو هئائين ”مان پٽڪيل آهيان وجايل آهيان، مان پاڻ پليل پليلن کي ڪيئن راهه رسائيندس. مان مرشد ٿي نه سگهندس.“
> ”تنهنجو مغز خراب آهي.“

> پوءِ، ان ڏينهن کان اها ڳالهه عام آهي ته سنڌوءَ جو مغز خراب آهي.” (جليل، 2012: 89)

ڪهاڻي سماجي حقيقت نگاري سنڌي سماج صدين کان هلي ايندڙ روايتن جي عڪاسي آهي. پيرن تي طنز، مثال طور، سنڌوءَ جي ٻن پڦين ۽ ٽن پيرن جو ڪنوارو هئڻ، سندس ماءُ جي بيوسي سمورو ڏينهن پينگهي ۾ لڏڻ، پاڇائيءَ جا ڪٽل پکيءَ وانگر پرڙا هڻڻ، سندس پاءُ ۽ پيءُ جي عياشي وغيره تان گهرائيءَ سان پردو کنيو آهي. ڪٿر پيرن جي حقيقت بيان ڪرڻ ۾ تشبيهه ۽ جملن جو استعمال بهترين آهي. سنڌي هر حال ان ماحول مان نڪرڻ گهري ٿو. ڪهاڻيءَ جو موضوع اثرائتو آهي ۽ منجهس سونهن به آهي، ۽ پڙهندڙن تي سڌو اثر ڪرڻ واري ڪهاڻي آهي. هتي ٻولي آسان آهي. امرجليل جون ڪجهه بياني انداز واريون ڪهاڻيون اهڙيون آهن. جن ۾ سندس ٽيڪنيڪ ڪنهن لفظ تي بيهي ٿي ۽ سموري ڪهاڻيءَ ۾ اهو هڪ لفظ تڪراري بنجي وڃي ٿو. مثال طور، ڪاري ڪٺي آهي، جو پورو منظرنامو، ڪاريءَ تي آهي، ڪهاڻيءَ ۾ ڪاري لفظ جو استعمال گهڻو ڪري، ان لفظ جي اصلي معنيٰ کوجڻ ۾ ٻارن جي ڪردار حيران ڪندڙ آهن. ٻارن ڪاري لفظ ٻُڌي ان ڪي پاڻ تي حاوي ڪري ڇڏيو، سموري ڪهاڻيءَ ۾ هڪ لفظ جاچ ۾ ٻار آخر تائين ڪيس سمجهڻ لاءِ جتن ڪن ٿا. ڪاريءَ جو مطلب ڇا آهي. ان لفظ جي سحر ۾ ٻار جاسوسي ٽيم جوڙي نڪري پون ٿا. ڪهاڻي منظرنگاري، تشبيهه کان وٺندي پنهنجو تاثر برقرار رکي ٿي. سوچڻ وارو اسلوب پوري ڪهاڻيءَ تي حاوي آهي. ڪاروڪاري جي ڪري عورت کي سام بنائڻ، ڪهاڻيءَ جو موضوع آهي.

> ”ٻارن ذري گهٽ اقوام متحده جهڙي ايجنڊا پنهنجي سامهون رکي ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. سڀ کان اڳ ٻار ان کوجنا ۾ پئجي ويا ته ڪاريءَ کي ڪهڙي ۾ قيد ڪري ويهاريو هئائون” (جليل، 2011: 58)

ڪهاڻي ٻين ڪهاڻين کان مختلف انداز ۾ آهي. هتي تجسس، حيرت، تاثر، سڀيئي ڳالهيون آهن. ٻارن جي ڪردار کي تمام ذهين پيش ڪيو آهي. سندس سوچ ۽ مشاهدو گهرو آهي. ” دي موسٽ ڊينجرس مين اِن پاڪستان” ۾ ٻارن جا ڪردار ايترا ئي عقل وارا آهن. امر جليل جي نظر ۾ ٻار مستقبل جي علامت آهن. تنهن ڪري هو ٻارن کي طاقتور پيش ڪري ٿو. ڪهاڻي ” ڌرتيءَ جو درد” سندس اوائلي ڪهاڻين مان هڪ آهي. هتي اسلوب چڪو ڦڪو آهي. عام رواجي پختگيءَ کان سواءِ پوءِ به بياني انداز ۾ لنڊي ڪهاڻيءَ جي اسلوب ۾ پنهنجو مٺ پاڻ آهي. سڌي سادي انداز ۾ ڳوناٽي وڏيري جي نفسيات بيان ڪئي آهي. وڏيرن جي اولاد کي جهالت مان ڪڍي شعور طرف آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

”رئيس دنيا داريءَ مان واقف آهي. پٽ جي پنهنجي هارين جهڙي حالت ڏسي ڪيس باهه وٺي ويئي، پر خاموش رهيو. رئيس پنهنجي پٽ جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، ” رئيس جو پٽ هوندي به ڪاڏي پاتي اٿئي؟“ غلام عباس وارٽيو، ” جيستائين ڌرتيءَ جي سيني ۾ سنگينيون ٽنبيل رهنديون، اسان ڪاڏي پائينداسين.“
”ڇ ڪاري پٽي؟“
جيستائين دنيا جي مظلومن جو داد فرياد نه ٿيندو، اسان پنهنجي غم جو اظهار ڪاري پٽيءَ سان ڪنداسين.“ (جليل، 2014: 108)

ڪهاڻي ننڍي ۽ ٻن ڪردارن تي مشتمل ۽ هڪ گهڙيءَ جي آهي. پر موضوع جي گهرائي غلام عباس جي جملن ۾ ڌرتيءَ سان محبت ڪي بهترين انداز ۾ بيان ڪيو آهي. سماج ڪي پُستيءَ طرف وڃڻ کان بچائڻ لاءِ ڪهاڻي خوبصورت آهي. جيئن ته سندس نظر ۾ وڏيرا، سردار، جاگيردار، پير ازل کان سنڌ جا دشمن آهن. تنهنڪري سندن اولاد ڪي انقلاب جي راهه تي آڻڻ گهري ٿو. سندس ڪهاڻيون ڏتڙيل طبقي ڪي مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ ڪافي آهن. بيان ۽ طرز ۾ سندس ڪهاڻيون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. امر جليل جون ڪهاڻيون بياني انداز ۾ ” سر مارٽيمر ويلر ۽ قلندر، راهون جدا جدا، عظمت جو ثبوت، دي موسٽ ڊي ڊينجرس مين اِن پاڪستان، تاريخ جوڪفن، ڪپيل ٻانهن جو وارث، مرڻ کان اڳ ۽ مرن کان پوءِ، اڄ اُسهان ٿو پرائي ديس، زندگي ڪُن، گناهه ، اُڃايل، عورت، سرحد، هوشو شيديءَ جي آخري شام، انڪار به آ اقرار به آ، زندگيءَ جي نه ڪٽندڙ ڪهاڻي، انصاف جي ڳولا، ڪشمڪش ۽ سڙيل ڳوٺاٽا بياني انداز جو شاهڪار مثال آهن.

امر جليل جي ڪهاڻين جي دلچسپ هئڻ جي هڪ وجهه سندس ٽيڪنيڪ به آهي. سندس ڪهاڻين ۾ هيءَ نواڻ آهي ته هو ڪهاڻيءَ جو ڪجهه حصو پاڻ بيان ڪري ٿو ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ڪي خودمختيار ڪري ڇڏي ٿو. انهن ڪي ٻُڌي ٿو. تمام واقعن ۽ حالت ۾ پنهنجي موجودگيءَ ڪي ظاهر ڪري ٿو. بياني انداز ۾ سندس لکيل ڪهاڻيون اهڙيون آهن. امر جليل ڪڏهن طنز، تضاد، اتحاد، تشبيهه، استعارن، مڪالمن ۽ ڪيترن ئي لهجن جي انداز ۾ قصو بيان ڪرڻ جو فن ڄاڻي ٿو. ڪيس جيڪو ڌرتيءَ سان ٿيندڙ ظلم جي ڪري غم آهي. اُن ڪي لفظن جو ويس ڍڪائي ڪڏهن بياني ته ڪڏهن ضمير متڪلم واري انداز ۾ بيان ڪري ٿو.

## امر جليل جون ضمير متڪلم واريون ڪهاڻيون

ضمير متڪلم واري ڪهاڻين ۾ هڪ هيءَ به خوبي هوندي آهي ته ڪهاڻي آپ بيتي لڳندي آهي. جنهن ۾ ضمير متڪلم وارو ڪردار ٻين مرڪزي ڪردارن ۽ ثانوي ڪردارن جو احوال، معمولات زندگي ، حالتن، واقعن ۽ تفصيل ۾ خود شريڪ هوندو آهي، يا انهن سان پيش ايندڙ واقعن حادثن جو اکين ڏٺو

گواهه هوندو آهي. ان لاءِ هو سپني تي گهري نظر وجهي سگهندو آهي. امر جليل هندن ۾ مسلمانن سان ٿنيدڙ نا انصافين، ورهاڱي کان پوءِ قتل، ٻي وجه ماراماري ۾ رياستي ادارن جو سماجي ڏاڍايون، زميندارن، پيرن، سردارن کي ڪهاڻيءَ ذريعي سوگهو ڪري عوام آڏو اصلي حالت ۾ پيش ڪيو آهي. سنڌي گدڙ اِن اسلام آباد ضمير متڪلم واري انداز ۾ لکيل ڪهاڻي سنڌين سان ٿيندڙ نا انصافين جي عڪاسي ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ جيئن ته ليکڪ پاڻ کي گدڙ سڏي ٿو.

"مان گدڙ آهيان _ گدڙ آف روهڙي سنڌ."
"ته تون سنڌي آهين؟" سردار، مشڪوڪه نظرن سان مون ڏانهن ڏسندي پڇيو.
"ها، سائين وراڻيم، "مان سنڌي آهيان."
پوليس وارن جي اٿالي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيو، پوءِ سندن سردار چيو، اڄڪلهه سنڌ ۾ ڌاڙيلن خلاف مهم وڏي پيماني تي شروع ڪئي ويئي آهي. اسان کي پڪ آهي ته تون ڪو خطرناڪ سنڌي ڌاڙيل آهين ۽ روپوش ٿي اسلام آباد کان اچي نڪتو آهين."
(جليل، 2014: 134)

ليکڪ پاڻ کي جابر جي آڏو بيوس ڪيو آهي. ڪهاڻي علامتي انداز ۾ آهي. ليکڪ هر واقعي، قصي کي پاڻ مٿان گذريل پيش ڪري ٿو. رياستي ادارن جي سامهون گدڙ ٿي پوڻ بدران شينهن ٿيڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن عرش خاموش ٿو رهي ۽ ليکڪ عزت جي زندگيءَ جي بدران ذلت جي زندگيءَ کي ترجيح ٿو ڏئي. ان مان مراد هو سماج جي ڏکن کي شدت سان محسوس ڪري ٿو. سماجي نا انصافين خلاف آواز اٿاري نٿو سگهي تنهنڪري پاڻ کي گدڙ سڏي ٿو. " مان ديوداس نه آهيان" ضمير متڪلم واري انداز ۾ ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪندي ساڻس پيش آيل واقعن کي هن ريت بيان ڪري ٿو. پاڻ لاچار ۽ بيوس پيش ڪري ٿو.

"چيم، "هڪ ته آهيان سنڌي، ۽ مٿان وري اتفاق سان ڪري ويٺو آهيان، ايم . اي بئنڪ ٻاهران لنگهندي ڏسي ورتائون ته ڌاڙيل ڪري ٻڌڻ ۾ دير نه ڪندا، ٻئي ڏينهن اخبارن وارا لکندا _ اسلام آباد مين سنڌ ڪا مفرور ڊاڪو گرفتار _ وه بئنڪ لوٽني ڪي تياري ڪر رها ٿا _ وه اقتصاديات مين ايم. اي هي." (جليل، 2014: 86)

امر جليل زندگيءَ جو وڏو حصو اسلام آباد ۾ گذاريو آهي. نوڪري ڪندي سندس زندگيءَ جا حقيقي واقعا ۽ اکين ڏٺل لڳن ٿا. اسلام آباد ۾ سنڌين سان ٿيندڙ نا انصافين کي بيان ڪيو آهي. امر جليل جي هر ڪهاڻيءَ ۾ سڌي يا اڻ

سنڌي طرح، ظلم جي خلاف جنگ آهي. ڏکئي وقت کي پل صراط ڪهاڻيءَ ۾ هئين پيش ڪيو آهي.

”مون سوچيو، هيءُ دور به پل صراط جي سفر کان گهٽ خطرناڪ ناهي. قيامت ۾ هڪ خدا کي منهن ڏيڻو پوندو، پر اڄ، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ خدا آهي. جيئن هن دور ۾ اسين سڀ پاتي هر گهڙي گڏ آهيون، هر گهڙي موت جي منهن ۾ آهيون، تيئن قيامت جي ڏينهن به گڏ رهنداسين. پل صراط جي سفر ۾ به ساڻ هونداسين.“ (جليل، 2011: 142، 143)

ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي ليکڪ پنهنجي فڪر کي بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”رستي تان هلندي ائين پئي محسوس ڪيم، ڄڻ پل صراط تان پئي لنگهيم. پٽين جا پاسا وٺندو ۽ وڻن هيٺان لنگهندو پڙيءَ تي پهتس، جتي جانور اسان وانگر خاموش بيٺا هئا ۽ سپني جا ڪنڌ جهڪيل هئا.“ (جليل، 2010: 144)

ون يونٽ واري دور جي دوران لکيل ڪهاڻيون وقت جي حاڪم جي بيرحميءَ، ظلم ۽ نا انصافيءَ جي عڪاسي نظر اچي ٿي. ون يونٽ سموري ملڪ خاص ڪري سنڌ جي عوام لاءِ ناسور بنجي ويو. هڪ اهڙو موذي مرض جيڪو ڪوڙهه وانگر قوم وانگر وڪوڙي ويو. جتي شاعرن اديبن ون يونٽ کي ٽُوڙڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو اُتي امر جليل جون ڪهاڻيون گهٽي قدر ون يونٽ جي دوران ٿيل ظلم جي عڪاسي ڪن ٿيون. انهن مان هڪ ڪهاڻي ”هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا“ ون يونٽ جي سڌي تصوير کي بيان ڪري ٿي.

”ڊپٽيءَ جي کهري آواز منهنجن خيالن ۾ خلل وڌو. چيائين، ”ويچارا منسپالٽيءَ وارا ون يونٽ مرده باد جي نعري تي روز پوچي ڦيرائيندا آهن، پر ڪو خطرناڪ سنڌ پرست انقلابي راتو واهه پيهر وان يونٽ خلاف نعرو لکي ٿو وڃي.“ (جليل، 2014: 46)

ڪهاڻيءَ ۾ زير زمين تحريڪن ۽ سنڌ جي سالميت کي ختم ڪرڻ ۽ نالي مٽائڻ ـ ون يونٽ کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، ۽ بيوس سنڌي فقط پنهنجي نوڪري بچائڻ خاطر بيوسيءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. امرجليل جون ڪهاڻيون ون يونٽ دوران پيدا ٿيل مزاحمتي آهن. هو پنهنجي تحريرن ۾ مزاحمت ڪري ٿو. پنهنجو آواز، سوچ عوام تائين پهچائي ٿو. ان دور ۾ ئي تاريخ جو عبرتناڪ باب نظر اچي ٿو. سنڌي اديبن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن مضمون نگارن جيڪو ادب تخليق ڪيو ان دور جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. منهنجو پٽ مهدي ۾ ون يونٽ جي عڪاسي هيئن پيش ڪيو آهي.

”ته ٽنگيءَ ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيم، ”ويهو.“ هو ڪرسيءَ تي ويهڻ لڳو، هڪدم چيم، ”خيال سان ويهجو سيٺ صاحب . ان ڪرسيءَ جي هڪ ٽنگ _ ون يونٽ تي ويئي آهي.“ (جليل، 1998: 96)

ڪهاڻي هڪ منفرد انداز ۾ هلي ٿي، ۽ بڪ، غربت جي عڪاسي ٻار جي بک ۽ ڪردارن جا مڪالما، گفتگو ڪهاڻيءَ کي پڄاڻيءَ تي پهچائين ٿا. ضمير متڪلم واري انداز ۾ لکيل سندس ڪهاڻين ۾ ڪردارن جو تعارف مڪالماتي انداز ۾ ڪرائي ٿو. سندس ڪهاڻيون تاريخ ۾ پيش ايندڙ واقعن جي وضاحت آهن. قصي کي بيان ڪندي ڳالهين ڳالهين ۾ مسئلو سامهون اچي ٿو ۽ سهڻي موڊ ۾ ڪهاڻين جي سادگي، سلاست، رواني ۽ مڪالمن جو بنيادي انداز ۽ شفتگيءَ ۾ ئي ڪهاڻي وڌي ٿي ۽ هر ڪهاڻيءَ جو اسلوب موضوع جي مطابق آهي. امر جليل جو اسلوب موضوع جي لحاظ کان مضبوط معنيٰ دار آهي. تنهنڪري سندس اسلوب ئي سندس سڃاڻپ بنجي وڃي ٿو. سندس موضوع ساڳيا آهن، انداز بياني هجي يا ضمير متڪلم وارو هجي. فقط قصي کي پيش ڪرڻ جو انداز تبديل ٿي وڃي ٿو.

امر جليل جدت پسند ڪهاڻيڪار آهي. جنهن جو ثبوت سندس موضوع ۽ مڪالما آهن. امر جليل حقيقت ۾ سنڌي ادب جي ڪهاڻين جي روايت بدلي ڇڏي آهي. اسلوب جي لاءِ هڪ مقرر ٿيل رستي تي هلڻ بدران هڪ نئون دڳ ورتو. جنهن ۾ گهڻيون ڪهاڻيون مرڪزي پلاٽ کان بغير آهن. پاڻ هڪ ٺهيل ٺڪيل رستي تي هلڻ جو عادي ناهي، سندس ڪهاڻين ۾ استعارا، تشبيهون، پهاڪا، محاورا ۽ علامتن جو هڪ نئون انداز آهي. پراڻن لفظن کي ڪيئن نئين معنيٰ ڏيئي پيش ڪيو آهي. ”عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا آهن“ ۾ پنهنجي سوچ کي پيش ڪيو آهي.

”ڪلندڙ، روئيندڙ، ڳالهائيندڙ ۽ سوچيندڙ ٻار مري ويا. ڪائنات جو دستو بدلجي ويو، مائرن انڌن، گونگن، ٻوڙن ۽ موڳن ٻارن کي جنم ڏنو. روشني ڪريو! روشني ڪريو! آسمان جي گنبذن مان آواز ايندو رهيو. روشني ڪريو! مشعلن کي رت جي تيل سان تازو ڪريو! روشني ڪريو! اي مائرو سوچن کي جنم ڏيو! اي مائرو ڳالهين کي جنم ڏيو! اي مائرو بصيرت کي جنم ڏيو! اي مائرو سماعت کي جنم ڏيو! روشني ڪريو.“ (جليل، 2014: 20،21)

ڪهاڻي جديد ٽيڪنيڪه ۾ ئي هڪ نئين علامتي انداز ۾ آهي. محرم عليءَ جو ڪنڌ ڪپجڻ، سندس سوچڻ، انڌن گونگن ۽ ٻوڙن جو نسل پيدا ٿيڻ ڪهاڻي هڪ احساس جي ذريعي اڀٽي وڌي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ تسلسل آهي.

امر جليل پنهنجي ڪهاڻيءَ ڪي تخيل جي عمل مان گذاريندي اسلوب ڪي هڪ نئون لباس پهرائي ٿو. هو تمام گهڻي بهادري، بيباڪي ۽ دليريءَ سان خوبصورت ڪهاڻيون تحرير ڪري ٿو ته، موضوع لاءِ اسلوب جي ڪهڙي ٽيڪنيڪه موزون آهي. ان لاءِ امر جليل اسلوب ۾ بيشمار بيان جا انداز اختيار ڪيا آهن. هن ضمير متڪلم سان گڏ بياني ڪهاڻيون به لکيون آهن. نفسياتي، ڪرداري، واقعاتي، مڪالماتي، علامتي، حقيقي هر لحاظ کان اعليٰ ۽ هر انداز ۾ هڪجهڙا ثابت ٿين ٿا. ادب هڪ اهڙو اعليٰ فن آهي. جنهن ڪي ليڪڪ پنهنجي ذات ۽ ذانءُ سان سينگاري، مهڪائي ڇڏي ٿو. امر جليل جو اسلوب خوبصورت هئڻ سان گڏ سندس تحريرون فني، فڪري ۽ مشاهدي جي حوالي سان تعريف جي لائق آهن. سندس موضوع ان وقت جي سماجي مسئلن جي اپٽار ڪندي نظر اچن ٿا. انهن ڪي بيان ڪرڻ جو انداز به ٻين همعصرن کان مختلف آهي. ڏک، خوشي، چرچي ۽ طنز واري ڳالهه سندس ڪهاڻين ۾ اهڙي نموني پيش ڪيل آهي، جو پڙهندڙ تي اها ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي.

مجموعي طرح امر جليل جو اسلوب ڪنهن هڪ انداز سان نٿو هلي. وٽس موقعي، مهل، ماحول، ڪردارن مطابق ڳالهه ڪي پيش ڪرڻ جو اسلوب جدا آهي. هو ڪهاڻيءَ جي شروعات مختلف انداز سان ڪري ٿو. ان تاثر ڪي برقرار رکندي وچ ۾ پڄاڻيءَ تائين پهچائي ٿو. ڪنهن به هڪ لمحي ۾ پڙهندڙن ڪي بوريت جو شڪار ٿيڻ نٿو ڏئي. سندس ڪهاڻين ۾ اسلوب مقصد وارو ۽ پڙهندڙن تي اثر ڪندڙ ۽ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي ڪيترائي نقطا ڇڏي ٿو. ڪهاڻين ۾ سونهن پيدا ڪرڻ خاطر ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪئي آهي. جنهن جي ذريعي سندس ڪهاڻين ڪي عروج ملي ٿو. علامتي اسلوب جي ذريعي هو کُلي ڪري پنهنجي دل جي ڳالهه چئي وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جا نج لفظ استعمال ڪرڻ جي ڪري سندس ڪهاڻيون منفرد اسلوب رکن ٿيون. بياني انداز ۾ ته هر ليکڪ ڪهاڻي لکي ٿو. امر جليل جو اسلوب بياني ۽ ضمير متڪلم واري انداز ۾ دلچسپ آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ضمير متڪلم وارو اسلوب تمام گهٽ نظر اچي ٿو. سندس اسلوب هر ڪهاڻيءَ ۾ اعليٰ آهي. اسلوب جي ڪري ئي امر جليل جي ڪهاڻين کي سنڌي ادب ۾ عروج مليو آهي. ڪهاڻين جا ڪردار ۽ سندن اسلوب گهڻي اهميت جو حامل آهي. هر ڪردار جو اسلوب ڳوٺ، شهر، پڙهيل ۽ اڻپڙهيل جي مطابق آهي. هر مڪالمي جو اسلوب ٻئي کان جداآهي. موضوع کي پيش ڪرڻ جو اسلوب به گهڻي اهميت جو حامل آهي. امر جليل جون ڪهاڻيون اسلوب جي حوالي سان هر خوبيءَ سان مالا مال آهن.

## حوالا

1. احمد، شميم خان، پروفيسر، 1978ع، ”صنائع بدائع“، نسيم بڪ ڊپو، شاهراه قائد اعظم، حيدرآباد، سنڌ.
2. بلوچ، ڊاڪٽر.نبي بخش، 2006ع، ”هڪ جلدي سنڌي لغت“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.
3. بلوچ، نبي بخش خان، 1401هه، ”جامع سنڌي لغات“، (جلد ٻيو)، ( پ_ ڇ )، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد.
4. بيگ، مرزا، قليچ، 1974ع، ”علم بديع ۽ علم عروض“، اداره قليچ، ٽنڊو ٺوڙهو، حيدرآباد.
5. جليل امر، 2012ع، ”دل جي دنيا“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
6. جليل امر، 2014ع، ”چنڊ وسامي ويو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
7. جليل، امر، 1998ع، ”ٽيون وجود“، (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
8. جليل، امر، 1999ع، ”تاريخ جو ڪفن“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
9. جليل، امر، 2010ع، ”جڏهن مان نه هوندس“، روشني پبليڪيش ڪنڊيارو.
10. جليل، امر، 2011ع، ”سرد لاش جو سفر“، ڪاڇو پبلڪيشن ڪراچي سنڌ.
11. جليل، امر، 2012ع، ”اندرا“، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
12. جليل، امر، 2013ع، ”سنڌو منهنجي ساهه ۾“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
13. جليل، امر، 2014ع، ”رني ڪوٽ جو خزانو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
14. جليل، امر، 2014ع، ”منهنجو ڏس آسمان کان پڇو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
15. سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم، 1973ع، ”آفتاب ادب“، (ڇاپو چوٿون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ.
16. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، 2010ع، ”امرجليل جي ڪهاڻين جا ڪردار، فن جي روشنيءَ ۾ سگهارن احساسن جو اپياس“، سه ماهي مهراڻ، پرچو 3، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
17. ممتاز حسين، 1961ء، “ادب اور شعور” اردو اکیڈمی، کراچی، سندھ۔
18. وقار، عظیم، سید، پروفیسر، 2003ء، “منٹو کا فن مشمولہ منٹو کیا تھا”، مولفہ: غلام زہرا، (اشاعت اول)، برائٹ بکس، لاہور۔

باب پنجون

# امرجليل جو خاص اسلوب ۽ سندس مقام

## امر جليل جي اسلوب تي ذاتي ۽ شخصي اثر

اسلوب جي معنيٰ آهي. اسٽائل _ جيئن ته اسٽائل انگريزيءَ جو لفظ آهي. سنڌيءَ ۾ ان جي جاءِ تي ڪيترائي لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا. زندگيءَ جي عام حالتن ۾ هن جو استعمال گهٽو آهي. عام زندگيءَ جي ڳالهائڻ کان وٺي انسان جون عادتون، سوچ ۽ زندگيءَ جو هر ڍنگ اچي وڃي ٿو. سنڌيءَ ۾ اسلوب جي معنيٰ ڍنگ، نمونو، طريقو، طرز ۽ ڪنهن ڳالهه کي پيش ڪرڻ جو خاص انداز آهي. اسلوب کي ليکڪ جي شخصيت جو ٻيو روپ قرار ڏنو ويندو آهي. ڪنهن تحرير جو خاص انداز ليکڪ جي شخصيت جو تخليقي اظهار آهي. اسلوب تي ليکڪ جي شخصيت ايتري قدر حاوي هوندي آهي. جيئن انسان ۾ پنهنجيون نسلي عادتون نسل در نسل منتقل ٿينديون آهن. بلڪل ائين ئي ليکڪ جي شخصيت ۽ سُڀاءُ اسلوب ۾ نظر ايندو آهي. اسلوب لکڻ واري جو عڪس آهي. اها ذات آهي جنهن ۾ ليکڪ جي چٽي تصوير نظر ايندي آهي. ڪا به تحرير يا ان جو انداز بيان ان شخصيت جو تخليقي اظهار آهي. جيئن ته هي قدرتي ۽ لاشعوري عمل آهي. ان ليکڪ کي خود به خبر نه پوندي آهي ته، هو ڪٿي ۽ ڪهڙي انداز ۾ پاڻ کي بي نقاب ڪندو ويندو آهي. تنهن ڪري تحرير مان ليکڪ جي زندگي ذاتي حالتن ۽ شخصيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. حالات زندگيءَ جي حوالي سان سندس تحريرون هڪ تحقيقي عمل هونديون آهن. شخصيت هڪ اهڙو لفظ آهي، جنهن ۾ داخلي رويا، پيدائشي خاصيت،

خارجي قدر، رويا، رجحان، عادتون، روايتون، رسم و رواج، تهذيب ۽ ثقافت، رهڻ ڪرڻ، ادب اخلاق، عقيدا، تصور، سياسي ۽ معاشي حالتون، پسند ۽ ناپسند جو هر رجحان ۽ احساس ڪارفرما هوندو آهي. مطلب ڪو به شخص پنهنجي انهيءَ ڏانو جي ذريعي انهن سپني کي نروار ڪري ٿو.

شخصيت جنهن ماحول ۽ سماج ۾ وڏي ٿيندي آهي. ان جا اثر قبول ڪندي آهي. انهن اثرن تحت ڪڏهن ڪڏهن پڙهندڙ هن سان گڏجي سماجي عقيدن، روايتن ۽ فڪر کي قبول ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وري ان جي مخالف ٿي ان سماج جي خلاف ٿي ويندا آهن. ان ۾ سندس مختلف رنگن ۾ رنگيني اُن جا خيال ۽ ڪلام نظريا، عقيدا ۽ نفعي ۽ نقصان يا مثبت انداز ۾هي صورتن ۾ ان خاص دور جو مطالعو ۽ ان جي خاص ماحول جو تجزيو ضروري هوندو آهي. جنهن ۾ ليکڪ کي پرورش ٿي ۽ ان ئي ميل ميلاپ ۾ سندس اسلوب جو خاڪو ٺهيو. چاهي اُن خاص دور يا سماج کي کهڙي به تنقيدي انداز ۾ پيش ڇو نه ڪيو هجي. اهو ان جي اثرن کان ڪڏهن به لاتعلق نٿو رهي سگهي. سندس شخصيت کي ٺاهڻ يا بگاڙڻ ۾ سماج ئي مددگار ثابت ٿيو آهي. ان جي لاءِ ڊاڪٽر سليم آغا قزلباش لکي ٿو ته:

> ”اگر هيئن چئون ته اسلوب تخليقي شخصيت ۽ مجموعي شخصيت جي ميل ميلاپ سان پنهنجي علحده سڃاڻپ قائم ڪري ٿو گڏيل طور تي غلط نه ٿيندو.“ (آغا، 2000: 537)

هر ڪهاڻيڪار پنهنجي مخصوص شخصيت، تربيت، مزاج، تعليم، ماحول، ثقافت ۽ پنهنجو قدر رکي ٿو. سندس تحرير ۾ سندس شخصيت جو گهرو اثر هوندو آهي. پنهنجي ان خاصيت جي ڪري نه صرف هو منفرد رهندو آهي. بلڪ نهايت منفرد انداز جي ڪري پنهنجي شناخت ناهيندو آهي. مثال طور گهڻا اديب پنهنجي تحريرن جي ذريعي آسانيءَ سان سڃاتا وڃن ٿا. هڪ تجربيڪار عالم ئي ٻڌائي سگهي ٿو ته، ان جي مطالعي هيٺ ڪهڙي تخليقڪار جي تحرير آهي. امر جليل، جمال ابڙو، اياز قادري، نجم عباسي، غلام رباني آگرو، نسيم کرل، علي بابا، سراج الحق ميمڻ ۽ ٻيا نثر نويس نهايت آسانيءَ سان پنهنجي تحريرن جي ذريعي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائين ٿا.

هر دور جي حالتن، واقعن، سياسي، سماجي واقعن جا ڪيترائي پهلو آهن. جن اثرن کي اسان ليکڪ جي تحرير ۾ ڏسي سگهون ٿا. امر جليل جي شخصيت تي نظر وجهون ٿا ته، سياسي سماجي پسمنظر جو اثر سندس تحريرن ۾ نمايان آهن. بلڪ امر جليل جو اسلوب ۽ شخصيت سبب ۽ مُسبب وانگر گڏيل آهن. جهڙي خوبصورت طريقي سان امر جليل پنهنجي دور، پنهنجي شخصيت کي، پنهنجي ذاتي ۽ خانداني حالتن کي پنهنجي تحريرن ۾ نروار ڪيو آهي. ان دور جي ڪنهن به ليکڪ ائين پيش نه ڪيو آهي. سندس اسلوب

سندس شخصيت جو بهترين عڪاس آهي. سندس تحريرن مان چڻ سندس شخصيت جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. جيئن ته سندس تعلق تعليم يافته گهراڻي سان آهي. سندس خاندان جي رواداري ۽ هندن سان ويجهڙائيءَ جو امر جليل تي گهرو اثر نظر اچي ٿو.

ننڍي هوندي مذهبي بنياد تي مارا ماري، سياسي لحاظ کان غريبن جي حق تلفي وڏيرن جو ظلم، مختلف سماجي پهلو خوبصورت اسلوب ۾ پيش ڪيا آهن. امر جليل زندگيءَ جو تمام ويجهو ۽ ذاتي گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو آهي. مختلف واقعن ۽ زندگيءَ جي حقيقت جي مختلف پهلوئن جو هڪڀئي تي اثر سندس ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو. مختلف حادثن جي پويان لڪل اشارا جيڪي حقيقتن جي نمائندگي ڪن ٿا. امر جليل جو اسلوب سندس اکين آڏو ٿيندڙ واقعن جي گهري اثر هيٺ آهي. ماحول جو اثر، سندس طنز و مزاح وارو اسلوب ان تي سندس شخصيت حاوي آهي. سندس اسلوب تي ڏک درد، حق واري، رومانويت حقيقت نگاري واري ۽ پيڙا واري ڪيفيت حاوي رهندي آهي. سندس ڪهاڻيون اسلوب جي حوالي سان ٻولي، لفظ، محاورا، تشبيهون، استعارا، جماليات، خيال، پيشڪش جو انداز مڪالمن جي ترتيب سندس اسلوب جي جان آهن.

امر جليل ننڍي ڪنڌ جي ورهاڱي، تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب کي پنهنجي تحريرن ۾ بخوبي واضح ڪيو آهي. هو چڻ سنڌين جي رڳ رڳ کان واقف آهي. سندس شخصيت تي جيئن ته پنهنجي وطن ۽ قوم سان محبت جو گهرو اثر آهي. تنهنڪري هو سندن نفسيات کان واقف آهي. هو سندن سستي، ٽوٽ پائيءَ کي پنهنجي تحريرن جي ذريعي واضح ڪري کين غفلت جي ننڊ مان جاڳائڻ گهري ٿو. ان جي لاءِ هو سماجي تلّخ حقيقتون کين طنز ۽ مزاح جي ذريعي اهڙي ته خوبصورت انداز ۾ چئي وجي ٿو، جو کين سندن اوڻاين جي به خبر پوي ٿي ۽ هو پنهنجي اصليت کي ڄاڻڻ ۾ عار به نٿا سمجهن. اهڙن واقعن کي نڀائڻ وارا ڪردار ايترا ته معصوم آهن. جو ڪيترائي سال گذرڻ باوجود به هو هڪ پرعزم ارادي جا مالڪ آهن. چينو ۽ چريٺ جو ئي ڪٽي مثال وٺجي هو هر دور ۽ هر ماحول ۾ ايترا ته معصوم ۽ بهادر آهن. جو سندس معصوميت جو ڪو به مثال نه آهي. چينو اهڙا ته سوال ڪري ٿو هو ڪنهن داناءَ انسان کي به انهن سوالن ۾ مات ڏئي ڇڏي. اهي سماج جي حقيقت کان واقف آهن ۽ ان جي مسئلن جي حل جي لاءِ سوچين ٿا. هر سماجي پهلوءَ تي نظر وجهن ٿا.

اهو امر جليل جي شخصيت جي سوچ جو ئي اثر آهي، جو سندس موضوع ۽ ڪردار ۽ انهن جو ماحول اهو ئي آهي. جيڪو مختلف دورن ۾ مختلف طبقن ۾ وقت جي چڪيءَ ۾ پسجن ٿا. سندس اعليٰ شخصيت جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته هو تصوراتي ليکڪ نه آهي. ڪنهن مخصوص ڪردار، موضوع، ڳوٺ، شهر مخصوص ماحول جو ليکڪ نه آهي.

هو گهريلو ماحول جو ليکڪ نه آهي. بلڪه هو سماج جو سچو ترجمان آهي. پاڻ ڏک درد ۽ ظلم جو ترجمان آهي. تڏهن ته سندس شخصيت همعصر اديبن کان جدا آهي. سندس اسلوب جدا آهي. سندس ڪهاڻين جا اڪثر موضوع سماج جا ٻرندڙ مسئلا آهن. اها باهه جنهن سماج جي ڪيترن ئي گهرن کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهن جي فريبي چهري تان هو ڏوڪي جو پردو کلندي لاهي ٿو. سندس مقبول شخصيت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته، ٻه چار درجا پڙهيل ماڻهون به سندس ڪهاڻيون پڙهندي نظر ايندا. جيل ۾ قيدين کي سندس ڪتاب پڙهندي ڏٺو ويو آهي. زمين جو هاري هجي، جيل جو قيدي هجي، شاگرد هجي يا عاشق هجي امر جليل جي ڪهاڻي جو ديوانو هوندو هو.

پنهنجي وطن سان محبت جو بهترين اسلوب جو اندازو سندس ڪهاڻي "جڏهن مان نه هوندس" ڪهاڻيءَ مان لڳائي سگجهي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو هيرو قوم پرست آهي. نوجوان سنڌي قوم سان ٿيندڙ ظلم کي اقوام متحده تائين پهچائڻ گهري ٿو. ڪيتري خوف ۾ هو بنا ڪو ڏوهه ڪرڻ جي روپوش زندگي گذاري ٿو. سنڌ ڇڏي لاهور وڃي ٿو. ان جي لاءِ لکي ٿو ته:

> "جنهن ڏينهن مان حيدرآباد مان لاهور لاءِ فرار ٿي رهيو هوس، تنهن ڏينهن سنڌي اديبن ۽ شاعرن پوسٽ ۽ پابندين خلاف آواز اُٿارڻ لاءِ جلوس ڪڍيو هو. لوڊنگ ٽرڪ، جنهن ۾ مان پوليس ۽ سي، آءِ. ڊيءَ کان لڪي ڇپي رٿيل پروگرام موجب لاهور روانو ٿي رهيو هوس، جيئن جيئن جلوس ٽرڪ کي ويجهو آيو هو، تئين تئين منهنجيون اکيون لڙڪن سان ٽمٽار ٿي ويون هيون، دل چاهيو هو ٽرڪ مان ٽپو ڏيئي نڪري وڃان، ۽ جن جو آهيان ۽ جن لاءِ آهيان، تن ويڙهيچن سان وڃي ملان _ پوءِ پل ته مري مات ٿيان." (جليل، 2010: 176)

هڪ قومپرست جي زباني سندس وطن سان محبت کي تمام بهترين نموني واضح ڪيو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سندس اسلوب بهترين آهي. ڪيس وطن سان محبت آهي. جنهن ڪري اتي رهندڙ ماڻهن جي لاءِ تڙپي ٿو، ۽ ڪين حق ڏيارڻ جي لاءِ ۽ ڪين غفلت جي ننڊ مان جاڳائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. سندس نظر ۾ ڌرتي ۽ عورت قرباني جي علامت آهن. هو هميشه قربان ٿيڻ لاءِ تيار هونديون آهن. ان جي لاءِ سندس اعليٰ خيالن جو اظهار ڪجهه هن ريت آهي:

> "ورائي پڇيائين عورت جو چڪر ته ناهي،"
> مان خاموش رهيس.
> چيائين " الاءِ ڇو دنيا جا سڀئي قومپرست رومانٽڪ هوندا آهن."
> "ڇو جو ڌرتيءَ ۽ عورت ۾ بنيادي مشابهت آهي."

”ڪهڙي؟ “
وراڻيم، ”ڌرتيءَ ۽ عورت بنيادي مشابهت اها آهي، جو ٻئي پنهنجن سرويچن جي رت جو سندرو سينڌ ۾ وجهي، قيامت تائين سندن شهادت جي ياد تازي رڪنديون آهن.“ (جليل، 2010: 182)

امر جليل هميشه سماج جي عڪاسي اکين ڏٺي واقعن ۽ حالتن جي باري ۾ بهترين انداز ۾ ڪئي آهي. وطن جي لاءِ سندس دل ۾ جيڪا تڙپ آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس لفظ ، لفظ ۾ پنهنجي وطن کي تڪليفن ۽ غلاميءَ کان بچائڻ جي لاءِ جدوجهد نظر اچي ٿي. وطن جي آزاديءَ جي لاءِ هوشو شيديءَ جي قرباني تمام گهڻي اهميت واري آهي. سندس هيءَ ڪهاڻي به اسلوب جو بهترين مثال آهي. سنڌي سرويچن جي بهادريءَ کي بهترين اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي. سندس ڪهاڻي ”هوشو شيديءَ جي آخري شام“ ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌ جي سپوتن مٽڙي ماءُ جي سيني ۾ سازش ۽ غداريءَ جو بڙڇيون هنيون ـ ڀالا هنيا، نيزا هٽي خنجر هنيا. سنڌ جو سينو درد و غم ۾ جهرندو ويو. اباڻجي ويو، سڪندو ويو. سنڌ جي سڪل گود کي آلو ڪرڻ لاءِ سرڪش سنڌين مياڻيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي خون جو ٻليدان ڏنو.“ (جليل، 2012: 35)

هن ڪهاڻيءَ ۾ موجود هوشوءَ ۽ سنڌين جي بهادريءَ واري جذبي کي ڏسي سگهجي ٿو. هتي سندس اسلوب کي حقيقت نگاريءَ واري روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. امر جليل جي ابتدائي ڪهاڻين ۾ اسلوب ۾ اوڻايون آهي. ٻوليءَ ۾ مشڪل لفظ گهڻا استعمال ڪيل آهن. ڪجهه لفظ اوپرا نظر اچن ٿا. ڌرتيءَ لاءِ هوشوءَ جا جذبا ۽ احساس جڻ سڏيندا هجن ته آهي، ڪو جيڪو ڌرتيءَ ماءُ کي بچائي سڏ ۾ سڏ ڏي. هيءَ ڪهاڻي سورهيائيءَ جي علامت آهي. نيزا، خنجر، ڀالا جن کي ڏسي ڪو به عام ماڻهون انهن جي سامهون هارائي ويهندو هتي هوشو جو ڪردار بهادر آهي. هر ليکڪ جي هر تحرير سندس شخصيت جو ٻيو روپ هوندي آهي. سڌي يا اڻ سڌي طرح ان تي سندس مزاج جي ڇاپ هوندي آهي. امر جليل جي اديب جي لاءِ لکي ٿو ته:

”دنيا جو سجاڳ اديب، شاعر ۽ مصور پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪندو آهي. هو جيڪو ڪجهه پنهنجي وقت ۾ ڏسندو ۽ محسوس ڪندو آهي. تنهن کي پنهنجي فن ۾، پنهنجين تحريرن ۾ موضوع طور استعمال ڪندو آهي، ڪو به فرض شناس اديب معاشري ۾ ايندڙ تبديلين کان منهن موڙي فقط عشق ۽ محبت جا قصا نه لکندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سموري دنيا ۾ اجوڪي ادب جا

خاص موضوع سياست ۽ مذهب، ۽ فرض ۽ فراريت آهن.” (جليل، 2012: 123)

امر جليل ڪهاڻين ذريعي تاريخي واقعن ۽ شخصيتن کي تخليقي اسلوب جي وسيلي جياريو آهي. هو تاريخ ڀڌائي سجاڳيءَ طرف گامزن ڪرڻ گهري ٿو. اديب وڏو هجي خواهه ننڍو هو لکڻ لاءِ مواد سماج مان ئي حاصل ڪري ٿو. ڪڏهن سماجي ظلم خلاف آواز اٿاريندو آهي. ڪڏهن خاموش هوندو آهي. اديب لکڻ لاءِ آزاد هوندو آهي، آزاديءَ سان سماج جي جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو. اديب سچ جي خدمت ڪندي ڪڏهن پاڻ کي به وڃائي ويهندو آهي. امر جليل جي ذهانت جا ڪيترائي رنگ آهن، جن کي هن نوان دڳ ڏيکاريا آهن. سندس هر ڪهاڻي تاريخ جو هڪ باب آهي. سندس شخصيت عام اديبن کان جدا آهي. جنهن جي آڏار تي هو سماج مان ڪنهن نه واقعي کان متاثر ٿي پنهنجي تحرير قلمبند ڪري ٿو. ”سنڌو منهنجي ساهه ۾“ جي مهاڳ ۾ امر جليل پنهنجي تحريرن لاءِ لکي ٿو ته:

”مان پابندين ۽ چيلينج آڏو وڏيڪ قوت ۽ جذبي جي اٿموٿ اُڇل سان لکي سگهندو آهيان. ڪو ڪو ذهن آتشڪدي وانگر هوندو آهي. تيل جي ڇنڊي سان ڀنڀٽ ڪري ڀڙڪي اُٿندو آهي. منهنجي بدقسمتي اِها آهي جوعام رواجي حالتون مون کي لکڻ لاءِ آماده نه ڪري سگهنديون آهن. عام حالتون ملن ها ته شايد لکڻ کي بي معنيٰ سمجهي ڇڏي ڏيان ها. گذريل ٻاويهه سالن کان مون کي لکڻ لاءِ نهايت ڏانوءَ وٽان ماحول مليو آهي، دبڙ دونس، ٻوسٽ، گروهه بندي، آڏيون پڇائون، انڪوائريون ۽ بندشون.“ (جليل، 2013: 18)

مشڪل حالتن ۾ مشڪل واقعن تي ڪهاڻيون لکي امرجليل جي دليريءَ جي جيتري داد ڏجي ايتري گهٽ آهي. سندس هڪ، هڪ موضوع، ڪردار سندن انداز ۾ سندس شخصيت نمايان نظر اچي ٿي. سندس مشاهدو گهرو آهي. هن غريب، مسڪين، هارين، مزدورن، ڪلارڪن، پٽيوالن، بيوس عورتن ۽ ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ هر ان انسان لاءِ لکيو آهي. جنهن کي هن ڌرتيءَ تي هميشه ڌوڪي دولاب سان لٽيو ويو آهي. سندس ذهن ۽ اعليٰ فڪر کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي. هن افسانن جي صورت ۾ عوام کي سڌي راهه تي هلڻ ۽ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جي ترڪيب ڏني آهي. امر جليل اهي سڀ مسئلا اهڙن عام ڪردارن ۽ مڪالمن جي ذريعي پيش ڪري ٿو، جو ڪامورن، پيرن، وڏيرن، مولوين، سرمائيدارن کي مختلف اندازن ۾ سندن ڪردارن کي وائکو ڪري، ڪڏهن طنز ته ڪڏهن وري سخت لهجي ۾ کين آئينو ڏيکاري ٿو. امر جليل تي ملحد، ڪافر، دهريو هئڻ ۽ نوجوان نسل کي ڀڙڪائڻ ۽ کين باغي ڪرڻ جا الزام لڳا. پر هن انهن موضوعن تي لکڻ کان ڪڏهن به ڪنڌ نه ڪڍيو. ”جڏهن مان نه هوندس“ تي انڪوائري هلي،

ڪتاب تي بندش لڳي، سندس ڪهاڻي ”سرد لاش جو سفر“ تي پابندي لڳي. گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا هي مرد مجاهد به مڙڻ وارن مان نه هو سو سندس قلم نه رڪيو نه جهڪيو، ۽ پاڻ پابنديءَ سان ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکندو رهيو ۽ سرڪاري نوڪري به ڪندو رهيو. امر جليل 1977ع واري عرصي ۾ جن اديبن کي جيلن جو منهن ڏيکاريو ويو انهن جي لاءِلکي ٿو ته:

”ديسي اديب کي عام طرح ۽ سنڌي اديب کي خاص طرح ڏيڄاري چڙيو آهي. جن ادب کي رت ست ڏنو، اهي اڄ جيلن ۾ پيا آهن. اهڙين حالتن ۾ لکڻ معجزي کان گهٽ نه آهي. اسين سنڌي اديب لکڻ جي نالي ۾ معجزو ڪري رهيا آهيون. ورنه ادب ۽ اديب کي ناس ڪرڻ لاءِ يارن وسان نه گهٽايو آهي.“ (جليل، 2012: 144)

پابندين ۽ گرفتارين باوجود به امر جليل لکندو رهيو. سنڌي ٻوليءَ تي پابندي لڳڻ واري وقت ”عشق ۽ انٽرويو“ لکي ان کي نروار ڪيو. امر جليل جي دور ۾ سندس همعصرن ۾ وڏا ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس هئا، جن ادب جي دنيا ۾ وڏو نالو ڪييو. جمال ابڙو، علي بابا، نسيم کرل، سراج الحق ميمڻ، غلام رباني آگرو، نجم عباسيءَ ۽ اياز قادري جا نالا ذڪر لائق آهن. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ مان  جڏهن مان نه هوندس، سرد لاش جو سفر، قربان علي ڪنگلي جو روح، هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا، اروڙ جو مست، عاشق ۽ شهيد موتي ايندا، بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو، ڌرتيءَ جي ڌوڙ، آسمان جا تارا، سوجهرو ۽ هن چار ۾سندس شاهڪار ڪهاڻين مان آهن. امر جليل جي ڪهاڻين جي لاءِ لڇمڻ ڪومل پاڻيا لکي ٿو ته:

”جنهن وقت ۾ تيل جيان پاڻيءَ جي سطح تي مٿان ئي مٿان تري رهي هئي، ان وقت امرجليل ئي ان کي گهراين ۾ لاٿو. جنهن وقت سچي ڪهاڻيءَ جا انڌا ڪردار پنهنجي ڪهاڻيڪارن کي ئي اکيون ڏيکاري رهيا هئا ان وقت امر جليل پنهنجي ڪردارن کي خوابن ۾ به نئون نور بخشيو.“ (لڇمڻ، 2015: 67)

امر جليل پنهنجي ڪردارن کي تڪليف مان به ڪڍڻ چاڻي ٿو. سوجهرو ۾ چاچا واحد ڪيتري ڏکئي وقت ۾ به هار نه مڃي هو زال ۽ ڌي جي پورهئي تي حلال جي روزي ڪمائي ٿو. معاشي حالتون ڪهاڻيءَ مان جهلڪا ڏيندي نظر اچن ٿيون. امر جليل وٽ لفظن جو خزانو آهي. جيئن وٽيس انهن کي استعمال ڪري چاهي انگريزي ٻولي هجي، سنڌي يا اردو هجي جنهن ٻوليءَ ۾ وٽيس لکي وٽس ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ ۽ لکڻ جو فن آهي، ۽ وٽس انهن ٻولين جي لفظن جو ذخيرو آهي. اهو سندس اسلوب ئي آهي. جيڪو ڪيس سڀني کان ڌار ڪري بيهاري ٿو. سندس شخصيت جو اثر ڏسڻ لاءِ ”دل جي دنيا، ٿيون وجود، تاريخ جوڪفن، منهنجو ڏس آسمان کان پڇو، سنڌو منهنجي ساهه ۾، سرد لاش جو

سفر، عشق ۽ انٽرويو، سوجهرو، لهندڙ سج وڏندڙ پاڇا، راهون جدا جدا ۽ جڏهن مان نه هوندس ۾ سندس شخصيت جو گهرو اثر نظر اچي ٿو. هونءَ ته سندس هرهڪ ڪهاڻي، ڪالم، ناول، ناٽڪ، ڊراما سيني تحريرن تي سندس اعليٰ شخصيت حاوي آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع، ڪردار، ٻولي گهڻي اهميت رکن ٿا. گهڻو ۽ معياري لکڻ ڪري جليل تمام گهڻو وقت ادب جي دنيا ۾ بادشاهي ڪئي آهي. ان جي لاءِ مهتاب اڪبر راشدي لکي ٿي ته:

”امر جليل ڪالهه، اڄ ۽ سڀاڻي جو اهو سنڌ ڄائو اديب آهي. جنهن جي خيال جي اڏام، مشاهدي جي وسعت، قلم جي نوڪ، بيان جي سحر انگيزي، پنهنجي زمين سان عشق جي سڳي ۾ جنون جي حد تائين پويل آهي. هن ڌرتيءَ سان ٿيندڙ ويساهه گهاتيون ۽ ان جي نتيجي ۾ ڀوڳيندڙ سنڌ جو ڀورڙو عوام. منافق ۽ حرفتي سياستدان ۽ انهن جا چاپلوس ڪارندا، مذهبي منافقتون ۽ انهن ڏنگيل معصوم ماڻهن ٻهراڙيءَ جي ٻالن ڀولن جا قصا ۽ ڪهاڻيون شهري غنڊن جا ڪارناما. ادبي ڌاڙا سياسي چالبازيون اهو ڪهڙو موضوع آهي، جنهن تي امر جليل جو قلم نه وهيو آهي.“ (راشدي، 2015: 68،69)

حقيقت ۾ امر جليل اهو ليکڪ آهي، جنهن هر ظلم خلاف لکيو آهي. ظلم سهڻ وارن جي زخمن تي هو ملم رکڻ جي بخوبي ڪوشش ڪري ٿو. سندس قلم ۾ ڪٿي به جهول نظر نٿو اچي. پاڻ تحريرن ذريعي سنڌي قوم کي آئينو ڏيکاريو آهي. انهن کي سندن ڪمزورين ۽ خامين کان آگاهه ڪيو آهي، هن مزاق، مزاق ۾ سنڌين کي پنهنجيون بڇڙايون ۽ شرم جهڙين حقيقتن کان آگاهه ڪيو آهي. هو جڏ سنڌي وڏيرن ۽ سياستدانن، ڪامورن کي زوردار چماٽ ٿو هڻي پوءِ به ڪيس عوام مان اهڙي موٽ سندس اعليٰ ۽ معياري سوچ ۽ تحريرن جو ثبوت ڏئي ٿي. تڏهن ته امر جليل لاءِ زرار پيرزادو لکي ٿو ته:

”امر جليل سنڌ جي انهن ليکڪن مان هڪ آهي، جنهن کي Best Mind Of Sindh چئجي ٿو“. (پيرزادو، 2015: 75)

اديب جي تحرير مان سندس شخصيت جهلڪا ڏئي ٿي. امر جليل جي سوچ، شخصيت به سندس تحريرن مان جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. هن جيڪو ڏٺو، سوچيو، محسوس ڪيو ان کي قلمبند ڪري عوام جي سامهون آندو. جن موضوعن تي امر جليل لکيو آهي. سندس همعصرن مان ڪنهن به سماج جي هر موضوع هر ظلم هر ڪردار تي نه لکيو آهي. جيترو امر جليل لکيو آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج جا ناسور ٿيل موضوع به آندا آهن. اهي قصا اهڙي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪندو ٿو وڃي جو پڙهندڙن کي ڪٿي به پڙهندڙ جا جذبا، احساس، فڪر ۽ حقيقت جي حد تائين قابو ڪيو وڃي ٿو. سياستدانن ۽ ڪامورن جي حقيقت عوام جي سامهون هنن ڪهاڻين جي ذريعي آندي آهي.

امر جليل جي ڪهاڻي ”منهنجو پٽ مهدي“ ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار سان جيڪو حشر سماج جا ٺيڪيدار ڪن ٿا. يقينن اهڙا ڪيترا ئي ڪردار هر روز جيئندا ۽ مرندا هوندا. سيٺ ووٽن ۾ ڪٽڻ لاءِ مسجد ٺهرائي ٿو، جيئن سندس گناهه معاف ٿي وڃن. سرمائيدارن ۽ ڪامورن جي حقيقت ”پنجين موسم“ ڪهاڻيءَ جي ذريعي ڪئي آهي. اٻوجهه ڳوناٺن کي پيرن، فقيرن جي ٺڳين کان آگاهه ڪرڻ لاءِ ”اروڙ جو مست“ ڪهاڻي لکي. وڏيرن جي گندي ذهنيت تان پردو کڻڻ لاءِ ”هن چار ۾“ لکي تنقيد ڪئي. هندو ۽ مسلمانن جي محبت ”هولي“ ڪهاڻيءَ جي صورت م سامهون آندو. سنڌ جي اقليتن سان ٿيل ظلم خلاف ”حياتي وهه وٺو آهي“ لکي. ون يونٽ دوران سنڌي ٻوليءَ سان ظلم خلاف ”عشق ۽ انٽرويو“ لکيائين. لساني فسادن خلاف ”ڪپيل ٻانهن جو وارث“ لکيائين. قانون جي نالي قوس ڪرائيندڙ مفاد پرست سياستدانن تي ”ڇتي ڪتي جو موت“ لکيائين. قومي ڪارڪن ۽ نظرياتي قوم پرست جو ڪن نام نهاد ضمير فروشن ليڊرن هٿان قتل ٿيڻ تي ”ساٿو ساٿو ساهه“ لکي. ڪلارڪن تي ”آدم جي ماءُ، هڪ ديسي عشق جو داستان، دل جي دنيا “ لکيائين. سياستدانن تي ”ڪانسٽيٽيوشن جي اوينيو تي موت، رليف ڪيمپ، ڪينسر، هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ“ لکيائين. شاهه لطيف ۽ سچل سرمست تي گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪرڻ تي “ سچل سرمست ٽربل ۾“ لکيائين. سيدن جي صدين کان ڪندڙ ظلم ۽ سوچ تي ”ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۽ آسمان جا تارا“ لکيائين. سندس سموريون ڪهاڻيون سندس شخصيت جو عڪس آهن. سندس سوچ، مشاهدو طبعيت سندس ڪهاڻين مان جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. امر جليل پنهنجي تحريرن جي لاءِ لکي ٿو ته:

> ”مون لکڻ ڪڏهن به تفريحي مشغلو، وانڪائيءَ جي وندر ۽ شوق نه سمجهيو آهي، ۽ نه ئي محسوس ڪيو آهي. لکڻ منهنجي وجود ۾، منهنجي شعور ۾، منهنجي لاشعور ۾ ائين هلندو رهندو آهي، جيئن سيني ۾ ساهه کڄڻ، دل جو ڌڙڪڻ ۽ دماغ جي سهسين سڄن جو لهڻ ۽ چڙهڻ _ آتش فشائن جو سمهڻ ۽ جاڳڻ موسمن جو اچڻ ۽ وڃڻ. مان بنيادي طرح پڙهندڙن جو ليکڪ آهيان.“ (جليل، 2015: 14)

امر جليل جنهن مقصد سان لکيو ان ۾ ڪامياب ٿيو. سندس پڙهڻ وارن ۾ سنڌي ماڻهون پر ٻين ٻولين ڳالهائڻ وارا ماڻهون به شامل آهن. پاڻ لکڻ کي ساهه کڻڻ جي عمل وانگر لکيو آهي. جيئن انسان جو ساهه بند ڪبو ته مري ويندو امر جليل به جي نه لکي ته شايد زندهه رهي نه سگهي ها. سندس هر ڪهاڻيءَ جي هڪ هڪ لفظ تي سندس ڇاپ آهي. هو پڙهندڙن کي ڪهاڻيءَ جي ذريعي قيد ڪري ٿو، جو پڙهندڙ ان دنيا ۾ پاڻ کي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. پڙهندڙ جي جذبن، احساسن ۽ دل جي ڌڙڪن کي به پنهنجي هٿ ۾ ائين ڪري ٿو جو پڙهندڙن کي دلي سڪون ۽ راحت محسوس ٿيڻ لڳي ٿي. ڪهاڻي ڪٿي

پڙهندڙ کي پنهنجي لڳي ٿي، ڪٿي رشتيدار جي، ڪٿي دوست جي، ڪٿي پاڙيوارن جي لڳي ٿي. چاڪاڻ ته امر جليل جا موضوع، ڪردار خيالي نه پر حقيقي آهن. سندس هر ڪهاڻي نفسياتي طرح اسان کي مطمئن ڪري ٿي، ۽ اسان ليکڪ جي نفسيات شناسي، انسان دوستي ۽ فنڪارانه اظهار جا قائل ٿي ويندا آهيون. اهو ئي سندس اعليٰ اسلوب جو احساس آهي. جو ليکڪ پڙهندڙن کان پنهنجون سڀ ڳالهيون مڃرائيندو آهي. هو سماج ۾ انصاف ۽ امن چاهي ٿو. هن سماج کي جيئن ڏٺو، پنهنجي تحريرن ذريعي پيش ڪيو آهي. هو جيئن آهي اسان جي سامهون آيو آهي. سماج ۾ ڪيترو به ظلم ۽ ناانصافي ڏسي به هو ڪاوڙ نٿو ڪري نه ئي ڪا گار ٿو ڏئي. بلڪ طنز ۽ مزاح جي ذريعي سماج جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکي ٿو. هر ڳالهه وقت تي چوڻ جو عادي آهي. هو سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق نهايت ايمانداريءَ سان سمجهائي ٿو. هو نهايت حساس طبعيت جو آهي، جو هر انسان جي ڏک ۽ درد کي محسوس ڪري ۽ سمجهي ٿو. سندس اهي ڳالهيون هر ڪهاڻيءَ مان جهلڪا ڏيندي نظر اچن ٿيون. پنهنجي ڪهاڻي ”سنڌي گدڙ ان اسلام آباد“ جي لاءِ لکي ٿو ته:

> ”ڪهاڻي، ”سنڌي گدڙ ان اسلام آباد“ جو موضوع سنڌين کي اسلام آباد ۾ درپيش تڪليفون نه هو. ”سنڌي گدڙ ان اسلام آباد“ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا اهڙن سنڌي ڪامورن جي باري ۾ هئي، جيڪي ساهه ۽ وک به ڊڄي ڊڄي کڻندا هئا ڪٿي سندن نااهلي ظاهر نه ٿي پوي.“ (ميمڻ، 2015: 19)

امر جليل سنڌين کي شعوري طور سجاڳ ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي. ان جي لاءِ هڪ ته سڌوسنئون ۽ ٻيون طنز وارو طريقو اختيار ڪيو آهي. امر جليل کي ڪنهن هڪ واقعي ڳالهه يا ڪردار متاثر نه ڪيو آهي. سندس شخصيت انسانيت جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿي. سندس ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي صورت ۾ دوست مٽ مائٽ ۽ ڪٿي سندس ذات به نظر اچي ٿي. سندس ڪهاڻين جي شروعات ۽ پڇاڙيءَ جو اسلوب بهترين آهي. امر جليل هميشه نا انصافي ۽ منافقت جي خلاف اٿل رهيو. هن سماج کي کهري نظر سان ڏٺو. هميشه، مڪار، ٺڳ، ڌوڪيباز، بدمعاشن جي خلاف رهيو آهي. هر ڳالهه منهن تي چوڻ جو عادي آهي. تنهن ڪري واقعن کي اهڙي طرح قلمبند ڪيو آهي. لفظن جو اهڙو استعمال ڪنهن ڪنهن ماڻهو وٽ هوندو آهي. سندس ان ئي عادت جي لاءِ قمر شهباز لکي ٿو ته:

> ”هن کي سنڌي زبان، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ متعلق ڪا خاص ڄاڻ نه هئي، نه رڳو ايترو پر سنڌي وڏيري، پير ۽ مير خلاف سندس دل ۾ نفرت سچي سنڌي نظام خلاف ٿي وئي هئي.“ (طارق، 1973: 114)

اڻ ڄاڻ انسان جي ٻوليءَ ۾ ايترو ماهر هجڻ، سندس اندر ۾ ويٺل نفرت جي ذريعي ئي اهو سڀ ڪجهه ممڪن ٿي سگهيو آهي. ٻولي ايتري پختي جو سندس لفظن جي جادوءَ ۾ پڙهندڙ گم ٿيو وڃي. سندس تحريرن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته امر جليل جي هڪ، هڪ سٽ مان سندس شخصيت جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. زندگيءَ جي هرپل تي سندس گهري نظر آهي. سنڌي نظام خلاف سندس دل ۾ ويٺل نفرت ڪي سندس ڪهاڻي ”سياڻن ۾ پوڪ“ ۾ انهن اميرن تي طنز آهي. جيڪي پنهنجي قوم سان غداري ڪري آزاديءَ جي تحريڪن جي خبر انگريزن کي وڃي ڏيندا هئا. ڳالهه سڌي پر ان ۾ طنز سندس وڏي خوبي آهي. ڌرتيءَ سان ڌوڪو ڪرڻ وارن جي ڪهاڻي لکي آهي. اهڙا ڪيترائي مثال اسان کي سندس ڪهاڻين ۾ ملن ٿا. ”سنڌي گدڙ ان اسلام آباد“ ۾ سنڌين جي پنهنجي نوڪري يا سياسي سيٽ بچائڻ واري چڪر ۾ ڏچي ڏچي زندگي گذارڻ تي تنقيد به سندس اسلوب جو بهترين مثال آهي.

امر جليل جي دليري ئي ڪيس فن جي بلندين تي پهچائي ٿي. شايد ايتري گهري سوچ ڪنهن ليکڪ جي هجي. سندس شخصيت ۾ جدت پسندي انتها درجي جي هوندي آهي. هو ڪهاڻيءَ ۾ هڪجهڙائيءَ مان بيزار ٿي وڃي ٿو. ان جي لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر تهمينه مفتي پنهنجي مقالي ”امرجليل جي ڪهاڻين جا ڪردار، فن جي روشنيءَ ۾ سگهارن احساسن جو اپياس“ ۾ لکي ٿي ته:

> ”تاثر اسلوب جيڪو ڪهاڻيءَ جو بنيادي ڪم آهي، احساس کي پيدا ڪرڻ ۾ امر جليل تاثر (Effect) ۽ اسلوب کان ڀرپور ڪم ورتو آهي.“
> ”امر جليل جون ڪهاڻيون رومانويت (Romanticism)، حقيقت نگاري (Realism)، فينٽسي (Fantasy)، افسانويت (Fictitious)، تخيل ۽ تصور (Imagnary)، ۽ احساسيت (Emotionalism) تي آڌاريل آهي. سندس تحريرون، عشق، محبت حسن ۽ حسناڪي کان وٺي انساني احساسن، سورهيائي، مايوسي، اداسي، اميد ۽ زندگي جي مقصد سان جڙيل آهن.“ (مفتي، 2010: 130)

امر جليل ڪهاڻين ۾ نئين اسلوب کي داخل ڪيو آهي. سندس پيدائش 1936ع ۾ ٿي. تنهنڪري مذهب جي نالي تي جيڪو قوس هن ڏٺو. ان سندس ذهن تي تمام گهرو اثرڪيو. 19 سالن جي عمر ۾ اندرا ڪهاڻي جي صورت ۾ اسان جي سامهون آيو. جنهن ۾ هندو ۽ مسلمانن جي پيار جو عڪس چٽيو اٿس. اندرا جو ڪردار ڪهاڻين ۾ عورت جي مختلف روپن ۾ آيو آهي. امر جليل پنهنجي دور ۽ ماحول سان هميشه ڳنڍيل رهيو. ان ڪري سندس ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جا اهي معاملا، گهٽ يا وڌ نظر اچن ٿا. سندس شروعاتي ڪهاڻيون رومانوي آهن. هٽرادو ڪردار، ٻولي هندن واري شروعاتي ڪهاڻين تي سندس ننڍپڻ جو گهرو اثر نظر اچي ٿو. سندس هر ڪهاڻيءَ جي هر ڪردار ۾ هو پاڻ

ڪي ڳولڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس تحريرن جو محور سندس ذات آهي. جنهن جو اظهار پاڻ ”دل جي دنيا“ جي مهاڳ ۾ ڪجهه هن ريت ڪيو آهي:

> ”مون ڪي منهنجين ڪهاڻين جي مختلف ڪردارن ۾ ڳوليو ويو آهي. مون پڻ پاڻ کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان ڪير آهيان؟ ”دل جي دنيا“ وارو شامو آهيان! ”پڙلاءُ“ وارو ساجن آهيان! ”بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو آهيان! ” منهنجو ڏس آسمان کان پڇو“ واري ڪهاڻيءَ جو گوتم آهيان! ” اروڙ جو مست“ ۾ عبدالرحمان ڏاڙيل آهيان! ” تاريخ جو ڪفن“ ڪهاڻي ۾ اياز مڪراني آهيان! ”جڏهن مان نه هوندس“ ۾ ڦاهيءَ کان اڳ آخري ڪهاڻي لکڻ وارو قوم پرست آهيان! مان ڪير آهيان؟ مان ڪنهن به نتيجي تي نه پهچي سگهيو آهيان.اصل ۾ مان ڪنهن به نتيجي تي پهچڻ جو خواهشمند نه آهيان. ائين برابر آهي ته ڪو به لکيڪ پاڻ کي مڪمل طرح پهنجين تحريرن کان جدا ڪري نه سگهندو آهي.“ (جليل، 2012: 13)

ليکڪ ڪهاڻيءَ ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح ۾ موجود هوندو آهي. امر جليل جي ڪافي ڪهاڻين ۾ ڪيس ڳوليو ويو آهي. ان جواب هو پاڻ به نه ڏئي سگهيو آهي. امرجليل هر دور ۾ انسان دوست، انساني حق، وطن پرست، ۽ انسان جي اظهار جي آزاديءَ جو قائل رهيو آهي. هونءَ ته ادبي خلوص سندس شخصيت ۾ جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿو. سندس تحريرن ۾ نظم و ضبط گهٽو هلندو ٿو اچي. انساني محبت جو جذبو ڪٿي به گهٽ يا تبديل نٿو ٿئي. شروع واري ڪهاڻين ۾ جيڪا اجائي نعري بازي هئي اها ” اروڙ جو مست، سوجهرو“ ڪهاڻين تائين پهچندي سندس فن جي بلندين کي ڇهي چڪو آهي. هاڻي هو اميرن تي طنز ۾ وڌي فنڪارانه انداز اختيار ڪري ٿو. ڪٿي به پنهنجي مقصد کان پري نظر نٿو اچي. بلڪ هو سياسي، سماجي، مسئلن کي نفسياتي حوالي سان ڏسڻ لڳو آهي. بک بيروزگاريءَ جي ڪري جڏهن ماڻهن جي گهر جي عزت بکئي پيٽ پرڻ لاءِ نيلام ٿئي ٿي، اتي ”سوجهرو“ ڪهاڻيءَ ۾ چاچا واحد جهڙا ڪردار جيڪي محنت ڪري عزت بچائي وقت گذارين ٿا. هر ڪهاڻيءَ ۾ اسلوب جو استعمال بهترين آهي.

امر جليل جو مشاهدو ايترو ته گهرو آهي. تلاءَ کي خراب ڪرڻ واري ان هڪ مڇيءَ کي ڳولي ڪڍي ٿو. جنهن سموري تلاءَ کي خراب ڪيو. سندس ياداشت جي قوت گهڻي آهي. جيڪا سندس شخصيت ۽ فن کي چارچنڊ لڳائي ٿي. هر مشاهدو، هر حادثو، هر تجربو، هربِدل ڳالهه يا پڙهيل معلومات سندس ذهن زنده رهي ٿي. اها خوبي سندس اسلوب کي سينگاري ۽ فن کي عروج بخشي ٿي. هو انهن واقعن کي بيان ڪرڻ جو فن رکي ٿو. هزارين، لکين معاملا سندس ذهن جي خانن مان نڪري ايندا آهن، ۽ اسلوب جي خوبصورتي بنجي

ويندا آهن. سندس نظر ۾ ڪا به معمولي ڳالهه معمولي نه هئي، ان لاءِ هن هر مسئلي تي سنجيدگيءَ سان ڌنو ۽ مڪڻ مان وار وانگر هر مسئلي کي ڪوٺي ڪڍيو. انساني مطالعي ۽ شخصي تجربي تي سندس گهڻو عمل آهي. ان جو خاڪو جيئن جو تيئن سندس ڪهاڻي ”مٽيءَ جا ماڻهون“ ۾ نظر اچي ٿو. اروڙ جو مست، دل جي دنيا، پڙلاءَ، بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو، تاريخ جو ڪفن، جڏهن مان نه هوندس، انهن ڪهاڻين جا ڪردار سماج جا حقيقي ڪردار آهن. جيڪي سرڪش ۽ بهادر گهٽا آهن. امر جليل گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ لکيو. ڪڏهن به ڪيس سياسي، سماجي، مذهبي آزاديءَ سان لکڻ وارو ماحول نه مليو. هو هن نظام جي خلاف سراپا احتجاج آهي. هو خيالي دنيا ۽ غلاميءَ جي زنجير کي پسند نٿو ڪري هو پنهنجي انداز جو مالڪ آهي. هن پنهنجي اصولن تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪيو آهي. امر جليل حالتن ۽ واقعن کي پسند ۽ ناپسند جي نظرئي تحت نٿو قبول ڪري حقيقت ۽ درد تي گهڻو ڌيان ڏئي ٿو. هاڻي اسلوب جي فن تي سندس شخصيت جي مهر لڳل آهي. سندس اسلوب بنا نالي جي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ٿو. هو ڪنهن نظرئي جي پرچار ڪندڙ نه آهي، نه ئي ڪنهن مقصد جو دعويدار آهي. هو سماج جون تصويرون ديانتداريءَ ۽ انتهائي تلخ معيارن سان پيش ڪري ٿو. ان پيشڪش ۾ ڪا ذاتي ڪمزوري يا انساني لالچ سندس رستي ۾ نه ٿا اچن. هاڻي هو سمورو فن آهي. جنهن جو بنياد انساني دوستي ۽ اسانيت تي آهي. طارق عالم ابڙو سندس ڪهاڻين جي لاءِ لکي ٿو ته:

> ”امر جليل جون ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ ڪچي پهرين جو ڪتاب آهن، جن تي پورو سنڌي ادب بيٺل آهي، ۽ اها حقيقت آهي ته امرجليل ئي سنڌي ٻوليءَ جو اهو ڪهاڻيڪار آهي. جنهن سنڌي ادب کي تمام گهڻا پڙهندڙن ڏنا آهن.“ (ملاح، 2013: 101)

امر جليل سنڌي ادب جو اعليٰ ۽ منفرد ليکڪ آهي. پاڻ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جدت آندي اٿس. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نئين طرز آندي آهي. سندس ڪهاڻين ۾ تشبيهه، استعاري، نج سنڌي لفظن ۽ علامت جو استعمال گهڻو ملي ٿو. سندس ڪهاڻيون پڙهڻ وقت پڙهندڙ جي دلچسپي وڌندي وڃي ٿي. زندگيءَ جي مختف رُخن کي نهايت ايمانداريءَ سان پيش ڪيو آهي. سندس ڪهاڻيون انقلابي آهن. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ گهرائي آهي. هو ڌرتيءَ تي ٿيندڙ ظلم کي برداشت نٿو ڪري. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جا مسئلا سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن جو هوبهو نقشو نظر اچي ٿو. سندس قلم هميشه سچ لکيو آهي. پاڻ هڪ عظيم امن پسند، حقيقت پسند ۽ انسان دوست آهي. امر جليل جو فن سندس همعصرن ۾ اوچو آهي. سندس ڪهاڻيون سنڌ جي سياسي ۽ سماجي مسئلن جي عڪاسي علامتن ڪن ٿيون. سندس ڪهاڻيون سياست، معيشت ۽ سماج جي تاريخ آهن. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ سان لاڳاپو رکندڙ هر موضوع نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌين جي مهمان نوازي، پير پرستي،

قبر پرستي، سنڌي جي عياشي، ڪامورن جا ڪلور، سرمائيدارن جا ظلم ، ٻنين ۽ ونين جي حفاظت ۽ معاشي بدحاليءَ جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي. امر جليل جا ڪردار عام آهن. ڪي صابرين ۽ ڪي بردبار ۽ ڪي وري زماني کان شڪست کاڌل آهن. امر جليل ڪردار نگاريءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. منظرنگاري به سندس ڪهاڻين ۾ اعليٰ نظر اچي ٿي.

تعداد توڙي معيار جي لحاظ کان سندس ڪهاڻيون معياري آهن. ڪنهن به حوالي سان سندس ڪهاڻيون ڪچيون نه آهن. امر جليل جي اسلوب ۾ سندس شخصيت اسان کي نمايا نظر اچي ٿي. ڇو ته سندس موضوع لکڻ جي پابنديءَ هوندي به وسيع ۽ گهڻ ۽ ٻوسٽ واري دور جي پيداوار آهن. سياسي، سماجي ۽ مذهبي گُهٽ جي خلاف هن آواز اٿاريو. امر جليل هٿ ٺوڪي قانون ۽ ان جي رکوالن جي طريقن کي نٿو مڃي. هو پنهنجي معيار تي سماج کي پرکي ٿو. هن ڪڏهن به غريبن کي مجبور ۽ بيوس ڪرڻ وارن حالتن تي سمجهوتو نه ڪيو آهي. سندس فن ان مقام تي پهچي چڪو آهي، جو ذاتي واقعا ۽ حالتن سندس اسلوب کي چار چنڊ لڳائين ٿا. سندس اسلوب تي سندس فن جي ڇاپ نظر اچي ٿي. هو ڪنهن خاص نظريي جي پرچار نٿو ڪري، بلڪه انتهائي ايمانداريءَ سان سماج جي حقيقت کي تلخ نموني پيش ڪري ٿو. ان ڏس ۾ ڪا به ذاتي ڪمزوري سندس سامهون نٿي اچي. هاڻ امر جليل فن جو پڪو پختو اهڃاڻ بنجي چڪو آهي.

**امر جليل جا همعصر ۽ سندن اسلوب**

جمال ابڙو ( 02 مئي 1924ع _ 30 جون 2004ع )

جمال ابڙو 02 مئي 1924ع ۾ ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو علامه علي خان ابڙو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جمال ابڙو اهو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن گهٽ عرصي ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو. سندس ڪهاڻيون حقيقت نگاريءَ واريون آهن. سندس ڪهاڻين سنڌي ادب جي خاموشيءَ کي ٽوڙيو ۽ ڪهاڻيءَ کي تلخ حقيقت جي دنيا ۾ آندو. جمال جي ڪهاڻين ۾ مڪالما، منظر، ماحول، ٻولي سڀ ڪهاڻيءَ جي اصولن مطابق آهن.

جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي نا انصافين جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. پاڻ وڏيرن جي ظلم کي ننڌي ٿو ۽ ڪارو ڪاري، بک بيروزگاري ۽ بدنيتي جي ترجماني به جمال جي ڪهاڻين ۾ اسان کي نظر اچي ٿي. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو مجموعو ”پشو پاشا“ آهي. جمال ابڙي جون ڪهاڻيون فن جي جنهن بلنديءَ کي ڇهن ٿيون ان جي باري ۾ سراج الحق ميمڻ لکي ٿو ته:

> ”جمال سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي نس نس مان واقف هو. هن سنڌي ٻولي ماءُ جي پيٽان اهڙي سکي، جو ان کي جيئن کپيس ٿي، نيون معناعون ڏنائين. ڪهاڻي يا افساني جي ٽيڪنيڪ ۾ جمال حرف آخر هو. هن هڪ جج طور سنڌي سماج کي ڏٺو ۽ پرکيو هو.“ (سراج، 2009: 671)

سندس ڪهاڻين ۾ ڪردارنگاري، منظرنگاري، حقيقت نگاريءَ جون خوبيون واضح نظر اچن ٿيون. سندس ٻولي فني لحاظ کان سڀني اصولن تي پوري لهي ٿي. جمال ابڙي وٽ تشبيهون، استعارا، محاورا، جملا ڪهاڻين کي چار چنڊ لڳائي ڇڏين ٿا. هن ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي لاءِ غلام رباني لکي ٿو ته؛

> ”جمال ابڙو سنڌي افساني جو امام آهي. جمال کان وڏو افسانه نگار مون کي نه کانئس اڳ نه کانئس پوءِ سجهي ٿو اهو منهنجو ذاتي رايو آهي.“ (آگرو، 2009: 672)

جمال ابڙي ڪردارن جي درد ۽ پيڙا کي اهڙي نموني بيان ڪيو آهي، ۽ سندن ڏکن جو نقشو حقيقي چٽيو آهي. جمال ابڙي جي ڪهاڻي ”پيراڻي“ جيڪا جابلو علائقن ۾ رهندڙ مارو ماڻهن جي ڏکن جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي. جيڪي غربت ۽ بک جي ڪري پنهنجو اولاد وڪڻن ٿا. پيراڻيءَ جو پيءُ کيس چند ڏوڪڙن جي ڪري وڪڻي ٿو ۽ نياڻيءَ سان غير ماڻهون کهڙو حشر ڪندا تنهن جي کيس پرواهه نه آهي. سندس ڪهاڻي پيراڻيءَ مان هتي هڪ جملو ڏجي ٿو:

> ”پَٽ ۾ پيل پيراڻي کي لالوءَ جي پيءُ جهليو. پيراڻيءَ جي پيءُ جي نڪ ۽ اکين جو پاڻي سندس ڏاڙهيءَ مان ٿي ٽميو ۽ ڦٽڪندڙ زال کي پئي جهليائين. آڏ رواني ٿي، پيراڻيءَ اوٻاسين ۾ ”ابا ۽ امان“ پوڪاريو. ماڻس کي گهليندا ويا ۽ پري کان آواز ايندو رهيو، ” اوجي خدا، منهنجو پيراڻي ننڍڙو!... اوتڪر کي باهه لڳي...، سنڌ وسي....، منهنجو پيراڻي ننڍڙو!“ هن وار پئي پٽيا.“ (ابڙو، 2015: 38)

سنڌ ۾ نياڻين کي ڍورن وانگي وڪڻڻ جا ڪئي اهڙا واقعا ٿين ٿا. جيڪي هن سماج ۾ ناسور بنيل آهن. اهڙي بُري عادتن کي هو ننديو ٿو. ڪهاڻي سنڌ جي سماجي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿي. سندس ڪهاڻيون انسان کي جهنجهوڙڻ لاءِ ڪافي آهن. جمال سماج جي ڪڏين رسمن کي ننديو ٿو. عورت سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين کي دور ڪرڻ چاهي ٿو. جمال ابڙي وٽ ڳوناڻا اٻوجهه پيٽ جي بُک کي ختم ڪرڻ لاءِ عورت جو سودو ڪن ٿا.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ عورت جو اعليٰ مقام آهي. امر جليل وٽ ان ساڳئي واقعي کي بيان ڪرڻ جو اسلوب منفرد آهي. هو پيٽ جي بُک کي ختم

ڪرڻ لاءِ عورت کان ڏنتو ڪرائڻ واري پهلوءَ تان پردو کڻي ٿو. مشڪل وقت ۾ قربانيءَ جو ٻڪر عورت کي ئي ٺهڻو پوي ٿو. امر جليل عورت سان ٿيندڙ ظلم جي ڪيترن ئي پهلوئن تا پردو کنيو آهي. امرجليل جي ڪهاڻي "سوجهرو" مان هتي مثال ڏجي ٿو:

> "جڏهن کان هڪ انگريز انجنيئر جي پگهار پوري ڪرڻ لاءِ ڪارخاني مان اسان چاليهه مزورن کي ڪڍيو ويو هو، تڏهن کان ئي پاڙي جي سڀني گهرن جي حالت هڪ ٻئي کان بدتر ٿي ويئي هئي، مزورن جي گهرن جو سامان ڪٻاڙين وٽ وڪامي ويو، ۽ جن کي گهرن ۾ وڌيڪ بکيا پيٽ هئا، انهن جي عزت ۽ عصمت شهر جي هوٽلن ۽ بنگلن تي وڪامڻ لڳي." (جليل، 2012: 15،16)

ٻُک کي منهن ڏيڻ لاءِ جمال ابڙي جا ڪردار سڌو عزت وڪڻن ٿا. امر جليل وٽ اها ئي عورت هر روز موت جي منهن ۾ وڃي ٿي، ڪيس نچوڙيو وڃي ٿو. امر جليل عورت کي نيلاميءَ واري پهلوءَ کي نروار ڪيو آهي. سندس نظر عورت مظلوم آهي، سندس محافظ ان کي جيئن وٽي ٿو قربان ڪن ٿا. ٻنهي ليکڪن وٽ پيٽ جي ٻُک کي مٽائڻ جو آخر سهارو عورت ئي آهي. امر جليل جي ٻي ڪهاڻي " سج اُڀرڻ کان اڳ " جيڪا ان ئي موضوع جي عڪاسي ڪندي نظراچي ٿي.

> "جڏهن بک ۽ بيروزگاريءَ اسان کان سڀ ڪجهه ڦري ورتو. ڏونگر جهڙا اهي ڏينهن مون کي سدائين ياد رهندا، ۽ اهو ڏينهن به هر گز وساري نه سگهندس، جڏهن ٻن ڏينهن جي بک  اسان کي اڌ چريو ڪري ڇڏيو هو. مرڻ جاجيڪي به طريقا آهن. انهن سڀني مان، سڀ کان ڀوائتو نمونو آهي بک ۾ پاهه ٿي مرڻ جو. مان بک جي عذاب ۾ سڀ ڪجهه وساري ويٺو هوس، سڀ ڪجهه.
> جڏهن امان هيٺي آواز ۾ پڇيو هو، "ابا، هاڻي ڇا ٿيندو؟" تڏهن انتهائي مايوسيءَ ۽ بيزاريءَ وچان ڪيس ڇڙٻ ڏيندي چيو هوم، "ڇا وري ڇا_تون زرينه کي هار سينگار ڪري ويهار، مان گراهڪ ٺو وٺي اچان،"
> "بيغيرت، بيحيا،" امان مئل آواز ۾ رڙ ڪئي هئي.
> "ها امان،" وراٽيو هوم، "جوان عورت ڏنڌو ڪرائي پيٽ پالي سگهي ٿي، مرد ڪيڏانهن وڃي! ٻڌائي مرد ڪيڏانهن وڃي؟" (جليل، 2012: 138)

امر جليل وٽ ڳالهه اتي ئي ختم نٿي ٿئي. هو ان مشڪل وقت مان نڪرڻ جو رستو به پڙهندڙن کي ٻڌائي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ اسان کي نصيحت ملي ٿي. عورت ماءُ، ڌيءُ، زال جي روپ ۾ مرد جي محسن آهي، هوءَ

ڪيس ڪنهن به حال ۾ اڪيلو نٿي ڇڏي. ٻنهي ليکڪن وٽ ساڳيو موضوع آهي، ان کي پيش ڪرڻ جو اسلوب منفرد آهي. ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي ۽ پڇاڙيءَ ۾ هو پڙهندڙن کي ڪجهه هنن جملن سان حيران ڪري وجهي ٿو:

”منهنجي سامهون اچي ويٺو. چيائين، ”هو نوجوان انڌو آهي، پر تڏهن به ڪرسيون واٽي، پنهنجو، پنهنجي ماءُ جو ۽ پنهنجي پاءُ جو عزت سان پيٽ پاليندو آهي.“ (جليل، 2012: 142،143)

امر جليل پنهنجي ڪردارن کي بک جي اڳيان بيوس ٿو ڏسي. پيٽ جي باهه کي اُجهائڻ جي لاءِ پورهيو ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو. جمال ابڙي جا ڪردار ٻهراڙيءَ جا آهن، تنهنڪري سندس ٻولي، ماحول ۽ منظر ڳوٺاڻا آهن. هڪ ئي موضوع کي ٻنهي ليکڪن منفرد اسلوب جي ذريعي پيش ڪيو آهي. سندن اسلوب پڙهندڙن جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال اُڀاري ٿو. امر جليل ڪنهن مشڪل وقت اچڻ جي وجه به بيان ڪري ٿو. امر جليل وٽ ماڻهن جي حقيقت بيان ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سارا طريقا آهن. مختلف ماڻهن جي چهرن تان طنز واري اسلوب ۾ نقاب لاهي ٿو. تشبيهه ۽ استعاري جي اسلوب ۾ به تلخ ڳالهيون چئي وجي ٿو. جمال ابڙي پنهنجي لکڻين جي ذريعي ماڻهن جا اصلي مهانڊا سامهون آندا آهن. جن کي ٻيا ليکڪ پنهنجي تحريرن ۾ کُلي ڪري سامهون نه آڻي سگهيا. ان وقت جي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پيش ايندڙ واقعن جا نقش ماڻهن جي دلين ۾ اهڙي نموني ڇٽيا جو جمال جون ڪهاڻيون ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويون. سندس ڪهاڻي ”بدتميز“ ۾ هڪ ڊاڪٽر جي اصليت تان پردو ڪنيل آهي، جيڪي غريبن کي دوا جي نالي تي لٽين ڦرين ٿا ۽ پوءِ انهن جو علاج ڪن ٿا ۽ پاڻ کي قوم جو خدمتگار سڏائين ٿا.

” سُئي هڻان، سئي هڻان؟“ ڊاڪٽر واپاري انداز ۾ چيو، ” چار روپيا لڳندا“.

(ابڙو، 2015: 34)

جمال ابڙو انسانيت جو علمبردار آهي. سندس ڪهاڻي ”سينڌ “ ڪارو ڪاريءَ جهڙي تلخ حقيقت تي آهي. ڪيئن لاش جي بيحرمتي ٿئي ٿي، ۽ سرڪاري اسپتال جا ڊاڪٽر ڪيئن لاپرواهي ڪن ٿا. جمال واقعي ٿورو ادب تخليق ڪيو، پر سندس ڪهاڻين جا موضوع توڙي اسلوب جي اهميت گهٽي آهي. جيئن ”سينڌ“ ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته:

”ڏڳن جو جوڙو، به جريب زمين ۽ عورت جي جند، اها پنجوڙ جنهن ۾ نچڻي ٽپڻي تيرهن سالن جي پدمڻيءَ جم کان موت تائين گهوگهجي وئي. لڪ لڪوٽي، ليٽ ڪبوتر، گهڻ گهڻ گهٽو ۽ ڳيچ سهرا سپ ان پنجوڙ جي ساهه نپوڙ سوڙهه ۽ گهٽ ۾ گهٽجي گم

ٿي ويا. ” الله ڏيندو ادل کي!“ ۽ الله ادي کي ڊگها ۽ به جريب ڏئي ڇڏيا ۽ اديءَ جي جند مڙس جو حق ٿي ويئي.“ (ابڙو، 1992: 102)

جمال ابڙي وٽ ڪاروڪاريءَ جي رسم ۽ عورتن کي ڊورن وانگر وڪڻ واري موضوع تي آهي. جمال ابڙي جي ڪهاڻي ”سينڌ “ جنسي موضوع تي لکيل آهي. اهڙيون رسمون جن سماج کي ساڙي ناس ڪيو آهي. ڪهاڻي سماجي حقيقت جو بهترين مثال آهي. اسلوب جي بهترين انداز کي اپنائيندي لکي ٿو ته:

”جتي ٻنيءَ ۽ ونيءَ تي سر ڏجن ٿا. اتي نينگرين جو سودو به ٿئي ٿو. آمله جو مُله ٿئي ٿو. هتي نينگرين جو نيلام، ست قرآن، ڪوڏين جي دام، اتي ڪير ڏئي طلاق! ٻڌ پيرو چوي، ” ڪُهي وجهو نڪاح نه ڇڏيان، پلي عمر ڪائي وجي، ٻني ۽ وني ڪنهن ڇڏي آ.“ (ابڙو، 2015: 100)

ٻنيءَ ۽ ونيءَ جا محافظ ٻنين وانگر عورتن جا سودا ڪن ڪيئن نه دل لُڇي. هيٺ ڏنل مثال مان ثابت ٿئي ٿو ته هميشه نياڻين کي نيچو ڏيکاري انهن سان ظلم ڪيو ويو آهي.

”تيسين ماٽس به قرآن آٽي آڏو جهليس. ماءُ کي ڏڪو ڏئي پري ٿيلهيائين، لت پيٽ جي ڪلهي تي ڏيئي سندس مٿو ڇڏائي پري ڪيائين، ڪهاڙي ڪڇي هيٺ ٿي. ڊپ ۾ ويچاريءَ هٿ آڏو ڏنو. اول چار آڱريون پوءِ ڪنڌ. ماءُ ۽ قرآن رتو رت! پاءُ ۽ ماءُ گڏجي نياٽيءَ جو اڳٺ ڪولي ستڻ لاٿي پاءُ دنبهو هنيو.“ (ابڙو، 2015: 102)

خانداني جهيڙو هجي، سالن کان رهيل پلوءُ هجي، پنهنجو ذاتي مفاد هجي يا پيٽ جي بک هميشه عورت کي ئي قرباني ڏيڻي پوي ٿي. ڪڏهن وئشيا بنائي ته ڪڏهن ڪاريءَ جو لقب ڏيئي ڪيس انجام تي پهچايو وڃي ٿو. جمال ابڙي وٽ عورت جو ڪردار هڪ بي زبان جانور وارو آهي. ڪيس وڪٽيو وڃي يا ڪيس ضبح ڪيو وڃي، هوءَ هر حال ۾ خاموشيءَ جي علامت آهي. جمال ابڙي پنهنجي تجربي جي آڌار تي عورت جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي.

امر جليل وٽ عورتن کي ڪارو ڪري مارڻ واري موضوع تي ” ڪاري ڪٽي آهي “ ڪهاڻي لکي آهي. امرجليل ڪاريءَ جي ڪردار کي پڙهندڙن جي لاءِ ائين پيش ڪيو آهي، جو سندن ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀرن ٿا. هتي ڪاريءَ واري رسم جي پويان لڪل وڏيرن جي چالاڪيءَ تان پردو ڪنيل نظر اچي ٿو.

”هن چيو، ”سام جي معنيٰ آهي هڪ بيوس ٻڪريءَ کي خونخوار بگهڙ جي پناهه ۾ ڏيئي ڇڏڻ.“

ماستر مراد علي مينڌري جي ڏنل مثال تي سوچيندي ۽ ويچار ڪندي ٻار ڊنل ڌرم شالا ۾ موٽي آيا، تيستائين ڪين ڏنل مثال جي معنيٰ سمجهه ۾ اچي ويئي. هنن محسوس ڪيو ته ڪاري قيدياٽيءَ بيوس ٻڪري هئي ۽ پٽاشن جو سردار خونخوار بگهڙ هو. ڪاري قيدياٽيءَ کي يا ته ڪُهي ڇڏيندا، يا پٽاشن جي سردار جي پناهه ۾ ڏيئي ڇڏيندا.” (جليل، 2011: 160)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ڪارو ڪاري وارا واقعا به اصل ۾ وڏيرن جو مچايل آزار آهي. امر جليل جا ڪردار جيڪي مڪالما ڳالهائين ٿا، اُنهن ۾ پڙهندڙن جي سوچڻ لاءِ ڪيترائي نڪتا نروار ٿين ٿا. مڪالما ئي ڪهاڻيءَ کي عروج تي پهچائين ٿا. امرجليل ۽ جمال ابڙي جي اسلوب ۾ ايترو فرق آهي، جو جمال وٽ عورت کي ظليل خوار ڪري ختم ڪيو ويو. امر جليل وٽ اهائي عورت هڪ وحشي وڏيري جي ور چڙهي وڃي ٿي. ڪهاڻيءَ جو اختتام هنن جملن تي ٿئي ٿو. عورت سان ٿيندڙ ظلم پنهي ليڪڪن وٽ نظر اچي ٿو.

”سردار پانهون ڊگهيري ٻارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو ۽ آهستي چيو، “ مون کي خبر آهي ته هوءَ اچي آهي، تنهن ڪري مارايانس نه ٿو. پاڻ سام وٺي ٿو وڃانس.” (جليل، 2011: 164)

جمال ابڙي وٽ عورت ڪاري ٿي ڪيس ماريو ويو. سندس عيوض ڊڳا ۽ ٻه جريب وٺي سندس زندگي ختم ڪئي وئي. امر جليل ڪاروڪاريءَ واري موضُوع جي هڪ نئين پهلوءَ کي ڪهاڻيءَ جي زينت بنايو.

امرجليل وٽ ڪاريءَ جي زندگي بخشي ڪيس گهڙيءَ گهڙيءَ جي عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويو. ڪيس وڏيري وٽ سام بنائي رکيو ويو. پنهي ليڪڪن جو اسلوب موضوع ۽ ڪردارن جي مطابق اسلوب تبديل ٿئي ٿو. امر جليل هڪ خاص پهلوءَ تان پردو کنيو آهي، وڏيرا عورت کي سام بنائي پاڻ وٽ ڇو رکندا آهن. ان پنيان سندن لچائيءَ کي بيان ڪيو آهي. امر جليل جا ڪردار ان موضوع تي سوچين ٿا ۽ خاص ڪري ٻارن جي ڪچڙي ذهن تي اها ڳالهه گهڻي حاوي رهي ٿي. امر جليل ڪاروڪاري واري هڪ نئين موضوع تان پردو کنيو آهي.

جمال ابڙي وٽ پشو جو ڪردار هڪ اٽل ارادي جو مالڪ آهي، جيڪو پنهنجي سادن ماڻهن کي حق ڏيارڻ لاءِ موت سان مهاڏو اٽڪائي ٿو. جمال اهڙن ڪردارن ذريعي ظلم خلاف آواز اٿارڻ جو اتساهه پيدا ڪيو. جمال جي ڪهاڻين جو اسلوب ٻين ڪهاڻيڪارن کان الڳ آهي. جڏهن سندس ڪهاڻين جا ڪردار ڏک تڪليف ۾ تڙپن ٿا ته سندس ڪردار جيڪو ڪجهه ڳالهائين ٿا. ان جو اسلوب ڪهاڻيءَ جي مطابق هوندو آهي، ۽ منجهس گهڻي ڊيگهه نه هوندي

آهي. ننڍا فقرا ۽ مختصر اسلوب هوندو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ اسلوب جي لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته؛

”هن جو اسلوب ننڍن جملن، خالص سنڌي محاورن، تشبيهن توڙي استعارن تي مشتمل آهي. هن سماج جي رسمن خلاف آواز اٿاريو آهي. هن پنهنجي افسانن ۾ سماج جي ڏوهارين ۽ بيوس انسانن جي مسئلن کي پيش ڪيو آهي.“ (الانا، 1967: 11،12)

هو حقيقت نگار ليکڪ آهي. سندس ڪردار زماني ۾ ڏک ڏسن ٿا پر پوءِ به پنهنجي اٽل ارادي تان نٽا هٽن. اهڙي دانشور جي ڪهاڻيءَ جي خوبين کان ڪيئن انڪار ٿو ڪري سگهجي. جمال هميشه پيار ۽ محبت سان هڪ ٿي هلڻ جو درس ڏنو ۽ سخت مزاجيءَ کان پاسو ڪندو رهيو. ان جي لاءِ انور پيرزادو پنهنجي ڪتاب جديد سنڌي ادب ۾ لکي ٿو ته:

”جمال ابڙي جي حڪمت عملي اها هئي. هو بيحد مٺي مزاج جو صوفي ماڻهو هو. جمال ابڙي جو طريقه واردات مهذب طرز جو هو.“ (پيرزادو، 2010: 19)

جمال ابڙو ترقيءَ جي رستي مان پٿرن کي پري اڇلائڻ جو عادي آهي. انسانن کي انهيءَ غفلت مان ڪڍڻ جي لاءِ هن ڪهاڻي ” پشو پاشا “ لکي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هن پشوءَ جو ڪردار گهٽو بهادر ڏيکاريو آهي. پشو پاشا پنهنجي سموري زندگي ڳوناڻن کي غفلت مان ڪڍڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ان جي لاءِ سندس ڪهاڻي پشو پاشا مان هتي مثال ڏجي ٿو.

”پشو هڪ چپ تي چڙهي بيٺو. ڳوناڻن جا ذنب سندس چوگرد بيٺا هئا. پشوءَ جو وار وار ڪڙو هو. چوڌاري ڦري ڏنائين. سندس هٿ ۾ لٺ هئي. وني جو ان کي زور ڏنائين، ته اڌ مان پڃي پيئي. ڇڻ ته اڏوهي ڪاڏل پراڻو نظام ٽڙڪو ڏيئي ٽٽي پيو. پشُوءَ ٻئي مٺيون مٽي ڪنيون،
”چا اوهين هيٺا آهيو، بکيا آهيو، چريا آهيو، بيڪار آهيو، ياد رکو اوهين انسان آهيو! اوهان درياهه موڙي ڇڏيا. اوهان ٽڪ ٽاڪي ڇڏيا.“ (ابڙو، 2015: 84)

جمال ابڙي وٽ پشوءَ جو ڪردار آهي ته؛ امر جليل وٽ ساجن جو ڪردار آهي پشو پنهنجي بهادريءَ سان ڳوٺ جي ماڻهن کي انصاف ڏياريو ته، امرجليل جي ڪهاڻي ” ساجن منهنجو دوست “ ۾ ساجن جو ڪردار به پشوءَ جيان بهادر آهي. پنهنجي حق جي لاءِ اُٿارڻ يا سچ جو ساٿ ڏيڻ وارن جو انجام ساڳئي هنڌ تائين پهچي ٿو.

> ”مان تو کي چڙيان ها ساجن، پر نه، تو سوچڻ ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي. اهڙا ماڻهو اسان کي پسند ناهن.“
> پوءِ صوبيدار ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”هي ئي اٿوَ ساجن، جنهن مراد ڪاسائيءَ جي اوطاق تي جوئا ڪئي ۽ جنهن جي تلاش ۾ توهان هتي آيا آهيون ۽ موقعي تي آيا آهيو.“ (جليل، 2010: 159، 160)

امر جليل وٽ ڪهاڻين جا موضوع، ڪردار فني توڙي فڪري حوالي سان پختا نظر اچن ٿا. سندس ڪهاڻي ابتدا کان پڇاڙيءَ تائين هڪ ئي تسلسل ۾ هلي ٿي. امر جليل وٽ هر ڪهاڻي تجسس سان ڀريل آهي. سندس ڪردار تڪليف جڏهن درد ڀوڳين ٿا ساڻن همدردي ٿي وڃي ٿي. امر جليل وٽ وقت جي حالتن مطابق اسلوب نظر اچي ٿو. سندس هڪ هڪ جملو مقصد وارو ۽ دل تي اثر ڪندڙ آهي. امر جليل جا ڪردار ڪهاڻيءَ جي موضوع مطابق تخليق ڪيل آهن، جيڪي پنهنجي ڏکن جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا. هو ڪنهن به انسان سان انصافيءَ کي پسند نٿو ڪري. سندس موضوع سماج جا پرندڙ مسئلا آهن.

سچ جو ساٿ ڏيڻ تي ٻنهي ڪردارن جو انجام جيل ۾ ٿيو. ساجن عورت جي عزت کي بچائڻ خاطر جيڪو قدم کنيو. اهو ئي جڻ سندس لاءِ ڦاسيءَ جو ڦندو بنجي ويو. پشُوءَ سموري ڳوٺ جي ماڻهن کي وڏيري جي ظلم کان آزاد ڪرائڻ جو قدم کنيو. پشوءَ ڳوٺ ۽ ماڻريءَ جي عوام ۾ اهڙي ته لهر پکيڙي جو سپيئي نوجوان سندس نقش قدم تي هلڻ لڳا. ماڻهن مان ڏک، تڪليفون، ظلم موڪلائي ويو فقط انسانيت ئي زنده رهي فصل سٺا ٿيڻ لڳا، انهن کي باهيون ڏنيو ويون، فريب ۽ ڪوڙ کي هنن ڪوري ڪڍيو. پشوءَ پيار ۽ محبت سان رئيس لاءِ ڦندو ٺاهيو جو رئيس پاڻ ئي ان ڦاهي ۾ مري ناس ٿي ويو. پشوءَ جهڙي بهادر ڪردار کي عوام گهڻو ساراهيو، جو ڪيس ملڪي ليلول تي پذيرائي ملي. هو عقل ۽ دانائيءَ وارن انسانن جي لاءِ مثال بنجي ويو. ان جي لاءِ ڪهاڻي ” پشو پاشا “ مان مثال پيش ڪجي ٿو.

> ”اديب ۽ عوامي ليڊر کيس هيرو سڏڻ لڳا. رئيس، سيئين ۽ سندس حڪومتي پالڪن ۾ ٽرٽلو پئجي ويو. چي پشو باغي آهي، چور آهي، ذاڙيل آهي، ڪافر آهي، رياست جو جاسوسي وٽ پڪڙ ۾ لڳي ويو. ائين اچي مڙيا، جيئن مکيون ڍوندِ تي.“ (ابڙو، 2015: 87)

جمال ابڙي جي ڪهاڻي اسان کي سماجي حقيقت جو چٽو عڪس ڏيکاري ٿي. نوجوانن کي پنهنجا حق وٺڻ جي لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ هيءَ ڪهاڻي لکي جيئن اسان جو اهو نظام جيڪو اڏوهيءَ وانگر سماج کي کائيندو وڃي ٿو . اهو مظام ختم ٿئي. سندس مڙني ڪهاڻين ۾ هيءَ ڪهاڻي موضوع ۽ اسلوب جي حوالي سان بهترين ڪهاڻي آهي. ٻولي سادي ۽ سولي، لفظ، لفظ

سان ۽ ڪڙي، ڪڙيءَ سان ائين ملي ٿي. پشوءَ جو ڪردار معاشري ۾ محبت ۽ انسانيت جو علمبردار آهي. پشوءَ جو ڪردار عوام جي لاءِ رهنما آهي.

جمال ابڙي جي هر ڪهاڻيءَ جي هر سٽ مان سندس اسلوب جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿو. مارشل لا واري دور ۾ رياستي ادارن تي تنقيد ڪندي " فرشتو " ڪهاڻي لکي. جنهن ۾ ضياءُالحق جي ڪردار کي واضح ڪيو آهي. پلا نانگن جي پرن ۾ هٿ وجهڻ ڪو آسان آهي. ضياءُالحق جي دور ۾ جڏهن ملڪ ۾ چوڌاري اديبن جي زندگيءَ تي طنز ڪين نه لکڻ جي آزادي نه ڳالهائڻ جي آزادي جيڪڏهن ڪير سچ لکي ته مٿان گرفتاريءَ جا وارنٽ ماڻهن ۾ خوف حراث ۽ دهشت وڌي وئي. مارشل لا جي نقصان کان اديب گهٽو واقف هئا. انهن ئي ان جي خلاف لکيو. ظاهري طور هر شيءِ پنهنجي جاءِ تي صحيح هلي رهي هئي. فرشتو ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته؛

> "چيائين، ادبي دٻاءُ وڌي ويو آهي. چيم ڊاڪٽر صاحب توهان جو مطلب آهي ته خون جو دٻاءُ وڌيل آهي، پر مان ته سالن کان خون جي گهٽ دٻاءُ جو شڪار رهيو آهيان، بس خاموشي چپ ئي چپ آهيان! مٺي مرڪ سان چيائين، خون جو دٻاءُ نه ادبي دٻاءُ وڌي ويو آهي.
> مون کي اطمينان نه ٿيو. چيم، "اهو وري ڪو نئون ايڊس جهڙو مرض نڪتو آهي ڇا؟"
> " نه نه پاڪستان ۾ هيءَ بيماري اڄڪلهه عام آهي! ڪجهه ترسي چيائين، ان جو علاج آهي، لکو نه ٿا ته ڳالهايو، خوب ڳالهايو، زور زور سان ڳالهايو." (ابڙو، 2015: 104)

مارشل لا جي موضوع تي جمال ابڙي علامتي انداز اختيار نه ڪيو آهي. هن سڌو سنئون لکيو آهي. سندس هن ڪهاڻيءَ جو موضوع متاثر ڪندڙ آهي. امرجليل جون به ڪيتريون ئي ڪهاڻيون مارشل لا واري دور ۾ لکيل آهن. امر جليل جي " مٽيءَ جا ماڻهو " ڪهاڻي ان دور ۾ سچ ڳالهائڻ واري موضوع تي لکيل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ولو جيڪو سچ ڳالهائڻ لاءِ واجهائي ٿو. ڪيس چريو سمجهي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو.

> "مون کي لڳندو آهي ته چينو اڻ لکيل تاريخ جي آئيني ۾ ڏسي سگهندو آهي. هو ايندڙ وقت جو امين آهي. هن هڪ دفعي ولوءَ کي چيو هو؛ " تون ڇا جي باري ۾ چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائيندين! ڇا جي باري ۾ _ ڌرتيءَ جي باري ۾، آسمان جي باري ۾، انسان جي باري ۾، عقيدن جي باري ۾، محبت جي باري ۾، زندگيءَ جي باري ۾، موت جي باري ۾_ تون ڇا جي باري ۾ چونڪ تي بيهي سچ ڳالهائيندين !" (جليل، 1999: 19)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ اسلوب جي هڪ جداگانه حيثيت رهي آهي. جمال ابڙو سچ ڳالهائڻ لاءِ اڪساهي ٿو. امر جليل پنهنجي ڪردار ڪي اهو سمجهائي ٿو ته سماج ۾ هر طرح سان گهٽ وارو ماحول آهي، تون ڇا جي باري ۾ سچ ڳالهائيندين. هيءَ ڪهاڻيءَ سچ لکڻ تي پابنديءَ واري دور جي عڪاسي ڪري ٿي، امر جليل جي ڪهاڻي علامتي اسلوب ۾ آهي.جڏهن اديبن ڪي جيل موڪليو ويو سچ لکڻ ڪري اديبن تي تمام گهڻو ظلم ڪيو ويو. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ڪيترين ئي ڳالهين تان پردو ڪنيل نظر اچي ٿو. سندس هر جملو مقصد وارو ۽ ڪهاڻيءَ ڪي انجام تي پهچائڻ لاءِ ڪافي آهي. جمال ابڙي وٽ اسلوب سڌو سنئون آهي. سماج ۾ هر دور جو ماحول ۽ ان جا واقعا جدا رهيا آهن. تنهنڪري ان ماحول جو اثر به اسلوب تي ئي ٿئي ٿو. ان جي لاءِ ابراهيم جويو لکي ٿو ته:

> ”ادب، انساني سماج جي پيداوار به آهي، ته ان جو عڪاس پڻ سماجي ۽ تاريخي تبديلين جي اثر هيٺ وڌندڙ سماجي شعور ۽ بلند تر ذهني معيار جي پيش نظر، ادب پنهنجي هيئت توڙي اسلوب جا نت نوان روپ اختيار ڪندو پئي رهيو آهي.“ (ابڙو، 2015: 18)

اهي سپيئي روپ، ڳالهيون اسان ڪي جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ نظر اچن ٿيون. سندس سپني ڪهاڻين جو موضوع انسانيت آهي. هو انسانن ڪي انسانيت جي اصل درجي ڪي سمجهڻ جو درس ڏئي ٿو. سندس ڪهاڻيون پيراڻي ۽ خميسي جو ڪوٺ موضوع ۽ اسلوب جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿو. انسان ڏکين پيچرن تان هلندي ڪيتري قدر تڪليف مان ڪڏهن گيسيون پائيندي، ته ڪڏهن پنڌ ڪندي ته ڪڏهن هلندي روشن مستقبل ڏانهن وڌي رهيو آهي.

امر جليل ذهن جي معيار ۽ سماجي اسلوب جو سوچ جي گهرائپ سان مطالعو ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. سندس ڪهاڻيون نوجوانن ۾ سوچڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪن ٿيون. امر جليل سماجي حادثن جي حقيقي تصوير جو چٽو نقش ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. سندس هر ڪهاڻي پڙهندڙن جي جذبات جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿي. امر جليل جي ڪهاڻين مان سندس ذهني اوسر جي ڄاڻ ملي ٿي. جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، اياز قادري، نجم عباسي، نسيم ڪرل جي لکيل سلسلي ڪي امر جليل پار پهچايو آهي. امر جليل ڪهاڻيءَ جي سلسلي ڪي اڳتي وڌائڻ سان گڏ موضوع توڙي ٽيڪنيڪ ۾ جدت آندي، وقت گذرڻ سان گڏ فني عظمت ڪي هر ڪو تسليم ڪرڻ لڳو. امرجليل ماڻهن جي چهرن تان ڪوڙ، ڌوڪي، دغا، عقيدن، ڪوڙي شرافت جا نقاب ننول ڪندي لاهي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ تلخ حقيقت به رومانوي اسلوب ۾ هلي ٿي. سندس ڪهاڻين ۾ طنز مزاح هڪ انفرادي رنگ پيدا ڪيو

آهي. تنهن ڪري سندس لکڻيون شاهڪار آهن. وٽس قومي شعور آهي. سندس ڪهاڻيون سماج جي اجاين رسمن کي ننڌين ٿيون. امر جليل ڪهاڻيءَ هڪ نئون روپ ڏيکاريو آهي. وٽس هڪ، هڪ لفظ رقص ڪندي نظر اچي ٿو. پاڻ ڪلا جي حوالي سان ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نئون رنگ ڍنگ ۽ بيان و زبان جو انوکو اسلوب جوڙيو آهي. امر جليل انساني زندگيءَ جي شعور جو ڪامياب ترجمان آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ بيشمار ڪردار متعارف ڪرايا آهن. سندس ڪهاڻين ۾ ٻار، نوجوان، پوڙها، سياستدان، آفيسر، اديب، ڪنوارا، شادي شده، مرد ۽ عورتون ، پير، فقير، درويش، ملان، صوفي، مست، شامل آهن. اهي ڪردار سنڌي سماج جو چٽو عڪس پيش ڪن ٿا. عام زندگيءَ جي عملن سان اسان جي سامهون اچي بيهن ٿا. امر جليل جو ن ڪهاڻيون سندس همعصرن کان پلاٽ، ڪردار، اسلوب، ٽوڙي مڪالمن جي حوالي ساون منفرد آهن. سندس ڪهاڻي شروع کان پڇاڻيءَ تائين پهچائڻ جو اسلوب کيس ٻين ليکڪن کان منفرد ڪري بيهاري ٿو. انهيءَ سبب سندس اسلوب پڙهندڙن تي نهايت گهرو اثر ڇڏي ٿو.

جمال ابڙي جون ڪهاڻيون موضوع توڙي اسلوب جي حوالي سان پختيون آهن. ذات پات جي پيد ياءُ تي سندس ڪهاڻي ” شاهه جو ڦر“ انهيءَ موضوع تي آهي. جنهن ۾ هڪ ننڍي پياري ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي. جيڪا سڀني کي ماما چئي ٿي ۽ پئسو گهري ٿي چڻ ته سڄي ڳوٺ جي ماڻهن جي اکين جو تارو آهي. مريم، شاهه کي ماما چئي چڻ مغز وارو ڏڪ هٽي ڪڍي هجي. مريم جو ماما پئسو ڏي چوڻ ۽ شاهه وڦلڻ لڳو، امتڻ تي اهلبيت کي ٿي ماما ڪري، ننڍي ٻارڙي ماما چوڻ تي بري روي کي منهن ڏئي ٿي سليم ميمڻ لکي ٿو ته:

”جمال ابڙي کي ڪن جديد سنڌي افساني جو ابو ته ڪن جديد سنڌي افساني جو امام ڪوٺيو آهي. اهو سندن جمال ابڙي سان ۽ سندن فني پورهئي سان عقيدت جو اظهار آهي، پر منهنجي نظر ۾ جمال ابڙو سنڌي افساني جو مرد اول ڪوٺجي ته بيجا نه ٿيندو.“ (انصاري، 2012: 105)

سماج جي حقيقت کي هڪ منفرد انداز ۾ پيش ڪري جمال ابڙي ان جي نئين پيڙهه رکي. بيروزگاري، بک، غربت، مفلسي کي نئين تصوير چٽي اٿائين. سندس ڪهاڻين ۾ سماج جي گهٽ پر مقصد وارن موضوعن تي لکيو آهي. سندس ڪردار اهڙا ته مضبوط آهن، جو هو سماج جي سامهون جهڪن نٿا. سندس ڪردار زنده آهن. جيڪي سماج ۾ مک رول ادا ڪن ٿا. جمال ابڙو حقيقت نگار ۽ ترقي پسند ليکڪ آهي. سندس ڪهاڻيون سماج جي ڀرپور عڪاسي آهن. جمال ابڙي لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

”ورهاڱي بعد جمال ابڙو پهريون ئي فنڪار آهي. جنهن فن ۽ مقصدن ۾ ظاهر ظهور حقيت نگاريءَ جو رواج وڌو، ڪانئس اڳ ۾ ڪجهه انفرادي ڪوششون ضرور ملن ٿيون. ليڪن انهن جي منظم وجود جو ثبوت ڪو نه ٿو ملي. جمال ابڙي وٽ، حقيقت نگاري روسي اديبن وانگر بلڪل ٺوس ملي ٿي. هو پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع سنڌي سماج جي تلخ حقيقتن مان ڪڍي ٿو، جيڪي زندگيءَ جا نهايت ئي بدزيبا روپ آهن.“ (عرساڻي: 2009: 140)

جمال ابڙي جون ڪهاڻيون سماج جي حقيقت تان پردو کڻن ٿيون. هو حقيقت نگاريءَ سان گڏ روشن خيال ليکڪ پڻ آهي. سندس ڪهاڻيون موضوع ۽ اسلوب جي حوالي سان فني پختگي رکن ٿيون. جڏهن هو سماج جي لاءِ جيڪا ڳالهه محسوس ڪري ٿو، ان کي تحريري شڪل ڏئي پيش ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين کي سنڌي ادب ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. جديد ادب جو بنياد ئي سندس ڪهاڻيءَ تي بيٺل آهي. جمال ابڙو سنڌي ڪهاڻيءَ جو وڏو اهم ڪهاڻيڪار رهيو آهي. کيس سنڌي ڪهاڻيءَ جو بادشاهه چئجي ته گهٽ نه ٿيندو.

امرجليل کي مڪالمن جو بادشاهه چيو وڃي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ جمال ابڙي سنڌي ڪهاڻيءَ کي سير اڪاري اعليٰ مقام تي پهچايو ته امرجليل ان کي عروج تائين پهچايو. پنهي ليکڪن جا موضوع ساڳيا آهن. پر وٽن اسلوب منفرد آهي، سندن ڪردار انهن جو رويو سماج ۾ انهن جو اٿڻ ويهڻ جو ڍنگ وغيره هڪٻئي کان منفرد آهي. امر جليل جا موضوع، ڪردار، ٻولي، تشبيهه، استعارا، علامتون ڪهاڻيءَ ۾ تمام گهڻي اهيت رکن ٿيون. وٽس هڪ، هڪ ڪردار جي ذڪر کي پيش ڪرڻ جو اسلوب پنهنجو آهي. پاڻ ڪنهن به انسان جو رک رکاءُ نٿو ڪري. ڪو مخصوص موضوع يا ڪردار نه بلڪه وٽس هر مسئلي کي ڪرڻ لاءِ صلاح آهي، اها صلاح پاڻ طنز ۽ مزاح جي ذريعي ڏئي ٿو هو ڪنهن جي به دل آزاري نٿو ڪرڻ گهري. امر جليل پيڙهيل طبقي جو همدرد آهي. جڏهن وٽس غم جي شدت وڌي وڃي ٿي پاڻ ان کي هلڪي طنز ۽ مزاح ۾ پار پهچائي ٿو. ڪردار، ٻولي توڙي پيشڪش جو اسلوب پنهي ليکڪن وٽ جدا نظر اچي ٿو.

اياز قادري ( 19 جنوري 1927ع _ 15 ڊسمبر 1997ع )

ورهاڱي کان پوءِ جن اديبن سنڌي ادب جي دنيا ۾ پاڻ مڃرايو ۽ ادب جي خدمت ۾ ڪا به ڪثر نه ڇڏي انهن مان اياز قادري به هڪ آهي. موهن ڪلپنا کيس ورهاڱي کان پوءِ سنڌي نئين ڪهاڻيءَ جو باني سڏيو آهي. اياز قادري 19 جنوري 1927ع تي ميان جي ڳڙهي قادري پاڙي ۾ جنم ورتو. سندس پورو نالو

پروفيسر ڊاڪٽر فقير ميان اياز حسين قادري آهي. سندس والد جو نالو فقير ميان غلام سرور قادري هو. سندس والد غلام سرور تعليم کاتي ۾ آفيسر ٿي رهيو آهي. اياز قادري صحافي طور به ڪم ڪيو. هن هفتيوار اخبار " الحقيقت " به جاري ڪئي هئي. اياز قادري روشن خيال، ترقي پسند ۽ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي. هن دور جي ڪهاڻيڪارن ۾ اياز قاديءَ جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. اياز قادريءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "بلو داد" جيڪو 1957ع ۾ ڇپيو. يوسف سنڌي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب" ۾ لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر اياز قادري جي ٻي وڏي سڃاڻپ اها آهي ته 17 آڪٽوبر 1956ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي نئين سر تنظيم ڪاري کان پوءِ انهيءَ جو پهريون سيڪريٽري جنرل چونڊيو. انهي حوالي سان پاڻ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي باني ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. تنهن کان سواءِ ڊاڪٽر اياز قادري 1954ع ۾ "جمعيت الشعرا سنڌ " جو جوائنٽ سيڪريٽري پڻ رهيو." (سنڌي، 2011: 37،36)

ڊاڪٽر اياز قادري جي ڪهاڻين جو مجموعو " بلودادا " آهي. اياز قادري پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماجي تلخ حقيقت جي عڪاسي ڪئي آهي. پاڻ هن فرسودا مدي ڪاڏل نظام جي خلاف آهي. سماج جي ناڪارا نظام کي ختم ڪرڻ ۽ سماج ۾ انسان ذات جو علمبردار آهي. ڪهاڻيڪار اڃا فن جي شروعاتي زماني ۾ هئا. اڃا سندن فن ۾ ايتري پختگي نه هئي. اياز قادريءَ جو فڪر سنڌي سماج رهيو آهي. مزدور هاري غربت جي ماريل انسانن جي مجبوريءَ جو وڏيرا، ڪامورا ۽ امير ماڻهون ڪيئن وٺن ٿا. اهي سندس ڪهاڻين جا موضوع آهن.

اياز قادريءَ جي ڪهاڻي "بلو داد" جيڪا سندس مشهور ڪهاڻين ۾ شمار ٿئي ٿي. بلو جيڪو غريبن جو غمخوار، هڏ ڏوکي آهي. تنهن کي حق جي لاءِ وڙهڻ تي وڏي سزا ڀوڳڻي ٿي پوي. سندس عام ماڻهن جي مدد ڪرڻ جو انداز پنهنجو هو. دنيا کي ڏيکاءَ لاءِ نٿو ماڻهن جي مدد ڪري بلڪه هو انسانيت خاطر انهن جي مدد ڪري ٿو. ڪهاڻي "بلو داد" ۾ لکي ٿو ته:

"مون کي لاش وٽ ببهاري، پاڻ سيمينٽ واري بلڊنگ ۾ گهڙي ويو، ۽ ٿوري دير کان پوءِ موٽي آيو. سندس هڪ مٺ ۾ ڏهين، ڏهين روپين جا به نوٽ هئا ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪليل چاقو. بلو هي چاقوا، سائين پهريان ته گوٺ ناٺ ڪيائين. مگر هن کي ڏسي ڊڄر ئي ڊرا ٿي پيس." ( قادري، 2008: 158)

جڏهن سماج ۾ ظلم وڌندڙ نظر اچي ٿو ته، اتي اياز قادريءَ جو ڪردار بلو دادا سچ جو ساٿي ۽ ظلم جي خاتمي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ انسان آهي. هو ظالم کي برداشت نٿو ڪري هو معاشري ۾ بلوداد جهڙا انسان ڏسڻ چاهي ٿو.

جيڪي ظلم ڪندڙن کي احساس ڏيارين ھو ماحول مطابق اسلوب کي تبديل ڪري ٿو. بلو غريبن جو مددگار آھي. ھو دلير ۽ ارڏو آھي. ھڪ سيٺ کي حادثي واري جاءِ تي جھلي چيائين.

”سالا حرامي جيڪڏھن توکي ڪار نٿو ھلائڻ اچي ته ڪار ڇو ھلائي ٿو!“ سيٺ ڪرڙي وانگر پئي ڦٽڪيو. ڇا توھان سيٺيا دنيا جي نشي ۾ ايترو انڌا ٿي ويا آھيو جو غريبن جي مٿان اکيون ٻوٽي ڪارون ٿا چاڙھيو.“ (قادري: 1977: 25)

ھو اھڙي ته رعب مان ڳالھائي ٿو، جو سندس لفظ سيٺ جي مغز ۾ ڪپي ويا. بلودادا جو انداز، خود اعتمادي، اسان کي سندس ڳالھائڻ جي انداز مان ئي خبر پوي ٿي. اھڙي ارڏي انسان کي نيٺ مشڪلات کي منھن ڏيڻو ھوندو. سيٺ بلو کي غنڊو قرار ڏئي شھر نيڪالي ڏياري ڇڏي. ھميشه وانگر سچ جي ھار ٿئي ٿي. سندس ڪھاڻين ۾ ضرورت آھر تشبيهه به نظر اچي ٿي.

امر جليل جا ڪردار ٻين کان منفرد آھن. ھو سماج جي ٻرندڙ مسئلن جو ڪاڄ ٿيندڙ آھن. ھو پنھنجي تڪليفن ۽ دردن جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا. امرجليل ھڪ سيٺ کي ڪھاڻي ”منھنجو پٽ مھدي“ ۾ ھيئن پيش ڪيو آھي. موضوع توڙي ڪردارن جي روين جو اسلوب به منفرد نظر اچي ٿو.

”سيٺ تمام خيال سان ڪرسيءَ تي ويھي رھيو. ڪرسيءَ جي چوڙن سول اسپتال جي مريضن وانگر ڇيچلايو.
ڪانئس پڇيم، ”اڄ ڪيئن تڪليف ڪئي اٿو سيٺ صاحب. وري اليڪشن ۾ بيٺا آھيو ڇا؟“
”بيھبو، بيھبو، ڇو نه بيھبو!“ سيٺ صاحب خوش ٿيندي چيو، ” عوام جي بيحد اسرار تي مان ھڪ ڇونڊ لڙي رھيو آھيان.
”ڇئبو ته ملڪ جو آئيندو روشن آھي.“
”بلڪل روشن آھي.“
”بنا مقابلي پيا اچو ڇا؟“
”ايترو شعور منافقن ۾ ڪٿي آھي، جو اسان جھڙن عوام دوست خدمتگارن کي بنا مقابلي اچڻ ڏين.“ (جليل، 1998: 96،97)

سيٺ جي ڪردار کي روييي ۾ ڪيئن ٻن الڳ رخن سان پيش ڪيو آھي. ٻنھي ليکڪن وٽ ڪھاڻيءَ ۾ سيٺ جي اصل شڪل سامھون اچي وڃي ٿي. اياز قادريءَ وٽ سيٺ جي لاپرواھيءَ کي بيان ڪيو آھي. امر جليل وٽ اھوئي سيٺ ووٽ وٺي عوام کي اليڪشن جي نالي لٽي ٿو. موضوع موجب سيٺ به رويو بدلجندو نظر اچي ٿو. امر جليل سيٺين جي چھرن تان طنز ڪندي نقاب لاھي ٿو. امر جليل جو اسلوب ڪردار ۽ موضوع مطابق تبديل ٿئي ٿو. سندس

هڪ هڪ فقرو ماحول مطاق آهي. امر جليل وٽ لفظ رقص ڪندي نظر اچن ٿا.

اياز قادريءَ جون پيون به ڪهاڻيون جيڪي سندس اسلوب جو بهترين مثال آهن. اياز قادريءَ جو اسلوب موضوع موجب تبديل ٿئي ٿو. هو هڪ ئي رستي تي نٿو هلي. سندس ڪهاڻين ۾ روزمره جي زندگيءَ جو عڪس نظر اچي ٿو. اياز قادري پنهنجي افسانن جي لاءِ لکي ٿو ته؛

”منهنجي افسانن جا پلاٽ نه ڏاريا آهن نه خيالي. هي اُهي تلخ حقيقتون آهن. جن کي اسين پنهنجي زندگيءَ ۾ هر روز ڏسون ٿا. مون فقط ايترو ڪيو آهي، جو انهن کي افسانوي رنگ ڏيئي پيش ڪيو آهي.“ ( قادري، 2008: 19 )

اياز قادري ورهاڱي جي ظلم ۽ انسانيت کي تڙپندو ڏسي ڪهاڻيون لکيون. پاڻ شاعر مان ڪهاڻيڪار پنهنجي حساسيت ۽ رحمدليءَ جي ڪري بنيو. هن معاشري ۾ ظلم جي انتها ڏٺي ته پاڻ جيڪو ڪجهه قلمبند ڪيائين ان جو اسلوب بيحد خوبصورت آهي. سندس اسلوب بيان ئي سندس ڪهاڻين کي ڪامياب بنايو آهي.

ماحول ۽ وقت جي حساب سان اسلوب ڪهاڻي توڙي ناول ۾ تبديل ٿيندو رهي ٿو. ڪڏهن ڪهاڻيڪار ڪردار جي مزاج موقعي ۽ ماحول مطابق اسلوب کي تبديل ڪندو آهي. ادب زندگيءَ جو ترجمان آهي. ادب جي ذريعي سماج جو عڪس چٽجي ٿو. اها شاعري هجي، ڪهاڻي، ناول يا ڊرامو هر ليکڪ پنهنجي انداز ۾ ان کي پيش ڪندو آهي. اياز قادري پنهنجي افسانن جي لاءِ لکي ٿو ته؛

”ادب زندگيءَ جو آئينو آهي. زندگي کي جنهن رنگ ۾ مون ڏٺو آهي انهيءَ رنگ ۾ پنهنجي افسانن ۾ پيش ڪيو اٿم.“ (قادري: 1977: 20)

سندس ڪهاڻي ”ڪتي جي موت“ ۾ وڏيرن جي نفسيات تان پردو کنيل آهي. هو هڪ انسان کان وڌ ڪتي کي گهڻي اهميت ڏئي ٿو. سندس جذباتي انداز ڪتي جي لاءِ اهڙو آهي. ڪهاڻي جي شروعات ئي وڻندڙ اسلوب سان ڪئي اٿس. منظر، مڪالما، ماحول ٿڌ جي موسم جو نظارو اهري نموني چٽيو اٿس. جڻ پڙهندڙ ان منظر ۾ پاڻ کي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو.

”اوچتو وڏيري جي ڪنن تي موتيءَ جي پونڪڻ جو آواز پيو. وڏيرو ٽپ ڏئي بستري مان اٿيو ۽ تڪڙو تڪڙو در ڏانهن وڌيو. گُلوءَ جو جسم، جنهن تي هڪ چيڪ جي پراڻي قميص پيل هئي، برسات ۾

سچو جسم بيد وانگر پئي ڏڪيو. سندس ڪاڏي ۾ ڏند ڪڙڪي رهيا هئا.“ (قادري:1977: 31)

هن ڪهاڻيءَ ۾ وڏيري جي ڪردار کي حقيقي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. وڏيري جو ڪتي جي لاءِ تڙپڻ ۽ نوڪرن کي جانور سمجهڻ، وڏيري جي انداز کي ڏسي چڻ لکيڪ جي اندر مان چڻ آواز نڪري ٿو ته انسان زنده آهي، پر انسانيت مري چڪي آهي. وڏيري جو نرالو انداز پيش ڪري وڏيرن جي حقيت سامهون آندي آهي. امر جليل وڏيرن جي ظلم تي ڪهاڻيون لکيون آهن. ڪهاڻي ” لهندڙ سج وڏندڙ پاڇا “ ۾ وڏيري جي ڪردار جي نفسيات هيئن پيش ڪئي آهي.

”منشيءَ ڏني کي سڏ ڪيو. ڏنو هٿ ادب سان رئيس جي سامهون اچي بيٺو.
رئيس چيو، ”ڏنا، هن دفعي تون حج تي نه ويندين. تنهنجي بدران مان ويندس.“
ڏني کي چڻ مغز ۾ بڙڇي لڳي. پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويس.“ (جليل، 2010: 94،95)

وڏيري جو ڪردار عام آهي. ان ڪردار کي هر ڪهاڻيڪار پنهنجي انداز سان پيش ڪيو آهي. هر ليکڪ ڪردار جي زندگيءَ جي ڪنهن به هڪ پهلوءَ کي کڻي ان تي ڪهاڻي لکي ٿو. وڏيرن جي ظلم کان پريشان هارين ۽ مزدورن جي زندگيءَ کي سهڻي نموني پيش ڪيو آهي. ٻنهي ليکڪن جو اسلوب هڪٻئي کان منفرد آهي. امر جليل وٽ وڏيرن جو ظلم انتها تي پهتل آهي. غريبن سان وڏيرا جيڪا ويڌن ڪن ٿا ان کي ڪٽي سڌو ۽ ڪٽي علامتي اسلوب ۾ بهترين نموني پيش ڪيو آهي. امر جليل وٽ هر ڪردار هڪ ڪهاڻي آهي. تنهنڪري هر ڪردار جي پيشڪش به منفرد آهي. ٻنهي ليکڪن وٽ وڏيرا هارين تي ظلم ڪندي نظر اچن ٿا. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ وڏيري جو ڪردار منفرد انداز ۾ نظر اچي ٿو. ڪهاڻي ”راهون جدا جدا“ ۾ لکي ٿو ته:

”ووٽ به وٺن عوام کان، ۽ چونڊجڻ کان پوءِ رعب به رکن عوام تي. ۽ هي سنڌي نمائندا! ون يونٽ جا پر جهليا، ايوبي آمريت جا گماشتا! سڄي سڄي رات ڪن عيش. صبح اجلاس ۾ ڪائين جهوٽا! سنڌ جو نصيب ئي ستل آهي.“ (جليل، 2010: 68)

امر جليل وٽ وڏيري جي زندگيءَ جا تلخ پاسا نظر اچن ٿا. هو ساڻن ڪا به رعايت نٿو ڪري سندن حقيقت کي سماج جي سامهون آڻي ٿو. سندن رويي کان بيزار آهي. امر جليل وڏيرن جي چالاڪين کان بيزار آهي. امر جليل وٽ وڏيري جو ڪردار سماج جي بگاڙ جو سبب آهي. جيڪو عام ماڻهوءَ جي حقن تي ڌاڙو لڳائي ٿو. سندس حوس کيس هڪ جانور وارو روپ ڪرڻ تي مجبور ڪري

ٿو. امر جليل وٽ وڏيرو وحشي جانور بنجي وڃي ٿو. پاڻ وڏيرن جي ظلم کي سخت نا پسند ڪري ٿو ۽ سندن ظلم کان عوام کي آزاد ڪرائڻ گهري ٿو.

ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ”مان انسان آهيان“ هيءَ ڪهاڻي ورهاڱي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. ان دوران ٿيل خون خرابو، مذهب جي بنياد تي انسانيت جو قتل اهڙو قوس هڪ درويش ڪردار جي ذريعي پيش ڪيو آهي. هو نفرت کي ختم ڪرڻ گهري ٿو ۽ هو انسانيت جو علمبردار آهي، وٽس انسانيت جي گهڻي اهميت آهي. هڪ درويش جيڪو مندر ۽ مسجد کي برابر سمجهي ٿو. ان کي جڏهن مسلمان ۽ هندو زخمي ڪن ٿا. سندس انداز پوءِ به صبر وارو آهي. ڊاڪٽر جي پڇيل سوالن جي جواب ۾ ڪجهه هيئن چوي ٿو:

”تون ڪير آهين، تنهنجو نالو ڇا آهي، ڊاڪٽر جي جواب ۾ صرف زخميءَ مشڪي ڏنو، تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي، زخميل وڏو ٽهڪ ڏنو. بيئل ڊاڪٽر ۽ نرس ٻئي ڏڪي ويا. شايد ديوانو آهي نرس چيو. ” ڊاڪٽر صاحب مان هندو. . . نه نه. . . مسلم . . . نه نه. . . ڊاڪٽر صاحب، مان انسان آهيان. منهنجو مذهب انسانيت آهي. ڊاڪٽر صاحب مون کي زخم ٻنهي هندو . . . ۽ مسلمان . . . کان رسيا آهن . . . منهنجا انسانيت جا زخم آهن. ڊاڪٽر صاحب منهنجو موت انسانيت جو موت آهي. ڊاڪٽر منهنجو لاش هندو مسلم ٻنهي جي حوالي ڪجو جنهن ۾ هو پنهنجي شڪل ڏسي سگهن.“ (قادري، 1977: 42)

ڪهاڻي ورهاڱي واري حالتن کي تان پردو ڪٽي ٿي. درويش جي ڪردار ذريعي هو ڇڻ انسانن کان پڇندو هجي ته ڪٿي آهي انسانيت مذهب کي پڻ تي حاوي ڇو ڪيو آهي. مذهب جي فرق کي وساري انسانيت جي نظرئي تي زندگي گذارڻ جو قائل آهي. اياز قادري مذهب جي بنياد تي پيدا ٿيل فرق کي ختم ڪرڻ لاءِ اڪساهي ٿو.

امر جليل جون مذهب تي لکيل ڪهاڻيون آهن. جن ۾ هندو ۽ مسلمانن جو ذڪر آهي. هو هميشه مذهب واري فرق کي وساري انسانيت جو درس ڏيندي نظر اچي ٿو. امر جليل انسانيت واري فلسفي تي زندگي گذاري ٿو. امر جليل وٽ مذهب کان وڌ انسان جي اهميت آهي. پاڻ ڌن دولت کي ٺڏي ٿو. مذهب جي بنياد تي مارا ماريءَ جي سخت مذمت ڪري ٿو. جڏهن هندن سان ظلم ٿيندي ڏسي ٿو ته سندس دل ۾ هڪ درد جاڳي اٿي ٿو. ڪهاڻي ”حياتي وهه وٺو آهي“ مان هتي مثال پيش ڪجي ٿو.

”ڪجهه نيڪ بندن لاءِ 1947ع وارو سال،ايشور ۽ الله جي نالن ۾ عزتن لُٽڻ ۽ قتل ڪرڻ جو سال هو.“ (جليل، 1998: 85)

”فضلو، تون ۽ مان، ۽ هي دولترام ۽ هو پائخاني وٽ ليٽيل قولي، اسان سڀئي هن گول مانيءَ جا محتاج آهيون. هن گول مانيءَ لاءِ سرگردان آهيون. تون پنهنجو روزگار ڪماءِ ۽ ٻين کي ڪمائڻ ڏي“ (جليل، 1998: 89)

ٻئي لکيڪ انسانيت جا قائل آهن. پاڻ مذهب نه بلڪه انسانيت جي اهميت جا حامي آهن. وٽن هڪ ئي درس آهي، اهو انسانيت آهي. پاڻ هڪ قوم ٿي رهڻ جي حق ۾ آهن. ان ڏس ۾ امر جليل جون ڪهاڻيون، هولي، وري ياد آيا، سرد لاش جو سفر مذهبي ڪهاڻيون آهن. جيڪي انسانيت جي هڪ هئڻ ۽ مذهبي فرقي کي ختم ڪرڻ جو پيغام ڏين ٿيون. امر جليل وٽ هندن سان ٿيل تازي واقعن جي تصوير نظر اچي ٿي. پاڻ ماڻهن جي مڪارين کي نهايت خوش اسلوبيءَ سان پيش ڪيو آهي. سندس هڪ هڪ لفظ مان مذهب جي مت پيڊ جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. امر جليل جي مذهب تي لکيل ڪهاڻي ” سرد لاش جو سفر “ ۾ هندن سان ٿيل ظلم صاف نظر اچي ٿو.

” ساوتري بي حال پيئي هئي. آواز گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهاءُ ڪائي مرٽينگ تي ويو هوس. الله کي التجا لاءِ چپ چوريائين پي، پر چڪن سان چچريل چپن تائين الله جو نالو اڪلي نه پئي آيس. اکيون بند، وار وکريل ، هوءَ چوتاڪ صندل تي پيئي هئي، هوءَ آهستي آهستي مري رهي هئي. مجاهدن جو جوش ۽ جذبو ويو پئي وڌندو. هو تلوارون، خنجر ۽ بندوقون اُڀيون ڪري ننگي ابليس وانگر هنبوچيون هڻي رهيا هئا، ۽ الله اڪبر جا نعرا بلند ڪري رهيا هئا. هڪڙن وحشين کيسچڏيو پئي، ته ٻين کيس چچريو پئي.“ (جليل، 2011: 182،183)

امر جليل مذهب جي بنياد تي ٿيل ظلم جي چٽي تصوير پيش ڪئي آهي. هو مذهب جي بنياد تي ٿيل ظلم کي برداشت نٿو ڪري. سندس ڪهاڻين ۾ سماج جو تلخيون حقيقت سان پيش ڪيل آهن. موضوع ڪهڙو به هجي امر جليل وٽ اچي ان جو اسلوب خاص بنجي وڃي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ گوپال جو پنهنجي ڌرتيءَ سان عشق ڏسي جڻ ان سان همدردي پيدا ٿئي ٿي. ڪردارن جي بيوسي سندس اکين جي سامهون ٿيندڙ واقعو ۽ سندن بيوسي جڻ حيران ڪندڙ آهي. پريتم، گوپال ۽ سندن ماءُ جا مڪالما جڻ اندر کي اڌ ڪيو ڇڏين ٿا. ڪهاڻي بهترين اسلوب ۾ وڌي ٿي ۽ پڇاڙيءَ تائين تجسس برقرار رکي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ هر ڪردار پنهنجي جاءِ تي جنهن عذاب مان گذري ٿو جڻ جسم مان سيسڙاٽ نڪريو وڃن ٿا.

اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ”هي ليڊر“ ۾ اياز سياستدانن جي چهرن تا نقاب لاهيندي سندن تلخ حقيقتون اهڙي انداز سان بيان ڪيون آهن. معاشري ۾

جيڪا گندگي هو ڦهلائين ٿا. ان کي ئي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڏيکاءُ جلسا انسانيت کي شرمسار ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نٿا ڇڏين. ليڊر جن ڏنڌي جي اڏن کي بند ڪرائڻ چاهي ٿو. ان جو اصل ذميوار به ته اهو پاڻ ئي آهي. هڪ ڇوڪري کي گهران پڇائي ان جي عزت نفس کي مجروح ڪري ڪيس واپس گهر وڃڻ لاءِ چوي ٿو. ليڊر جي لڪل ڪارنامن تان ڪجهه هن ريت پردو لاهي ٿو:

”شراب جي اها بوتل جنهن جي ورتائڻ کان پوءِ زمين سان ٽڪرائي پاش پاش ڪري ڇڏيو هئائين! مگر هوءَ اڄ نئين روپ ۾ هئي. سماج جو هڪ بدنام داغ هئي، ۽ هن سان هن جي ڏيءُ به هئي. هو سوچيندو رهيو. هي دنيا ۽ سماج جا بدنام داغ ڪارنهن جا ٽڪا، مگر . . . سندس دل بيهجي وئي.“ (قادري، 1977: 48 )

نيٺ ان ليڊر پنهنجو انجام پاڻ آندو. برائيءَ جو انجام نيٺ برو ٿيو. هتي اياز قادريءَ بهترين انداز ۾ هڪ ليڊر جي منهن تي زوردار چماٽ هنئي آهي، جو هو بجاءِ وڏيڪ ڪجهه ڪرڻ جي پنهنجو انجام پاڻ آڻي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻي ” شڪست “ اهڙي موضوع تي آهي. جنهن ۾ عورت کي سماج ۾ نفرت جي لائق سمجهيو وڃي ٿو.

”هن هٿن مان منهن ڪڍي پڪراج ڏانهن ڏٺو. پڪراج هر حسين طوائف کان وڌيڪ حسين هئي. پروفيسر ڪريم سندس هٿن مان گلاس وٺي، يڪ ساهي سمورو پاڻي پي ويو. ڪجهه سامت ۾ آيو. ڳالهائڻ لاءِ چپ چوريائين، ته فقط ايترو چئي سگهيو، ”نسيمه“. (جليل، 2010: 123)

سماج ۾ عورتن جي کي غلط رستي تي آڻڻ ۾ سڀ کان وڌ عزت وارن مردن جو ئي هوندو آهي. اهو موضوع سماج جو ناسور بنجي ويو آهي. امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي انتهائي اهميت جي حامل آهي. اهڙو گناهه جو ڪم ڪرڻ جي باوجود به پاڻ کي اعليٰ سمجهن ٿا. سماج ۾ ڪردار اهي ئي آهن. انهن کي هر ڪهاڻيڪا پنهنجي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. پروفيسر جو ڪردار نهايت عزت وارو آهي. جيڪو پڪراج جي بربادي‌ءَ جو سبب به پروفيسر آهي. جڏهن ڪو انسان غلطيءَ جو اعتراف ڪري ته سماج ۾ ان کي گهٽ ڪري سمجهيو ويندو آهي.

ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي ڪهاڻي” قانون“ پوليس جي متعلق جيڪي هو لڪ چپ ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ ان کي ڪهڙي نموني لڪائين ٿا انهن جي لاءِ لکيل آهي. عام ماڻهن کي وٺي ٿاڻي تي آڻڻ ۽ انهن کان رشوت وٺڻ واري ڳالهه کي نروار ڪيو آهي.

”جمعدار پنهنجي هٿ ۾ ڪاغذ جهڙي ڪا نرم چيز محسوس ڪئي، آهستي آهستي جمعدار جي چهري تي مرڪ ڦهلجي وئي. اميد ته آئنده اهڙي غلطي نه ٿيندي، خورشيد جمعدار جي هٿ مان هٿ ڪسڪائيندي چيو. مگر قانون . . . قانون، باقي اڪر جمعدار جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا.“ (قادري، 1977: 53 )

اياز قادريءَ وٽ پوليس وارا پنهنجي اهائي سالن کان پراڻي هلندڙ روايت قائم رکيو اچي. رشوت ملي پوءِ به قانون قانون آهي. سماج کي سڌارڻ ۽ بگاڙڻ ۾ پوليس جو ڪيترو هٿ آهي. هو رشوت کي پنهنجو حق سمجهن ٿا.

امر جليل جي ڪهاڻي ”منهنجو پٽ مهدي“ ۾ پوليس وارن تي سخت طنز نظر اچي ٿو. امر جليل رشوت واري مرض تي سخت تنقيد ڪندي نظر اچي ٿو.

”سڏڪن جي وچ مان ڳالهايائين، “ پوليس وارا توڪان اخبارون وڪڻڻ جي عيوض جيڪڏهن خرچي گهرن ٿا ته پوءِ ڪين ڏئين چو نٿو؟“
نفرت منهنجي نڙيءَ ۾ تري آئي. چيم، ”۽ سپاٽي پوليس وارا اخبارون وڪڻڻ جي عيوض مون کان رشوت ۾ جيڪڏهن تنهنجي جسم جي گهُر ڪن ته پوءِ؟“ (جليل، 1998: 95)

پوليس وارن جي رشوت وٺڻ کي امر جليل طنز ڪندي پردو لاهيندي نظر اچي ٿو. ٻنهي ليکڪن وٽ پنهنجو اسلوب آهي. هڪ ئي ڪردار زندگيءَ جي ٻن پهلوئن کي پيش ڪيو آهي. رشوت جهڙي ڪوڙهه مان بيزار ٿي ليکڪ ان کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو آهي ته جيئن سماج جي اصلاح ڪري سگهجي. امر جليل جي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ پوليس وارن تي طنز ملي ٿو. پوليس وارن جي مچايل آزار کي هو سخت نا پسند ڪري ٿو.

ڊاڪٽر اياز قادري سماج جي عام موضوعن تي قلم کنيو آهي. پر سندس انداز کي ڏسي انهن واقعن جي حقيقت اکين اڳيان اچي ٿي. سندن ڪهاڻين ۾ ٻولي، مڪالما، ماحول، منظرنگاري، فن پنهنجي چوٽ تي چڙهيل آهي. فني توڙي فڪري حوالي سان سندس ڪهاڻيون اهميت جون حامل آهن. جڏهن انسانن سان جانورن جهڙو رويو رکڻ وارن ماڻهن تي ۽ بيماريءَ جي سبب نوڪريءَ مان ڪڍڻ تي ڪهاڻي ”فرشتو“ لکي.

”هڪ هڏائون پڃرو جيڪو ڊاڪٽرن وٽ ڏيکاءُ لاءِ پيو هوندو آهي. هن پنهنجي ڪيسي ڏانهن نهاريو جنهن ۾ به آنا کڙڪي رهيا هئا، هن جي چپن تي مرڪ ڦلهجي وئي اهڙي مرڪ جنهن ۾ هزارين گهاءُ چپيل هجن، جنهن ۾ هزارين سور لڪيل هجن. سچي ڏينهن

جي ڪمائي چار آنا.! هو نفرت وچان پٽڪيو ۽ ماٺ ٿي ويو اهي به
چڻ خيرات طور مليل.” (قادري، 1977:  55 )

ڪارخانن، اسڪولن ۽ پرائيويٽ نوڪرين مان ملازمن کي ائين ئي ڪڍيوويندو آهي. اهي انسان جنهن عذاب مان گذرن ٿا ان تڪليف جي هڪ هڪ گهڙيءَ ، منظر کي اياز قادري خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي. مايوسي، ڏک، عذاب سهي به خاموش رهڻ وارا نيٺ زندگيءَ جو ڏيئو اجهائين ٿا. اياز قادري هن ئي ڪردار کي ايترو ڪمزور بيوس نه بنائي ها ڪيس پنهنجي حق وٺڻ جي لاءِ هٿ پير هڻڻ جي سيڪاري جيئن هو زندگي ختم نه ڪن بلڪه جيئڻ جا پيا به ذريعا استعمال ڪري زندگي کي ڀرپور نموني جيئڻ سيکاري ٿو.

غربت جو زنده مثال سندس ڪهاڻي ”ڪفن چور“ ۾ پيش ڪيو آهي.ڪرم الله جهڙو نيڪ نمازي ايماندار سچو ماڻهون پنهنجي نياڻيءَ جي تن ڍڪڻ جي لاءِ ڪفن جي چوري ڪري ٿو. هو ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ جي بجاءِ سوچي ٿو هڪ مردي کي ڪپڙي جي ضرورت نه پوندي جيتري جيئري انسان کي پوندي. مجبور ٿي ڪرم الله ڪفن جي چوري ڪري ٿو.

”مون سوچيو مئن کي جيئرن کان وڌيڪ ڪپڙي جي ڪهڙي ضرورت آهي. مردي کي ڪفن نه هوندو زمين ان جي اوگهڙ ڍڪي ڇڏيندي، پر جي زندهه ماڻهو وٽ ڪپڙو نه هوندو ته دنيا جي نظرن کان ان جي اوگهڙ ڪيئن ڇپي رهندي مون محسوس ڪيو ته حاجران کي ان لاش کان ڪپڙي جي زياده ضرورت هئي جو سندس اوگهڙ ڍڪي سگهي. افسوس مان پنهنجي حاجران جي اوگهڙ ڍڪي نه سگهيس.” (قادري، 1977: 69 )

هتي ڊاڪٽر اياز قادري ڏک واري انداز ۾ ڄڻ هن دنيا جي اميرن، سرنديءَ وارن کي ڄڻ اهو ٻڌائيندو هجي ته غريبن کي پنهنجو حق ڏيو. سچ ته حلال روزي ڪمائڻ وارن جي حالت ڪجهه اهڙي ٿئي ٿي. هڪ بيوس انسان جي بيوسي لاچار ڪري ٿي ڪفن چوري ڪرڻ تي ان ڪردار کي بهترين انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

ڊاڪٽر اياز قاديءَ جي هن مجموعي ۾ شامل سمورين ڪهاڻين جو اسلوب جدا آهي. سندس ڪهاڻيون خيالي نه آهن. سماج جي حقيقت تي مبني اهڙا واقعا آهن. جيڪي روزمرهه ٿيندا رهن ٿا. ڪٿي حيران، پريشان ڪري ٿو، ڪٿي ته ڇرڪ نڪري وڃي ٿو. هن پنهنجي زندگيءَ جي مشاهدي کي ڪهاڻين جو روپ ڏئي اسان جي سامهون آندو آهي. ڊاڪٽر اياز قادري 71 سالن جي عمر ۾ 15 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪئي. سندس مزار اباڻي ڳوٺ لاڙڪاڻي ۾ آهي.

امر جليل وٽ بيروزگاريءَ واري موضوع تي ڪيترين ئي ڪهاڻيون آهن. جن جي ذريعي غربت تاريخ جي دريءَ مان ليئا پائيندي صاف نظر اچي ٿي. " سوجهرو، منهنجو پٽ مهدي، پلصراط " وغيره جهڙيون شاهڪار ڪهاڻيون لکيون آهن. امر جليل جي هڪ منفرد خوبي اها به آهي ته هو هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين تان پردو کڻي ٿو. معاشي بدحاليءَ جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي. ڪهاڻي " پلصراط " ۾ غربت جي تصوير هيئن پيش ڪئي آهي:

"وراڻيم، "هڪ دفعو رڳو مغز ڦاڙ معمي جو صحيح حل نڪرڻ ڏي. پوءِ ويٺي تماشا ڏسجاءِ. هڪ مسيت ٺهرائيندس، به حج ڪندس، ۽ پنجن فقيرن هڪ ويلو ماني کارائيندس. پوءِ ڪيئن ۽ چو دوزخ ۾ ويندس." (جليل، 2010: 136)

امر جليل جي ڪهاڻين جا ڪي موضوع يا ڪردار نوان نه آهن. هتي سخت طنز نظر اچي ٿو. امر جليل طنز جي ذريعي سماج جو تلخ حقيقتون ائين بيان ڪري ٿو جو اهي خراب به نٿيو لڳن. اياز قادريءَ جا به موضوع اهڙا ئي آهن. ٻوليءَ جي وسعت ٻنهي ليکڪن وٽ آهي. امر جليل وٽ ٻوليءَ کي وسيع بنائڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. هو ڪهاڻيءَ جي موضوع مطابق تشبيهه، استعارو، علامت، طنز ۽ مزاح وارو اسلوب اختيار ڪري ٿو. امر جليل جي ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي سوچڻ لاءِ ڪيترين ئي راهون هموار ڪري ٿي. سندس هر ڪهاڻي ڄڻ ته تاريخ جو هڪ باب آهي. امر جليل وٽ گهڻو ڪري حقيقي واقعا يا سماج جا ٻرندڙ مسئلا نظر اچن ٿا. ٻنهي سماجي حقيقت کي پنهنجي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. هو پنهنجي موضوع ۽ ڪردار جي ماحول مطابق اسلوب کي تبديل ڪن ٿا. سندس اسلوب مان تحرير کي بخوبي سڃاڻي سگهجي ٿو. امر جليل جي ڪيترين ئي ڪهاڻين جا موضوع اڄ به ائين نظر ٿا اچن ڄڻ ته اسان جي اکين تازو اُهي واقعا ٿي گذريا هجن. سندس هر ڪردار حقيقي نظر اچي ٿو.

نجم عباسي ( 18 آڪٽوبر 1927ع _ 25 آڪٽوبر 1995ع )

نجم عباسي ضلعي نوشهرو فيروز تعلقو ڪنڊيارو ڳوٺ خانواهڻ ۾ 18 آڪٽوبر 1927ع ۾ جنم ورتو. پاڻ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج مان ڊاڪٽريءَ جي ڊگري ورتائين. 1953ع ۾ ڊگري مڪمل ٿيڻ کان پوءِ سرڪاري نوڪريءَ ۾ آيو، ۽ 1958ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏئي گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ پنهنجي ڪلينڪ کوليائين. جيڪا 1989ع تائين هلايائين. هن ورهاڱي واري دور ۾ ئي هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هيون. ٿوري عرصي ۾ هن گهڻيون ڪهاڻيون لکيون. نجم عباسي سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي. ٻوليءَ سان ڪيس محبت آهي. غريب عوام جي ڏکن ۾ شريڪ ٿيڻ چاهي ٿو. ان جي لاءِ شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

”هو هڪ واضح نظري سوچ ۽ مقصد کي آڏو رکي لکي ٿو. هو سنڌي قوم ۽ ثقافت جو پرچارڪ آهي. هن ثقافت ۽ ٻوليءَ تي ٿيندڙ ڏاڍاين ۽ ان جي محڪوميت تي ڪيترن ئي پهلوئن کان روشني وڌي آهي. نه رڳو ايترو بلڪ درد جو درمان بنجي هو مسئلن جي حل ڏانهن به نشاندهي ڪري ٿو. ته بعض ڪهاڻين تي قسمت جو نظريو غالب پيل آهي.“ (عرساڻي، 1982: 266)

سندس شخصيت ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع سنڌ کي پيش ايندڙ مسئلن بابت آهن. هڪ سلجهليل شخصيت ۽ اعليٰ سوچ جو مالڪ هئڻ ڪري سندس ڪهاڻيون سنڌ جي سياسي، سماجي، غير طبقاتي، فرقيورانه ۽ سماج جي ظلمن خلاف مسلسل جدوجهد آهن. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي قوم سان ٿيندڙ ظلم جي عڪاسي سندس ڪهاڻين ۾ سڌوسنئون نظر اچي ٿي. سندس گهڻيون ڪهاڻيون حقيقي واقعن تي مبني آهن.

امر جليل جون به لڳ ڀڳ سموريون ڪهاڻيون حقيقي واقعن تي مبني آهن. امر جليل جيڪو ادب تحرير ڪيو سمورو سماج جي سڌاري لاءِ سندس لکڻيون عام زبان ۾ آهن. ون يونٽ دوران سنڌي اديبن سان ٿيل آزار کان هرڪو واقف آهي. هن دور ۾ اديبن ظلم جو نهايت دليريءَ سان مقابلو ڪيون. ان دور ۾ امر جليل جون مزاحمتي ڪهاڻيون چٽي تصوير پيش ڪن ٿيون. هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا، ڪپيل ٻانهن جو وارث، جڏهن مان نه هوندس، دي موسٽ ڊينجرس مين اِن پاڪستان شامل آهن. هنن ڪهاڻين ۾ ون يونٽ دوران سنڌ ٿيل ويڌن جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي.هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا ۾ ون يونٽ خلاف سندس مڪالما جاندار آهن.

” ڊپٽيءَ چيو، ” پاڪستان جي سالميت ون يونٽ ۾ آهي، جيڪو شخص ون يونٽ جي خلاف آهي، سو پاڪستان جي خلاف آهي، پاڪستان جو دشمن آهي. هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ورتو ويو آهي، تنهن ڪري اسين سڀيئي اسلامي اخوت ۾ ٻڌل آهيون. اسين هڪ مذهب جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهيون. صوبن جو بحال ٿيڻ ڪفر آهي.“ (جليل، 2014: 46)

امر جليل جي ڪهاڻين چڻ ته حڪومت کي نا انصافيءَ جو احساس ڏياريو. ان وقت ۾ هلندڙ تحريڪن جي خلاف دل کولي لکيو. ان جي لاءِ سندس وڏي خوبي اها آهي ته پاڻ حقيقت کي مختلف اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. ڪردار، ماحول، موضوع مطابق سندس اسلوب تبديل ٿئي ٿو. امر جليل پنهنجي لکڻين جي ڪري اعليٰ مقام حاصل ڪيو. امر جليل وٽ ٻولي ٺيٺ سنڌي ۽ خوبصورت نموني پيش ٿيل آهي.

نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ نه صرف سماج ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن مان عوام کي ڪڍڻ ۽ سندن اصلاح لاءِ مختلف موضوعن کي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع زبردستي ۽ بي جوڙ شاديون، مذهب جي بنياد تي ماڻهن جا حق ڦٻائڻ عورتن سان نا انصافي، سنڌي قوم سان سياسي ويساهه گهاتيون، ٻوليءَ سان ظلم ۽ قوميت جي بنياد تي سنڌي قوم جا حق ڦٻائڻ، وهم ۽ وسوسن تي مبني آهن. هو روشن خيال، ترقي پسند ۽ حقيقت نگار ليکڪ هو. مراد علي مرزا نجم عباسيءَ جي لاءِ لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر صاحب ۾ هر صنف لکڻ جي سگهه هئي، سندس سنڌ سان السٽي عشق هو. هن سنڌ جي مڙني روين کي چڱي طرح پڙهيو هو. سماج جي اوندهه تائين پهچي انهن کي وائکو ڪري چڪو هو. سندس خواهش هئي ته سنڌي سماج اعليٰ قدرن وارو سماج بنجي." (مرزا، 1995: 2)

هن ٻولي آسان ماحول ۽ موقعي جي حسان سان استعمال ڪئي آهي جو هر ڪنهن کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچيو وڃي. سندس ڪردار ڪهاڻيءَ جي مناسبت سان آهن. پڙهندڙ ڪٿي به لفظن ۾ مونجهاري جو شڪار نٿو ٿئي. نجم عباسي لفظن، پهاڪن، محارون، تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال اهڙي سهڻي انداز سان ڪيو آهي. سندس ٻوليءَ جي لاءِ عبدالقيوم 'صائب' لکي ٿو؛

"هن جي ٻولي ۽ ادبي معيار جي باري ۾ ايترو چئبو هن جي ٻولي سادي، سُپڪ، وقتائتي ۽ اثرائتي ٿئي ٿي. سهڻا محاورا، سهڻيون چوڻيون ۽ سهڻيون تشبيهون استعمال سان گڏ ڪهاڻين جا سهڻا، پسمنظر ۽ پيشمنظر پيش ڪري ٿو." (صائب، 1989: 132)

مجموعي طرح نجم عباسي جي ٽيهن ڪتابن مان ڪهاڻين جا سورنهن مجموعا آهن. جن ۾ انداز ساڍا ٽي سو کان مٿي ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻين جي پهرين مجموعي "طوفان جي تمنا" جيڪو 1969ع ۾ ڇپيو، پاڪستان رائيٽرس گلڊ ۽ سنڌالاجي طرفان انعام مليو. سندس ٻيو مجموعو 1973ع ۾ "پٿر تي ليڪو" ڇپيو. سندس ٽيون مجموعو 1977ع ۾ "جيڪي منهنجي من ۾" آهي. تنهن کان پوءِ ناچڻي، ايڏو سور سهي، رشتا ناتا، سورج هوندي مرجهايل، للڪار، دوکو، مٿي سنڌ سڪار ۽ سندس چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو "منهنجون بهترين ڪهاڻيون" ڇپيو. پاڻ ۾ وڻا آهيون، اوچا ڳاٽ پهاڙن جا ۽ "ڪهاڻيءَ جو قافلو" سندس تنقيدي ۽ تاثراتي ڪتاب جنهن ۾ سندس چار ڪهاڻيون به شامل آهن.

نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون لاڳيتو 60 سال 1946ع کان 1995ع تائين ڇپبيون رهيون. نجم عباسي مسلسل لکيو آهي. سندس تحريرن ۾ ناول، ڊراما، مضمون آتم ڪٿا، خط ۽ شاعري به شامل آهن. سندس ڪهاڻيون خيالي نه آهن.

نجم عباسي به امر جليل وانگر جيئرا ڪردار پنهنجي ڪهاڻين ۾ آندا آهن، ۽ لاڳيتو هو لکندو رهيو. سندس پڙهندڙن جو حلقو به وسيع آهي. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جي لاءِ يوسف سنڌي لکي ٿو ته؛

”نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين ۾ سنڌ، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تهذيب تمدن ۽ ثقافت کي نمايان اهميت حاصل آهي ۽ سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي اڀوجهه ۽ معصوم ماڻهن کي دقيانوسي خيالن وهمن ۽ توهم پرستي، اجاين رسمن ۽ رواجن کان پري رهڻ جو درس ڏنو ويو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ درد پيڙا غريب ۽ مظلوم انسان جو فرياد آهي ته سنڌي عورت جي بي حسي، بيوسي جي پوري تصوير پڻ آهي.“ (سنڌي، 2002: 30)

نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون ٻوليءَ جي حوالي سان اهم آهن. ڪردارن ۽ مڪالمن ذريعي ئي هو ڪهاڻيءَ کي چار چنڊ لڳائي ٿو. هتي سندس ڪهاڻي ” قلب اندر ڪعبو“ مان مثال ڏجي ٿو:

”حاجي صاحب مون کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ” سائين پرديس ۾ ڪو هندستاني ملي ويندو ته آهي ته خوشي ٿيندي آهي، پر جي ڪوسنڌي ۽ هم زبان ملندو آهي، ته پوءِ دل اصل خوشيءَ کان نچڻ لڳندي آهي، ڏاڍو آٿت ٿيندو آهي.“ (عباسي، 1986: 12،13)

امرجليل جون به ڪيتريون ئي ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ڌرتيءَ جو درد صاف نظر اچي ٿو. هو وطن سان محبت کي مختلف اسلوب ۾ بيان ڪندي نظر اچي ٿو. ڪهاڻي ” ڌرتيءَ جو درد “ ۾ لکي ٿو ته:

”رئيس ٻنين ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ” پٽ، اسان جي ڌرتي هيءَ آهي. اسان جي ڌرتي آباد آهي. تون ڪهڙن ڦڏن ۾ وڃي ڦاٿو آهين.“
غلام عباس پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو ۽ دڙي تان لهي، هيٺ جهڪي مٽيءَ جي لپ ڀري، هو سڌو ٿي بيٺو. پيءُ کي چيائين، ”جنهن ڌرتيءَ جي مان ڳالهه ڪري رهيو آهيان، سا ڌرتي هن مٽيءَ ۾ پوريل آهي بابا.“ (جليل، 2014: 108)

هن دور ۾ ليکڪن ڌرتيءَ سان محبت تي ڪهاڻيون لکي سنڌي قوم کي غفلت جي ننڊ مان جاڳايو. هو عوام کي ڪهاڻين ذريعي ڌرتيءَ سان محبت جو درس ڏين ٿا. صدين کان سنڌي ٻنين ۽ ونين تان سر ڏيڻ جي لاءِ هميشه تيار هوندا آهن. امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ڌرتيءَ سان محبت جو درس هر ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿو. نجم عباسي جو ڪردار پرڏيهه ۾ پنهنجي ڏيهه جي ماڻهن کي ڏسي خوش ٿئي ٿو. امر جليل هر حال ۾ وطن سان محبت ۽ ان جي عبادت جو درس ڏيندي

نظر اچي ٿو. امر جليل جي ڪردارن کي وطن سان بيحد محبت آهي. هو هر حال ۾ پنهنجي وطن سان سچا آهن. امر جليل جا مڪالما موقعي ۽ محل مطابق آهن. مڪالمن ۾ اجائي ڊيگهه نٿو ڪري، گهري ڳالهه به نهايت آرام سان چئي وڃي ٿو. امر جليل وٽ فن هڪ جامع حيثيت رکي ٿو. سندس ڪردار ڏتڙيل آهن. ڪي صابرين ته ڪي ظلم کي ظلم چوڻ وارا آهن. سندس هر ڪهاڻي چڻ ته سندس ئي ڪهاڻي هجي.

سندس فن مان سندس شخصيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سندس ڪهاڻين جو فن ئي سندس شخصيت جو آئينو آهي. هن پنهنجي قلم جي تيزيءَ سان ڪهاڻين ذريعي مستقبل جي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جا حل ٻُڌايا. پاڻ ڪهاڻين ذريعي غريبن جي داد رسي ڪري ٿو. سنڌي قوم، ٻولي ۽ قلم سان پنهنجو رشتو آخري ساهه تائين نڀايائين. پاڻ سماج مان برائيءَ جي پاڙ پٽڻ لاءِ اهڙن موضوعن جي چونڊ ڪيائين. نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون ون يونٽ، ورهاڱي جي حالتن، بنگال جي ورهاڱي، جاگيرداري نظام، وڏيرن جي ظلم، سماجي اڻ برابري، انقلابي ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ اتساهه واريون ڪهاڻيون آهن.

”قلب اندر قعبو“ هڪ حاجيءَ جي ڪردار جي ذريعي نجم عباسي ماڻهن کي پلائيءِ سهڻي سلوڪ جو سبق ڏئي ٿو. ” چوڏو “ ڪهاڻي سنڌي ڳوٺاڻن جي وهمن ۽ وسوسن تي مشتمل آهي، هڪ ڪنڊيءَ جي وڻ جو چوڏو جنهن سان ماڻهون پنهنجي بيمارين ۽ تڪليفن جو علاج ڪن ٿا. هتي سندس انداز نج ڳوناڻن وارو آهي.

> ”عارب ماءُ به اسان جي اچي گهر نڪتي. بلڪل تازي تواني ۽ تندرست! مون کي ڏسندي ئي چيائين. “ پٽ ! شابس هجي تو کي! مون ان وقت ئي چوڏو اڳڙيءَ ۾ وجهي، ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو. تپ وري منهنجو نالو به نه ورتو. صدقي وڃان پير سائينءَ سڀاجهي جي نانءَ تان!.“ (عباسي، 2008: 58)

ٻهراڙيءَ جا اٻوجهه ماڻهون جيڪي تعويزن ۽ ڦيڻن تي يقين ٿا رکن اهڙن انسانن جي ڪهاڻي آهي. هتي ڳوٺ جي عورت جو پختو يقين اهڙي انداز سان پيش ڪيو آهي، جو هوءَ ڊاڪٽرن کان وڌ ان چوڏي ۾ يقين رکي ٿي ۽ چاڪ چڱي ڀلي ٿئي ٿي. عام چوڏي کي به پير جو سمجهي ان تي اعتبار ڪن ٿا.

وهم ۽ وسوسن تي امرجليل جي ڪهاڻي ”اروڙ جو مست، به چور ۽ سوجهرو آهن“ اٻوجهه ڳوناڻن کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائڻ گهري ٿو. ڪهاڻي ”به چور“ ۾ شاهه جي حقيقت کي هن ريت پڌرو ڪيو آهي:

"نڪر شاهه، جيڪو لڪ چپ ۾ چرس جو واپار ڪندو هو، تنهن جا ڏينهن ڦري پيچ ۽ راتيون ڇيچ ٿي پيس. ماڻهن ميرل ۽ پيرل جي ڊپ کان درن ۾ تعويذ ٽنگي ڇڏيا. اڳ ميرل ۽ پيرل ماڻهن جا گهر خالي ڪري ڇڏيا هئا ۽ هينئر ڳوٺاڻا پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجو مال ميڙي نڪر شاهه کي نذرانو ڏيڻ لڳا. الهڙ جوانڙيون، رَون ۾ ناريل ۽ پتاشا کڻي. سانجهيءَ ٽاڻي نڪر شاهه جي اوتاري تي ايندڀون هيون، ۽ ڪجهه دير کان پوءِ هَڙَ ۽ وَڙَ وڃائي واپس ورنديون هيون." (جليل، 2012: 69)

پيرن، مرشدن، تعويزن ۽ مولوين تي انڌي اعتبار سنڌي سماج کي تباهيءَ جي طرف ڌڪي ڇڏيو آهي. انهيءَ جهالت مان ڪڍڻ جي لاءِ ليڪڪن انهن موضوعن کي ڪهاڻين جي رونق بڻايو آهي. ٻنهي ليکڪن جو هو سماج کي صدين کان جهالت واري رسمن کي برداشت نٿا ڪن. انهن مان هاڻي آزادي چاهين ٿا. امر جليل پيرن، فقيرن جي چهري تان نقاب لاهيندي سندن حقيقت کان آگاهه ڪري ٿو. امر جليل جون ڪهاڻيون سوچڻ لاءِ ڪيترائي پهلو بيان ڪن ٿيون. ڏتڙيل عوام کي سجاڳ ڪرڻ گهري ٿو. امر جليل سوجهرو ڪهاڻيءَ ۾ طنزيه اسلوب ۾ فقير جي ڪهاڻي بيان ڪري ٿو.

"جتي ٻئي گهٽيون ملنديون هيون، اُتي اُنهن ڏينهن ۾ هڪ ڏتڙيل درويش اچي ديرو ڄمايو هو. سندس اکيون ٽانڊن وانگر ٻرنديون رهنديو هيون. چارئي پهر بدن کي ڀڀوت ڪيو، دونهي دکائي، پنهنجي جهوپڙيءَ آڏو ويٺو هوندو هو. پاڙي جو عورتون ڪانئس من جو مرادون گهرنديون هيون ۽ مرد ڪانئس سٽي جا نمبر پڇندا ها، جڏهن کان اسان جي پاڙي ۾ بيروزگاريءَ پير ڄمايا هئا، تڏهن کان درويش جي چڙ عيد شروع ٿي هئي. سندس سگهارو بدن، ڏينهون ڏينهن سگهارو ٿيندو ويو. پيٽ جي گولائيءَ تان گهنج گم ٿي ويس، ۽ دن جو ٽنگ گهٽ ٿي ويس. گهرن ۾ لنگهڻ ڪڍيا ويندا هئا، پر درويش کي سيرا، مالپڙا ۽ قورما کارايا ويندا هئا." (جليل، 2012: 16،17)

ڪهاڻي معاشي بدحاليءَ جو چٽو نقش پيش ٿي ڪري. سموري ڪهاڻي تجسس واري اسلوب ۾ اڳتي وڌي ٿي. ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار جنهن اذيت مان گذري ٿو ان مان وقت جي مشڪل حالتن جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. امر جليل وٽ ٻوليءَ جو ذخيرو آهي، ان کي جيئن چاهي استعمال ڪري ٿو. ڪهڙو به لفظ هجي امر جليل وٽ اچي اهو خاص بنجي وڃي ٿو. وهم ۽ وسوسن واري انڌي اعتماد کي هو پاڙ کان ختم ڪرڻ چاهي ٿو. ڪهاڻي " اروڙ جو مست " به اهڙي ئي موضوع تي آهي.

” منهنجو مجاور ٿيندين؟ ” ڪلندي پڇيائين.
”چو ٿو پنهنجي ڪَلَ لاهرائين،” ٻئي چٽا ٺهڪ ڏيئي ڪلي پياسين.
چيم، ” اڳ جو چوندو هئين، ڌاڙن کان سواءِ مري ويندين، سو اڄ ڪيئن جيئرو آهين؟”
چپن تي معنيٰ خيز مرڪ ڦهلجي ويس. چيائين، ” بيوقوف سنڌين کي ڪهاڙين ۽ بندوقن کان سواءِ به ڦري سگهجي ٿو.” (جليل، 2012: 32)

امر جليل گهري فڪر جي ذريعي سنڌين کي سجاڳ ڪرڻ گهري ٿو. نڱن مختلف روپ ڌاري سنڌ جي غريب، محتاج کي ڦريو لٽيو آهي. آسانيءَ سان هو انهن هٿان گمراهه ٿيندا اچن ٿا. سندن ذهن تي اهي ڪوڙيون ڪرامتون هاوي آهن. ان ڪوڙ ۽ ڊوڪي جي پاڙ پٽڻ جي لاءِ امر جليل جي ڪهاڻي بهترين ڪوشش آهي. هيءَ ٻهروپين جي هڪ شڪل آهي، هو ڪيترائي روپ ڌاري عوام کي لٽين ۽ ڦرين ٿا. ڪڏهن عارب ماڇي، ڪڏهن ٺڪر شاهه، ڪڏهن ڏڏڙيل فقير جي روپ ۾ گمراهه ڪن ٿا. عارب ماڇيءَجو ڌاڙيل مان مست ٿيڻ ۽ ايترو ڏن ڪمائڻ عوام ۾ شعور آڻڻ لاءِ ڪافي آهن. ٺڪر شاهه جي ڏنڌي تان پردو ڪٽي چڻ ته غريبن کي سڌي ٻڌائيندو هجي، هي آهي توهان جي هٿرادو ديوتائن جو روپ. امر جليل جو اسلوب ٻين همعصرن کان ان ڪري به منفرد آهي، سندس مڪالمن ۾ گهرائي آهي. هو ٻهروپين جا مختلف روپ پيش ڪري سندن ڊونگن کان عوام کي آگاهه ڪرڻ گهري ٿو.

نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ”تو کي مرڪندو ڏسان” ٻي جوڙ شاديءَ تي لکيل ڪهاڻي آهي. مائٽ نياڻين کي چند پئسن عيوض وڪڻن ٿا ۽ اهي سک جي تلاش ۾ پٽڪي زندگي تباهه ڪري ويهن ٿيون. هتي زميندارن جي نفسيات ڪجهه هن ريت پيش ڪئي آهي.

”لاڙ جو هڪ زميندار جو اچي ان هوٽل ۾ رهيو هو، ۽ جنهن کي هوءَ ڏاڍي وٽي وئي. سو ريهي ريبي، پڇائي پنهنجي ڳوٺ وٺي آيس. اتي ڏيڍ سال کن هن جي جوانيءَ جو رس چوسيائين، پوءِ ڪڪ ٿي پنهنجي ٻيلين کي حڪم ڪيائين ته وڏي شهر حيدرآباد ۾ هن کي گهٽين ۾ هيڪلو ڇڏي اچو.”
”هوءَ موٽي هوٽل ساڳي هوٽل ۾ ويئي. اتي هن کي رنڊيءَ وانگر استعمال ڪيو ويو، هر رات هن کي ڪنهن نه ڪنهن مسافر جي بستري جي زينت پنجٽوپوندو هو.” (عباسي، 2008: 65)

ڪهاڻيءَ ۾ وڏيرن جي ڪند ذهنيت کي سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. هڪ وڏيري گهران ڪڍيو ان ناڪارا سامان وانگي ڦٽو ڪيو، ٻي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو. پنهنجي عياشيءَ جي لاءِ وڏيرا نياڻين جي عزت کي داوءُ تي

لڳائڻ ۾ دير نه ڪندا آهن. سندن انداز به ماحول مطابق ڦري ٿو. زماني کي بگاڙڻ ۾ عورت کي مجبور لاچار ڏسي ظلم ڪرڻ وڏيرن جو اصلي ڪم آهي. امر جليل به وڏيرن جي چهري تان نقاب لاٿو آهي، هو به سماج به بگاڙ جو سبب وڏيري کي سمجهي ٿو. امر جليل جون گهڻيون ڪهاڻيون وڏيرن جي چالاڪين کي وائکو ڪن ٿيون. ڪهاڻي هن " چار ۾ " سنڌي وڏيرن جا هيئن پول پڌرا ڪيا آهن.

> " علي به واهه جو جوان مڙس آهي! سنڌي هجن ته اهڙا! حيدرآباد کان موٽندي روهڙي اسٽيشن تي انگريزياٽيءَ کي ڏسڻ شرط چيو هئائين، " شيخ، جي هن هٿ نه ڪيو سين، ته پوءِ ير حيف آ اسان جي مڙسيءَ تي." (جليل، 2012: 80)

امر جليل جي دل ۾ وڏيرن جي لاءِ ويئل نفرت سامهون نظر اچي ٿي. سندس هر ڪهاڻي سنڌين جي عياشي، سنڌي قوم جي غيرت، پيرن کي پوڄيندڙ، بت پرستي، مهمان نوازي، نياڻ، ڀنين ۽ ونين تي جي حفاظت جو ذڪر ۽ عڪاسي ڪن ٿيون. وڏيرن ۾ پيري مريديءَ ۾ جي سخت خلاف آهي. تعويزن ۽ ڦيٽن تي يقين رکڻ وارن کان ڪيس سخت نفرت آهي. امر جليل وٽ سماجي مسئلا جيئن جو تئين نظر اچن ٿا. سندس هر موضوع تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي.

نجم عباسي وڏيري جي ڪردار تي هڪ ٻي به ڪهاڻي لکي " ڪهاڻيءَ جي تلاش " ۾ وڏيري جي ڪردار جو انداز پيش ڪيو آهي، جيڪو هو اپنائين ٿا.

> "اهو ٻڌي وڏيري کي مرچ لڳي ويا. زور سان پنهنجي جسم کي جنبش ڏئي، جئن ڪڪڙ ٻانگ ڏيڻ کان اڳ پنهنجا پر ڦڙڪائيندو آهي، هو سڏو ٿي ويئو: " تنهنجي ماءُ. . . تنهنجي پيڻ . . ." وڏيري جي وات مان ڪچين گارين جو گٽر اٿلي پيو. " (عباسي، 1986: 61)

امر جليل ۽ نجم عباسيءَ جو اسلوب هڪٻئي سان گهڻي قدر ملي ٿو. سندس موضوع هڪٻئي سان مشابهت رکن ٿا. امر جليل وٽ مڪالما، تشبيهه، استعاري، علامتن، طنز ۽ مزاح جو استعمال بهترين اسلوب ۾ ملي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي به سوچڻ لاءِ ڪيترائي پهلو نروار ڪن ٿيون. امر جليل تلخ حقيقت به ڪلندي ڪلندي اهڙي اسلوب بيان ڪري ٿو ڄڻ ته اها حقيقت اکين اڳيان گهمندي هجي. نجم عباسيءَ جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ لکيل آهن. امر جليل ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ وڏيرن جي منهن تان ڍوڪي جي ڪل لاهيندي نظر اچي ٿو. امرجليل جي ڪهاڻين ۾ وڏيرا هميشه پنهنجي ڪند ذهن جي ذريعي سماج لاءِ ناسور بڻجن ٿا. ڪهاڻي " لهندڙ سج وڌندڙ پاڇا " ۾ وڏيري جي روپ کي هن اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي.

”اڙي تون هٿ تان نه لهندين.“ رئيس ڪاوڙ ۾ باهه ٿي ويو، ” هڻ هن ڪاغذ تي آڱوٺو.“
”سائين مان نه هٽندس.“
”نه هٽندين.“
”نه سائين.“
”نه هٽندين؟“ رئيس رڙ ڪندي چيو، ”اڙي وٺي اچو ڏني جي جوءِ کي ته سٽڻ ۾ پليون وجهانس.“
”ڏني ڪان دانهن نڪري ويئي. زندگيءَ جي وساريل سڄي نفرت اکين ۾ تري آيس. جده جو شهر سندس سيني ۾ سڙي خاڪ ٿي ويو.“ (جليل، 2010: 95)

وڏيري جي چهري تان نقاب لاهيندي امر جليل جو اسلوب ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. سماجي پلائيءَ جا ڪم ڪري وڏيرو پنهنجا گناهه بخشرائڻ لاءِ حج ڪرڻ گهري ٿو. ڪري نجم عباسيءَ وٽ به وڏيري جو ڪردار سماج ۾ ڪجهه اهميت جو حامل نه آهي. امر جليل جي لکڻين جي اسلوب مان صاف نظر اچي پيو ان وقت ۾ وڏيرن جو آزار ڪيئن هو پنهنجي هارين کي ڪا بي جان شيءِ سمجهي استعمال ڪن ٿا. امر جليل ۽ نجم عباسيءَ جا موضوع هڪجهڙا آهن. سندن اسلوب ۾ به هڪجهڙائي آهي. امر جليل وٽ تشبيهه ۽ استعاري جو استعمال گهڻو ملي ٿو. نجم عباسيءَ وٽ به اسان کي تشبيهه ۽ استعارو ملن ٿا. نجم عباسي جي ڪهاڻي ” صدمو“ ۾ تشبيهه جو استمال ڪجهه هن انداز ۾ ڪيو آهي.

”زور سان گجگوڙ وانگر، گهر جو دروازو کڙڪيو؛ ۽ ايستائين کڙڪندو رهيو، جيستائين هو سجاڳ ٿي، اوٻاسيون ڏيندو، ٿيڙ کائيندو، کولڻ لاءِ نه پهتو.“ (عباسي، 2008: 79)

نجم عباسي وٽ تشبيهه جو استعمال گهٽ نظراچي ٿو، پر ضرورت آهر استعمال ڪيل آهي. نجم عباسي وٽ ٻولي نج سنڌي آهي. ان جو مثال سندس ڪهاڻي ” ٿوهه“ هتي ڏجي ٿو.

” اُن وقت ٽيشڻ تائين پهچڻ جو ذريعو، ڪچي رستي تان، فقط اُٺ يا ڏاند گاڏيءَ جي سواري هئي.“ (عباسي، 2008: 115)

نجم عباسي وٽ لفظ نج آهن، هن اهڙي ٻولي استعال ڪئي آهي، جيڪا هر پڙهندڙ کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي. ”سي ڇا ڄاڻن، دل جي دنيا “ هن ڪهاڻيءَ ۾ مولوين جي حقيقت بيان ڪئي آهي. مولوي جيڪي مذهب جا ٺيڪيدار آهن. اهي جن کي روحاني پير ڪري پوڄيو وڃي اهي به اهڙا م ڪن ته پوءِ عام ماڻهن تي معيار ڪهڙي ادريس جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي ٿو ۽ مولويءَ جي ڪافي ڳالهين سان اختلاف رکي ٿو.

”پر ادريس ئي اهڙو شخص هو جو هن سان هر معاملي ۾ چڪريون کائيندو هو. ٻئي هڪٻئي سان ڏاڍا بحث مباحثا ڪندا هئا. مولوي هن جي آزاد خيالي ۽ ترقي پسنديءَ تي طنز ڪندو هو، ته ادريس وري هن جي تنگ نظري ۽ قدامت پرستيءَ تي. هن جي سائنس عقليت جو حامي، ته هو وري وهم پرستي ۽اعتقاد پرستيءَ جو مبلغ. عزيز قريب ادريس جي هن ”بي ادبيءَ“ تي باهه ٿي ويندا هئا.“ (عباسي، 2008: 88)

اهڙن ڪردارن جي ذريعي هو نوجوانن ۾ شعور آڻڻ گهري ٿو. وهمن ۾ مبتلا ماڻهن کان کيس سخت نفرت آهي. نجم عباسي جي ڪهاڻي ”ساڳي خوشي“ هڪ رحمدل ڊاڪٽر جي ڪهاڻي آهي. مريض جي جان هو پنهنجو فرض سمجهي بچائي ٿو. هڪ ڊاڪٽر هئڻ جي ناتي هو ڊاڪٽرن جي نفسيات کان بخوبي واقف آهي. ڪجهه هن ريت پيش ٿو ڪري.

”ڊاڪٽر ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو ۽ ويچارڻ لڳو، هي چور آهي، ڌاڙيل آهي، خوني آهي، جهيڙا ڪار آهي، ڪجهه پيو آهي، پر هن وقت هڪ مريض آهي ۽ موت جي منهن ۾، ۽ مان ڊاڪٽر آهيان، مان هن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري سگهان ٿو. هن مهل هڪ هڪ گهڙي قيمتي آهي.“ (عباسي، 2008: 114)

نجم عباسيءَ وٽ انسانيت جو عنصر به نظر اچي ٿو. هو ڊاڪٽر کي عوام جو خدمتگار پيش ڪري ٿو. ” ڪاغذي ڪمال “ پوليس وارن تي طنز واري ڪهاڻي جنهن ۾ پوليس جي ڪردار کي نيست و نابود ڪرڻ ۽ ان ظلم خلاف آواز اٿارڻ لاءِ لکيل آهي. اهڙن پوليس وارن جي پاڙ پٽڻ ۽ انهن جي ڪرتوتن کي وائکو ڪرڻ جي لاءِ لکي آهي.

”هو ڀهراڙيءَ وارن تي ڏاڍ ظلم ۽ زيادتيون ڪندو هو، هنن تي ڪوڙا فرياد ڪرائي ۽ بي بنياد الزام هڻي ٺاڻي ۾ بند ڪندو هو ۽ وحشي عذاب ڏيندو هو، ۽ نيٺ رشوت وٺي ڇڏي ڏيندو هو. وڏيري سان ٻٽ ٿي ڳوٺاڻن جا گهر تباهه ڪندو هو. هنن جي نياڻين جي لڄ لٽيندو هو.“ (عباسي، 2008: 139)

اهڙا ڪيترائي ظلم صوبيدار مٺن ڪري ٿو. پاڻ هن ڪهاڻيءَ ۾ وڏيري ۽ پوليس جي ڪارنامن کي وائکو ڪيو آهي. هو ڪين پنهنجي انجام تي پهچائڻ گهري ٿو. رشوت ۽ سفارش تي نوڪريون ملڻ تي ۽ سنڌي نوجوانن جي بيروزگاريءَ تي ” خالي ڪيسي ۾ پريل سوچون“ ڪهاڻي لکي. پڙهڻ ۽ ڊگري وٺڻ کان پوءِ به ڪنهن اداري ۾ نوڪري نه ملندي هئي نتيجي ۾ دربدر ٺوڪرون کائيندا وتندا هئا. ان جي لاءِ ڊاڪٽر نجم عباسي لکي ٿو ته؛

”نوڪري پنهنجن ڪي ڪٿي ڪا نه ٿي ملي، پر اهي جڳهيون ٻاهرين سان ڀريون وڃن ٿيون، جي ڊگري توڙي لياقتن ۾ اسان کان گهٽو گهٽ هوندا آهن.“ (عباسي، 2008: 150)

سنڌين سان ٿيل ويساهه گهاتين جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي. سندس تحريرن جو محور سنڌ ۽ سنڌي ئي رهيا آهن. سندس سوچ ترقي پسند آهي. سندس ڪهاڻين ۾ واقعا اهڙي ته آسان انداز سان بيان ٿيل آهن. پڙهندڙ آسانيءَ سان ان کي سمجهي وڃن ٿا.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ به اسان کي اها ڳالهه ملي ٿي. ٻنهي ليکڪن سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي قوم ، تهذيب ، تمدن کي ڪهاڻين ۾ گهڻو نروار ڪيو آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار ڪي خيالي نه پر حقيقي آهن. امرجليل وٽ به واقعا ۽ ڪردار گهڻي تعداد ۾ حقيقي آهن. سماج ۾ ڏک، درد، ڏاڍ، اڻ برابريءَ، حقن جي لتاڙ کي هن پنهنجي ڪهاڻين ذريعي وائکو ڪيو آهي.

نجم عباسي جي دل ۾ انهن جي لاءِ درد هو. سندس انداز همعصرن کان بلڪل جدا آهي. هر ڪردار پنهنجي ماحول، علائقي جي مطابق ڳالهائي ٿو. سندس لکڻيون ساديون ۽ معنيٰ واريون آهن. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن جي جاءِ تي ان جا نعمل البدل لفظ پاڻ جوڙيائين. جيئن رسيور کي جهٽڻو، ٿرما ميٽر کي تپ تپاسٽي، اهڙا ٻيا به ڪيترائي لفظ آهن جيڪي پاڻ جوڙيا اٿائين. بيشڪ سندس ڪهاڻيون فني حوالي سان ايتريون پختيون نه آهن پوءِ به ليکڪ پنهنجو پيغام پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. انهيءَ لاءِ نجم عباسي لکي ٿو ته:

”مان مقصدي ادب لکندو آهيان مان ادب ۾ پرچار ۽ نعري بازيءَ جو مڃيندڙ آهيان. ڇاڪاڻ ته پنهنجي لکڻيءَ ۾ مقصد رکندڙ آهيان. ان ڪري ڪهاڻيءَ ۾ فن انهيءَ شيءِ کي سمجهندو آهيان، جا منهنجي مقصد کي چٽو ڪري. ان ڪري سولي ۽ سڌي نموني لکندو آهيان، جيئن سڀ ڪو سمجهي سگهي.“ (عباسي، 2008: 26)

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ ڪيتريون ئي معياري ڪهاڻيون لکيون. جنهن جي ڪري اڄ سندس نالو سنڌي ادب جي چند اهم ڪهاڻيڪارن ۾ اچي ٿو. نجم عباسي ڏهڙ ڏئونس واري ماحول ۾ لکيو. ان وقت سچ لکڻ تي پابندي هئي. رسالن ۾ اهي تحريرون ڇاپڻ تي به پابندي هئي. ان جي لاءِ پاڻ لکي ٿو ته:

”اسان کي لکڻ جي پوري آزادي ڪانهي. اسان کي ذهني غلامي ڪرڻي پوي ٿي. لکڻ وقت اسان کي ذهن ۾ ڪيتريون ئي پابنديون خيال ۾ رکڻيون پون ٿيون. فلاڻي رسالي لاءِ لکون ٿا ان جي نيت فلاڻي آهي ان ڪري اهڙي ڳالهه نه لکبي جا ان جي نيت جي

خلاف هجي، پوءِ پل ته اُها لکڻ ضروري ۽ مناسب هجي؛ ورنه ٻي حالت ۾ اها شايع نه ٿيندي.″ (عباسي، 1986ع، ص 98)

نجم عباسيءَ پنهنجي ڪهاڻين ۾ فن کان وڌيڪ اسلوب ۽ مقصد کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. سندس ڪهاڻين ۾ اسلوب ڪردارن جي مزاج مطابق آهي. سندس اسلوب ان وقت جي حالتن ۽ پابندين کي ظاهر ڪري ٿو. امرجليل وٽ به ملڪ جي ٻرندڙ حالتن جي تصوير نظر اچي ٿي. نجم عباسيءَ جون ڪجهه ڪهاڻيون حقيقي واقعن تي مبني آهن. امر جليل جون به ڪيتريون ئي ڪهاڻيون حقيقي واقعن تي آڌاريل آهن. ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ ٻه ٻئي ليکڪ هڪٻئي جي ويجهو نظر اچن ٿا. موضوع ۽ ڪردار ساڳيا هئڻ جي باوجود ٻه هر ليکڪ وٽ پنهنجو اسلوب آهي. ٻنهي ليکڪن فن کي پاسي تي رکي مقصد لاءِ لکيو آهي، فن سندس تحرير ۾ خودبخود جنم ورتو آهي.

امر جليل وٽ اسان کي فن ۽ فڪر جي گهرائي نظراچي ٿي. امر جليل جا ڪردار سوچين ٿا. وٽس سماج سان ڏاڍ ڪندڙ ڪردارن جي لاءِ نفرت آهي. امرجليل بيباڪ ليکڪ آهي. هو نانگن جي ٻر ۾ هٿ وجهڻ کان نٿو لنوائي. سندس ڪهاڻيون هر حوالي اعليٰ مقام رکن ٿيون. نجم عباسي سماج جي ريتن رسمن، غريبن ۽ مسڪينن جي تڪليفن کي منظر عام تي آندو آهي. نجم عباسي انهن موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون آهن. جيڪي قريب ۾ ٿيا هجن يا، ان وقت ۾ هلندڙ هجي. امرجليل جا به موضوع ائين آهن، ٻرندڙ مسئلن تي امرجليل کي هميشه پنهنجي ڪهاڻين جي زينت بنايو آهي. سندس ڪهاڻيون ماضي ۽ حال جون ڪهاڻيون آهن. سندس انداز بيان نهايت خوبصورت آهي. سندس ڪهاڻيون پڙهڻ ۾ پنهنجي سونهن سان پريل آهن.

سراج الحق ميمڻ ( 24 آڪٽوبر 1933_ 2 فيبروري 2013ع )

سراج الحق ميمڻ، 24 آڪٽوبر 1933ع ۾ ٽنڊي ڄام ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو محمد يعقوب هو. سندس نالو ادب جي دنيا ۾ ناول، ڪهاڻي، ناٽڪ نويس، ڪالم نگاري ۽ لسانيات جي ماهر طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ″ اي درد هلي آ ″ ۽ ٻيو مجموعو ″ ائون ماڻهون″ 1985ع ۾ شايع ٿيا. سندس ناول تاريخي آهن. جن ۾ اسان کي سنڌ جي تاريخ جي آگاهي ملي ٿي. سندس ناول ″ پڙاڏوسوئي سڏ ، مرڻ مون سين آءُ، پياسي ڌرتي رمندا بادل″ تاريخي آهي. سندس اهي ٽئي ناول هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي سمجهڻ گهرجن. سراج جي ڪهاڻين ۾ وڏي خوبي اها آهي ته هو پڙهندڙ کي مونجهائي نٿو. فني حوالي سان پختگي آهي. سراج جي شخصيت لاءِ نصير اعجاز لکي ٿو ته:

″سراج صاحب انيڪ خوبين جو مالڪ هو. هر لکڻيءَ ۾ ٻوليءَ جي رواني ۽ وسعت، جذبات نگاري ۽ رومانويت، ماحول ۽ واقعن جي

عڪاسي ته اعليٰ درجي جي هيس. هو جيڪو به خيال پين تائين پهچائڻ گهرندو هو، ٻولي سندس ڀرپور ساٿ ڏيندي هئي.“ (ميمڻ، 2015ع، ص 82)

سراج جو شمار ترقي پسند ۽ روشن خيال ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سراج سنڌ جي مدي خارج رسمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪهاڻين جي ذريعي ان ماحول جو نقش چٽيو آهي. پاڻ افسانوي ادب ذريعي سنڌ سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين جي چٽي عڪاسي ڪئي اٿائين. سندس ناول، ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جا مڪالما، پهاڪا، محاورا بهترين نظر اچن ٿا. سراج پنهنجي اعليٰ تحريرن جي ذريعي سنڌ جي تاريخ کي روشناس ڪرايو اٿس. سراج جڏهن پوليس وارن جي حقيقت ۽ سندس ڪردار تان پردو کڻي ٿوته لکي ٿو. ٻهڻي ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته:

”هن جي ذهن ۾ وري هڪ ڀيرو حلال ۽ حرام جو جهڳڙو شروع ٿي ويو. هن جي ذهن جي نازڪ هنڌن تي لڳاتار متڪا وسڻ لڳا! ڪجهه وقت کان پوءِ هن سمجهيو ته دنيا هڪ هنڌ بيهي رهي آهي. سندس ذهن سڪون ۾ اچي ويو. حلال جي فرشتي کي حرام جي ڀوت پڇائي ڪڍيو هو.“ (ميمڻ، 2014: 23)

ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي.

”خانو ۽ سيٺ موٽر اتي ئي ڇڏي، وڏي گاڏيءَ ۾ چڙهي سول اسپتال ڏانهن ويا. واٽ تي سيٺ سئو جا ٻه نوٽ ڪڍي کيس ڏنا _ ۽ چيائين؛ ” هڪڙو اوهان لاءِ ٻيو جمعدار لاءِ! ” خانوءَ مرڪي هٿ وڌائيندي چيو؛ ” اوهين فڪر نه ڪريو، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“ (ميمڻ، 2014: 24)

رشوت جهڙي ناسور تي سخت تنقيد ڪندي نظر اچي ٿو. رشوت جي موضوع تي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار رشوت ڏيڄي وٺي ٿو ۽ ڪيس ان جي قيمت چڪائڻي پوي ٿي. نيٺ پنهنجي اندر جي انسان کي ماري رشوت وٺي ٿو. معاشي بدحاليءَ جي چٽي تصوير آهي. سراج حقيقت کان منهن موڙڻ جي انجام کي به ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪري ڇڏيو آهي.

امر جليل ڪهاڻين ۾ انسان جي ضمير کي جهنجهوڙڻ واري ڳالهه ڪري ٿو. وٽس فڪر آهي. ان جي ذريعي هو سماج ۾ ٿيندڙ بيواجبين کي بيان ڪري ٿو. سندس ڪهاڻي ”مان ديوداس نه آهيان ” ۾ جيڪا ڳالهه ڪري ٿو:

”پڇيم، ” ۽ جڏهن انسان مري ويندو آهي، تڏهن ڪيس ڇا چئبو آهي؟“

امان چلهه وٽان اُٿي منهنجي سامهون اچي بيٺي ٽِڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.” (جليل، 2014: 83)

انسان جي انسانيت ختم ٿي وڃڻ جو ذڪر سراج پنهنجي اسلوب ۾ ڪيو آهي. امر جليل ان ڳالهه تي سوچڻ لاءِ ڪيترائي سوال اٿاري ٿو. سندس هر ڪهاڻي سوچڻ لاءِ ڪيترائي نقطا بيان ڪري ٿي. اسلوب جو ئي فرق آهي، سراج ان ڳالهه کي ڪردار ۽ ان جي عمل جي ذريعي سامهون آندو. امرجليل سنڌين سان ٿيندڙ حق تلفيءَ کي سهڻي اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي. رشوت جي موضوع تي به سندس ڪهاڻيون آهن. امر جليل وٽ لفظن ۾ لڪل ڳوڙهي معنيٰ آهي.

سراج جي ڪهاڻي ”هڪ سج هزار پاڇا“ ۾ هڪ غريب جو پٽ جيڪو شهر پڙهڻ لاءِ وڃي ٿو. اتي هو وڃي شهر ۾ ڪٽن ڪمن ۾ اٽڪي ٿو ۽ جڏهن ڪيس پوليس چالان ڪري ٿي ته ڪيس اتان آزاد ڪرائڻ لاءِ سندس غريب والد جي دل ۾ هزارين خيال اچن ٿا.

”گهر ۾ اهڙو ٽپڙ ئي ڪو نه هو جو ڪٽي وڪٽي. سندس نظرون ٽڪجي اچي ستابيءَ تي پيون. ستابي جنهن کي ڪونج ڪري سڏيندو هو. هئي به ته اهڙي ڪونج، ڇا سندس مک، ڇا سندس مورت، ڇا سندس ٻول! گهڙيءَ لاءِ وڏيري جي شڪل به تصور ۾ آندائين؛ ڏيڇاريندڙ شهپر، ٿلها چپ، جيڪي مڇن تي ڪيس لڳائڻ جي ڪري اودائجي ويا هئس، پنگ کان اکيون ڳاڙهيون رت . . . شل الله سائين دشمن کي به اهڙو منهن نه ڏيکاري!.“ (ميمڻ، 2014 : 36)

هتي سراج ڪردارن جي ذريعي اهڙي ماحول جي عڪاسي ڪئي آهي، جيڪو ماڻهن کي پنهنجي عزت نيلام ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو. مشڪل وقت ۾ عورت کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻي ”سوجهرو“ به اهڙي موضوع تي آهي.

”منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين، سپاٽي کان تون به ڪموءَ ۽ زيبوءَ کي ڪم سان لڳائجانءِ.“
ڪراهت وچان منهنجيون منيون پيڪوڙجي ويون.
”منهنجي ڌيءَ ۽ گهر واري زيبوءَ ۽ ڪموءَ جي مدد ڪنديون. هڪ ٻن ڏينهن جي تڪليف ٿيندن، ۽ پوءِ هفتي ڪن ۾ ٺهي وينديون.“ (جليل، 2012: 21)

امر جليل جا ڪردار بک ۽ بدحاليءَ جي ڪارن ڏينهن ۾ به صبر وارا آهن. محنت سان پيٽ پالين ٿا. جڏهن بک جي ڪري ماڻهن جون عزتون ۽ عصمتون

نيلام ٿين ٿيون. امر جليل جا مڪالما لڳ ڪانداريندڙ آهن. ڪردار جي ڪيفيت ڪهاڻيءَ جي تجسس ڪي چار چنڊ لڳائي ٿي. پل ڪن لاءِ پڙهندڙ جي دل جو دڙڪڻ وڌي وڃي ٿو. لفظن جي گهرائي حيران ڪندڙ آهي.

سراج مذهب جي موضوع تي "اوندهه جو وڻ" لکي آهي. هو مذهب کي هڪ پاسي رکي انسانيت جو پرچارڪ آهي. وٽس انسان جا جذبا وڌيڪ اهميت رکن ٿا.

"هڪ ڇهڙيءَ سان اوهان کي ايڏي همدردي ! هن جي اها شڪل سندس مڙس بنائي آهي." مون کان جڻ ته هڪ ڇرڪ نڪري ويو. رامو. . . معصومڙي، گلن کان به نفيس، پنيوريءَ کان وڌيڪ چنچل رامون پرڻجي ويئي هئي. منهنجي وات مان صرف هڪ لفظ ئي اچهي سگهيو اوهه ." (ميمڻ، 2014: 44،45)

امر جليل به مذهب جي بنياد تي ڪهاڻيون لکيون آهن. " وري ياد آيا، اندرا، هولي" سندس مذهب تي لکيل ڪهاڻيون آهن. جنهن ۾ مذهبي پيداپاءُ کي ختم ڪرڻ تي لکيو آهي. "سرد لاش جو سفر، به ان موضوع تي لکيل آهي. بيروزگاري ۽ غربت تي امر جليل جي ڪهاڻي "عشق ۽ انٽرويو" ۾ لکي ٿو ته:

"اڄڪلهه رشوت وانگر بوٽن جو ملهه به وڌي ويو آهي. ايندڙ ڏهن سالن تائين تون ۽ مان بوٽ پائي نه سگهنداسين."
"پلا سليپر وٺي ڏيندين؟"
"سليپر جي قيمت هن ڪڏيءَ جي مسواڙ، ۽ راڌا پنگياٽيءَ جي ريٽ جيتري آهي." (جليل، 2012: 36)

هڪ پنگياٽيءَ جي ڪردار کي مختلف ڍنگ سان پيش ڪيو ويو آهي. هيءَ ڪهاڻي طنز سان پرپور آهي. سراج وٽ سموري ڪهاڻي پنگياٽيءَ جي ڪردار تي آهي. امر جليل هميشه وانگر پنگياٽيءَ جي ڪردار کي معمولي ڪري پيش ڪيو آهي. امر جليل پنگياٽيءُ جو ڪردار به عام ڪردارن وانگر آهي. سراج وري به سندن پرم رکي ويو آهي.

سراج جي فراڊ ڪهاڻي به مذهب جي پيداپاءُ تي لکيل آهي. مولوي، پنڊت، پير مذهب جي نالي تي جيڪي ڪِيس ڪن ٿا. پنج وقت نماز پڙهڻ وارو انسان پنهنجي گهر واريءَ کي نه بچائي سگهيو. سراج ان ڪهاڻيءَ جي ذريعي ان فرسوده نظام مان نڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. ان جي لاءِ سندس ٻولي ۽ انداز نرالو آهي.

"مون ته هن کي، نماز پڙهندي پڙهندي، پاڻ ڏانهن عجيب ۽ بکايل نظر سان نهاريندو ڏٺو آهي. اسان جي گرجا جو پادري به بلڪل

هن وانگر، عين عبادت وقت، عبادت ۾ محو جوان ڇوڪرين کي آڏيءَ اک سان ائين ئي ڏسندو رهندو آهي.” (ميمڻ، 2014: 57)

مذهب کي نالي ماتر استعمال ڪرڻ خلاف هو آواز اٿاري ٿو. ترقي پسند سوچ وارو آهي ڪيس ان نظام ۾ ٻوسٽ محسوس ٿئي ٿي. سراج مولوين، پادرين ۽ پنڊتن تي دل کلي طنز ڪيو آهي. سندس طنز ۾ انهن ماڻهن لاءِ اصلاح آهي. جيڪي اهڙن مقدس جاين تي ويهي گناهه جا ڪم ٿا. سراج جا ڪردار ۽ سندس ٻولي نهايت خوبصورت آهي. امر جليل جي اهڙي ڪهاڻي ”اُجالو“ آهي.

”اڄ وري پنهنجو منحوس منهن ڪٽي اسان جي وچ ۾ اچي بيٺو. وڏو نڱ آهي، گهٽائي نالا رکايا اٿائين پنهنجا! ڪڏهن چوائي پاڻ کي ملان، ڪڏهن سڏائي ساڌو ۽ ڪڏهن روپ ڌاري پادريءَ جو. سندس اصل نالي جي سُڌ اسان کي به نه هئي، تنهن ڪري اسان سڏيندائي نڱ هئاسين.“ (جليل، 2014: 25)

مذهب جي آڙ ۾ مولوين ۽ پنڊتن ڪيترن ئي انسانن جون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيون آهن. اهڙي رويي کي امر جليل قبول نٿو ڪري ۽ نتيجي ۾ ان کان بغاوت ڪري ٿو. امر جليل سماج ۾ بگاڙ آڻڻ جوسبب ئي انهن مولوين کي سمجهي ٿو. پاڻ مدي خارج رسمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪهاڻين جو سهارو ورتو آهي. سنڌ سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين جي چٽي عڪاسي نظراچي ٿي.

سراج جي ڪهاڻي ”ڏوريان ڏوريان ۾ لهان“ ڪهاڻي اسلوب جي حوالي سان پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن ۾ سراج ٻن پيار وارن جي جذبات جي ترجماني ڪئي آهي. سندس ڪردار هڪ هڪ لفظ پنهنجي ماحول پٽاندر ڳالهائين ٿا. ٻولي سنڌي لفظ به آسان ڪردار جهڙو هجي ٻولي به سندس ماحول مطابق اهڙي ئي آسان ڪم آندي اٿس.

”هن پنهنجي ڪرسي ثمينه کي آڇي، ۽ پاڻ بستري جي ڪنڌ تي ويهي رهيو. ڪجهه وقت ٻئي خاموش رهيا _ ۽ پوءِ ثمينه چيو، هي شاهه جو بيت ته سمجهايو:

آگم ائين نه انگ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
سيڻن ري سيد چئي، روح نه رچن رنگ
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾!

هو منجهي پيو. شاهه جي بيت جي هو ڪهڙي معنيٰ ٻڌائي. هن کان بي ساخته اهي لفظ ادا ٿي ويا؛ ”اهو بيت ته محسوس ڪرڻ جو آهي، نه معنيٰ ٻڌائڻ جو.“ (ميمڻ، 2014: 67)

ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي واتان مڪالمن ذريعي شاعريءَ چورائڻ. ڪهاڻيءَ ۾ شاعريءَ واري اسلوب کي آڻڻ جي لاءِ ليکڪ کي ڪردار اهڙا تخليق ڪرڻا پون ٿا، جن جي مزاج تي شاعري ٺهڪي اچي. سراج ۽ امر جليل جي اسلوب ۾ هڪ ڳالهه هڪ جهڙي آهي، جو سندن ڪهاڻين ۾ شاهه لطيف جي شاعري ملي ٿي. پڙهيل ڪردارن جي واتان شاهه لطيف جي شاعري چورائين ٿا. جنهن ڪري سندن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ منفرد اسلوب پيدا ٿئي ٿو.

سراج جا ڪردار عام حالت ۾ شاهه لطيف جي شاعري جهونگارين ٿا. امر جليل جا ڪردار بي معنيٰ نٿا ڳالهائين، سندس ڪردار دليل ڏيڻ جي لاءِ به شاهه لطيف جي شاعري پڙهن ٿا. ڪهاڻي ”پوئين پهر جي ڳالهه“ ۾ سندس مڪالما هن ريت آهن.

”اسان ٻڌو آهي ته تون روزي نماز جو پابند نه آهين“، يعقوب وراڻيو هو:

”روزا ۽ نماز، اي پڻ چڱو ڪم،
اوڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي
پرينءَ کي.“

پڇيو هئائونس، ” اهو گمراهه ڪندڙ شعر تنهنجوآهي.“
تڏهن ڪيس نوڪريءَ مان جواب ملي ويو هو.“ (جليل، 2014: 144)

امر جليل جي ڪيترين ڪهاڻين ۾ اسان کي شاهه لطيف جي شاعري ملي ٿي. امر جليل جا ڪردار جڏهن مصيبتن جي پهاڙن کي پاڻ تي ڪرندي محسوس ڪن ٿا تڏهن هو پڇرندي شاهه لطيف جي شاعري جهونگاري ان مان سرور حاصل ڪن ٿا. ڪهاڻي ” جڏهن مان نه هوندس“ جي شروع ۾ ئي ليکڪ شعر چئي ٿو.

”جيلر ڪاغذ منهنجي هٿ ۾ ڏنو.
”مون ڪاغذ کوليو لکيل هو، ”گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا _ ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.“ (جليل، 2010: 161)

اڳتي سنڌ ديس جي ڌرتيءَ وارو گيت جهونگاري ٿو. ٽانگي واري جو ڪردار لاهور جو پنجابي آهي، تنهن ڪري هو جهونگاري ٿو:

”درد مندان ديان آهين ڪولُون، پهاڙ پٿر دي جهڙدي هو،
درد مندان ديان آهين ڪولُون، ڀڄ ناگ زمين

وچ وڙدي هو.
درد مندان ديان آهين ڪولُون، آسمانو تاري جهڙدي هو،
درد مندان ديان آهين ڪولُون، باهو عاشق مول نه دردي هو.”
(جليل، 2010: 191)

ٽانگي وارو هلندي پنجابيءَ ۾ شاعري جهونگاري ٿو. ماحول ۽ ڪردار مطابق اسلوب تبديل ٿئي ٿو. امر جليل جي اها خوبي آهي، ته ٻوليءَ سان گڏ سندس اسلوب ڪردار، ماحول، موضوع مطابق تبديل ٿئي ٿو. امر جليل جي ڪهاڻي ” ساڻو ساڻو ساهه“ يونيورسٽيءَ جي پسمنظر ۾ رياستي ادارن جي جبر جي ظلم جي عڪاسي نظر اچي ٿي.

”ثريا مجيد پٽڪن ۾ ڳالهايو.
”جيءُ.“
”شاهه جو بيت ٻڌو اٿئي؟“
”ڪهڙو؟“
سڪ نه آهي سُتري، پاءِ پروڙي پير،
ڪسڻ ڌارا ڪير، ڪري سڌ سڪڻ جي؟“
(جليل، 2014: 76)

ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي ڪردارن جي مڪالمن ۾ شاعريءَ وارو اسلوب آهي. امرجليل جي ڪردارن کي شاهه جي شاعريءَ سان عشق آهي.

”چمر چَپَر پانيان، ڪانپو ۽ ڪارو،
پَبُ وجهنديس پُٺ تي، صبح سوارو،
وجڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ ۾.“
(جليل، 2014: 77)

امر جليل جو موضوع ڪهڙو به هجي، سندس اسلوب مسلسل تبديل ٿئي ٿو. ڪٿي شاهه جي شاعري ۽ ڪٿي ماسٽر چندر جو راڳ جهونگاريندي سندس ڪردار پنهنجي تڪليفن کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ شاعريءَ جو سهارو وٺن ٿا. شاعريءَ واري اسلوب جي ذريعي ليڪڪ پنهنجي دل جي ڳالهه آسانيءَ سان چئي وڃي ٿو. شاعريءَ واري اسلوب ۾ امر جليل پنهنجي دل جي ڳالهه آسانيءَ سان چئي وڃي ٿو.

سراج جي ڪهاڻي " مان جو ئي آهيان، سوئي آهيان" مارشل لا واري وقت ۾ لکيل آهي. مارشل لا واري وقت ۾ سنڌين ٿيل ظلم جي عڪاسي ٿيل آهي. سنڌين جو پنهنجي حقن لاءِ اٿاريل آواز کي دٻائڻ جي لاءِ کين مختلف الزامن هيٺ جيل موڪليو ويو.

"چون ٿا ته لوڪ راڄ کپي، انصاف کپي، نوڪريون کپن، پورهيو کپي، زمينون کپن ۽ پيو به الائي ڇا ڇا کپي! ٻئي پاسي سرڪار آهي. جتي چار ماڻهون ٿا گڏ ٿين، اتي مٿن پوليس چاڙهي ٿي موڪلي. پوءِ هڪڙي پاسي وردين وارا رائفلون کڻيو بيٺا آهن ته ٻئي پاسي عام ماڻهن جا هشام آهن، جي ٿورا آهن ته کين ٻڌيو وجن ۽ وڃيو لاڪپ ۾ هڻڻ. پوءِ ڪن کي پئسا وٺيو ڇڏيو ڏين. ڪن کي سزائون ڏيو ڇڏين." (ميمڻ، 2014: 180)

مارشل لا لڳڻ ڪري جيڪو نقصان ٿيو. ان کان پوءِ جن عام ماڻهن توڙي اديبن ان خلاف آواز اٿاريو سندن آواز کي دٻائڻ جي لاءِ حڪومت کين جيلن جا منهن ڏيکاريا پر پوءِ به هو پنهنجي مقصد تان نه هٽيا. انهن تي ڪوڙا ڪيس ٺاهي ڏاڙيل هئڻ جا الزام لڳائي گرفتار ڪيو يا مقابلو ڄاڻائي ماريو ويندو هو. اهڙي ئي موضوع تي امرجليل جي ڪهاڻي "عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا" آهي.

"پر سماج سڌارڪ نه مڙيا. گوشه نشيني ۽ خاموشي جي باوجود سماج سڌارڪ محرم عليءَ جي ڪڍ لڳا رهيا. ڪيس مقتل تائين پهچائي دم پٽيائون. سندس ڏڙ کان ڏار ڪرائي ڇڏيائون." (جليل، 2014: 19)

امر جليل جي ڪردار محرم عليءَ کي سوچڻ جي اهڙي سخت سزا ملي ٿي. موضوع ۾ هڪجهڙائي هئڻ باوجود ٻنهي ليکڪن جو اسلوب منفرد آهي. هتي پنهل جي ڪردار کي ڏاڙيل ڪري ماريو ويو. امر جليل وٽ محرم عليءَ جي ڪردار جو ڏڙ سسيءَ کان ڌار ڪيو ويو. ٻنهي ليکڪن وٽ هڪ ٻي ڏوهي انسان جي زندگيءَ جو انت آيو. ذميدار ساڳئي رياست آهي. ٻنهي ليکڪن پنهنجي پنهنجي سهڻي اسلوب ۾ موضوع کي نهايت نفاست سان پيش ڪيو آهي.

سراج جون ڪهاڻيون مقامي رنگ ۾ رنگيل آهن. هن لکيو تمام گهڻو لکيو. سنڌي ٻوليءَ، سنڌين ۽ ابوجهن لاءِ جن سان ظلم ٿين ٿا. سندس اسلوب مونجهاري وارو نه آهي. ٻولي جو استعمال نهايت خوبصورت انداز سان ڪيو آهي. ان جي لاءِ پاڻ لکي ٿو ته:

"آءٌ انهن مان آهيان جيڪي ڪجهه لکي به اهو سوچيندا آهن ته پنهنجي ٻولي ۽ سنڌ جو قرض اڃا گهڻو باقي آهي، ان ڪري لکڻ

اسان لاءِ ذهني قرض جي ادائگي آهي، جيسين جيئرو آهيان، تيسين اها ادائگي ڪندو رهندس.″ (ميمڻ، 2014: 16)

سراج الحق ميمڻ سراج ڪنهن هڪ پهلو تي قلم نه ڪنيو. سندس ڪهاڻيون فن ۽ فڪر سان ڀريل آهن. سراج جو شمار جديد ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو سراج حقيقت نگار ڪهاڻيڪار به آهي. سندس ڪردارن جي ذريعي هو واقعا اهڙي انداز سان پيش ڪري ٿو جو پڙهندڙ ڪي سماج جي حقيقت کان واقف ٿئي ٿو. پراڻين ريتن، رسمن کان آگاهه ٿين ٿا. سندس هر هڪ ڪهاڻي موضوع، ڪردار توڙي اسلوب جي حوالي سان شاڪار ڪهاڻي آهي. سراج الحق 2 فيبروري 2013ع تي وفات ڪئي.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ هڪ هڪ واقعي کي سهڻي نموني پيش ڪيو آهي. امر جليل جو اسلوب سندس همعصرن کان مختلف آهي. امرجليل جي تحرير جو اسلوب ئي سندس سڃاڻپ آهي. امر جليل جون ڪهاڻيون نئين انداز ۾ آهن. امر جليل جا ڪجهه لفظ اهڙا آهن، جيڪي سندس علامت بنجي ويا آهن. هو سماج جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکي ٿو. امر جليل جا موضوع سماج جا ٻرندڙ مسئلا آهن. اتي سندس اسلوب ئي ڪيس ٻين ليکڪن کان جدا ڪري بيهاري ٿو.

غلام رباني آگرو ( 5 نومبر 1933ع _ 17 جنوري 2010)

غلام رباني، نوشهرو فيروز جي تعلقي ڪنڊياري جي هڪ ڳوٺ ″ آگري ″ ۾ 5 نومبر 1933ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد استاد هو، ربانيءَ کي علم ادب سان محبت گهر کان ورثي ۾ ملي. امر جليل وانگر حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻيون ماحول ۽ ڪردار جي حوالي سان پختيون آهن. گهٽ وقت ۾ سندس ڪهاڻين کي گهڻي ڪاميابي ملي. هن ڳوٺاڻي ماحول کي اهڙي نيٺ انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو حقيقت ۾ ان ماحول ۾ گم ٿي وڃجي ٿو. سندس ڪهاڻين جا ڪردار انهن جا مڪالما، سندن ڳوٺاڻو لهجو ۽ ٻوليءَ جي رواني گهڻي حيثيت رکن ٿا. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ″ آب حيات ″ آهي. غلام رباني آگرو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو ۽ پوءِ وائيس چانسلر جي عهدي تي به فائز رهيو. سندس لاءِ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو ته:

″غلام رباني اهو واحد ڪهاڻيڪار آهي. جنهن سنڌيءَ ۾ پهريون پيرو ڪهاڻيءَ ۾ فلسفياڻين نڪتن تي بحث ڪيو ۽ پنهنجي ڪهاڻين ۾ فڪري بحث کي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو.″ (ميمڻ، 2017: 317)

پاڻ 1950ع واري ڏهاڪي کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين. سندس ڪهاڻين جا ڪردار معصوم آهن. جيڪي هميشه ڏکن ۽ تڪليفن ۾ گذارين ٿا. امير ۽ وڏيرن جي ڏاڍ ڏهڪاءُ جو شڪار آهن.

امر جليل جا ڪردار به وڏيرن ۽ ڪامورن جي ظلم جي چڪيءَ ۾ پسجن ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ ٻولي، تشبيهون ڪردارن جي مطابق آهن. ڳوٺن ۾ مزدورن هارين، غريبن، سان ٿيندڙ ظلم جي عڪاسي آگري جي ڪهاڻين ۾ گهڻي نظر اچي ٿي. رباني نه صرف ظلم خلاف آواز اٿاري ٿو. پر ڏکن، تڪليفن کي منهن ڪيئن ڏجي ان لاءِ پنهنجي ڳوناٺن سان گڏ آهي.

ربانيءَ جون ڪهاڻيون فني ۽ فڪري حوالي سان پختيون آهن. موضوع به خاص اتس. سندس ڪهاڻيون ”اکڙيون اجايون، ڪرئڪ، جي مان پل هجان، آب حيات “ علامتي انداز واريون آهن. سماجي حقيقت نگاري کي رومانويت ۽ بهترين اسلوب جي ذريعي جداگانه انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سماج ۾ ٿيندڙ ظلم، نا انصافي ۽ مختلف واقعن خلاف آواز اٿاريو آهي. جڏهن ڳوٺن ۾ وڏيرن جو ظلم انتها جي درجي تي پهچي ٿو ان جو سماج تي اثر ”شيدو ڏاڙيل، اخبار، پن ٻوڙين پاتال ۾“ وڏيرن جي ظلم جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿيون. سندس ڪهاڻيون وڏيرن جي ظلم جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. پنهنجي ڪهاڻين لاءِ ”آب حيات“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

> ”مون پنهنجي نَنڍي ڄمار ۾ جيڪي واقعا ڏٺا ۽ ٻڌا آهن. تن مان ڪن ڪهاڻين جو ويس ڍڪائي عام ماڻهن آڏو پيش ڪيو اٿم. منهنجي ڪوشش بهر صورت اها ئي رهي ته ڪوڙ کي سندس اصلي روپ ۾ نروار ڪريان. منهنجي لکڻ جو اصلي مقصد اهو ئي آهي.“ (رباني، 1995: 2)

غلام رباني ۽ امرجليل وٽ علامتي انداز جي هڪجهڙائي آهي. امرجليل جي ڪهاڻين ۾ سندس نَنڍپڻ جي يادن جو عڪس چٽيل آهي. امر جليل وٽ ورهاڱي وقت ۽ ان کان پوءِ هندن سان ٿيل ويساهه گهاتيون صاف نظر اچن ٿيون. ٻئي ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي ۽ ڪردارن ۽ موضوع سان خوب نڀائيندي نظر اچن ٿا. آگري صاحب نَنڍپڻ جي جن حقيقي واقعن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو آهي. ان ماحول ۽ موضوع کي رباني ڪيئن پيش ڪيو آهي. ان جي لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

> ”رباني واقعات کي ڪهاڻيءَ جي توڙ تائين موڙي سنڌ جي هن پهلوءَ بابت پنهنجي ڪهاڻي مڪمل ڪري ٿو. ڳوٺن جو ماحول، ڪمزورن ۽ ڏاڍن جا قصا ربانيءَ جي ڪهاڻين جو بنيادي موضوع آهن. انهن موضوعن سان ربانيءَ خوب نباهيو آهي.“ (جوڻيجو، 2006: 78)

غلام رباني آگري عام انسانن سان ٿيندڙ هاڃن کي پنهنجي ڪهاڻين جو سينگار بنايو آهي. رباني سماجي، معاشي، فطري، وجودي حوالي سان ڏک کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ نروار ڪيو آهي. رباني جي ڪهاڻي ”ڪارا ۽ ڳاڙها ليڪا“ جي لاءِ شيخ عبدالرزاق ”راز “ لکي ٿو ته:

”ان ۾ افسانه نگار نفيس ۽ دلڪش منظرن کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو آهي. اسلوب بيان نهايت سادو ۽ دلچسپ آهي. ڪٿي به مونجهارو نظر نٿو اچي. آکاڻي آهستي آهستي اڳتي وڌندي ٿي هلي. ڇوڪريءَ جي معصوم ۽ الهڙ محبت بلڪل واضح ۽ جاذب نموني پيش ڪئي وئي آهي: ڏاڪدر تون ڏاڍو سٺو آهين! منهنجي ننڍڙي ڇيلي کان به سٺو، اسان جي ٻاجهريءَ جي پوک کان به سٺو وغيره معصوميت الهڙپڻي ۽ سادگيءَ جا اهڙا جملا آهن. جي پڙهندڙن جي دماغ نقش ٿيو پون“ (شيخ، 1956: 18)

سندس ڪهاڻيون چيني، جرمن، فارسي، اردو، هندي ۽ انگريزي زبانن ۾ ترجمو ٿيون آهن. آگري ڳوٺاڻي زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کي پيش ڪيو آهي. سندس ڪجهه ڪهاڻين جا عنوان شاهه صاحب جي بيتن تان ورتل آهن. وڏيرن تي سندس ڪهاڻيون ”اتر ڏاهي ان جا ته ڪنهن کي ڪارون ڪن ۽ بري هن پنيور ۾“ جيڪي وڏيرن جي ذهنيت جي عڪاسي ڪن ٿيون. امر جليل به وڏيرن جي ڪردارن کي پنهنجي ڪهاڻين جي ذريعي پيش ڪيو آهي. ”اُتر ڏاهي ان جا، ته ڪنهن کي ڪارون ڪن“ ڳوٺاڻن جي ڪهاڻي آهي. رئيس پنهنجي غرور ۾ اچي بچل ۽ نوران جي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو.

”بچل ۽ نوران کي ڏک ته ڏاڍو ٿيو، پر ”نهائين کان نينهن سک منهنجا سپرين_سڙي سارو ڏينهه ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.“ سو اچ ساٿس ملڻ جو انجام ڪيو هو.“ (آگرو، 2011: 20)

بظاهر ڪهاڻي رومانوي اسلوب ۾ آهي. ڪردارن جا مڪالما شاعريءَ واري اسلوب ۾ بيحد وڻندڙ آهن. ڪهاڻي ائين اڳتي وڌي ٿي.

”پر ٻُڌ اڳ ۾ هو ڏوهيڙو ٻڌاءِ جيڪو پٽ ڏٽيءَ جو آهي.“
”ٻڌ پلا!“
بچل ڪن تي هٿ رکيو، ”الو ميان“ ڪئي. پاٽيءَ جي ڇولين پيڙيءَ سان لڳي”ٽپڪ ٽپڪ“ جو آواز ڪيو، بچل ڳائڻ لڳو:
”ڪٺڪن ڪانڌ چٽ ڪيو، جهڙ پسئو جهڳن!
وَر ريءَ واندين اڏيا، پکا سي م پسن؛
ات ڏاهي ان جا ته ڪنهن کي ڪارون ڪن!

وارث وري تن، اڇي شال اولو
ڪري.“
”صدقي وڃان پير پٽ ڏٽيءَ جي نانوَ تان“، نوران اکين تي آڱريون
رکندي چيو.“ (آگرو، 2011: 22)

ڪھاڻيءَ ۾ منظر، مڪالا اھڙا ته وڻندڙ آھن، جو پڙھندڙ واقعي ان ۾ گم ٿي وڃن ٿا. غلام رباني جا ڪردار شاھه لطيف جي شاعريءَ ڪي رومانوي انداز ۾ جھونگارين ٿا ۽ منجھاس لطف حاصل ڪن ٿا. ڪھاڻيءَ جا منظر درياءَ، ٻيڙي ۽ ڇوليون، چنڊ جي چانڊاڻ نھايت سھڻي اسلوب ۾ ڪھاڻي پنھنجي انجام تي پھچي ٿي.

امر جليل وٽ به شاعريءَ واري اسلوب ۾ ڪھاڻيون آھن. امر جليل جا ڪردار عذاب ۾ پوڄيندي شاعري جھونگاري تسڪين حاصل ڪن ٿا.

”ٻنھي ٿھڪ ڏنو ۽ مون تان ٺٺولي ڪندي چيائون، ”ڪھڙو مذھب!“
صفا چٽ چيو، ”تون چائي ڇم ڪان مذھب، مسجد، نمازون، پيرن ۽
بزرگن جي خلاف آھين. تون ڪميونسٽ آھين.“
مانگر ھڪدم شعر پڙھيو:

مذھبن ملڪ ۾ ماڻھو منجھايا،
پيرن بزرگن، پنڊتن بيحد ڀُلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙھن، ڪن مندر وسايا،
آڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق ڪي.“

صفا چٽ پڇيو، ”ڇا اھو ملحدانه شعر تنھنجو ناھي؟“
وراڻيم، ”تيل جي ڪڙھائيءَ ۾ پڪوڙن جي گاڏيءَ ڪان سواءِ ھن
دنيا ۾ منھنجو ڪجھه به ڪونھي.“ (جليل، 2010: 43،44)

امر جليل جا ڪردار اڪثر ڏک ۾ ئي شاعري جھونگاريندي نظر اچن ٿا. سندس ڪھاڻين ۾ شاھه جا شعر ماحول ۽ ڪردار مطابق تبديل ٿين ٿا. سندس ڪھاڻين ۾ شيخ اياز، تنوير عباسي ۽ سچل سرمست جي شاعري ملي ٿي. ان اسلوب جي ڪري پاڻ ٻين ليڪڪن ڪان منفرد نظر اچي ٿو. ان اسلوب جي ڪري ئي سندس ڪھاڻيون ٻين ليڪڪن ڪان منفرد نظر اچن ٿيون. امر جليل شاعريءَ واري اسلوب جي ذريعي گھريون ڳالھيون چئي وجي ٿو.

غلام رباني آگري جي ڪھاڻي ”بري ھن ڀنڀور ۾“ وڏيرن جي ظلم جي عڪاسي ڪري ٿي. عيسي ڪي پنھنجي گڏھه سميت وڏيري ڳوٺ ڪي بند ٻڌڻ جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو. عيسي جي دنيا لٽجڻ لاءِ اھو ئي ڪافي ھو ته وڏيري ڪيس اھڙي آڙاھه ۾ ھنيو جو ان مان جان ڇڏائي نه سگھيو.

”منهنجا ته ڏند ڇپن سان لڳي ويا، دل ۾ چيم _ ٻُري هن پنپور ۾، ههڙا هاجا ٿين!، مسڪين ماڻهو اسان جي ڪِرت اِها، آٽيون ۽ چاڙهيون، ڪٽنب پاتين جو، لٽو ڪپڙو _ نيٺ ته خرچ ڪاٻاڙ آهي. . . اسان جي ٻي ڪا پوکي ڪا راهي؟ هيئن جو مفت ۾ مزوري ڪندا وتون، ته پوءِ ٻچن ٻارن جو واهي الله! خُرزينون ناٽي جون پريون رکيون آهن وڏيري وٽ، _ مون کي حق حلال جي پورهئي جو اجورو ڏيندي تپ ٿي چڙهيس!“ (آگرو، 2011: 30)

عيسي جي تڙپ گهر جي ڇڪ مينهن، ٻوڏ نديا ٻار مٿان وڏيري جي سختي اهڙي ته بهترين انداز ۾ لکيل آهن. نيٺ عيسي جو جهڳو جهڻ ٿي ويو. ڪهاڻي ”شيدو ڌاڙيل“ ۾ شيدي جو ڪردار هڪ بهادر آهي. زماني جي ٺوڪرن ۽ ماڻهن جي نفرت ڪيس عام انسان مان ڌاڙيل بنائي ڇڏيو. سندس هيءَ ڪهاڻي به وڏيري جي ظلم جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي. وڏيرن هميشه سماج کي نقصان پهچايو آهي. وڏيري کي ڪجهه هن انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

”ڏڱاٽو خان ظالم به ته هڪ ئي هو. شل نه تر ۾ ڪنهن سهڻيءَ ڇوڪريءَ تي اک پويس. ڏڱاٽي خان جي هٿان. بڇي نڪتي ته نئين ڄائي.“ (آگرو، 2011: 114)

شيدي جي نندپڻ کي اهڙي نموني پيش ڪيو ويو آهي، ڇڻ اسان جي اکين آڏو سندس بچپن گهمندو هجي. وڏيري شيدي کي ڌوکي سان پاڻ وٽ رهائي پوليس حوالي ڪيو

آگري صاحب وٽ شيدو ڌاڙيل آهي ته، امر جليل وٽ عبدالرحمان ڌاڙيل آهي. هو ڌاڙا هڻڻ مان بيزار ٿي پير ٿي ابوجهن کي ڦرڻ لاءِ ويهي ٿو. شيدو بهادر ڪردار آهي. امر جليل جون ڪهاڻيون سامهون ٿيندڙ سماجي مسئلن جي عڪاسي ڪن ٿيون. سندس ڪهاڻين ۾ تشبيهون، استعارا اهڙي طرح آيل آهن. ڪهاڻيءَ جي خوبصورتيءَ کي وڌائين ٿيون. امر جليل ۽ ربانيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار هڪٻئي سان مشابهت رکندڙ آهن. ڌاڙيل، وڏيرا سندن ڪردارن جي ٻولي، ماحول زندگي گذارڻ جو انداز کين هڪٻئي کان جدا ڪري ٿو. ربانيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ وڏيرو پنهنجي لاءِ ڪجهه هي لفظ چوي ٿو ته:

”مان جوڳي آهيان جوڳي. منهنجي گودڙيءَ ۾ ڪاريهر نانگ آهن. عام جوڳي ڪاريهرن جو جوڳي ڪاريهرن جا ڏند پڇي، انهن کي کير پياري، مرلي وڄائي، ڏوڪڙ ڪمائيندا هوندا. پر مان ؟ مون کي ته گهرجن ئي ڪاريهر ڏند وارا، زهريلا ۽ زور ڏنگڻا! ڪيڏو نه مزو ايندو آهي مون کي، جڏهن ڪو ماڻهو منهنجي ڪاريهر جي ڏنگ کان ڏنگبو آهي.“ (آگرو، 2011: 114)

آگري صاحب استعاري جي ذريعي ڪيئن وڏيري کي جوڳي ۽ سندس پالڪن کي پالتو ڪاريهر ڏيکاريو آهي. حقيقت ۾ وڏيرا پنهنجي پاليل ماڻهن جي هٿان زماني ۾ ڪِيس ڪرائين ٿا. غلام رباني آگري وٽ ڌاڙيل ٿيڻ جو سبب سماج آهي. هڪ يتيم ٻار کي ماستر جي رويي ڌاڙيل بنائي ڇڏيو.

امر جليل وٽ ڌاڙيل جو ڪردار سماج کي ڪيئن ڦري ٿو. امر جليل ڌاڙيلن جي سماج کي گمراهه ڪرڻ واري پهلوءَ تان پردو کڻندي نظر اچي ٿو. غلام رباني هڪ انسان جي ڌاڙيل بنجڻ جي وجهه واري موضوع کي بيان ڪيو آهي. امر جليل ڌاڙيل ۽ پيرن جي ڪردارن کي پيٽ ڏيندي سندس حقيقت بيان ڪئي آهي. ڪيئن هو معصوم ماڻهن کي ڦرين ٿا ۽ اېوجهه ڳوٺاڻا ڪيئن وڃي پيرن کي پئسا، سون وغيره ڏين ٿا. امر جليل جي ڪهاڻي هڪ ئي وقت ڪيترن ئي ڳالهين کي بيان ڪري ٿي. سندس ڪهاڻي ” اروڙ جو مست “ ۾ ڌاڙيل جي ڪردار کي هيئن پيش ڪيو آهي.

”مان پير آهيان. ياد رک.“ ڪلندي چيائين، ”ڌاڙيل لاءِ قانون آهي، پر ڪاني ڪرامتن جي پيرن لاءِ ناهي.“ (جليل، 2012: 32)

ڌاڙيلن کي ڦر ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. پيرن کي ماڻهو وڃي نظرانو ڏين ٿا. اهي پير سندن عزت ۽ عصمت جو نظرانو قبول ڪن ٿا. امر جليل وهمن وسوسن کان نفرت ڪري ٿو. پيرن جا پول پڌرا ڪرڻ لاءِ سندس مڪالما ڇڻ جسم مان سيسڙاٽ ڪڍيو ڇڏين ٿا. سندس انداز مان نفرت جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي.

ربانيءَ جو ڪهاڻيون ڳوٺاڻي ماحول جي مطابق آهن. امرجليل وٽ به ڳوٺ جا موضوع ملن ٿا. ”پن ٻوڙين پاتال ۾“ ڪهاڻيءَ ۾ به آگري صاحب وڏيري جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي. غريبن کان وڏيرو ووٽ وٺي ٿو حق ڇوڻ کي غريبن سان ظلم به ڪري ٿو، ۽ ڪانئن ووٽ به وٺي ٿو. ” هونداسي حيات “ ڪهاڻي به وڏيرن تي لکيل آهي. جنهن ۾ سالن کان وڏيرو ڪانئن تي ظلم ڪري ٿو بغاوت جي باهه ۾گلڻ خان وڏيري کي سڪون جي ننڊ سمهاري ڇڏيو سندس هيءَ ڪهاڻي روشن خيال آهي. ان ۾ لکي ٿو ته؛

”ابا اچو ته همٿ جو سنڌرو ٻڌون، ۽ وڃايل وٿ واريون. ظالمن جي نڙيءَ تي ننهن ڏئي. . . ڪين اصل نگهوسار ڪري ڇڏيون.“ (آگرو، 2011: 104)

سندس هيءَ ڪهاڻي نوجوانن کي پنهنجا حق وٺڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. گلڻ جو ڪردار جمال ابڙي جي پشو پاشا، اياز قادري جي بلودادا، امرجليل جي جانو مڪرانيءَ وانگر بهادر آهي. غلام رباني آگري ڳوٺاڻي ماحول کي بهترين نموني پيش ڪيو آهي.

اهڙي نموني ڪٿي به ماحول، ڪردار ٻولي ڪجهه به اوپرو نٿو لڳي. غلام رباني آگري جون ڪهاڻيون فلسفي فڪر ۽ علامتي انداز ۾ پيش ڪيون آهن. سندس ڪهاڻيون ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀارين ٿيون. غلام رباني آگري زندگيءَ جي هر پاسي هر رخ کي ترقي پسند ۽ روشن خيال ڪري پيش ڪيو آهي. ربانيءَ جي ڪهاڻيءَ جو موضوع گهڻو ڪري ڳوٺ رهيا آهن. ڪردار جي واتان جيڪا ٻولي ڳالهرائي ٿو اها نج سندس ماحول مطابق آهي. سندس انداز جدا حيثيت رکي ٿو. پاڻ 17 جنوري 2010ع تي وفات ڪيائين.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ مڪالما بهترين آهن. سندس موضوع وسيع آهن. سندس ڪهاڻيون علامتي انداز ، تشبيهه، استعاري واري اسلوب ۾ گهريون ڳالهيون چئي وڃن ٿيون. امر جليل ننڍي کان ننڍي مسئلي کي به ڪهاڻيءَ ذريعي پيش ڪيو آهي. سندس ڪردار ڏکن ۾ پيڙجندڙ آهن. انهن کي هو جيئڻ جا مختلف رستا ڏيکاري ٿو. هو هڪ ٺهيل رستي تي نه هليو وٺس پنهنجو جدا اسلوب آهي. ڪيس ڏرتي ۽ ان جي رهواسين جا عشق السٽي آهي. جنهن کي هن خوب نڀايو آهي.

نسيم احمد کرل ( 29 جون 1939ع _ 14 جولاءِ 1978)

نسيم احمد کرل جو شمار ورهاڱي کان پوءِ وارن نثر نويسن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻيون زبان ۽ اسلوب جي حوالي سان بهترين ڄاتيون وڃن ٿيون. خوبصورت اسلوب جي ڪري ئي سندس ڪهاڻيون پسند ڪيون وڃن ٿيون. ليکڪن جا موضوع زميندارن جو هارين تي ظلم، عورتن جي حق تلفي ۽ سماج جون ناڪاره رسمون هئا. ڪجهه ليکڪن جا موضوع وري رومانوي به هئا. سندس ڪهاڻين جا موضوع اڪثر ڪري جاگيردارن تي آهن. نسيم جاگيردارن جا پول پڌرا ڪندي نظر اچي ٿو. اميرن جي منهن تان هو شرافت جو پردو وڏي آسانيءَ سان لاهي ٿو. ان جي لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته؛

> ”زماني جي گردش، ڪچو رنگ زر ۽ زور، آٽت ۽ گٽس وغيره سندس فني اسلوب جو عمدو مثال پيدا ڪن ٿيون.“ (عرساڻي، 2003: 60،61)

نسيم کرل جي ٻوليءَ ئي سندس ڪهاڻين جو خاص جزو آهي. بهترين اسلوب جي حوالي سان سندس ڪهاڻيون ”پهرين مراد، ڳڻ، گردش زماني جي، مجاور، چوٿيهون در، ڊمي ، پيت“ بهترين اسلوب جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿيون. نسيم کرل سماج جون حقيقتون پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهڙي نموني پيش ڪيون آهن، جن کي پڙهي سماج ۾ ٿيندڙ هاڃن جو گهڻو احساس ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين جا ڪردار انهن جي ٻولي، ماحول، پهاڪا ۽ محاورا ان ماحول مطابق آهن. نسيم کرل نه صرف ڳوناٺي پر شهري زندگيءَ جو به پنهنجي ڪهاڻين ۾ عڪس چٽيو آهي. هن شهري زندگي ۽ ڳوناٺي زندگيءَ جي ماحول

ڪي ۾ عام زندگيءَ جي حالات کي ڪيئن پيش ڪيو آهي. ان جي لاءِ ماهتاب محبوب لکي ٿي ته:

”ڪرل جون ڪهاڻيون سنڌ جي روزاني زندگيءَ جي حالتن، سنڌ جي مختلف طبقن جي ماڻهن جي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿيون.. نسيم جي ڪهاڻيءَ ۾ نه رڳو ڳوٺاڻي زندگي ۽ اتي جا مسئلا آهن، پر شهري زندگي به پنهنجي تضادن سان سان ساهه کڻندي نظر اچي ٿي. ڪهاڻيون عام ماڻهن جي ننڍڙين گهرجن، نفسياتي لاڙن، اندر جي تضادن ۽ متضادن سماجي روين جا عڪس به پسائين ٿيون.“ (ماهتاب، 1988: 70)

وڏيرڪي سماج سان تعلق رکڻ واري داناءَ ليکڪ پنهنجي سماجي مشاهدي کي نهايت خوبصورتيءَ سان قلم بند ڪيو آهي. سنڌين جي نفسيات کي پنهنجي ڪهاڻي ”مڪسڊ گرل“ ۾ ڪجهه هن انداز ۾ بيان ڪيو اٿس:

”اسين سنڌي، سيد کي مرشد ڪري، ٻارهين مهيني ڏن ڏيندا آهيون ۽ هو ان جي بدلي بهشت جي ڪنجي ڏيندا آهن.“
”ڪو ڪنهن جي قيامت نه ڇڏائيندو، هر ڪنهن کي اعمال ڇڏائيندا.“
”نه نه، سيد ميرو ته به پنج سيرو، يا شيخ! اسان کي ايمان مان نه ڪڍ.“ (ڪرل، 2015: 34)

سنڌين جي پيرن کي پوڄڻ کي به پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ چٽي نموني پيش ڪيو آهي. سندس فڪر ۽ مڪالما پنهنجي فن وسيلي بهترين انداز ۾ پيش ڪيا آهن. سندس هر ڪهاڻيءَ جو اسلوب ان ماحول ۽ واقعن مطابق ڦري ٿو. نسيم ڪرل وٽ تشبيهه جو استعمال به ملي ٿو.

امر جليل جون سموريون ڪهاڻيون سنڌي ماڻهن جي سوچ ۽ سندن نفسيات تي آڌاريل آهن. امر جليل جو اسلوب موضوع، ڪردار، ماحول، مڪالمن ۽ واقعن جي لحاظ کان تبديل ٿئي ٿو. امر جليل پاڻ اسلوب ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. هڪئي وقت ۾ ڪيترين ئي تلخ حقيقتن تان پردو کڻندي نظر اچي ٿو. سندس اسلوب کي بنا نالي جي سڃاڻي سگهجي ٿو. عام معاملا هجن يا سياسي، مذهبي امر جليل انهن کي پيش ڪرڻ جو منفرد اسلوب ڄاڻي ٿو. ڪهاڻي ” رڃ “ ۾ سنڌين جي لاءِ لکي ٿو ته؛

”ڪريم چيو، ”اڙي چپ ڪريو ڪلي ڪلي چريا نه ٿي پئون.“
”ڀل چريا ٿي پئون. سنڌي پير ڪري پوڄيندا.“ (جليل، 2012: 125)

نسيم کرل ۽ امر جليل پنهي ليکڪن پنهنجي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. امر جليل جا ڪردار سنڌين جي ان سوچ کي کل پوگ ۾ ٿارين ٿا. پيرن کي پوڄڻ تي سندس ڪردار طنز ڪندي نظر اچن ٿا. نسيم کرل وٽ ڳوٺ جو ماحول سندس گفتگوءَ جو انداز به ڳوٺاڻي ماحول مطابق آهي. چورن جا ڪردار اسان کي امر جليل جي ڪهاڻين ۾ به ملن ٿا. امر جليل انهن تي ايترو ڏيان نٿو ڏئي. سندس نشانو ته گڙنگ ڪامورا آهن. جيڪي سماج جي تباهيءَ جو سبب آهن. امر جليل وٽ بيباڪي آهي. هو اندر جي اُڌمن ۽ سڌڪن کي بيان ڪندي چڻ ته ڏکايل انسان جو ساٿي ٿي بيهي ٿو. امر جليل جون ڪهاڻيون سوچڻ لاءِ ڪيترائي پهلو بيان ڪن ٿيون. سندس لفظن ۾ اهڙو ته مٺاس آهي، اهي سوچ جا دروازا کولين ٿيون.

نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ سماجي مسئلا آهن. ڪهاڻي ” پهرين مراد ” انسان جي انا ڪانئس ڪهڙا ڪهڙا ڪم ٿي ڪرائي.

> ”ابا هونئن ته منهنجو سائين آ، ڪعبو قبلو آن، پر جي هن جي مينهن جي هائو ڪندين ته لٺ ڪٽي هڪ لونڊڙيءَ واري ڏيندو سانءِ.“ ماٽڪ سچي پچي تانگهه ان لٺ ڪڍي هٿ ۾ ڪئي.“ (کرل: 2015: 49)

نسيم کرل ڳوٺ جو رهاڪو هو. تنهڪري ڳوٺ جي ماحول جو گهڻو مشاهدو ڪيو اٿس. چور، وڏيري جا اهڙا ڪردار جيڪي پنهنجي پنهنجي هٺ تي آهن ۽ پنهنجا اهي صدين کان ٿيندڙ عمل ڪندا اچن ٿا.

اهڙي موضوع تي امرجليل جي ڪهاڻي ”چور“ آهي. هو نوجوانن کي ان ڪُڌي ڪم مان ڪڍڻ گهري ٿو. ڪين سندن انجام کان آگاهه ڪري ٿو.

> ”ها. جيل ۾ غاليچن اُڻڻ جي تربيت ورتي هيم.“
> ”هن هنر جي باري ۾ پئي ٻڌايئه!“
> ”ها. هن هنر ۾ نه خوف آهي نه خطرو، نه ضمير جي ملامت آهي، ۽ نه سزا جو ڊپ.“ هن اعتماد سان چيو: ” پنهنجي هنر تي فخر اٿم.“ (جليل، 2012: 73)

امر جليل وٽ هڪ چور جڏهن جيل جي سزا ڪاٽي ته اندر جو انسان جاڳي پيس. هتي ڪردار محنت ۽ مزدوريءَ جو عادي ٿي ويو. امر جليل سستي ڪاهليءَ جي سخت خلاف آهي. سندس ڪهاڻيون سماج ۾ سڌاري آڻڻ جو به ڪم ڪن ٿيون.

نسيم کرل جي ڪهاڻي ”مجاور“ ڪامورن ۽ سرڪاري آفيسرن تي لکيل آهي. جيڪي غريبن تي الزام هڻي ناچ گاني جي ڪري عوام کي تڪليف اچي

ٿي. مڪان خالي ڪرائين ٿا ۽ ان ئي جاءِ تي جشن لاءِ وڏو حال ٺهرائي ان ۾ سالانه جشن رکن ٿا.

”ڪرسين ڪان گهٽو پوئتي بيٺل ماڻهن مان مڪان جي اڳوڻي مجاور محمد شاهه، شمشاد کي ڳائيندو ڏسي زور سان ٺهڪ ڏنو ۽ پرسان ويٺل ٻئي مجاور کي ٺونٺ هڻي چيائين: ” فقير ڏسين ٿو رنگيءَ جا رنگ!“ ” ها مرشد ساڳي شمشاد ساڳيو ڪلام . . . پر اسان ڪهڙي غناهي ڪئي هئي. ميان پينو پينو کي نه سهندو، مجاور مجاور کي ڪونه. هل تي هلي ڪا ٻي ڪار ڪريون.“ (ڪرل، 2015: 58)

ڪهاڻي ڪامورن جا پول پڌرا ڪندي نظر اچي ٿي. ڪيئن پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو مڪان خالي ڪرائي محفل ڪرائين ٿا. نسيم ڪهاڻيءَ جي ذريعي هن موضوع کي قلمبند ڪيو آهي. نا انصافيءَ کي ڪان ڪيس سخت نفرت آهي. نسيم عام رواجي نا انصافيءَ جي ڳالهه ڪري ٿو.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ڪامورن وڏيرن تي طنز ملي ٿو. پاڻ ڪنهن به حال به ڪامورن سان رعايت نٿو ڪري. سندس دل ۾ ويٺل نفرت ڪهاڻين ۾ صاف نظر اچي ٿي. ان وقت جي حالتن جي عڪاسي صاف نظر اچي ٿي ”پنجين موسم“ علامتي انداز واري ڪهاڻي آهي.

”اسلام آباد گڙنگ ڪامورن، سرمائيدارن ۽ اڇن ڪارن سفارتڪارن جو شهر آهي. ان قسم جا ماڻهو گهٽو ڪري دل جي بيمارين، مٺن پيشابن ۽ ٿولهه جي مرض ۾ مبتلا هوندا آهن. هو به موت جي ڊپ ڪان ڊوڙندا رهندا آهن.“ (جليل، 1998: 16)

امر جليل ڪامورن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نٿو ڪري. امر جليل وٽ اڪثر ڪري وڏيرا ۽ ڪامورا گڏ نظر اچن ٿا. حقيقت ۾ وڏيرا ئي گهٽي قدر ڪامورا ٿين ٿا. ٻولي ۽ ڪردارن جي سوچ به ٻنهي ليڪڪن وٽ منفرد نظر اچي ٿي. اسلام آباد ۾ رهندڙ سنڌي ڪامورن تي طنز آهي. امر جليل ڪلندي ڪلندي هلڪي هلڪي طنز سان سندن چهري تان شرافت جا نقاب لاهيندي نظر اچي ٿو. وٽس ٻوليءَ ۾ وسعت آهي. ٻولي نج علامتي انداز ۾ پاڻ وڏيون وڏيون ڳالهيون چئي وڃي ٿو.

نسيم ڪرل وڏيري جي ڪردار کي ”آٿت“ ڪهاڻيءَ جي ذريعي به نروار ڪيو آهي. هڪ وڏيري جي سوچ ۽ سندس ڪاميابي ڪهڙي ڳالهه ۾ آهي. پنجابين جي سنڌين سان ٿيل زيادتين کي به ڪهاڻيءَ جي ذريعي پيش ڪيو آهي. وڏيري کي جڏهن سارين جي فصل جي اجازت نٿي ملي ته رئيس لاهور پنهنجي ڪاميابيءَ جا جهندا لهرائي ٿو ڇو ته هو پنجابين جي ٿيل نا انصافين جو

بدلو وني ٿو. وڏيري جي سموري ڪاوڙ هڪ پنجابڻ عورت مان لاهي ٿو. سندس سوچ پراڻي وڏيرڪي رڳ تي وڃي پهتي.

”پوءِ يارهين بجي هڪ پنجابڻ کي وني آيو، ڪونج جهڙي ڳچي، پٽر جهڙو سوٽ جسم، پورو ڳاڙهو رنگ، جهڙي آڙي، جهڙي هنجر. رئيس بيري سان ڳالهين ۾ ٿهي در بند ڪيو ۽ ڏانهس ائين تڪڻ لڳو، جيئن چيتو هرڻيءَ کي تڪيندو آهي. تڪي تڪي ڪيس ٻڪ هڻي ائين ڀانهن ۾ وڪوڙيائين، جيئن ڪوڙيل بلا، پنهنجي شڪار کي ويڙهيندي آهي.“ (ڪرل، 2015: 70)

وڏيري جي ڪند ذهنيءَ کي بهترين انداز ۾ تشبيهون ڏئي پيش ڪيو آهي ته وڏيرو بدلي جي باهه ۾ڪيئن نه چالاڪيءَ کان ڪم وٺندي پنهنجي روح کي ريجهائي ٿو. وڏيري جي سوچ کي سندس ماحول مطابق پيش ڪيو آهي. نسيم کرل وٽ وڏيرو بيحيائيءَ جو سڀ حدون پار ڪندي نظر اچي ٿو.

امر جليل ڪهاڻي ”راهون جدا جدا“ ۾ ڪامورن جي حقيقت هيئن بيان ڪئي آهي. امر جليل وڏيرن کي ئي ملڪي بدحاليءَ جو سبب سمجهي ٿو.

” ووٽ وٺن عوام کان، ۽ چونڊجڻ کان پوءِ رعب به رکن عوام تي. ۽ هي سنڌي نمائندا! ون يونٽ جا پرجهليا، ايوبي آمريت جا گماشتا! سڄي سڄي رات ڪن عيش، صبح جو اجلاس ۾ ڪائين جهوٽا! سنڌ جو نصيب ئي ستل آهي.“ (جليل، 2010: 68)

جنهن ڳالهه کي امر جليل ڪجهه رک رکاءُ ۾ پيش ڪيو آهي. امر جليل کين ون يونٽ جي مڙهڻ جو سبب سمجهي ٿو. سنڌ جي قسمت انهن نالائقن جي ڪري ئي پٽ تي پيل آهي. نسيم کرل ان کي کولي سيني جي سامهون پيش ڪيو آهي. هو وڏيرو هئڻ جي ڪري سندن ذهنيت کان واقف آهي. کيس سندن ڪند ذهن جي خبر آهي. نسيم کرل جو ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي وڏيرن جي ڪردارن تي آهن. امر جليل وڏيري جي ڪردار کي هن اسلوب ۾ وائکو ڪيو آهي. لهندڙ سج وڌندڙ پاڇا، ۾ وڏيري جو ڀيانڪ چهرو ڪجهه هيئن واضح ڪري ٿو.

” کهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين سائين!“ پهلوان چرڪ ڀريندي چيو، ”رب جو قسم آ، اسان توهان وڏيرن لاءِ داڻا ڳولي ڪٽي ايندا آهيون. ڇا ياد ڪندين وڏيرا سائين.“ (جليل، 2010: 88)

نسيم کرل طبقاتي فرق کي ”ڪرنٽ“ ڪهاڻيءَ جي ذريعي واضح ڪيو آهي. جنسي موضوع ۾ مٿئين طبقي وارن ماڻهن جي ماحول کي ڏيکاريو آهي.

ٻاهرين ملڪ مان آيل مرد پنهنجي زال کي ڪهڙي روپ ۾ ڏسڻ گهري ٿو ان جي نفسيات کي ڪجهه هن ريت واضح ڪيو آهي.

”مان ريشم جهڙي ڪل محسوس ڪئي هئي، سندس سوٽ جسم کي محسوس ڪيو هئم، سندس شئمپن جي ٻاٽل جهڙين ڄنگهن کي ڇهيو هوم، پر مون هڪ پيرو به جسم کي ڍڳ سان ڪو نه ڏٺو هو.“ (ڪرل، 2015: 76)

ائين نه آهي ته نسيم ڪرل فقط وڏيري ۽ عام ماڻهن ملازمن جي ڪردارن تي لکيو آهي. سندس هيءَ ڪهاڻي رومانوي آهي. هڪ مٿئين طبقي جي مرد جي سوچ کي ان انداز سان پيش ڪيو آهي جيئن هو پنهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ هوندا آهن. سندس ڪردار پنهنجي ماحول مطابق ٻولي ڳالهائين ٿا.

”ممي تون ٿراءِ ته ڪر آخر هن کي ڪهڙو آبجيڪشن ٿي سگهي ٿو؟ آخر اسان به ته مسلم آهيون.“ ”ڊونٽ بي سلي پپو، تو هن جي فادر کي نه ڏٺو آهي. هو اسان سان مڪس اپ ٿيڻ نه چاهي ها ته پنهنجي فئملي اسان جي گهر ڇو موڪلي ها.“ (ڪرل، 2015: 73)

نسيم جو فن ڪمال جو آهي. سندس ڪهاڻين جا منظر ماحول، تمام سهڻي انداز سان ترتيب ڏنل آهن. هڪ ليکڪ جو اهو ئي ڏانءُ آهي. جو هو ماحول، واقعي مطابق ڪهاڻيءَ جو اسلوب رکي. سندس مشاهدو سموري سماج جو آهي. گهڻ ڪهاڻين ۾ به سندس موضوع هڪٻئي کان گهڻي قدر مختلف آهن.

امر جليل جي رومانويت عورت تائين محدود نه آهي، ڪيس ڌرتي ماءُ لاءِ به محبت آهي. ساڻس ڪٿي به نا انصافي برداشت نٿو ڪري. امر جليل ڪردارن کان عام ڳالهين ۾ به ٻين ٻولين جي مزاج مطابق ڳالهائين ٿا. امر جليل جي ڪهاڻي ”منهنجي نصيب ۾ تون نه آهين“ ۾ سندس عشق جو انداز هن ريت آهي.

”دنيا جي هر رومانٽڪ وانگر تنهنجو پهريون عشق پنهنجي ڌرتيءَ سان آهي. ٻيا عشق تنهنجي لاءِ ضمني آهن. اُن ڳالهه جو احساس مون کي تنهنجين ڪهاڻين ۽ تنهنجي ڳالهين مان ٿيو آهي.“ (جليل، 1998: 123)

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ٻن رشتن جي گهڻي عزت نظر اچي. وٽس ڌرتي ۽ عورت ڏکن جي اوسيئڙي ۾ ئي رهن ٿيون. سندس خواهشون رشتن جي

سامهون فنا ٿي وڃن ٿيون. سندس ڪجهه ڪردار مفلسيءَ ۾ خواب ڏسندي ڪنهن معجزي جي انتظار ۾ سموري زندگي بسر ڪن ٿا.

”انتظار ڪر تمنا. هڪڙي ڏينهن اسان جي روح جا زخم ڀرجي ويندا، دل جو درد گهٽجي ويندو،“ ٿڌو ساهه کڻي وراڻيو هيم، ”هڪڙي ڏينهن اسان جي صحرا جهڙيءَ سُڃي زندگيءَ ۾ خوشين جا رابيل وچائجي ويندا.“ (جليل، 2012: 96)

امر جليل درد ۽ پيڙا واري تڪليف کي محسوس به ڪرائي ٿو، ۽ محبت وارو اسلوب اپنائي ٿو. ڪهاڻيءَ جي سونهن کي وڌائڻ هلڪلو هلڪو طنز به ڪري ٿو. ننڍن عهدن وارا ماڻهو ڪيئن پنهنجا گهر هلائين ٿا ۽ سندن گهٽ آمدني ڪيئن ڪانئن سندن خواهشون کسي ٿي. وٽس عورت جنسي خواهش لاءِ استعمال ٿيندي نظر نٿي اچي. ان غربت ۾ به هو صبر سان زندگي گذارين ٿا.

نسيم کرل ”دارالفلاح“ ڪهاڻي لکي سماج ۾ پاڻ کي ٻين کان اعليٰ سمجهندڙن جي لاءِ لکي آهي. انساني حقن جي حفاظت ڪرڻ وارن ادارن جي حقيقت به نرالي انداز سان پيش ڪئي آهي.

”سيٺ به هر حال ۾ راضي هو. انب ڪچڙو هو ته به انب هو ۽ سٺي جنس مان هو. هونئن به ڪچو انب ٿڌو ٿيندو آهي ۽ خيال سان ڪائجي ته مٺو ته ٿيندو آهي. مربا ۽ چٽڻيون به ڪچن انبن مان ٺهنديون آهن.“ (کرل، 2015: 95)

جنهن وقت ۾ پيٽ گذر لاءِ ماڻهن جو عزتون ۽ عصمتون نيلام ٿيڻ لڳيون ان وقت ۾ نسيم کرل به ان کي ڪهاڻيءَ جي ذريعي پيش ڪيو. هڪ عورت جي مجبوريءَ جو ڪيترن انسانن فائدو ورتو ۽ ڪين ڏيءُ جو ماءُ کي جواب ڏيڻ ۽ ماءُ ۽ پاءُ جو ڪيس مجبور ڪرڻ.

”مان ڏنڌو ئي نه ڪندس، هان! شمشو ٻائي جي پيرن هيٺان زمين، مٽان ڇت ڦرڻ لڳي. ها. مان هي ڌنڌو نه ڪندس. نيلم انهيءَ پختي ارادي سان چيو هو.“ حڪومت جي بندش آ نيلم کي ٻيو سريلو جواب سجهيو هو. پوءِ هتي ڌنڌي ڪرڻ جي موڪل پٺهين ڏني آ ڇا؟ پورا پنج سو منٿلي ٻولائي آ، اٺ حرامزادي ڇڏ نخرا.“ (کرل، 2015: 98)

هڪ ڪهاڻيءَ ۾ سماج جا ڪيترا ئي پهلوئن نظر اچن ٿا. رياست تي سخت طنز ۽ معاشي حالتن جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي. بک ۽ بدحاليءَ جي قرباني عورت ئي ڏيئي ٿي. عورت کي قربانيءَ جي ٻڪري سمجهي قربان ڪيو ويو آهي.

امر جليل وٽ هڪ عورت جي درد جو داستان ڪجهه هن ريت آهي. هتي عورت مظلوم آهي. سندس ڏک اڻترا آهن. جن جو ڪير به اندازو لڳائي نٿو سگهي. امرجليل عورت جي گهٽي عزت ڪري ٿو. ” زندگي هڪ ڪن ” ۾ عورت جي بيوسيءَ کي هن ريت بيان ڪيو آهي.

”هيءَ عورت، جنهنجا اٽيا وار وکريل اکيون اداس آهن ۽ جيڪا ڏسڻ ۾ ڏبري، ڪزور، ٿڪل ٽٽل ۽ بيمار ٿي اچي. تنهن اڄ صبح جو هڪ حرامي ٻار کي جنم ڏنو آهي.
گهڙيءَ گهڙيءَ کي گهات، ۽ پل پل کي پڇتاءُ ڪرڻ لاءِ گهٽن ئي جانئن جوانن سندس ساٿ ڏنو، پر زندگيءَ جي پوائٽي سفر ۾ هميشه گڏ رهڻ وارو ڪو به هيس. هوءَ رنڊي آهي. اهڙين عورتن جي وجود مان جنم وٺندڙ ٻار حرامي سڏائيندا آهن.“ (جليل، 2011: 110)

عورت سان روح رهاڻ جي لاءِ مردن جي اندر جو جانور جاڳي پوي ٿو. عورت کي سماج ۾ ان مقام تي پهچائڻ وارو به مرد آهي. عزت جي حفاظت ڪرڻ وارا جڏهن سندس عزت لٽين ان لچي عمل کان وڏ ٻيو ڇا هوندو. اهو مرد ئي کيس نفرت ڀرين نگاهن سان ڏسي ٿو. جنهن سماج جي لاءِ داغ بنايو. امر جليل اهڙين عورتن کي سماج ۾ عزت سان رهڻ جي تلقين ڪري ٿو. سندس نظر ۾ عورت جو ڪردار مقدس آهي، تنهنڪري هو سندس تذليل برداشت نٿو ڪري. خوبصورت اسلوب ۾ ڪهاڻي وڏي ٿي ۽ عورت جي تذليل ٿيندي رهي ٿي. مرد پنهنجي حوس کان پوءِ کيس نظر انداز ڪن ٿا.

نسيم کرل پوليس جا پول پڌرا ڪرڻ لاءِ ڪهاڻي ” چوٿيهون در“ لکي آهي. پوليس وارن جي حقيقت کي خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي. نسيم کرل ٻين ڳالهين سان گڏ پوليس وارن جي سماج ۾ رول تي به نظر وڌي آهي. هن کين سست ۽ ڪم کان نٽائيندڙ پيش ڪيو آهي. جڏهن صوبيدارن حد جي جهيڙي ڪري لاش جو بندوبست به ڪيو نه ئي رپورٽ لکي تڏهن گيج ريڊر جا اکر هي هئا.

”بابل ٻنهي صوبيدارن لاوارث لاش ڪو نه ورتو، سو ان کي بادشاهه حوالي ڪيم، جنهن جون حدون تمام وڏيون آهن. هيڏانهن سکر بئراج ته هوڏانهن عربي سمنڊ.“ (کرل، 2015: 123)

آفيسرن جا ڪردار ٻولي، مسئلا به انهن جا ڇو ته انهن ئي زماني ۾ وڏيڪ آزار مچايو آهي. پوليس جي ڪردارن تان نقاب لاهيندي هو گهرائي نٿو. پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ۽ سندن لاپرواهيءَ جي حد نهايت سهڻي اسلوب ۾ بيان ڪيل آهي.

امر جليل وٽ پوليس جي ڪردارن جا ڪارناما واضح نظر اچن ٿا. امر جليل جون اڪثر ڪهاڻيون علامتي اسلوب ۾ آهن، ضرورت آهر هو ڪردارن کي به ان اسلوب ۾ پيش ڪري ٿو.

> ”ڪانئس پڇيم، ”هي چار بوتلون خدا جي راهه ۾ خالي ٿيون آهن ڇا؟“
> هن ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي، ۽ پوءِ ڏڪندي ڏڪندي اک سان کاٻي طرف اشارو ڪيائين، ۽ جتي هذا من فضل ربي کاتي جا ٻه فرشتا ويٺا هئا. ٻئي فضلوءَ سان چرس ڀريل سگريٽ ڇڪي رهيا هئا ۽ بُرش جهڙيون مڇون مروڙي رهيا هئا.
> دولترام ٿڌو ساهه کنيو، ۽ چيو، نقصان اڌو اڌ سهنداسين.“ (جليل، 1998: 87)

امر جليل پوليس وارن تي طنز علامي انداز ۾ ڪري ٿو. پوليس جي کاتي کي هذا من فضل ربي جو کاتو سڏي ٿو. هو نهايت ئي آسانيءَ سان پوليس وارن جي حقيقت کي بيان ڪري ٿو. امر جليل وٽ هر ڳالهه کي پيش ڪرڻ جو اسلوب منفرد آهي.

نسيم کرل جي ڪهاڻي ”ڪافر“ مذهبي ڪهاڻي آهي. هڪ اوڏ جڏهن مسلمان ٿيو ته هن مسلمانن ۾ ايترو فرق ڏسي سيتل اوڏ پنهنجي مذهب ۾ واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ڇو ته هن مسلمانن جي پاڻ ۾ ويڙهه ۽ مذهبي حساب ڪتاب گهڻو آهي، جو هوپاڻ ۾ وڙهن ٿا ۽ ٺهي نٿا هلن. پيل سندس اهو ماحول ڏسي پنهنجي مذهب ۾ واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

> ”هو مکي جي چنبي ۾ چنبو ڏيئي، مسيت ڏانهن وڃن بجاءِ پنهنجي اباڻن پکن ڏي موٽيو. هڪ جماعتيءَ مولوي صاحب کي چيو ته؛“ مولوي صاحب ڪتو ڇا چاٽي ڪٽڪ جي مانيءَ مان. ٻئي چيو سائين گڏهه کي پنج سنجيون پارائي گهوڙن سان بيهاريو ته ڪو گهوڙو ڪو نه ٿي پوندو!“
>
> ”آخر ۾ مولوي اميد علي پنهنجي سونهاري کي هٿ سان سنواريندي چيو: ” ها ابا! سچ ٿا چئو، ڪافر نيٺ ڪافر!“ (کرل، 2015: 140)

امر جليل جون ڪجهه ڪهاڻيون مذهبي مت ڀيد کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. انسانن جي وچ ۾ مذهب جو بحث ڪيس نٿو وٺي هو انسانيت کي اهميت ڏئي ٿو. ڪنڌ ڪوٺ ۾ هندن سان پيش آيل حقيق واقعي تي امرجليل جي ڪهاڻي ” سرد لاش جو سفر“ جنهن ۾ مسلمانن جي مجاهدن جو مذهب نالي تي ٿيل قِيس جي لاءِ لکي ٿو ته؛

”پريتم صفا وائڙو ٿي ويو. هن مون کي زرد آلود لهجي ۾ ڳالهائيندي به پڌو هو. هن اڳڻ ۾ بيٺل اڳهاڙن مجاهدن ڏانهن ڏسندي پڇيو، ” هي سڀئي جنت ۾ ويندا؟“
”سندن نعرا نه ٿو ٻُڌين؟“ مون آسمان ڏانهن ڏسندي چيو، ”هي جيکي کجهه ڪري رهيا آهن. پنهنجي پرَ ۾ الله کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا آهن. کين پڪ آهي ته جنت ۾ ويندا.“ (جليل، 2011: 183، 183)

نسيم کرل عام مذهبي واقعن تي لکيو آهي. امر جليل حقيقي واقعي تي ڪهاڻي لکي. ماڻهن جي نفسيات تان ٻنهي ليکڪن پردو کنيو آهي. مذهب جي آڌار تي سماج ۾ اهڙا واقعا ٿيندا رهن ٿا. ڪردارن جي اسلوب ۾ فرق صاف نظراچي ٿو. نسيم کرل جي ڪهاڻي ” زماني جي گردش“ وڏيرن جي ڪارنامن کي ننگو ڪري ٿي. جيڪي پنهنجي نٺ ٺانگر کي تباهه ۽ برباد ڪن ٿا. زماني ۾ هو پاڻ کي پڏائڻ ۽ خاص ڪري عورتن جي معاملي ۾ پاڻ ڦرائين ٿا. رئيس پئسن تي عورت جو سودو ڪيو. پنهنجو الئو تلئو چٽ ڪري ڇڏيو.

”پرائي ڇڪايل مڇي به ڪا نه وڻبي آهي، هي ته زائفان ماڻهو هو.“ (کرل، 2015: 172)

هتي وڏيرن جي بربادي ۽ کي نسيم کرل خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي، ته ڪيئن هو سندن وڏن جي ملڪيت تباهه ڪن ٿا ۽ آخر ۾ زماني ۾ بکون ۽ تڪليفون ڏسن ٿا. تشبيهون ۽ استعارن جو استعمال سهٽو ٿيل آهي. نسيم کرل جنسيات تي به لکيو آهي. نسيم کرل جون ڪهاڻيون تعداد جي لحاظ کان گهٽيون نه آهن. ڪهاڻي جي فن ۽ اسلوب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس ٻولي ۽ مڪالما ڄڻ ڪهاڻيءَ کي چارچنڊ لڳائين ٿا. هڪ هڪ لفظ ڪهاڻيءَ جي اهميت کي وڌائي ٿو. هڪ لفظ کي هٽائڻ سان ڪهاڻيءَ جي سونهن متاثر ٿيندي. هو انسان جي نفسيات کان واقف آهي. تنهنڪري هن هر انسان کي نفسيات جي آڌار تي پيٽي ٿو. نفسياتي پهلوءَ کان پرکي ٿو.

نسيم جي ڪهاڻي مساوات، ڪوڙڪيون، ڪچو رنگ، گذريل واردات، زماني جي گردش، ننگ ۽ گٽس. انهن ڪهاڻين جا موضوع به امرجليل جي موضوعن سان ملن ٿا. ڪٿي ماحول، ڪٿي ڪردار، ته ڪٿي وري سندس انداز گهٽو متاثر ڪندڙ آهي. امرجليل وانگر نسيم کرل جو به انداز جدا آهي. مٿئين، وچولي ۽ هيٺين طبقي جا ڪردار پيش ڪيا آهن. نسيم جا ڪردار جيڪا ٻولي ڳالهائين ٿا اها هٽرادو نٿي لڳي. هو اُڏاري ٻولي ماحول مطابق ڳالهائين ٿا. نسيم جو اسلوب ئي ڪيس ٻين همعصرن کان ڪيس جدا ڪري بيهاري ٿو. هن کي فرشتن جو ڪهاڻيون نه لکيون آهن. هر ليکڪ کي پنهنجي ڪهاڻيءَ مان

سچائي سگهجي ٿو. نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ اسلوب ڪردارن جي مزاج مطابق تبديل ٿئي ٿو.

امر جليل هڪ نئين سوچ ڪٿي اپريو ۽ ان ئي جذبي سان اڳتي وڌندو رهيو. سماج جو هڪ رخ نه بلڪه هر موضوع سندس ڪهاڻين ۾ ملي ٿو. سندس ٻولي، ڪردار جيڪو ڪجهه ڳالهائين ٿا. اهو سندن مزاج ۽ ماحول مطابق هوندو آهي. سندس ڪهاڻيون تاريخ جي جيئري جاڳندي تاريخ بيان ڪن ٿيون. پاڻ سماج جي هرمسئلي کي سنجيدگيءَ سان ڏٺو اٿس. موضوع ليڪڪ هڪجهڙا آهن، پوءِ به هر لکيڪ وٽ ان قصي کي پيش ڪرڻ جو اسلوب جدا آهي. نسيم کرل جا ڪردار موضوع ۽ ڪردار عام آهن، امر جليل وٽ سماج جا ٻرندڙ مسئلا جام ملن ٿا. تلخ حقيقت کي به آسانيءَ سان طنز واري اسلوب ۾ بيان ڪري وجي ٿو.

علي بابا (1940ع _ 8 آگسٹ 2016ع)

علي بابا جو اصل نالو، علي محمد ولد محمد رمضان بلوچ آهي. 1940ع ڌاري ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق رند قبيلي سان آهي، سندس وڏا اوڻيهين صديءَ ۾ بلوچستان مان سيوهڻ ۾ اچي آباد ٿيا. علي بابا ڪوٽڙيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي. سندس والد محمد رمضان ريلوي ۾ شنٽنگ پائلٽ هو ۽ علي بابا به ريلوي کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو. 7 سال نوڪري ڪرڻ کان پوءِ هڪ ٽيڪسٽائل مل ۾ بطور مئنيجر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

علي بابا باقاعده 1965ع ڌاري کان لکڻ شروع ڪيون ۽ ڪهاڻيون، ڊراما، فلمون ۽ ناول به لکڻ شروع ڪيون. نهايت ايمانداريءَ سان سنڌي ٻولي ۽ ادب سان پنهنجو رشتو آخر تائين نڀايو. علي بابا ٽي سو کان مٿي ڪهاڻيون لکيون. هڪ سو کان مٿي ڊراما لکيا آهن.

سندس ڪردار هيٺين طبقي جا آهن. جيڪي مظلوم آهن. ڏک، تڪليف، پيڙا ۽ درد برداشت ڪن ٿا. سندس ڪردار احساس وارا آهن. زنده آهن سوچين ٿا، هو خاموش نه آهن چرپر ڪن ٿا. سندن ٻولي ۽ ماحول جدا آهي. سندس ڪردار عام ماڻهون آهن. هو جنهن ماحول ۾ رهن ٿا ان ماحول جي مطابق ئي زندگي گذارين ٿا.

علي بابا جي ڪهاڻين جو مرڪز عورت رهي آهي. هن عورت کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ مختلف روپن ۾ پيش ڪيو آهي. هو معاشري جي گندي سوچ رکندڙ ماڻهن کي عورت جي اهميت کان واقف ڪرڻ گهري ٿو. وٽس عورت بهادر آهي. سماج ان کان جيئڻ جو حق کسي ٿو. اهڙي ئي موضوع تي سندس ڪهاڻي ”پاڳان“ آهي. هيءَ هڪ پيلڻ جي ڪهاڻي آهي، جا پنهنجي سونهن ۽ جوانيءَ جي ڪري ڪيترن ئي انسانن جي دل ۾ ڌڙڪي ٿي.

”شهر مان هلندي هئي ته هلندو هئس سڄو شهر پنيان، وڃنديون هيون سيٽيون. مسيت جي پاسي کان گذرندي هئي ته ملن جا ڳاٽ ڦري ويندا هئا. رڳو وٺو ڪنهن اڳيان وڌائيندي هئي ته پوندو هو ڏوڪڙن سان ڇڻ ڇڻ وڄي. واڻ ويندو بيهجي ويندوهو. مجال آ جو ڪنهن ڏي لوٽو هٽي نهاري. لاٺ لاٺ تي اکي ئي ڪا نه پڌندي هيس. انگريڇي اسڪول جو ماستر پيو اکيون ٽپيندو هو.“ (علي بابا، 2007: 10)

پيلڻ جي ڪردار کي امر جليل پنهنجي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. امر جليل وٽ پيلڻ جو ڪردار علي بابا جي ڪردار وانگي ارڏو ۽ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ”ڌرتيءَ جي ڌوڙ آسمان جا تارا“ باليءَ جو ڪردار ڇاڳان جي ڪردار کان گهڻو مختلف نه آهي.

”جوانيءَ جي روانيءَ کي نه ذات پاٽ روڪي، نه دين ڌرم ڌيرج ڏئيس. باليءَ جي ڇلڪندڙ جواني جهٽ روهڙي شهر جي نگاهن جو مرڪز ٿي پيئي. سندس بدمست جوڀن ڇتين لڳل ڪپڙن مان جهاتيون ٿي پاتيون. آواره ته بدنام هوندا آهن. سندس عيش اکين جي اُلڪي ۽ ٻين ڇئن لذيذ لفظن تائين محدود هوندو آهي، پر جن شريفن کي عطر ۾ سينٽ سان هٻڪاريل جسم ميسر هوندا آهن، سي به پنهنجون ڇمڪندڙ موٽرون ۽ ٽانگا ترسائي، باليءَ کي پنيلائڻ لڳندا هئا، پر هوءَ جهنگلي گل هئي. جنهن به هٿ وڌايو، زخمي ٿي موٽ ڪاڏي. هوءَ آدم کان حوا جو انتقام هئي. سندس ڪم هو صبح کان شام تائين ڪارا ٿاهڻ. شام جو جڏهن ٻه ڇار ڪارا ڪٽي وڪڻڻ لاءِ نڪرندي هئي، تڏهن سڄي ڏينهن جو ٿڪ لهڻ لاءِ هوءَ پنهنجي جسم کي ڪاريهر جهڙا ڪَر ڏيندي هئي. پلا ڪير نه ڏنگجي.“ (جليل، 2012: 50)

امر جليل وٽ باليءَجو ڪردار پنهنجي انا ۾ آهي. امر جليل تعارف نهايت سهٽي اسلوب ۾ ڪرايو آهي. امر جليل ڪردار سان سڃاڻپ سهٽي انداز سان ڪرائي ٿو. سندس ڪردار پنهنجي ارادن تي اٽل آهي. ٻنهي ليکڪن وٽ عورت معصوم آهي. کهاٽي تجسس واري انداز سان اڳتي وڌي ٿي.

” سراج شاهوءَ کي ڪن ۾ چيو، ” چوري نمڪين آهي“

” قهر ڪندي بابل،“ شاهوءَ ڇپن تي زبان ڦريندي چيو، ” روهڙيءَ کي اروڙ ڪري ڇڏيندي.“

” رڳن ۾ ڪنهن نيڪ خاندان جو خون اٿس.“

” شاهوءَ ٽيڏي اک سان سراج ڏانهن ڏٺو. ٽوڪ سهي ويو. چيائين، ” پيلن، مينگهواڙن ۽ اڇوتن جي جسم ۾ وڏن وڏن شريف خاندانن جو خون هوندو آهي.“ (جليل، 2012: 51،50)

امر جليل پاڻ کي اعليٰ سمجهڻ وارن جي منهن تان اهڙي نموني نقاب لاهي ٿو، سندن عزت جي پويان لڪل ڪارناما سامهون اچن ٿا. سماج ۾ ٿيندڙ نا انصافين کي سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. باليءَ کي جهنگلي گل سان تشبيهه ڏني آهي. صدين ڪان ناسور بنيل وڏيرن جي ظلم کي نرواڪيو آهي.

علي بابا وٽ چاڳان جو ڪردار هڪ گل جي مثل آهي. جنهن جي خوشبو پوري ماحول کي واس ڏئي ٿي ۽ هڪ ڏينهن ان گل کي نپوڙيو وڃي ٿو. ان قصي کي ڪجهه هن انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. پاڳان سان جيڪو ڪجهه ٿيو اهو ساڳيو قصو سندس ڌيءَ چاڳان سان به ٿيو هوءَ سوچي ٿي ۽ ڪيس هزارين وهم ورائي وڃن ٿا.

”اي ڪدا ڪير ڪجان. . . اي ساهه لطيف ڪير ڪجان. . . اي شاباج ڪير ڪجان . . . اسين نه هندن ۾ نه مسلمانن، ڏاڍا گريب هون ڏاڍا گريب . . . پر ڪدا خير ڪو نه ڪيو، هڪ ڏينهن ٻوڙندي آئي هئي چاڳان ريهون ڪندي، هاڻُ هڪيءَ ڪان ٿي آيس: آئي . . . آئي . . . آئي. . . رانپاٽ ڪندي ڦان ٿي اچي ڪري هئس ڍڍريءَ مٿان. ماءُ جو من ڦٽڪ ڦٽڪان.
”چا ٿيو چوري ڳالهه ته ڪر، چا ٿيو . . . ڪهڙيءَ بلا ڪاڌو ٿئي. چوري، پير ته ڪو نه وڍائي آئي آهينءَ.“
اچي پڙي تي ڳاڙها چٽ، بڪين تي ڳاڙهو ڳاڙهو رت چميل.
ماءُ من ڦٽڪ ڦٽڪان.“ (علي بابا، 2007: 12،13)

علي بابا جو اسلوب ئي سندس سڃاڻپ آهي. سندس ٻولي ڪردار ۽ ماحول مطابق آهي. ڪهاڻي هيٺين طبقي جي زندگيءَ جو عڪس نظر اچي ٿو. هڪ هڪ لفظ ان طبقي جي ڏکن کي بيان ڪندي نظر اچي ٿو. ماحول ڳالهائڻ جو انداز، سندن جذبا جيڪي پاڳان سوچي ٿي نيٺ سندس وهم حقيقت بنيا، ۽ آخر ۾ ڪين سواءِ ڏکن ۽ رسواين جي ڪجهه به نصيب نٿو ٿئي.

امر جليل وٽ باليءَ جو ڪردار هونهار هئڻ سان داناءُ به آهي، پوءِ به هوءَ سماج جي ور چڙهي وڃي ٿي:

”بنا دير جي شاهوءَ باليءَ تي ائين لامارو ڏنو، جيئن باز جهرڪيءَ تي ڏيندو آهي. باليءَ کي ائين سوگهو ڪيائين، جيئن بگهڙ ڇيليءَ کي سوگهو ڪندو آهي. جهنگلي گل کي ڪنڊن سميت چيپاٽي

چڏيائين. معصوميت جي مکڙي مهٽي چڏيائين. گهايل پنڇي پرڙا هٽي ساٽو ٿي ڪري پيو.″ (جليل، 2012: 61)

ڪهاڻيءَ جو موضوع ساڳيو آهي. ٻولي هر ليکڪ وٽ پنهنجي آهي. علي بابا وٽ ڪردار جي ٻولي پيلڻ جي ڪردار جي مزاج سان ٺهڪي ٿي. امر جليل وٽ ڪردار جيئن ته محبت ڪندڙ آهن. تنهن ڪري ٻولي به سندس مزاج موافق ٿي آهي. قصي بيان ڪرڻ جو اسلوب ٻنهي وٽ منفرد آهي. انجام هڪ ئي ڳالهه تي ٿئي ٿو. امر جليل انسانن جي زندگيءَ کي عذاب ڪرڻ وارن جي چهري کي ظاهر ڪري ٿو. ڪيس هيٺين طبقي وارن سان محبت آهي. جنهن ڪري هو ساڻن ٿيل ڦهر کي بيان ڪري ٿو.

علي بابا جي ڪهاڻي ″ جانورن جي دنيا″ امر جليل جي ڪيترين ئي ڪهاڻين سان مشابهت رکي ٿي. علي بابا جي ڪهاڻي ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ آهي. ٻين ليکڪن جي ڀيٽ ۾ امر جليل ۽ علي بابا جي ڪهاڻين ۾ هڪجهڙائي آهي. موضوع ۽ اسلوب به گهڻي قدر ملندڙ آهي. سندس ڪجهه ڪهاڻيون علامتي به آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ جانورن کي انسانن سان تشبيهه ڏني وئي آهي. چڙيا گهر جي پڃرن ۾ قيد جانورن کي انسانن سان ڀيٽ ڏني وئي آهي. هيءَ ڪهاڻي سياستدانن تي تنقيد آهي. سندس اسلوب جي لاءِ هتي مثال ڏجي ٿو. ڏوهٽي کي سوال جي جواب ۾ نانو ڪجهه هن ريت چوي ٿو. پنهنجي ملڪ ۾ هاٿي سوين سالن کان پوءِ پئدا ٿيندا آهن، پر هتي جي آبهوا کين پاڻ کو نه پوي. جهٽ مريو وڃن، هاٿيءَ جي بدران هتي سوئر گهڻا پيدا ٿيندا آهن. هاٿيءَ کي بهادر ماڻهن سان تشبيهه ڏني ويئي آهي.

سندس هيءَ ڪهاڻي علامتي انداز واري آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي تشبيهه به ڏنل آهي. سندس هر ڪهاڻي پنهنجي اندر هڪ وڏو مقصد رکي ٿي. ڪيس ڪنهن خاص ڪردار يا ماحول، علائقي متاثر نه ڪيو آهي. هو هر موضوع هر انداز کي گڏ گڏ کڻي هلي ٿو. علي بابا جانورن جي دنيا ۾ لکي ٿو ته؛

″ناني مون کي بگهڙن، گدڙن، رڇ ۽ چراغ جا پڃرا ڏيکاريا ۽ چيائين، ″پٽ! هي جهنگ جا انتهائي چاپلوس، چالاڪ ۽ خوفناڪ جانور آهن. هي سدائين شينهن جي پٺيان پيرن ۽ وزيرن وانگي هلندا آهن. شينهن جتي به ڪو شڪار ڪندو آهي ته هي ان جي بچايل ڍونڍ ۽ هڏن کي اچي پاسو ڏيندا آهن.″ (علي بابا، 2007: 78)

امر جليل جي ڪهاڻي ″سنڌي گدڙ اِن (IN) اسلام آباد″ علامتي انداز واري ڪهاڻي آهي. جيڪا ڪجهه ڳالهين ۾ هن ڪهاڻيءَ سان مشابهت رکي ٿي.

”مان هونءَ ته ماڻهو آهيان، پر، ڪنهن ڪنهن وقت گدڙ ٿي پوندو آهيان. مون کي خبر آهي ته ماڻهو زندگي جي ڪنهن نه ڪنهن دور ۾، ڪو نه ڪو جانور ٿي پوندو آهي _ جهڙوڪ، لومڙ، ڏوڪو ڏيڻ لاءِ، بگهڙ، چيري ڦاڙي چٽ ڪرڻ لاءِ، گڏهه، صبر جو اعليٰ مثال پيش ڪرڻ لاءِ! تنهن ڪري ماڻهوءَ مان جانور ٿي پوڻ تي مون کي خاص اعتراض نه آهي. بس، مون کي اعتراض آهي گدڙ ٿي پوڻ تي! گدڙ به ڀلا ڪو جانور آهي! گدڙ کان بهتر آهي ته ماڻهو ٻڪري ٿي پوي.“ (جليل 2014: 128)

امر جليل علامتي اسلوب ۾ پاڻ کي گدڙ سڏي ٿو. ان زندگيءَ مان هو پاڻ بيزار آهي. امر جليل کي غلاميءَ واري زندگيءَ کان نفرت آهي. هو ان گدڙ ٿيڻ کان ٻڪر ٿيڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. علي بابا جانور جا مثال ڏيئي انسانن جي باري ۾ ٻڌايو آهي. علي بابا سماج کي جانورن جو جهنگ ٿو سڏي. ٻئي ڪهاڻيون ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ بهترين آهن. امر جليل وٽ علامتن جا ڀنڊار آهن. انهن کي جيئن وٽي استعمال ڪري ٿو.

علي بابا جي ڪهاڻي ”چنڊ ۽ ماني“ ۾ انسانيت جي حد پيش ڪئي اٿس. سندس ڪردار بک ۾ پاهه ٿيڻ کان پوءِ به پڪي ايمان وارا آهن. تمام گهٽي صبر سان مانيءَ جو انتظار ڪن ٿا. علي بابا جو ڪمال اهو آهي ته هو ڪردارن جي واتان اهڙي گفتگو ڪرائي ٿو، اها ان موقعي ۽ مهل سان ٺهڪي اچي ٿي.

”مون کي بک لڳي آهي مون ضد ڪيو. امان جون اکيون اونداهي آسمان ڏانهن کڄي ويون، چڻ هن جون نظرون ڪجهه تلاش ڪري رهيون هجن ۽ هن انتهائي پريل آواز سان چيو، ”ڏس پٽ اڄ چنڊ ڪٿي نڪتو آهي؟ پاڻ غريب آهيون. پنهنجي مانيءَ جو حساب چنڊ وانگي آهي. ڪڏهن چوٿو، ڪڏهن اڌ، ڪڏهن سڄي ته ڪڏهن آهي ئي ڪو نه.“ مون اونداهيءَ ڏانهن نهاريو ۽ ماءُ جي ڪڇ ۾ اگهور ننڊ ۾ پئجي ويس.“ (علي بابا، 2007: 30)

علي بابا جي ڪهاڻين ۾ سماج جي ڳوڙهي مطالعي جو عڪس حقيقي روپ ۾ پسجي ٿو. ان ۾ سياست، تهذيب، تاريخ، تمدن، رومانس اهم آهن. ڪهاڻي معاشي بدحالي ۽ بک ۾ پاهه ٿيندڙن جي عڪاسي ڪري ٿي. سماج جي اها تلخ حقيقت آهي. هن لکڻ کي عبادت سمجهي اهو ڪم سرانجام ڏنو آهي. علي بابا جون ڪهاڻيون سماج جي جيئرن ڪردارن جون ڪهاڻيون آهن. سندس موضوع به سماج جا عام موضوع آهن. بک ۽ بيروزگاريءَ تي امر جليل جي ڪهاڻي ” منهنجو پٽ مهدي“ آهي.

”الاءِ ڪهڙي ويل حميدان ڪٿ تان اُٿي، پريل آواز ۾ چيائين، ” ڪٿان به مون کي ٻه گرهه ماني آٽي ڏي. منهنجي ٽڃ آلي ٿئي ته مهديءَ کي ڏيان.”
ڪروڌ وچان وراڻيم، ”مان ماني ڪٿان آڻيان. انتظار ڪر، شايد تنهنجي نصيب جو داڻو پاڻي گهمندو ڦرندو اچي نڪري.”
چيائين، ”هينئر مون کان برداشت نٿو ٿئي.”
پڇيومانس، ”ڇا برداشت نٿو ٿئي ئي.”
جواب نه ڏنائين. روئي پئي.
سندس منهن مٿي ڪندي چيم، ”حميدان، اڄ ته خودڪشي ڪيون، ذلت جي زندگيءَ کان عزت جو موت بهتر آهي.”
خبر اٿئي اهو قول ڪنهن جو آهي.”
منهنجي دوست جو آهي. هن به اهي اکر پوليس اسٽيٽ جي ڪامورڪي آمريت کان بيزار ٿي چيا هئا. پڇيومانس، ”ڪهڙو خيال اٿئي. ڪيون پاڻ ٽيئي يا جماعت خودڪشي؟” (جليل، 1998: 99)

امر جليل جا ڪردار به بک بيروزگاريءَ ۾ مبتلا آهن. ٻنهي ليکڪن جا ڪردار مفلسيءَ جي حالت ۾ صابرين آهن. پيٽ ۾ بک کي صبر سان سهن ٿا. امر جليل جا ڪردار ان مشڪل گهڙيءَ ۾ خوڪشيءَ جو رستو اپنائين ٿا يا، وري بک ۾ پاهه ٿيندي ڪين صبر نٿو اچي ۽ پيٽ جي بک اجهائڻ جي لاءِ سندن ذهن ۾ عزت ۽ عصمت کي پائمال ڪرڻ جو خيال ذهن ۾ اچي ٿو.

علي بابا جي ڪهاڻيءَ ۾ جيڪا ڳالهه خاص آهي اهو سندس اسلوب ڏک ۾ هو صفا سنجيده ٿي وڃي ٿو. هزار درد سهڻ کان پوءِ به جڏهن علي بابا جو قلم پنهنجي انتها پهچي ٿو ته ان جي لاءِ لکي ٿو ته؛

”ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندو آهيان ته مان ڪهاڻي لکڻ ئي نٿو چاهيان، پوءِ به لکي ويهندو آهيان. هر واري ڪهاڻيءَ کان ڏنيجڻ کان پوءِ مان ڪهاڻيءَ سان ڪيڏندو آهيان يا ڪهاڻي مون سان ڪيڏندي آهي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪار قسم جي ڪا به شيءِ حائل ڪانهي. منهنجو ۽ ڪهاڻيءَ جو رومانس پاڻ ۾ ڪنهن به ڪاروبار يا ڪاروهنوار کان سواءِ هلندو اچي.” (علي بابا، 2007: 3)

تڏهن صدين کان هليون ايندڙ ريتون، رسمون جن عورت کي هيٺو، ڪمزور ۽لاچار بنائي هميشه ظلم جو نشانو بنايو آهي. اهڙي موضوع تي سندس ڪهاڻي ”سون ورنا سپنا ” جيڪا عورت کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ لکي آهي. علي بابا جتي ٻين موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. اتي سماج جي ڪند ذهن ڪردار وڏيري جي حرام پاين ۽ لچاين کي ڪيئن نظر انداز ڪري سگهي ٿو.

وڏيري جي نڪاح پڙهي زال جڏهن وٽس اچي ٿي ته رئيس ڪيس ڌڪاري ٿو ۽ رئيس جو پيءُ ڪيس ننڍي رئيس جي زندگيءَ مان نڪري وڃڻ لاءِ چوي ٿو ۽ ڪيس پئسا ڏئي ٿو. ان تي ڪيس چوي ٿي ته؛

> "مارل: "رئيس، پنهنجا اهي نوٽ پنهنجي تجوڙي ۾ رکي ڇڏ، ڪم اچي ويندءِ، پنهنجا ٻار ته جهرڪي به پالي ويند آهي. آءٌ ته عورت آهيان." ٻنهي ٻارن ڏي خوف مان نهاري ڪين ٻانهن ڪان جهلي، "مارل: " هلو پٽ هي ماڻهون ته ڏونگر ڪان به ڏاڍا آهن." (علي بابا، 2007: 88)

علي بابا جي ڪهاڻيءَ ۾ وڏيرن جي ظلم کي هڪ خاص اندازَ ۾ نروار ڪيو آهي. ٻين ليکڪن وانگر علي بابا وٽ به وڏيري جو ڪردار تمام گهڻو ظالم بيرحم آهي. ڪهاڻي " پڇري جا پکي" ۾ وڏيري جي ذلالت ۽ لچائي صاف نظر اچي ٿي.

> "پنجوڙ ۾ ڦاٿل شينهڻ جيان، مارل هاٿي وڏيري جي ٻازن ۾ ڦٿڪي ڦٿڪي سهڪي رهي هئي. هوءَ روئڻ ۽ اوڇنگارون ڏيڻ لڳي. " خدا جي واسطي من ڇڏين! رسول جي واسطي، وڏيرا مون بيواهيءَ تي ايڏو ظلم نه ڪر! . . .
> بڪ نه ڪر! . . . " وڏيري هڪ ئي جهٽڪي سان ڪيس ليٽائي وڌو.
> ڇڏ مئا، ڪُتا، پليت! . . . ٿُوا" هن وڏيري جي منهن ۾ ٿڪ هٽي ڪڍي." (علي بابا، 2007: 205)

صدين کان ٿيندڙ ظلم تي علي بابا پنهنجي ڪردارن کان نفرت جو اظهار ڪرائي ٿو. ڪهاڻيءَ ذريعي لکيڪ عورت جي ڪردار کي مضبوط ڪيو آهي، جيئن هو پنهنجي حق جي لاءِ آواز اُٿاري سگهي. علي بابا جا ڪردار ظلم خلاف مهاڏو اٽڪائي بيهن ٿا.

امر جليل ۽ ٻين ليکڪن وٽ وڏيري جو ڪردار ظالم آهي. هميشه هو پنهنجي طاقت تي ناز ۽ ظلم ڪندي نظر اچي ٿو. علي بابا وڏيري جي ڪردار کي پنهنجي انجام تي پهچائي ڇڏيو آهي. مارل وڏيري کي پنهنجي انجام تي پهچائي ڇڏيو. امر جليل ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ وڏيري جي چهري تان نقاب لاٿيندي نظر اچي ٿو. ڪهاڻي " هن ڇار ۾" وڏيري جي گندي ذهن کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

> " عليءَ پڇيو، " تنهنجي اوطاق ته واندي هوندي نه؟"
> "ها، واندي هوندي."
> ڪو ڪامورو ترسيل ته نه هوندو؟"
> "نه بابا سڀ ٻاهر ويل آهن." (جليل، 2012: 87)

ڪهاڻيءَ ۾ وڏيرن جي ڪرتوتن سان گڏ ڪامورن جي ڪڌن ڪمن جي به خبر پئي ٿي ته هو منهن تي عزت جو نقاب لڳائي ان جي پويان ڪهڙا نه ڪم ڪن ٿا. اڳتي وڏيري جي گندي ذهن کي هن ريت بيان ڪيو اٿس:

" عليءَ کي سڏ ڪيم. علي به منهنجي پاسي ۾ اچي ويٺو. عليءَ کي به ساڳئي حال ۾ ڏسي رن ڪان دانهن نڪري ويئي. عليءَ کان پڇيم، "اسان سنڌي آهيون، گاريون برداشت نه ڪندا آهيون، رن گاريون ٿي ڏئي ڇا؟"
عليءَ وراڻيو، "پنهنجن پرفيسرن ۽ ڪتابن کي گاريون ٿي ڏئي."
رن ڏانهن وڌندي چيم، "ٻڌائينس ڇو نه ٿو علي، ته هيءَ سنڌ، موهن جو دڙو ناهي."
(جليل، 2012: 90)

امر جليل وڏيري جي ڪردار جي ذهنيت اهڙي نموني بيان ڪئي آهي. نيٺ هو پنهنجي جاهليت تي اچي ٿو. وڏيرو جيڪو صدين کان سنڌ جي سورن جو سبب آهي. ان کي هر ليکڪ پنهنجي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. وڏيري جو ذهن عورت جي عزت تي اچي بيهي ٿو. وڏيرا ڪو به ڪم سڌو نٿا ڪن هميشه براين ۾ مبتلا رهڻ وارو وڏيرو سنڌي جي لاءِ جهڙو هڪ داغ آهي.

علي بابا عورت جي وڪامڻ جي خلاف آهي، هو ان گند مان عورت کي ڪڍڻ چاهي ٿو. سندس ڪهاڻي " سونا پڙ ۽ ڪارا جهڙ " ۾لکي ٿو ته؛

"تون ڏهن روپين جي نوٽ ۾ ڏهه پيرا ننگو ٿي سگهين ٿي، پر پورٽريٽ لاءِ ڪنهن مُلهه ڪنهن قيمت تي به نه. ان لاءِ ته تون ويچاري سڌڙي ساڌڙي سڀاجهڙي رندي آهي، توکي ڪهڙي خبر پورٽريٽ ڪهڙي بلا جو نالو آهي." (علي بابا، 2007: 95)

علي بابا جون ڪهاڻيون گهڻيون عورتن جي موضوعن تي آهن. هو عورت کي مضبوط ۽ بهادر پيش ڪرڻ گهري ٿو. علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ حقيقت پسند آهي. سندس ڪردار اهڙا به آهن، جيڪي بک پاهه ٿين ٿا. وک وک تي اذيت برداشت ڪن ٿا. سندس ڪهاڻيون جمالياتي به آهن. سندس ڪهاڻيون فڪري حوالي سان ڪيترائي سول اٿارين ٿيون. هن حساس موضوعن تي لکيو آهي. هو پيار ۽ امن جو پارکو آهي. علي بابا پنهنجي همعصرن کان ڪهاڻين جي ڪري مختلف آهن.

امر جليل جي ڪهاڻين کي سندس همعصرن جي ڪهاڻين سان ڀيٽڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هر ليکڪ جو انداز جدا آهي. هڪ ئي واقعي يا ڪردار کي هرليکڪ پنهنجي پنهنجي انداز سان پيش ڪري ٿو. مثال طور: وڏيري، پوليس واري، عورت، ڊاڪٽر، غريب عوام ظالم جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ

ڪردار هر هڪ ليکڪ ڪين پنهنجي انداز ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. توڙي جو هو هن سماج جا خاص فرد آهن. سندن ڪردارن ۾ ڪافي هڪجهڙايون به آهن، پوءِ به انهن جي ٻولي، سندن سماج ۾ ڪردار کي بهترين نموني پيش ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ ليکڪن سماج جي جيترن به مسئلن تي قلم کنيو آهي. ان ۾ هر هڪ جي پيشڪش جو انداز جدا آهي. امر جليل همعصرن کان ان ڪري به منفرد آهي، جو سندس گهڻيون ڪهاڻيو ضمير متڪلم واري انداز ۾ آهن. هر ڳالهه چڻ ساڻس گذريل واردات هجي، يا سندس اکين اڳيان ٿيندڙ ڪو حادثو هجي جنهن کي پاڻ بيان ڪندو هجي. موضوع سڀني ليکڪن وٽ ساڳيو آهي. فرق ايترو آهي، جو امر جليل ۾رندڙ مسئلن کي بيان ڪيو آهي. سندس ڪردار ۽ ٻوليءَ کي پيش ڪرڻ جو اسلوب منفرد آهي.

امر جليل جا موضوع ۽ ڪردار ٻين ليکڪن سان ملندڙ آهن. امر جليل جي اسلوب تي هاڻي سندس ڇاپ نظر اچي ٿي. امر جليل پنهنجي لکڻين جو اثر ماڻهن جي دل تي اثر پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. سندس مڪالمن ۾ هلڪو طنز، مزاح ۽ چهنڊڙيون آهن. پاڻ قول ۽ فعل جو پڪو آهي. جڏهن عام ماڻهن جي تڪليفن جو ذڪر ڪري ٿو ته پاڻ به هنن سا هڏ ڏوکي ٿي بيهي ٿو. ڪڏهن سندن ڏکن جو اکين ڏٺو گواهه آهي ته ڪڏهن هو پاڻ ان تڪليف کي ڀوڳي ٿو. ائين هر واردات سندس مٿان گذرندي نظر اچي ٿي. سندس هر موضوع هڪٻئي جي پيٽ ۾ زور آهي. سندس دليري، سچائي ۽ جرئت وارو پهلو به کيس ٻين ليکڪن کان جدا ڪري بيهاري ٿو. امر جليل وٽ طنزيه اسلوب ملي ٿو. ڇو ته سندس دل جڏهن سنڌ جا سور ڏسي پچري ٿي، تڏهن قوم کي لفظن جا تير وسائي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪرڻ گهري ٿو. وٽس ٻوليءَ جو استعمال ٻين ليکڪن کان منفرد ملي ٿو. سچ ته امر جليل سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون رنگ ڏنو آهي. ان کان ڪنهن به ليکڪ ڪثرت سان تشبيهه، استعاري جو استعمال نه ڪيو آهي. امر جليل جو علامتي اسلوب پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هو هٿ ٺوڪين روايتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪردارن جي ذريعي انسانن کي پنهنجو عڪس ڏيکاري ٿو.

## حوالا


1. آگرو، غلام رباني، 2011ع، "آب حيات: ڪهاڻي – ڪليات"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
2. آگرو، غلام رباني، 2009ع، "جمال ابڙو همعصرن اديبن جي نظر ۾"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي.
3. ابڙو، جمال، 1992ع، "ڪهاڻيون مضمون ۽ شخصيت"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي.
4. ابڙو، جمال، 2015ع، "پشو پاشا"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
5. ابڙو، طارق عالم، 2010ع، "هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 1975ع کان 2000ع"، سهيڙيندڙ، ملاح مختيار احمد، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.

6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1967ع، ”سنڌي افسانا – سنڌي ادبي اوسر“، مرتب: زبيده پير محمد شيخ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا.
7. انصاري، اسحاق، 2012ع، ”سنڌي ڪهاڻي“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي.
8. پاٽيا، لڇمڻ ڪومل، 2015ع، ”امر جليل نمبر“، سهيڙيندڙ: پروفيسر سليم ميمڻ، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
9. پيرزادو، انور، 2010ع، ”جديد سنڌي ادب“، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي.
10. پيرزادو، زرار، 2015ع، ”امر جليل نمبر“، سهيڙيندڙ: پروفيسر سليم ميمڻ، ڪاڇو پبليڪيشن، سنڌ.
11. جليل، امر 2012ع، ”دل جي دنيا“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد.
12. جليل، امر 2012ع، ”لهندڙ سج جي لام“، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي.
13. جليل، امر، 1998ع، ”ٽيون وجود“، روشني پبلڪيشن، ڪنڊيارو.
14. جليل، امر، 1999ع، ”تاريخ جو ڪفن“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
15. جليل، امر، 2010ع، ”جڏهن مان نه هوندس“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
16. جليل، امر، 2011ع، ”سرد لاش جو سفر“، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
17. جليل، امر، 2012ع، ”اندرا“، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
18. جليل، امر، 2013ع، ”سنڌو منهنجي ساهه ۾“، (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
19. جليل، امر، 2014ع، ”چنڊ وسامي ويو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيادرو.
20. جليل، امر، 2014ع، ”رني ڪوٽ جو خزانو“، روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو.
21. جليل، امر، 2014ع، ”منهنجو ڏس آسمان کان پڇو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
22. جليل، امر، 2015ع، ”امر جليل نمبر“، سهيڙيندڙ: پروفيسر سليم ميمڻ، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، سنڌ.
23. جوڻيجو. عبدالجبار، ڊاڪٽر، 2006ع، ”سنڌي ادب جي تاريخ“، (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.
24. راشدي. اڪبر، مهتاب، 2015ع، ”امر جليل نمبر“، سهيڙيندڙ: پروفيسر سليم ميمڻ، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، سنڌ.
25. راشدي، حسام الدين، 2012ع، ماهوار سنجها، مئي، جون ۽ جولاءِ.
26. سليم، آغا قزلباش، ڈاکٹر، 2000ء، ”جدید اردو افسانے کے رجحانات“، (اشاعت اول) انجمن ترقئ اردو، کراچی، پاکستان۔
27. سنڌي، يوسف، 2002ع، ”نجم عباسي فن ۽ شخصيت مطالعو“، سچائي اشاعت گهر، دڙو.
28. سنڌي، يوسف، 2011ع، ”سنڌي ادب، هڪ سو سنڌي اديبن جي سوانح ۽ ڪم جو جائزو“، سچائي اشاعت گهر، دڙو.
29. شيخ اياز، 1992ع، ”جمال ابڙو ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي.
30. شيخ، راز، عبدالرزاق، 1956ع، ”1955ع جي مختصر افسانن جو جائزو“، نئين زندگي، ڊسمبر.

31. صائب، عبدالقيوم، 1989ع، "دارون هن ديواني جو (اڀياس)"، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
32. طارق، اشرف، 1973ع، "درد جو سفر، قمر شهباز"، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
33. عباسي، نجم، ڊاڪٽر، 1986ع، " ڪهاڻيءَ جو قافلو" نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
34. عباسي، نجم، ڊاڪٽر، 2008ع، "دل وارن جي دنيا"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيار.
35. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 1982ع، "آزاديءَ کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
36. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 2003ع، " فن شخصيت ۽ انداز"، ڪتابي دنيا اشاعتاڻه، اوسر پيڙهيڪا، 8_ ميمڻ ٽائون، نزد گلستانِ سجاد، قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ.
37. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 2009ع، "سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ"، اوسر پيڙهڪا اشاعتاڻو، حيدرآباد.
38. علي بابا، 1994ع، "تنهنجيون منهنجيون ڪهاڻيون"، (ڇاپو پهريون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
39. علي بابا، 2007ع، "منهنجيون ڪهاڻيون"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
40. قادري، اياز، ڊاڪٽر، 1977ع، "بلو داد"، (ڇاپو ٻيو)، اسحاقيه پرنٽگ پريس، مڪتبه اردو بازار، ڪراچي.
41. قادري، اياز، ڊاڪٽر، 2008ع، "ڪهاڻي هر دور جي"، قادري قلم قبيلو، ڪراچي/لاڙڪاڻو.
42. ڪرل، نسيم، 2015ع، "نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون" (مرتب: دانش نواز)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
43. محبوب، ماهتاب: 1988ع، "سنڌي افسانوي ادب ۾ نسيم ڪرل جو مقام"، ٽه ماهي مهراڻ-1، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
44. مرزا، مراد علي، 1995ع، روزانه عبرت حيدرآباد، ص 2، 25 آڪٽوبر.
45. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، 2010ع، "امرجليل جي ڪهاڻين جا ڪردار، فن جي روشنيءَ ۾ سگهارن احساسن جو اڀياس"، سه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
46. ميمڻ، سراج الحق، 2009ع، "آئون به جاڳي پوندس"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي.
47. ميمڻ، سراج الحق، 2014ع، "درد ڪهاڻيون"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
48. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، 2017ع، "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ.
49. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر، 2015ع، "هوندا سي حيات"، سراج الحق ميمڻ: شخصيت ۽ علمي ادبي خدمتون، پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس، ڪراچي.

باب ڇهون

## امر جليل جي ناول ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ جي اسلوب جو اڀياس

### ناول جي ابتدا

ادب جي مڙني صنفن ۾ ناول کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ٻين ادبي صنفن وانگر ناول به زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو. ناول انساني زندگيءَ جو آئينو ڏيکاري ٿو. عام زندگيءَ ۾ ريتون، رسمون، رواج، روايتن ۽ سماج ثقافت جي قدرن کي هوبهو اسان جي سامهون پيش ڪري ٿو. ناول جو شمار افسانوي ادب ۾ ٿئي ٿو. ناول افسانوي ادب جي اهم صنف آهي.

سڀ کان پهرين مرزا قليچ بيگ به ناول لکيا. سنڌي ادب ۾ پهريون طبعزاد ناول مرزا قليچ بيگ 1888ع ۾ ”دلارام“ لکيو. سندس ٻيو ناول ”زينت“ 1890ع ۾ شايع ٿيو. مرزا صاحب جو زينت ناول سماجي حقيقتن کي بيان ڪري ٿو. مرزا صاحب هن ناول ذريعي ماڻهن کي تعليم جي اهميت ۽ خاص ڪري ڪين نياڻين جي تعليم جي اهميت کان واقف ڪرايو. سندس ناول جو اسلوب بهترين آهي. ناول ۾ ڪردار ۽ سندن مڪالما بهترين اسلوب ۾ هلن ٿا. هي ناول سماجي حقيقت نگاريءَ تي مبني آهي. مرزا صاحب جا هي طبعزاد ناول

سنڌيءَ ادب جا پهريان بهترين ناول آهن. مرزا صاحب به ڪيترائي ناول ترجمو پڻ ڪيا. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ناول جي موضوعن ۾ تبديلي آئي.

انگريزن جي دور ۾ ناول جدت پسندي، سماجي حقيقت نگاري، ترقي پسندي وارن لاڙن جي اثر هيٺ رهيو. جن ليکڪن هن دور ۾ ناول ترجمو ڪيا ۽ طبعزاد لکيا تن ۾ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪؤڙومل کلناڻي، لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، نارائڻ داس ڀمڀاڻي، گوبند مالهي، پروفيسر رام پنجواڻي، آسانند مامتوراءِ، گربخشاڻيءَ جا نالا ذڪر لائق آهن. مٿي ذڪر ڪيل اديبن مان هرهڪ جو انداز جدا ۽ موضوع زماني جي مطابق هيا. مرزا صاحب جي ترجمي توڙي طبعزاد ناولن ۾ اسلوب آسان ۽ سمجهه ۾ ايندڙ آهي. ان زماني ۾ ڪيترن ئي اديبن ناول لکيا ۽ ترجمو پڻ ڪيا.

ورهاڱي کان پهرين سنڌي ادب ۾ سڀ کان گهٽي جنهن صنف ترقي ڪئي اها ناول آهي. هن دور ۾ گجراتي، بنگالي ۽ ارود تان گهڻا ترجما ڪيا ويا. 1947ع تائين ناول ۾آزاديءَ جو موضوع گهٽو نظر اچي ٿو. ورهاڱي کان پهرين ناول جي موضوع ۾ تمام وسعت اچي چڪي هئي. ورهاڱي کان پوءِ جيئن ته هندو اديبن جو ادب ۾ گهڻو حصو هو. ورهاڱي کان پوءِ اديبن ناول جي ان سلسلي کي جاري رکيو.

ورهاڱي کان پوءِ جيڪي ناول تحرير ٿيا. انهن ۾ انگريزن جي دور واري ڳالهه نه هئي. چند ناولن کي ڇڏي ٻيا فقط هوا ۾ تير هلائڻ وانگر هئا. آزاديءَ کان پوءِ جنهن اديب ناول کي صحيح معنيٰ ۾ عروج تي پهچايو اهو محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جنهن آزاديءَ اڳ ۽ پوءِ به ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا ۽ آزاديءَ کان پوءِ به سماجي مسئلن تي ڪيترائي انقلابي ناول لکيائين. سندس ناول موضوع توڙي اسلوب جي لحاظ کان زماني جي حالتن مطابق هئا. ’سانگهڙ‘ ناول جي لاءِ ڏيپلائي صاحب لکي ٿو ته:

> ”هي منهنجو پهريون ئي اوريجنل ناول آهي، جو سنڌ جي عوامي حالات تي مشتمل آهي، ۽انهن چاليهن ڏينهن ۾ لکيل آهي، جي مون حيدرآباد جي سينٽرل جيل جي سي ڪلاس ۾ گذاريا.“ (ڏيپلائي، 1998: 17)

ڏيپلائي صاحب جو سانگهڙ ناول سنڌين جي تاريخ آهي. هن ناول ۾ اسان کي تاريخ جا اهڙا ورق ملن ٿا، جن کي پڙهي سچ ته روح ڪانڊارجي وڃي ٿو. هي ناول سنڌين جي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ آهي. هي ناول ملڪ ۾ مارشل لا واري دؤر ۾ لکيل آهي. ڏيپلائي صاحب جو اسلوب ٻولي، موضوع توڙي ڪردارن جي حوالي سان ڪٿي به ڪمزور نٿو ٿئي. پير صاحب پاڳاري جي اعلان کي هن اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي:

"اسين اوهان مان اهي شخص طلب ڪريون ٿا، جي پنهنجو سر اسان لاءِ وقف ڪن، ۽ جنهن به مهل اسين آواز ڏيون، هو يڪدم اهو پنهنجي هٿن سان لاهي ڪٽي اسان اڳيان رکن. راءِ بنجي اهو سر پنهنجي هٿن سان ڪپي ٿالهه ۾ رکي اسان کي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا؛ تن کي اسين غازي سڏيندا سون." (ڏيپلائي، 1998: 84)

حر تحريڪ جي پسمنظر ۾ لکيل هي ناول حقيقت ۾ اسان کي حرن جي مقصد کان آگاهه ٿو ڪري سندن مقصد کي انگريزن بغاوت جو ناول ڏيئي سندن مٿان ڪيترائي ظلم ڪيا. هن ناول ۾ سنڌ ۾ مارشلا وارو سمورو دور چٽو نظر اچي ٿو. وڏيرن، آفيسرن ۽ پوليس وارن کي حقيقي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. مارشل لا جي سموري وايو منڊل کي ڏيپلائي صاحب پنهنجي بهترين اسلوب جي ذريعي اعليٰ بنائي پيش ڪيو آهي. ناول ۾ اڳتي سندس اسلوب هيئن آهي:

"ته هن ٺهڪ ڏيئي چيو، "ڇا جي خاربازي، ڇا جو مڙس؟ اوهان ۾ جي اهڙي خاربازي ۽ غيرت هجي ها، ته هيءُ مُٺ جيترا انگريز ست سمنڊ پار لنگهي اوهان تي ڪيئن اچي حڪومت ڪن ها؛ چوندا آهن ته ٻني ۽ ونءِ ڪنهن پاڙئي کان ئي ڪسبي آهي، سو اوهان کان جڏهن ٻنيون پيون کسجن، تڏهن ئي چپ آهيو، ته ونين کسجڻ تي وري ڪهڙي خاربازي ڪندوُ؟
منهنجي دل کي هڪ وڏو ڌڪ لڳو. ڪيڏو نه سچ پيو چوي هيءُ جانور، ۽ ڪيڏا نه بي غيرت آهن سنڌي، جي خاموشيءَ سان سامراجين جون هيءُ سڀ ڪار گذاريون پيا برداشت ڪن." (ڏيپلائي، 1998: 179)

محمد عثمان ڏيپلائي جي اسلوب ۾ استعارو به نظر اچي ٿو. ناول شروع کان ڪري آخر تائين سهڻي اسلوب جي هڪ ئي تسلسل ۾ هلي ٿو. هر ڪردار جو پنهنجو اسلوب آهي. ناول ۾ حرن جي بهادري صاف نظر اچي ٿي. ناول شروع کان آخر تائين ڪيترين ئي واقعن تي مشتمل آهي، ڪٿي به پڙهندڙ کي بوريت جو احساس نٿو ٿئي. ناول جو ماحول ۽ ٻولي اوپري نٿي لڳي. پاڻ سچ خور آهي. پاڻ سماجي، تاريخي ۽ اسلامي مسئلن کي پنهنجي ناول جو موضوع بنايو اٿس. ناول اسلوب جو محتاج نه آهي.

ورهاڱي کان پوءِ جيئن ئي نئين ٿهيءَ جي ليکڪن سماجي مسئلن تي لکيو. انهن اديبن ناول لکيا ۽ ترجمو به ڪيا. جن ۾ هنن معاشي، تاريخي ۽ سماجي مسئلن جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا. شيخ عبدالرزاق راز "مسافر" سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخي، پسمنظر ۾ لکيو. قبول ابڙي سنڌ جي سماجي مسئلن تي ناول لکيا. جن ۾ " ٽڪندو، ڌرتيءَ جي جنگ، ڊنل اکين ۾

خواب ۽ جيون جيون سڌڪا سڌڪا″ خاص آهن. ماڻڪ جي ناول ۾ وجوديت ۽ ذهني مونجهارن جهڙا رجحان جديد لاڙن مطابق آهن. سندس ناول ″ ساهه مٿ ۾، رڃ ۽ پڙاڏا، پاتال ۾ بغاوت ۽ لڙهندڙ نسل″ اهم آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ناولن کان علاوه طبعزاد ناول لکيا ويا. معنيٰ، مقصد ۽ اسلوب جي لحاظ کان ناول نگارن پاڻ مڃرايو. انهن ۾ سراج الحق ميمڻ، آغا سليم، علي بابا ۽ امرجليل جا ناول ذڪر لائق آهن. سراج الحق ميمڻ، آغا سليم، علي بابا تاريخي ناول لکيا. هنن پراڻي تاريخ کي ناول ۾ سموهي هڪ دور جي نشاندهي ڪئي آهي. انهن ۾ تاريخ ۾ ٿيل ماڻهن سان ٿيل ويساهه گهاتين جا چٽا نقش نظراچن ٿا. جن ۾ مقصد به آهي ۽ سندن هي ناول فن توڙي اسلوب جي لحاظ کان آسمان جي بلندين کي ڇهن ٿا. ان جي لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

″موجوده سنڌي ناول نگارن ۾ ٽي اهڙا آهن، جيڪي دنيا جي ناول جي روايت سان پورا بيهي سگهن ٿا. آغا سليم، علي بابا ۽ سراج الحق ۾ اهي صلاحيتون موجود آهن.″ (جوڻيجو، 2010: 91)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي راءِ امر جليل جي ناول نيٺ گونگي ڳالهايو ناول کان اڳ جي آهي. تنهن ڪري هنن ٽن جي صف ۾ امر جليل جي ناول کي به ضرور شمار ڪرڻ گهرجي، جو سندس ناول هر فني خوبيءَ سان ٽمٽار آهي. هڪ نئين روايت کي قائم ڪندي هي ناول نهايت سهڻي اسلوب ۾ تحرير ٿيل آهي. ضمير متڪلم جي انداز ۾ لکيل هن ناول ۾ هلندڙ وقت جي عڪاسي ڪندي چڻ ليکڪ جي پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي.

سراج الحق ميمڻ کي ٻوليءَ سان تمام گهڻو لڳاءُ هو. هن پنهنجي سموري زندگي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ۾ گذاري پاڻ تاريخ جو گهرو اڀياس ڪيائين ۽ سنڌ جي تاريخ کي ناولن جي ذريعي عوام تائين پهچائڻ ۾ بهترين ڪردار ادا ڪيائين. پاڻ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور جي ظلم ۽ ڏاڍاين ناول جي ذريعي اسان تائين پهچايو آهي. سندس پهريون ناول ″ پڙاڏو سوئي سڏ″ 1970ع ۾ لکيائين. ناول جو ماحول، پلاٽ، ڪردار سندن مڪالما، بهادري ۽ سهڻي اسلوب ۾ بيان ڪيل آهن.

″سنڌين جو رت پاڻيءَ وانگر وهي رهيو هو؛ سنڌين جون لچون وچ شهر ۾ لٽجي رهيون هيون. ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ محلي ۾ جي سنڌين مقابلو ٿي ڪيو ته انهن گهرن کا باهيون ٿي ڏنائون. مرزا باقي چڻ ته چتي ڪتي وانگر چڪ وجهي رهيو هو. رڳو پنهنجي چتي رت تي سنڌين جي رت سان چندي وجهڻ لاءِ، سنڌي محلن ۾ مست هاٿي هڪلائي ڇڏيائين؛ ۽ ڪيترا سنڌي ٻار ٻچا، ننڍا وڏا، انهن جي پيرن ۾ چيپاڃي چچرجي ويا هئا.″ (ميمڻ، 2013: 135)

ناول ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ظلم جي داستانن کي سراج الحق خوبصورت اسلوب جي ذريعي ناول بهترين بڻايو آهي. هڪ دور جي هر واقعي ۽ هر ظلم کي سهڻي نموني پيش ڪيو آهي. هن ناول جي سڀ کان وڏ اها خوبي آهي ته ماحول مڪالما ڪردار ناول نگار اهڙي انداز سان پيش ڪيا آهن. سراج صاحب تشبيهه جي ذريعي ناول کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. جو ڄڻ اهي منظر ۽ ڪردار اکين جي سامهون اچيو وڃن. ٻولي آسان استعمال ڪيل آهي. ناول جي ذريعي هڪ دور جيئرو جاڳندو اسان جي سامهون اچي بيٺو آهي. ناول جو اسلوب خوبصورت هئڻ سان گڏ ڄڻ زبان جو طوفان آهي. سندس ناول ” مرڻ مون سين آءُ، پياسي ڌرتي رمندا بادل“ هن ئي سلسلي جا ناول آهن. ” منهنجي دنيا هيڪل وياڪل، تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول، تاريخي جنگ، پيار ڪهاڻي، منهنجي دنيا مرگهه ترشنا“ سراج الحق جا ناول مقصد ۽ موضوع جي لحاظ کان هڪ جدا حيثيت رکن ٿا. سراج جي اسلوب لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

”سراج کي هڪ پنهنجو اسلوب ۽ انداز بيان آهي“ (جواڻيجو، 2006: 44)

سچ ته هن ناول جا ڪردار سوڀل، سنگهار، جانڻ، دادن جا ڪردار سچ ته جوڌا جوان آهن. هر وقت سنڌ تان سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ۽ ٻي ٻاڪ آهن. اهي ڪردار ڄڻ ايندڙ نسلن لاءِ مثال آهن. جن جي بهادريءَ کي ڏسي نوجوان به وطن تي ساهه صدقو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. نهايت ئي اثرائتن لفظن جي ذريعي خوبصورت اسلوب سان آخر تائين ناول جي پڄاڻي ٿئي ٿي. مختلف دورن ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ظلم کي سراج پنهنجي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته هو تاريخ جي ڳالهه ڪري ٿو. امرجليل به سنڌ سان ڪيل ويل ۽ سورن کي بيان ڪيو آهي. فرق فقط ڳالهه جو ۽ ان کي بيان ڪرڻ جو آهي. سنڌين سان ظلم جي ڪهاڻي امر جليل ڪجهه هن ريت پيش ڪري ٿو:

”منهنجو ديس ڪٿي آهي! منهنجو وطن ڪٿي آهي؟ هيءُ منهنجو وطن آهي، ته پوءِ مان پنهنجي وطن ۾ جلاوطن آهيان؟ هيءُ منهنجو ڪهڙي قسم جو وطن آهي، جنهن ۾ سياسي، سماجي، ۽ اعليٰ رتبن تي قابض ڪوريئڙن جي ڄار ۾ ڦاسي پيو آهيان. مان پنهنجي جيئندان لاءِ ڦٿڪي رهيو آهيان. اسلام آباد جو هيءُ هيڏو سارو شهر منهنجي لاءِ قبرستان ڇو ٿي پيو آهي!.“ (جليل، 2010: 68)

امر جليل جو ناول هلندڙ وقت جي سياسي ۽ سماجي موضوع تي مبني آهي. تنهڪري سندس اسلوب به ان دور ۽ سندس شخصيت جي مطابق آهي. سنڌين سان ٻئي صوبي ۾ ٿيندڙ ظلم کي نهايت باريڪ بينيءَ سان پيش ڪيو

آهي. هڪ ئي ملڪ ۾ ڪنهن قوم سان ايتري نا انصافي حقيقت ۾ حيران ڪندڙ آهي. وري به ڳالهه اتي اچي ٿي ته هر ليکڪ وٽ پنهنجو اسلوب آهي. سراج تاريخ جي ظلم جي تصوير چٽي آهي. امر جليل هلندڙ دور جي عڪاسي ڪندي ان کي نروار ڪيو آهي.

هن دور ۾ آغا سليم به سنڌي ادب کي بهترين ناول ڏنا. سندس پهريون ناولن "روشنيءَ جي تلاش، اڻ پورو انسان، اونداهي ڌرتي روشن هٿ ۽ هم اوست شامل آهن. آغا سليم پنهنجي دور جي اديبن کان جدا اسلوب رکي ٿو. سندس ناول "اونداهي ڌرتي روش هٿ" مختلف دورن جي ترجماني اهڙي انداز سان بيان ڪئي آهي. جڻ هڪ دور جو ٻئي دور سان گهرو ڳانڍاپو هجي. هي ناول شروعات موهن جي دڙي کان ٿئي ٿي. ٻيو دور سومرن، ٽالپرن، انگريزن ۽ پاڪستان جي آزاديءَ تائين واري سلسلي کي پاڻ ۾ ملائيندو اچي ٿو. آغا سليم جي ناول جي مقصديت کي بيان ڪندي اڪبر لغاري لکي ٿو ته؛

> "اونداهي ڌرتي روشن هٿ، هي ناول سنڌي جي تاريخ جي مختلف دورن مان گذرندڙ سچائي جي سفر جو لازوال داستان آهي. سندس ٻولي، اسلوب، مهذب انداز واقعن جو تسلسل ۽ ڪردارن جي نفسياتي ڪشمڪش پڙهندڙ کي مڪمل طرح سان پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏي ٿي. موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جيڪو سفر طئه ڪيو آهي، آغا صاحب ان کي ڪمال فنڪاري سان ناول جو روپ ڏيئي، اسان کي پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب کان پوري ريت آگاهه ڪيو آهي." (لغاري.2010: 95)

مختلف دورن ۾ سارنگ، سنڌو ۽ ماڻڪ جا ڪردار جنم وٺن ٿا ۽ هر دور پنهنجي قابليت تي پنهنجا فرض نڀائيندي نظر اچن ٿا. اونداهي ڌرتي روشن هٿ ناول جو پهريون حصو جيڪو موهن جي دڙي جي عڪاسي ڪري ٿو. آغا سليم وٽ پنهنجو ڏانءُ ۽ فن آهي. وطن سان محبت جو اندازو سندس ناول مان لڳائي سگهجي ٿو. پاڻ حقيقت پسند ليکڪ آهي. پاڻ سنڌ جي تاريخ کي هڪ نئين انداز سان دورن ۾ ورهائي بيان ڪيو اٿس. سندس ناولن ۾ جديديت آهي. وٽس رومانويت به آهي. ناول جي آخري حصي ۾ ڪجهه هن اسلوب ۾ سنڌ جي سورن کي بيان ڪري ٿو.

> "سنڌ سمنڊ وانگر اڇلي، ڇوليون ڇوهه ۾ اڳتي وڌيون، پر پٿريلن ڪنارن سان ٽڪرائجي پاش پاش ٿي ويون. معاهدو ڪيو ويو ۽ انگريزي فوج سنڌ کي لتاڙيندي، چيپاٽيندي، اڳتي وڌي وئي. ماڻهون ماٺ هئا. سنڌ سانت هئي." (آغا، 2014: 99)

آغا سليم وٽ لفظن جو درياءُ آهي. هو موقعي ۽ مهل سان سندن استعمال ڄاڻي ٿو. آغا سليم جو فن سندس لفظن مان جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿو. سندس اسلوب ئي کيس ٻين ليکڪن کان جدا ڪري ٿو. اسلوب جي ڪري ئي سندس ناولن کي بيحد پسند ڪيو ويو ٿو. ناول جي ٻولي هجي، منظرنگاري يا ڪردار آغا سليم پنهنجي اسلوب سان انهن کي تخليق ڪري ٿو. ناول جي ڪهاڻيءَ کي تشبيهه جي ذريعي اڳتي وڌائي، ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪئي آهي. تنهنڪري ناول کي بهترين ناولن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس ڪردار عام ماڻهون آهن. پر اسلوب جي ڪري خاص بڻجيو وڃن. آغا سليم وٽ ٻولي نج آهي. پڙهڻ وقت تاريخ جي ڇٽي تصوير اسان جي سامهون اچي ٿي. آغا سليم جو ناول موهن جي دڙي واري دور کان موجوده دور تائين سنڌ جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. امر جليل جو ناول سنڌ جي موجوده حالت کي نهايت  سهڻي اسلوب ۾ بيان ڪري ٿو.

> ”چيم، ”رڻ ۾ راهون گم ٿي وينديو آهن. مسافر اڃ وگهي رڃ پٺيان ڊوڙندي، اجل جي ور چڙهي ويندو آهي. مان رڻ ۾ ڊوڙي رهيو آهيان. تون ڇا ٿو سمجهين سنڌ آزاد قبائل آهي!“ (جليل، 2010: 76)

هنن ناولن ۾ موضوع سنڌ ئي آهي. پر هر دور ۾ سنڌ جي مسئلن تان پردو کنيو ويو آهي. آغا سليم وانگي امر جليل به نج ٻولي استعمال ڪئي آهي. وٽس بيان ڪرڻ جو اسلوب به پنهنجو آهي. هو ڳالهين ڳالهين ۾ سنڌ جي سورن کي بيان ڪري وڃي ٿو. امرجليل وٽ تشبيهه، استعاري ۽ علامت جو استعمال گهڻي انداز ۾ نظر اچي ٿو. هلندڙ وقت جي سچائيءَ کي بيان ڪرڻ جو مثال ٻرندڙ باهه ۾ هٿ وجهڻ برابر هوندو آهي. امر جليل هلندڙ وقت جي سچائيءَ کي بيباڪيءَ سان پيش ڪيو آهي.

علي بابا به هن سلسلي ۾ هڪ تاريخي ناول لکيو. جنهن ۾ هن موهن جي دڙي جو ذڪر ڪيو آهي. سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي تاريخ کي ناول جي ذريعي اسان کان واقف ڪرايو آهي. هي ناول هڪ حصي تي مشتمل آهي. ناول جي ڪهاڻي سبنارا، سونيماڻي ۽ آرين تي مشتمل آهي. سونيماڻي قبيلي جو آتم تارا سنبارا قبيلي جي شيوا سان شادي ڪري ٿو ۽ ٻئي قبيلا امن سان رهن ٿا. آريا زبردستي سندن قبيلي تي قبضو ڪن ٿا. ۽ سونيماڻي قبيلي جا ماڻهو سندن ظلم خلاف آواز اٿارين ٿا. سموري قصي کي ڪجهه هن ريت بيان ڪيو آهي:

> ”آريا سردار وائڙا هئا. ڪڏهن سونيماڻيءَ جي ڪٽڪ ڏانهن ٿي نهاريائون، ته ڪڏهن ٽامي جي ويندڙ هوڙهن ڏانهن. سندن ڪيهر شينهن جهڙين اکين ۾ اُڏڪو هو.“ (علي بابا، 2008: 102)

شروع کان ڪري آخر تائين هڪ ئي تسلسل ۾ قصو هلي ٿو، ۽ سموري ناول جي وايو منڊل ۾ علي بابا جا لفظ چڱ لفظن کي سهڻن موتين جي مالها وانگر پيش ڪيو آهي. سندس لفظ ڪٿي ڪٿي اڙانگا آهن. پر اهي موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا.

”ان ويل رات جي نوائيءَ ۾، چاراُماڙيون، چپر ڪٽ وانگي، وسنديءَ جي سنسان گهٽين مان، ٿانڊاٽي جيان روشنيءَ جا ترورا ڦهلائيندیون، پوچا گهر ڏانهن وڌي رهيون هيون. اهي چارئي اماڙيون ڪير جهڙن اچن وڳن ۾ ويڙهيل ديوداسين جي هٿن ۾ هيون.“ (علي بابا، 2008: 36)

جڏهن ڳالهه ڪجي علي بابا جي اسلوب جي ته هو اسلوب ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. پوچا ڪرڻ ۽ سندس ريتن، رسمن کي نهايت سهڻي اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. ناول کي پڙهڻ سان حقيقت ۾ ٻه موهن جي دڙي واري دور جو انداز ٿئي ٿو ۽ ان دور جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ مسئلن کان پڙهندڙن ڪيتري حد تائين واقف ٿي وڃي ٿو. وٽس ڳالهه کي پيش ڪرڻ جو انداز پنهنجو آهي. موهن جي دڙي جي تاريخ کي پيش ڪندي ناول جا ڪردار ۽ سندن ٻولي ان دور جي چٽي عڪاسي ڪري ٿي. ناول جا ڪردار، ٻولي، منظر نگاري الگ اسلوب ۾ پيش ڪيا آهن. ناول جي قصي کي خوبصورت منظرنگاريءَ واري اسلوب ۾ پيش ڪيو آهي. سموري ناول ۾ سندس اسلوب ڪردارن ۽ ماحول جي مطابق آهي. علي بابا تاريخ کي بيان ڪرڻ جي لاءِ ٻه تشبيهه ۽ استعاري جي ذريعي ٻوليءَ ۾ وسعت آندي آهي. امر جليل جي سموري افسانوي ادب ۾ تشبيهه ۽ استعاري جو استعمال آهي. شايد امر جليل کي ان اسلوب جي ذريعي پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ ۾آساني ٿئي ٿي. تنهن ڪري ئي سندس اسلوب هڪ منفرد انداز ۾ آهي.

”وراٽيم، “ها، بگهڙن سان جن جون زبانون لڙڪندڙ ۽ اکيون ٽانڊڻ جهڙيون، ۽ ڏند رت هاڻا هئا.“ (جليل، 2010: 167)

امر جليل اسلوب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. چو ته وٽس ٻوليءَ جو خزانو آهي. جنهن کي هو پنهنجي ضرورت وقت استعمال ڪري ٿو. وٽس لفظن کي استعمال ڪرڻ جو فن آهي. امر جليل وٽ مڪالمن کي استعمال ڪرڻ جو فن آهي. امر جليل سادي ٻولي استعمال ڪندي استعارن ۽ تشبيهن کان مطلب مطابق ڪم وٺي ٿو. سموري ناول ۾ اردگرد جي ماحول کي نهايت خوبصورت اسلوب جي ذريعي پيش ڪيو آهي. سمورو ناول هن ئي اسلوب جي ذريعي اڳتي وڌي ٿو:

“چيم، “سسٽر مون کي لڳي ٿو، اسان جو معاشرو بگهڙن جو معاشرو آهي. خونخوار بگهڙ اسان سيني کي چيري ڦاڙي ڇڏيندا، ۽ معاشري ۾ مستحڪم ٿي ويندا.” (جليل، 2010: 167)

امر جليل جو ناول پنهنجي وقت جي حقيقت کي بيان ڪري ٿو. ناول هڪ دور جي تلخ حقيقت تاريخ آهي. امرجليل جي هن ناول ۾ڪردار همت وارا ۽ بهادر آهن. هر هڪ ڪردار پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ پر عزم آهي. امر جليل جو هي ناول ٽيڪنيڪ جي حوالي سان جدت جو حامي آهي. امر جليل هميشه هنگامي حالتن جي مطابق لکيو آهي. علي بابا جو ناول تاريخ تي آهي. تنهن ڪري ان جي اهميت کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي.

غلام نبي مغل جا ناول “دونهاٽيل راتيون ۽ رولاڪ، مون کي ساهه کڻڻ ڏيو ۽ عورت ۽ پيار” جنسي مسئلن تي آهن. مغل گهڻو جنسي ۽ سماجي مسئلن تي لکيو آهي. ڪهاڻين جيان مغل جي ناولن جو موضوع به سنڌ جا مسئلا آهن. سنڌ جي تاريخ ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ ۽ جنسي موضوع تي سندس ناول آهن. “ مون کي ساهه کڻڻ ڏيو ” ناول سنڌ ۾ موجود ڪارو ڪاريءَ جي رسم تي لکيل آهي. ناول جي سموري ڪهاڻي هڪ مرد ۽ عورت جي قتل تي مشتمل آهي. ان قصي ۾ مغل دنيا جي عورتن جا تاريخي قصا به بيان ڪيا آهن.

“سنڌي جهنگلي آهن.” بدر چيو “ڪين ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو ڪو قدر ڪونهي. پاڻ ته وڃي سڪيا ٿيا، جيل ويا. مفت جو رهڻ ۽ مفت جو ڪائڻ. هوڏانهن موتين جهڙي ڇوڪري مارجي ويئي. قانون کي ڇا ٿيو آهي.”
“هاڻ اصل ڳالهه ڪئي اٿئي ته قانون ئي ڪمزور آهي.” (مغل، 2001: 48)

سمورو ناول سونا ۽ سندس مڙس محمد عليءَ جي ڪهاڻيءَ تي مشتمل آهي. پسند جي شاديءَ جي ڪيتري نه سنگين سزا ملي ٿي. مغل جو اسلوب سادو آهي. سندس ٻولي رومانٽيڪ آهي، هو ماحول مطابق ٻوليءَ جو استعمال ڄاڻي ٿو. سونا جو ڪردار جيڪي مڪالما ڳالهائي ٿي. اهي سندس طبعيت جي عين مطابق آهن. مغل قانون کي ننديو ٿو. ملڪ جي قانون کي سمورو ڏوهه ٿو ڏي نه ته اهڙا واقعا نه ٿين. ناول کي اڳتي وڌائيندي ريتن ۽ رسمن کي به ننديو ٿو.

“اسان جا رواج اسان جون روايتون صدين کان اسان لاءِ قرآن ۽ بائيبل وانگر آهن.”
“رواج ڪنهن ٺاهيا آهن ”
“اسان جي وڏن . . .

”ته پوءِ هاڻ وڏا ويهي رواجن ۽ روايتن ۾ ترميم يا ڦير ڦار ڪري سگهن ٿا.“
”رواج ۽ روايت اٽل هوندي آهي. اُن ۾ هير ڦير جو حق ڪنهن کي به نه هوندو آهي. خاص ڪري جڏهن عورت جو پير ٿڙي ۽ هوءَ عزت جي پيچري تان لهي وڃي.“
”مرد ڪيترا پيچرا بدلائيندا آهن.“
”سائين هيءَ دنيا مردن جي آهي. مان ڪڏهن به نه چاهيندس ته منهنجي ماءُ يا ڀيڻ عزت جو رستو ڇڏي بديءَ واري رستي تي هلن.“ (مغل، 2001: 50)

مغل جو ناول بظاهر جنسي پر هڪ اهم نازڪ معاملي تي آهي. هڪ قصي جي پسمنظر ۾ پاڻ سنڌ ۾ دنيا جي چند عورتن جي ڳالهه ۾ ساڻن پيش ايندڙ مسئلن تان پردو سهڻي نموني کنيو آهي. هو صدين کان جاري روايتن مان هاڻ بيزار آهي. جن کي اسان پاڻ تي هاو ي ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي سماج ۾ عورت تي پابندين جي خلاف آهي. سنڌ جي وڏيرن جي حقيقت کي هن اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي.

”خان تو منهنجي ڳالهه ٻُڌي؟“ گلان کي فڪري ٿي پيو. ”جيڪو مون کي ڪرڻو هو سو مون ڪيو.“ خان ٿورو سهڪندي چيو. ”باقي ڇا ٿيندو؟ آسمان ڪرندو؟ ڪرڻ ڏي. خدائي پنهنجي آهي! تون خان جي دنيا ۾ آهين. ڪنهن پاڙئي پُٽي جي ور ڪو نه چڙهي آهين.“ (مغل، 2001: 140)

سونا ۽ گلان جيترين ڪيئي عورتون ڪارو ڪاري رسم جي ور چڙهي وڃن ٿيون. مغل وٽ موضوع ۽ اسلوب جدا آهي. سندس اسلوب ڪردارن جي سُڃاڻ سان ٺهڪي اچي ٿو. تشبيهه جو استعمال به وٽس آهي. غلام نبي مغل ڳالهه کي لڪائي نٿو. هو سڌو سنئون قصي کي بيان ڪري ٿو. سندس ناول ضمير متڪلم واري اسلوب ۾ لکيل آهي. ليکڪ پاڻ قصي جو اکين ڏٺو گواهه آهي. سندس اسلوب سولو آهي. جنهن کي پڙهندي ڪٿي به بوريت جو احساس نٿو ٿئي. سندس اسلوب پڙهندڙ جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال سماج جي باري ۾ اُٿاري ٿو. ملڪ آگاڻيءَ جو ناول ” نيروليءَ جو ڪن“ سنڌي سماج، سنڌي قوم جي زندگيءَ جي عڪاسي ۽ سنڌ جي سياست کي پيش ڪيو آهي. ڪيترن ئي اديبن ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا. هن دور ۾ سنڌي قوم جي جدوجهد تي ناول لکيا ويا. جن ۾ عوام جي مسئلن ڏک درد تڪليفن کي ناولن جي صورت ۾ عوام جي سامهون آندو. ڏتڙيل هاري ۽ خاص ڪري ابوجهه ڳوناڻا جيڪي صدين کان ظلم جو شڪار آهن. انهن جي مسئلن کي سهڻي اسلوب سان ناولن جي ذريعي پيش ڪيو ويو. اهڙن ناولن ۾ محمد عثما ڏيپلائي جو ناول ”سانگهڙ“ سراج الحق ميمڻ جو ” پڙاڏو

سوئي سڌ″ علي بابا جو ناول ″ موهن جو دڙو″ آغا سليم جو ″اونداهي ڌرتي روشن هٿ″ ماڻڪ جو ″لڙهندڙ نسل″ شامل آهن.

**ناول ′نيٺ گونگي ڳالهايو′ ۾ اسلوب جو جائزو**

امر جليل پنهنجي پڙهندڙن جي لاءِ ڪهاڻيون، ڊراما، ڪالم، ناول جيڪي تخليقون تحرير ڪيون آهن. سندس هر تحرير ۾ فن اعليٰ نموني جو آهي. پاڻ پڙهندڙن کي پراڻي فڪر، فن ۽ روايتي انداز مان ڪڍي، هڪ نئين فڪر ۽ فن جي انداز سان پڙهندڙن کي سوچڻ ۽ اڳتي وڌڻ جا نوان لاڙا ڏنا. سندس وڏي خوبي اها به آهي، ته هو فني حوالي سان هڪ مخصوص اسلوب نٿو رکي مواد ۽ موضوع مطابق سندس اسلوب ۾ تبديلي اچي ٿي. اسلوب بيان ۾ هو پنهنجو مثال پاڻ آهي. شروع کان آخر تائين سندس فن ناول جي ڪهاڻيءَ جي جان آهي. سندس ناول جو فن اعليٰ آهي. شروع کان آخر تائين پڙهندڙ کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي هلي ٿو. جيئن جيئن ناول اڳتي ٿو وڌي تيئن منجهس دلچسپي وڌندي وڃي ٿي.

امر جليل جو فن ئي آهي. جنهن جي ذريعي هن موضوع، توڙي ڪردار اهڙا تخليق ڪيا آهن. جيڪي ٻين ليکڪن کان بلڪل جدا آهن. سندس ناول جو فن گهڻي قدر سگهارو آهي. مارشلا ۽ افغانستان جي جنگ دوران جيڪو سنڌ نقصان ڏيو. ان جي نشاندهي ڪئي آهي. سندس فن هميشه سنئون سپاٽو رهيو آهي. ناول ۾ جوڳيءَ جي ڪردار سان جيڪو واقعو گذري ٿو، اهڙي خوف ۽ هراس ۾ سندس ڏينهن ۽ راتيون ڪيئن گذرن ٿا، سندس احساس ۽ جذبا ڪهڙي طرح ڇٽرون ڏين ٿا. ان نفسياتي ڪيفيت جو اظهار ڪردارن جي زباني ڪيو آهي. ناول نگار پسمنظر ۽ ماحول کي واضح ڪرڻ جو ڪم به ڪردار کان ورتو آهي. سندس ناول فن ۽ فڪر جي لحاظ کان معياري آهي. سندس فني عظمت کي هاڻي هرڪو تسليم ڪري ٿو. ٿورن لفظن ۾ پنهنجو مفهوم بيان ڪرڻ جو ڏانءُ ڪيس ايندو آهي. جنهن جي ذريعي هو سخت ڏک ۽ سچ کي وڏي مهارت سان قلمبند ڪيو آهي. پنهنجي گهري سوچ، تيز مشاهدي سان زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو اپياس ڪيو آهي. زندگيءَ جي ڏار ڏار واقعن تي گهري نظر رکي انهن کي ڪهاڻين جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. هن ناول ۾ امر جليل پنهنجي واقعانگاري، ماحول، منظرڪشي، مڪالما ۽ ڪردار تخليق ڪرڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي. سندس تخليق جو انداز منفرد آهي. سندس ڪهاڻي مقصد واري آهي. هن ناول ۾ سندس نظريو سنڌ سان ٿيندڙ نا انصافي ۽ سازشن کي نروار ڪيو آهي. ناول جو مرڪز سنڌ ۽ سنڌي آهن. پاڻ فن جي لاءِ ڪيترائي تجربا ڪيا آهن. پلاٽ جو تاڃي پيٽو ماحول سان اٽيل آهي. جيڪو پوري طور فنڪار جي ٻي وسي ۽ تجربي جو جز بنيل آهي. ائين معلوم ٿئي ٿو ته رياست جي معاملن کي محسوس نه ڪيو آهي، بلڪ ڇهيو آهي. وٽس نامرادي ۽ مايوسي جو ذڪر اهڙي فڪري انداز جي لحاظ کان منفي طور

استعمال نه ڪيو اٿس. هو سخت حالتن ۾ به زندگيءَ جو راهون تلاش ڪرڻ سيکاري ٿو. سنڌين سان ٿيندڙ هاڃن ڪي ۽ سماج جي حقيقت پنهنجي فن جي ذريعي هن ريت پيش ڪيو آهي.

> ”دهشتگرديءَ جي الزام ۾ پوليس ۽ خفيه ايجنسيون چونڊي چونڊي ماڻهن نشانو ڪري رهيون هيون. اصل دهشتگرد ته ڪين هٿ نه پئي آيا. ڪين هٿ آيا پئي مون جهڙا ۽ گلاب گونگي جهڙا مولائي اسان جهڙن جي بليڪ ميلنگ جي ڊپ کان حڪومت وٽ نه هو داد ۽ نه فرياد.“ (جليل، 2010: 257)

هتي ڪردار جي بيوسي، لاچاري، مجبوري، مفلسي ڪر کنيل نظر اچي ٿي. پنهنجي گهري مشاهدي سان سماج ۾ جيڪو ڪجهه ڏٺو آهي، ان کي پڙهندڙن لاءِ قلم بند ڪيو آهي. ناول جي فن جي ذريعي ئي پنهنجي نظريات جو اظهار ڪيو اٿس. هن رواجي ۽ حقيقي زندگيءَ جي واقعن ۾ پنهنجي فن جي ذريعي شوخي پيدا ڪري ناول کي بيحد خوبصورت بنايو آهي. پاڻ خارجي زندگيءَ بدران وارداتن ۽ ڪيفيتن ۾ لهي ويو آهي. ڪنهن به واقعي تي باريڪ بيني سان سوچڻ ۽ پنهنجي صلاحيت مطابق ان کي نئين انداز سان تحرير ڪرڻ کي ئي فن چئبو آهي. امر جليل جو فن هميشه کان سنئون سولو رهيو آهي، ۽ ڪنهن به قسم جي پيچيدگيءَ کان آجو آهي. ڪٿي اشارن ۾ نئون اسلوب اختيار ڪيو آهي. ناول شروع ڪرڻ سان ئي پڙهندڙ جي دلچسپي وڌندي وڃي ٿي.حقيقت نگاريءَ، منظرنگاريءَ سان گڏ کيس ڪردارنگاريءَ جو به ڍنگ اچي ٿو. افسانوي ادب لاءِ تجربي ۽ گهري مشاهدي جوهئڻ لازمي آهي. ان ڪري سندس تحرير ۾ جان اچي ٿي، سندس تحرير ڪامياب ۽ اثرائتي ٿئي ٿي. ليڪ ان ۾ پنهنجي فن سان رنگ پريندو آهي.

ناول اهم  موضوع تي آهي. رياست جو سنڌي ماڻهن تي ظلم پيرائتي انداز ۾ بيان ڪيل آهي. سنڌي پنهنجي مائٽ کي ڳولڻ لاءِ سنڌ مان اسلام آباد ويا. انهن مظلوم سنڌين کي دهشتگرد ۽ انڊيا جو ايجنٽ ڄاڻائي گلاب گونگي کي لاڪپ ڪيو ۽ جوڳيءَ کي شڪارين وانگر اسلام آباد جي شهر ۾ ڳوليندا وتن ٿا. ڪين اخبارن جي ذريعي ملڪ ۾ ڏڦيڙ ڦهلائيندڙ ۽ دهشتگرد قرار ڏين ٿا. هي ناول موضوع جي حساب سان اعليٰ معياري تخليق آهي. ڪهاڻيءَ جي تسلسل سان ڪهاڻي هلندي رهي ٿي. افغانستان ۽ روس جي جنگ ۽ سنڌ جي خلاف ٿيندڙ سازشن جي باري ۾ سنڌين کي آگاهي ڏني آهي. سنڌين کي غفلت مان ڪڍڻ گهري ٿو. هي ناول سنڌ جي جيئري جاڳندي تاريخ آهي. ڪنهن به تحريري فن جي معيار کي پرکڻ لاءِ سندس تخليق کي ان جي جزن جي ذريعي نروار ڪري سگهجي ٿو. امر جليل جي ناول کي پلاٽ، ڪردار، منظرنگاري، مڪالما، اسلوب بيان جي آڌار تي سندس فن کي پرکي سگهنداسين.

هن ناول جي پلاٽ کي امر جليل واقعن کان وڌيڪ ڪردارن جي ذريعي ئي ڪامياب بنايو آهي. ناول کي بابن ۾ نه ورهايو ويو آهي. شروع کان آخر تائين ساڳئي انداز ۾ ناول هلي ٿو. پلاٽ کان وڌيڪ ليکڪ مڪالمن تي گھڻو زور ڏنو آهي. ناول ۾ اسلوب بيان تي گھڻو ڌيان آهي. ڳالهه کي سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. ناول جي ڪهاڻي ٻن مُک ڪردارن جي گرد ڦري ٿو. انهن سان پيش ايندڙ واقعن ۽ وارداتن کي بيان ڪيو آهي. ان ڪردار سان ٻيا ڪردار جڙيل آهن. سادو پلاٽ آهي. ناول جو موضوع عام نه آهي. ناول ۾ سياسي ادارن، ايجنسين ۽ افغانستان جي پسمنظر ۾ ڳجهين ڳالهين تان پردو کنيل آهي. جيڪي ناول جي اڳتي وڌڻ سان ئي کلنديون وڃن ٿيون. مطلب سمورو ناول رازداريءَ سان هلندو رهي ٿو. ناول جو مرڪزي ڪردار ڪٿي به زماني جي تڪليفن ۾ اچي جهڪي نٿو.

شروعات کان آخر تائين ناول جي مرڪزي ڪردار جوڳيءَ کي جيڪي مشڪلاتون پيش اچن ٿيون. انهن کي نهايت خوش اسلوبيءَ سان پيش ڪيو آهي. جوڳي جي سوچ ۽ سندس ٻين ماڻهن لاءِ نظريا هو هميشه تجسس ۾ رهي ٿو. پاڻ کان سوال ڪري ٿو ان جو جواب به پاڻ ئي ڏئي ٿو. هلندڙ وقت جي واقعن کان علاوه ليکڪ تاريخ ۾ پيش ايندڙ واقعن جو به ذڪر ڪيو آهي. محمد عالمو ڪوسو ڌاڙيل ڪيئن بنيو ان واقعي کي پيش ڪيو آهي. مراد ٿاٿاري جو ذڪر ڪندي سندس ڳوٺ واري زندگيءَ بهترين نموني پيش ڪيو آهي. ڪشمير خان ۽ دلبر خان جو ڊاڪٽر امان الله سان تعلق هئڻ، سندس دوست چارڻ جو افغانين لاءِ ڪم ڪرڻ سنڌ ۾ هٿيار اسمگل ڪرڻ ۽ سنڌ جي امن کي آهستي آهستي تباهيءَ طرف ڌڪڻ کي ڪجهه هن ريت بيان ڪري ٿو:

”سندس تفصيل ٻڌڻ کان پوءِ چيم،“ ائين ڪرڻ سان سنڌ مان طاقت جو توازن ختم ٿي ويندو. جنهن وٽ هٿيارن جو ذخيرو هوندو. سو ٻي هٿيارن تي دٻڙ ڏونس سان راڄ ڪندو.“
”اسان کي ان جو احساس آهي.“ ڊاڪٽر وراڻيو، “ اهو ئي سبب آهي جو اسان سنڌين کي پنهنجي ڪم ۾ شامل ڪيو آهي.“
پڇيم.“ ڪهڙي سبب جي ڪري؟ “
جواب ڏنائين، ”اسان بيشمار هٿيار وڪيا آهن. ڌاڙيلن کي چڏي، سنڌين ورلي کي اسان هٿيار ورتا آهن. توهين سنڌي مارجي ويندوُ. نعرن سان پيٽ نه ڀربو آهي ۽ نه ئي تاريخ جو نئون باب لکبو آهي.“
مون کيس ڳالهائڻ ڏنو.
هن چيو، ”چارڻ پنهنجي طرفان ڪوشش ڪئي هئي، پر نتيجي ۾ فقط ڏهه ٻارنهن ڪلاشنڪوف ڪڍي سگهيو هو،“

مون کان چرڪ نڪري ويو. چيم،” چارڻ سچ پچ هٿيارن جي سمگلنگ ڪندو هو؟“ (جليل، 2010: 224،225)

ناول جي آخر ۾ هٿيارن جي حقيقت جي خبر پوي ٿي ته ڪهڙي مقصد لاءِ سنڌ ۾ هٿيارن جي سمگلنگ ڪئي وڃي ٿي. سنڌ کي ڇيهو رسائڻ لاءِ انهن کي هٿيارن سنڌين جي هٿان ئي سنڌ ۾ پهچايو وڃي ٿو. گلاب ۽ جوڳيءَ جي انجام لاءِ پڙهندڙ جي دل ۾ اُڻ تڻ ناول جي آخر تائين رهي ٿي. سمورو ناول راز ۽ تجسس سان ڀريل آهي. سڀ راز آخر ۾ وڃي ظاهر ٿين ٿا. مثال طور شاليءَ جو جوڳيءَ سان مخلص هئڻ، چارڻ، سسٽر زيتون، ڪشميرخان ۽ دلبر خان جا قتل گلاب گونگي جي جي قتل کي خودڪشيءَ جو روپ ڏيڻ وغيره. ناول ختم ٿيڻ تائين ڪردارن جي عملن جي ذريعي خوبصورت بنايو آهي. پوءِ به هڪ واقعي جو ٻئي واقعي سان ڳانڍاپو آهي. شروعات، وچ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين ڪٿي به بوريت جو احساس نٿو ٿئي. امر جليل ڊڪيل لفظن ۾ سنڌين ۾ سجاڳي آڻڻ گهري ٿو. خواب ڏسڻ بدران انهن ۾ ترقي ڪرڻ جو چاهه پيدا ڪري ٿو.

## ناول ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ جا ڪردار

ناول جي رٿا، پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ ۽ منجهس دلچسپي پيدا ڪرڻ ۾ سڀ کان اهم ڪردار هوندو آهي. ڪردار جي ذريعي ناول جي ڪهاڻي اڳتي وڌندي آهي. ڪردار جو ڳالهائڻ، ڏيک، رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، مزاج ۽ اسلوب بيان ڪردارنگاريءَ ۾ اچي وڃن ٿا. هن ناول جي ڪهاڻي ۾ لازوال ڪردار آهن. جيڪي امر آهن، اڄ به نوان ٿا لڳن. گلاب گونگو، جوڳي، شالي، مراد ٺاٺارو، چارڻ، برپٽ صحرائي، ڊاڪٽر امان الله، نرس زيتون، ڪشمير خان، دلبر خان انهن کي نهايت خوش اسلوبيءَ سان پيش ڪيو آهي. ذهن تي سنڌن ڊاڪو ڇمي وڃي ٿو. جيئن ته ڪردار جو تعلق اسلوب بيان سان آهي. انهن ڪردارن جي زندگيءَ جي حالتن، خوبين ۽ خامين جو به پتو پوي ٿو. اهي ڪردار تخليق ڪيل نه ڇڻ اکين جي سامهون هلندڙ آهن. هر ڪردار جي زندگيءَ کي مختلف بيان ڪيو ويو آهي. امر جليل جي ڪردارن جي لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر تهمينه مفتي پنهنجي مقالي ”امر جليل جي ڪهاڻين جا ڪردار، فن جي روشنيءَ ۾ سگهارن احساسن جو اپياس“ ۾ لکي ٿي ته:

”امر جليل پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي نه ختم ٿيندڙ ڪرب ۽ مسئلن کي سگهارن احساسن جي ذريعي تخليق ڪيو آهي. اُهي احساس رياست جي جبر، مذهبي آڙ، سياست جي منفي استعمال، انسانن جي هڪٻئي سان تعلق ۽ رويي، مذهب جي پردي ۾

طبقاتي وڇوٽي، نا انصافيءَ، بک ۽ بيروزگاريءَ جي ڪري جنم ٿا.“ (مفتي، 2010: 129)

پروفيسر ڊاڪٽر تهمينه مفتي جي راءِ کي نظر ۾ رکي جڏهن اسان امر جليل جي ڪردارن تي غور ڪيون ٿا ته سندس ڪردار هوبهو ڊاڪٽر صاحبه جي راءِ جي عين مطابق آهن. سندس ڪردارن ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ آهن. هو ڪين ان عذاب مان ڪڍڻ خاطر ڪين مسئلن جا حل پنهنجي تحريرن جي ذريعي ٻڌائي ٿو. ناول ۾ به اهي ئي ڪردار آهن. جيڪي سندس ڪهاڻين ۾ نظر اچن ٿا. ناول ۾ موجود هر ڪردار جو سڌي يا اڻ سڌي طرح ناول جي پڄاڻيءَ تائين واسطو رهي ٿو. سندس ڪردارنگاريءَ جي ساخت ناول جي سٽاءَ جي ضرورت مطابق آهي. سنڌي قوم تان جيڪو ڪجهه گذريو پئي ان کي نهايت سچائيءَ سان بيان ڪيو آهي. پڙهندڙ ناول جي ڪردارن جي تڪليفن ۽ ڏکن کي پنهنجو سمجهن ٿا. جوڳي ۽ گلاب جي ڪردار لاءِ همدرديءَ جو جذبو جاڳي ٿو. ناول جا ڪردار عام آهن. جيڪي زندگيءَ جي ڏکن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيندا اڳتي وڌن ٿا. ڪردارنگاري جاندار آهي. ناول جي ڪهاڻي جوڳي ۽ گلاب جي مرڪزي ڪردارن جي چوگرد گهمي ٿي. گلاب جو ڪردرا جنهن تي ناول جي ڪهاڻي آهي. ان جو ذڪر ليکڪ ناول ۾ ڪجهه هن طرح ڪيو آهي:

”قاضي محمد اسلام جي ڳولڻ لاءِ هنن گلاب کي اسلام آباد ڇو موڪليو هو! ڇا مان ڪافي نه هوس! مون کي به هنن اسلام کي ڳولڻ لاءِ اسلام آباد روانو ڪيو هو. گلاب مون کان تعليم ۾ برابر سرس هو، پر، هو مسڪين مون وانگر آڙيڪاپ نه هو. هو چلتو پرزو نه هو. بازيگرن، شعبده بازن ۽ تقرير ڪرڻ وارن جي صديءَ ۾ گلاب گونگي جو وجود بي معنيٰ هو. هن صديءَ ۾ خاموشي تدبر جي نشاني نه آهي. هيءَ صدي بڪواس ٻڌڻ ۽ بڪواس ڪرڻ وارن جي صدي آهي. هن صديءَ ۾ خاموش رهڻ وارا سوريءَ جو سينگار ٿي ويندا آهن.“ (جليل، 2010: 34،35)

اڳتي گلاب جي ڪردار کي ڪجهه هن ريت پيش ڪري ٿو:

”ٽڏو ساهه کڻي، دل ئي دل ۾ اول پاڻ کي ۽ پوءِ چارڻ کي پاراتا ڏيندي چيم، ”گلاب گونگي جهڙا ماڻهو پاڻ کان سواءِ ڪنهن کي به قتل ڪري نه سگهندا آهن.“ (جليل، 2010: 38)

گلاب جو ڪردار گونگو تنهنڪري سندس لاءِ ليکڪ ڳالهائي ٿو. جوڳيءَ جو ڪردار معصوم آهي. پنهنجي مائٽ کي ڳولڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ بينر کڻي بيهي ٿو. پوليس وارن کي فقط اسلام لفظ سمجهه اچي ٿو ۽ ڪيس دهشتگرديءَ جي الزام ۾ اندر ڪيو وڃي ٿو.

”چيم، ”گلاب وٺ ڪوپڙيءَ ۾ ميڇالو، ۽ هٿ ۾ قلم آهي. هي پئي دنيا جا سڀ ڪان خطرناڪ هٿيار آهن.“ (جليل، 2010: 39)

ناول جي ڪهاڻي گلاب گونگي جي چوگرد ڦري ٿي. پوليس وارن جون اذيتون برداشت ڪندي ڪندي گلاب مالڪ حقيقي سان وڃي ملي ٿو. هڪ بيگناهه انسان جو ڪٿي به داد فرياد نٿو ٿئي. ڇا ناول جي عنوان وانگر سچ ۾ گونگي ڳالهايو هوندو جي ڳالهايو هوندائين ته ڇا ڳالهايو هوندائين. گلاب جي انجام تائين پهچڻ لاءِ دل بيچين رهي ٿي.

ناول جو ٻيو مک ڪردار جوڳي هڪ ناول جي ڪهاڻي سندس چوگرد ڦري ٿي. هڪ پڙهيل نوجوان گلاب گونگي ڪان اڳ پنهنجي ڳوٺ جي ”اسلام“ کي ڳولڻ اسلام آباد وڃي ٿو ۽ اتي جي دنيا ۾ گم ٿي وڃي ٿو. جوڳي بنا ڏوهه جي رياستي ادارن ڪان لڪندي بيزار اچي وڃي ٿو.

”مون کي اسلام آباد ۾ مزو اچي ويو. نامراد شهر ۾ مرادون ماڻڻ لاءِ کپ کوڙي ويهي رهيس. پنهنجي دوست کي ڳولڻ جو خيال دل مان ڪڍي دل ٻين ڏنڌن ۾ اٽڪائي ڇڏيم. مضبوط مرڪز ۾ ڪمزور صوبن لاءِ رکيل نوڪرين مان هڪ ڇڱيرڙي نوڪري هٿ ڪري ورتم. ويتر جو شاليءَ سان ملاقات ٿي ته چارئي طبق روشن ٿي پيا.“ (جليل، 2010: 53)

ناول جي شروع ڪان آخر تائين ارڙهن ويهن حصن تي مشتمل زندگيءَ ۾ جوڳي جنهن اذيت خوف و حراس ۾ گذاري ٿو. سندس ردعمل جڏهن پڙهندڙن جي سامهون اچي ٿو ائين محسوس ٿو ٿئي جيئن ڪردار لکيڪ جو محتاج نه پر لکيڪ سندس محتاج تابع هجي.

”هو دهشتگرد آهي، هڪ ڪارندي چيو، ڪمال آهي! چوڪيدار اچرج وچان چيو، ”اسان جوڳيءَ ۽ گلاب  کي آواره گرد سمجهندا آهيون، پر توهين چئو ٿا ته هو دهشتگرد آهن.!“
”اسان کي پڪا ثبوت مليا آهن.“ هنن مان هڪ ڄڻي چيو، “ بنگالين وانگر اهي سنڌي به ملڪ سان سچا نه آهن.“ (جليل، 2010ع، ص 80،81)

ناول ليکڪ جي مشاهدي جي آڌار تي تخليق ڪيل آهي. هو عام ماڻهو آهي، پر سندس سوچ، فڪر ڪو فرضي ڪردار نٿو لڳي. مفلس، لاچار، ڏتڙيل دلير هئڻ جي باوجود به معاشري جي نا انصافي ڏسي نيٺ هو پنهنجي هار منظور ڪري ٿو. وهمن وسوسن ۾ گرفتار جوڳي رڳو سوچن جي سمنڊ ۾ رهي ٿو. هڪ ايماندار انسان نيٺ حق ۽ سچ جي جنگ هارائي ويهي ٿو. جوڳيءَ جو ڪردار ڇڙواڳ آهي. امر جليل جا ڪردار آزاد آهن. پنهنجا سڀ عمل پاڻ ڪن ٿا.

ناول جو هر ڪردار پنهنجي جاءِ تي مضبوط آهي. شاليءَ جو ڪردار ناول ۾ هڪ جاندار ڪردار آهي. ناول نگار سندس ڪردار کي انمول بنائي پيش ڪيو آهي. شروع ۾ کان آخر تائين سندس ڪردار بابت پڙهندڙ ڪشمڪش ۾ رهي ٿو. شروع ۾ هن ڪردار سان ڪجهه ڪجهه نفرت ٿئي ٿي اڳتي جڏهن سندس حقيقت سامهون اچي ٿي هن ڪردار سان همدردي ٿئي ٿي. امر جليل ڪهاڻين ۾ عورت کي هميشه عظيم پيش ڪيو آهي. عورت طاقتور هوندي به ڪمزور ۽ هن معاشري هٿان ظلم جو نشانو رهي آهي. ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار ۽ شاليءَ جي ملاقات جو ذڪر ڪجهه هن ريت آهي.

> "ته تون هليپر ٿيڻ لاءِ آيو آهين." پويان آواز آيو.
> منهن ڦيرائي ڏٺم. هڪ سهڻي عورت، ڪجهه ڪجهه بي نياز، چيلهه تي هڪ هٿ رکي بيٺي هئي.
> ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو پڇيم، "ڇا جو هيلپر؟"
> کلي پيئي. دلفريب لڳي. چيائين، "ڪٽنگ وغيره کان پوءِ وار ميڙڻ ۽ صفائي ڪرڻ واري کي اسين هليپر چوندا آهيون." (جليل، 2010: 56)

ناول نگار شاليءَ جو پڙهندڙن سان تعارف نرالي انداز سان ڪرايو آهي. عورت جو ڪردار مضبوط پيش ڪيو آهي. حقيقت ۾ شالي وفا جي ديوي نظر اچي ٿي. ناول اڳتي وڌندي جوڳي ۽ شالي سٺا دوست بنا ڪنهن لالچ ۽ ڳُٽيءَ جي زندگي ۾ اڳتي وڌن ٿا. عورت هن ڪائنات جي تخليقن مان هڪ خوبصورت تخليق آهي. هن ڪردار کي ليکڪ پنهنجي انداز سان ويترخوبصورت بنايو آهي.

> "چيو هيم، "شالي، مون زندگيءَ ۾ ڏائڻ ڏٺي ته ناهي، پر ٻڌو اٿم ته ڏاڍي سهڻي ٿيندي آهي، ۽ سيني مان دل ڪڍي وٺندي آهي. تون منهنجي زندگيءَ جي پهرين ۽ آخري ڏائڻ آهين." (جليل، 2010: 92)

جوڳيءَ جي سچائيءَ جنهن تي مائٺ به يقين نٿا ڪن اتي شالي ڪيس پوليس ۽ ايجنسين کان بچائي ٿي. ايترن الزامن جي باوجود به ڪيس پاڻ وٽ پناهه ڏئي ٿي. ڪيس خفيه سازشن کان بچائڻ لاءِ هوءَ هرممڪن ڪوشش ڪري ٿي.

> "شاليءَ چيو، اهو درست آهي ته مان خفيه ايجنسين لاءِ ڪم ڪندي آهيان. پر، اهو امڪان کان ٻاهر آهي، جو مان ڪڏهن تو کي دوکو ڏيان." (جليل، 2010: 272)

شاليءَ جو ڪردار بهادر آهي. جيڪا هڪ معصوم انسان جي هڏ ڏوکي آهي. ڪيس مصيبتن مان آزاد ڪرائڻ گهري ٿي. ناول جو چوٿون ڪردار مراد

ٺاٺاري جو آهي. اهڙا ڪيترائي ڪردار اسان جي سامهون آهن.جيڪي نوڪريءَ ۾ ترقي ۽ پاڻ کي چمڪائڻ خاطر پنهنجو دين ايمان وڪڻي ڇڏيندا آهن. اهڙا ڪردار ڪيترن ئي رنگن ۾ نظر ايندا آهن. ٺاٺاري جو ڪردار ليکڪ جي مشاهدي هيٺ آيل لڳي ٿو. ٿي سگهي ٿو، امر جليل کي اسلام آباد ۾ رهڻ جي دوران اهڙا ڪردار نظر آيا هجن. مراد ٺاٺاري جي باري ۾ مختلف وقتن تي مختلف سوچن ۾ مبتلا ٿي ناول نگار سندس لاءِ هڪ هنڌ هيءَ راءِ ڏئي ٿو.

> ”اسلام آباد ۾ هڪ مراد ٺاٺارو هو، ۽ ٻي شالي هئي، جن کان ضمانت جي آس هئي. مراد ٺاٺاري ۾ مون کي اميد گهٽ هئي. هن جي نگاهه افق تي ۽ قدم ترقيءَ جي ڏاڪي تي هو. ان ۾ هن ويچاري جو ڏوهه نه هو. ڪلٽو، ڇرچائي، ٺوڙهو، مگر ٺاهوڪو. سنڌ مان ڪوچ ڪري جڏهن اسلام آباد آيو هو ته فقط ڇوٽي موٽي نوڪري ڪرڻ نه آيو هو. سنگتين ساٿين کي خبر هئي ته مراد ٺاٺارو اسلام آباد فتح ڪرڻ آيو هو.“ (جليل، 2010: 107)

مراد جهڙي ڪردار لاءِ سنڌي خوش ته اسان جو سنڌي مرڪز ۾ ويٺو آهي. حقيقت ۾ مراد فقط پنهنجي ترقي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ سوچي ٿو. ناول ۾ ٻيا به ڪيترائي ڪردار آهن، جيڪي پنهنجي ذميداري نڀائين ٿا ۽ ناول اڳتي وڌي ٿو. جوڳيءَ جا دوست چارڻ، برپٽ صحرائي افغانستان جي لاءِ ڪم ڪندڙ ڪشمير خان، دلبر خان، ڊاڪٽر امان الله، سسٽر زيتون، انهن ڪردارن سان پيش ايندڙ واقعا ۽ انهن جي وقت جو تعين بهترين نموني ڪيو آهي. هن ناول جا ڪردار پڙهندڙن کي متاثر ڪرڻ وارا آهن. هو صبر وارا آهن. ناول ۾ ڪردارن جي ذريعي ئي ڪهاڻي انجام طرف وڌي ٿي. ڪهاڻي هڪ ئي تسلسل هلندي رهي ٿي. ڪهاڻي وقت، ماحول ۽ حالتن پٽاندر بهترين منظرنگاريءَ سان گڏ اڳتي وڌي ٿي.

ناول کي خوبصورت بنائڻ لاءِ ان ۾ منظرنگاريءَ جو رکڻ به لازمي آهي. ناول ۾ ٿيندڙ واقعن، وقت ۽ ماحول کي منظرنگاري جي ذريعي ئي صحيح ڪيو ويندو آهي. ڪردارن کي پيش ايندڙ واقعا، سياسي سماجي حالتون، ريتون رسمون، معاشي حالتن کي منظرنگاريءَ ۾ شمار ڪجي ٿو. ڪردار جيڪي ڪم ڪن ٿا، يا ڪين جيڪي واقعا پيش اچن ٿا. انهن کي مقرر وقت تي پيش ڪرڻ کي منظرنگاري ڪوٺجي ٿو. منظرنگاريءَ جي وسيلي ڪو به ناول نگار ناول جي ڪهاڻيءَ جي وايو منڊل کي واضح ڪري بيهاريندو آهي. خوبصورت منظرنگاريءَ جي ذريعي ڪهاڻيءَ کي ڪامياب بنائيندو آهي. ناول جي عنصرن ۾ منظرنگاريءَ جي به اهميت آهي. جنهن جاءِ تي واقعو ٿيو. اهو هنڌ ۽ ڪردار جو عمل جيڪو حقيقي لڳي اها ناول جي منظرنگاري آهي. ناول نگار جنهن جاءِ جو ذڪر ڪري ته پڙهندڙ کي هو حقيقي لڳي. هر ڪردار جو هنڌ ۽ عمل ٻئي

جدا هوندا آهن. ناول نگار ڪردارن کان جيڪي عمل ڪرائي ٿو. انهن جو وقت ۾ هنذ جيڪو پيش ڪري پڙهندڙ ان جي سحر ۾ گم ٿي وڃي.

منظرنگاريءَ جي ذريعي ليکڪ موسم، ڳوٺ، شهر، گهر، جهنگ، جبل، روڊ، پهاڙ، آبادي، ويراني وغيره جي نشاندهي ڪري ٿو. ڪردار ڪهڙي هنڌ ڪهڙو ڪهڙو عمل ڪري ٿو. ان کي خوبصورت نموني پيش ڪري ٿو. ناول جي سونهن منظرنگاريءَ ۾ آهي. منظرنگاري ڀرپور نه هوندي نه ناول ٻسو لڳندو. هر ليکڪ جو منظرنگاري ڪرڻ جو انداز جدا آهي. منظرنگاري جڙتو نه هجي. قدرتي نظارا، موسم، وغيره ۾ وقت کي اهڙي فطري انداز ۾ پيش ڪجي جو پڙهندڙ ماحول هٿ ٺوڪيو نه لڳي. پڙهندڙن کي سمورا واقعا ۾ منظر حقيقي لڳن. منظرنگاريءَ جي ڪري ئي ناول نگار ڪردار ۾ ماحول کي خوبصورت اسلوب جي ذريعي سماج کي جيئن جو تئين پيش ڪري ناول کي منظرنگاريءَ سان ئي وڌائيندو هلي ٿو. هن ناول ۾ امرجليل منظرنگاري بهترين ڪئي آهي. چڻ اهي منظر اکين آڏو نظر اچن ٿا.

> ”ڏاڍي خبرداريءَ سان ٻڙ جي ٽڙ پنيان نڪري، برساتي نالي جي ڪپ تي وڃي بيٺس. پاڻيءَ ۾پير وڌم ته چرڪ نڪري ويو. پاڻي اهڙو يخ جهڙي برف. جتان نالو پار ڪرڻ پئي چاهيم، اتي پاڻي چيلهه جيترو مس هو، پر برف جهڙو ۾ تيزيءَ سان وراڪو کائي پئي آيو. وراڪي وٽ ست اٺ فٽ کن اوچي ٽڪري هئي. ٽڪريءَ جي اوٽ مان نڪري برسات نالو پار ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيم. بوٽ لاهي هٿ ۾ ڪنيم، ٻئي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف، دل پڪي ڪري برف جهڙي يخ پاڻيءَ ۾ لهي پيس. اول پاڻي مري جيترو ۾ ڪٽي سيني جيترو هو. سوچيم جيڪڏهن ٻن ٽن منٽن ۾ پاڻي مان نڪري پار نه پهتس ته جمي، پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وهي ويندس.
> ”سموري سگهه سان وڃ وانگر وهندڙ ۾ گوڙ ڪندڙ پاڻي مان نڪري نالي جي ٻئي پاسي پهتس. سيءَ جي باوجود سهڪي پيس، ٻوٽن ۾ لڪي ويهي رهيس. سڪل پنن سان پير سڪائي بوٽ پائي چڏيم.“ (جليل، 2010: 66،67)

هن ناول ۾ منظرنگاري جو انداز جدا آهي. مختلف منظرن کي ناول نگار اهڙي نموني سهڻي انداز سان پيش ڪيو آهي. ناول پڙهڻ وقت منظر اکين اڳيان اچن ٿا. جهنگ مان نالي جو منظر سياري جي موسم يخ ٿڌو پاڻي اسلام آباد جي شهر جا منظر به دلڪش انداز ۾ چٽيل آهن.

> ”پلنگ پرسان ڪارپيٽ تي ليٽي پيس. ايتري دير ۾ هيٽر سبب ڪمري مان يخ جهڙي سردي گهٽجي ويئي هئي. ڪنڌ هيٺان ٻانهون ڏيئي مان ڇت سان لڙڪندڙ شينڊليئر ڏانهن ڏسڻ لڳس.

درن ۽ درين تي ٽنگيل پردا تمام سهڻا ۽ زيبائتا هئا. ايبسٽريڪٽ ۾ ست ئي رنگ پکڙيل هئا. ۽ وچ وچ ۾ ستن رنگن جي گڏيل آميزش جو ڀرپور نموني اظهار ٿيل هو. رنگن ۾ منهنجو ذهن ڊانوان ڊول ٿيڻ لڳو. مون محسو ڪيو ڄڻ پردن پٺيان پوليس ۽ قانون نافذ ڪرڻ وارن ادارن جا خونخوار ڪارندا بيٺا هئا. هو رنگن ۾ سوراخ ڪري مون ڏانهن ڏسي رهيا هئا.” (جليل، 2010: 254، 255)

منظرن کي پيش ڪرڻ لاءِ امر جليل سهڻن لفظن جي ذريعي تشبيهه جو استعمال ڪيو آهي. ناول نگار خوبصورت لفظن سان منظرنگاري ڪري ناول ۾ جان آڻي ڇڏي آهي. منظرنگاري ناول کي چارچند لڳائي ڇڏيا آهن. منظرن امرجليل اهڙي نموني چٽيو آهي، جو هو حقيقي لڳن ٿا. ناول ۾ ڪردارن جي ذريعي ئي منظرپيش ڪيا آهن. منظر نگاريءَ جو بهترين نمونو آهي. گفتگوءَ جي ذريعي شاهڪار منظرنگاري ڪئي آهي. تنهنڪري منظرنگاري جو تسلسل آهي. ليڪ جنهن جاءِ تي وڃي ٿو اتي جي منظرن ۽ ماحول کان پڑهندڙن کي آگاهه ڪري ٿو. پوءِ اهو جهنگ هجي، روڊ هجي، اسپتال هجي، گهر جو منظر، رات، ڏينهن يا شام هجي نهايت باريڪ بينيءَ سان منظرن کي بيان ڪيو ويو آهي. منظرنگاريءَ جو اسلوب ناول کي عروج بخشي ٿو.

**ناول جا مڪالما**

ناول ۾ ڪردار جيڪي پاڻ ۾ ڳالهائين ٿا. مختلف هنڌن ۽ واقعن دوران سندن وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿئي، تنهن کي مڪالما چئبو آهي. ڊرامي وانگر ناول ۾ به سٺن مڪالمن جو هئڻ لازمي آهي. ان لاءِ ڪردارن جي واتان جيڪي ڪجهه ڳالهرائجي اهي لفظ خوبصورت معنيٰ دار ۽ سمجهه ۾ ايندڙ هجن. ناول نگار سٺا مڪالما لکي ۽ سندس ڪردار جي سوچ ۽ ذهن مطابق هجن. مڪالما هڪ ناول کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪندا، پيو ته مڪالمن جي ذريعي ئي ڪردار جي خوبين ۽ خامين جي خبر پوندي. موقعي مطابق مڪالمن جو استعمال ڪيل هجي. مڪالما ڪردار ۽ سندس ماحول مطابق ۽ معنيٰ خيز هئڻ لازمي آهن.

مڪالما امر جليل جي تحريرن جي جان آهن. ڪيس مڪالمن جو بادشاهه چيو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو انداز ئي انوکو آهي. هن ناول ۾ ڪردارن جا مڪالما ئي ناول جي جان آهن. اهي مڪالما ڪردارن جي سڃاڻپ بنجي وڃن ٿا. ننڍن جملن جي ذريعي وڏيون وڏيون ڳالهيون چئي وڃڻ جو ماهر آهي. امر جليل مڪالمن جي ذريعي ئي افسانوي ادب کي امر بنائي ڇڏيو آهي. پاڻ مڪالمن جي ڪري ئي سنڌي افسانوي ادب جو سگهارو نالو ۽ مضبوط ٿنڀ آهي. جنهن مڪالمن جي ذريعي افسانوي ادب کي نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي. سندس نانءُ ڪٽندي ئي ادبي دنيا جي باغ جو گل نئين پنهنجي ذات ۽ ڏانو سان ڪيترن ئي رنگن ۾ اسان جي سامهون

اچي ٿو. ان گل جي خوشبوءَ سموري ادبي دنيا جي وايو منڊل کي واسي ڇڏيو آهي. سندس اکر اکر ۾ سٺ سٺ ۾ سندس ذات جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. سندس مڪالمن جو مثال هتي پيش ڪجي ٿو.

”پڇيائين، ”ڪنهن کي قتل ڪيو اٿئي؟“
مون کان ڇرڪ نڪري ويو.
مون کي وائڙو ڏسي، وري ڪليو. چيائين، ”دلبر خان جي حجري تي اچڻ کان پوءِ سمجهه ته چڻ ماءُ جي پيٽ ۾ محفوظ آهين.“
”پر!“ مون هٻڪندي پڇيو، ”توکي ڪنهن ٻڌايو ته مون خون ڪيو آهي؟“
چلم مان ٻڙڪا ڪڍندي پڇيائين، ”ته پوءِ دلبر خان جي حجري ۾ اچي پناهه ڇو ورتي اٿئي؟“
ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو، ته چيم، ”هتي اچي لڪڻ لاءِ خون ڪرڻ ضروري آهي ڇا؟“
ڪو جواب نه ڏنائين. سوچيندو رهيو. چلم ڇڪيندو رهيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ پڇيائين، ”پوليس تنهنجي تلاش ۾ ڇو آهي؟“
”الاءِ، مون کي ڪا خبر ڪونهي.“ چيم، ”پوليس منهنجي دوست کي گرفتار ڪيو آهي.“
ڏاڍي دلچسپيءَ سان پڇيائين، ”ٽيون ڏينهن مري روڊ تي هڪ سوناري جي دڪان ۾ ڌاڙو لڳو هو، اهو ڪارنامو تنهنجي دوست جو ته ناهي؟“
تڏهن محسوس ڪيم ته حالتن جو شڪار ٿي مان قطعي غلط هنڌ تي پهچي ويو هوس.“ (جليل، 2010: 38)

ڪهاڻين وانگر هن ناول ۾ به مڪالما بهترين آهن. مڪالمن جي ڪري ٻين ليکڪن کان منفرد آهي. سندس مڪالما دل کي ڇهن ٿا. پڙهندڙن تي جادوءَ جو اثر ڪن ٿا. مڪالما سندس معراج ۽ سڃاڻپ آهن. ڪهاڻي ڪيتري به جاندار هجي منظرنگاري، پلاٽ، ڪردار جاندار هجن، جيڪڏهن مڪالما جاندار نه آهن، ته تحرير ۾ جان نه هوندي. امرجليل هن ناول ۾ ڪردارن جي واتان سندن عادتن، سوچ ۽ فڪر جي عڪاسي ڪئي آهي. ناول جي شروعات کان آخر تائين مڪالمن سان ٺٺي ٿي. ناول جي پڄاڻيءَ تائين ڪردار اهڙي دلڪش گفتگو ڪن ٿا. سندن جملا دل تي اثر ڪندڙ آهن.

”شاليءَ پڇيو، ”پوليس وٽ ڪهڙو ثبوت آهي، ته جوڳي دشمن جو ايجنٽ ۽ دهشتگرد آهي؟“
ڪجهه گهڙيون خاموش رهڻ کان پوءِ ميجر ڳالهايو چيائين، ”تاراچند عرف جوڳيءَ خلاف سڀ کان وڏي گواهي ۽ ثابتي گلاب جو تحريري ۽ . . .“

میجر پنهنجو جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
شاليءَ پڇيو، "ڇا؟"
میجر چيو، "پوليس ڪجهه معتبر شاهدين جي موجودگيءَ ۾ گلاب چند عرف گلاب احمد جو بيان ٽيپ تي رڪارڊ ڪيو."
"بڪواس! سراسر بڪواس." شاليءَ ڪاوڙ وچان چيو، "گلاب پيدائشي گونگو آهي."
"پوليس جو اهو ئي خيال هو." میجر چيو، ڏاڍو سخت جان ۽ تربيت يافته نڪتو. وڏي جاکوڙ ۽ حيلن کان پوءِ ڳالهايائين. نيٺ ڳالهايائين."
شالي باهه ٿي ويئي. جيئن سج اولهه کان نه اڀرندو آهي، تئين گلاب گونگي جو ڳالهائڻ امڪان کان ٻاهر آهي. پوليس ۽ تون ڇا ٿا ثابت ڪرڻ چاهيو؟
میجر ٿڌي ۽ بيرحم لهجي ۾ چيو، "تربيت ورتل دشمن جا ايجنٽ فقط هڪ دفعو ڳالهائيندا آهن.
گلاب چند هڪ دفعو ڳالهايو. هينئر هو ڳالهائي نه سگهندو."
شاليءَ رڙ ڪندي پڇيو، " ڇو نه ڳالهائي سگهندو؟"
"شڪيله" میجر چيو، "بيان رڪارڊ ڪرائڻ کان پوءِ گلاب خودڪشي ڪري ڇڏي."
جواب ۾ شاليءَ الاءِ ڇا چيو. مون ڪي ٻڌڻ ۾ نه آيو، پر مون ڪائنات ۾ فنا جي صور گنجندي ٻڌي. وڻ پاڙوئون پٽجي ويا. درياهه اٿلي پيا. جبل ڪپهه جي گولن وانگر طوفان ۾ اُڏامڻ لڳا. سج سوا نيزي تي لهي آيو. سمورا سمنڊ ٽهڪڻ لڳا." (جليل، 2010: 278، 279)

شروع کان آخر تائين هر ڪردار پنهنجي پنهنجي انداز سان ڳالهائي ٿو. ناول نگار مڪالمن مان ئي سڃاتو وڃي ٿو. ٻوليءَ تي مهارت ڪي ناول نگار ڪيئن استعمال ڪري ٿو. اها ئي ڪيس ڪامياب بنائي ٿي. ناول نگار مڪالمن جي ذريعي ئي پڙهندڙن تائين ڪردارن جي سڃاڻپ ۽ اصلي ماحول پيش ڪري ٿو. ڪهاڻين جي پيٽ ۾ هن ناول ۾ مڪالما ڪجهه گهٽ آهن. گهڻي حصي ۾ ڪردار فقط پنهنجي سوچ ۾ گم رهي ٿو، پوءِ به ناول مڪالمن جي ذريعي ئي وڌڻ شروع ڪري ٿو. ڪردار گفتگوءَ جي ذريعي ئي هڪٻئي سان سڃاڻپ ڪرائين ٿا. هميشه وانگر ناول ۾ مڪالما جاندار آهن. ڪردارن جڏهن گفتگو ڪن ٿا ته وقت گذرڻ جي خبر نٿي پوي. ناول ۾ مڪالما اثرائتا آهن. سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. امرجليل مڪالمن ۾ همعصرن کان انفراديت رکي ٿو. مڪالما ناول مان ڪڏي ڇڏجن ته منجهس جان نه رهندي. امرجليل جو هي ناول هي ناول ٻين ناول نگارن کان منفرد آهي. ناول جو هر جملو هر سٽ لڳ ڪاندارينڌڙ آهي. ناول جي پلاٽ کان مڪالمن تائين ڪهاڻي پڙهندڙن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻيو ڇڏي. امر جليل پنهنجي مڪالمن کان هن ناول ۾ تير جو ڪم ورتو آهي.

سندس مڪالما ڪردارن جي حال مطابق آهن. هر ڪردار پنهنجي ماحول مطابق گفتگو ڪري ٿو. ڪردارن جي واتان ڪيل گفتگوءَ مان ئي سماج جي اوٽاين ۽ حادثن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اسلوب ئي ڪنهن به تحرير جي جان هوندو آهي. اسلوب جي ذريعي ناول نگار پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي ٿو. لفظ ئي ناول نگار ۽ پڙهندڙ جي وچ ۾ رابطي جو ذريعو آهن. جنهن جي ذريعي ناول نگار پنهنجا خيال قلمبند ڪري ٿو. ناول اهڙي انداز ۾ هجي جو پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ کي قبضي ۾ ڪري وٺي، ڏکيا لفظ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪري. سندس ٻولي اهڙي هجي جو پڙهندڙن کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي. اسلوب ئي ليکڪ جي سڃاڻپ آهي. هن ناول ۾ امرجليل لفظن کي تمام خوبصورت ويس ڍڪائي تحرير ڪيو آهي. ساسي ۽ سماجي حالتون ۽ حقيقت اسان کي هن ناول ۾ نظر اچي ٿي. هن ناول جو موضوع ڪو عام نه آهي. ملڪي حالاتن جي حساس معاملن تي مبني آهي. امرجليل جي اسلوب جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو.

> ”گلاب گونگي هڪدم ڪاغذ تي لکيو، ”خودڪشي جيئرا ڪندا آهن، ورهيه ٿيا جو تون مري ويو آهين.“ (جليل، 2010: 14)

ناول اڳتي وڌڻ سان گڏ ناول جي هيرو جي ذهن ۾ جيڪي خيال اچن ٿا. هو سوچي ٿو سندس وهم ۾ عجيب وغريب خيال اچ ٿا.

> ”ماٺ! ۽ ماٺ ڪانپوءِ پريشاني ورائي ويئي. دلبر خان جي جملن جو مفهوم واضح ٿيڻ لڳو.
> منهنجي معرفت سنڌ ۾ هٿيار سمگل ڪرائيندا!
> مون کي ائين لڳو. چڻ وڏي ٺڪاءُ سان منهنجي مٿان حجري جي ڇت اڏامي ويئي.“ (جليل، 2010: 57)

ناول جو اسلوب پڙهندڙن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ڇڏي ٿو. هن ناول ۾ عورت جي عشق ۽ وطن جي عشق جي جاڪوڙ ۽ زندگيءَ جي مظاهري کي پيش ڪيو آهي. ٻولي آسان استعمال ڪيل آهي. هي ناول پڙهي ڄڻ بت مان سيسڙاٽ نڪريو وڃن. سنڌي ادب ۾ ناول جي موضوع کي ڄڻ نئون موڙ ڏنو آهي. سنڌ سان دغا ڪرڻ وارن جا پول اهڙي انداز ۾ پڌرا ڪيا آهن. جو سنڌ لاءِ درد محسوس ٿئي ٿو. امر جليل جي سڃاڻ سندس اسلوب جي ڪري منفرد آهي. سندس ڪاميابيءَ جو دارومدار اسلوب تي آهي. ناول ۾ ٻوليءَ تي مهارت سهڻي نموني استعمال ڪئي آهي. ٻوليءَ تي مهارت ئي اسلوب کي ڪامياب بنائيندي آهي. ٻوليءَ جي ذريعي ئي ناول نگار پڙهندڙن تائين پنهنجا خيال پيش ڪندو آهي. ڪهاڻين وانگر امرجليل جو اسلوب هتي به سادو ۽ اثر انگيز، نرم ۽ نفيس آهي. وٽس محبت ۽ نفرت هميشه سياسي محرڪات جو نتيجو آهن. سندس افسانوي خوبين جو تعلق آهي ته انهيءَ سلسلي ۾ هو جتي

ڪردارن جي داخلي ڪيفيات جي عڪاسي ڪري ٿو. اُتي خارجي دنيا کي به فراموش نه ٿو ڪري، بلڪه ان جون تصويرون به ڏيکاري ٿو. سندس اسلوب ئي افسانوي ادب کي امر بنائي ڇڏيو آهي.

> ”ان رات اڏ ٿهيل بنگلي ۾ دوستن جي ڳالهه ڏاڍو ياد آئي. مون کي ورائي ورائي چيو هئائون، ” جوڳي ان ڏائڻ کان پڇي جان ڇڏاءِ. اهڙي جٺ ڪندءِ جو تنهنجيون ست پيڙهيون عشق تان هٿ کڻي ڇڏينديون.“
> مون کي پاڻ تي سخت ڪاوڙ آئي. سوچيم، ” اسان سنڌي هڪ ته عاشق جلد ٿي پوندا آهيون. ادي کي ڪن نه جن، اسان ادن کي عشق انڌو ڪري وجهندو آهي.“ (جليل، 2010: 101)

امر جليل ڪنهن خاص اسلوب جو عادي نه آهي. جتي سندس موضوع ۽ مواد تبديل ٿئي ٿو، هو اتي اسلوب ۾ به تبديلي آڻي ٿو. هر موضوع سان خوبصورت انداز سان نڀايو اٿس. هميشه سماج جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکيو اٿس. سندس هي ناول ۽ ان جو اسلوب پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن ناول ۾ امر جليل سنڌ کي نقصان پهچائيندڙ هر چهري کي بي نقاب ڪيو آهي. ناول جو هڪ هڪ جملو لفظن جي بڻيءَ ۾ پچي راس ٿيل آهي. سماجي اوڻاين کي بهترين اسلوب ۾ سميٽيو آهي. ناول ۾ ڪٿي بوريت جو احساس نٿو ٿئي. ڪٿي ڪٿي پهاڪن ۽ چوڻين جي چاشني ناول کي چار چنڊ لڳايا آهن. سندس شخصيت ڪر کڻي نظر اچي ٿي. ناول جو هر پيراگراف دلڪش انداز ۾ تحرير ٿيل آهي. امرجليل جي ڪهاڻين وانگر ناول به ضمير متڪلم واري انداز ۾ آهي. سموري ناول جو قصو چڻ سندس مٿان گذريل واردات هجي. ناول ۾ ڪٿي ڪو به واقعو هٿ ٺوڪيو يا مصنوعي نه آهن. سنڌي ادب ۾ هي فني توڙي فڪري حوالي سان تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. ناول هڪ تسلسل ۾ هلي ٿو. ڪنهن به هڪ جاءِ تي پڙهندڙ کي بوريت جو احساس نٿو ٿئي. ناول جي شروعات جنهن دلڪش اسلوب سان شروع ٿئي ٿو ان ئي خوبصورتيءَ سان وچ کان پڇاڙيءَ تي پهچي ٿو. ڪنهن به هنڌ ناول جي قصي ۾ مونجهارو نه آهي. ليڪ وڏي ڏانءُ سان ناول کي پڇاڙيءَ تي پهچايو آهي. ڪردار، مڪالما ۽ منظرنگاري ئي ناول جي جان آهن. پين ليڪن کان هي ناول ان ڪري به منفرد آهي. جو هو حقيقت کي بيان ڪري ٿو. پين ليڪن کان مختلف آهي. جو هو ڪنهن به دٻاءُ ۾ نٿو رهي. سمورو ناول تجسس تي مبني آهي. علامتي اسلوب، طنز، ضمير متڪلم جنهن ۾ ليڪ خود هڪ ڪردار جي طور تي نظر اچي ٿو. امر جليل جي اسلوب تي سندس ڇاپ واضح نظر اچي ٿي. هي ناول سياسي، سماجي تاريخ تي مبني آهي. رياستي ادارن جي ڏاڍاين جا نهايت باريڪ بينيءَ سان پردو کنيو ويو آهي. ڪهاڻين وانگي امرجليل تشبيهه ۽ استعاري جو استعمال به موقعي مطابق ڪيو آهي. سمورو ناول سماجي حقيقت تي مبني آهي. ضرورت آهر ليڪ رومانوي به ٿي ويو آهي. ناول ۾ اسلوب زبرست آهي. واقعا خودبخود

جنم وٺن ٿا. جُڙتو نٿا لڳن. ناول جي شروعات پڄاڻيءَ کان ٿئي ٿي ۽ ناول جو هيرو سمورو قصو بيان ڪري ٿو. ناول جنهن پُر تجسس اسلوب سان شروع ٿئي ٿو. ان ئي روانيءَ کي سان ڳتي وڌي ٿو ۽ نيٺ پنهنجي انجام کي پهچي ٿو. ناول ڪردارن، توڙي ماحول ۽ سندن رهڻيءَ ڪري تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي. ڪٿي به ڪنهن موضوع ۾ جهول نظر نٿو اچي. هڪ دور جي جيئري جاڳندي تاريخ هن ناول ۾ نظر اچي ٿي.

## حوالا


1. آغا سليم، 2014ع، ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“، باغي اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ.
2. جليل، امر، 2010ع، ”نيٺ گونگي ڳالهايو“، (ڇاپو ڇهون)، روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو.
3. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 2006ع، ”سنڌي ادب جي تاريخ“، (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد.
4. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 2010ع، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
5. ڏيپلائي، محمد عثمان، ميمڻ، 1998ع، ”سانگهڙ“، (ڇوٿون ايڊيشن)، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
6. علي بابا، 2008ع، ”موهن جو دڙو“، (ڇاپو ٽيون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
7. لغاري، اڪبر، 2010ع، ”سنڌي ادب جو مختصر جائزو“، (ڇاپو ڏهون )، روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو.
8. مغل، غلام نبي، 2001ع، ”مون کي ساهه کڻڻ ڏيو“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
9. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، 2010ع، ”امرجليل جي ڪهاڻين جا ڪردار، فن جي روشنيءَ ۾ سگهارن احساسن جو اپياس“ سه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو..
10. ميمڻ، سراج الحق، 2013ع، ”پڙاڏو سوئي سڏ“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي.

# نتيجا

- لفظ اسلوب مختلف معنائن ۾ ڪم اچي ٿو. ان جي لاءِ مثال طور، انداز بيان، طرز تحرير، لهجي وغيره لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اسلوب لفظن ۽ آوازن ڪي نئين سجاٽپ ڏئي ٿو.
- تاريخ جون تلخيون اسلوب ۾ مختلف رخن جي حوالي سان نظر اچن ٿيون.
- اسلوب ڪنهن به ادبي تخليق جو بنيادي عنصر يا جُز آهي. ان جو معيار ليکڪ جي اندر جي دنيا ذاتي سوچ ۽ موضوع ڪي ضرورت موجب تخليق ڪرڻ جي مهارت ۾ آهي.
- ڪنهن به دور جي ريتن رسمن اثر هيٺ سياسي، سماجي جوڙجڪ اخلاقي، ثقافتي، مذهبي، رهٽي ڪهٽي ۽ ماحول ۽ بيان جي طريقي کي ليکڪ جي اسلوب مان بخوبي سمجهي سگهجي ٿو.
- اسلوب جي ذريعي ليکڪ ڪنهن طويل موضوع جي واقعن، شخصيتن جي نفسيات ۽ فلسفي کي پيش ڪندو آهي.
- امر جليل جي ڪهاڻين ۾ اسلوب، ٻولي، موضوع، وقت، ماحول ۽ ڪردارن جي لحاظ کان تبديل ٿيندو رهي ٿو.
- امر جليل جي ڪهاڻين جي منڍ، وچ ۽ پڇاڙيءَ جو فن ۽ اسلوب ٻين ليکڪن کان منفرد آهي.
- امر جليل جي ڪهاڻين جو اسلوب پڙهندڙن لاءِ پڇاڙيءَ تي ڪيترائي وڏا اهم ڏيان ڇڪائيندڙ خيال سوچڻ لاءِ ڇڏين ٿو.
- انساني نقش هجن يا سندس ڪردارن جو عادتون، احساسات يا قدرتي نظارا، استعاري ۽ تشبيهه جي فن جي ذريعي هو ڪين بيان ڪرڻ جو فن رکي ٿو.
- امر جليل جي ڪهاڻين ۾ طنز مزاح وارو تخليقي من کي ڇهندڙ پهلو ٻين ليکڪن کان وڌيڪ منفرد نظر اچي ٿو.
- امر جليل جي ڪهاڻين جو مقصد، لفظن جي چوند ٻين ليکڪن کان منفرد آهي.

- امر جليل جي ڪهاڻين جي معنيٰ، ترتيب ۽ لفظن جي ترڪيب منفرد آهي.
- امر جليل ڪن ڪهاڻين ۾ شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ذريعي تخليقي اسلوب ڪي پُر ڪشش بنايو آهي.
- امر جليل جي افسانوي ادب ۾ سياسي سماجي ماحول ادارن جي ڪارڪردگي انساني حقن جي لتاڙ صاف نظر اچي ٿي.
- امر جليل جي اسلوب جيان سندس هڪ، هڪ ڪهاڻي گهڻ رخي آهي. سندس گهڻيون ڪهاڻيون فني فڪري حوالي سان پختيون ۽ واضح نظر اچن ٿيون.
- امر جليل بنيادي طرح رومانوي ليکڪ آهي. سماجي نا انصافين جي ڪري سياست کي به موضوعن جو حصو بنايو آهي.
- مڪالما امر جليل جي ڪهاڻين جو روح آهن. جنهن ڪري سندس اسلوب منفرد نظر اچي ٿو.
- ڪجهه سندس ڪهاڻيون اختتام کان تجسس واري انداز ۾ شروع ٿين ٿيون. امر جليل جون ڪهاڻيون پڙهندڙن لاءِ اختتام تي ڪيترائي نقطا سوچڻ لاءِ ڇڏين ٿيون.
- امر جليل جون ڪهاڻيون راز ۽ حيرانگي واري اسلوب تي مشتمل آهن.سندس ڪهاڻيون موضوع ۽ واقعن جي ترتيب جي لحاظ کان مضبوط آهن.
- امر جليل جو فڪر  تنقيدي اک اعليٰ سطح کي ڇهي ٿو. جو  سندس فڪرهڪ شڪل اختيار ڪري ٿو.
- امر جليل نج سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ماحول ۽ ڪردار جي مطابق ڪيو آهي.پاڻ لفظن جو انتخاب نٿو ڪري، بلڪ صورتحال، جذبات ۽ احساس مطابق لفظ خود بخود وجود ۾ اچن ٿا. جنهن جي ڪري اسلوب ئي سندس خالص سڃاڻپ بنجي وڃي ٿو.
- امر جليل گهڻيون ڪهاڻيون ضمير متڪلم آپ بيتي انداز ۾ لکيون آهن. هر واقعو چڻ ساڻس ٿي گذريو آهي.
- ناول ۾ پلاٽ کان وڌ مڪالمن تي زور ڏنل آهي.
- سمورو ناول رازن واري اسلوب ۽ تجسس سان ڀرپور آهي.
- ناول جي هر ڪردار جو هڪٻئي سان اختتام تائين رابطو رهي ٿو. ناول فني جُزن جو اعليٰ شاهڪار آهي.
- ناول ۾ سنڌ جي اندر فسادن پيدا ڪرائڻ وارن مسئلن تان پردو کنيو ويو آهي.
- ناول ضمير متڪلم واري اسلوب جو شاهڪار مثال آهي.

- امر جليل جو اسلوب موضوع ۽ مواد جي لحاظ کان تبديل ٿيندو رهي ٿو.

# ڪتابيات (BIBLIOGRAPHY)

## سنڌي ڪتاب


1. آغا سليم، 2014ع، ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“، باغي اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ.
2. آگرو، غلام رباني، 2009ع، ”جمال ابڙو همعصر اديبن جي نظر ۾“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي.
3. آگرو، غلام رباني، 2011ع، ”آب حيات: ڪهاڻي – ڪليات“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
4. ابڙو، جمال، 1992ع، ”ڪهاڻيون مضمون ۽ شخصيت“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي.
5. ابڙو، جمال، 2015ع، ”پشو پاشا“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
6. ابڙو، طارق عالم، 2010ع، ”هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر 1975ع کان 2000ع“، سهيڙيندڙ، ملاح مختيار احمد، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
7. اُتم، اي.جي.، 1981ع: ”ناٽڪ ۽ تنقيد“، ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر.
8. احمد، شميم خان، پروفيسر، 1978ع، ”صنائع بدائع“، نسيم بڪ ڊپو، شاهراهه قائداعظم، حيدرآباد، سنڌ.
9. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 1967ع، ”سنڌي افسانا – سنڌي ادبي اوسر“، مرتب: زبيده پير محمد شيخ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا.
10. انصاري، اسحاق، 2012ع، ”سنڌي ڪهاڻي“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي.
11. انصاري، ڊاڪٽر، عثمان علي، 1974ع، ”پنج“، ماڊرن سنڌ پبليڪيشن هائوس، ڪراچي.
12. بدوي، احسان احمد، 1970ع، ”تنقيد ۽ تنقيد نگاري“، آر.ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد.
13. بلوچ، ڊاڪٽر.نبي بخش، 2006ع، ”هڪ جلدي سنڌي لغت“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.
14. بلوچ، نبي بخش خان، 1401هه، ”جامع سنڌي لغات“، (جلد ٻيو)، ( پ_ چ )، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد.
15. بيگ، مرزا، قليچ، 1974ع، ”علم بديع ۽ علم عروض“، اداره قليچ، ٽنڊو ٺوڙهو، حيدرآباد.
16. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، 2011ع، ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
17. ڀاٽيا، لڇمڻ ڪومل، 2015ع، ”امر جليل نمبر“، سهيڙيندڙ: پروفيسر سليم ميمڻ، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.

18. پنهوَر، غلام حسين، ڊاڪٽر 2007ع، ”تحقيق جو فن“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ.
19. پيرزادو، انور، 2010ع، ”جديد سنڌي ادب“، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي.
20. پيرزادو، زرار، 2015ع، ”امر جليل نمبر“، سهيڙيندڙ: پروفيسر سليم ميمڻ، ڪاڇو پبليڪيشن، سنڌ.
21. جليل امر، 2012ع، ”اندرا“، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
22. جليل امر، 2012ع، ”دل جي دنيا“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
23. جليل امر، 2014ع، ”چنڊ وسامي ويو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
24. جليل، امر 2012ع، ”لهندڙ سج جي لام“، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي.
25. جليل، امر، 1998ع، ”ٽيون وجود“، (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
26. جليل، امر، 1999ع، ”تاريخ جو ڪفن“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
27. جليل، امر، 2010ع، ”جڏهن مان نه هوندس“، (ڇاپو يارهون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
28. جليل، امر، 2010ع، ”نيٺ گونگي ڳالهايو“، (ڇاپو ڇهون)، روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو.
29. جليل، امر، 2011ع، ”سرد لاش جو سفر“، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
30. جليل، امر، 2012ع، ”اندرا“، (ڇاپو يارهون) ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
31. جليل، امر، 2012ع، ”اندرا“، (ڇاپو ٽيون)، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
32. جليل، امر، 2013ع، ”آتم ڪٿا آڏي پڇائن ۾“، ڪاڇو پبلڪيشن ڪراچي، سنڌ.
33. جليل، امر، 2013ع، ”سنڌو منهنجي ساهه ۾“، (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
34. جليل، امر، 2014ع، ”آتم ڪٿا“، (ڀاڱو پهريون)، ڪاڇو پبليڪشن، ڪراچي، سنڌ.
35. جليل، امر، 2014ع، ”رني ڪوٽ جو خزانو“، (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
36. جليل، امر، 2014ع، ”منهنجو ڏس آسمان کان پڇو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
37. جليل، امر، 2015ع، ”امر جليل نمبر“، سهيڙيندڙ: پروفيسر سليم ميمڻ، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، سنڌ.
38. جوڻيجو. عبدالجبار، ڊاڪٽر، 2006ع، ”سنڌي ادب جي تاريخ“، (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.
39. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 2010ع، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
40. دلوي، عبدالستار، ڊاڪٽر، 2007ع، تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول، حيدرآباد.
41. ڏيپلائي، محمد عثمان، ميمڻ، 1998ع، ”سانگهڙ“، (ڇوٿون ايڊيشن)، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
42. راشدي. اڪبر، مهتاب، 2015ع، ”امر جليل نمبر“، سهيڙيندڙ: پروفيسر سليم ميمڻ، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، سنڌ.
43. راشدي، حسام الدين، 2012ع، ماهوار سنجها، مئي، جون ۽ جولاءِ.
44. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، 1992ع، ”شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد.
45. سنڌي، يوسف، 2002ع، ”نجم عباسي فن ۽ شخصيت مطالعو“، سچائي اشاعت گهر، دڙو.

46. سنڌي، يوسف، 2011ع، "سنڌي ادب، هڪ سو سنڌي اديبن جي سوانح ۽ ڪم جو جائزو"، سچائي اشاعت گھر، دڙو.
47. سنڌيڪا اڪيڊمي، 2003ع، sindhi, English, dictionary Sindhica, آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي،
48. سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم، 1973ع، "آفتاب ادب"، (ڇاپو چوٿون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/حيدرآباد، سنڌ.
49. شاهواڻي، غلام محمد، 1962ع، "ادبي اصول" (ڀاڱو 1)، آر. ايچ. برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد.
50. شورو، شوڪت حسين، 2017ع، "سو سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون"، (جلد پهريون)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
51. شيخ اياز، 1992ع، "جمال ابڙو ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي.
52. شيخ، محمد ابراهيم خليل، ڊاڪٽر، 1949ع، "ادب ۽ تنقيد"، جمعيت الشعراءِ سنڌ.
53. عباسي، نجم، ڊاڪٽر، 1986ع، " ڪهاڻيءَ جو قافلو" نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
54. عباسي، نجم، ڊاڪٽر، 2008ع، "دل وارن جي دنيا"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيار.
55. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 1982ع، "آزاديءَ کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
56. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 2003ع، " فن شخصيت ۽ انداز"، ڪتابي دنيا اشاعتاڻه، اوسر پيڙهيڪا، 8_ ميمڻ ٽائون، نزد گلستانِ سجاد، قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ.
57. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 2009ع، "سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ"، (ڇاپو پهريون)، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد.
58. علي بابا، 1994ع، "تنهنجيون منهنجيون ڪهاڻيون"، (ڇاپو پهريون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
59. علي بابا، 2007ع، "منهنجيون ڪهاڻيون"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
60. علي بابا، 2008ع، "موهن جو دڙو"، (ڇاپو ٽيون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
61. قادري، اياز، ڊاڪٽر، 1977ع، "بلو داد"، (ڇاپو ٻيو)، اسحاقيه پرنٽنگ پريس، مڪتبه اردو بازار، ڪراچي.
62. قادري، اياز، ڊاڪٽر، 2008ع، "ڪهاڻي هر دور جي"، قادري قلم قبيلو، ڪراچي/لاڙڪاڻو.
63. قريشي، عبدالحفيظ، ڊاڪٽر، 2019ع، "سنڌي ادب ۾ تحقيق جا طريقا ۽ تنقيد جا رجحان"، ايڊيٽر: ڪاڪا، نواب "قليچ" (تحقيقي جرنل) (جلد پنجون) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.،
64. ڪرل، نسيم، 2015ع، "نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون" (مرتب: دانش نواز)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
65. گلراجاڻي، جيٺمل پرسرام، 1923ع، "چمڙاپوش جون آکاڻيون"، پارتواسي پريس.
66. لالواڻي، ڄيٺو، ڊاڪٽر، 2003ع، "برطانوي دؤر ۾ سنڌي ڪهاڻي (برطانوي دؤر ۾ سنڌي نثر)"، مرتب: ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، ممبئي يونيورسٽي.
67. لغاري، اڪبر، 2010ع، "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، (ڇاپو ڏهون )، روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو.

68. مالهي، گوبند، 1944ع، ”ريگستاني ڦول“.
69. مٽلاڻي، ڊاڪٽر، ٻلديو، 2006ع، ”تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد.
70. مرزا، نصير/ آگرو، الطاف، 2011ع، ”آب حيات“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
71. مرزا، نصير، 1992ع، ”نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو.
72. مغل، غلام نبي، 2001ع، ”مون کي ساهه کڻڻ ڏيو“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
73. ملاح، مختيار احمد، 2010ع، ”1955ع کان 1974: هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
74. ملاح، مختيار احمد، 2013ع، ”1975ع کان 2000: هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
75. ملڪاڻي، منگهارام، 1993ع، ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
76. مهر ممتاز، 2006ع، ”ادب زندگي ۽ سماج“، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، مهراڻ اڪيڊمي، واڳڻو در، شڪارپور.
77. مهر، ممتاز؛ 1980ع، ”ويچار“ آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد.
78. ميمڻ، سراج الحق، 2009ع، ”آئون به جاڳي پوندس“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي.
79. ميمڻ، سراج الحق، 2013ع، ”پڙاڏو سوئي سڏ“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي.
80. ميمڻ، سراج الحق، 2014ع، ”درد ڪهاڻيون“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
81. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، 2017ع، ”سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ.
82. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 2006ع، ”سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
83. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر، 2015ع، ”هوندا سي حيات“، سراج الحق ميمڻ: شخصيت ۽ علمي ادبي خدمتون، پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس، ڪراچي.
84. هنگوراڻي، امرلعل، 1985ع، ”ادو عبدالرحمان“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

## رسالا ۽ اخبارون

1. اياز، شيخ، 1972، ”سفيد وحشي“، (ڪهاڻين جو مجموعو)، ماهوار اڳتي قدم، ايڊيٽر: مدد علي سنڌي، سنڌ سورهيه پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ.
2. شيخ، راز، عبدالرزاق، 1956ع، ”1955ع جي مختصر افسانن جو جائزو“، نئين زندگي، ڊسمبر.
3. صائب، عبدالقيوم، 1989ع، ”دارون هن ديواني جو (اڀياس)“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
4. طارق اشرف، 1973ع، ”درد جو سفر“، (مضمون)، قمر شهباز، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.

5. طارق، اشرف، 1973ع، ”امرجليل جو افسانوي فن“، (مضمون)، ليڪ غلام محمد گرامي، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
6. طارق، اشرف، 1973ع، ”جليل بابت“، (مضمون)، ماهتاب محبوب، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
7. طارق، اشرف، 1973ع، ”جليل جيئن ڏٺو اٿم“، (مضمون)، طارق اشرف، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
8. طارق، اشرف، 1973ع، ”درد جو سفر، قمر شهباز“، ماهوار سهڻي، امر جليل نمبر، آگسٽ، سيپٽمبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.
9. طارق، اشرف، 1973ع، ”سنڌ مٿيءَ جو پوڇاري“، (مضمون)، هدايت بلوچ، ماهوار سهڻي، آڪٽوبر، سهڻي پبلشر، الهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ.
10. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 1967ع، ”اسلوب“، ماهوار، نئين زندگي.
11. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 1968ع، ”سنڌي نثر جي اسلوب جو ارتقائي خاڪو، ڇهه ماهي مهراڻ، امين منزل، گاڏي کاتو، حيدرآباد.
12. محبوب، ماهتاب: 1988ع، ”سنڌي افسانوي ادب ۾ نسيم کرل جو مقام“، ٽه ماهي مهراڻ-1، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
13. مرزا، مراد علي، 1995ع، روزانه عبرت حيدرآباد، ص 2، 25 آڪٽوبر.
14. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، 2010ع، ”امرجليل جي ڪهاڻين جا ڪردار، فن جي روشنيءَ ۾ سگھارن احساسن جو اپياس“ سه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو..
15. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 1980ع، ”اسلوب بيان“، سنڌي ادب، جلد 4، نمبر 1، 2، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

## اردو ڪتابين

1. تابش، ذوالفقار احمد، 1982ء، "اعجازالغات"، بارہ اول، سنگ میل پبلی کیشنز، لاہور۔
2. خالد، محمود خان، 2014ء، "فکشن کا اسلوب"، بیکن بکس، غزنی اسٹریٹ، اردو بازار، لاہور۔
3. درانی، عطش،1987ء، "اسلوب دفتری زبان"، (اشاعت اول)، مقتدرہ قومی زبان، اسلام آباد۔
4. سلیم، آغا قزلباش، ڈاکٹر، 2000ء، "جدید اردو افسانے کے رجحانات"، (اشاعت اول) انجمن ترقئ اردو، کراچی، پاکستان۔
5. سید، عابد علی عابد، 1996ء، "اسلوب"، سعادت آرٹ پریس A_19، ایبٹ روڈ، لاہور، مجلسِ ترقئ ادب، لاہور۔
6. سید، عبداللہ، ڈاکٹر، 1965ء، "طیف نثر"، (اشاعت اول)، مرتب: ممتاز بنگلوری، لاہور اکیڈمی۔
7. صدیقی، حفیظ، ابوالاعجاز، 1985ء، "کشاف تنقیدی اصطلاحات"، (طبع دوم)، مقتدرہ قومی زبان، اسلام آباد۔
8. طاہرہ اقبال، 2012ء، "منٹو کا اسلوب"، (اشاعت اول)، فکشن ہاؤس، حیدرآباد۔
9. عبدالحق، مولوی، ڈاکٹر،(؟)، The student, standard English-urdu dictionary، صدر انجمن ترقئ اردو، پاکستان۔

10. فاخر حسین، 1988ء، "ادب اور ادیب"، میاں چیمبرز 3، ٹیمپل روڈ، لاہور۔

11. فیروزالدین، مولوی، 2005ء، "فیروزاللغات" (اردو جامع)، نیا ایڈیشن، فیروز سنز لمیٹڈ، لاہور۔

12. گوپی چند نارنگ، ڈاکٹر، 1989ء، "ادبی تنقید اور اسلوبیات"، (اشاعت اول)، ایجوکیشنل پبلشنگ ہاؤس، دہلی۔

13. ممتاز حسین، 1961ء، "ادب اور شعور" اردو اکیڈمی، کراچی، سندھ۔

14. نورالحسن، مولوی، 1957ء، "نوراللغات"، جدید ایڈیشن، (جلد اول)، جنرل پبلشنگ ہاؤس، کراچی۔

15. وقار، عظیم، سید، پروفیسر، 2003ء، "منٹو کا فن مشمولہ منٹو کیا تھا"، مولفہ: غلام زہرا، (اشاعت اول)، برائٹ بکس، لاہور۔

**ENGLISH BOOKS**

1. George Stack, Captain, (2011): "A Grammar of the Sindhi Language", Sindhi Language Authority, Hyderabad.

# ABSTRACT

It is the poets, story writers and literary scholars who decorate literature with new concepts and ideas. Every writer strengthens literature and makes it purposeful with his own style. Amar Jalil is one of those writers. The themes of his stories are influenced by social and political conditions of the time which clearly reveal the characteristics of his style. He is considered as one of the greatest Sindhi writers and commonly known among the people. His unique style is the spirit of his writings which makes them distinguished from other writings.

Style is the literary and practical expression of a creative idea.Style is the expression of beauty, the more suitable and balanced it is, the more effective it will be. Theme can be valuable and effective only after it expresses a central idea or beauty. Language, and command over the expression in language, is necessary for a quality style. The internal and external dialogues in a literary style become more interesting. As a person describes his internal and external conditions through his speech, likewise, by style such a writing method is meant in which a writer presents his internal and external feelings and observations. Style is a particular way of any piece of writing which expresses an idea or a theme. The more beautiful style is, the more attractive it will be to a reader and also writing will be effective.

Depth of ideas, enthusiasm and content, detailedness and sensitiveness, and a unique idea form the external bases of a unique and beautiful style. It means that rules and regulations for a beautiful language, external knowledge, deep internal sight, creative impulse and form of expression, all combine together to produce a beautiful style and are the fundamental parts of it.

As the freshness and depth of an idea keep making changes in the rules for their expression, so with the addition of new words, quality of style is improved, its structure is changed. Simile and metaphors become new and fresh. The power and ideas expressed by new style brings new experiments of the world to the front along with changes in language and structure of words according to need, because style is not something static but a continually evolving process. On one hand, style supports the imagination of writer and changing desires as per need. On the other hand, it gives a perfect shape to the writer’s ideas.

In the stories of Amar Jalil dialogues occupy a central position. Amar portrays brutality, love, and reality with honesty at the same time. His style is romantic. Many of his stories are written in symbolic style. He reveals his hatred for man-made laws of state institutions in his stories, sometimes, in symbolic style and sometimes through sarcasm and humour. He has brought attention of common people to very minor things through his stories. In order to broaden the language, he has made use of similes and metaphors. Many of his stories are narrated by first person where the writer himself is involved as a character of the story.

As there is very less amount of work is done on the style in Sindhi literature; therefore, my article ‘explorative study of the style of Amar Jalil’s stories’ is a new contribution to the Sindhi literature in the field of research. It will be helpful to both students as well as teachers of Sindhi department. They will come to know about style.

UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO

**PhD THESIS**

# A STYLISTIC STUDY OF AMAR JALIL'S FICTION

Thesis submitted towards the partial fulfillment of the requirement of the University of Sindh, for the award of Doctor of Philosophy degree in Sindhi


## ZAKIA DAHRI

## DEPARTMENT OF SINDHI
**University of Sindh**
**Jamshoro, Sindh, Pakistan**

**2021**